# پيرائتي سنڌ ڪٿا

ڌرتي جُڙڻ کان 1539ع تائين

سنڌ سان لاڳاپيل تاريخي واقعا سنه وار




ليکڪ: ايم. ايڇ. پنهور

(ستاره امتياز)

سنڌيڪار: عمر سومرو



عمر سومرو اڪيڊمي، ڪراچي

# پيرائتي سنڌ ڪَٿا

پلوڙ سنڌ پارکُو ايم. ايچ. پنهور جي ميڙيل ڀنڊار

Chronological Dictionary of Sindh جو ترجمو

سنديڪار

عمر سومرو

عمر سومرو اڪيڊمي، ڪراچي

# پيرائتي سنڌ ڪَٿا

ڌرتي جُڙڻ کان 1539ع تائين

سنڌ سان لاڳاپيل تاريخي واقعا سنہ وار


ايم. ايچ. پنهور

(ستاره امتياز)

عمر سومرو



عمر سومرو اڪيڊمي، ڪراچي

# ٻه اکر

ايم. ايچ. پنهور صاحب جي ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ ۾ سنڌ جي جوڙجڪ، بيهڪ، جاگرافي، اٽڪل ٻارهن هزار سال اڳ سمنڊ جي تري مان نئين سِر نڪري نروار ٿيندڙ هن ڌرتيءَ کي سڀ کان پهريان اچي پنهنجو ديس بڻائيندڙن پاران ثاهي سنواري ۽ هنر، معيشت ۽ واپار کي اوج ڏياري تهذيب ۽ ثقافت جون پاڙون پڪيون ڪري ڪيس سونهاري سجاٽپ ڏيڻ لاءِ پيڙهين تائين ڪيل اڻٿڪ جتنن ۽ وري ڦَرندڙ ڦُتندڙ ديس خلاف ڦُري ڦِتائيندڙ غاصبن ۽ قابضن پاران ڪيل جُلهُن، ڪاهُن ۽ ڪاروائين کي سمجهڻ جو بنيادي ۽ سولائي سان سمجهه ۾ اچڻ جوڳو سبق موجود آهي.

عمر سومري هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪري نه رڳو سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ هڪ شاندار ٻنڊار جو واڌرو ڪيو آهي، پر انگريزي ٻوليءَ تي مهارت نه رکندڙ سنڌ واسين لاءِ پنهنجي ديس پاران ساڍا ٽي ارب سال اڳ سرجڻ ڪانوٽي 1539ع تائين جهاڳيل هيٺاهين مٿاهين کي درسنيءَ تي اپرندڙ ڪنهن تصوير وانگر چِٽو چِٽيل ڏسڻ جو موقعو پڻ مهيا ڪري ڏنو آهي.

مون کي نٿو لڳي ته سنڌ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ 46 تاريخي نقشا هن ڪتاب کان اڳ ڪنهن هڪ هنڌ آيا هوندا. ان ليکي هي ڪتاب مون کي سنڌ جي ماضيءَ ۾ جهاتي پائڻ لاءِ تمام گهڻو ڪارائتو لڳو ۽ پڪ اٿم ته ٻين پڙهندڙن ۽ تحقيقي مقصدن لاءِ مدد وٺندڙن جي راءِ پڻ ڪا ٻي نه ٿيندي.

ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ سهڪاري ٿيڻ مون لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي، جيڪو مان سمجهان ٿو ته سنڌيڪار پاران دل سان ڪيل پورهئي ۽ مون کي پاڻ سان رَلائڻ تي رضامند ٿيڻ سبب ئي ممڪن ٿي سگهيو ۽ ائين هر سنڌ واسيءَ وانگر منهنجي به دل ۾ پلجندڙ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي پتيءَ جي خدمت ڪرڻ واري خواهش ڪجهه پوري ٿي.

ڪراچي، آڪٽوبر 2011ع

**احسان علي سومرو**

موبائيل: 0300-2630109

# سنڌيڪار پاران

"ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" ۽ "دي سومراز" جو سنڌي ترجمو ڪري ڇپرائڻ جو خيال، "ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ" جو ترجمو ڪري "تصوير سنڌ" نالي سان 2006ع ۾ ڇپرائڻ وقت ڪانوڻي ساڻديو پئي آيس. "دي سومراز" جو ترجمو ڪيم سو "سومرا راڄ گهراڻو" نالي سان 2010ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جو ترجمو اڃهو هي توهان جي هٿن ۾ آهي. افسوس اهو اٿم ته هي ڪم پنهور صاحب جي حياتيءَ ۾ پورو نه ڪري سگهيس ۽ ليڪڪ پاران اصل ڪتاب ۾ رهجي ويل پروف جي اڻڳڻين غلطين جون ترجمي ۾ درستگيون ۽ سڄر سهيڙيل علم آڌار رٿيل سڌارا ڪرڻ رهجي ويا.

جيتوڻيڪ ڪجھ ڏاهن جو چوڻ آهي ته 'تاريخ پاڻ نه ورجائيندي آهي'، پر ڪن واقعن جي ورجائيندڙ هڪجهڙائپ سان هڪ ڌار راءِ جُڙي ٿي. مثال طور ستين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري سنڌ کان اولھ پاسي عراق جي شهر بغداد ۾ ويٺل ڏاڍ جي نشي ۾ مست حاڪمن ديبل وارن سنڌ جي راڄ ڌڻين کي ساموندي ڦورن جا ساٿاري ۽ وڏا ظالم سڏي سُتت ئي سنڌ تي ڪاهون شروع ڪيون، جيڪي سنڌ جي شڪست يا ٻين لفظن ۾ ان مٿان عربن جو قبضو ٿيڻ تائين جاري رهيون. ۽ پوءِ، پنهنجي مذهب سان تعلق رکندڙ ڪجھ ماڻن جي داڻهن ورنائڻ بهاني ڪاهي آيل عرب لشڪر هٿان ٻين مذهبن سان تعلق رکندڙ هزارين سنڌ ۽ هند واسي نياڻين جي بغداد ۽ بصري جي پڙين ۾ وڪامڻ جا پڙاڏا تاريخ ۾ وڏي واڪي ٻُرندي ٻڌي سگهجن ٿا. وري، تيرهن سؤ سال پوءِ ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري ساڳئي بغداد کان اولھ پاسي، گهڻو پري، واشنگٽن ۾ ويٺل ڏاڍن حاڪمن بغداد وارن تي وڏي تباهي ڪندڙ هٿيارن جا ڍِڳ لائڻ جو الزام هڻي عراق تي فوجي ڪاهون شروع ڪيون، جيڪي واشنگٽن وارن جو عراق ۽ ان جي وسيلن مٿان قبضو ٿيڻ تائين هلنديون رهيون.

هن ڪتاب ۾ آهي ته "شاهه بيگ ارغون لاڳيتا ست سال ٻيوس ۽ ٻيڏوهي ماڻهن کي مارڻ ۽ ڦرڻ کان سواءِ ڪجھ نه ڪيو" ۽ اهو به ته "(مرڻ کان) ٽي سال پوءِ شاهه بيگ جو مڙهه پورڻ لاءِ مڪي موڪليو ويو". هي سٽون اکين جي اوڙر ۾ رکي سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي صورتحال تي اک وجهجي، جڏهن اهڙن ئي ديندارين جي دعويدارن کي سنڌ تي قابض ڪرائڻ واري فريضي ۾ سنڌ جون ڪجھ مذهبي ڌريون به شامل ٿي ويون هيون ۽ اڄا به شامل آهن، ته لونءَ ڪانڊارجي وڃن ٿا. ٻلو ٿئي ان "نائين اليون" جو، جنهن آمريڪي فوج کي افغانستان آندو، نه ته جيڪر هزارين ٻيڏوهين جي رت سان هڙئي ٻَلَوَ رڱي مڪي ۾ پاڻ پورائيندڙن واري تاريخ هن مهل تائين سڄر ورجائجي چڪي هجي ها.

عربن سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو قبضو پڪو رکڻ لاءِ روحاني حربا استعمال ڪندي سنڌ واسين جي ذهنن مان سنڌ جي پراڻي تاريخ ۽ ديسي سورما تڙائي ڪڍيا ۽ انهن جي جاءِ تي پنهنجي تاريخ ۽ سورما ٿڦيائون. عرب ويا ته اهو بار صوفين کنيو. انهن سنڌ واسين جي ذهنيت جو اهڙو تاني پيٽو اُڻيو جو اهي پنهنجي ديسي سورمن، ڀلي مسلمان ئي ڇو نه هجن، جي ڀيٽ ۾ ڌارين پيرن فقيرن ۽ صوفين کي وڌيڪ تعظيم ۽ احترام ڏيڻ لڳا. وهاڻي کان پوءِ لڏي آيل سنڌ جي ادارن تي قابض ٿي ويٺلن کي اڄ به ان ۾ پنهنجي ڀلائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تنهنڪري اهي ان کي نه صرف روايتي پر نون طريقن سان جلا بخشڻ جا وَسَ ڪرڻ ۾ رُڌل آهن. اهو چوڻ ته: "پاڪستان ان ڏينهن ٺهيو، جڏهن پهرئين مسلمان هن ڌرتيءَ تي پير رکيو"، پڻ ان ئي سوچ جو هڪ اولڙو آهي.

محققن جو خيال آهي ته ايرانين پنهنجي اُچارڻ وارين عادتن هيٺ سنڌوءَ کي هندو ۽ يونانين وري سنڌوءَ کي اندس بڻائي نه رڳو سنڌو ماتريءَ پر سموري ڏکڻ ايشيا کي هند يا انڊيا نالو ڏئي ڇڏيو. ان ليکي چئي سگهجي ٿو ته "هند ۽ سنڌ" واري اصطلاح به انهن ئي جُڳن ۾ جنم ورتو هوندو. سڄر دعويٰ اها به آهي ته سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ واري هلچل پاڪستان جي ٺهڻ جو بنياد بڻجندڙ عنصرن مان هڪ سگهارو عنصر هو. علامه اقبال پاران 1930 ۾ الله آباد ۾ چيل لفظ ته "سنڌ جي پُٺي هند ڏانهن ۽ مُهڙ وچ ايشيا ڏانهن آهي" پڻ ان دعويٰ جي پٺڀرائي ڪن ٿا. جيڪڏهن اها دعويٰ درست مڃجي ته پوءِ مڃڻو پوندو ته ورهاڱي کان اڳ عربستان ۽ وچ ايشيا سان نسلي ڳانڍاپي جي دعويدارن "هند ۽ سنڌ" واري جُڳين پراڻي چوڻيءَ مطابق ڌار سڃاڻپ رکندڙ ديس سنڌ کي عربستان ۽ وچ ايشيا جو extension بڻجندڙ هڪ ملڪ ۾ ڳڏائي هڪ ڀيرو وري ان جي پراڻي تاريخي حيثيت کي گمنامين ۾ اُڇلي ڇڏيو. ان کان پوءِ پنهنجائپ جو ويس ڌاريل ڪجھ ڌُرين پاڪستان جو ڪار وهنوار هلائيندڙ ادارن ۾ پراڻن سنڌ واسين جي رستي روڪ ڪري ڪين ايترو هيٺو ڪري ڇڏيو جو هاڻ انهن منجهان مسلمان گهٽ درجي جا شهري ۽ ٻيا ڌرم رکندڙ پنهنجي ئي سوين پيڙهين کان ديس ۾ پرديسي يعني "اقليت" ۽ ٻوڏ ۾ لُڙهندڙ ڪنهن ڪک پن جيئان ليکجن ٿا ۽ سنڌ جي راڄ ڌڻي هجڻ جو حقدار عربستان ۽ وچ ايشيا سان نسلي لاڳاپو رکندڙ ٻي پاڙي ٽولو ليکجي ٿو ۽ اهو ٽولو غاصب وري هلندڙ وقت جي عالمي ڏاڍن مڙسن کي سڏي ٿو.

سياسي شڪستن جي نتيجي ۾ ڪڙڪندڙ ثقافتي، خاص ڪري ڌرمي، ڏاڍ واري گهُٽَ ۽ ٻُوسَٽَ ۾ فاتحن جي ڌرمي ادب کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ کان ويندي ڪمپيوٽر کي سنڌي سيکاري سنڌي ٻوليءَ کي جيئدان بخشيندڙن جي ڏاهپ ۽ ڏِگهي نظر کي منهنجو سلام.

ڪراچي، آگسٽ 2011ع

**عمر سومرو**

موبائيل: 0300-7051347

اي-ميل: umersoomro@hotmail.com

# فهرست

## نثر


ٻه اکر 5

سنڌيڪار پاران 6

01. تعارف 13

02. مچتائون 17

03. ڌرتي-جوڙ ڪئلينڊر 19
سڀ کان آڳاٽو يا پهريون ڌرتي-جوڙ (پِري ڪئمبرين) جُڳ

04. سنڌ ۾ برفاني جُڳ (پلائيسٽوسين) 26
(آڳاٽو، وچولو ۽ پويون پٿر جُڳ، سمنڊ جي سطح ۾ ڦيرا ۽ وچولو پٿر جُڳ)

05. سنڌ ۾ نئون پٿر جُڳ (7000 - 3500 ق-م) 32

06. سنڌ ۾ ٽامو-پتل جُڳ (3500 - 1000 ق-م) 34

07. اُسرندڙ سنڌو ثقافت (3000 - 2350 ق-م) 39

08. هڙپائي يا اوج ماڻيل سنڌو ثقافت (2350 - 1750 ق-م) 51

09. ڍرڪندڙ سنڌو ثقافت يا سنڌو ثقافت جو پوئتي پوڻ (1750 - 1000 ق-م) 72

10. نيم تاريخي جُڳ (1300 - 519 ق-م) 76

11. رِگ ويدي آرين جو اچڻ (1050 - 850 ق-م) 78

12. ڪيانين پاران سنڌ فتح ڪرڻ (519 ق-م) 88

13. يونانين پاران سنڌ ۽ باقي پاڪستان فتح ڪرڻ (329 - 324 ق-م) 96

14. موريا گهراڻو ۽ سنڌ ۾ ٻڌمت جي ابتدا (324 - 187 ق-م) 110

15. باختري يوناني ۽ ثقافتي ڏي وٺ (187 - 80 ق-م) 122

16. سنڌ جا سِٿي يا سَڪا راڄ (80 ق-م - 46ع) 125

17. پارٿين جو سِٿين کان اقتدار ڦرڻ (46 - 78ع) 129

18. ڪُشان راڄ ۽ ٻوڌي اڏاوتن جي اوسر (65 - 283ع) 131

19. ساساني راڄ ۽ ڏيهي گهراڻن جو اُسرڻ (283 - 499ع) 139

20. راءِ گهراڻو ۽ سنڌ ۾ ٻوڌي طاقت جو عروج (499 - 641ع) 149

21. برهمڻ گهراڻو (641 - 712ع) 157

22. اُموي گهراڻو ۽ عربن جون سنڌ تي ڪاهون (699 - 711ع) 164

23. عربن پاران سنڌ فتح ڪرڻ (711 - 714ع) 170

24. سنڌ ۾ اُموي خليفن جا گورنر (715 - 749ع) 177

25. سنڌ ۾ عباسي خليفن جا گورنر (749 - 854ع) 188

26. عربن جي هٿن مان سنڌ جو اقتدار ڪسڪڻ (835 - 854ع) 200

27. سنڌ جو هباري گهراڻو (854 - 1010ع) 204

28. سومرن جو اقتدار تائين اُسرڻ (1010 - 1026ع) 224

29. سومرا گهراڻو (1026- 1351ع) 235

30. سمن جي اقتدار لاءِ اُسرڻ جي ابتدا (1333 - 1351ع) 279

31. محمد تغلق جي سنڌ تي ڪاهه ۽ موت (1347 - 1351ع) 286

32. سومرن کان اقتدار ڦرجڻ ۽ سما-دهلي ويڙهه (1351 - 1368ع) 293

33. سنڌ دهليءَ آڏو آڻ مڃي (1368 - 1388ع) 306

34. سمن آزادي ورائي ورتي (1388 - 1524ع) 312

35. سمن جو پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ ڌهي پَٽ پوڻ (1512 - 1521ع) 335

36. سمن جو سنڌ ورائي وٺڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ (1522 - 1536ع) 348


## نقشا ۽ چارٽ


01. سنڌ جو ڌرتي جوڙ نقشو 18
ساڍا ٽي ارب سال کان هنوقت تائين سنڌ جي جوڙ ڏيکاريندڙ

02. 2500 - 1000 ق-م: 20
اُسرندڙ، اوج تي پهتل ۽ ڍرڪندڙ سنڌو تهذيب جي پکيڙ

03. 4500 - 800 ق-م: 42
ٽامي ۽ پتل جي ڪم جو پکڙجڻ

04. 2000 ق-م - 1226ع: 43
هاڪڙي جو سُڪڻ
(هندي ريگستان ۽ رڻ ڪڇ جو وچائجي ويل درياءُ)

05. 1000 ق-م - 1226ع: 47
ڪڇ جو ٽيڏُ، جنهن ڪڇ کي سنڌ، ڪاٺياواڙ ۽ اولهه گجرات وچ ۾ پُل بڻائي ڇڏيو

06. 1000 - 50 ق-م:
لوھ (رُڪَ) جي ڪم جو پکڙجڻ — 48

07. 1000 - 500 ق-م:
لوھ (رُڪَ) جي ڪم جو نندي ڪنڌ ۾
600 - 500 ق-م:
16 پرڳڻن يا مَهاجَن پَدن ۾ پکڙجڻ — 83

08. 640 - 325 ق-م:
سنڌ جون ننڍيون بادشاهيون۽ همعصر ڪياني (چارٽ) — 84

09. 519 ق-م - 1524ع:
ڪيانين، مقدونين، باخترين، سِٿين، پارٿين، ڪُشانن ۽ ارغونن پاران وچ ايشيا مان افغانستان رستي سنڌ تي ڪاهڻ جا گَسَ — 91

10. 519 ق-م:
ڪياني حاڪم دارا-پھرئين جي سلطنت — 92

11. 450 ق-م:
پھريون دنيا جو نقشو جنهن ۾ هيروڊوٽس سنڌ ڏيکاري (مائيڪل گرانٽ آڏار) — 102

12. 323 ق-م:
سڪندر جي سلطنت — 103

13. 326 - 324 ق-م:
سڪندر جو سنڌ فتح ڪرڻ ۽ پوئتي موٽڻ — 104

14. 323 - 187 ق-م :
موريا سلطنت 250 ق-م ۾ پنهنجي وڌ ۾ وڌ پکيڙ وقت — 105

15. 324 - 187 ق-م:
موريا گھراڻو ۽ سندن همعصر (چارٽ) — 109

16. 301 ق-م:
سڪندر جي وارثن جي يوناني سلطنت ۽ موريا سلطنت (سنڌ موريا سلطنت جو حصو بڻجي وئي) — 111

17. 200 ق-م - 200ع:
سنڌ ۽ اولهه وچ ۾ واپاري دڳ — 112

18. 184 - 70 ق-م:
باختري يوناني ۽ سندن همعصر (چارٽ) — 113

19. 187 - 184 ق-م:
باختري يونانين (دِميتريَس ۽ منيندر) جا سنڌ فتح ڪرڻ جا گَسَ — 114

20. 174 ق-م:
174 ق-م ۾ سنڌو-يوناني، رومي ۽ يوناني سلطنتون — 115

21. 145 ق-م:
پارٿي ۽ يوناني سلطنتن جا واپاري گَسَ — 116

22. 74 ق-م:
پارٿي ۽ سِٿي سلطنتون (سنڌ سميت) — 117

23. 70 ق-م - 46ع:
سِٿي حڪمران ۽ سندن همعصر (چارٽ) — 126

24. 46 - 78ع:
پارٿي ۽ سندن همعصر (چارٽ) — 127

25. 65 - 283ع:
ڪُشان ۽ سندن همعصر (چارٽ) — 133

26. 100 - 750ع:
سنڌ جا شهر — 134

27. 150ع:
دنيا ٽالميءَ مطابق (مائيڪل گرانٽ آڏار ٺاهيل) — 135

28. 150ع:
سنڌ ۽ ير پاسي وارن علائقن جو نقشو ڪلاڊِيَس ٽالميءَ مطابق (مڪ ڪرنڊل 1885 آڏار) — 136

29. 176 - 499ع:
ساساني ۽ سندن سنڌ ۽ ير پاسي وارن علائقن ۾ همعصر (چارٽ) — 144

30. 138ع:
ڪُشان، پارٿي ۽ رومي سلطنتون — 145

31. 230ع:
اردشير جي سلطنت، واپار ۽ واپاري گَسَ — 146

32. 400ع:
سنڌ جا واهِليڪا ۽ گُپتا سلطنت — 147

33. 499 - 640/41ع:
سنڌ جو راءِ گھراڻو ۽ سندن همعصر (چارٽ) — 154

34. 640ع:
راءِ سهاسي-ٻئين جي سنڌ، هريش جي سلطنت ۽ همعصر ڏکڻ ايشيا — 155

35. 641 - 662ع:
چچ جي سنڌ ۽ ان جا پرڳڻا: جيئن هِيُون سُوانگ ڏٺا — 160

36. 640/41 - 725ع:
برهمڻ گھراڻي جا همعصر (چارٽ) — 161

.37 711 - 714ع:
سنڌ جو عربن هٿان فتح ٿيڻ 171

.38 712 - 751ع:
سنڌ ۾ اُموي خليفن جا گورنر ۽ سنڌن همعصر (چارٽ) 172

.39 751 - 854ع :
سنڌ ۾ عباسي خليفن جا گورنر ۽ سنڌن همعصر (چارٽ) 205

.40 854 - 1011ع:
سنڌ جا هباري ۽ سنڌن همعصر (چارٽ) 206

.41 925ع :
ڏکڻ ايشيا 925ع ۾ ۽ سنڌ ۾ هبارين جي بادشاهي 207

.42 854 - 1011ع:
هباري ۽ ير پاسن سان 951ع ۾ مقامي عرب بادشاهيون 208

.43 951ع:
اِستَخريءَ وارو سنڌ جو نقشو (نوان نالا ڏنگين ۾). سنڌ جو اتريون دنگ ملتان کان اٽڪل 50 ميل اتر ۾ هو. لسبيلو، مڪران ڪيچ تائين، قلات، سبي ۽ گنداوا سنڌ جو حصو هئا. 209

.44 976ع:
ابن حوقل وارو سنڌ جو نقشو
(ايليَٽ 1867 آذار ناهيل) 210

.45 1025ع:
خفيف سومرو ۽ همعصر ڏکڻ ايشيا 234

.46 1011 - 1351/52ع:
سنڌ جا سومرا ۽ سنڌن همعصر (چارٽ) 236

.47 1150ع:
الشريف الادريسي پاران ڏيکاريل سنڌ ۽ ير پاسي وارا علائقا ٻئين خِطي جي ستين ياڱي آذار
(بوڊيلين لائبريري، ايم. ايس. گريوز) 248

.48 1236ع :
ڏکڻ ايشيا 1236ع ۾ التتمش جي مرڻ مهل 249

.49 1333ع:
ابن بطوط جا گَسَ: جٽاٽي، سيوهڻ ۽ لاڙي (لاهري) بندر ڏانهن ۽ اتان ٿي ملتان ۽ دهليءَ ڏانهن 282

.50 سنڌ 1351ع ۾:
محمد تغلق جي سنڌ تي ڪاهہ ۽ طغيءَ جو سنڌ ڏانهن ڀڄي اچڻ 283

.51 1352 - 1524ع:
سنڌ جا سما ۽ سنڌن همعصر (چارٽ) 294

.52 1000 - 1525ع:
سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جا شهر (ياڱو ڀهريون - اتر سنڌ) 295

.53 1000 - 1525ع:
سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جا شهر (ياڱوبيون - ڏکڻ سنڌ) 296

.54 1441ع:
ڏکڻ ايشيا 1441ع ڌاري 318

.55 1508ع:
ڏکڻ ايشيا جيئن پورچوگيزن ڏٺو 319

.56 1508ع:
جام نظام الدين جي دور ۾ سنڌ جا دنگ ۽ سندس موثر هلنديءَ پُڄنديءَ هيٺ علائقا 336

.57 ڏکڻ ايشيا جا انساني نسل 337

.58 1517 - 1523ع:
شاهہ بيگ جون سنڌ ۾ فوجي ڪارروائيون 338

.59 1524 - 1554ع:
شاهہ حسن جون سنڌ ۾ فوجي ڪارروائيون 339

.60 1500 - 1700ع:
سنڌ جو قبائلي نقشو ۽ اچ وڃ جا گَسَ ۽ واٽون 355

.61 1608 — 1700ع:
سنڌ جو انتظامي نقشو 356


## تصويرون


.01 رَميپيٿيڪَس: 14 ملِيَن سال اڳ 23

.02 7-5 ملِيَن سال پراڻا ڏند: 1930ع ۾ سِوالڪ ٽڪرين تان مليا 23

.03 1.6-1.5 ملِيَن سال آڳاٽو سُتَريل آسترِيلوپِتيڪَس 24

.04 پٿرائجي ويل ماڻهو 24

.05 10000 ق-م کان 2500 ق.م: مڇي مارڻ جا پٿرين جا اوزار 25

.06 10000 ق-م کان هنوقت تائين: پٿر ۾ سوراخ ڪيڻ لاءِ پراڻي سِيراهي 25

.07 10000 ق.م کان هنوقت تائين: ميڙ چونڊ تي گذران ڪندڙ قبيلن پاران اَنُ مهٽڻ (پيهڻ) لاءِ ناهيل پراڻا روهي ۽ روهڙو 25

.08 23،000 -1700 ق-م: موهن جي دڙي مان لڌل روهي روهڙو 25

09. 3000-2500 ق-م: آمريءَ مان هٿ آيل چٽن وارا ڪنڀارڪا ٿانوَ، هنوقت موهن جي دڙي تي 44

10. 2800-2300 ق-م: ڪوٽ ڏيجي جي کوٽائيءَ جو عام ڏيک 44

11. 2700-2400 ق-م: بلوچستان مان هٿ آيل نال جا ٿانوَ ۽ اوزار 45

12. 2800 ق-م: ڪوٽ ڏيجيءَ جا ٿانوَ 45

13. شاهي ٽُمپ جا ٿانوَ 45

14. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ جو عام ڏيک 46

15. سنڌو ثقافت جي نرالي سجاٽپ شيون 46

16. زهوب جا ٿانوَ 46

17. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جي گهر ۾ کوهه 50

18. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي ۾ هڪ هيناهين گهٽي 60

19. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي ۾ 30 فٽ ويڪري مُکيه گهٽي 61

20. بلوچستان مان هٿ آيل ڪُلي جا ٿانوَ 62

21. 2200-2100 ق-م: موهن جي دڙي جو مها تڙُ يا تلاءُ (رتا سَجي ڪيل) 62

22. 2200-2100 ق-م: موهن جي دڙي جو مها تڙ 63

23. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جي نرالي گهر جو اندريون ڏيک (سَجو ڪيل) 63

24. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جو اَن جو پاندو (سَجي ڪيل رتا) 63

25. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جي هڪ گهر جي سَجي ڪيل رتا جو ٽِپاريو اڏاوتي ڏيک 64

26. 2300-1700 ق.م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل چقمق پٿر جون چيراڦيون ۽ اوزارن جا لسا گنل ڦَرَ 64

27. 2300-1700 ق.م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڪُٽَ ۽ ٽامي جا اوزار ۽ سنجت 64

28. 2300-1800 ق.م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل مَٽين جو ڳلپٽو يا گلوبند 65

29. 2300-1700 ق.م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل پٿر ۽ سون جي مٽين جا هار ۽ ڳلپٽو 65

30. 2300-1700 ق.م: هڙپا مان هٿ آيل ڪَچَ جو ڪنگڻ 65

31. 2300-1700 ق.م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٺڪر جو رانديڪو ڏاند گاڏي 66

32. سنڌ جي هلندڙ وقت جي ڏاند گاڏي 66

33. ٻنيءَ ۾ ڦيندڙ ڪيڙَ ۽ ناڙي ڏار ڏار 66

34. 2300-1800 ق.م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل پٽر جا وَٽَ 67

35. 2300-1800 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل ماتا ديويءَ جي مورتي 67

36. 2300-1800 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل پروهت راجا 67

37. 2600-2300 ق-م: خُراب ايران مان هٿ آيل ٽامي جي لٺ مٿان اُٿ گهڙيل 68

38. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل ناچڻيءَ جي ڪُٽَ مان ٺهيل مورتي 68

39. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل شطرنج جي ماءُ راند جو چِيلو 68

40. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي مان لڌل صابڻي پٿر جون مُهرون ۽ انهن جون ليپيءَ ۽ جانورن جي ڊزائنن واريون ڇاپون 69

41. 2300-1700 ق-م: پڳوان ۽ انهن جون سنڌو مُهرن تي اُڪريل مُورتون 69

42. i. 2300-1700 ق-م: سنڌو مُهر، مٿس ٻيڙي ڏيکاريل آهي 70
ii. 2300-1700 ق-م: سنڌو مهر، مٿس ٻليدان ۽ پپر جي وڻ تي ٽن سگن وارو ديوتا ڏيکاريل آهي
iii. 2300-1700 ق-م: سنڌو مهر، مٿس ماڻهو سگن واري واگهه کي ماريندو ڏيکاريل آهي

43. سنڌو مهرون ۽ ڏند ڪٽائون، جن پوءِ ايندڙ ڌرمن تي ڇاپ ڇڏي 70

44. 550-325 ق-م: سڪندر کان اڳ جا سُنبي سان ٺپيل سِڪا 70

45. سنڌو ماتر مُهرن ۽ سُنبي سان ٺپيل سِڪن تي ٺهيل نشانين کي پيٽيندڙ ٽيبل 80

46. 1750-1700 ق-م: H قبرستان (سِمٽري-ايچ)، ڊِرڪندڙ سنڌو ثقافت جو ثقافتي سامان 80

47. 1650-1300 ق-م: سنڌو ثقافت جي ڊِرڪڻ جي اڳياڙيءَ دوران ٺهيل جهڪر جا ٿانوَ 80

48. 1100-900 ق-م: سنڌو ثقافت جي ڊِرڪڻ جي پوياڙيءَ دوران ٺهيل جهانگار جا ٿانوَ 80

49. موهن جي دڙي مان لڌل مٽيءَ جا پچايل کانياٽيءَ جا ڳوڙها 80

50. هلندڙ جُڳ جو ڪُنبر ۽ سندس ڇَڪُ 80

51. ريليف آرٽ بيهستن مان مليل دارا-پهرئين جي منڊي 81
52. دارا-پهريون عرض ڀڏندي 81
53. پرسيپولِس ۾ ديوان عام 81
54. بيهستن ۾ زرگزز جي مقبري جي لنگهه وٽ پَرن وارو ڏاند 81
55. نقشِ رستم: ڪياني بادشاهن جا پهاڙي مقبرا ۽ اگني قربانگاهه 81
56. 333-323 ق-م: سڪندر سڪي تي 82
57. چوٿين صدي ق-م: سڪندر اِيسُوس واري جنگ ۾ 82
58. 326 ق-م: سڪندر پاران پورس کي شڪست ڏيڻ جو جشن ملهائڻ لاءِ گهڙايل ٻلو 99
59. ٽالمي-پهريون (وفات 280 ق-م) 99
60. سڪندر جي جنرل سيليُوڪَس جو سڪو 99
61. 323-184 ق-م: مورين يا اڳ وارن سُنگها گهراڻن جو سُنبي نيپيل سڪو 99
62. 323-231 ق-م: پهرين ٽن موريا سمراٽن چندر گپت، بِندوسر ۽ اشوڪ جا سُنبي نيپيل سڪا 99
63. ٽين صدي ق- م: پٽاليپٽر ۾ هٿ آيل مورين جو ٿل 99
64. i. ڪنعاني ۽ ڏاڪٽي عربي لپين مان عبراني لپيءَ جو نِسرڻ 100
ii. فينقي لپيءَ مان يوناني ۽ عبراني آئيوٽائن جو نسرڻ
iii. خروشتي لپي چانديءَ جي ويڙهي تي
iv. گرنار جي ٽڪرين تان هٿ آيل برَهمي لپي
65. 180-160 ق-م: سيالڪوٽ جي راجا منيندر جو سِڪو 101
66. دِميتريَس جو سڪو 101
67. پارٿي گهوڙيسوار 101
68. پهرين صدي عيسوي جي پوياڙي: ڪُشان راجا ڪُجُلا ڪَرا ڪَدفائِيسَس-پهرئين جو سڪو 101
69. ٻين صدي عيسوي: ڪَنِشڪ جو سڪو 101
70. i. 144-150ع: ڪَنِشڪ-پهرئين جو هڪڙو ٻيو سڪو 101
ii. 150-162ع: هُوشڪ ڪُشان جو سڪو
71. اُپي ڪُڙهه ۽ وَريل هَرينهن وارو ڪُشاني هر 101
72. ڪَدفائِيسَس-ٻئين جو خروشتي لپيءَ ۾ سڪو 142
73. پهرين صدي ق-م کان پهرين صدي عيسوي: ڀنڀور مان هٿ آيل ستي-پارٿي ٺڪر جا ٿانوَ 142
74. ساسانين جا سِڪا 142
75. پهلوي - ساساني لپي 142
76. ساساني بادشاهن جا تاج 142
77. 590-628ع: زِرهه پهريل ساساني بادشاهه گهوڙي تي سوار 142
78. چوٿين کان ستين صدي عيسوي: برهمڻ آباد مان هٿ آيل پتل جو برهما 143
79. ميرپورخاص وارو ٿوپ يا اسٽوپا (سچو ڪيل) 162
80. قُبي جي اوسر 162
81. گوڙي مندر ٿرپارڪر ۾ سنگ مرمري دروازي جي ٻانهين 162
82. ٽامي جي پٽيءَ تي راجا هريش جي صحيح 163
83. 711-714ع: ڪٽاپُلٽ يا منجنيق جو هڪ نمونو 163
84. جامع مسجد ڀنڀور (ديبل) جي رٿا 163
85. ڀنڀور (ديبل) جو شهر پناهه ڪوٽ 178
86. ڀنڀور (ديبل) مان هٿ آيل ٺڪر جو پارو: ساساني نموني کانپ مٿان ڪالب ذريعي جانور چٽيل 178
87. ڀنڀور (ديبل) مان هٿ آيل مسلمانن کان اڳ واري دور جي ڪنيارڪن ٿانون جو ڪالب 178
88. ڀنڀور مان هٿ آيل چٽ اُڪريل روغني ٿانوَ 179
89. ڀنڀور مان هٿ آيل ديوناگري لکتون اُڪريل ٺڪريون 179
90. 907ع: ڀنڀور مان هٿ آيل هباري دور جون ڪوفي اُڪرون 179
91. 711ع ۾ ڀنڀور جي شڪست کان پوءِ ڦِٽي ويل شِو جي مندر جي ڪوٺائي 187
92. پنجين کان اٺين صدي عيسوي: ڀنڀور جي مندر ۾ شِولِنگم 187
93. اصفهان ۾ جُمع مسجد 189
94. سلطانيه ۾ منگول بادشاهه اولجيِلو جو مقبرو 189
95. محمود غزنويءَ جو سِڪو 237
96. مسعود غزنويءَ جو سِڪو 237
97. محمد بن سام جو قنوج ۾ گهڙيل سڪو 237
98. 608 هه (1213ع): التتمش جو سونو سڪو 237
99. غياث الدين بلبن جو سونو سڪو 237
100. 729 هه (1330ع): محمد بن تغلق جو سونو سڪو 237
101. محمد تغلق جو ڪنجهي جو سڪو (زوريءَ ٽاڪيل) 237
102. سومرا دور جي ڪوريل چٽن واري ٺڪر جي ڪُني 238

.103 سومرا دور جو 9-وَٽيو تيل وارو ڏيئو 238
.104 پٿر ڪوري ٺاهيل هندن جي ديوي 259
.105 i. يارهين کان تيرهين صدي عيسوي: نريءَ مان هٿ آيل پٽل جو سانچو 259
ii. نَريءَ مان هٿ آيل هڪڙو ٻيو سانچو
.106 يارهين کان چوڏهين صدي: مٽيءَ جي چوڪين سرن تي گلن جا جاميٽريائي چِٽَ 259
.107 i. 15-16 صدي: پير پٺي ۾ قبر جي پٿر تي اُڪر. جنهن ۾ هڪ گهوڙيسوار ۽ پيادو ترار، ڍال، ڪمانڙ ۽ تيرن سان هٿياربند ڏيکاريل آهن 259
ii. 15-16 صدي: پير پٺي ۾ قبر جي پٿر تي اُڪر. جنهن ۾ ترارن، ڍالن ۽ تيرن سان هٿياربند ٽي گهوڙيسوار اُڀاري ڏيکاريل آهن
.108 احمد آباد (گجرات - هندوستان) ۾ مَرڪي بيبي ۽ مُغلي بيبي جون قبرون 302
.109 بادشاهه فتح خان جي پيٽ جو مقبرو 302
.110 تاج الدين ۽ ميان فتح خان جي قبرن تي اُڪرون 303
.111 سورهين صديءَ جو پهريون يا ٻيون چوٿو: مڪليءَ ۾ شيخ جِئي جو مقبرو 303
.112 ڄام نظام الدين جي مقبري جو اندريون ڏيک 324
.113 ڄام نظام الدين جي مقبري جي محراب جو اندريون ڏيک 324
.114 ڄام نظام الدين جي مقبري جو محراب (ٻاهريون ڏيک) 324
.115 مڪليءَ ۾ ڄام نظام الدين جي مقبري ۾ پٿر تي سهٽي اُڪير 325
.116 اُڪرن واري دريا خان جي قبر 340
.117 دريا خان (مبارڪ خان) جي مزار جي ٻاهرين چوديواري 340
.118 دريا خان جي مقبري جي ڏاکڻي دروازي تي نقشِي لپيءَ ۾ اُڪر 341
.119 همايون تخت تي ويٺل 341

# تعارف

مون پنهنجي 1964 ۾ ڇپيل ڪتاب ”گرائونڊ واٽر اِن حيدرآباد اينڊ خيرپور ڊويزنس“ ۾ وضاحت ڪئي آهي ته مون علائقي ۾ جر جو پاڻي ڳولي لهڻ لاءِ سنڌو درياءَ جي تاريخ، سنڌ جي تاريخ ۽ تاريخي جاگرافي، پراڻن آثارن ۽ انساني نسلن، ڌرتيءَ جي بناوت ۽ ان ۾ ايندڙ طبقاتي ڦيرن، آبهوا ۽ پاڻي، ساهوارن (جانورن ۽ جيتن جڻين) ۽ ساوڪ (گل ٻوٽن ۽ وڻڪار)، ٻنيءَ ۽ جاگرافيءَ بابت ڄاڻ ڪي ڪيئن ڪتب آندو. 1951 ۾ شروع ڪيل ان اڀياس ۾ مون مٿين مضمونن بابت ڪوڙ سارا ڪتاب ۽ ليک گڏ ڪيا ۽ پڙهيا ۽ ساڳئي وقت همعصر توڙي تاريخي نقشن جو اڀياس پڻ ڪيم. اهو سوچي، ته مٿان وڏين محنتن سان ميڙيل هي مواد ايندڙ پيڙهيون وڃائي نه ڇڏين، ان کي مرتب ڪيم ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ان کي 1977 ۾ ”سورس مَٽيريل آن سنڌ“ نالي سان ڇاپيو.

ان حقيقت جي باوجود ته روايتي ڏات ساگرن کان هٽي ڪري مٿئين ڪتاب ۾ گهڻن ڪتابن جي مواد جون سمجهاڻيون ننڍڙيون ئي سهي پر ڏنل هيون ۽ نوٽس ۾ ٻاونجاهه ڪن اهم مضمونن جا ماخذ پڻ ڏنا ويا هئا. مون کي لڳو ته مختلف ماخذن ۾ جهجهي انگ ۾ موجود مواد جي ننڍڙين ذرين پرزين ڏانهن ايندڙ ڏهاڪن ۾ ڪنهن جو ڌيان نه ويندو. تنهنڪري انهن کي ڏاهن توڙي عام ماڻهن لاءِ منطقي ترتيب ۾ هڪ هنڌ رکجي ته جيئن مختلف موقعن تي تحقيق تي لڳندڙ انهن جو وقت ۽ پورهيو گهٽائي سگهجي.

1966 ۾ چائيتاني جي ”ڪرونوگرافيا اسلاميڪا“ منجهان ٽڪرا ڏسڻ جو اتفاق ٿيم، جنهن مون کي اهو خيال ڏياريو ته سنڌ جي ماضيءَ جي مختلف ڏيکن بابت هٿ آيل ڄاڻ جي جهجهين ذرين پرزين کي، واقعن ۽ ماخذن بابت ننڍڙيون وضاحتون ڏئي، انهي وانگر واقعي وار ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. 1970 ۾ ان ڪم تي لڳس ۽ ڏار ڏار سالن لاءِ ڪارڊ ناهيم. لڳ ڀڳ ڪم پورو ڪري چڪو هوس ته 1974 ۾ براسوو (رومانيا) ۾ ”ڪرونولاجيڪل هسٽري آف رومانيا“ نالي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڏٺم. ڊائريڪٽر گيُوريسڪو سلسلو شروع پٿيلولِٽڪ يعني آڳاٽي پاهڻي جُڳ (1,000,000 سال اڳ) کان ڪيو هو ۽ ان ۾ اهم لکتون ۽ سيلانين پاران رومانيا ۾ ڪيل مشاهدا شامل ڪيا هئائين. هن ليک چائيتاني کان ٿورو هٽي ڪري واقعن جا ڪجهه تفصيل ڏنا هئا، پر انهن جا ماخذ نه. مون وٽ سنڌ ڪَتا آڳاٽي پاهڻي جُڳ بجاءِ ڌرتي-جوڙ جُڳ ڪانوٽي شروع ڪرڻ لاءِ ڪافي ڄاڻ هئي ۽ نه رڳو ماخذ پر لاڳاپيل مسئلن ۽ معاملن تي پنهنجا ويچار به ڏئي تي سگهيس. ان ريت سنڌ ڪَتا انهن ڪمن کان وڌيڪ ڪارائتي ٿيڻجي پئي سگهي، جن مون کي هن پلي دڳ تي لاتو هو. ائين هي ڪم مڪمل طرح نظرثانيءَ هيٺ آيو. ايندڙ ٽن سالن ۾ هن ڪتاب جو نسخو تيار ٿيو، جيڪو 1539ع تائين وڌايل آهي. سال 1539ع تي پڄاڻي ڪرڻ جو سبب اهو هو جو ان کان پوءِ جا تاريخي ۽ ٻيا رڪارڊ آسانيءَ سان هٿ اچي سگهن ٿا ۽ اڳتي جي سنڌ ڪَتا ساڳئي طريقي ترتيب ڏيڻ لاءِ گهڻي جاکوڙ ۽ کوجنا جي ضرورت نه پوندي.

نئون ڪم هٿ ۾ ڪٽندي ئي ڪوڙ ساري دلچسپ ۽ اچرج ڏياريندڙ ڄاڻ سامهون تري آئي. مون کي نه ان جي اميد هئي ۽ نه ئي ان لاءِ ڪا رٿابندي ڪئي هيم ۽ نين حقيقتن آڳاٽين لکتن ۽ نسخن پاران پيدا ڪيل مونجهارا درست ڪرڻ ۾ مدد ڏني . ڪجهه ڌيان جوڳا مثال هي آهن:

* 60,000 سال اڳ سنڌ سمنڊ ۾ ٻڏل هئي، جيڪو ان جي اترين دنگن تان ئي اٽڪل 12,000 سال اڳ لهڻ شروع ٿيو. 9,000 سال اڳ تائين سمنڊ حيدرآباد وٽ هو. انهي جي ڪري سنڌ ۾ وچولو پاهڻي (ميسولِٿڪ) جُڳ دير سان آيو، پر آيو سهي، سو ثابت ٿي چڪو آهي.
* سنڌ ۾ پوئين پاهڻي جُڳ (نيولِٿڪ) وارو انقلاب (کيتي انقلاب) مصر ۽ ميسوپوٽامر (عراق) کان پوءِ اچڻ جو سبب به ساڳيو هو ۽ جيڪڏهن سنڌ سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ ٻڏل نه هجي ها ته وچولو ۽ پويون پاهڻي جُڳ انهن پنهي تهذيبن کان اڳ هتي اچن ها، جيئن سبيءَ ويجهو 6,000 ق-م جي ماڳ مهرڳڙهه جي کوٽائيءَ ثابت ڪيو آهي.
* سنڌ ۾ آمري جُڳ کان وٺي سنڌو تهذيب سنڌو درياءَ جي هلت بابت ڄاڻ ۽ چَر جي پاڻيءَ سان ريج ٿيندڙ ٻنين ۾ رهجي ويل وَٽَ (ڳِهم) تي سياري جا فصل اُپائڻ جي ڏانءَ جو نتيجو هئي. موهن جي دڙي واري زماني ۾ وڏي محنت سان اڏيل واهن جي نظام سبب انهي اوج ماڻيو ۽ سنڌو درياءَ جو مُک وهڪرو مٽجڻ سان واهن جي سرشتي جي ڦٽڻ ڪري اها ڍرڪڻ لڳي.
* رِگ ويدي آريا 1,050 ق-م کان پوءِ تائين ڏکڻ ايشيا ۾ نه پهتا هئا ۽ رڳو سنڌ ۾ ئي 850 ق-م کان پوءِ تائين به نه. موهن جي دڙي کي انهن نه ڦِٽايو هوندو. انهن جي سرڪاري ٻولي، جيڪا پڻ گهٽو پوءِ آئي، انوقت هتي هلندڙ ٻولين جي ماءُ نٿي ٿي سگهي.
* باختري يونانين، سِٿين ۽ پارٿين سنڌ تي لڳ ڀڳ 300 سال راڄ ڪيو. انهن جي راڄ دوران باربيرِيڪان (ڀنڀور) ڏکڻ ايشيا سميت اوپر جو مهندار بندرگاهه بڻيو. رني ڪوٽ قلعو پڻ انهن ڏينهن ۾ اَڏيو. ان ئي زماني ڏاري برهمڻڪا شهر وسيو، جيڪو اڳتي هلي برهمڻ آباد بڻيو.
* ساسانين سنڌ تي صرف ٿورو عرصو 283ع کان 356ع تائين راڄ ڪيو، ٽن صدين تائين نه، جيئن اڄ تائين سمجهيو پئي ويو.
* واهلِيڪن جي هڪ طاقتور راڄ گهراڻي سنڌ تي چوٿين صدي عيسوي جي پڇاڙيءَ کان پنجين صديءَ جي مُنڍ تائين راڄ ڪيو ۽ گُپتا گهراڻي جو سنڌ تي ڪڏهن به ڪو اختيار نه رهيو.

* سنڌ جا راءِ نہ ساسانين جا گورنر هئا ۽ نہ ئي هُن نسل مان هئا. اهي ڏيهي اڻ-راجپوت قبيلو هئا. راجپوت انهن کي نيچ يا شودر ليکيندا هئا، پر سنڌ ۾ انهن سٺي سماجي حيثيت ٺاهي ورتي هئي، جنهن ڪين، ٿوري وقت لاءِ ئي سهي، ملڪ جي راڄ ڏٽين واري رتبي تائين رسايو.
* سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ لاڙ سنڌ ۾ ستين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري وڏو ڦيرو آيو، جنهن سبب اتان کان ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ڏانهن وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ ٿيڻ ڪري علائقو سُڃَ ٿي ويو ۽ انهي جي ڪري برهمڻ گھراڻي جو ان ڀاڱي مٿان اختيار ايترو گھٽجي ويو جو عرب بنا ڪنهن رنڊ روڪ جي اڳتي وڌندا آيا ۽ ڪين فتح ۾ آساني ٿي.
* سنڌ تي ديسي عرب هبارين جو راڄ 854ع کان 1011ع تائين جوڙي ۽ مڪمل طرح پڌرو ڪري سگھجي ٿو.
* ساڳي طرح سومرا ۽ سما گھراڻن جي نئين سِر ترتيب، انهن کان پوءِ پندرهين صديءَ ۾ تخليق ٿيل ۽ رچيل نہ ويساهڻ جوڳيون لوڪ ڪٿائون ڪتب آڻڻ کانسواءِ ئي مڪمل ٿي چڪي آهي.
* سنڌ ۾ سما راڄ جو زوال ۽ خاتمو سنڌ پاران ڪڇ جي سما گھراڻي جي گھرو ويڙهہ ۾ شامل ٿيڻ ۽ راءُ کنگھار پاران فيروز شاھ مٿان پلاند لاءِ وڌل زور سبب ٿيو. پڇاڙيءَ ۾ کنگھار پاران ازالي طور سنڌ ارغونن کان فيروز شاھ کي ڏيارڻ لاءِ ڪيل وَسَ بہ بيڪار ٿيا.

هن سنڌ ڪَٿا ۾ شامل نکور مواد مون کي ڪجھ تڪراري يا اڻواقف معاملن بابت وضاحت ڪرڻ ۽ تفصيل بيان ڪرڻ جي همت ڏياري ۽ مون ڪجھ ليک لکيا، جيڪي هن ڪتاب جو حصو بہ آهن تہ منجهس واڌارو بہ. پڙهندڙ انهن منجهان ڪجھ ڏسڻ گھرن تہ هيٺ ڄاڻايل ليک ڏسي سگھن ٿا:

* سنڌ ڪڇ رليشنس
* رني ڪوٽ فورٽ: اِٽس يُونِيڪ لوڪيشن
* برهمنڪا، برهمنوا، برهمنو، برهمن آباد اينڊ منصوره
* اسٽون ايج اِن سنڌ
* انٽرنيشنل ٽريڊ آف سنڌ، فرام اِٽس پورٽ باربيريڪان: 200 بي.سي - 200 اي.ڊي
* لينگئيجز آف سنڌ: 4،000 بي.سي - 1،000 اي.ڊي، بيسڊ آن آڪيالاجيڪل ايوِيڊنس
* 5،000 ييئرس آف اريگيشن اِن سنڌ
* فيليوئر آف اي گيٽ آف سکر بيريج: اي ليسن فرام هسٽري آف سنڌ
* پري نيولِٿڪ فوڊ ريسورسز اينڊ هنٽنگ ٽرائيبس آف سنڌ: 6،000 - 3،500 بي.سي

جيئن تہ هي ڪتاب اٽڪل ست سال ڇپائيءَ هيٺ رهيو، تنهنڪري سنڌ جي ماضيءَ بابت نيون لڪٽيون ۽ دريافتون هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ ضروري هيون، خاص ڪري جيرِنگ پاران مهرڳڙهہ جي کوٽائي ۽ آلچن پاران روهڙي، شهنشاهہ بلوچ (اصل ۾ اين شاهہ) ۽ نواب پنجابي (اصل ۾ اُنڙ فارم ۽ اُنڙ هائوس) وٽ پٿر جُڳ جا ماڳ ڳولي لهڻ. ڊاڪٽر رفيق مغل پاران هڪ تمام اهم دريافت پڻ سامهون آئي تہ: آمري جُڳ کان جهانگار ثقافت يعني 3،500 ق-م کان 900ع تائين ساڳي ئي تهذيب جو تسلسل هو ۽ هُن انهي کي اُسرندڙ، اوج ماڻيل ۽ ڊرڪندڙ سنڌو ثقافت ۾ ورهايو آهي. انهي ڪم کان اڻواقف هجڻ سبب هن ڪتاب ۾ انهن ٽن جُڳن کي ماڻهن جي ڌار ڌار ٽولن جون ڌار ڌار ثقافتون ڪري ڄاڻايو ويو آهي. منهنجي ان راءِ کي رد سمجهڻ گھرجي. هن سنڌ ڪَٿا ۾ انهي کانسواءِ ٻي ڪا تبديلي گھربل ناهي. منهنجي مٿي ڄاڻايل ليکن ۾ گذريل ڏهن سالن دوران هٿ ڪيل سمورو نئون مواد هتي ڪتب آندو ويو آهي.

مون هن ڪتاب ۾ ريڊيو ڪاربان سنہ ڪم آندا آهن. تنهنڪري ريڊيو ڪاربان بابت ڪجھ ٻڌائڻ ضروري آهي. ماضيءَ ۾ ڪيترائي آثار پارکُو هن طريقي جا سخت نقاد رهيا آهن. ڪن هن کي بنھ رد ڪري ڇڏيو ۽ ڪن رڳو مشروط طور قبول ڪيو. مون ان کي انتهائي سائنسي طريقو ڀانيو آهي ۽ سندس نقادن کي آخرڪار هٿيار ڦٽا ڪندي ڏٺو اٿم. هن عمل ۾ پراڻن آثارن وارن ماڳن تان هٿ ڪيل ڪاربان جي نمونن ۾ موجود ريڊيو ايڪٽِوِ ڪاربان-14 جي چڪاس ڪئي ويندي آهي. آڪاش وايو منڊل ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ موجود هوندي آهي، جيڪا ڪائناتي ڪِرڻن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ذريعي ريڊيو ايڪٽِوِ ٿي ويندي آهي. ان ريڊيو ايڪٽِوِ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ وايو منڊل جي هيٺئين تهہ ۾ موجود ٻي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کي ٻوٽا ڪاربان ٺاهڻ لاءِ جذب ڪري وٺندا آهن. 5،730 سالن ۾ ريڊيو ايڪٽِوِ ڪاربان ڳري اڌ وڃي بچندي آهي. ائين آثارن وارن ماڳن تان هٿ ايندڙ ڪوئلي، ڪاٺ، ڪکن، اُٽيل ڪپڙي، رسن، اَنَ ۽ ٻوٽن جي ٻئي مواد ۾ ريڊيو ايڪٽِوِ ڪاربان جو سيڪڙو ڏسي اهو سنہ لهي سگھجي ٿو جڏهن اهو نمونو ٻنيءَ مان ڪنيو يا لُنيو ويو هو. هن طريقي سان گھڻو پراڻن نمونن بابت حاصل ڪيل نتيجن ۾ اوڻايون سامهون آيون آهن. مثال طور آمريءَ جو نمونو 500-600 سال گھٽ ڄمار ڏيکاريندو هو. گذريل ٽيهن سالن دوران ڪيل تحقيق هاڻي ان ڳالھ جو تسلي بخش جواب ڏنو آهي تہ وايو منڊل ۾ ريڊيو ايڪٽِوِٽي صدين تائين سدائين هڪجهڙي ناهي رهي. اها ٿورو گھڻو هيٺ مٿي ٿيندي رهي آهي ۽ 5،500 کن سال اڳ گھٽ هئي، تنهنڪري آمريءَ جي نمونن ۾ ڪجھ اوڻايون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. آمريڪا ۾ لڳل 8،000 سال پراڻن وڻن جي جيئرن نمونن مان ڇلن جي انگ ۽ هر ڇلي ۾ موجود ريڊيو ايڪٽِوِ ڪاربان آڌار انهن جي حقيقي ڄمار لهڻ لاءِ مختلف وقتن لاءِ گھربل درستگين جو حساب لڳايو ويو آهي. مون کي جتي جتي ريڊيو ڪاربان سنہ مليا آهن ڪتاب ۾ ڏنا اٿم ۽ تاريخي سَنن تي پهچڻ لاءِ MASCA درستگيون هر هنڌ ڏنيون اٿم. جڏهن نمونا 3،000 ق-م ٻڌائيندا آهن اتي ريڊيو ڪاربان سنہ عام طور 500-600 سال گھٽ هوندا آهن ۽ 1000 ق-م وارن نمونن ۾ پيري 100 سال گھٽ هوندا آهن. عيسوي سنہ جي شروعات کانوٺي انهن ۾ ڪنهن درستگيءَ جي ضرورت نہ ٿي پوي، تنهن جي معنيٰ تہ گذريل 2000 سالن کان آڪاش وايو منڊل ۾ ريڊيو ايڪٽِوِٽي لاڳيتي هڪجهڙي هلندي آئي آهي.

ڪتاب ۾ 46 نقشا ۽ 14 چارٽ شامل آهن. ٻن نقشا نويسن منهنجي نگرانيءَ ۾ 1977 کان 1983 دوران سنڌ ۽ پر پاسن جا اٽڪل 150 تاريخي نقشا ٺاهيا. هيروڊوٽس، ٽالمي، حوقل، اِستخري ۽ ادريسي جي پنجن نقشن کي ڇڏي ڪنهن به نقشي جو ڪو نقل اڳ ۾ نه ڇپيو آهي. اصل ارادو نقشن کي 'اي هسٽاريڪل اٽلس آف سنڌ اينڊ ايڊجوائننگ ايرياز' طور ڇپائڻ جو هو. هي نقشا سنڌ ۽ پرپاسن بابت ٻين ماهرن پاران هنوقت تائين ٺاهيل سيني تاريخي نقشن کان بهتر آهن. 14 چارٽ نه رڳو سنڌ پر لاڳاپيل اهم علائقن تي راڄ ڪندڙ حاڪمن، راڄ گهراڻن ۽ طاقتور همعصر بادشاهين بابت ڄاڻ ڏين ٿا. ان طريقي سنڌ جي ماضيءَ کي چِٽو ڪري کُنڊائتو پيل واري صورتحال مان ٻاهر ڪڍي ۽ درست مفهوم سان اڳتي آندو ويو آهي.

نقشن سان گڏوگڏ 119 تصويرون پڻ ڪتاب ۾ شامل آهن. انهن منجهان ڪجهه پاڪستان يا ڏکڻ ايشيا ۾ پهريون ڀيرو سامهون آيون آهن. اهي تصويرون ليکڪ پاران 'سنڌز پاسٽ اِن پڪچرز' نالي سان ڌار ڇاپڻ لاءِ گڏ ڪيل ذخيري مان ڪنيون ويون آهن.

پڇاڙيءَ ۾ ڏنل جاگرافيائي ڏسٽي ڪتاب کي آسان حوالن جو هڪ ڀنڊار بڻائي ٿي. ڏات ساگر (ببليوگرافي) ۾ 750 کان وڌيڪ ڪتاب شامل آهن. تنهن کان سواءِ حوالو گهڻو ڪري ليکڪ جي ليکڪ جي نالي سان ڏنو ويو آهي، سواءِ ان جي ته ڪو ڪتاب پنهنجي نالي سان چڱي طرح ڄاتل سڃاتل نه هجي، جهڙوڪ تحفته الڪِرام. پڙهندڙن کي ڪنهن حوالي هيٺ آيل ڪتاب بابت ڏات ساگر مان مڪمل تفصيل حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائي نه ٿيندي. مونجهاري کان بچڻ لاءِ، سواءِ چند جاين جي، نالا ننڍا ڪري ڏيڻ کان پاسو ڪيو ويو آهي.

پوري نسخي تي نظرثاني ڪري سنڌ بابت ڄاڻ کي هڪ نئين ترتيب ڏني وئي آهي ۽ اها تڪڙي حوالي طور هيٺ ڏجي ٿي:

| | | |
|---|---|---|
| .01 | اتر سنڌ ۾ وچولو پٿر جُڳ | 500،000 سال اڳ - 35،000 ق-م |
| .02 | اتر سنڌ ۾ پويون پٿر جُڳ | 35،000 ق-م - 9،000 ق-م |
| .03 | شڪاري ۽ مهاڻا قبيلا | 9،000 ق-م - 3،500 ق-م |
| .04 | وچولو پاهڻي (ميسولٽڪ) جُڳ | 6،000 ق-م - 4،000 ق-م |
| .05 | وچولو پاهڻي جُڳ/مهر ڳڙهه ۾ نئون پاهڻي (نيولٽڪ) جُڳ | 6،000 ق-م - 4،000 ق-م |
| .06 | سنڌ ۾ نئون پاهڻي جُڳ | 4،000 ق-م - 3،500 ق-م |
| .07 | ٽامو-پتل جُڳ (سنڌو ثقافت) | 3،500 ق-م - 900 ق-م |
| | i. آمري: اُسرندڙ سنڌو ثقافت | 3،500 - 2،300 ق-م |
| | ii. ڪوٽ ڏيجي | 2،800 - 2،300 ق-م |
| | iii. موهن جو دڙو: ساماٽل سنڌو ثقافت | 2،300 - 1،650 ق-م |
| | iv. H قبرستان (سِمٽري-ايچ). (ڊرڪندڙ سنڌو ثقافت) | 1،750 - 1،350 ق-م |
| | v. جهُڪر (ڊرڪندڙ سنڌو ثقافت) | 1،650 - 1،350 ق-م |
| | vi. جهانگار (ڊرڪندڙ سنڌو ثقافت) | 1،200 - 900 ق-م |
| .08 | رِگ ويدِي آرين جو اچڻ | 1000 - 900 ق-م سوات ۾<br>900 - 800 ق-م بلوچستان ۾ |
| .09 | آرين جو سنڌ ۾ اچڻ | 800 ق-م |
| .10 | رِگ ويد جو رچجڻ | 1000 ق-م |
| .11 | رِگ ويد جون آخري ويڏيون (شلوڪ) رچجڻ ۽ ٻيا ٽي ويد لکجڻ | 1000 - 800 ق-م |
| .12 | براهمڻن جو لکجڻ | 800 - 600 ق-م |
| .13 | لاڪياري پير (سنڌ) وارا رڱيل خاڪي ٿانوَ | 800 ق-م |
| .14 | سوات ۾ سنڌو-يورپي لڏ پلاڻ جي هڪ نئين لَهر | 713 - 440 ق-م |
| .15 | پويون براهمڻ دور | 700 ق-م |
| .16 | سُوتر جُڳ | 600 - 200 ق-م |
| .17 | پهريان اُپنيشَد | 600 - 500 ق-م |
| .18 | اترئين ڏکڻ ايشيا جا 16 مهاجن پَد (بادشاهيون) | 600 - 500 ق-م |

| | | |
|---|---|---|
| 19. | پالي، ٻوڌين جي سرڪاري ٻوليءَ طور | 550 ق-م - ٻين صدي عيسوي |
| 20. | ڪياني | 519 - 450/400 ق-م |
| 21. | سنڌ جون ننڍيون بادشاهيون | 450 - 400 - 325 ق-م |
| 22. | سڪندر ۽ سندس پونيَر | 325 - 323 ق-م |
| 23. | موريا | 321 - 187 ق-م |
| 24. | ٻڌ مت جو سنڌ ۾ متعارف ٿيڻ | 272 ق-م |
| 25. | باختري يوناني | 184 - 70 ق-م |
| 26. | سِٿي | 70 ق-م - 46ع |
| 27. | پارٿي | 46ع - 78ع |
| 28. | ڪُشان (اتر سنڌ) | 78 - 175ع |
| 29. | پارٿي (ڏکڻ سنڌ ۽ 175ع کان پوءِ پوري سنڌ) | 78 - 283ع |
| 30. | ساساني | 283 - 356ع |
| 31. | واهلِيڪا | 356 - 415ع |
| 32. | سنڌ جون ننڍيون بادشاهيون | 415 - 475ع |
| 33. | مالوا جا هُن | 475 - 499ع |
| 34. | راءِ | 499 - 641ع |
| 35. | برهمڻ | 641 - 711ع سڄي سنڌ<br>715 - 725ع اوپر سنڌ |
| 36. | اُموي خليفن جا گورنر | 711 - 750ع |
| 37. | عباسي خليفن جا گورنر | 751 - 854ع |
| 38. | هباري | 854 - 1011ع |
| 39. | سومرا | 1011 - 1351ع |
| 40. | سما | 1351 - 1524ع |
| 41. | ارغون | 1524 - 1554ع |
| 42. | ترخان | 1554 - 1591ع |
| 43. | مغلن جا گورنر | 1587 - 1591ع اتر سنڌ<br>1591 - 1700ع سڄي سنڌ<br>1700 - 1736ع ڏکڻ سنڌ |
| 44. | ڪلهوڙا | 1700 - 1783ع |
| 45. | ٽالپر | 1783 - 1843ع |
| 46. | انگريز | 1843 - 1947ع |
| 47. | پاڪستان حڪومت | 1947 - هنوقت تائين |

اميد ته هي ڪتاب نه رڳو ڏاهن، محققن ۽ استادن پر شاگردن ۽ هن مضمون ۾ دلچسپي رکندڙ عام ماڻهن لاءِ پڻ سنڌ جي تاريخ کان اڳ وارن جُڳن ۽ تاريخ بابت حوالن جو هڪ سٺائو ڀنڊار مهيا ڪندو.

**ايم. ايڇ. پنهور**

جولاءِ 15، 1983ع

# مڃتائون

مان هنن شخصن ۽ ادارن جو ٿورائتو آهيان، جن مون کي سندن ذاتي ۽ سرڪاري لائبريريون، تصويرن جا ڀنڊار ۽ عجائب گهرن ۾ رکيل وٿون استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ هي ڪم سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي مهربانين سان سندس معتبر رسالي سنڌ ڪوارٽرلي ۾ اٺن سالن تائين سلسليوار ڇپجڻ دوران ان بابت وقت بوقت پنهنجا رايا ڏيندا رهيا: محمد اشتياق خان، ڊئريڪٽر آرڪيالاجي، حڪومت پاڪستان، جنهن سندس داري پاران ڇپرايل مختلف ڪتابن تان تصويرون ڪٽي ڇاپڻ جي اجازت ڏني؛ ايم. ايم. بيگ صاحب، لائبريرين، آرڪيالاجي کاتو، حڪومت پاڪستان، جنهن حوالن لاءِ ڪوڙ سارا ڪتاب اُڌارا ڏنا؛ ڊاڪٽر رفيق مغل، جنهن جي ڏاهپ ڀرئي ڪم سان ڀهريون پيرو راءِ جُڙي ته سنڌو تهذيب ۽ ثقافت آمريءَ کان وٺي جهانگار تائين اُسرڻ، اوج ماڻڻ ۽ ڊرڪڻ وارن مرحلن جي اٽڪل 2،500 سالن تي مشتمل آهي؛ حليم صاحب، جنهن پاران ڪيل منصوره جي کوٽائيءَ ان ماڳ جي قِدمِ بابت تاريخي رڪاردن جي تصديق ڪئي؛ خورشيد شيخ صاحب، جنهن مختلف آثاري ماڳن بابت ويچار ونڊيا ۽ آرڪيالاجي کاتي جو فوٽوگرافر ايس. اي. صديقي صاحب، جنهن مختلف ماخذن مان تصويرون ٺاهي ڏنيون.

ڪتاب ڇپائيندڙ وائيس چانسلرن شيخ مبارڪ اياز، جنهن ڪتاب ڇپرائڻ جي منظوري ڏني ۽ الياس ابڙو صاحب، جنهن مختلف مالي ۽ انتظامي منظوريون ڏنيون؛ ڊاڪٽر جِي. الانا، ڊئريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، جنهن ڪتاب جي ڇپائي پنهنجي ذمي ڪنئي ۽ انسٽيٽيوٽ جي عجائب گهر مان ڪجهه ڪتابن ۽ شين جي فوٽو ڪاپي ڪرڻ جي اجازت پڻ ڏني؛ پروفيسر ايم. اي. صديقي، ڊئريڪٽر جنرل، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، جنهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ مالي طور حصو ڳنڍيو؛ حميد آخوند ۽ ظفر ڪاظمي صاحب، جن سنڌ عجائب گهر جون ڪوڙ ساريون وَٿون تصويرون ۽ خاڪا ٺاهڻ لاءِ ڏنيون؛ ڊاڪٽر اين. اي. جِي. خان، جنهن سڄي مسودي کي اک مان ڪڍيو، ان کي ٻيهر ٽائيپ ڪرايو ۽ درست ڪيو؛ نقشا نويسن ظهير ۽ اسلم، جن 6 سالن کان وڌيڪ لڳائي 150 نقشا ۽ چارٽ ٺاهيا، جن منجهان 60 هتي ڪم آندا ويا آهن؛ مرحوم سيد حسام الدين راشدي، جنهن ڪجهه اهم نوان ماخذ ٻڌايا؛ ڊاڪٽر رياض الاسلام، جنهن سنڌ ۾ سما دور بابت سندس اهم مواد ڪم آڻڻ جي مون کي اجازت ڏني؛ محمد اعجاز صديقي، جنهن نثر ۽ هن ڪتاب ۾ شامل نقشن جا پروف پڙهيا؛ محمد ابراهيم جويو، جنهن مواد کي نظر مان ڪڍيو، ڇپائيءَ لاءِ ترتيب جوڙي ۽ پهرين 48 صفحن جا پروف پڻ پڙهيا؛ اسڪرينو جو اسرار صاحب، جنهن ڪَوَر ڊزائين ڪيو؛ ايجوڪيشنل پريس ڪراچي جو فيروز صاحب، جنهن تمام گهڻو سهڪار ڪيو؛ الله رکيو ٻُٽ صاحب، جنهن ڪتاب جي مضمونن جي تفصيلي فهرست ٺاهي ۽ آخر ۾ مهتاب راشدي صاحب، جنهن انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊئريڪٽر جو عهدو سنڀاليندي ئي ڪتاب جي گهٽ ۾ گهٽ وقت اندر تياريءَ لاءِ خصوصي دلچسپي ورتي، جو پڻ ٿورائتو آهيان.

**ايم. ايڇ. پنهور**

نقشو نمبر 01

# سنڌ جو ڌرتي ـ جوڙ نقشو

## ساڍا ٽي ارب سالن کان هنوقت تائين سنڌ جو جُڙڻ ڏيکاري ٿو



# ڏرتي_جوڙ ڪئلينڊر

## سپ ڪان آڳاٽو يا پهريون ڏرتي_جوڙ (پِري ڪئمبرين) جُڳ

**3،500،000،000 يا ساڍا ٽي ارب سال اڳ يا اڃا بہ اڳي:**
سپ ڪان آڳاٽي ڏرتي-جوڙ جُڳ جي نگرپارڪر ٽڪرين جو جُڙڻ.
انوقت سينوَر ۽ ڪائي يا ڪَلُ ڪان سواءِ زندگيءَ جو ڪو وجود نہ هو.
هاڻ ڪجھ سائنسدان جي راءِ آهي تہ انهن جبل جي ڄمار 5 بِليَن سال آهي،
ٻيا وري اٽڪل 190 ڪان 300 مِليَن (اڻويھ ڪان ٽيھ ڪروڙ) سال ٻڌائين ٿا.

## ٻيون ڏرتي_جوڙ (پئليوسينِڪ) جُڳ

**62،000،000 - 48،000،000 سال اڳ:**
سَنَ، مانجهند ۽ ٻڍاپور وغيره جي سامهون رني ڪوٽ سلسلي جو جُڙڻ،
جنهن ۾ پٽرائجي ويل (پنڊ پهڻ ٿي ويل) وڻ آهن.
حيواني زندگيءَ جو قسم جيڪو پهرئين ڏرتي-جوڙ جُڳ وارن جبلن ڪانوٽي سرجيو هو ۽ اڃا هليو پئي تنهن ۾ جيت ۽ هڏائن پڃرن ۽ ڪنڊن واريون مڇيون شامل هيون. پکي اڃا سرجيا پئي. ٿڻن وارا جانور پوري طرح سرجيل هجڻ واري ڏاڪي تي نہ رسيا هئا. ماڻهو اڃا پيدا نہ ٿيو هو. ٻوٽن ۾ ڪُنڀي/ڦُنگي، مختلف قسمن جا سينوَر، ڪائِي، ڪَلُ، بنا ڏانڊيءَ وارا ٻوٽا، ڦڙهن وارا ٻوٽا، سامونڊي گاھ ۽ ڪجيءَ جهڙي پن وارا ڦڙهي ٻوٽا (بنا ڪوپي ٻج وارا) اڄ وانگر موجود هئا، پر ڪوپي بند يا ڍڪيل ٻج وارا ٻوٽا اڃا انوقت سرجڻ شروع ٿيا هئا.

## ٽيون ڏرتي_جوڙ (ايئوسين) جُڳ (ڏرتيءَ جي ٽئين طبقي جو هيٺيون تہ جرڻ)

**47،000،000 - 39،000،000 سال اڳ:**
لَڪِيءَ جي سامهون ڪان جهمپير وغيره تائين چُوني پٿر واري لڪي سلسلي جو جُڙڻ.
زندگي ساڳي رني ڪوٽ سلسلي قسم واري هلندي آئي، سواءِ ان جي تہ هڏائين مڇين ۽ پکين ۾ وڌيڪ اوسر ٿي.
ٿڻن وارا جانور بہ سرجڻ جي اڳيرن ڏاڪن تي اچي پهتا.
رني ڪوٽ سلسلي وانگر ڪجھ قسم جي ساوڪ موجود هئي، پر ڪل يا ڪوپي ۾ بند يا ڍڪيل ٻج وارن ٻوٽن ۾ اوسر جو عمل هلندو رهيو.

**39،000،000 - 37،000،000 سال اڳ:**
ٽاڻي ٻولا خان ويجهو ٽياڻ سلسلي جو جُڙڻ.
جانورن ۽ ٻوٽن جا قسم ساڳيا لڪي سلسلي وارا هلندا آيا، پر اوسر جو عمل هلندو رهيو.

اڳ وارن ڏرتي پارڪُن بلينفورڊ ۽ ٻين هن سلسلي کي ڪيرٿر جي جبلن سان ملائي ڇڏيو هو، جيڪي هن سلسلي کان ڄمار ۾ ننڍا آهن.

نقشو نمبر 02

# 2500 _ 1000 ق_م

# اُسرندڙ، اوج تي پهتل ۽ ڍرڪندڙ سنڌو تهذيب جي پکيڙ




سنڌو تهذيب جو جنم مهرڳڙهه ۾ ٿيو، جنهن 6500 ق-م (7000 ق-م) کان 2500 ق-م تائين اُسرندڙ سنڌو تهذيب جي آمري (3700 ق-م) ۽ ڪوٽ ڏيجي (3300 ق-م) ثقافتن ۽ اڳتي هلي اوج ماڻيل سنڌو تهذيب (2350-2000 ق-م) جي وڌڻ ويجهڻ جي واٽ ٺاهي. تنهن کانپوءِ اها ڍَرڪڻ لڳي ۽ 3000-1300 ق-م ۾ جهُڪر (سمڙي ايچ) ۽ 1300-900 ق-م ۾ جهانگار ثقافتن جو روپ ڌاريائين. سڀي تهذيب ڏيهي هئي، ٻاهر سان ٻنهه گهٽ لاڳاپا ۽ واپار هئس، جن جي ڪري ٿي سگهي ٿو ڪجهه نوان تصور ۽ ڪٽڪ ۽ جوَن جا ڳپَ (ٻج) مهرڳڙهه ۾ آيا هجن.

**36،000،000 - 33،000،000 سال اڳ:**

کيرٿر سلسلي جي جبلن جو جُڙڻ.

زندگي ساڳي ٿياڻ سلسلي واري هلندي آئي.

دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي قلات ضلعي سان دنگ تي عام طرح سان کيرٿر سڏجندڙ هن سلسلي ۾ لڪي، کيرٿر، ناري، گاج ۽ منڇر سڏجندڙ پنج ئي سلسلا اچي وڃن ٿا. گهڻ چمار ڪاچو هنن ٽڪرين جي پيرن ۾ آهي.

**27،000،000 - 18،500،000 سال اڳ:**

ناري سلسلي جي ٽڪرين جو جُڙڻ.

جانورن ۽ ٻوٽن جا ساڳيا کيرٿر سلسلي وارا قسم هلندا آيا.

ڪوپي بند ٻجن وارن ٻوٽن ۾ چڱي اوسر ٿي، جيڪا اجا سوڌو هلي پئي.

## جديد ننڍن پنڊ پهڻن وارو (مائيوسين) جُڳ

**18،500،000 - 12،000،000 سال اڳ:**

گاج سلسلي جو جُڙڻ.

زندگي ۽ ٻوٽا ساڳيا ناري سلسلي وارا قسم هلندا آيا.

**2،000،000 - 100،000 سال اڳ:**

منڇر سلسلي جو جُڙڻ.

زندگي ۽ ٻوٽا ساڳيا ناري سلسلي وارا قسم هلندا آيا.

**25،000 سال اڳ کان هنوقت تائين:**

ويجهڙ ۾ جُڙيل جوڙُن جو جڙڻ.

هي اصطلاح سنڌوءَ جي لَٽَ وارن پَٽن سان لاڳو ٿئي ٿو، جيڪي ڌرتي پارکن جي رپورٽن مطابق گهٽي ياڱي ٽن بٺراجن ذريعي پهچندڙ پاڻيءَ واري علائقي ۾ آهن، پر 20،000 سال اڳ سمنڊ 137 ميٽر چڙهڻ سان هاٽوڪين ۽ اڳوٽين ماٽرين جي وچ تي واريءَ جو هڪ سچر ته اچي ويو آهي.

## پٿر جُڳ جو عالمي ڪئلينڊر، ڏکڻ ايشيا سميت

**2،000،000 - 1،000،000 سال اڳ:**

ٽئين ڌرتي-جوڙَ کان پوءِ وارو نئون برفاني جُڳ (پلايو-پلائيسٽوسين).

**1،000،000 - 10،000 سال اڳ:**

آڳاٽو پاهڻي جُڳ (پئليولِٿڪ).

**1،000،000 - 100،000 سال اڳ:**

شروعاتي آڳاٽو پاهڻي جُڳ يا آڳاٽو پٿر جُڳ.

ڪجھ سائنسدان آڳاٽي پٿر جُڳ کي ڏکڻ ايشيا ۾ 1،000،000 - 30،000 ق-م وارو عرصو ڏين ٿا.

**100،000 - 40،000 سال اڳ:**

وچولو آڳاٽو پاهڻي جُڳ يا وچولو پٿر جُڳ.

ڏکڻ ايشيا لاءِ هن جُڳ کي 30،000 - 10،000 ق-م وارو عرصو ڏنو ويو آهي.

**40،000 - 10،000 ق-م:**

پويون آڳاٽو پاهڻي جُڳ يا پويون پٿر جُڳ.

هن جُڳ کي ڏکڻ ايشيا لاءِ 10،000 ق-م کان 2،000 ق-م وارو عرصو پڻ ڏنو ويو آهي.

**10،000 - 5،500 ق-م:**

وچيون پٿر جُڳ يا آڳاٽي پاهڻي جُڳ کان پوءِ وارو جُڳ.

ڪٿي ڪٿي هن کي شروعاتي نئون پٿر جُڳ سڏيو ويو آهي، پر سائنسدانن

**5,500 - 2,300 ق-م:**
پويون يا نئون پٿر جُڳ ۽ ڏکڻ هندستان جو نئون پٿر جُڳ.

**2,300 - 1,800 ق-م:**
سنڌ جو نئين پٿر جُڳ مان مڪمل طرح ٽامي-پتل جُڳ ۾ ٽپڻ.

**1,800 - 800 ق-م:**
مڪمل ٽامو-پتل جُڳ.

**1000 - 800 ق-م:**
ڏکڻ ايشيا جو رُڪ (لوهه) جُڳ ڏانهن ٽپڻ.

**600,000 ق-م کان 10,000 ق-م تائين:**
پويون يا نئون ڌرتي-جوڙَ يا برفاني جُڳ (پلائيسٽوسين).
ڌرتي-جوڙ جي حساب سان هن کي برفاني (ٿڌو) ۽ وچٿري (معتدل) جُڳن ۾ هيٺينءَ ريت ورهايو ويو آهي:

1. 600,000 کان 540,000 ق-م: پهريون برفاني جُڳ (گُنز).
2. 540,000 کان 480,000 ق-م: پهريون گرم جُڳ (گُنز-مِنڊل).
3. 480,000 کان 430,000 ق-م: ٻيون برفاني جُڳ (مِنڊل).
4. 430,000 کان 240,000 ق-م: ٻيون گرم جُڳ (مِنڊل-رِس، دي گريٽ انٽر گليشيل).
5. 240,000 کان 180,000 ق-م: ٽيون برفاني جُڳ (رِس).
6. 180,000 کان 120,000 ق-م: ٽيون گرم جُڳ (رِس-وَرم).
7. 120,000 کان 19,000 ق-م: چوٿون برفاني جُڳ (وَرم).
8. 19,000 ق-م کان اڳتي: چوٿون برف کان پوءِ وارو جُڳ.

هن اصطلاح کي عام طور نہ مڃيو آهي.

پاڪستان جي نئين پاهڻي (نيولٿڪ) جُڳ کي 3500 ق-م کان 1500 ق-م وارو عرصو ڏنو ويجي ٿو. هن ۾ ٽامو-پتل جُڳ بہ اچي وڃي ٿو.

هي نئين پٿر-لوهه (رُڪُ) جُڳ جي پوياڙي پڻ سڏجي ٿو. هي سنہ ڏکي تي ڏنو ويو آهي. سنڌ ۾ وڌيڪ ڪوجنائن ۽ ڪوٽاين سان ٿي سگهي ٿو تہ سنہ اڃا پوئتي هليو وڃي.

سنڌ لاءِ 800 ق-م وڌيڪ مناسب سنہ آهي، جيئن انهي داخلا ۾ ٻڌايل آهي.

زيُونر، ص. 341-346 تي برفاني تهن کي 825,000 کان 115,000 سال پراڻا ڄاڻائي ٿو. ايرڪسن جي ڪم ۾ برفاني جُڳ جي شروعات اٽڪل بہ مِليَن (ويهہ لک) سال اڳ ٿئي ٿي. ايمِيلياني ان کي 300,000 کان 425,000 سال اڳ تائين ڪٽي وڃي ٿو. مٿي ڄاڻايل جُڳ هلپ جا برفاني ڌرتي-جوڙَ جُڳ آهن. سڀ کان آڳاٽو 600,000 ق-م کان اڳ وارو ٻونان سڏجي ٿو. ڊِي-ٽيرا پاران ڪشمير ۾ ۽ پورٽر پاران سوات ۾ ڪيل ڪم ڏکڻ ايشيا ۾ ٻونان جُڳ نٿو ڏيکاري، تنهنڪري ان کي ڪڏي ڇڏيو ويو آهي. هندستان واري پاسي ايمبليٽن ۽ ڪِنگ توٽي ڪرشنا سُوامي جو ڪم مٿين چئن برفاني جُڳن جي ٿورڙين ڦيرڦارن سان تصديق ڪري ٿو.
اصولن ۾ سڄو نرمي اها ٿي آهي تہ برفاني ڌرتي-جوڙَ جُڳ کان اڳ واري ڌرتي-جوڙَ جُڳ کي خود برفاني جُڳ کان اٽڪل ڏيڍوڻو سمجهو ويو آهي. علم حيوانيات جي حساب سان 3 گروپ انساني نسلن (هومونِڊ) جون ڪجهہ دريافتون ظاهر ڪن ٿا، جهڙوڪ:

1. مٿئين يا پهرئين برفاني (پلائيسٽوسين) جُڳ

**ظاهر ڪيو:**
i. اينگَندونگ کي هومو اِريڪٽَس يا پِٽيڪَنٿراپس ڪري.
ii. ان جُڳ جا هوموسيپِيَن هئا:
مونٽس، سِرسيو، جِبرالٽر، اينگِس، اسپاءِ، لا چيپل، لا بيراسيا، ليڪ اياسِي ٽُبُون، ڪراپِينا، ساڪوپيسٽوريس ۽ ايٽرنگسڊف.
iii. مونٽ ڪارميل ۽ فونٽيشيواڊِس انساني نسلن منجهان هئا.

2. وچولي برفاني جُڳ

**ظاهر ڪيو:**
i. چُو ڪوٽائين، ٽرِينِل، ڪاسابلانڪا، ٽَرنيفائين، رباط،

مونٽمَؤرِين مَؤر، موڊجوڪَرٽو ۽ اولڊووَاوِي هومو اِريڪٽَس منجهان هئا.

ii. نِيَنڊَرٿَل هوموسيپِيَن منجهان هو.

3. هينئين يا پوئين برفاني جُڳ

**ظاهر ڪيو:**
چين ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ آسٽريلوپِٿيڪَس.

ڏکڻ ايشيا ۾ برفاني جُڳ تي پيرائتو ڪم نہ ٿيو آهي، جيتوڻيڪ يورپ ۾ تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. اهو مٿئين ۽ وچولي برفاني جُڳن سان لاڳو ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ دراصل پهرئين برفاني جُڳ تي نہ برابر ڪم ٿيو آهي يا بنهہ ڪو نہ ٿيو آهي.








1. رَمِيپِٿيڪَس: جيڪو 14 مِليَن سال اڳ موجود هو۽ جنهن جي اولاد مان هاڻوڪو انسان آهي.
(اَرلي مئن، ڪلارڪ هاويل، نيو يارڪ، 1970، تان).

2. 7-5 مِليَن سال پراڻا ڏند: 1930ع ۾ سِوالِڪ ٽڪرين تان هٿ آيا. هن جا چنهبيارا ڏند (وڏڻ ۽ چيرڻ وارا) ننڍا آهن ۽ حصي رسيءَ آهر هڪجيتري جاءِ والاريندڙ ڏاڙن وارو ونگ نما تارون ٻاهر طرف وريل اٿس. جنهن مان لڳي ٿو تہ ماڻهوءَ جهڙي ڪنهن نسل جا آهن.
(اَرلي مئن، ڪلارڪ هاويل، نيو يارڪ، 1970، تان).



3. 1.6-1.5 مِليَن سال آڳاتو سُدريل آسٽريلوپٿيڪَس.
(اَرلي مئن، ڪلارڪ هاويل، نيو يارڪ، 1970، تان).



4. پٿرائجي ويل يا پند پهڻ ٿي ويل ماڻهو.
مٿين قطار : ڪٿرومينگنَن ماڻهو
وچين قطار : نِيَندَرٿَل ماڻهو
هيٺين قطار : سِنَنٿروپَس
(ايم. ايم. گيراسِموف پاران ريسز آف مئنڪائيند، نيسٽُرخ، ماسڪو (سن ڏنل ناهي) تان ڪٽي سڃو ڪيل).



5. 10،000 ق-م کان 2،500 ق.م: مڇي مارڻ جا پٿرين وارا اوزار.



6. 10،000 ق-م کان هنوقت تائين: پراڻي سِيراهي، پٿر ۾ سوراخ ڪرڻ لاءِ. ان قسم جون سيراهيون هڪ ماڻهوءَ جي هلائڻ جهڙيون ٺاهي هاڻ به ڪاٺ جي ڪم ۾ استعمال ٿين ٿيون.





7. 10،000 ق.م کان هنوقت تائين: ميڙ چونڊ تي گذران ڪندڙ قبيلن پاران اَنُ مهٽڻ (پيهڻ) لاءِ ٺاهيل پراٽا روهي ۽ روهڙو.



8. 2،300 -1،700 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل روهي ۽ روهڙو.

# سنڌ ۾ برفاني جُڳ (پلائيسٽوسين)
## (پٿر جُڳ)

پراڻن آثارن جي حساب سان برفاني جُڳ کي هيٺين ٽن جُڳن ۾ ورهايو ويو آهي:

1. 600،000 - 100،000 ق-م:
   آڳاٽو پاهڻي (لوئر پيليولِٿِڪ) جُڳ (گهڻو آڳاٽو پٿر جُڳ).
2. 100،000 - 40،000 ق-م:
   وچولو پاهڻي (مڊل پيليولِٿِڪ) جُڳ (وچولو آڳاٽو پٿر جُڳ).
3. 40،000 - 10،000 ق-م:
   پويون پاهڻي (اپر پيليولِٿِڪ) جُڳ (گهٽ آڳاٽو پٿر جُڳ).

برفاني جُڳ جي پڇاڙي يعني 10،000 ق-م وقت مُک انساني نسل جهڙوڪ منگولِي (ايشيا)، نيگرو يا ڪارا (وچ آفريڪا)، ڪاڪيشيائي ۽ آسٽريليائي موجود هئا.

1،000،000 - 5،500 ق-م:
پٿر جُڳ.

برفاني جُڳ دوران انساني نسل (پِٿيڪينٿراپَس يا هومو اِريڪٽَس) کي هٿرادو کهاڙيءَ وارن آڳاٽن ڪارخانن سان جوڙيو ويو ٿو. سڀ کان آڳاٽا ثبوت چين مان مليا آهن، جنهن مان لڳي ٿو ته اهي باهه استعمال ڪرڻ ڄاڻندا هئا. وڏيڪ آڳاٽي پٿر جُڳ ۾ سڀ کان آڳاٽا اوزار پٿر جي ڏوڪن يا روڙيءَ مان ٺاهيا ويندا هئا. اهو چقمقي پٿر وري ڪاٺ ۽ هڏن لاءِ ڪم ايندو هو. اهي ٿي ڪچا مال يعني پٿر، ڪاٺ ۽ هڏو گڏجي هٿيار طور ڪم ايندا هئا. ائين آڳاٽو انسان يا هومو اِريڪٽَس جانور ٽولن جي صورت ۾ شڪار ڪري ۽ ڀانت ڀانت جي ڪاچرو ٻوٽن (وَنسپَتي) مان ڪاڏو چونڊي گذران ڪندو هو.

اهي چُرُن (غارن) ۾ رهندا هئا. شڪاري پنٿن وٽ گهڻو ڪري ڌرم (مذهب) موجود هو. خلقڻهار جو ڪو تصور موجود نه هو.
جيڪڏهن ميجي ته برفاني جُڳ کان اڳ وارو ٽڏو جُڳ برفاني ڌرتي-جوڙَ جُڳ کان ڏيڍوڻو هليو ته پوءِ هومو اِريڪٽَس جي موجودگي 1،200،000 کان 1،500،000 سالن تائين وڃي ٿي پهچي.
ڏکڻ ايشيا ۾ برفاني جُڳ جي ٽٽڻ وارن جانورن بابت کوجنا اجا ڪچي هئي. هن جُڳ ۾ بوسناميديڪَس (اڻ ڏاريل ڳاوا ڍور) ڏکڻ ايشيا ۾ چريا پئي. زيُونر جو خيال آهي ته ٿوهي وارو ڍڳو (زيبُو) انهن ڍورن جي ٻُڻ مان هوندو. موهن جي دڙي جي مُهرن وارو بنا ٿوهي وارو ڍڳو (بوسپرِميجِينِيَس) سنڌ ۾ هنوقت تائين هليو ايندڙ قسم جو پُرڪو (وڏو) لڳي ٿو، پر ان جي جنم ڀومي اولهه ايشيا آهي. اهو سنڌ ۾ ڪڏهن پهتو، اجا درست ڄاڻ نه ملي سگهي آهي.
ڏکڻ ايشيا ۾ ايليفاس نامادِيڪَس ۽ ايليفاس هُسُدرِيڪَس پٿر جي آڳاٽي ۽ وچولي ٻنهي جُڳن جي اوزارن سان لاڳاپيل ڏٺو ويو آهي .
هنن جانورن جا هڏا پٿر جي اوزارن سان گڏ نَربَدا، گوداوَري ۽ ڀِيمر ماٿرين مان لڌا آهن. ائنلز آف جيالاجي ڊپارٽمينٽ، عليگڙهه يونيورسٽي، جلد ١٧، 1968 ۾ خان هنن جو سنه 120،000 کان 60،000 ق-م ٻڌايو آهي.
بدقسمتيءَ سان سنڌ ۾ هن قسم جي ڪم جي اڻاٺ آهي، جنهن جو مُک ڪارڻ سمنڊ جو 20،000 سال اڳ چڙهڻ آهي.

نئين دهليءَ ۾ ايشين آرڪيالاجي جي ڪانگريس 1961 ۾ فيصلو ڪيو ته موجوده ڄاڻ آڌار پٿر جُڳ کي پٿر جي آڳاٽو، وچولو ۽ پويون جُڳن ۾ ورهائڻ گهرجي.
بلوچستان ۽ سنڌ ۾ گهر وسائي ويهڻ واري ڪجهه عرصي ۾ مال ڌارڻ ۽ ڪا پوک ڪرڻ لاءِ صرف پٿر ئي ڪم ايندو هو. اهي نئين پاهڻي جُڳ (ڪيتي جُڳ) جي شروعاتي مرحلي يا پاهڻي جُڳ جي وچ يا آڳاٽي جُڳ جي وچ واري مرحلي جي 4،500 سالن (9،500 - 5،500 ق-م) جا چئي سگهجن ٿا.

# آڳاٽو پٿر جُڳ

**1،000،000 - 100،000 سال اڳ:**

ڏکڻ ايشيا ۾ آڳاٽو پٿر جُڳ.

ڏکڻ ايشيا ۾ هن موضوع تي اسان وٽ تمام گهٽ ثقافتي ڄاڻ آهي، ان کان وڌيڪ اها پٿر جي اوزارن مان ڀاڻ مان حاصل ڪرڻي پوندي: اولهه ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا سان پوروچوٽ هٿ-ڪهاڙيءَ وارن ڪارخانن سميت.

اوزارن ۾ هٿ-ڪهاڙي، تراڪڙي ۽ چپٽري شڪل وارن چيريندڙ ڦرن وارا اوزار، وَڍَ ٽُڪَ جا اوزار ۽ پٿر جون چيراڦيون شامل آهن.

ان قسم جا اوزار آڳاٽي پٿر جُڳ بجاءِ وچولي پٿر جُڳ جا هئا ۽ سچ پچ به ان جُڳ جا ئي سگهن ٿا.

سپ کان آڳاٽو پٿر جُڳ رڳو شڪار ۽ ڪاڏي ميڙ سان جڙيل هو، آئيندي لاءِ بچائي رکڻ سان نه. ماڻهو ننڍين ننڍين ٽولن ۾ رهندا هئا: سدائين تباهيءَ، وَبا ۽ ننڍي ڄمار ۾ موت جي جوکم ۾.

پراڻي دنيا ۾ هي عظيم ڪهاڙي ثقافت وارو جُڳ هو، پر ڏکڻ ايشيا ۾ مناسب مقدار ۾ مواد نه لڌو آهي. هي جُڳ پلائيسٽوسين جي وچ تائين هليو.

برجٽ ۽ آلچن، ص. 53.

لال بي. بي. (1956) بياص درياءَ جي ماٿريءَ مان آڳاٽي پٿر جُڳ جا ڪجھ اوزار رپورٽ ڪيا آهن. هن ڏيکاريو آهي ته جيئن جيئن پنجاب کان ڏکڻ-الهندي يا ڏکڻ-ايرندي پاسي يعني سنڌ ۽ بيڪانير ڏانهن وڌجي ٿو وَڍَ ٽُڪَ جي اوزارن جو تناسب تيزيءَ سان گهٽبو ٿو وڃي. هن مسئلي جي پيرائتي چند ڄاڻ سمنڊ جي سطح ۾ ڦيرن واري اڳلي داخلا ۾ ڪئي وئي آهي.

سون ماٿريءَ مان قطعي طور آڳاٽي پٿر جُڳ جا قرار ڏنل اوزار آهن: وَڍَ ٽُڪَ وارا اوزار، هٿ-ڪهاڙيون ۽ چيريندڙ اوزار: جيئن ڊِي ٽيرا ۽ پيٽرسن ڄاڻايا آهن.

نگرپارڪر ويجهو لوٽي درياءَ مان آڳاٽي پٿر جُڳ جي اوزارن جي ليٽڻ سان انوقت سنڌ ۽ پنجاب ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن جي قسمن بابت هڪ دلچسپ سوال اٿي ٿو، جيڪي هنوقت ڪيترائي فٽ هيٺ ڌرتيءَ ۾ پوريا پيا آهن.

گوردِن، ص. 6.

پيٽرسن: ورلڊ ڪورليشن آف پلائيسٽوسين، ص. 395.

## سنڌ ۾ وچولي ۽ پوئين پٿر جُڳن دوران سمنڊ جي سطح ۾ ڦيرا

سمنڊ ۾ ان جُڳ ۾ آيل چاڙهه هاڻ جي پيٽ ۾ ميٽرن ۾ هن ريت رهيو:

| | |
|---|---|
| 5،000 سال اڳ | 03 ميٽر |
| 10،000 سال اڳ | 37 ميٽر |
| 20،000 سال اڳ | 120 ميٽرن کان وڌيڪ |
| 30،000 سال اڳ | 30 ميٽر |
| 40،000 سال اڳ | 90 ميٽر |
| 50،000 سال اڳ | 130 ميٽرن کان وڌيڪ |
| 60،000 سال اڳ | 90 ميٽر |
| 70،000 سال اڳ | 52 ميٽر |
| 80،000 سال اڳ | 30 ميٽر |
| 90،000 سال اڳ | 15 ميٽر |
| 100،000 سال اڳ | 00 ميٽر |

شيپرڊ ۽ ڪُرّي، اوشينوگرافي، جُلد IV، 1967، ص. 283-291.

زيُونر، دي پلائيسٽوسين پيريَڊ.

هن بيان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته 10،000 سال اڳ سنڌوءَ جا پَٽَ پَڪَ سان 125 مٿاڇري ليڪن (ڪنٽُور لائين) تائين پاٽيءَ هيٺ ٻڏي ويا هوندا ۽ جيڪڏهن سنڌ جا پَٽَ موهن جي دڙي جُڳ کانوني 13 فٽ مٿي ٿيا آهن ته مطلب اهو ٿيو ته سمنڊ 10،000 ق-م ۾ 160 فٽ مٿاڇري ليڪن کي وڃي ڇُهيو يعني هاڻوڪي شهر لاڙڪاڻي جو ويجهو هو. 11،500 ق-م يا 9،500 ق-م ۾ سمنڊ پَڪَ سان هاڻوڪي رُڪ اسٽيشن کي ڇُهيو هوندو. ملتان وارو علائقو 20،000 ق-م تائين پاٽيءَ هيٺ ٻڏل هو. ههڙي صورتحال ۾ سنڌوءَ جي پَٽَن يا ٽر ۾ آڳاٽي يا وچولي پٿر جُڳ جي ڪا به وسندي پَڪَ سان ڪيترائي فٽ هيٺ پورجي وئي هوندي. جابلو علائقي ۾ پٿر جا جيڪي ڪارخانا بچي ويا سي پَڪَ سان سمنڊ جي هاڻوڪي سطح کان 450 فٽ مٿي هوندا. 20،000 سال اڳ سنڌوءَ جا ملتان تائين سمورا لٽياسا پَٽَ، سچو جو سچو ٽر ۽ راجستان جو اولاهيون ڀاڱو پَڪَ سان سمنڊ ۾ ٻڏل هوندا.

اوڀر ۾ بنگلاديش، اولهه بنگال، بهار ۽ اتر پرديش جو وڏو ڀاڱو پَڪَ سان سمنڊ ۾ ٻڏل هوندو. امڪان آهي ته ايرندي ۽ الهندي نارُون به ڪجھ صدين لاءِ ملي ويون هونديون. هن جي ڪري سنڌ ۽ ٻين متاثر علائقن جا ماڻهو پَڪَ سان دکن واري پوئي ڏانهن لڏي ويا هوندا. ايندڙ 10،000 سالن دراوڙن جي نسلي واڌ ۾ مدد ڏني هوندي، جن کي دکن ۾ اجا تائين سرسي آهي.

اٽڪل 12،000 سال اڳ سمنڊ اتر سنڌ تان لهڻ شروع ٿيو. وچولي پاهڻي جُڳ جو ماڻهو، جنهن جو گهٽي ڀاڱي گذران سنڌوءَ مان مڇي مارڻ، سنڌوءَ جي ٻيلن مان پکي ڦاسائڻ ۽ شڪار ڪرڻ تي هو، پَڪَ سان گهڻو ڪري دڪن مان آيو هوندو ۽ پنجاب ۽ بلوچستان مان ايندو رهيو هوندو.
هنٽِنگ پنهنجي موهن جي دڙي واري رپورٽ ۾ ٻڌائي ٿو ته سمنڊ جي سطح موجوده ملتان تائين اٽڪل 11،500 ق-م ڌاري چڙهي، سو غلط آهي.
پاڻيءَ لاءِ ڊرلنگ ڪندي مون کي 100 فٽن تي يا اجا به هيٺ ڪوئلي ۽ پٿر جا ذرڙا ڏسڻ ۾ آيا. اهي هٿ آيل شيون هٿ اچڻ واري ماڳ جي تفصيلن سان گڏ ٿنڊو ڄام ورڪشاپ ۾ رکيل هئا ۽ هاڻ لڳي ٿو ته وڃائجي ويا آهن. هنٽِنگ ٽيڪنيڪل سروسز کي پڻ ڊرلنگ دوران پٿر جا ڪجھ ذرڙا لڌا هئا. اهو پٿر سنڌ جي اولاهين ٽڪرين جو نٿي لڳو.
9،000 سال اڳ سمنڊ جو ڪنارو پَڪَ سان حيدرآباد جي اتر ۾ ۽ ممڪن طور هالا جي ويجهو هوندو. سنڌوءَ جي مڇيءَ ۽ ٻيلن انوقت تائين پَڪَ سان وچولي پاهڻي (ميسولٿڪ) جُڳ جي ماهڻن ۽ شڪارين جي وڏي انگ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو هوندو. انوقت جي حالتن مطابق سنڌ ۾، ڏکڻ ايشيا جي ڪنهن به ٻئي ڀاڱي جي ڀيٽ ۾، آباديءَ جي گهڻ کي تاتڻ جي وڌيڪ سگھ هئي. گهڻو ڪري انهي ئي زماني ۾ تُرها ۽ مڇي مارڻ لاءِ ڪُنڊيون نهيون. سيٽاهون ۽ مڇيءَ جا ڄار گهڻو ڪري ٿورو پوءِ آيا هوندا.

## وچولو پٿر جُڳ يا وچولو پاهڻي جُڳ

**100،000 - 40،000 ق-م:**

ڏکڻ ايشيا ۾ وچولو پٿر جُڳ 47،000 - 27،000 ق-م جي وچ تي اچي ٿو.
هند اپيبيٺ لاءِ وچولي پٿر جُڳ واري ته جو ريڊيو ڪاربان سنہ هن عرصي ۾ اچي ٿو. اسرائيل، شام، لبنان ۽ عراق ۾ اولهه ايشيائي پٿر جُڳ لاءِ همعصر سنہ آهن 54،000 ڪان 38،000 ق-م. افغانستان ۾ موسطري مجموعي کي 32،000 ق-م جو قرار ڏنو ويو آهي.
خيبر پختونخوا صوبي ۾ سَنگهائو ڏکڻ ايشيا ۾ پٿر جُڳ جو سڀ ڪان آڳاٽو ماڳ آهي. اهو وچولي پٿر جُڳ جو يا اجا به آڳاٽو ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان جي ريڊيو ڪاربان پڙتال نہ ٿي آهي.
ويجهڙ ۾ فيئرسروِس جي رپورٽ اچڻ تائين، جنهن ۾ وچولي پٿر جُڳ جو صرف هڪ ماڳ سنڌ ۾ جهرڪ ويجهو ڄاڻايل آهي، ڏکڻ ايشيا ۾ آڳاٽي يا وچولي پٿر جُڳ جي ٻئي ڪنهن به ماڳ جي ڄاڻ نہ هئي.
وچولي پٿر جُڳ ۾ ماڻهوءَ پنهنجي زندگيءَ کي مقامي ضرورتن آهر ڍاليو، سڀ ڪان آڳاٽي پٿر جُڳ جي ڀيٽ ۾ شڪار ۽ کاڌي ميڙَ جا طريقا سڌاريا ۽ ايندڙ ڪجھ ڏينهن لاءِ ڪجھ بچائي پڻ رکيو. اهو پوئين پٿر جُڳ ڪان مَٽَ هو، جنهن ۾ شڪار ۽ کاڌي ميڙ جا طريقا وڌيڪ اثرائتا هئا ۽ آئيندي جي ضرورتن لاءِ ڪجھ بچائي رکبو هو، پر پاٽيرائي نہ هئي.

ڪاڏو اپائڻ ۾ پاٽيرائي ۽ آئيندي لاءِ بچائي رکڻ واري معيشيت نئين پهڻي

اَگروَال ۽ ڪُسُمگَر، ص. 42-44.
فيئرسروِس، رُوٽس آف انڊيا، نيو يارڪ، 1971، ص. 76.
برِجٽ ۽ آلچِن، ص. 33، 57 ۽ 68.
ڊِي ٽيرا ۽ پيٽرسن کي سون تان وچولي پٿر جُڳ جا ڪوڙ اوزار لڌا آهن.

برِجٽ ۽ آلچِن ٻڌائين ٿا ته ڊاڪٽر داني پاران سَنگهائو غار جي کوٽائيءَ جي رپورٽ لائق کوٽائيءَ جي باوجود هن انو کي ماڳ سان گهٽ انصاف ڪيو آهي. هن معاملي ۾ هڏن ۽ ڪوئلي جي ريڊيو ڪاربان پڙتال نہ ڪئي وئي آهي، تنهنڪري ان کي ٺهڪندڙ سنہ نہ ڏنو ويو آهي. پروفيسر رئوف سنڌ جي ڪوهستان ۾ ڪڏيجي، مول، جيراندو، ٿڌو ۽ وَٽِنواري نئين کي ڀرينڊڙ علائقن ۾ پٿر جُڳ جا ڪجھ ماڳ ڳولي لڌا آهن، پر انهي پنهنجا انگ اکر ڇپرايا ناهن.

جُڳ يا ٽامو-پتل ثقافتن ۾ آئي.

وچولي پٿر جُڳ ۾ پٿر جي چيراقين وارن اوزارن جا ڪارخانا آڳاٽي پٿر جُڳ جي ڪارخانن مان اُسريا. مُک اوزار چيراقين مان ٺهيل ڪُرپيون ۽ ٻيا اوزار ۽ گهڙيل پٿر هئا. هي ڪجھ حالتن ۾ جهڙوڪ اولھ پاڪستان ۾ سَنگهائو چُرَ (غار) مان لڌا آهن. سنڌ جي چُرُن جي ڪڏهن بہ جاچ نہ ٿي آهي، جيتوڻيڪ اهي سيوهڻ ۽ ڪوٽڙي تعلقن رڳو ٿورڙيون ئي آهن. راجستان ۾ نگرپارڪر تعلقي ويجهو لوڻي درياءَ آڳاٽي پٿر جُڳ جي اوزارن سان گڏوگڏ وچولي پٿر جُڳ جا اوزار بہ ظاهر ڪيا آهن.

## پويون پٿر جُڳ (پٿر جڳ جي پوياڙي)

**40،000 - 10،000 سال اڳ:**

اوزارن مان لڳي ٿو تہ انهن جو پاڻ ڪان اڳ وارن اوزارن سان ڳانڍاپو آهي. هنن اوزارن جي مُک سجاڻپ ننڍڙي پٿري آهي.

سنڌ ۾ ڪارٽر ڪي اهڙا اوزار لڌا، پر انهن جي پيرائتي ڇنڊ ڇاڻ نہ ٿي.

اوزار ننڍن پوروچوٺ پاسن تي مهارت سان گهڙيل ڦَرن وارا آهن. ڦَرَ ننڍا آهن ۽ انهن جي مٿان ڏڪ هڻڻ وارا ٻئي اُڀار ۽ انهن ڪي گهڙيندي پٽرتي پيل نشان تمام گهڻ گهرا آهن. ڦَرَ پاسيري ڏڪ سان گهڙيا ويندا هئا يعني ڪنهن هڏي يا سخت ڪاٺيءَ جي ڇهنب پٿر تي رکي مٿان هٿوڙو هڻبو هو؛ ٺريل ڇيڻيءَ وانگر ، جيئن اها اڄ بہ استعمال ڪئي وڃي ٿي.

هن مقصد لاءِ روهڙيءَ وارو چقمق پٿر استعمال ٿيندو هو. سنڪاليا (1966) پاران ڇپايل اوزارن جي هڪ ترتيبوار فهرست روهڙيءَ جي پٿرن ۽ پٿر جي چيراقين تي تمام گهڻ روشني وجهي ٿي.

ڊِي ٽيرا، پيٽرسن ۽ سنڪاليا پاران ڪيل پوئين پٿر جُڳ جي کوٽائين مان عام طور تي جانورن جهڙوڪ ڏاريل ڪتي (ڪينِس فيميلِيَرِٽِيز)، ٿوهي واري ڏڳي (بوس انڊيڪَس)، مينهن (بُوبالَس بابالِس)، ٻڪري (ڪيپرا هِرڪَس آئيگَر گرس)، ڏاريل رڍ (ڪووِس اوريَنٽالِس وِجنائي بلِٿ ريس ڊومستيڪَس) ۽ سوئر (سوس اسڪروفا ڪرِسٽيٽَس) جا هڏا لڌا آهن. ان ڪانسواءِ ڪيترن ئي جهنگلي جانورن جهڙوڪ سامبر (هرڻ)، ڦاڙهي، چٽڪٻري هرڻ، سهي، سيڙهہ ۽ ڳوهہ جا هڏا پڻ لڌا آهن.

بِرجِٽ ۽ آلچِن، ص. 83.

ڏکڻ ايشيا ۾ پوئين پٿر يا وچولي پاهڻي (ميسولٿڪ) جُڳ جي ڪارخانن جو واسطو پَڪَ سان نون قبائلي ٽولن جهڙن ماڻهن سان هوندو، جن جو گذران شڪار ۽ ڪاڏي ميڙ تي هو ۽ انهن جو ڪڏهن ڪڏهن نئين پٿر يا ٽامي-پتل جُڳ جي ماڻهن سان بہ واسطو پوندو هو. اهي شڪار لاءِ تير ڪمان استعمال ڪندا هئا.

کوٽائين جي اٽاٽ سبب پوئين پٿر جُڳ جي سنڌ ۾ ٺيڪ ٺيڪ انت جو فيصلو اڃا نہ ٿي سگهيو آهي. پويان اينڌڙ نئون پٿر جُڳ وچ اوير ۾ 10،000 ۽ 6،000 ق-م جي وچ تي شروع ٿيو. سنڌ لاءِ درست سنہ گهٽ کوٽائيءَ سبب تڪرار هيٺ آهي. ڪجھ ماهر چون ٿا تہ ڪتو اينڌڙ هزاري يعني 8،000-7،000 ق-م ۾ ڌاريو ويو. اها داخلا ڏسو.

**15،000 - 10،000 ق-م:**

ايران جي بختياري جبلن ۾ تَنگي پَٻڙا مان لڌل چُرن ۾ رهندڙ ماڻهن جا ٺاهيل آڏا ڦڏا ٺڪر جا ٿانوَ ٺڪر جي ٿانوَن جو سڀ کان آڳاٽو مثال آهن. باهہ ۾ پچائڻ وقت گهٽو دونهون اچڻ ڪري انهن جو رنگ تيز ڪارو هو. ساڳئي قسم جا ٿانوَ ميداني علائقن ۾ پڻ لڌا آهن.

گِرشمئن، ص. 28-29.

ستت پوءِ هٿ تي ٺاهيل ٺڪر جي ٿانون ۾ ڳاڙهي رنگ جي نون ٿانون جو واڌارو ٿيو، جن تي باهہ سان ٺاهيل ڪارا دٻڪ هئا. انهي سان سِيالڪ (ايران) ۾ هڪ نئين هنر جنم ورتو. ان وقت تائين گوشت ٽڪرا وِڍي هاڙوڪي تندور وانگر چَرِيُون کوٽي انهن تي سيڪبو هو. ڪول، ص. 2.

## وچولو پاهڻي (ميسولِٿِڪ) جُڳ

**10،000 - 5،500 ق-م (اندازو):**

نئون پٿر جُڳ انقلاب وچ اوير ۾ شروع ٿيو، جهڙوڪ جيرمو، جيريڪو

بِرِجِٽ ۽ آلچِن، ص. 100.

(يروشلم) ۽ قتال هيُوڪ جي ڪوٽائيءَ مان ظاهر ٿيو آهي. اٽڪل ڇهين هزاري ق-م جي پڇاڙيءَ تائين يا 5،100 ق-م ۾ اهو ايران طرف وڌيو.
هي ڪوجنائون فيئرسروس 1950 ۾ ڪيون. ريڊيو ڪاربان چڪاس 1966 ۾ ڪئي وئي.
ڪاڏو اپائڻ واري انقلاب ۾ وچ اوڀر، ايران، بلوچستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ وڏي عرصي واري وِٿي نهڪي نٿي ۽ وڌيڪ ڪوجنا گهرجي. 3،700 ق-م ۾ ڳڌھ، رڍون، ٻڪريون ۽ ڏڳا گهرن ۾ ڌارجي چڪا هئا ۽ ڪَچَسِراوان يا اوڏڪا گهر نهي چڪا هئا. ٺڪر جا ٿانوَ سادا ۽ هٿ تي ٺهيل هئا. راس جي مطابق گهوڙي جي موجودگي يا ڌارجڻ جو ڪو ثبوت نہ ٿو ملي، پر کچر گهٽو ڪري ڌارجي چڪو هو.
نئين پٿر جُڳ جي شروعات جي سڃاڻپ هڪ قسم جي اوزارن سان ٿئي ٿي جيڪي ننڍي پٿريءَ وارا (مائڪرولِٽ) اوزار سڏجن ٿا يعني اهڙيون هٿرادو شيون، جن ۾ پٿرجا ننڍا ڦَر هجن، ڪڏهن تہ بلڪل ننڍڙا ۽ گهٽي ياڳي جاميٽريائي شڪل وارا. (مائيڪرولِٽِڪ اصطلاح اوزارن لاءِ ڪم ايندو آهي ۽ ميسولِٽِڪ جيئڻ جي ڍنگ لاءِ). اهو، هرهنڌ، صرف مٽئين يا پوئين پاهٽي جُڳ (پيليولِٽِڪ) جو وڌيل حصو آهي.
مڇي لاءِ ڪُنڊيون، سُئا، ڄار ۽ پکين ۽ جانورن لاءِ ڪوڙڪيون ان زماني ۾ نهيون. رڌ پچاءُ چَريُن (مٽيءَ يا پٿر جون) تي ٿيندو هو. تمام گهٽي تَوَ تي مٽي نرم ٿي ويندي هئي، پر اتي ٺڪر جي چلهہ نهي پوندي هئي. هن قسم جو رڌ پچاءُ ٿي سگهي ٿو گهٽو اڳ کان ٿيندو هجي، پر ثبوت نہ مليا آهن.
وچولي پاهٽي جُڳ (ميسولِٽِڪ) ۾ پڻ جهنگلي ٻوٽن مان اَنُ چونڊيندا هئا، جنهن مان ڪين چڱي ڀلي خوراڪ ملي ويندي هوندي.
ننڍي پٿريءَ وارا اوزار پوئين يا نئين پاهٽي جُڳ (نيولِٽِڪ يا ڪيتي جُڳ) جي ڪڙمين استعمال ڪيا ۽ اهي تامي-پتل جُڳ تائين استعمال ٿيندا رهيا. ننڍي پٿريءَ وارا سڀ کان پهلا اوزار ڏکڻ هندستان (ڪانڊيوِلي ۽ واڊِي ڪناما) ۾ لڌا آهن.
سنڌ ۾ مناسب ڪم نہ ٿيو آهي، تنهن هوندي بہ ڪراچي ضلعي ۾ ۽ حيدرآباد جي ڀرپاسن سان ڪيترن ئي ماڳن جي متاچري تان لڌل شيون وچولي پٿر جُڳ جي شڪاري ۽ ڪاڏو ميڙيندڙ ماڻهن جو سنڌ ۾ هجڻ، گهٽو ڪري چڱو وقت پوءِ، ظاهر ڪن ٿيون.

اهڙيءَ ريت ڪجھ ملڪن ۾ وچولو پٿر جُڳ هو تہ ٻين ۾ نئون پٿر جُڳ شروع ٿي چڪو هو. هنوقت، جُڳ جا پهريان ۽ پويان سنڌا رڳو اندازا آهن.

اهو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٺيڪ ٺيڪ ڪيئن ۽ ڪڏهن پهتو خبر ناهي، جو تہ هن علائقي ۾ آثارن جي حوالي سان ڪوجنا جي اٿاٽ آهي.
اولهہ پاڪستان ۾ هنوقت تائين ڪوٽيل نئين پاهٽي (نيولِٽڪ) جُڳ جي سڀ کان آڳاٽي وسندي 3،700 ق-م کان پراڻي ناهي، جيئن ريڊيو ڪاربان چڪاس مان ظاهر ٿئي ٿو. اهو آهي ڪوئيٽا ويجهو ڪلي گل محمد جو پهريون عرصو، جنهن جو تجزيو 1966 ۾ ڪيو ويو.
ڪول، ص. 2 ۽ 3، ص. 21، 25 ۽ 28 تي چوي ٿو تہ سڀ کان آڳاٽو ڌاريل ڇاتل جانور رڍ آهي، 8،900 ق-م ۾. ڏڳو ۽ سوئر وغيرہ ٿورو پوءِ اتر عراق ۾ آيا. جهنگلي رڍ ڳڊُ (اوويجيني) اتر سنڌ، پنجاب ۽ اتر پرديش ۾ 8،200 ۽ 5،600 ق-م جي وچ تي گهمندو وتندو هو.
گور ڏڳو (بوس پِرميجينيَس) 6،000 ق-م ڌاري يونان ۽ ڪريٽ ۾ ۽ 5،000 ق-م ڌاري خُوزِستان ۾ ڌاريو ويو. سنڌ لاءِ ٺيڪ ٺيڪ سنہ جي ڄاڻ ناهي.
لِبّي، ڊبليو. ايف.، ريڊيو ڪاربان ڊيٽنگ، شڪاگو، 1955، ص. 79، بريڊوُڊ جي حوالي سان جرمو کي 6،100 ق-م تائين ڪٽي وڃي ٿو.

يروشلم جي ڪوٽائي ڪندڙ مِس ڪٿلين ڪينيَن، ”ڊِگنگ اَپ جيريڪو“، لنڊن، 1957، ۾ ص. 51-57 تي آيل رپورٽ مطابق، انهي کي ريڊيو ڪاربان چڪاس آڌار 6،800 ق-م جو سنہ ڏنو آهي.

ڪول، ص. 4.

مجمدار، ايڪسپلوريشن ان سنڌ، ص. 20-21.
گورڊن، ڊِي. ايڇ.، ص. 16.
سنڌ ۾ هن ميدان ۾ واضح ڪم ناهي ٿيو: سواءِ روهڙيءَ وارن چقمق پٿر جي ڪارخانن ۽ ڪجھ ماڳن، منڇر ڍنڍ جي ڀرپاسي وارين اولاهين ٽڪرين ۽ ڪراچيءَ ويجهو جي . انهن مان پتو پوي ٿو تہ عام طور ننڍا ٽولا گهرڙا اڏي ويهندا هئا ۽ ڪڏهن تہ موسمي ڪاڏن جو فائدو وٺڻ لاءِ، سنت ئي وري ٻئي هنڌ وڃي پکڙا اڏيندا هئا. ماڻهو گهٽو ڪري ڪائڻ منَهَن ۽ ڇپرن ۾ رهندو هو ۽ بعضي لاڪڙ سان ڇتيل پڳل ٽٽل اوساريل گهرن ۾.
سنڌ وچولي پاهٽي جُڳ کان نئين پاهٽي جُڳ ۾ ڪڏهن ٽپي، اجا خبر ناهي.

## نئون پاهٽي جُڳ (نئون پٿر جُڳ)

**؟ ڪان 3،100 ق-م:**
هن جُڳ جي سنڌ ۾ ٺيڪ ٺيڪ شروعات جي خبر ناهي. جُڳ جي اهم نواڻ آهي: ڪڙمي طرز زندگيءَ ڏانهن ٽپڻ، انهي وسيلي پوک ڪري ۽ مال ڌاري

معاشي زندگي جوڙڻ. ڪجھ ماهر 2،300 ق-م ڌاري شروع ٿيندڙ ٿامو-پٽل جُڳ هن ۾ شامل ڪن ٿا، پر موهن جي دڙي پيري هي ٿامي-پٽل جُڳ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ڪٽڪ، جَوَن ۽ ٻاجهريءَ جي پوک عام ٿيندي هئي ۽ ڪيترائي جانور جهڙوڪ رڍ، ٻڪري، سوئر ۽ ڳڏھ گهرن ۾ ڌاربا هئا.
ماٿهو ڳوٺن ۾ آباد ٿيا ۽ اڳتي هلي شهرن ۾، جن منجهان ڪن کي ڪوٽ به چاڙهيائون.

وچ اوڀر ۾ سڀ کان آڳاٽو شهر يروشلم (8،000-6،000 ق-م) هو. ڳهه سِپيُن، ڪوڏن ۽ پٿر مان ٺهندا هئا. گِرشمين جي ڏنل ڄاڻ مطابق ٺڪر جا ٿانوَ سڀ کان پهريان ايران ۾ ٺهيا. اڳتي هلي چِٽيَل ٿانوَ ۽ پچاڙيءَ ۾ ڪنڀارڪو چَڪُ پڻ ايران ۾ ايجاد ٿيا. ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق اهي سنڌ ۾ آمري جُڳ ۾ 3،000 ق-م ڌاري پهتا.

**8،000 - 7،000 ق-م:**

ڏکڻ ايشيا ۾ (سنڌ سميت) ڪتا ڌارجڻ. هندستان جا جهنگلي ڪتا (ڍول) هندستاني بگهڙ مان ٿيا. يورپ ۾ ڪتن جو 7،500 ق-م ۾ ڌارجڻ پنهنجي مُنهن ايشيا کان الڳ هو. آمريڪا ۾ ڪتو 8،400 ق-م ڌاري ڌاريو ويو.
رڍ به لڳ ڀڳ ساڳئي زماني ۾ ڌاري وئي.

سونيا ڪول، نيولِٿِڪ رِووليوشن، برٽش ميوزيم، 1970، ص. 2 ۽ 22.

**8،000 - 6،500 ق-م:**

وچولو پاهڻي جُڳ (ميسولِٿِڪ).
ڪُنڊين، سُئن، چارن ۽ ڪُڙهين سان مڇي ڦاسائڻ جو رواج پيو. پٿر يا ٺڪر جي ٿانوَن ۾ رڌ پچاءُ ٿيڻ شروع ٿي چڪو هو.

ڪول، ص. 3.
جيئن اڳ چيو ويو آهي، هن ايجاد وچولي پاهڻي جُڳ جي ماڻهن جي وڏي انگ کي سنڌ ڏانهن ضرور ڇڪيو هوندو. 100،000 ق-م واري داخلا "سمنڊ جي سطح ۾ ڦيرا" پڻ ڏسو.

**7،000 ق-م:**

گڙهي مار (افغانستان) ۾ اڻ ڪاشيَل نئين پٿر جُڳ جي سطح چقمق پٿر جي اوزارن، ڏاٽي جي ڦَرَ وارن پٿرن، پاسيرين ڪُرپين، رنگ، ٻاهه ۾ پچايل ڦَرَن، ٺاٺارڪين ڇيٽين ۽ هڏن جي لسڙيون گسايل چنهبن سان سجاتي وجي ٿي.
رڍون ۽ ٻڪريون پڻ ڌاربيون هيون.

اڳروَال ۽ ڪُسُمگرَ، ص. 64. سنڌ ۾ هن پاسي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي، پر لڳي ائين ٿو ته سنڌ ۾ موجود ماڳ اٽڪل 1000 سال پوءِ جا هوندا. ڇاڪاڻ ته آڳاٽا ماڻهو خيبر لڪ اُڪرندا نٿا لڳن. ائين به لڳي ٿو ته اهي جبلن کان لنوائيندا هئا ۽ سنڌ اچڻ لاءِ ڏکڻ اوڀر ايران ۽ مڪران کان ڏکڻ سنڌ جي لڪن يا مولا لڪ رستي وارو گس وٺندا هئا.

# سنڌ ۾ نئون پاهڻي (نيولٿڪ) جُڳ

**7،000 - 3،500 ق-م:**

وچ اوڀر ۽ ممڪنہ طور سنڌ ۾ ثقافت جي نئين پٿر جُڳ واري سطح. برطانيہ ۾ اها 3،000 - 1،800 ق-م ۽ نيوزيلينڊ ۾ 1000ع تائين هئي.

ڪول، ص. 65.

سنڌوءَ جي ٻني وانگر مٽي ڪنيل پيٽ تان وهڻ ۽ ٻنهي پاسن سان اٽڪل 20-30 ميل ويڪري پٽي ٻوڙڻ واري مخصوص حڪمراني ۽ ورتاءَ سبب لاڙ سنڌ جا ميدان نئين پاهڻي جُڳ جي ماحول لاءِ مصر ۽ عراق ڪان وڌيڪ مناسب هئا. 3،100-3،000 ق-م واري داخلا بہ ڏسو.

**6،800 ق-م:**

قتال هُيُوڪ ۾ دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ سڀ ڪان آڳاٽا ليڪجنڊڙ ٺڪر جا ٿانوَ نهڻ. ساڳئي ماڳ تان لڌل پوڪ ٿيندڙ مٽر 6،500 ق-م جا آهن. اهي هتان ڪان نئين پٿر جُڳ ۾ سنڌ ڏانهن آيا.

ڪول، ص. 65.

هي بيان گِرشمين کي قبول ناهي، جيڪو سمجهي ٿو تہ ٺڪر جا سڀ ڪان آڳاٽا ٿانوَ ايران ۾ چرُن ۾ رهندڙ ماڻهن 15،000-10،000 ق-م ڌاري ٺاهيا. 15،000-10،000 ق-م واري داخلا بہ ڏسو.

**6،000 - 5،000 ق-م:**

ماڻهوءَ ڳائو مال ڌارڻ شروع ڪيو. ان جا ثبوت وچ اوڀر ۽ وچ ايشيا مان مليا آهن. ٻڪري 6،000 ق-م ڪان ٿورو اڳ ڌاري وئي هئي، پر سڀ ڪان آڳاٽو ڌاجنڊڙ ٻهرو رڍ هئي.

ڪول، ص. 24 ۽ 28.

**4،500 - 4،000 ق-م:**

جهنگلي واڱٽائي مٽر يونوِچ ڪان ڏکڻ ايشيا ڏانهن پکڙيو. قتال هُيُوڪ ۾ انهي جي پوڪ 6،500 ق-م ڌاري ٿي ۽ عراق ۽ مصر ۾ 4،500 ق-م ڌاري.

ڪول، ص. 18.

سنڌ ۾ اهو گهٽ ۾ گهٽ آمريءَ جي مرحلي A-I ڌاري پهتو هوندو.

**4،800 - 3،000 ق-م:**

بگور راجستان ۾ ننڍي پٿري (مائيڪرولِٿڪ) جُڳ جا ماڳ. سنڌ ۾ بہ ائين ٿي هجڻ گهرجي، پر مناسب کوٽائي نہ ٿي آهي.

اگروَال ۽ ڪُسُمگرِ، ص. 56، 63.

ننڍي پٿري (مائيڪرولٿڪ) جُڳ وارو راجستان سنڌ جي ٿر ۾ کوجنا لاءِ مثال بڻجڻ گهرجي، جتي عام حالت ۾ وڌيڪ مينهن وسڻ ۽ مال چرڻ جي بهتر موقعن ليکي اهو جُڳ 500 سال آڳاٽو ظاهر ٿيڻ گهرجي. هن حوالي سان ٿر جي ڏاڪٽئي ياڱي تي خاص ڌيان ڏيڻ جي گهرج آهي.

افغانستان ۾ گڙهي مار ۽ درّہ لاءِ ساڳيا ريڊيو ڪاربان سنہ آهن: 7،000-5،300 ق-م ۽ 7،800-3،000 ق-م ترتيبوار.

ريڊيو ڪاربان ذريعي ٽامي-پٽل-نئين پاهڻي جُڳ ڪان اڳ واري ڪلي گل محمد جو سنہ 4،000-3،000 ق-م جي وچ تي مقرر ٿيو. الهندي سنڌ جا لاڙا بہ ساڳيا هجڻ گهرجن، ٿورڙي فرق سان، پر کوجنا جي اٽاٽ آهي.

**4،000 ق-م:**

ايراني ڪنيارن ڳوڙهي ڳاڙهي تَرَ تي جانورن جي قطارن، پکين، سوئر ۽ چال ڏيندڙ سرهہ وارا ڪارا چِٽَ متعارف ڪرايا. اهي پراڻي دنيا ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ هئا.

گِرشمين، ص. 44.

هن هزاريءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري ڪنيارڪو هنر سيستان، بلوچستان طرف پکڙيو

۽ سنڌو ماٿر پهتو. اتر ۾ اهو مَرو ۽ ممڪنه طور باختر پهتو.

هن هزاريءَ دوران ڪنهن وقت سِوالِڪ-تئين ۾ اوائلي ڪنڀارڪو چَڪُ ايجاد ٿيو. اهو هڪ چڪرو هو، ڪاٺ جو سادو تختو، ڌرتيءَ تي رکبو هو ۽ مددگار ان کي ڦيرائيندو هو. اهو هوريان هوريان سنڌو ماٿر پهتو.

ڪوٽ ڏيجيءَ جي آڳاٽن مرحلن ۾ گهڻي ڀاڱي ٺڪر جا ٿانوَ هٿ تي ٺهندا هئا، پر هوريان هوريان انهن جي جاءِ چَڪَ تي ٺهندڙ ٿانوَن ورتي. آمريءَ ۾ اهي A-I مرحلي دوران انهي جي شروعات کان ستت پوءِ پهتا ۽ اتي پڻ هٿ تي ٺهندڙ ٿانوَن جي جاءِ ورتائون.

چَڪَ تي ٺهيل سڀ کان آڳاٽا ڄاتا ويندڙ 3،250 ق-م جا ڪنڀارڪا ٿانوَ عُمر مان ڪوئٽي کڻيا ويا آهن.

جيئن ته چَڪُ ايرانين متعارف ڪرايو هو، سو ٿي سگهي ٿو ته اهو 3،350 ق-م ڌاري ٺهيو هجي.

**3،500 ق-م:**
ڪوئيٽا ويجهو ڪِلي گل محمد ۾ چن واري پٿر ۽ هڏن مان ٺهيل اوزارن ۽ ڌاريل جانورن ۽ ٻوٽن سان سڄاڻندڙ نئون پٿر (نيولٿڪ) جُڳ ثقافت، ريڊيو ڪاربان چڪاس آڌار.

**3،600 - 3،300 ق-م:**
ڏکڻ ايشيا ۾ ڪوئيٽا ويجهو ڪلي گل محمد ۾ ٺڪر جا ٿانوَ استعمال ٿيڻ جو پهريون ممڪنه طور ثبوت. گِرشمَن جي ڳوليل ثبوتن مطابق ايران ۾ ڪنڀارڪا ٿانوَ پنجين هزاري ق-م جي پڇاڙيءَ کان عام استعمال ٿيندا پئي آيا. سنڌ ۾، مجمدار جي ڪم ڪي ڄڏي، مناسب ڪوتائي نه ٿي آهي. ڪلي گل محمد جي ٿانوَن تي تڏي جا چِٽَ ۽ آڏيون ڦڏيون جاميٽريائي ڊزائنون آهن، جيڪي 3،400-3،300 ق-م جون آهن.

**3،100 ق-م يا اڳ کان 3،000 ق-م:**
سنڌ جي ماڻهن ۾ پنجنَد کان هيٺ سمنڊ تائين واري علائقي ۾ سنڌو درياءَ جي ساليانِي چَلت جي سمجهه هئي، جيڪو ساونڻيءَ ۾ وڏو علائقو ٻوڙي اتي زرخيز لَٽُ ڇڏي ويندو هو، جنهن تي سرءُ ۾ گهڻي محنت ڪانسواءِ ئي

اگروال ۽ ڪُسُمگر، ص. 65.

فيئرسروس، ڊبليو. اي.، "ايڪسڪيويشن ان ڪوئيٽا ويلي"، ص. 334-335. آمريڪن ميوزيم آف نيچرل هسٽري، نيو يارڪ، 1956.

ڪلي گل محمد لاءِ برِجٽ ۽ آلچِن پاران ٻڌايل ريڊيو ڪاربان سنه آهن:

i. 3310 ± 60 (3468 ± 83) ق-م.
ii. 3524 ± 83 (3688 ± 85) ق-م.
iii. 3547 ± 500 (3712 ± 515) ق-م.

گورڊن، ص. 27 ان جو ڪاٿو 3،100 ق-م لڳايو.

فيئرسروس جو ڪاٿو 3،200 ق-م هو.

پِگوٽ (1950) ٻڌايو ته اتر ۽ وچ بلوچستان ۾ ثقافتي تبديليون آيون، گهٽو ڪري نَون ماڻهن جي آمد سبب. هاڻ چيو اتي ٿيو آهي ته اهي ماڻهو ڏکڻ اولهه ايران کان آيا هئا، جن پڇاڙيءَ ۾ آمريءَ ۾ آڳاٽيون وسنديون وسايون. آمريءَ وارا دراوڙ نه هئا.

ڪٽڪ، جَوَن، تيلي ٻجن وغيره جهڙا فصل پوکي ۽ ايندڙ بهار ۾ لڻي سگهبا هئا. جَوَ مصر جي گدامن ۾ 4،500 ق-م ۾ لڌا ۽ يورپ ۾ نئين پٿر (نيولٽڪ) جُڳ جي پونيَن ڏينهن ۾.

مناسب هنڌن تي، جتي ساليانِي چَرَ جو پاڻي موڪُن ۽ ڪَسيُن وسيلي مرضيءَ مطابق نيئي سگهڻ ممڪن هو، سانوڻيءَ جون پوکون وونئڻ ۽ تِرَ تي سگهندا هئا. تي سگهي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ ميداني مٽر، مسور/مهري جي دال ۽ سِڻي پڻ ٿيندا هجن. وونئڻ سپ کان آڳاٽا موهن جي دڙي مان لڌا آهن، پر ان جو مطلب صرف اهو آهي ته سنڌ ۾ اڳيئي وونئڻن جي پوک ٿيندي هئي ۽ ڪپهه استعمال ٿيندي هئي. ڏکڻ هندستان جي پوک چانور ستت ئي سنڌ ۾ پهتا، چو ته انهن لاءِ گهربل رڳو ڪَسيُن وسيلي پاڻي پهچائڻ هو. پوک جو طريقو ساڳيو اهو ئي هوندو جيئن لاڙ جي ساموندي ڪنڌيءَ وارا جت اڄ تائين ٿورڙي محنت سان ڳاڙهن چانورن جي پوک ڪن ٿا.

گهر مٿانهن هنڌن تي اڏبا هئا. هن دريافت کي سنڌ ۾ نيل، فرات-دجله ۽ هُوانگ هو دريائن وانگر ايندڙ صدين ۾ ٿيندڙ آباديءَ ۾ واڌاري ۽ شهري زندگيءَ جي اوسر جو ڪارڻ بڻجندڙ تمام اهم اڪيلي دريافت سمجهڻ گهرجي. وچ اوڀر ۾ ڏاندن وارا هر 3،000 ق-م ڌاري استعمال ٿيندا هئا ۽ يورپ ۾ اهي 1،500 ق-م ۾ ڏسڻ ۾ آيا.

جُوَر گرم آبهوا رکندڙ آفريڪا جي صحارا جي ڏکڻ ۾ گهٽ مينهن پوڻ وارن علائقن مان آئي ۽ عربستان رستي سنڌ ۾ پهتي، پر گهڻو دير سان.

**3،600 ق-م يا اڳ کان 3،200 ق-م:**

سنڌ ۽ پنجاب جون شڪاري ٻيلن واريون ثقافتون ڪلي گل محمد جي پهرئين ۽ ٻئين مرحلن سان ملن ٿيون. مڪران جا تڏي جي چٽن وارا ڪنڀارڪا ٿانوَ 3،200 ق-م ڌاري ظاهر ٿيا، 100 سال هليا ۽ ڪلي گل محمد کان 100-200 سال پوئتي هئا.

مجمدار ”ايڪسپلوريشنس ان سنڌ“ هڙپا تهذيب کان اڳ جي ٻن ماڳن آمري ۽ عثمان جي بُني جي کوٽائي ڪئي. انهي جي وڌيڪ تصديق جي. ايم. ڪسال ڪئي، جنهن آمريءَ جي هيٺ تائين کوٽائي ڪئي ۽ پنهنجون دريافتون پيرس ۾ 1964 ۾ فُوائلز دِي آمري (ٻه ڀاڱا) ۾ ڇپرايون.

ڊِي. ڊِي. ڪوسَمبي مطابق سنڌ ۾ هر هڙپا جُڳ يعني اٽڪل 1،750 ق-م تائين استعمال نه ٿيو، پر هڙپا جي تصويري لپيءَ مان سڃاتل ننڍين ڏندن واري شيءِ ڏانداري هئي.

بِرجٽ ۽ آلچن، ص. 101-104.

گورڊن موجب هي سنه 3،400 ق-م آهي. ڪلي گل محمد جو ريڊيو ڪاربان سنه 3،600-3،300 ق-م ٻيهي ٿو ۽ اهو مقرر اصولن تحت ڪڍيو ويو آهي.
سنڌ ۽ پنجاب جون شڪاري ٻيلن واريون ثقافتون گهٽيون پراڻيون تي سگهن ٿيون، جيئن لئمبرڪ هسٽري آف سنڌ، جُلد ٻيون ۾ ڇپيو آهي. گهڻا امڪان آهن ته اهي 8،000-6،500 ق-م تائين آڳاٽيون هونديون. 100،000 ق-م کان هنوقت تائين، سمنڊ جي سطح ۾ ڦيرا، واري داخلا پڻ ڏسو.
درياءَ مان مڇي، ٻيلن مان شڪار، وڻن جا ميوا، اَنُ ۽ ڪاڇرو ٻوٽا ملي سگهيا پئي. هيءَ آڳاٽي پٿر جُڳ جي ماڻهن جي پڻ پسند جو هنڌ هوندو، پر 100،000 ق-م کان 3،000 ق-م جي وچ تي سمنڊ جي چڙهڻ ۽ ساليانين ٻوڏن سان پٿر جُڳ جي ماڳن مٿان سوين فٽ لَٽُ اچي وڃڻ ڪري اهڃاڻ ميسارجي ويا آهن.
گُجو ويجهو ٽرو ٽڪرين، شاهه حسين (ٺٽو ضلعو) ، ڪافر ڪوٽ ۽ ٻڌ جو ٽڪر (ٽنڊو محمد خان ويجهو) جي کوٽائي ٻڌائي ٿي ته ٽين هزاري ق-م ۾ انهن ماڳن تي پٿر چيرڻ جا ڪارخانا هئا.

# سنڌ ۾ ٽامو-پتل جُڳ

## ڏکڻ ايشيا ۾ ٽامو-پتل جُڳ

**3،500 ق-م کان 1000 ق-م ڌاري (اندازو):**
منڊيگاڪ، ڪلي گل محمد، هڙپا کان اڳ واري ڪوٽ ڏيجي ۽ آمريءَ جي مرحلي A-I ۾ ٽامي جو استعمال.

ٽامي ۽ پتل جي استعمال جي ٺيڪ ٺيڪ سن بابت پڪ ناهي، جيتوڻيڪ اهو موهن جي دڙي جي هيٺين سطح يعني اٽڪل 2،300 ق-م تي لڌو آهي. مٿين سطحن تي اهو عام آهي. ڪيميائي پڙتال سان ظاهر ٿيندڙ قَلعي ۽ سينڪئي جي موجودگيءَ مان لڳي ٿو ته اهو راجپوتانا کان ايندو هو.

**3،250 ق-م:**
عُر جا چِڪَ تي لاٽل سپ کان پراڻا ڇاٽل ڪنيارڪا ٿانوَ.

**3،100 - 3،000 ق-م:**
سنڌوءَ ۽ سهڪاري دريائن جي ماٿريءَ ۾ نيولٿِڪ (پوئين پاهڻي جُڳ واري ڪيتي) ۽ ٽامي ۽ پتل جو استعمال شروع ٿيو.

**3،000 ق-م:**
وچ اوڀر ۾ چِڪَ جو عام استعمال.

**3،000 ق-م يا اڳي:**
سنڌ ۾ ڇه-ٿُهي ڪڻڪ جي پوک ٿيندي هئي. اها چين ۾ 2000 ق-م ڌاري پهتي. ڏاندن وارا هر پڻ استعمال ٿيندا هئا. يورپ ۾ اهي 1500 سال پوءِ متعارف ٿيا.

**3،000 - 2،900 ق-م:**
سُوسا جا آڳاٽا ايلامي، جيڪي ايران، مڪران ۽ سيستان ۾ پکڙجي ويا هئا، ٽڙيا پکڙيا. ان جي نتيجي ۾ ڪرمين جي اوڀر طرف لڏ پلاڻ ٿي،

ڪول، ص. 46.

هي بيان غلط آهي. ڪنيارڪو چِڪُ ايران ۾ چوٿين هزاري ق-م جي پوئين اڌ ۾ ايجاد ٿيو.

گِرشمئن، ايران، ص. 44.

بِرجٽ ۽ آلچِن، ص. 112-113.

سن ريڊيو ڪاربان چڪاس جي حساب سان بيهاريو ويو آهي.

ڪراچيءَ مان لڌل ٿانون جون ٺڪريون سنڌ ۾ هنوقت تائين ڪوٺيل ڪنهن به ماڳ کان گهٽي آڳاٽي وسنديءَ جون آهن ۽ 3،100 ق-م کان اڳ واري جُڳ جون هجڻ گهرجن، پر پيرائتي ڪوجنا ناهي ٿي.

ڪول، ص. 42.

اهو سنڌ ڏانهن گهٽ ڪري ساڳي صديءَ دوران اچي چڪو هو، جيڪڏهن آمريءَ جي ريڊيو ڪاربان سن کي مڃجي ته.

ڪول، ص. 11 ۽ 14.

هي پلي ڏُکو آهي، پر آثاري ثبوتن جي نه هجڻ باوجود مڃڻ جوڳو آهي. 3،100 ق-م يا اڳ کان 3،000 ق-م واري داخلا پڻ ڏسو.

گوردن، ص. 37، هن کي 2،900-2،800 ق-م جاڻائي ٿو.

سيستان ۽ مڪران مان ٿيندا سنڌ پهتا ۽ پاڻ سان گڏ ڪنيارڪو ڇَڪُ ۽ ڪيتي (نيولٽڪ) ثقافت به آندائون. اها ڏکڻ اولهه وارن ايرانين جي سنڌ ڏانهن هنوقت تائين ثابت ٿيل سڀ کان آڳاٽي لڏ پلاڻ آهي.

**3،000 ق-م کان 2،900 ق-م (اندازو):**
ڪلي گل محمد واري وسندي ڦٽي وئي، پر وري ڊامب سادات آباد ٿيو، صرف 10 ميل ڏکڻ ۾، جنهن جي فيئرسروس کوٽائي ڪئي. ڌار ڌار نمونن کي ڏنل سنن موجب آباديءَ جا ٽي مرحلا آهن:

پهريون مرحلو: 2،625، 2،425 ۽ 2،220 ق-م.

ٻئين ۽ ٽئين مرحلن ۾ ٿوهي واري ڍاند تي ٺهيل چِٽَ ڏسڻ وٽان آهن.

ڊِي ڪارڊِي کي قلات ويجهو همعصر ماڳ لڌا. ڊزائنون چِٽيل ۽ جانورن جي چِٽن سان ڪانئي سينگاريل سٽن ڳاڙهن ٿانوَن کي انهي توگاٿُو نالو ڏنو. ڊامب سادات جي ريڊيو ڪاربان سنن جي ترتيب هيءَ ڏيکاري ٿي:

سڀ کان آڳاٽو سنہ 2،673 ق-م پهرئين مرحلي لاءِ، 2،570 ق-م ٻئين مرحلي لاءِ ۽ 2،351 ق-م ٽئين مرحلي يا اڳ لاءِ. ڏکڻ بلوچستان ۾ ڪُلي ثقافت عراق، ايران ۽ سنڌوءَ جي ڀچاڙ کي ڳنڍيندڙ هڪ ڪڙي آهي. ڪُلي تهذيب هڙپا واري جُڳ ۾ به جاري رهي.

**3،000 ق-م (اندازو):**
ڏکڻ ايشيا جا رهواسي اجا اوسر جي وچولي پاهٽي جُڳ (ميسولٽڪ) واري شڪار ۽ ڪاڌي ميڙ سطح تي هئا، ته ڪيتيءَ جي جاڻ ۽ ڪنيارڪي ڇَڪَ وارا ڏکڻ اوڀر ايران جا ڪڙمي سنڌ ۾ وسڻ شروع ٿيا. ائين ٿي سگهي ٿو ته 3100-3000 ق-م جي وچ ۾ ٿيو هجي ۽ آمريءَ جي وسڻ جو ڪارڻ بڻيو هجي.

**3،000 - 2000 ق-م يا ان کان پوءِ:**
ميسوپوٽامر (اڄوڪو عراق) ۽ ڏکڻ ايشيا جي وچ ۾ سامونڊي لاڳاپا نهڻ، پر انهن ۾ واڌ ۽ اوج رڳو سٽين ۽ ڇهين صدي ق-م جي وچ ۾ آيو. هن ڪم ۾ مهنداري دراوڙن ڪئي، جيتوڻيڪ سنڌ جي سنڌو-يورپين (آريا - جيڪو ڪين غلط نالو ڏنو ويو) جو به ان ۾ ڪجهه حصو هو. اولاهين پاسي تي مهنداري نه مصرين ڪئي ۽ نه سُميرين؛ اهي فينقي (هاڻ شام ۾ شامل) هئا، جن معمولي ابتدا ڪئي.

جيئن ته آمري 3،000 ق-م ڌاري آباد ٿي، هي ڪڙمي ٿورو اڳي لڏي آيا هوندا. آمريءَ جي مرحلي A-I جا ٿانوَ هٿ تي ٺهيل هئا، پر A-I مرحلي يعني ساڳي صديءَ دوران ڇَڪَ تي لاٿل ٿانوَ پڻ آيا.

ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ اسان کي ابتدائي هٿ تي ٺهيل ٿانوَن کان پوءِ گهٽي پاڳي ڇَڪَ تي لاٿل ٿانوَ ملن ٿا.

3،600-3،300 ق-م واري داخلا پڻ ڏسو.

هڪڙو تڪرار اهو پيو هلي ته اهي لڏي اچڻ وارا ايلامي نه پر قديم سِٽي هئا. بهرحال اهي دراوڙ نه هئا.

گورڊن جي خيال ۾ ڪيتي 3،000-2،800 ق-م جي وچ تي شروع ٿي، پر اگروال ۽ ڪُسُمگر پاران ڏنل ريڊيو ڪاربان سنہ آمريءَ جي ابتدا 2900 ± 115 ق-م يا اڳي ڄاڻائين ٿا.

آر. ڪي. مُڪرجي، انڊين شپنگ، بمبئي، 1957، ص. 62.

ٽوسنٽ، ص. 24.
سچر ويچار اهو آهي ته رِگ ويدِي آريا 1050 ۽ 700 ق-م جي وچ تي آيا ۽ ڪين سنڌو-ڪيسپيائي ليکيو وڃي ٿو.
آمري جُڳ وارا اهي آڳاٽا لڏي آيل قديم سِٽي هئا يعني سنڌو-يورپين جي ڪا آڳاٽي شاخ هئا.

فينقي جهاز 100 فٽ ڊگها ۽ 26 کان 33 فٽ ويڪرا هوندا هئا ۽ 400 ٽن مال ڍوئڻ لائق هوندا هئا.

3،000 - 2،900 ق-م:

آمريءَ جو مرحلو A-I: ڪلي گل محمد جي ٽئين ۽ چوٿين مرحلي ۽ منديگاڪ جي ٻئين مرحلي جو همعصر؛ جڏهن ته موهن جي دڙي، ڪوٽ ڏيجي ۽ چانهو دڙو ۾ گهٽ ۾ گهٽو ڪري پويون پٿر جُڳ هو. پنجاب ۾ هڙپا ۽ ڪاليبنگن به پوئين پٿر جُڳ ۾ هئا.

منديگاڪ (افغانستان) ۽ ڪوئيٽا ويجهو ڪلي گل محمد ترتيبوار 3،700 ۽ 3،600 ق-م کان ٿورو اڳ پوئين پٿر جُڳ مان نڪري چڪا هئا ۽ هنوقت تائين ڪلي گل محمد پهرئين، ٻئين ۽ ٽئين مرحلن مان لنگهي چڪو هو. منديگاڪ پهرئين مرحلي جي ڇهن ڏاڪن منجهان ٽپي چڪو هو. زهوب (پريانو غُنڊئي) پڻ 3،500 ق-م ڌاري پٿر جُڳ مان نڪري چڪو هو ۽ پهرئين ۽ ٻئين مرحلن مان لنگهي چڪو هو.

ويجهي دور جي ليکڪن جي راءِ ۾ موهن جي دڙي جون هيٺيون سطحون آمريءَ کان اڳ جون ٿي سگهن ٿيون. جڏهن ڪوٺائي ممڪن ٿي سگهي ته سمورا سنه متجي ويندا ۽ موهن جي دڙي جي هيٺين سطحن کي منديگاڪ ۽ ڪلي گل محمد جي ويجهو آڻي ڇڏيندا. ڪلي گل محمد جي پهرئين ۽ ٻئين مرحلن جا ريڊيو ڪاربان سنه 3688 ± 85 ۽ 3468 ± 82 ق-م آهن. انهن جا MASCA سنه 4،388 ق-م ۽ 4،168 ق-م آهن.

برِجٽ ۽ آلچِن، ص. 21.

منديگاڪ ۾ پهرئين مرحلي جي پڇاڙيءَ ڌاري سنگن واري ڪٽڪ (ٽِرِٽيڪَم ڪَمپيڪٽَم - آڳاٽين ٽن جنسن منجهان هڪ - گهٽو ڪري اصل هتان جي) جو اَنُ ظاهر ٿي چڪو هو.

روسي زرعي سائنسدانن جي اپياسن مان ظاهر ٿيو آهي ته ڪٽڪ سڀ کان پهريان افغانستان ۾ پيدا ٿي.

ساڳئي وقت ۾ رڍ، ٻڪري، ڳائي مال ۽ هندي ٻير (زِزِيفَس هوهوبا) جي موجودگي به ظاهر ٿئي ٿي. هن ماڳ جي پهرئين مرحلي جي پڇاڙيءَ وقت ۽ اڳتي نڪر جي ٿانون تي ڏاند جو شڪليون ٺهڻ لڳيون ۽ ممڪن آهي ته ڏاند ڌارجي چڪو هو.

هڙپا کان اڳ جي آمريءَ کي ٻن جُڳن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين کي وڌيڪ چئن مرحلن ۾ ورهائي A-I، B-I، C-I ۽ D-I نالا ڏنا ويا آهن.

ٻئين جُڳ کي A-II ۽ B-II مرحلن ۾ ورهايو ويو آهي.

مرحلي A-I ۾ ڪا اڏاوت ڏسڻ ۾ نه آئي، پر گهٽي ياڳي هٿ تي ٺهيل مٽيءَ جا ٿانوَ، پارا ۽ ٻه رنگا ۽ هڪ رنگا چِٽَ چٽيل نڪريون لڌيون، ٿوگائُو ٿانوَن سميت، جنهن ڪيس انجيرا-چوٿين جو همعصر بڻائي ڇڏيو. گهٽائي پلي هٿ تي ٺهيل ٿانوَن جي هئي، پر گڏگڏ چَڪَ تان لاٿل ٿانوَ به ڏسڻ ۾ آيا.

آثاري ثبوتن موجب هن جو سنه لڳ ڀڳ 3،100-2،900 ق-م هوندو.

مرحلي B-I ۾ ننڍين وڏين ڪچين سرن واري اڏاوت هلندي ڏسڻ ۾ آئي ۽ ڪٿي ڪٿي انهن جون پيڙهيون پٿر جون ڏسڻ ۾ آيون. ٿانوَن ۾ سڌارو آيو، ڀانت ڀانت جاچٽ ٺهڻ لڳا ۽ مرحلي A-I و انگر چقمق پٿر جا ڦَرَ ۽ هڏن جا اوزار هلندا رهيا.

هن جو سنه لڳ ڀڳ 2،900-2،800 ق-م هوندو.

مرحلو C-I آمري تهذيب جو عروج هو ۽ ان جا چار اڏاوتي مرحلا هئا. ڪچين سرن ۽ پٿر جا گهر اڏبا هئا. مرحلي A-I جي ابتڙ، جنهن ۾ هٿ تي ٺهيل ٿانوَن جي گهٽائي هئي، گهٽي ياڳي ٿانوَ چَڪَ تي لٿل هئا. مرحلي -I

هن جو سنه لڳ ڀڳ 2،800-2،700 ق-م يا پوءِ هوندو.

A ۾ ڪنيارڪو ڄَڪُ رڳو متعارف ٿيو هو. ٿانوَن تي گهڻن قسمن جا چٽ، جاميٽريائي، سادا ۽ ناسي، ڪاري، گيڙو (گلابيءَ جي مٿان نارنگي) رنگن وارا گهڻ رنگا نمونا آهن.

مرحلو I-D مرحلي I-C جو تسلسل آهي، پر ٿانوَن تي ٿوهي وارو هندي ڏاند ۽ ٻيا چوپيرا جانور جهڙوڪ چيتو، ڪتو ۽ ٽاڪرو ٻڪر (سرهه) آهن.

مرحلو I-D ڪجهه هڙپائي ٽوٽ-ٽوڪر جي ڪري منديگاڪ-III ۽ ڪوٽ ڏيجي جو همعصر آهي.

آمري جُڳ II ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي: مرحلو II-A مرحلو II-B. ٻئي مرحلا هڙپائي ۽ آمريءَ واري ٽوٽ-ٽوڪر گڏ گڏ ڏيکارين ٿا. تنهنڪري هي جُڳ نج آمري ثقافت مرحلي I ۽ هڙپا مرحلي III جي وچ تي هڪ جُڳ مان ٻئي ۾ پير پائڻ وارو عرصو آهي. مرحلي II جي ٿانون جو سنڌ منديگاڪ-IV، ڊامب سادات II ۽ ڪوٽ ڏيجي وارو آهي. ڊامب سادات مرحلي II جا ريڊيو ڪاربان سنہ 2655 ± 202 کان 2200 ± 76 آهن. ڊامب سادات جي سنہ جي پڇاڙي انهي جي مرحلي III جي شروعات پڻ آهي. آمريءَ کي جُڳ جي پڇاڙيءَ ۾ 2،200 ق-م ڌاري ساڙيو ويو هو ۽ ان 1750 ق-م تائين هلنڌڙ مرحلي III -a، b ۽ c ۾ پير پاتو. اهو ان جو هڙپائي جُڳ هو. آمري مرحلي I جا همعصر آهن: نَرو (نَرِي گُجو)، ڪوتراس (ڪوهتراش) ٻُنِي (آمريءَ جي ڏکڻ ۾)، واهي پانڌي ۽ غازي شاهه. آمري مرحلي I مان مليل جانورن جا آثار ساڳيا بلوچستان وارا آهن، واڌارو رڳو گڏهه آهي، جيڪو ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ ۾ 3،600 کان 3،000 ق-م جي وچ تي ڌاريو ويو هجي.

**2،750-3،000 ق-م:**

لورالائي II جا ڏاند چٽيل ڪنيارڪا ٿانوَ، ڪيچي بيگ جا ٻہ رنگا ٿانوَ، آمري ۽ لورالائي III هنن وڏن علائقن ۾ اٽڪل 250 سالن جي عرصي ۾ پکڙيا. آمري ۽ لورالائي III ۾ اهي ڪيچي بيگ کان پوءِ پکڙيا، گهٽو ڪري 2،850 ق-م کان 2،750 ق-م جي وچ تي.

هن جو سنہ لڳ ڀڳ 2،700-2،500 ق-م هوندو. هن کي ريڊيو ڪاربان سنہ 2670 ± 113 کان 2900 ± 133 ق-م ڏنو ويو آهي ۽ MASCA درستگيءَ موجب سنہ 3،600 - 3،320 ق-م بيهي ٿو.

ٻرِجٽ ۽ آلچِن مطابق A-I ۽ B-I مرحلا ڪلي گل محمد جي III ۽ IV مرحلن ۽ منديگاڪ جي مرحلي III سان ملن ٿا.

هن جو سنہ لڳ ڀڳ 2،700-2،500 ق-م هوندو.

مرحلي II-A جو سنہ لڳ ڀڳ 2،500-2،300 ق-م ۽ مرحلي II-B جو 2،300-2،200 ق-م هوندو.

ڪيئن بہ، پر هڙپا کان اڳ واري ٽوٽ-ٽوڪر جو صدي جي شروع ۾ هلندو اچڻ ظاهر ڪري ٿو تہ آمريءَ جي ڀھريون پيرو قِتِڻ ڪانپوءِ ٻئي ثقافتون ۽ راڄ پاڻ ۾ هڪ ٿي ويا.

گورڊن، ص. 42-44، 2،900-2،750 ق-م جاڻائي ٿو، پر سنہ آمريءَ جي ريڊيو ڪاربان چڪاس آڌار بيهاريا ويا آهن.

# اُسرندڙ سنڌو ثقافت

## اوائلي ٽامو_پٽل ثقافت

**3،000-2،700 ق-م:**
ڳوٺ وسيا ۽ افغانستان، بلوچستان ۽ سنڌ ۾ آمريءَ جهڙن گهڻ رنگن ۽ ٻہ رنگن ٺانون جو ظاهر ٿيڻ.

ڊيلس هن جُڳ کي مرحلو D سڏي ٿو.

اگرَوال ۽ ڪُسُمگر، ص. 86، ريڊيو ڪاربان چڪاس آڌار. آمريءَ جي دڙي A مان مليل صرف ٻن نمونن لاءِ MASCA درستگيون ان کي آڳاٽين سطحن لاءِ 3،600-3،320 ق-م تائين ڪٽي وڃن ٿيون.

**3،000-2،700 ق-م (2900±113 کان 2670±113 ق-م):**
ريڊيو ڪاربان چڪاس آمري ثقافت جو پکڙجڻ ظاهر ڪري ٿي.

اگرَوال ۽ ڪُسُمگر، ص. 88.

ٺهڪندڙ MASCA سنہ 3،600-3،320 ق-م بيهندو.

**3،000-2،000 ق-م:**
سمنڊ جي سطح ۾ 10 فٽ چاڙهہ. انهن ڏينهن ۾ سمنڊ جو ڪنارو پڪ سان ٺٽي محمد خان يا گهٽ ۾ گهٽ حيدرآباد جي ويجهو هوندو. پاڻيءَ ۾ آيل چاڙهہ پڪ سان سڄي نگرپارڪر ۽ ٿر وارين ساموڊي ڪنڌين کي ٻوڙي ڇڏيو هوندو. پاڻي پڪ سان لڪيءَ جي ٽڪرين ڏاري پهتو هوندو، جتي انوقت درياءَ جو ڇوڙ هوندو. ٿي سگهي ٿو تہ انهي جي ڪري موهن جي دڙي جي آڳاٽن اڻ کوٽيل مرحلن ۾ وري وري ٻوڏ ايندي هوندي.

اگرَوال ۽ ڪُسُمگر، پري هسٽورڪ ڪرانالاجي اينڊ ريڊيو ڪاربان ڊيٽنگ، ص. 47-48.

**3،000-1،700 ق-م:**
روهڙيءَ ۾ تيار ڪيل سٺي چقمق پٿر جا دوڳا ڪوٽ ڏيجي، آمري، هڙپا، موهن جو دڙو، لوٿل، رنگپور ۽ ڪاليبنگن ڏانهن اوزار ٺاهڻ لاءِ موڪليا ويندا هئا. اچ وڃ جا ذريعا ٿي سگهي ٿو تہ سنڌو درياءَ، ڪڇ نارِ ۽ ڪاٺياواڙ وارو ساموڊي ڪنارو هجن.

رڻ ڪڇ سمنڊ جي هڪ نارِ هئي. ڪڇ جي ڏکڻ ۽ اوڀر واري نندي رڻ ان کي ٻيٽ بڻائي ڇڏيو. هندي رڻ جو وچائجي ويل درياءُ سَرسوَتي انهن ڏينهن ۾ گهگهر، ريڻي، هاڪڙي ۽ هاڪوڪي اپرندي ناري واهہ جي پيٽ مان وهي اپرندي پراڻ مان ٿيندو ڪوري ڪاريءَ ڏانهن ويندو هو.

ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ سان اچ وڃ ٻن دريائن سنڌو ۽ هاڪڙي ذريعي رڻ ڪڇ وچان سولي ۽ محفوظ هوندي هئي.

هي آخري پٿر جُڳ ۾ بہ چقمق پٿر جو هنڌ هو ۽ بلوچستان جي 3،500 ق-م کان پوءِ جُڙندڙ ماڳن ڏانهن چقمق پٿر گهڻو ڪري هتان ويندو هو.

مختلف مقصدن لاءِ ڦَرَ ٺاهڻ جو طريقو اهو هو تہ موزون پٿر کي گرم ڪري ۽ مٿان هوريان ۽ ڏيان سان ڏک هڻي چيتيون چيتيون ڪبو هو. لڪي ۽ ٺاٽي بولا خان جي وچ تي اهڙا ٻيا هنڌ بہ ٿي سگهن ٿا. ڪيرٿر جي ڪرنگهي وٽ کهاڙين لاءِ سڀ کان وڌيڪ موزون ڪاري پٿر جو 300 فٽ ٿلهو تهہ آهي. ڪوهستان ماٿريءَ ۾ مناسب ڪوٺائي ان جي ڪنهن استعمال جو ڏس ڏئي سگهي ٿي. روهڙيءَ ۾ کهاڙين جا باقائدي ڪارخانا هجڻ ظاهر ٿئي ٿو، پر اتي اهي چيرٻيون هيون، سِراٽيون نہ هيون. سراڻ لاءِ ڪم اچڻ جهڙو پٿر ڪوهستان ۾ موجود آهي، پر اتي ان ڪم جو ڪو ثبوت نٿو ملي.

**2،900-2،800 ق-م:**

آمريءَ جو مرحلو I-B قلات جي مرحلي III، ڪلي گل محمد جي مرحلي IV جي اوائل ۽ منديگاڪ جي مرحلي II جي پڇاڙيءَ جو همعصر. باقي سنڌ ۽ پنجاب انهن ڏينهن ۾ اجا پٿر جُڳ ۾ هئا.

ڪلي گل محمد جي مرحلي III، جنهن جي پڇاڙي 3،000-2،900 ق-م جي وچ تي ٿي چڪي هئي، مرحلي IV کي بگاڙيو، پر ڪوئيٽا کان 10 ميل ڏکڻ ۾ ڊامب سادات جي هنڌ تي ڪنهن نئين وسنديءَ سلسلي کي اڳتي وڌايو. ڊامب سادات مرحلي I لاءِ ريڊيو ڪاربان سنہ 2510 ± 70 ق-م آهي. ان جي شروعات آمريءَ جي مرحلي I-B جي پڇاڙيءَ سان ٺهڪي ٿي ۽ MASCA درستگيءَ سان اها 3،060 ق-م بيهندي.

صورتحال ان جي ابتڙ ٿي سگهي ٿي، صرف تڏهن جڏهن موهن جي دڙي جو هيٺيون تهہ ڪوٿائيءَ کان پوءِ ان جي ابتڙ ثبوت مهيا ڪري.

ڊاڪٽر خان آمري ثقافت جي شروعات يعني مرحلي I-A کي ميسوپوٽامر (هاٿوڪو عراق) جي آڳاٽي راڄ گهراڻي II جو همعصر ڄاڻائي ٿو، پر سندس راءِ ريڊيو ڪاربان چڪاس جي روشنيءَ ۾ مڃڻ جوڳي ناهي، ايستائين جو MASCA درستگيءَ ڪانسواءِ بہ جيڪا ان کي 3،600 ق-م تائين پوئتي ڪٽي ٿي وڃي.

ايف. اي. خان، ”انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران“، ص. 62-63.

**2،800-2،700 ق-م:**

آمريءَ جو مرحلو I-C: مرحلي III جي پڇاڙيءَ ۾ ڪوئيٽا ويجهو ڊامب سادات جي قلات (اَنجِيرا) مرحلي I جي پهرين شروعات ۽ منديگاڪ (افغانستان) جي مرحلي III جو همعصر. موهن جي دڙي بابت ڪجهہ نٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ هيٺين سطحن جي کوٽائي نہ ٿي آهي.

برِجٽ ۽ آلچن، ص. 117-123، ”ڊي ڪارڊي آن اَنجيرا“.

ڊامب سادات جي پهرئين مرحلي لاءِ ريڊيو ڪاربان چڪاس 2،625 ق-م ۽ 2،528 ق-م سنہ ظاهر ڪري ٿي. تنهنڪري ان جي شروعات پڪ سان 2،700 ق-م ڌاري ٿي هوندي.

MASCA درستگين سان ڊامب سادات جو سنہ 3،060 ق-م بيهي ٿو.

**2،350-2،000 ق-م:**

ڪُلي-ميهي ثقافت: ڪوٽ ڏيجي ۽ آمريءَ جي هڙپا کان اڳ وارن ڪجهہ مرحلن ۽ موهن جي دڙي جي آڳاٽي ۽ وچولي مرحلن جي همعصر سمجهي ويندڙ.

ايف. اي. خان، ”انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران“، ص. 71، ٻڌائي ٿو تہ هيءَ هڙپا تهذيب جي همعصر هئي. هي مڃڻ ۾ نٿو اچي. ان جي شروعات ڊامب سادات III ۽ منديگاڪ IV جي همعصر لڏي آهي. پهرينءَ جو سنہ 2201 ± 165 ق-م آهي.

**2،700 ق-م:**

آمري عروج ماٿي رهي هئي. نال جيتوڻيڪ ڪُليءَ کان اڳ شروع ٿي هئي، پر اجا ڪچي هئي. زهوب RG-III مرحلي ۾ هئي.

ايف. اي. خان، ”انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران“، ص. 62-63.

**2700-2600 ق-م:**

هڙپا کان اڳ واري ڪوٽ ڏيجي ثقافت جي پهرين والار. ڪوٽ ڏيجيءَ لاءِ ريڊيو ڪاربان سنہ 2605 ± 145 ق-م بيهي ٿو.

ڪوٽ ڏيجيءَ لاءِ 5،370 سالن جي ڄمار آڌار ريڊيو ڪاربان سنہ آهن:

2605 ± 145 ق-م.

2335 ± 155 ق-م.

2255 ± 140 ق-م.

2090 ± 140 ق-م.

هنن منجهان پڇاڙڪو سنہ هڙپا جو آهي.

هنن جي برابر MASCA سنہ آهن: 3،155، 2،885، 2،590 ۽ 2،805 ق-م.

**2،700-2،500 ق-م:**

آمريءَ ۾ مرحلو I-D؛ نال نُندارا، قلات ۾ مرحلي III جي پڇاڙيءَ ۽ مرحلي IV جي منڍ، ڪوئيٽا ويجهو ڏامب سادات جي مرحلي I جي پڇاڙيءَ ۽ منڊيگاڪ جي مرحلي III.3 جو همعصر. ڪوٽ ڏيجيءَ هڙپا ڪان اڳ واري جُڳ ۾ پير پاتو. ان لاءِ ريڊيو ڪاربان سنہ آهي 2600 ± 145 ق-م. ڏامب سادات جي مرحلي I لاءِ ريڊيو ڪاربان سنہ آهي 2510 ± 73 ق-م.

برِجٽ ۽ آلچن، ص. 110.

ڊيلس "ڪرانالاجيز اِن اولڊ ورلڊ" ۾ ڏامب سادات جي مرحلي I ڪي 2538 _361 ق-م سنہ ڏنو آهي

**2،700-2،400 ق-م يا 2605 _ 145 ڪان 2255 _ 140 ق-م:**

ڪوٽ ڏيجي هڙپا ڪان اڳ واري آباديءَ جي روپ ۾ موجود هئي. ڪوٽ ڏيجيءَ لاءِ موجود چار ريڊيو ڪاربان سنہ آهن:

شهر پناهہ جي هيٺين سطح: 2605 ± 145 ق-م.

شهر جي هيٺين سطح: 2335 ± 156 ق-م.

شهر جي هڪڙي ہي هيٺين سطح: 2255 ± 140 ق-م.

اگروال ۽ ڪُسمگر، ص. 86، ڪوٽ ڏيجيءَ لاءِ ريڊيو ڪاربان سنہ ڏنو آهي. هن جو مطلب ٿيندو آخري پڇڙيءَ تي 2،750 ڪان 2،330 ق-م.

ريڊيو ڪاربان سنن ۾ بہ 200 سالن جي حد تائين پل تي سگهي ٿي. نمونا نہ شهر جي شروعات جا آهن ۽ نہ پڇاڙيءَ جا. هن طريقي جي هڪڙي ہي اوٽائي اها بہ آهي.

هڙپا ڪان اڳ واري پوئين جُڳ جي مٿين تهہ جو سنہ 2090 ± 140 ق-م آهي .

MASCA درستگين سان ڪوٽ ڏيجيءَ لاءِ مٿيان چار سنہ بيهندا 3،155، 2،885، 2،805 ۽ 2،590 ق-م.

آخري سنہ ڪوٽ ڏيجيءَ جي قِتل جُڳ جو آهي ۽ حقيقي هڙپائي ڪوٽ ڏيجيءَ لاءِ گهڻ اهميت وارو آهي.

**2،600-2،500 ق-م:**

آڳاٽي نال، نُندارا ۽ آمريءَ وچ ۾ لاڳاپا. پهريان واهٽي ڪرمي جيڪي سنڌو ماٿر ۾ آباد ٿيا، سي پاڻ سان ميداني علائقن ۾ بہ رنگا ٿانوَ ڪٺي ويا. هي ٿانوَ آمري ٿانوَ سڏجن ٿا ۽ هڙپا وارن ٿانون ڪان بلڪل مَٽَ آهن. آمري توڙي نُندارا ٿانون مٿان سِگما، ٽِڪين ۽ چونڪڙين جا ميڙ نظر اچن ٿا.

گورڊن، ص. 44 ۽ 49، هن ڪي 2،700-2،600 ق-م ڄاڻائي ٿو.

هن ڪي آمريءَ لاءِ ريڊيو ڪاربان سنہ جي روشنيءَ ۾ ٺهڪايو ويو آهي. نال نُندارا آمريءَ جي مرحلي I-D سان ٺهڪي ٿو جيڪو لڳ ڀڳ 2،700-2،500 ق-م بيهي ٿو.

آمريءَ جو تعلق نال ۽ نُندارا ڪان گهٽو اڳ سان آهي.

**2605 _ 145 ق-م:**

ڪوٽ ڏيجي سنڌ جو هڙپا ڪان اڳ وارو آڳاٽو جُڳ: يونيورسٽي آف پينسلوانيا جي ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق.

ڊاڪٽر خان، ايف. اي.، "ڪوٽ ڊيجي ايڪسڪيويشنس".

**2.600-2.300 ق-م:**

خُراب قبرستان؛ آڳاٽي راج گهراڻي III ۽ هڙپا ڪان اڳ واري ڪنهن مرحلي (آمري يا ڪوٽ ڏيجي) جو همعصر.

خان، ايف. اي.، "اِنڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران"، ص. 68، سمجهي ٿو تہ اهو هڙپا جو همعصر هو. ٿي سگهي ٿو تہ هي درست نہ هجي، ڇاڪاڻ تہ هڙپا جي شروعات 2،350 ق-م ڌاري ٿي.

**2،600-2،200 ق-م:**

ڏامب سادات جا ٽي مرحلا قَرَن واريون چيراقيون ظاهر ڪن ٿا، جن ڪي رگيل چن وارو پٿر، روهيون-روهڙا ۽ روهڙي سنڌ ڪان گهرايل چقمق پٿر مان ٺهيل پٿر جون چيٽيون ڪري ٻڌايو ويو آهي.

گورڊن، ص. 45 ۽ 49، سنہ 2،600-2،100 ڄاڻائي ٿو. هن ڪي ڏامب سادات ريڊيو ڪاربان سنن جي روشنيءَ ۾ درست ڪيو ويو آهي، جيڪي 2655 ± 202 ڪان 2200 ± 76 آهن. ڊيلس هن جي سڀ ڪان آڳاٽي جُڳ جو سنہ 2538 _ 361 ق-م ڄاڻائي ٿو.


نقشو نمبر 03
4500 _ 800 ق-م
ٽامي ۽ پتل جي ڪم جو پکڙجڻ
اسپين
اٽلي
ڪارو سمنڊ
ڪيسپين سمنڊ
آرَل
آمون جو علائقو
مئري
مصر
عربستان
ايران
پنجاب
سنڌ
سنڌو
ايريٽرائي سمنڊ
اتر هندستان
ڏکڻ هندستان
بنگالي سامونڊي چُڪَ
سيلون
مئري پراسرار سمنڊ
4500 ق-م
2750 ق-م
2250 ق-م
1850 ق-م
1600 ق-م
1300 ق-م
1200 ق-م ڪان پوءِ
1850ق-م ٽامي جي ڪم جو دنگ
اتر
ڪاڇو
500 ميل 400 300 200 100 0
عربستان
1 ملڪن جا نالا
2 مرڪزي پرڳٽي جو دنگ 4500 ق-م
3 ٽامي جي ڪم جو دنگ 2750 ق-م
4 ٽامي جي ڪم جو دنگ 2250 ق-م
5 پتل جي ڪم جو دنگ 1850 ق-م
6 پتل جي ڪم جو دنگ 1600 ق-م
7 پتل جي ڪم جو دنگ 1300 ق-م

نقشو نمبر 04

# 2000 ق_م _ 1226ع
# هاڪڙي جو سُڪڻ

(هندي ريگستان ۽ رڻ ڪڇ جو وچائجي ويل درياءُ)

آر. ڊِي. اولڊهام (1886)، وائيٽ هيڊ (1932)،
سر اورائيل استائين (1942)، پٽاوالا (1959)
۽ ليمبرڪ (1964) آڌار




ڏسڻي

| | | |
|---|---|---|
| 1 | درياءُ | |
| 2 | اُٿل تي وهندڙ وهڪرا | |
| 3 | هندستان-پاڪستان دنگ | |
| 4 | ساموندي ڪنڌي 1226ع ۾ | |
| 5 | شهر جيڪي 1226ع ۾ هئا يا ڦٽي چڪا هئا | ● |
| 6 | نوان شهر | ● |

هاڪڙي جو پاڻي ٻين هزاري ق-م ۾ گهٽجڻ لڳو. نيٺ 1226ع ۾ اهو سُڪي ويو. ٻارهين ۽ تيرهين صدين کان وٺي موسم سوڪهڙي واري ٿي وئي ۽ لُوڻي درياءَ ۾ پڻ پاڻي گهٽ اچڻ لڳو. جنهنڪري رڻ ڪڇ سُڪي ويو، پاري نگر ڦٽي ويو ۽ ٿر جا شهر اُجڙڻ لڳا.

ايم. ايچ. پنهور جي نگراني ۾ هيٺ تيار ٿيل




9. 3000–2500 ق-م: آمريءَ مان هٿ آيل چِٽن وارا ڪنيارڪا ٿانوَ.



10. 2800–2300 ق-م: ڪوٽ ڏيجي ڪوٽائيءَ جو عام ڏيک.




12.   2800 ق-م: ڪوٽ ڏيجيءَ جا ٿانوَ.



11.   2700–2400 ق-م: بلوچستان مان هٿ آيل نال ۽ ڊامب سادات جا ٿانوَ ۽ اوزار.



13.   شاهي تُمپ ۽ ڪوئيٽا جا ٿانوَ.



14.  2300–1700 ق-م: موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ جو عام ڏيک.




15.  سنڌو ثقافت جي نرالي سجاٽپ شيون.



16.  زهوب جا ٿانوَ.

## نقشو نمبر 05

# 1000 ق-م _ 1226ع
# ڪڇ جو ٽيڏُ، ڄنهن ڪڇ کي سنڌ، ڪاٺياواڙ ۽ اولهہ گجرات وچ ۾ پُل بڻائي ڇڏيو

**نوٽ:**

ڪڇ ٻيٽ هجڻ ڪري پهچڻ ۾ سنڌ جي هڪٻئي کان 50 ميل وٿيرڪن شهرن کان بہ سولو هو ۽ ائين ئي ڪاٺياواڙ ۽ اولهہ گجرات سان بہ هو.

هاڪڙي جي سُڪڻ ۽ ڌرتي ڌوڏ جي ڪري رڻ ڪڇ جو ٻيٽ مٽي ڪچي ويو، تنهنڪري تيرهين صديءَ ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ سان سرگرم اچ وڃ ٻيهي وئي.




**نوٽ:**

ڪڇ انهن ڏينهن ۾ سمنڊ جي ڪاري هو. ڪڇ جي ٻيٽ سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ کي ڳنڍيندڙ پل جو ڪم پئي ڏنو. ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو حصو هئا ۽ ساڳيو حال ڏکڻ پنجاب جو هو. هاڪڙو درياءُ (سَرَسوَتي) انهن ڏينهن ۾ پريو وهندو هو. آڳاٽيون وسنديون (هڙپا کان اڳ واريون) بلوچستان ۽ سنڌ جي ڪوهستان ۾ گهڻو ڪري مينهن تي وهندڙ نئين جي پاسن سان هيون. رڳو آمري ۽ ڪوٽ ڏيجي سنڌوءَ جي ور وڪڙ ميدانن ۾ هيون. سنڌ جي نئين ۾ گهٽي آڳاٽي پٿر جُڳ جا ماڳ لڌا آهن. ڪوڙ سارا سنڌو ثقافت (هڙپائي) ماڳ سَرَسوَتي-هاڪڙي سرشتي جي پاسن سان لڌا آهن. ڪڇي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي، جيئن سِرولي، وچولي، ٿري، لاسي ۽ لاڙي. ڪڇ جون ڪيتريون ذاتيون ۽ قبيلا ساڳيا سنڌ وارا آهن، جن مان ڪي اڃا تائين هندو تہ ڪي مسلمان آهن. سنڌ جي جاڙيجن سمن ڪڇ تي 1148ع کان 1948ع تائين راڄ ڪيو. سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ رهندڙ ماٺهو سنڌي-سِٽي ڳنڍيا وڃن ٿا، موهن جي دڙي سان ملندڙ 0.71 ڪارنس انڊيڪس (ميڄالي ماپ) وارا. ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ اچ وڃ ۽ ثقافتي ڳانڍاپا تيرهين صديءَ ۾ بگڙڻ شروع ٿيا، پر پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ 1965 ۾ رڻ ڪڇ ۾ لڳل جنگ کان پوءِ بنهہ بند ٿي ويا.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

**2،500 ق-م:**
ڪيچي بيگ-آمري نموني جي ٻه رنگن ٿانون جو استعمال سوهاب ۾ جاري رهيو.

گورڊن، ص. 51، هن کي موهن جي دڙي جي 2،600 ق-م ۾ بنياد پوڻ کان 100 سال پوءِ يعني 2،600 ق-م کان هڪ صدي پوءِ ڄاڻائي ٿو ۽ ان کي درست ڪيو ويو آهي.

**2،500 ق-م (اندازو):**
ڪراچي شهر جي مرڪز کان 7 ميل اولهه-اتر-اوڀر ۾ لياري نديءَ ويجهو پٿريءَ (ننڍڙو پٿر) وارا ماڳ روهڙيءَ مان گهرايل چوني چقمق پٿر جو استعمال ظاهر ڪري ٿو. انهن سان هڙپا ثقافت سان ڪجهه ڳانڍاپو جُڙي ٿو. پروفيسر رئوف سنڌ ڪوهستان جي نئيُن جي پاسن سان ڪجهه پٿريءَ وارا ماڳ ڳولي لڌا آهن، پر تفصيل ڇپائي پڌرا ناهن ڪيا ويا.

ٽاڊ، ڪي. آر. يو.، مائڪرولٿڪ انڊسٽريز آف بامبي، ائنشيَنٽ انڊيا، نمبر 6 اينڊ پيليولٿڪ انڊسٽريز آف بامبي، جي. آر. ائنٽراپالاجيڪل انسٽيٽيوٽ، واليوم XIX. هن سنه ۾ شڪ آهي، ڇاڪاڻ ته مناسب ڪوٽائي نه ٿي آهي. اهو هڙپا کان اڳ جو ٿي سگهي ٿو ۽ متان اجا گهٽو اڳ جو هجي. ڪجهه ليڪڪن هن کي 2،500-2،000 ق-م سنه ڏنو آهي.

**2،500 ق-م (اندازو):**
ڪراچيءَ ويجهو اورنگيءَ مان هٿ آيل پٿر جي سراٽيل ۽ گسائي لَسي ڪيل ڪهاڙي ئي صرف سنڌ مان هٿ آيل سچ پچ ڪهاڙي آهي. موهن جي دڙي مان ڪوٽي ڪيل چار ڪهاڙيءَ نموني شيون اصل ۾ ڪهاڙيون نه پر يا ته هر جا ڦهوڙا آهن يا ڇيٽيون.

گورڊن، ص. 31، سنه 2،500-2،000 ق-م ڄاڻائي ٿو.

هن ماڳ بابت ڄاڻ صرف آزمائشي آهي ۽ ماڳ ان کان پوءِ جو يا اڳاٽن جُڳن جو به ٿي سگهي ٿو.

**2،500-2،400 ق-م:**
آمريءَ جو مرحلو II-A؛ رانا غُنڊئي، ڊامب سادات جي مرحلي III-A ۽ منڊيگاڪ جي مرحلي III.5 جو همعصر.

برجٽ ۽ آلچن، ص. 110، 117.

ڪوٽ ڏيجي جيڪا اڳ ئي هڙپا کان اڳ واري جُڳ م پيرِ پائي چڪي هئي وڌندي ويجهندي رهي.

ڊامب سادات جو هن مرحلي لاءِ ريڊيو ڪاربان سنه 2200 ± 76 آهي. ڊامب سادات جو مرحلو I آمريءَ جي مرحلي I-C جو همعصر هجڻ ڪري 2510 ± 70 جو آهي.
ڊامب سادات مرحلن I ۽ II لاءِ MASCA ليکو آهي 3،060 ۽ 2،900 ق-م.

آمريءَ جو مرحلو II اچي ٿو، بنا ڪنهن ثقافتي ويڇي جي، ان کان پوءِ اهو مرحلو II-A آهي يا مرحلو II-B (2،400-2،300 ق-م)، پر آمري نموني سان گڏ گڏ هڙپائي نموني جي ٽوٽ-ٽوڪر ظاهر ڪري ٿو.

نَري گُجو، ڪوتراس (ڪوهتراش) بُٿي، واهي پانڌي ۽ غازي شاهه آمريءَ جاءِ هڙپا کان اڳ واري جُڳ جي مرحلي II-A ۽ II-B ۾، همعصر هئا.

ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ سٽيي رِيگڙي ۽ ڳاڙهي ڏاءَ وارا ٻه رنگا ڇٽيل ٿانوَ، منڊيگاڪ III.5 ۽ VI جهڙا هئا ۽ ڊامب سادات مرحلي II ۽ III سان ٻه ميل کاڌائون ٿي.

**2،400 ق-م:**
شاهي ٽُمپ جي شروعات.

ايف. اي. خان، ”انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران“، ص. 62-63.

هڙپا اڳي ئي اسرندڙ: ڪُليءَ جي اوج ۽ نال جي پڇاڙيءَ، سوهاب جي مرحلي RG III، اَنوج جي مرحلي III جي شروعات، سيالڪ جي مرحلي GAP، حِصار جي مرحلي III-A جي شروعات ۽ ميسوپوٽامر جي اڪاد جو همعصر. قبرستان ٻڌائي ٿو ته شاهي ٽُمپ جي پڇاڙي 2000 ق-م ڌاري ٿي.

برجٽ ۽ آلچن، ص. 145-146، هن جي پڇاڙي 1800 ق-م ۾ ڄاڻائن ٿا. اَگروَال ۽ ڪُسمگر، ص. 104، شاهي ٽُمپ قبرستان کي 2000-1900 ق-م جو ڄاڻائن ٿا. اجا اهو پتو ناهي پيو ته آيا هي ماڳ 500-600 سال هليو. هي ڪُلي جي قتل ماڳ متان اڏيو ويو هو.

**2،400 ق-م:**

ڇَڪَ تي لٽل سني گول ٽانوَ وارو زمانو، جنهن جي ڪانپ جي چوڌاري سنها وَڏا ۾ مٽيون پاسو ڪارو رڱيل، بلڪل ڪوٽ ڏيجيءَ مان لڌل ٽانوَ جهڙو.

اگروال ۽ ڪُسُمگر، ص. 69.

**2،400-2،300 ق-م:**

آمريءَ ۾ مرحلو B-II؛ رانا غُنڊَئي (b) جو همعصر. ڊامب سادات مرحلو II هلنڊڙ ۽ منديگاڪ مرحلي III.6 جي پڄاڻي. ڪوٽ ڏيجي هڙپا ڪان اڳ واري مرحلي ۾.

ڪوٽ ڏيجيءَ جي هن جُڳ لاءِ ريڊيو ڪاربان سنه 2335 ± 155 ق-م موجود آهي. آمريءَ سان گڏ گڏ ڪجھ هڙپائي ٽوٽ-ٽوڪر هٿ آئي آهي ۽ انهي ڪي مڪمل آمريءَ ۽ هڙپا جي وچ وارو جُڳ چئي سگهجي ٿو، جيڪو آمريءَ جي مرحلي III سان شروع ٿئي ٿو.

برجٽ ۽ آلچن، ص. 110، 114.

ڪاليبنگن (اوپر پنجاب) ۾ هڙپا ڪان اڳ واري جُڳ جي (ڪوٽ ڏيجي جُڳ جي) وسندي آباد ٿي، جنهن لاءِ سڀ ڪان آڳاٽو ريڊيو ڪاربان سنه 2370 ± 115 ق-م بيهي ٿو. ان لاءِ MASCA سان درست ٿيل سال 2،920 ق-م آهي. ڊامب سادات مرحلي II ڪي ڏنل ريڊيو ڪاربان سنه 2559 ± 202 ۽ 2200 ± 76 ق-م يا MASCA درستگيون 3،109 ڪان 2،700 ق-م آهن.

ڪوٽ ڏيجيءَ جي هن مرحلي لاءِ MASCA سنه 2،885 ق-م آهي.

**2،371-2،316 ق-م:**

سَرگن اڪادي جي ميسوپوٽامر (هاڻوڪو عراق) ۾ حڪومت ۽ ان جا ميلُوها يعني سنڌو ماٿر تهذيب سان لاڳاپا، جيئن اڄ ٿائين سمجهيا پئي ويا آهن، ٿي سگهي ٿو ته موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي بجاءِ آمريءَ ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ سان هجن، جيستائين اهي موهن جي دڙي جي هيٺين اڻ ڪوٽيل مرحلن سان ثابت نٿا ٿين، جيڪي ڪوٽ ڏيجي يا آمري جُڳ جا ٿي سگهن ٿا.

برجِٽ ۽ آلچِن، ص. 322.



17. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جي گهر ۾ کوهه.

# هڙپا يا اوج ماٽيل سنڌو ثقافت

**2،300-2،350 ق-م:**
هڙپا ثقافت جو بنياد پوڻ: شروعات ۾ پريانو سان ويجهڙائپ ۾ بنهي جي وچ ۾ لاڳاپا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن هڙپا اچڻ کان سُتت پوءِ هڪ ڪوٽ اڏيو.

بنياد پوڻ جو ڪارڻ نون ماڻهن جي، اتر بلوچستان رستي، وڏي پئماني تي پنجاب ۾ اچڻ چيو وڃي ٿو.

گورڊن، ص. 51، سن 2،450-2،300 ق-م ڏئي ٿو. هڙپا لاءِ ريڊيو ڪاربان سن 2،300 ڌاري آهن ۽ آثار پاڪُو هاڻ ان کي 2،350 ق-م کان پوئتي نٿا ڄاڻائن. جيتوڻيڪ هڙپا جو هڙپا جُڳ کان اڳ پيل بنياد 2،400 ق-م تائين پوئتي وڃي سگهي ٿو. موهن جي دڙي (مٿين سطح) جا ريڊيو ڪاربان سن 66 ± 2083 کان 115 ± 1760 تائين ٿين ٿا. MASCA درستگيءَ سان اهي 2،583 کان 2،060 ق-م جي وچ تي بيهن ٿا.

موجوده حالتن هيٺ اڳ ئي کوٽيل جاءِ کي ريڊيو ڪاربان سن نٿو ڏئي سگهجي، تنهنڪري هي سن اڳ کوٽيل جاءِ نه پر صرف مٿاڇري تهن جي ڪجھ نمونن جا ٿي سگهن ٿا.

**2،250-2،350 ق-م:**
موهن جي دڙي جي فرضي مٿاڇري سطح (datum) يا ميڪي جي آڳاٽي مرحلي III کان 38 هيٺ اڏاوتي نشان.

گورڊن، ص. 63، هن کي 2،600-2،500 ق-م ڪري لکيو آهي ۽ درست ڪيو ويو آهي.

**2،350 ق-م کان وٺي 1000 ق-م تائين:**
سنڌ ۽ بلوچستان ۾ نئين پاهڻي جُڳ (نيولٿڪ) مرحلي ڪانپوءِ ٽامو ۽ ڪنجهو استعمال ٿيا. پٿر جُڳ کي ڌاتو جُڳ کان ڌار ڪرڻ لاءِ هن جُڳ کي ٽامو-پٿل (ڪئلڪولٿڪ) جُڳ سڏيو وڃي ٿو.

**155 ± 2335 ق-م:**
يونيورسٽي آف پينسلوانيا جي ڪيل ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ هڙپا کان اڳ واري جُڳ جي پڇاڙي. ماڳ کي سُتت ئي باهه ڏئي ساڙيو ويو ۽ اٽڪل 100 سالن ڪانپوءِ ان تي هڙپا تهذيب چڙهت ڪري وئي.

هن لاءِ MASCA درستگي سن 2،885 ق-م بيهندو.

**115 ± 2370 کان 1825 ± 110 ق-م:**
ڪاليبنگن هڙپا کان اڳ واري ڪوٽ ڏيجي-سوٿي ماڳ طور اُسري.

MASCA درستگي سان هي سن 2،920-2،125 ق-م بيهندو.

**2،350 ق-م:**
هڙپا ثقافت جي پنهنجي دنگ وارن علائقن يعني موهن جي دڙي ۽ هڙپا ۾ شروعات.

اگروال ۽ ڪُسمگر، ص. 100.

**100 ± 2232 کان 1820 ± 115 ق-م:**
ڪاليبنگن راجستان ۾ هڙپا ثقافت وڌي ويجهي: جيئن ريڊيو ڪاربان چڪاس مان ظاهر ٿئي ٿو. ان جا هيٺيان ته ڪوٽ ڏيجي جُڳ جا هئا.

اگروال ۽ ڪُسمگر، ص. 88.

MASCA درستگي سان هن جو سن 2،782-1،865 ق-م بيهندو.

**2،000-2،350 ق-م:**
هڙپا تهذيب پنهنجي دنگن (هڙپا ۽ موهن جو دڙو) اندر وڌي ويجهي.

اگروال ۽ ڪُسمگر، ص. 100.

**2،300 ق-م (اندازو):**

قلات ۽ ڪاخشان، آڳاٽي نال ۽ سنڌ ۾ هڙپائي ٽوٽ-ٽوڪر ڪانپوءِ ڳاڙها ٽانوَ ڪاري رنگ ۾ چٽيل جانورن، انسانن، سرهه جي منڊيين ۽ ڪُنڊي نموني ڊزائنن سان پڌرا ٿيا. اهڙا ئي ٽانوَ (ٽوگاٽُو سڏجندڙ) ڊامب بُٺي، غازي شاهه، واهي پانڌي ۾ به لڌا آهن ۽ وچولي آمري ۽ آڳاٽي نال جُڳ جا همعصر آهن. هي موهن جي دڙي جي ڪوٽيل جاين جي هيٺئين تهه جي بنياد پوڻ وارو سنه سمجهڻ گهرجي.

**2،300 ق-م ۽ اڳتي:**

سون جو ڳهن ڳِنن وغيره لاءِ استعمال، هڙپائي ماڳن ثابت ڪيو آهي. هڙپا تهذيب کان اڳ واري سنڌ (3،000-2،300 ق-م) ۾ سون جي استعمال جي ڪا پڪ ناهي، ڇاڪاڻ ته مناسب کوٽائي ناهي ٿي.

ساڳي ڳالهه چانديءَ بابت به آهي، جيڪا سون کان وڌيڪ عام هئي. اها ڳهن سان گڏوگڏ ٽانون ناهڻ ۾ به ڪم ايندي هئي.

**2،300 ق-م:**

زيبُو (ٽوهي وارو ڍڳو) موهن جي دڙي ۾ ڏاريو ويو.

**2،300-2،200 ق-م:**

ڪيهه جي سڀ کان آڳاٽي ڇاتل موهن جي دڙي واري تند ڪنهن آڳاٽي اڻ سڌاريل قسم نه پر ڪنهن سڌاريل قسم جي هئي.

**2،300-2،200 ق-م:**

ڪوٽ ڏيجي جو مرحلو II-B: هڙپا کان اڳ واري تهذيب جي واڌ ويجهه. هن مرحلي لاءِ هڪ ريڊيو ڪاربان سنه 2255 ± 140 ق-م موجود آهي. ريڊيو ڪاربان چڪاس ٻڌائي ٿي ته ڪاليبنگن (اوپر پنجاب) ۾ پڙ گهٽ ۾ گهٽ 2370 ± 115 يا 2232 ± 100 ق-م کان هڙپا کان اڳ واري تهذيب هئي. هن صديءَ ۾ اها هن ماڳ تي پنهنجي اوج تي پهتي. تمام گهٽين ويجهڙائپ جي باوجود ٻئي ماڳ هڪجهڙا ناهن.

مجمدار، ايڪسپلوريشن ان سنڌ، ص. 15، 32 ۽ 37 ۽ پليٽون XXV، XXVII ۽ XXVIII. ان ڪانسواءِ گورڊن، ”انشيئنٽ انڊيا“ نمبر 10 ۽ 11، ص. 163-167 ۾ هند-ايران ڊنگ تي ٽانون جي صنعت.

گورڊن هن کي 2،600 ق-م سنه ڏئي ٿو، جيڪو موهن جي دڙي جي ريڊيو ڪاربان سنه جي روشنيءَ ۾ مڃڻ جوڳو ناهي. MASCA درستگي ان کي موجوده نمونن آڌار 2،583 ق-م تائين پوئتي ڪٽي وڃي سگهي ٿي، پر هي نمونا مٿين تهن جا آهن. ساڳي وقت ڏاري يا موهن جي دڙي کان ٿورو اڳي هڙپا جو بنياد پوڻ سنڌو-ايرانين مان ڪجهه جي زهوب نئن رستي زهوب کان ٿيندي پنجاب ڏانهن لڏي اچڻ ظاهر ڪري ٿو، پر انهن ماڻهن جو گهڻو حصو جبلن کان ٿارو ڪندو مڪران رستي سنڌ ڏانهن لڏي آيو.

ڪول، ص. 31، 2500 ق-م ڏنو آهي.

هي سڀ کان پراڻو ثبوت آهي. هڙپا کان اڳ وارن ماڳن جي کوٽائي هن سنه کي اڃا به مٿي ڌڪي سگهي ٿي. امڪان ان جي آڳاٽي آمري جُڳ تائين پهچڻ جا آهن.

ڪول، ص. 48، سنه 2،500 ق-م ڏنو آهي: سنڌس مطابق موهن جي دڙي جي وسڻ کان اٽڪل 100 سال پوءِ. سنه ڪي سنڌو تهذيب ماڳن جي ريڊيو ڪاربان چڪاس جي روشنيءَ ۾ درست ڪيو ويو آهي. امڪان آهي ته آمريءَ وارا وونٽڻ جي پوک ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته انسان سنڌو درياءَ جي چلت کي 3،100 ق-م ڌاري سمجهي ورتو هو ۽ بند ڏئي يا بنا بند ضرورت آهر پاڻي چڙهي خريف (ڪَتي يا هاڙهه) جون پوکون ڪرڻ سمجهي ورتو هو.

ڪاليبنگن ۾ هڙپا کان اڳ واري (ڪوٽ ڏيجي ± سوٺي ثقافت) 2370 ± 115 ق-م کان 1825 ± 110 ق-م يعني MASCA 2،920-2،125 ق-م تائين هلندي رهي. ان جي هڙپا ثقافت 2232 ± 100 کان 1610 ± 110 ق-م تائين هلي. MASCA نهڪندڙ سنه آهن: 2،782-1،658 ق-م.

اهڙي ريت هڙپا کان اڳ ۽ پوءِ وارين ٻن ثقافتن جي وچ ۾ ڪيترين ئي صدين جي چڙهت آهي.

آمريءَ جا ٿانوَ جاميٽريائي نمونن جي سرسيءَ سان بلوچستان جي ٿانون سان ڳنڍيل هجڻ جي جهلڪ ڏين ٿا. پر ڪوٽ ڏيجي ۽ موهن جي دڙي جا ٿانوَ انهن کان مَٽَ آهن ۽ سچ پچ ڌار لڳن ٿا. انهن رنگن جا لسا پٽا يا لهردار ليڪون استعمال ڪيون آهن ۽ لسن پٽن ۽ بين چٽن جو استعمال گهٽ ڪيو اٿن. اهڙائي ٿانوَ بلوچستان ۾ لڌا آهن، پر گهٽي چِٽساليءَ سان. ڪاليبنگن جي ٿانون کي پڻ "سوٿي" نالو ڏنو ويو آهي، پر آثار پرک جي حوالي سان اهي "ڪوٽ ڏيجي تهذيب" جا مڃيا ويا آهن. هاڻ انهن لاءِ هڪ جامع اصطلاح ڪوٽ ڏيجي-سوٿي ڪم آندي وڃي ٿي.

هينئر تائين هٿ آيل آثاري جاڻ مطابق پٿر جُڳ هند اُپبيٽ ۾ 2،300 ق-م تائين هليو، جاڪاڻ ته هنوقت تائين ڪوٽي ڪڍيل پٽل يا ٽامي جي اوزارن مان ڪو به ان کان اڳي جو ناهي. ڪوٽ ڏيجيءَ جي هڙپا کان اڳ واري جُڳ جي اوج جا MASCA درست ٿيل سنه 2،920 ق-م کان 2،608 ق-م بيهاريا ويا آهن. هن درستگيءَ مطابق ڪاليبنگن پنهنجي هڙپا کان اڳ واري مرحلي جي شروعات ڪوٽ ڏيجيءَ کان 200 سال پوءِ ڪئي.

**2،300-2،200 يا 2،150 ق-م:**

آمريءَ ۾ مرحلي II-B جي پڇاڙي ۽ مرحلي III-A جي شروعات، جيڪو حقيقت ۾ هڙپائي آهي. آمريءَ جو مرحلو II 2،200 ق-م ڌاري پڇاڙيءَ پهچي ٿو ۽ باهه هن وسنديءَ کي ڦِتائي ڇڏي ٿي.

ميهي ثقافت، جنهن ڏکڻ بلوچستان ۾ اوج ماڻيو هو ۽ اندازي طور 2،200 ق-م ڌاري شروع ٿي هئي، 2،050 ق-م ڌاري پڇاڙيءَ پهتي. موهن جو دڙو ثقافت پنهنجي اڳاٽن مرحلن ۾ هئي، جيتوڻيڪ ان جو سنه انتهائي تڪراري آهي. ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته اها پنهنجي ڳڙهه وارن علائقن (سنڌ ۽ پنجاب) ۾ 2،350-2،000 ق-م تائين هلي ۽ دنگ وارن سرسوتي-هاڪڙي درياءَ ۽ ڪاٺياواڙ جي علائقن ۾ 2،200-1،700 ق-م تائين هلي. ان جو ريڊيو ڪاربان سنه 2100-1700 ق-م ± 50 سال بيهي ٿو. چانهو دڙو ۾ گهڻو ڪري هڙپا کان اڳ واري ٽوٽ-ٽوڪر جي شروعات موهن جي دڙي سان گڏ گڏ ٿي، جيتوڻيڪ اجا ثبوت ناهن مليا. هڙپا به هڙپا کان اڳ واري مرحلي ۾ هئي. ان جي شروعات جي سنه جي پڪ ناهي. ڪاليبنگن ۾ اوج ماڻيل هڙپا کان اڳ واري (ڪوٽ ڏيجي) ثقافت 2،150 ق-م ۾ يا ٿورو پوءِ شروع ٿي. ڏکڻ ايشيا جا بيا ڀاڱا اجا پٿر جُڳ ۾ هوا، سواءِ گجرات جي، جتي لوٿل ۾ هڙپا ثقافت پروان چڙهي.

**2،300-2،000 ق-م:**

**مرڪزي هڙپا ثقافت**

آمريءَ ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ موهن جي دڙي واري هڙپا ثقافت سان گڏوگڏ هڙپا کان اڳ واري ثقافت هلندي رهي ۽ اڳتي هلي هڙپا وارن ڪوٽ ڏيجيءَ ۽ آمريءَ کي باهه ڏئي ساڙي مٿن زوريءَ قبضو ڪيو، پر ان هوندي به ٻنهي ثقافتن جي هڪٻئي مٿان چڙهت وارو صدي ڪن جو عرصو ٻن راڄن جي ٻن تهذيبن جو هڪٻئي سان رَلجي هڪ ٿيڻ ظاهر ڪري ٿو. جيڪي گهڻو ڪري ساڳيوئي ڊگ وني هتي آيا هئا ۽ گهڻو ڪري ساڳئي ئي نسلي ميڙ جا هئا.

سنڌوءَ کان اڳ واري ڪوٽ ڏيجي ثقافت جا ماڳ لڳ ڀڳ سنڌو تهذيب ماڳن واري ئي علائقي ۾ لڌا آهن. سجر واڏارو ملتان ضلعي ۾ جليل پور ۽ ٽيڪسيلا ويجهو سَرائي کولا آهن.

دلچسپيءَ سان ڌيان ڏيڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته هڙپا کان اڳ واري (آمري-ڪوٽ ڏيجي) ثقافت لڳ ڀڳ ساڳئي علائقي تائين پکڙيل هئي، جيڪا هڙپا (سنڌو ماٿر) ثقافت جي پکيڙ هئي. هند جي آثار پارکن پاران دباءُ آهي ته ان کي سنڌو ماٿر ثقافت بجاءِ هڙپا تهذيب سڏيو وڃي.

هنن جو اهو دليل ته ڪاليبنگن، لوٿل ۽ ڪاٺياواڙ ۾ رنگپور سنڌو ماٿر کان ٻاهر آهن، غلط آهي. ڪاليبنگن سنڌو ماٿر جي سُڪي ويل درياءَ سرسوتي (گهگهر، هاڪڙو، ريٽي ۽ نارو) جي سُڪل پيٽ مٿان آهي. لوٿل ۽ رنگپور رڻ ڪڇ ذريعي سنڌ سان ڳنڍيل هئا، جيڪو انوقت ڪڇ کي ٻيٽ بڻائيندڙ سمنڊ جي هڪ نارِ هو ۽ ڪاٺياواڙ کي هن تانگهي پاٽيءَ وسيلي آمريءَ، ڪوٽ ڏيجيءَ ۽ هڙپا وارن جي هڪجهڙي ثقافت ۽ ملندڙ جلندڙ نسلي پس منظر سان ڳنڍيو بينو هو. هتان جا رهواسي ٻولي به گهڻو ڪري ساڳي ڳالهائيندا هئا. اڄ تائين به پورو ڪڇ سنڌي ڳالهائيندڙ آبادي آهي. قلات، لسٻيلو، سبي، ڪڇي پڻ سنڌي ڳالهائيندڙ آباديون آهن. سنڌي ٻولي ڏکڻ پنجاب مان تاريخي جُڳن ۾ پوئتي هٽي. تنهنڪري ثقافت حقيقت ۾ ساڳي سنڌو ماٿر تهذيب واري آهي.

شاهي ٽُمپ ۽ ڪُلي لاءِ جهوني سنه کي بامپور (ايران) سان ويجهڙائپ سبب اڳاٽو سنه ڏنو ويو آهي، جنهن جو سنه 2،500 ق-م آهي. ڪُلي ثقافت جا ٿانوَ سنڌو ماٿر جي ڪرچات، شاهه جو ڪوٽڙيو ۽ چانهو دڙو ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي سِيالڪ III.5 ۽ حصار III-I ۾ اُسريا. ايران ۾ اهي ميسوپوٽامر (هاڻ عراق) کان آيل جمدات نصر جُڳ جا سڏجن ٿا، جنهن کي آثار پارکُن 3،100-2،900 ق-م سنه ڏنو آهي.

ڪُسُمگر، ص. 103.

## اوج تي پهتل ٽامو-پتل جُڳ

**2,300-2,000 ق-م:**

سنڌ ۾ ٽامي ۽ پتل جي اوزارن جو سڀ کان آڳاٽي ثبوت 2,300 ق-م تائين پوئتي وڃي ٿو ۽ موهن جي دڙي مان مليو آهي، جيتوڻيڪ اهي ويجهي اوير ۾ 3,500 ق-م ڌاري اُسريا ۽ اڳتي هلي يورپ ۽ وچ اوير ڏانهن ويا. ٽامو ڌاتوئي اوزار ۽ ڳهه ناهڻ لاءِ استعمال ٿيندو هو. اڳتي هلي هڪ وڌيڪ مرکب پتل ٺهيو. ٽامي ۽ پتل جي ڌاتوئي اوزارن کي سخت ڪرڻ جو طريقو هاڻ غائب ٿي چڪو آهي. هڙپا کان اڳ وارن ماڻن تان ٽامو نہ ملڻ جو سبب صرف مناسب کوٽائي نہ ٿيڻ آهي.

**2,300-1,750 ق-م:**

سنڌو تهذيب جو وڌ ۾ وڌ وسهڻ جوڳو جُڳ.

1931 ۾ مارشل ان کي 3,250-2,750 ق-م ڪٿيو هو. ثبوت ميسوپوٽام سان لاڳاپن آڌار هو. گيڊ 2,350 کان 1,770 ق-م جي وچ تي سنڌو ثقافت ۽ ميسوپوٽام وچ ۾ واپاري لاڳاپا ڏيکاريا.

1966 ۾ ويلَر جاچ ڪئي ۽ سنڌو ماٿر، ايران (حصار، گيان وغيره) وچ ۾ واپاري لاڳاپا 2,300-2,000 ق-م ۾ ڳولي لڌائين ۽ سنڌو تهذيب جو دور 2,500-1500 ق-م ٻڌاياائين.

1956 ۾ فيئرسروِس ڪوئيٽا ماٿريءَ ۾ ٽيل ڪوٽائيءَ آڌار سنڌو ثقافت جو سنہ 2000-1500 ق-م جي وچ تي ٻڌايو. اهو ڪوئيٽا ماٿريءَ جي ماڳ ڏامب سادات ۾ ٽيل ڪوٽائيءَ جي ريڊيو ڪاربان چڪاس آڌار هو.

1964 ۾ اگروَال ڪوٽ ڏيجيءَ ڪانوٽي سنڌوءَ جي شهرن، لوٿل سميت، جي پڇاٽيءَ تائين واري پوري عرصي جي ريڊيو ڪاربان چڪاس آڌار هن کي 2,300-1750 ق-م جو سنہ ڏنو.

برِجِٽ ۽ آلچِن، ص. 140 هڙپا جُڳ 2250 ۽ 1750 ق-م جي وچ تي ٻڌائين ٿا.

ٽاٽا انسٽيٽيوٽ ۾ وڌيڪ ڪيل ريڊيو ڪاربان چڪاس 1974 ۾ ڇپي، اها ڳڙهہ وارن علائقن لاءِ سنہ 2,300 يا ٿورو اڳ کان 2000 ق-م تائين ٻڌائي ٿي ۽ دنگ وارن علائقن لاءِ 2,200-1700 ق-م.

هنن سنن ۾ اوج تي پهتل هڙپا جُڳ 2154-1864 ق-م آهي.

جيئن تہ ريڊيو ڪاربان سنن ۾ ± 100 سالن يا وڌيڪ جي ڀُل ٿي سگهي ٿي، آثار پارکُو هڙپا ثقافت جو عرصو 2300 کان 1750 ق-م جي وچ تي مڃين ٿا.

MASCA درستگين سان هڙپا يا سنڌو تهذيب ڪاليبنگن لاءِ 2782-1862 ق-م بيهي ٿو، جنهن سان موهن جو دڙو 2,900-1600 ق-م بيهندو.

ايف. اي. خان، ”انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران“، ص. 68، هن کي 2,400-1600 ق-م سنہ ڏنو آهي.

**2,300-1750 ق-م:**

چانهو دڙو اُسرندڙ هڙپا ثقافت ۾.

اهو بہ امڪان آهي تہ هڙپا کان اڳ واري ثقافت پنهنجي بلڪل هيٺين ڏاڪي تي وڌيڪ هڪ صدي يا ان کان بہ ٿورو وڌيڪ تائين هلي هجي.

**2،300-1،750 ق-م:**

ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق سنڌو تهذيب جو عرصو. هي پڻ هڪ ڪٿ آهي، ڇاڪاڻ تہ تهذيب ريڊيو ڪاربان چڪاس هيٺ آيل سڀ کان آڳاٽن نمونن کان اڳ موجود هئي. سندس اوج وٺڻ وارن ڏينهن دوران موهن جي دڙي جي آبادي 35،000 ماڻهن کان وڌيڪ نہ هوندي، جيڪا شڪارپور جي هڪ صدي اڳ جي آبادي هئي.

لئمبرڪ، جيوگرافيڪل جرنل، 1967.

**2255 _ 140 ق-م:**

ڪوٽ ڏيجيءَ جي ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق ڪوٽ ڏيجيءَ جو هڙپا کان اڳ وارو پويون جُڳ II .

MASCA درستگيءَ سان سنہ 2،805 ق-م بيهندو، پر هي سنہ هنوقت پيٽي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ موهن جي دڙي لاءِ سڀ کان آڳاٽو MASCA سنہ ريڊيو ڪاربان چڪاس نہ ٿي سگهڻ ڪري دستياب ناهي. ڪاليبنگن جو MASCA سنہ 2،782 ق-م آهي. تنهنڪري موهن جي دڙي ۾ هڙپا ثقافت جي شروعات ٿي سگهي ٿو تہ 2،900 ق-م ڌاري يا ٿورو اڳ ٿي هجي.

**2،250 ق-م:**

سنڌو ماٿر لِپي يا سنڌو لکت مَتبي ستبي ۽ سميري لپيءَ جي آهل ڪندي سمجهي وڃي ٿي، جيتوڻيڪ انهي جي پاڄ اڃا نہ لڌي آهي. ٻنهي ثقافتن وچ ۾ لاڳاپو سمنڊ وسيلي بحرين رستي هو.

ڪولن مڪ ايويڊي.

دي پينگوئن اٽلس آف ائنشيَنٽ هسٽري، لنڊن، 1975، ص. 26. هن تي گهڻن ماهرن کي اعتراض آهن.

**2،250-2،200 ق-م:**

پٽر جا ميتاوان ٿانوَ، جن تي ميسوپوٽامي جهوپڙيءَ جي چِپرين واري ٻانهيُنءَ ۽ ڪانن جي مُڙهيءَ وارن ٻُنين جي انتهائي فطري تصوير اُڪريل آهي، جيڪا اتان موهن جي دڙي آندي وئي ۽ ان جي بلڪل هيٺين سطحن مان لڌي آهي.

گورڊن، ص. 48، سنہ 2،500-2،450 ق-م ڏنو آهي يعني سندس راءِ مطابق موهن جي دڙي جو بنياد پوڻ کان 100 سال پوءِ . سنہ کي درست ڪيو ويو آهي.

برجٽ ۽ آلچن جي خيال ۾ ميسوپوٽامر جا آمريءَ سان لاڳاپا هوندا. ڏسو 2،371-2،316 ق-م. موهن جي دڙي سان لاڳاپا ان کان پوءِ جا هوندا.

**2255 ± 140 ق-م:**

پينسلوانيا يونيورسٽيءَ جي ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق وچولي ڪوٽ ڏيجي ثقافت (تهہ 5).

هن جي برابر MASCA آهي 2،805 ق-م.

**2،200 ق-م:**

هڙپا جي ماڻهن پاران سرسوتي درياءَ کي بينڪيٽ بٽائڻ جي شروعات. عراق ۾ گيٽ جي حڪمرانيءَ سنڌو تهذيب سان لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا.

گورڊن جو سنہ 2،100 ق-م هڙپا جي دنگ وارن ماڳن جي ريڊيو ڪاربان چڪاس جي روشنيءَ ۾ مٽايو ويو آهي.

ڪاليبنگن لاءِ سڀ کان آڳاٽو ريڊيو ڪاربان سنہ 2232 ± 100 ق-م آهي. MASCA سان اهو 2،782 ق-م ٿئي ٿو.

**2،200 ق-م (اندازو):**

پِريانو II جي همعصر ڇانهو دڙي جو بنياد پوڻ. موهن جي دڙي ۾ فرضي مٿاڇري سطح (datum) کان هيٺ 28 فٽن کان 35 فٽن تائين جي اڏاوتي اونهائي، پڳل تٽل سرن جي پَراءَ سان، ٽڪرو گند گڏ ٿيڻ ظاهر ڪندڙ، ميڪي جو آڳاٽو مرحلو II سڏجي ٿو.

گورڊن، ص. 63، 2،500-2،400 ق-م سنہ ڏنو آهي، موهن جي دڙي جي آباد ٿيڻ کان اٽڪل 100-200 سال پوءِ. پر مناسب وِٿي وڌ ۾ وڌو 100 سال هوندي. جيستائين ٻنهي جي هيٺين سطحن جي کوٽائي نٿي ٿئي، هي سوال نبيري نٿو سگهجي.

**2،200-2،100 ق-م (اندازو):**

موهن جي دڙي ۾ شهر پناهه ۽ اَن جي پانڊي جو اڏجڻ. ميڪي جو وچولو مرحلو III، بناوت جي 20 فٽن جي اونهائيءَ تي ۽ هڙپا شهر جو بنياد پوڻ، هڙپا جُڳ II قرار ڏنل. سچي موهن جي دڙي جُڳ ۾ هڙپا وارن پٿر جي اوزارن لاءِ لڳ ڀڳ سيني ماڳن تي روهڙيءَ جو چقمق پٿر استعمال ڪيو. اَن جي پانڊن لاءِ ڍوئڻ جي وسيلن جي ضرورت هئي. اُٺ اجا نه ڌاريو ويو هو. ڏاند گاڏيون نهي چڪيون هيون. پوري ماپ وارين گاڏين جا ڏگ لڌا آهن، ڦيٿن جي ويڪر 3'-6" اٽن ۽ اها ئي ويڪر هنوقت اتر سنڌ ۾ هلندڙ ڏاند گاڏين جي ڦيٿن جي آهي.

**2،200-2،100 ق-م:**

موهن جي دڙي ۾ مها تڙَ جو اڏجڻ ۽ اَن جي پانڊي ۾ واڌارو.

هڙپا وارن جو ڊابرڪوٽ تي قبضو ۽ هڙپا جُڳ جو اوج. موهن جي دڙي ۾ ميڪي جو وچولو مرحلو II، ممڪن اونهائي اٽڪل 18 فٽ.

**2،200-2،000 ق-م:**

موهن جي دڙي ۾ پهريان ٺڪَ وارا ميناوان ٿانوَ. اهو دور جڏهن هڙپا تهذيب جي والار روپ وٺي رهي هئي.

موهن جي دڙي تي اونهائي 28 فٽ هئي ۽ ميڪي جو آڳاٽو مرحلوا سڏجي ٿو. ٺڪَ وارا ٿانوَ آڳاٽي راڄ گهراڻي III ۾ پکڙيا، جيڪو عُر جي شاهي قبرن جو همعصر آهي، جنهن لاءِ 25هين صدي ق-م مڃي وئي آهي.

**2،200-1700 ق-م:**

هڙپا ثقافت پنهنجي دنگن وارن علائقن (هاڪڙو، راجستان، گجرات، اوپر پنجاب وغيره) ۾.

**2255 ± 140 ق-م:**

پينسلوانيا يونيورسٽي جي ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق ڪوٽ ڏيجيءَ جو هڙپا ڪان اڳ وارو پويون جُڳ III.

**2،150 ق-م (اندازو):**

زهوب ۾ پريانو III واري گهگهي ڪُلي ۽ پانڊي واهي (تعلقو جوهي، سنڌ) واري گهگهيءَ سان ميل ڏيکاري ٿي.

وِيلَر، 'هڙپا'، ائنشِيَنٽ انڊيا، نمبر 3، نئين دهلي، 1946، ص. 85.

گوربن جو سنه 2350-2250 ق-م آهي. مٿئين ڪٿيل سنه جي وري تصديق ٿيڻ گهرجي.

رانديڪا گاڏيون ڪوٽ ڏيجيءَ مان پڻ ايف. اي. خان ڪي 58-1957 واري کوٽائيءَ ۾ لڌيون هيون. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته گاڏيءَ جي ابتدا وڌيڪ آڳاٽي هڙپا ڪان اڳ واري جُڳ ۾ ٿي.

گوربن جو (ص. 73) 2،350-2،200 ق-م وارو سنه درست ڪيو ويو آهي.

مها تڙَ کي پکو ڪرڻ لاءِ ڏامر (bitumen) سنڌ اندر ڏيهي ذريعن يا سنڌ-بلوچستان دنگ يا پنجاب مان هٿ ڪيو ويو هو، چاڪاڻ ته ڪيميائي طور اهو تَل اَسمَر ۽ عُر واري ڏامر (asphalt) کان مَٽَ آهي، پر ڏامر کي پاٽي روڪ وَٽُ ڪري ڪم آڻڻ واري چاڻ تي سگهي ٿو ته ميسوپوٽامر ڪان 2،300-2،250 ق-م جي وچ تي آئي هجي: ممڪن آهي آمريءَ رستي، جنهن سان تي سگهي ٿو ميسوپوٽامر جا لاڳاپا اڳ ئي هجن.

گوربن هن جو سنه 2،400-2،300 ٻڌائي ٿو. سنه کي درست ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ تصديق جي گهرج اٿس.

اَگروَال ۽ ڪُسُمگَر، ص. 100.

MASCA درستگيءَ سان هي 2،750-1800 ق-م بيهندو.

ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق بلڪل آخري جُڳ 2255 ± 140 ق-م آهي، پر شهر پناهه جا مٿيان ته 2030 ± 140 سنه ظاهر ڪن ٿا.

نهڪندڙ MASCA سنه 2،805 ۽ 2،590 ق-م بيهندا.

هَرگرِيوز، "ايڪسپلوريشنس ان بلوچستان"، پليٽ XXI، ص. 15.

اسٽائين، آرڪيالاجيڪل ٽُوئر ان گيڊروشيا، ص. XXI. ڊيوا ۽ مِڪ گرائون، فردر ايڪسپلوريشنس ان سنڌ، پليٽ VII، ص. 74، ائنشِيَنٽ انڊيا نمبر 5، نئين دهلي 1949 ۾. سنه کي 2،500 ق-م کان درست ڪيو ويو آهي، جيئن آڳاٽن کوجنا ڪندڙن جو خيال هو، پر اڳتي هلي رد ٿيو.

**2،150 ق-م يا ٿورو اڳي ۽ پوءِ:**

ڪُلي ثقافت ٽانون وارا ڏاند ۽ رسي سان ٻڌل شيون جيڪي اڳتي هلي هڙپا ثقافت جو پُوتر نشان بڻيون ۽ پنهنجي ليکي واهي پانڌي ٽانون جا ويجها مائٽ آهن. هي ڪُلي ثقافت سان آڳاٽا لاڳاپا آهن.

**2،150 ق-م ۽ اڳي:**

وچ اوير جا سمورا آڳاٽا لاڳاپا هڙپا وارن سان نه پر هيٺين سنڌوءَ جي هڙپا ڪان اڳ واري آمري ثقافت سان هئا.

جيڪڏهن هن ڪي سچ مڃجي ته پوءِ آمري ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ ڪي قتائي ۽ اتي هڙپا ثقافت پهچائڻ وارا آريا نه پر آرين ڪان اڳ وارا ماڻهو هئا. پراڻي ٽوٽ-ٽوڪر سان گڏ گڏ چڙهت واري عمل جو ڪنهن ڊگهي عرصي تائين هلندو رهڻ پڻ ساڳيو ٻن ثقافتن بلڪه ٻن راڄن جو پاڻ ۾ رلجي هڪ ٿيڻ ظاهر ڪري ٿو.

**2،150-2،050 ق-م:**

سنڌ ۾ غازي شاه ۽ واهي پانڌي ماڳن تي لڏل نمونا زبردست ڪُلي چاپ

گورڊن، ص. 52، سنه 2،500 ق-م ۽ اڳتي بيهاري ٿو، جيڪو درست ڪيو ويو آهي.

برجٽ ۽ آلچن، ص. 114، سنڌو-يورپين جي ايشيا مائنر ۾ چرپر ڪي مِنيان ٽانون سان جوڙي اهڙو ثبوت ٻڌائين ٿا.

هڙپا، حصار ۽ سنڌو ماٿر جي انساني ڍانچي، ڪوپرين ۽ ڪارنيَل انڊائيسز (بدني تفصيلن) جي چند ڇاڻ، جنهن جو ڊگهي عرصي کان انتظار هو ۽ هاڻ سرڪار پاران ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي، ان نتيجي پهتي آهي ته سنڌو ماٿر جون 71 ڪارنيل انڊيڪس ڏيڪاريندڙ ڪوپريون تپي حصار (4،000 ق-م) جي پڪيڙ آهن ، جنهن ۾ ڪوٽ ڏيجي، آمري، هڙپا ۽ جهُڪر جُڳ اچي وڃن ٿا. حصار جي مرحلي III ۾ يعني سنڌوءَ جي شهرن جي زوال کان پوءِ گهٽو ڪري آڳاٽا سِٽي ئي هئا، جيڪي يوڪرين ۽ وچولي روس کان هتي اچي پهتا. انهن جا ٽي سگهي ٿو جهُڪر جي ماڻهن سان لاڳاپا هجن. اهي مختلف لهرن ۾ لڏي آيا، جيئن هڙپا جي قبرستان جي تهه I ۽ ٻين G ماڳن جي تصوير اپري ٿي. سرڪار لڏ پلاڻ جي آخري مرحلي لاءِ سنڌو-ڪيسپيائي جي بجاءِ سنڌو-آريائي لفظ استعمال ڪرڻ لاءِ چوي ٿو.

هو گُوها ۽ سيوِل جا اهي رايا رد ڪري ٿو ته اهي نيم آسٽريليائي يا دراوڙ هئا. نيم آسٽريليائي نظرئي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت سخت تڪرار پيدا ڪري ڇڏيا آهن.

تپي حصار جي ماڻهن جو سنڌو ماٿر جي ماڻهن سان ملڻ ۽ ڪيپر مطابق پهرين (حصار وارن) جو پنجاب جي جُهڻ ۽ سڪن (آئيبيڪسٽيٽ 1921-21) سان نسلي لاڳاپو ڪو نئون باب کولين ٿا. سرڪار، ريسز آف بلوچستان، سنڌ اينڊ پنجاب، ص. 72-94.

ڪجھ وڏيڪ اِيپاس آهن ته سِڪَ سنڌ ۽ پنجاب جي جاٽ آباديءَ مان آهن. هن سان هڪ نئون سوال اٿي ٿو ته سنسڪرت ڏڪڻ ايشيا ۾ ڪڏهن پير پاتو ۽ ڇا سنڌي ٻولي ان مان نڪتي؟

چچنامو ٻڌائي ٿو ته جاٽن ۾ لاڪا، سما ۽ لوهاڻا شامل هئا.

هيلبُش ۽ ويسٽفال جو پاڪستان جي جاٽن بابت اِيپاس ظاهر ڪري ٿو ته سنڌ ۽ پنجاب جي ماڻهن جو چڱو پلو ياڳو انهن جا پونيَر آهن. 712ع تائين ٻه جاٽن جو سنڌ جي ساموندي ڪناري، دريائن جي ڪنڌين، ڪئڪان (قلات) ۽ بولان لڪَ تي قبضو هو.

گورڊن، ص. 44، 46 ۽ 49، هي جُڳ 2،500-2،200 ق-م هڄڻ جي دعويٰ

جو ڏس ڏين ٿا. هي مشتمل آهن: رسن سان ٻڌل ڏاندن، سرهه جي ننڍين تصويرن، ڦٽي نمونن، ڪنڊن وارين سِگما شڪلين، ٽيڪن جي گولڙن ۽ اِنگڙ ونگڙ پَٽن تي. ٽامي جون شيون ۽ ٽامي جون درسنيون ظاهر ڪندڙ ڪُلي ثقافت جو آخري مرحلو پوءِ جو ۽ هڙپا جو همعصر آهي.

**2،150-1،900 ق-م (اندازو):**

سنڌ ۾ غازي شاهه تي زبردست ڪُلي ڇاپ رهي. ڪُلي جي جانورن سان ميل ڪائيندڙ جانور، تيرن جون روايتي چوٽيون: هن طريقي سينگاريل ٽوٽ-ٽوڪر آمريءَ ۾ فرضي مٿاڇري سطح (datum) ڪان هيٺ 32.3 ڪان 25.7 فٽ تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهن ڪان مٿان هڙپا جا پِپرَ جا وٽ 28.8 فٽن تي ۽ وڌيڪ عام نمونا 27.2 فٽن تي آهن.

**2،100-2،000 ق-م:**

موهن جو دڙو اڃا شروعاتي ڏاڪي تي. هڙپا ڪان اڳ واري ۽ هڙپا ثقافت جي ڪوٽ ڏيجيءَ تي چڙهت. چانهو دڙو مرحلي A-I ۾. هڙپا ۾ اوج واري مرحلي جي شروعات ۽ ساڳيو حال ڪاليبنگن جو. ڪاليبنگن جو هڙپا ڪان اڳ واري ثقافت جو آخري ريڊيو ڪاربان سنه 2،100 ق-م آهي. پر 2100 ۽ 2000 ق-م جي وچ تي هڙپا جُڳ جي شروعات ظاهر ڪندڙ ڇهه ٻيا سنه آهن. ائين ئي ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ به ٿيو پئي. ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ آمريءَ وانگر شهر جي باهه ذريعي ڦِٽڻ جو ثبوت هڙپا ثقافت جي اُسرڻ سان ملي ٿو. هن ڪي ڏاڍ سان انت چئي سگهجي ٿو. پر ڪوٽ ڏيجي ۽ آمريءَ ۾ هڙپا تهذيب ۾ هڙپا ڪان اڳ واري ثقافت ڪان هڙپا ڏانهن ٽپڻ وارو سلسلو پَڪ سان پوري سنڌو ماٿر ۾ موجود هڙپا ڪان اڳ واري ثقافت مان نڪتو هوندو. اها ڳالهه آباديءَ ۽ ٻوليءَ سان پڻ لاڳو ٿي سگهي ٿي، اها حقيقت هوندي ته اها تبديلي ٻاهران ٿيل ڪاهه وقت آئي. هن ڪي ماڻهن جي ڏکڻ اوڀر ايران ڪان بلوچستان رستي سنڌ ڏانهن ٻين لڏ پلاڻ به سمجهڻ گهرجي.

ڪوٽ ڏيجيءَ جي پوءِ وارن تهن ۾ هڙپائي نمونن جا ڪيترائي گڏ ليِن ٿا. ڪوٽ ڏيجيءَ لاءِ هڪ ريڊيو ڪاربان سنه 2090 ± 140 ق-م تمام وڏي باهه ظاهر ڪري ٿو. اهو ڪوٽ ڏيجيءَ جي هڙپائي تيڻ ڪان ٿورو اڳ جو آهي. تنهنڪري ائين سمجهي سگهجي ٿو ته ڪوٽ ڏيجي ثقافت جو انت هن صديءَ ۾ ٿيو. هڪڙو اتفاق ڪاليبنگن ۾ ٿيو جتي ريڊيو ڪاربان سنه هڙپا ثقافت جي شروعات 2100-2070 ق-م جي وچ تي ظاهر ڪري ٿو. لوٿل ثقافت جو اهڙو ئي سنه 2082 ± 130 ق-م آهي. لوٿل جو انت 1810 ± 140 ق-م ڏاري ٿيو.

**2،100-1900 ق-م:**

سنڌو ماٿر سان ميسوپوٽامي واپار جي ٻين لهر بادشاهه عُر نَمُو سان شروع ٿي ۽ 200 سال لارسا جي دور تائين هلي. واپار جي ممڪنه واٽ مُولا لَڪَ رستي بلوچستان ڪان ٿيندو جوهيءَ ڪان منڇر ڍنڍ يا ڪرچات ويجهو گَرِي

ڪري ٿو. درست ٿيل سنه 2،150-2،050 ق-م يا وڌ ۾ وڌ 2،200-2،000 ق-م هجڻ گهرجي. مٿين تهن مان لڌل درسنيون 2،100 ق-م جون ٿي سگهن ٿيون.

مجمدار، ”ايڪسپلوريشنس“، ص. 95-101. ڊيوا ۽ مِڪ،گرائون، فردر ايڪسپلوريشن ان سنڌ، پليٽ VI ۽ پليٽ VII ۽ ص. 70 ۽ 76 پڻ.

گوردن، ص. 47، سنه 2،500-2،300 ق-م ڏئي ٿو. ڪُلي جا بلڪل درست سنه طيءِ نه ٿيا آهن. جيتوڻيڪ ڪُلي جو ميهي ڪان پوءِ وارو چڱو پلو عرصو هنن حدن اندر اچي سگهي ٿو.

بِرجِٽ ۽ آلچن، ص. 118.

ڪوٽ ڏيجيءَ لاءِ هن جي برابر MASCA درست ٿيل سنه 2،590 ق-م ٿيندو.

ڪاليبنگن لاءِ ساڳيو MASCA سنه 2،600-2،570 ق-م ٿيندو.

لوٿل لاءِ MASCA سنه 2،582 ق-م ٿيندو.

MASCA درستگيءَ مطابق لوٿل جو انت 2،110 ق-م ڏاري ٿيو.

ايف. اي. خان، انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران، ص. 17 ۽ ص. XXII.

هي سنه ڪنهن به ريڊيو ڪاربان چڪاس ڪي رد ڪن ٿا، چاڪاڻ ته تاريخي رڪارڊ هنن جي تصديق ڪن ٿا.

ڊنڊ، ڦُوسِي ڊنڊ ۽ روهيل ڊنڊ ڪان واهي پانڊي ۽ ٽندو رحيم تي سگهي ٿي.

**2065 ± 110 ق-م:**

قلات ويجهو ٻندوواري ڊامب اُسريو. جيئن ريڊيو ڪاربان سنہ ٻڌائي ٿو.

**2030 ± 140 ق-م:**

پوئين ڪوٽ ڏيجي ثقافت؛ پينسلوانيا يونيورسٽي جي ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق.

ڪُلي وسندي خالي ٿي وئي، جڏهن انهي سامان جا نفيس نمونا تيار ڪري ورتا هئا جهڙوڪ پرن وارا شينهن، بلائون ۽ گهڻ رنگي ڳاڙهي، نيري ۽ سائي ڏاءَ جو استعمال، جيئن نال وارين قبرن مان لڌا آهن. انهي دور ڏاري ميهي نموني (ڪجھ ماهرن مطابق ڪُلي جو ٻيو نالو) ڪوريل ٽانوَ هڙپا ثقافت ۾ عام هئا.

اهي قبيلا، جن پڇاڙيءَ ۾ موهن جي دڙي کي ڦُري ڦِٽايو، تن جو سڀ کان آڳاٽو اندازو خُراب (ايراني مڪران) مان لڌل ڪهاڙيءَ مان ٿئي ٿو. هي قبيلا مڪران جي ڪيچ ماتريءَ ۾ شاهي تُمپ ڏانهن هليا ويا.

**2000 ق-م:**

ايران ۾ ڪنجهي جُڳ جو اچڻ.

**2000 ق-م:**

اوج ماٿيل هڙپا ثقافت پڇاٽيءَ پهتي.

**2000 ق-م:**

گهوڙي جو ڏارجڻ.

ڪپڙو ۽ مسالا ڏکڻ ايشيا جا رومين جي وقت ڪانوني ڏيساور ويندڙ مُک اسم هئا ۽ ٿي سگهي ٿو ته سنڌ ۽ پنجاب ڪان اجا به هڙپا جُڳ ڪانوني.

برجٽ ۽ آلچِن، ص. 45.

اگروال ۽ ڪُسمگر، ص. 99.

هن جي برابر MASCA درست ٿيل سنہ 2،565 ق-م ٿيندو.

هي MASCA درستگيءَ سان 2،590 ٿيندو.

سنہ 50 سالن جي گنجائش سان ميڄڻ جوڳو ٿي سگهي ٿو.

ريڊيو ڪاربان چڪاس نہ هجڻ ڪري هي 2،050-1،900 ق-م جي وچ تي ڦري گهري سگهي ٿو.

گورڊن، ص. 78 ۽ 94.

هي قبيلا (ويجهڙ ٿائين آريا سڏجندڙ) ايراني مٿاهين پٽ يا روسي ترڪستان ۽ ڏکڻ روس جي نيم سُڪل ميدانن رستي آيا. اهي هئا ڪٽي ڪٽان جا به، پر آيا ايران ڪان: ڪجھ اتر ڪان هرات ۽ ڪِرمان رستي، قلع بِست رستي قندار وٽ گڏ ٿي ۽ ڪجھ ايراني مڪران ڪان شاهي تُمپ رستي، جابلو سلسلن ۽ ڪابل جي وسيع علائقن ڪان ٽارو ڪندا. اندازي طور سندن اچڻ واري واٽ هوندي: ٽوچِي، گومل ۽ ڪُرم ماتري يا ٿي سگهي ٿو ايراني مڪران ڪان پاڪستاني مڪران ۽ اتان سنڌ جي منڇر واري علائقي مُولا لَڪَ رستي يا اجا به ڪراچي ۽ لاڙ سنڌ رستي.

گورڊن جي بيان جو ڪجھ حصو سچ آهي. قبيلن گهٽو ڪري مڪران واري واٽ کي ترجيح ڏني هوندي. هو ٽوچِي، گومل ۽ ڪُرم واري واٽ ميڄي ٿو، جو ته پويان به نالا رِگ ويد ۾ آهن ۽ سندس لاءِ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ آساني پيدا ٿي پئي ته اهي قبيلا آريا هئا.

گِرشمئن، ص. 71. هن بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪنجهو، جيڪو موهن جي دڙي ۾ 2،000 ق-م ڪان اڳ استعمال ٿيندو هو، ڏکڻ ايشيا ۾ ڪا پنهنجي منهن ٿيل ايجاد هئي ۽ هڙپا ڪان اڳ وارن يا هڙپا وارن ٻاهران نہ آندي هئي.

اگروال ۽ ڪُسمگر، ص. 100.

برجٽ ۽ آلچِن، ص. 144.

اهو نظريو تہ گهوڙو يوڪرين، ڪزاخستان ۽ وچ ايشيا ۾ چوٿين ۽ پنجين



18. 2300–1700 ق-م: موهن جي دڙي ۾ هڪ هيٺاهين گهٽي.



19. موهن جي دڙي ۾ 30 فٽ ويڪري مکيہ گهٽي .



20.  2200-2000 ق-م: بلوچستان مان هٿ آيل ڪُلي ٿانوَ.




21.  2200-2100 ق-م: موهن جي دڙي وارو مها تڙُ. رٿا سَجي ڪيل.



22. 2200-2100 ق-م: موهن جي دڙي وارو مها تڙُ.



23. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جي نرالي گهر جو اندريون ڏيک (سڄو ڪيل). چوڪين سِرُن جو فرش، ڇت ۾ ڪاٺ جون ڪامون ۽ پٽيون. (مارشل، 1931، تان).



24. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جي اَنَ جي پاندي جي سڄي ڪيل رٿا ۽ اَنَ جي سنڀال جو خيالي طريقو.
(ويلَر جي انڊس ويلي اينڊ بِيانڊ 2300-1700 بي. سي.، لنڊن 1966، تاَن).



25. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي جي هڪ گهر جي سڄي ڪيل رٿا جو ٽِپارو اڏاوتي ڏيک.



26. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل چقمق پٿر جون چيراڦيون ۽ اوزارن جا لَسا گَنل ڦَرَ. پٿر جا اوزار ڪنجهي جي اوزارن سان گڏ گڏ انهن جي عروج وارن ڏينهن ۾ به هلندا رهيا. چقمق پٿر جي ملڻ جو هنڌ روهڙيءَ واريون ٽڪريون هيون، جتي آلچن وچولي پٿر دور جو ايشيا جو وڏي ۾ وڏو پٿر جو ڪارخانو هٿ ڳولَي ڪيو.



27. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڪنجهي ۽ ٽامي جا اوزار ۽ سنجٿ.



28. 2300-1800 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل مڻين جو ڳلپٽو يا گلوبند. (قومي عجائب گھر ڪراچي).



29. 2300-1700 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل پٿر ۽ سون جي مڻين جا هار ۽ ڳلپٽو.



30. 2300-1700 ق-م: هڙپا مان هٿ آيل ڪچ جو ڪنگڻ.



31. 22300-1700 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٺڪر جو رانديڪو ڏاند گاڏي.



32. سنڌ جي هلندڙ وقت جي ڏاند گاڏي، اجا بہ جتي ڪٿي دڳن تي ڏسجي ٿي. (وِيلَر تان، مٽي ڏيڪاريل).



33. ڪيڙ ۽ ناڙي ڏار ڏار سنڌ ۾ سنڌو ماٿر ثقافت 2300-1700 ق-م وانگر اڄ بہ هلي ٿو. (ڊِي. ڊِي. ڪوسَمبِي)



34. 2300–1800 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل پٿر جا وَٽَ.



35. 2300–1800 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل ماتا ديويءَ جي مورتي.



36. 2300–1800 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل پروهت راجا.



37. 2600-2300 ق-م؛ خُـراب
ايران مان هٿ آيل ٽامي جي لٺ
جنهن مٿان اُٺ ٺهيل آهي.
(پيبادي عجائب گهر،
هاروَرڊ، آمريڪا).



38. 2300-1700 ق-م؛ موهن جي دڙي مان هٿ آيل ناچڻيءَ جي ڪُٽَ مان ٺهيل مورتي.



39. 2300-1700 ق-م؛ موهن جي دڙي مان هٿ آيل شطرنج جي ماءُ راند جو ڇِيلو.



40. 2300–1700 ق-م: موهن جي دڙي مان هٿ آيل صابڻي پٿر جون مُهرون ۽ انهن جون لپيءَ ۽ جانورن جي ڊزائنن واريون ڇاپون.




41. 2300–1700 ق-م: ڀڳوان ۽ انهن جون سنڌو مُهرن تي اڪريل مورتون. هي مهرون ثابت ڪن ٿيون تہ ڌرمي اُپِنيشدن، ٻُڌ ڌرم ۽ پُراڻن جون پاڙون سنڌو ثقافت ۾ هيون. (ڊِي. ڊِي. ڪوسمبي تان).



42. سنڌو مُهرون

i. 2300-1700 ق-م: سنڌو مُهر يا ٺپي تي ٻيڙي ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ سِڙُهہ، مسافرن جي ويهڻ واريون جايون ۽ سُکان يا هلائڻ وارو پاڳو آهي. اهڙي هڪ ٻيڙي - - 1975 ۾ ٺاهي ۽ فرات جي منهن کان ڪراچيءَ تائين سفر ڪري ثابت ڪيائين تہ سنڌو ۽ ميسوپوٽامي تهذيبن وچ ۾ اهڙي قسم جي اچ وڃ ممڪن هئي.

ii. 2300-1700 ق-م: بليدان ۽ پپر جي وڻ تي ٽن سڱن وارو ديوتا ڏيکاريندڙ سنڌو مُهر. پنيان وارو جانور خيالي آهي، جنهن کي سڱ ٻڪريءَ جا، پڇ مڇيءَ جو، ڌڙ گھٽي جو ۽ پير چنبن وارا اٿس. (ڊِي. ڊِي. ڪوسمبي تان).

iii. 2300-1700 ق-م: سنڌو مُهر تي ماڻهو سڱن واري واگھ کي ماريندو ڏيکاريل آهي. (ڊِي. ڊِي. ڪوسمبي تان).



43. سنڌو مُهرون ۽ ڏند ڪٿائون، جن پوءِ ايندڙ ڌرمن تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي.

i. هڪ جوڙو، ميسوپوٽامي گلگميش وانگر ٻن واگھن کي نڙيءَ کان جهليو بيٺو آهي.

ii. سنڌو مهر تي ڏيکاريل واگھ-ماڻهو، جنهن تان اڳتي هلي وشنو جو شينهن ماڻهوءَ وارو اوتار ٺهيو. (نشيما).

iii. ميسوپوٽامي مهر، جنهن تان وشنو جو مڇيءَ وارو اوتار ٺهيو.



44. 550-325 ق-م: ڏکڻ ايشيا ۾ سڪندر جي دور کان اڳ جا سُنبي سان ٺپيل سِڪا. هي ٻي ڌولا ٺهيل هوندا هئا، پر تور جي حساب سان هلندا هئا.

هزاري ق-م ڏاري ڏاريو ويو. زِيُونر پاران رد ڪيو ويو آهي، جنهن جو چوڻ آهي ته هي جانور گور گڏهه (Hemione) هو، حقيقي گهوڙو نه.

**2000-1900 ق-م:**

شاهي ٽُمپ بلوچستان ۾ ڪُلي ثقافت.

اگروَال ۽ ڪُسُمگر، ص. 104. داخلا 2150-1900 ق-م پڻ ڏسو.

**2000-1800 ق-م:**

موهن جو دڙو وچولي مرحلي ۾. آمري مرحلي III-B ۽ III-C ۾. هر هڪ اٽڪل 100 سال هليو. ڪوٽ ڏيجيءَ تي هڙپا ثقافت جو قبضو. هڙپا کان اڳ واري ۽ هڙپا ثقافتون گهٽ ۾ گهٽ هڪ صدي يعني 2100 کان 2000 ق-م تائين هڪٻئي تي چڙهت ڪنديون رهيون. ڪاليبنگن، اوڀر پنجاب ۾ هڙپا ثقافت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. چانهو دڙو مرحلي B ۽ C ۾ هو.

**1900 ق-م (اندازو):**

پاهي واري ڪهاڙيءَ ڏکڻ روس جي مَئڪوپ ۽ تَراڪايا ۾ جنم ورتو، هيءَ 1800 ق-م تائين ڏکڻ ايشيا ۾ اٽسچاتل هئي.

برِجٽ ۽ آلچِن، ص. 145. اها ٿي سگهي ٿو جهُڪر وارن آندي هجي.

**1800 ق-م يا ٿورو پوءِ:**

شاهي ٽُمپ ۾ خانن واريون قبرون، پاهي واري ٽامي جي ڪهاڙي ۽ پراڻي قسم جا ايراني ٿانوَ، ٽِپائو پيالو وغيره ظاهر ڪن ٿا ته ايراني مڪران جي خُراب جا قبيلا ڪيچ مڪران جي شاهي ٽُمپ تي قابض ٿي چڪا هئا.

گوردِن ص. 79 ۽ 80.

وڌيڪ ثبوت اهو آهي ته ڪُلي، نال ۽ ڀريانو III وا را رڱيل ٿانوَ پڻ اوچتو ختم ٿي ويا ۽ ممڪن آهي هن نون قبيلن هٽان. گهڻو ڪري اهي ئي قبيلا اڳتي هلي سنڌ ۽ پنجاب ۾ پهتا. هاڻ جهُڪر سڏجندڙ هنن ماڻهن هڙپا وارن کي جهُڪر، لوهمجي دڙي ۽ چانهو دڙي مان ڌڪي ٻاهر ڪيو. شاهي ٽُمپ مان لڌل پاهي واري ڪهاڙيءَ جهڙي چانهو دڙي مان لڌي هئي. ان ڪانسواءِ ٻيا ثبوت پڻ آهن.

پِگوٽ، انشِيَنٽ انڊيا، نمبر 4، 'نوٽس آن سرٽين ميٽل پِنس اينڊ ميسڊ هيڊ'.

**1850-1800 ق-م:**

ڦهرئين بابلي راڄ گهراڻي موهن جي دڙي سان لاڳاپا نوان سنوان ڪيا. موهن جي دڙي تي اونهائي ميڪي مطابق 10 فٽ آهي. واهولا ۽ ڪٽاريون، جهڙا شام ۽ فلسطين ۾ 2000-1900 ق-م ۾ هلندا هئا، واپارين موهن جي دڙي ۾ آندا.

گوردِن، ص. 63.

گوردِن، "اَرلي يُوز آف ميٽل ان انڊيا اينڊ پاڪستان". J.R.A.S.، واليوم XXX ص. 57. گوردِن جو سنه 1900-1800 ق-م 50 سالن جي گنجائش سان 1850-1800 مجي سگهجي ٿو.

**2800-1750 ق-م:**

سنڌوءَ کان اڳ ۽ پوءِ واري تهذيب ڪچ ۾ وڌي، جيڪو سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ وچ ۾ پُل ناهيندڙ هڪ ٻيٽ هو. ساڳي تهذيب ڪچ واري ٻيٽ رستي ڪاٺياواڙ ۾ گهڙي.

# ڍرڪندڙ سنڌو ثقافت يا سنڌو ثقافت جو پوئتي پوڻ

**1800-1600 ق-م:**

موهن جي دڙي ۾ پويون مرحلو ۽ آمريءَ ۾ مرحلي B-III جي پڇاڙي. 1800 ق-م ڌاري چانهو دڙي جي مرحلي C جي پڇاڙي ٿي. 1750-1700 ق-م ڌاري هڙپا ۽ ڪاليبنگن جو بہ انت ٿيو.

ان جُڳ دوران مينهن (Bos bubalois)، جنهن جا هڏا موهن جي دڙي جي مٿين تهن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تي سگهي ٿو ڌارجي چڪي هجي. هاٿي ۽ اُٺ جا هڏا پڻ لڀن ٿا. پهريون جانور ٿي سگهي ٿو ڌارجي چڪو هجي. اُٺ عربستان ۾ 1300 ق-م ڌاري ڌاريو ويو ۽ ٿي سگهي ٿو اهو موهن جي دڙي وقت بار ڍوئيندڙ وهٽ هجي.

مِروُنءَ (Sus Cristaus) جا هڏا پڻ لڌا آهن، پر اها پڪ ناهي تہ اهو ڌارجي چڪو هو. مِرونءَ جي ڌارجڻ جو ثبوت گجرات جي ماڳ رنگپور A-II مان مليو آهي. وچ اوڀر ۾ مِرون شروعاتي نئين پٿر جُڳ ۾ ڌاريو ويو.

جيئن تہ جاٽ قبيلن کي مينهون ڌارڻ سان جوڙيو ويجي ٿو ۽ جيئن تہ هڙپا کان اڳ تونٽي هڙپا جُڳ واريون ڪوپريون هنن جاٽن جا نسل پڌرا ڪن ٿيون، سو ٿي سگهي ٿو تہ مينهن هڙپا ۽ آمريءَ وارا اڳ ئي ڌاري چڪا هجن.

**1760 ± 115 ق-م:**

موهن جي دڙي جي آخري مرحلي لاءِ ريڊيو ڪاربان سنہ. اجا بہ اهو ثابت نٿو ٿئي تہ موهن جو دڙو پڇاڙڪو پيرو 1645 ق-م ڌاري تباهہ ٿيو، چاڪاڻ تہ نمونو ان دور جو آهي جڏهن اهو اجا تباهہ نہ ٿيو هو.

MASCA سان تهڪايل سنہ 2060 ق-م ٿيندو.

**1750 ق-م ڌاري :**

جهُڪر جو لوهمجي دڙي تي قبضو، ميڪي پاران پويون مرحلو III سڏيل، 7 فٽن جي اونهائيءَ تي موجود آهي. هن کي هڙپا ثقافت جو مرحلو IV پڻ سڏيو ويجي ٿو.

گورڊن وارو سنہ 1800-1700 ق-م ٺيڪ ڪيو ويو آهي، پر اجا بہ نظرثانيءَ جي گهرج اٿس.

**1750 ق-م:**

سنڌوءَ جي شهرن مٿان حملي جو ممڪنہ دور؛ جيئن شاهہ حسن تي تِرهٽيءَ ويجهو لال چَتي جي دڙي، منجر ڊنڊ جي پير ۾ لوهڙي ۽ چانهو دڙي تان لڌل تِرهٽي سامان مان ظاهر ٿئي ٿو. هي سامان راويءَ جي ان سامان سان هڪجهڙائپ ۽ ويجهڙائپ ظاهر ڪري ٿو ، جيڪو هڙپا شهر جي مٿس ڪاهي ايندڙن جي هٿن ۾ وجڻ سان نهيو.

مجمدار، ايڪسپلوريشنس ان سنڌ.
ميڪي، چانهو دڙو.
گورڊن ص. 88 ۽ 82.
گورڊن جو پوري جُڳ کي 1750-1300 ق-م چاڻائڻ وارو بيان غلط آهي.
جهانگار هاڻ 900 ق-م ڌاري سمجهيو ويجي ٿو.

جهُڪر کان پوءِ جهانگار جُڳ آيو، جنهن جا ڪنيارڪا ٿانوَ ڪوريل بي رنگ ٿانوَ ۽ سادي چِتساليءَ وارا بہ رنگا ٿانوَ آهن، جيڪي بي رنگ ٿانون جا همعصر آهن . جهانگار جُڳ جا ٿانوَ چانهو دڙي ماڳ تي گهٽو مٽي پڻ لڌا هئا. لڌل نمونن ۾ هڪ مخصوص قسم جي تِرِ مَٽي شاهي تُمپ، سِيالڪ VI ۽ ايران ۾ شاهہ ٽيپي تان لڌي آهي، جنهن جو هتي اچڻ ڪاهہ سان جوڙيو وجي ٿو.

اگروال ۽ ڪُسُمگر، ص. 104.
گِرشمئن سِيالڪ قبرستان مان لڌل تہِ مَٽي واري آسيريائي مُهر کي سنہ 900 ق-م ڏنو. جهانگار جي ماڻهن لاءِ 1100 ق-م کان هيٺ مٽي وارو ڪو سنہ وڌيڪ مڃڻ جوڳو ٿي سگهجي ٿو.

**1750 ق-م:**

هڙپا ثقافت سنڌ ۾ پڇي پُري وئي (1) ٻڏڻ سبب؛ جيئن ميڪي ۽ مارشل ڪي لڳو (2) سنڌوءَ جو وهڪرو مٽجڻ سبب؛ جيئن لئمبرڪ ۽ ايم. ايچ. پنهور چون ٿا ۽ (3) لهوارن وهڪرن جي جهٽڪن واري چال سبب ڏنديون ٺهيون، ٻوڏ آئي ۽ علائقيو لَٽجي ويو؛ جيئن رائيڪس چوي ٿو.

پر هي سڀ نظريا ٻاهرين ڪاھ بابت جواب نٿا ڏين، جنهن جو ثبوت گهٽين ۾ پيل لاش، پوريل خزانا ۽ ڳھ ۽ ٽامي جي پاھي واري ڪهاڙي آهي، جنهن سان ملندڙ جلندڙ ايراني ۽ روسي ڪهاڙين جي ڳالھ 1800 ق-م هيٺ ٿي چڪي آهن.

گذريل 45 سال عام نظريو آرين پاران سنڌوءَ جي شهرن تي ڪاھ وارو هو. ان ۾ چيل هو تہ هڙپا وارا (داس ۽ ٻانها) ڪارا، نَڪَ ٻنا، لِنگ (نر عضوو) جا پوڄاري، سُڪيا ستابا مالوند ماڻهو هئا ۽ مضبوط ڪوٽن يا پُورن ۾ رهندا هئا. هڪڙو ٻيو قبيلو پَڻي، جيڪو پڻ مال ۽ خزاني ۾ شاهوڪار هو، جيتوڻيڪ آرين سان وڙهيو، پر داسن خلاف هڪ ٿيو ۽ انهن جي شهرن کي باھ ڏئي ساڙيائين. آريا پهريان سپت سنڌوءَ (ستن دريائن جي ڌرتي) ۾ آباد ٿيا، جتي اهي مڪمل سانتيڪا ٿي نہ رهيا.

هي نظريو هاڻ رد ٿي چڪو آهي. سمجهيو وڃي ٿو تہ رِگ ويدي آريا 1100-1000 ق-م ڌاري اُپريا. ڏسو اها داخلا.

**1750-1500 ق-م يا اجا بہ 1450 ق-م:**

1750 ق-م ڌاري هڙپا جو انت ۽ ان کان پوءِ ان ماڳ تي H ثقافت قبرستان ٺهڻ. ڪنيارڪا ٿانوَ ايران، ميسوپوٽامر ۽ جمشيد-ٻئين جي ٿانون سان ملن ٿا، جن جو سنہ 1550-1400 ق-م آهي.

هڙپا جي H قبرستان جا ٿانوَ اڳ واري ثقافت سان لاڳيتائپ ظاهر ڪن ٿا، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو تہ ساڳيا ماڻهو ڪاهي ايندڙن سان گڏ گڏ رهندا آيا. پِپر جي پنن وارين شڪلين جو هجڻ فاتحن جي ڇاپ ظاهر ڪري ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ گِيان يا جمشيد-ٻئين ايران مان آندا ويا هجن.

هي هڙپائي گٺن جو نون ايراني گٺن سان ميلاپ هو ۽ اهو پَڪ سان آباديءَ جي ميلاپ سان ٿيو هوندو ۽ هڙپا پڇاڙان جهُڪر جي ماڻهن ڪان پوءِ ٻين لڏ پلاڻ سمجهڻ گهرجي، جيڪڏهن اهي ٻئي ساڳي لڏ پلاڻ جو حصو نہ هيون.

**1750-1450 ق-م (لڳ يڳ):**

ڪريٽ ۾ سڏي (Linear-A) لِپي ٺهڻ ۽ استعمال ٿيڻ، جڏهن اهو پنهنجي ثقافت جي اوج تي هو.

ليونارڊ ڪوٽرل، لاسٽ ورلڊس، جلد ا، ص. 8. هن لِپيءَ ۾ هر نشاني لفظ جي ڪنهن اُچار لاءِ هئي.

**1750-1450 ق-م:**

جهُڪر جو چانهو دڙي مرحلي II تي قبضو. هن جي انت واري سنہ بابت اجا پڪ ناهي ٿي. ٽورڙا ٻاهريان هٿيار، واپارين يا پاڙيتو ويڙهاڪن جا آندل. ميڪي هن ڪي پويون I-B ۽ پويون II سڏي ٿو. پوئين II جُڳ جي اونهائي اٽڪل 5 فٽ آهي.

اڳوڻو نظريو تہ هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي زوال سان ڏکڻ ايشيا ۾ شهري زندگيءَ جو خاتمو ٿي ويو، هاڻ رد ٿي چڪو آهي. هڙپا ۾ H قبرستان، سنڌ ۾ جهُڪر جو دڙو ۽ چانهو دڙو وسڻ سبب هڪ وڏو ڀاڱو بچي ويو. موهن جو دڙو ٿي سگهي ٿو سنڌو درياءَ جو وهڪرو متجي وڃڻ يا ڪيترن ڏهاڪن تائين لاڳيتو هر سال ٻوڏ سبب ويري نہ وسيو هجي.

جهُڪر ڪان پوءِ جهانگار جو چانئجڻ وڏيڪ پڌرو ڪري ٿو تہ شهري زندگي هلندي رهي، جيتوڻيڪ ڪنهن انتهائي بگڙيل صورتحال ۾.

**1650 ق-م:**

جهُڪر، جيڪا ٿي سگهي ٿو 50 سال اڳ سنڌ جي ننڍڙي وسنديءَ ۾ شروع ٿي هجي، وڌيڪ اٽڪل 150 سال هلي.

**1650-1600 ق-م:**

موهن جي دڙي جو ڦُرجڻ ڦِٽڻ. ميڪي هن کي پويون ا جُڳ سڏي ٿو. هڙپا کي موهن جي دڙي ڪان اڳي ڦُري ڦِٽايو ويو هو، گهٽ ڪري 100 سال ڪن.

**1600-1550 ق-م:**

آمريءَ ۾ مرحلو III. موهن جو دڙو اڳيئي سڙي چڪو هو ۽ هستي وڃائي چڪو هو. چانهو دڙي ۾ جهُڪر مرحلو II پير کوڙي چڪو هو. هڙپا ۾ H قبرستان ٺهي چڪو هو. هڙپا ثقافت گجرات ۾ 1600 ق-م ڪان پوءِ تائين بہ هلندي رهي ۽ 1500 ق-م ڏاري پڇاڙيءَ پهتي.

جهُڪر ثقافت چانهو دڙي تي اٽڪل 1350 ق-م تائين هلي ۽ ان ڪان پوءِ چانهو دڙي ۾ جهانگار ثقافت آئي.

جهُڪر متس ڪاهي ايندڙن اوپر وارن ۽ هاڻوڪي پاڪستان واري علائقي جي پيادن سپاهين جي مقابلي ۾ رَٿ استعمال ڪيو، جنگي سواريءَ طور. هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏيارڻ وارو پهريون ماڻهو پِگوٽ هو.

**1550-1400 ق-م:**

جانورن لاءِ ٻن مٿن واري ڪِلي، ڪابان قبرستانن مان لڌي، هڙپا جي ڪليءَ سان ملندڙ جلندڙ.

ايف. اي. خان، انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران، ص. 62-63.
اگروَال ۽ ڪُسُمگر، هن کي 1900 ق-م سنہ ڏين ٿا ۽ لوهمجي دڙي کي 1800-1700 ق-م.
ميڪي چانهو دڙي لاءِ سنہ اٽڪل 1750 ق-م سمجهي ٿو.
برِجِٽ ۽ آلچِن هي سنہ 1750-1500 يا 1450 ق-م ڏين ٿا. ريڊيو ڪاربان چڪاس نہ هجڻ ڪري سنہ پيٽڻ ڏکيو آهي.

گوردِن، ص. 63.

دعويٰ ڪئي وڃي ٿي تہ جهُڪر جي ماڻهن سنڌ ۽ بلوچستان جي ننڍن شهرن تي قبضو ڪيو ۽ گهٽ ڪري موهن جي دڙي جي شهرين سان هڪ ٿي ويا، اتر وارن قبيلن خلاف، جيڪي اڳيئي هڙپا کي ڦُري ڦِٽائي ۽ راوي ماتريءَ ۾ وسي چڪا هئا. جيڪڏهن هن دعويٰ کي دررست سمجهيو وڃي تہ پوءِ جهُڪر جا ماڻهو ۽ H قبرستان جا ماڻهو ٻہ ڌار ڌار لڏ پلاڻون هيون.

موهن جو دڙو ڦِٽو تہ وري نہ وسيو، جيستائين وري ڪشانن اتي ٻي صدي عيسويءَ ۾ ٿوپ (stupa) اڃي اڏيو.

گوردِن جي خيال ۾ اها 1350 ق-م تائين هلي. تازي سوچ اها آهي تہ جهانگار پنهنجا پير 900 ق-م ڏاري ڄمايا.

برِجِٽ ۽ آلچِن جهانگار جو سنہ 1000 ق-م ڏاري ڄاڻائن ٿا. ص. 146-147.

سِي. ايف. اي. شوفر، اسٽريٽگرافڪ ڪمپيئري وغيره، ص. 533. ايف. اي. خان، انڊس اينڊ اَرلي ايران ۾ حوالو ڏنو آهي. ص. 38.

**1400 ق-م:**

لوهہ کي ڳاري سوڏڻ ۽ تپائي ڪُٽي شيون ناهڻ جي ڄاڻ ايجاد ٿي ۽ وڏي پير حِطي وارن ان کي پاڻ تائين رکيو.

**1500-1100 ق-م (اندازو):**

ايران کان سنڌ ڏانهن هڙپا پڇاڙان لڏ پلاڻ جي ٻين لهر ۽ پنجاب تامي جي گدامن، گيڙُو رنگ جي گدامن ۽ گيڙُو رنگ وارن ٿانون سان ان ۾ شامل ٿي ويو.

برِجٽ ۽ آلچِن، ص. 314.

ڀهرين لهر هڙپا جي H قبرستان ۽ جهُڪر جي ماڻهن سان ملي ٿي، جيڪڏهن جهُڪر ۽ H قبرستان وارا ماڻهو لڏ پلاڻ جي 1500-1100 ق-م جي وچ واري لهر ۾ آيا ته.

**1380 ق-م:**

حِطي جي بادشاهہ سُبيلُلِيُوما (Subiluliuma) ۽ مِتاني بادشاهہ مَتِيوازا (Mattiwaza) جي هڪ ناهہ ۾ رِگ ويدي آرين جي ديوتائن مِترا، وَرُونڻ، اِندر ۽ نَسَتيا جو ذڪر آهي. انهي ڌرمر وارن ماڻهن جي ڏکڻ ايشيا ڏانهن لڏڻ کي وڌيڪ 300 سال لڳا. ڏکڻ ايشيا ۾ 1050 ق-م کان اڳ ڪو آريو نہ هو، جيڪڏهن اسان رِگ ويدي ماڻهن کي ڀهريان آريا سمجهون ته.

گِرشمَن، ايران، ص. 62.

**1300 ق-م:**

سنڌو ماٿر اٽيڙهيل (ڄٽ، جاهل) ٻڄي وئي. ائين اولهہ ايران، بابل، مصر، شام، فلسطين، حِطي، يونان وغيره ڪريٽ، قبرص ۽ سِينا ۾ نہ ٿيو، جتي استعمال ٿيندڙ لپيون حِطي، مِتاني، اِيلامي، امارتي، آسِيري، اَڪادي، قبرصي-مِنوعي، ڪريٽي، ليڪائين يا سڌي، بابلي، سِينائي، قديم مصري (جانورن ۽ وڻ ٻوٽن واري)، قديم مصري (مذهبي روايتن واري) ۽ اُگيري هيون.

مِڪ ايوَرڊي، ص. 36 ۽ 37. سنڌو ماٿر تي سگهي ٿو تہ موهن جي دڙي جي 1650-1600 ق-م ڌاري ڦِٽڻ سان سچ پچ ڄٽ ٻڄي وئي هجي.

**1450-1200 ق-م:**

ڪريٽ ۾ سڌي (Linear-B) لپيءَ جو ٺهڻ، عين انوقت جڏهن اتي مائيسينائي راڄ هو. ان جو استعمال 1200 ق-م تائين هليو.

ليونارڊ ڪوٽرل، لاسٽ ورلڊس، جُلد ا، ص. 8 ۽ 226.

سڌين يا ليڪائين A ۽ B لپين وڌيڪ ترقي ڪئي ۽ نيٺ هاٿوڪي آئيوٽا تائين پهتيون. عبراني لپي اٽڪل 1000 ق-م ۾ ٺهي، جنهن مان يوناني آئيوٽا جوڙي وئي ۽ ان کان پوءِ آئيوٽائي نظام پراڻي دنيا ۾ پکڙيو.

**1300 ق-م:**

اُٺ عربستان ۾ ڌاريو ويو. سنڌ ۾ اُٺ ڌارڄڻ واري ٺيڪ ٺيڪ سنہ جي پَڪ ناهي ٿي.

مِڪ ايوَرڊي، ص. 44-45.

825 ق-م ۽ 700 ق-م واري داخلا پڻ ڏسو.

**1300-1000 ق-م:**

اولهہ کان هند اُپبيٺ ڏانهن لڏ پلاڻ جي هڪ نئين لهر، جنهن پاڻ سان پرڏيهي ڪنجهو ۽ پڇاڙيءَ ۾ لوهہ (رُڪُ) آندو. هيءَ چوٿين لهر سڏجي ٿي. سڀ کان اڳاٽي لهر هئي هڙپائي جُڳ ۾ زوريءَ گهڙي اچڻ واري ۽ ٻين هئي هڙپا پڇاڙان واري مرحلي ۾، جيڪا جهُڪر سڏجي ٿي. تنهن کان پوءِ ٽين لهر هئي ايران کان سنڌ ۽ پنجاب ڏانهن 1500-1100 ق-م ۾ لڏپلاڻ واري.

برِجٽ ۽ آلچِن، ص. 323.

# نيم تاريخي جُڳ

**1300-519 ق-م :**

سنڌ جو نيم تاريخي جُڳ: رِگ ويد جي تاريخي ادبي مواد آڌار.

گِرشمئن، ص. 62. 1380 ق-م واري داخلا پڻ ڏسو. جيئن تہ رِگ ويدي آرين جي اچڻ کي 1050-700 ق-م سنہ ڏنو ويو آهي، تنهنڪري هن سنہ تي نظرثاني ڪرڻي پوندي.

جيڪڏهن رِگ ويدي ماڻهو 1050 ق-م ڌاري ۽ ان کان پوءِ لڏي آيا، تہ پوءِ هن سنہ کي وڌيڪ ثبوتن کان پوءِ ٺهڪائڻو پوندو.

**1200 ق-م:**

حِطي بادشاهت جي ٽٽڻ کان پوءِ رُڪ جي ڪم جو هنر اولهہ ايشيا، ڪاڪيشيا، اوڀر ۽ وچ يورپ ڏانهن پکڙيو، پر ڏکڻ ايشيا ڏانهن نہ.

**1200-1000 ق-م:**

ايراني يا ڪاڪيشيائي ماڻهن جي ڏکڻ ايشيا ڏانهن ڪا نئين لڏ پلاڻ (پنجين) ٿي، جيئن گيان ا، سِيالڪ ڪُنبَ، فتح ڳڙهہ ۽ بِٺُور يُو. پي. ۾ ٿامي جي گدام، ٿامي جي ترارن وغيره ۽ چاندولي مهاراشٽر واري مُنئي (خاص ترارن ۽ خنجرن لاءِ) مان ثابت ٿئي ٿو.

بِرجِٽ ۽ آلچِن، ص. 153. گِرشمئن، ص. 67.

**1100 ق-م:**

جهانگار ثقافت، جيڪا گهٽ ڪري 100 سال اڳ شروع ٿي، منڇر جي آس پاس پير ڄمائي ورتا. هن تي اهو نالو پاڙي جي جهانگارا نالي ڳوٺ تان پيو.

ايف. اي. خان، انڊس ويلي اينڊ اَرلي ايران، ص. 62-63، هن کي سنہ 1500 ق-م ڏئي ٿو. جهانگار کي اولهہ کان لڏ پلاڻ جي ڇهين لهر سمجهڻ گهرجي. اَگرَوال ۽ کُسُمگر هن کي 900 ق-م سنہ ڏنو آهي. ڏسو داخلا 1100-900 ق-م.

**1100 ق-م:**

لوهہ (رُڪُ) ايران جي ميداني علائقن ۾ ڪنجهي مٿان چڙهت ڪرڻ شروع ڪئي، جيئن سِيالڪ جي قبرن مان ظاهر ٿئي ٿو.

**1100-1000 ق-م:**

رڻ ڪڇ ننڍين ٻيڙن جي هلڻ جوڳو هو، تنهنڪري لوٿل ۽ رنگپور کي سنڌو ماٿر سان لاڳاپي ۾ رکيو آيو.

گوردِن، ص. 31.

رڻ ڪڇ 1025ع ۽ 1350ع جي وچ تي مڪمل سُڪي ويو. محمود غزنويءَ ان کي ڪنهن تانگهي ڪاريءَ جي صورت ۾ ڏٺو، رڻ جي روپ ۾ نہ. فيروز تغلق جو لشڪر ان ۾ ناس ٿي ويو، جو تہ اهو رڻ بڻجي چڪو هو.

**1100-900 ق-م:**

رنگپور-II ۽ III جا ڪنيارڪا ٿانوَ، راوي (هڙپا کان پوءِ اچڻ واري) ڊزائنن سان ملندڙ جلندڙ، خاص ڪري هرڻن جي شڪلين وارا. هي ٿي سگهي ٿو ٽِرهٽي ۽ جهانگار جا همعصر هجن.

ڊڪشت، ايم. جِي.، 150.
رنگپور ۾ کوٽائي، 1947، دکن ڪاليج ريسرچ انسٽيٽيوٽ جي بليٽن ۾.
گوردِن هن جو سنہ 1250 ق-م ڏنو آهي.

**1100-750 ق-م:**

لوهہ کي ڳاري سوڌڻ خيبر پختونخوا، بلوچستان ۽ سنڌ پهتو. سنڌ جي

اَگرَوال ۽ کُسُمگر، ص. 153. لوهہ کي ڳاري سوڌڻ جو هنر ايشيا مائينر

دنگ ويجهو ڪڇي ضلعي جي پيراڪ جو سنه ريڊيو ڪاربان چڪاس مطابق 800 ق-م آهي. سوات وارين قبرن ۾ اهو 1000 ق-م تائين وڃي ٿو ۽ بلوچستان جي پٽرن واري ٻُنين ۾ 900-800 ق-م.

لوهه ڳاري سوڏڻ جو هنر ڏکڻ هندستان ۾ 1000 ق-م ڌاري پنهنجي مُنهن پکڙيو.

**1075 ± 80 کان 775 ± 105 ق-م:**
سنڌ جي دنگ تي سبي ضلعي ۾ پيراڪ رُڪ وارو جُڳ.

**1050 ق-م:**
جهانگار جو چانهو دڙي تي قبضو.

(جيئن مٿي چيو ويو آهي، لفظ جهانگار مجمدار هن ماڳ جي پرسان سيوهڻ کان 20 ميل اولهه ۾ منڇر ڍنڍ مٿان موجود ڳوٺ جهانگارا جي نالي پٺيان گهڙيو هو.)

(ترڪي) ۾ 1800-1200 ق-م جي وچ تي پکڙيو. حِطين ان کي پاڻ تائين رکيو، پر حِطين جي طاقت ٽٽڻ سبب اهو ايران ڏانهن اٽڪل 1200 ق-م کان 1000 ق-م ڌاري پکڙيو، جيئن سِيالڪ جا قبرستان A ۽ B شوفر جي اِپياس ۾ ظاهر ڪن ٿا. بلوچستان جي پٽرن وارين ٻُنين جي ٿانون تي ڪاڪيشيائي تفصيلن واريون ڊزائنون آهن ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته اهو طريقو بلوچستان ۾ ڪاڪيشيا کان ايران رستي 1000-750 ق-م جي وچ تي پهتو. سوات ۾ اهو ٿي سگهي ٿو وچ ايشيا رستي پهتو هجي.

سنڌ لاءِ 800 ق-م وارو سنه ڪوجنا ڪانسواءِ بلڪل ويجهڙ وارو ٿيندو، ڇو ته سنڌ ۽ پنجاب ۾ سيئي مکيه ٽامو-پٽل ماڳ تياڳجي چڪا هئا. راجستان ۽ سرسوتي-گهگهر يا هاڪڙي سرشتي جي پاسن وارن سُڪل ماڳن جي کوٽائي رُڪ جُڳ سان جُڙيل سُرمائي ٿانوَ ظاهر ڪري ٿي. ٽاٽا انسٽيٽيوٽ جي ريڊيو ڪاربان ثبوتن مان لڳي ٿو ته اهي اتي اٽڪل 535 ق-م ڌاري اتي پهتا هوندا.

ڪَسال پاران ڪيل پيراڪ جي کوٽائيءَ جي ريڊيو ڪاربان چڪاس سنه 785 ± 105 ق-م يعني 900-700 ق-م ٻيهاري ٿي، جيئن پاڪستان آرڪيالاجي، نمبر 7، ص. 96 تي ڏنل آهي.

اگروَال ۽ ڪُسُمگر جو ص. 122 تي ڏنل 800 ق-م وڌيڪ مجڻ جوڳو ٿيندو، جيئن ڪسال چوي ٿو.

بِرجِٽ ۽ آلچن، ص. 146-147.

اگروَال ۽ ڪُسُمگر جهانگار ثقافت جو سنه 900 ق-م ڏنو آهي.

ايف. اي. خان هن کي ڪو گهٽو آڳاٽو سنه ڏئي ٿو. اها ايران کان ماڻهن جي لڏ پلاڻ جي ستين لهر هئي.

# رِگ ويدي آرين جو اچڻ

**1050-700 ق-م (اندازو):**

چِٽيل سُرمائي ٿانوَ ۽ لوهه (رُڪَ) جو متعارف ٿيڻ انين هڙپا پڇاڙان لڏ پلاڻ ظاهر ڪن ٿا.

برِجِٽ ۽ آلچِن، ص. 324، لڪن ٿا تہ ويدي آرين ڪي لڏ پلاڻ جي هن چِٽيل سُرمائي ٿانون واري سڏجندڙ لهر سان جوڙڻ گهرجي.

اڱروَال پاران پڌري ڪيل ريڊيو ڪاربان چڪاس بلوچستان جي پٿرن وارين ٻُنين ۽ پيراڪ ۾ لوهه (رُڪَ) جي موجودگي ۽ سنڌ جي دنگ تي 900-800 ق-م ڪان رُڪ جُڳ ظاهر ڪري ٿي. سوات ۾ اهو 1000 ق-م ٻيهي ٿو.

گِرشمئن، ص. 73، سنڌو-يورپين جو ديس تياڳي ايران ۾ اچڻ پهرين هزاري ق-م جي منڍ ۾ ڄاڻايو آهي؛ لوهه (رُڪَ) جي استعمال سان جوڙي.

## ويدن وارو جُڳ

**1000 ق-م:**

رِگ ويد جي شروعاتي ڀڄنن جو رچجڻ. هن ڪم ۾ جاگرافيائي هنڌن، سنڌو درياءَ ۽ ان جي سهڪاري دريائن جا نالا ۽ سنڌ بابت ٻي ڄاڻ ڏنل آهن. هن ۾ استعمال ٿيل سنسڪرت ٻولي تاريخي ٻوليءَ ڪان مَٽَ آهي، ايتري جيتري سورهين صديءَ جي سنڌي ويهين صديءَ واري سنڌي ڪان مَٽَ آهي. ڀڄن پروهت شاعرن رچيا.

دي ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا. جلد ا، ص. 100، هن ڪي 1200-1000 ق-م ڄاڻائي ٿو. باشام، ص. XIX، پهرين ۽ پوين ڀڄنن ڪي 1500-900 ق-م جي وچ تي رکي ٿو.

**1000 ق-م:**

آمون جي ٻنهي پاسن وارن ايشيائي علائقن جي ايرانين سَهي ڪري ورتو تہ ڪو قابل سوار جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي گهوڙي ڪي پنهنجي وَس ۾ رکي سگهي ٿو. هن دريافت اڳتي هلي رَٿَ جي جنگي هٿيار طور استعمال ٿيڻ جو انت آندو. سُتت ئي اهو ڏانءُ ڏکڻ ايشيا ۾ پهتو.

مِڪ ايوَرڊي، ص. 40.

هيءَ دريافت پارٿين جي اوپر ايران ۾ اُسرڻ جو ڪارڻ بڻي، جنهن تي ڪيترين صدين تائين راڄ ڪيائون.

**1000 ق-م:**

هندو ڄاتي سرشتو سڀ ڪان پهريان رِگ ويد جي پُرُشا سُڪتا ۾ بيان ٿيو، جنهن سماج کي چئن مکيہ طبقن برهمڻ، کتري، وئش ۽ شودر ۾ ورهايو. هي سرشتو شروع ۾ ڪڏهن بہ ايترو سخت نہ رهيو، جيترو ٻوڌين جي للڪار ۽ اڳتي هلي ٻارهين صديءَ ۾ مسلمانن جي للڪار ڪان پوءِ ٿيو.

برِجِٽ ۽ آلچِن، ص. 48.

آرين جي لڏي اچڻ لاءِ 1050-750 ق-م پڻ ڏسو. لڳي ائين ٿو تہ رِگ ويدي آريا 1000 ق-م ڌاري آيا ۽ رِگ ويد لاءِ چئي نٿو سگهجي تہ اهو ان ڪان اڳ يا گهٽ ۾ گهٽ ايترو پراڻو رچيل آهي، جيترو چيو وڃي ٿو.

**1000-800 ق-م:**

رِگ ويد جي پوءِ وارن ڀڄنن ۽ ٽن ٻين ويدن سام ويد، يَجُر ويد ۽ اَسر ويد جو رچجڻ.

رِگ ويد جي بيان منجهان ائين ٿو لڳي تہ ويدي ماڻهو هيٺين سنڌ (لاڙ) تائين پهچي چڪا هئا ۽ سمنڊ ۽ ان جي وِير جي لهڻ ۽ چڙهڻ جي ڄاڻ هئڻ ۽ ممڪنہ طور ٻاهرين دنيا سان واپاري لاڳاپا هئڻ.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا. جلد ا، ص. 100 ۽ 225. پُراڻ ڪؤرُن ۽ پانڊُن جي وچ ۾ جنگ 1000 ق-م ڌاري ٻڌائين ٿا، پر مهاڀارت ان کي گهٽو پوءِ ڏيکاري ٿو. باشام، ص. XIX، اها جنگ 900 ق-م ڌاري ٻڌائي ٿو.

پُسَلڪَر، ”آرين سيٽلمينٽس ان انڊيا“، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد ا، ص. 247-248.

**900 ق-م:**

مهاڀارت جنگ، جنهن ۾ سنڌ جو حاڪم جَئدرَٿ ڪؤرن جو ساٿاري هو.

باشام، ص. XIX.

هنوقت تائين آريا سنڌ، قنڌار، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ سميت پوري اترئين ڏکڻ ايشيا تائين پکڙجي چڪا هئا.

**825 ق-م:**

1300 ق-م ڌاري عربستان ۾ اُٺ جي ڌارجڻ سان ايندڙ صدين ۾ ڏکڻ ايشيا سان هڪ لاڳاپو ٿيو. 825 ق-م ڌاري گنگا جي پَٽن ۾ شهري جِيوَن وري ڪَرُ ڪنيو، پر آثاري کوجنا جي اٽاٽ سبب اسان کي ان بابت بہ سنڌو ماٿر وانگر ڪا ڄاڻ ناهي. سنڌوءَ جي مُنهن ۽ سنڌ پَڪ سان نينوا (نمرُود)، سُوسا، عُر، بابل ۽ ويندي طائر، اسپين ۽ ميمفِس تائين واپاري متا ستا ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو هوندو.

**810-805 ق-م:**

ٻڌايو وڃي ٿو تہ سيمِيرامي سنڌ تي ڪاهي آيا، پر سنڌ جي راجا سَتڙرو-بيتس ڪاهي ايندڙن کي پڇاڙي ڪيو.

هتي سنڌ مطلب آهي مڪران.

**800 ق-م:**

لوهہ (رُڪَ) جي ڄاڻ پوري اوڀر يورپ ۽ اولهہ ايشيا تائين پکڙي ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ پڻ پهتي، جنهن ڪنجهي ۽ ٽامي جي جاءِ ورتي، جيڪي هاڻ واري ۾ نہ رهيا هئا.

**800-700 ق-م:**

اسيرين پنهنجي سچي سلطنت ۾، جنهن ۾ ايران جو گهڻو حصو شامل هو، ڪيتيءَ لاءِ پاڻي پهچائڻ جون تمام وڏيون رٿائون هٿ ۾ ڪنيون.

**800-600 ق-م:**

براهمڻ جُڳ.

**800-600 ق-م:**

هند ۽ بابل وچ ۾ سمنڊ رستي واپار وڌيو ۽ اهو دراوڙن جي هٿ ۾ هو، جيڪي تي سگهي ٿو هاٿوڪن مهاٽن، ماڇين ۽ سنڌ جي ٻين دراوڙي قبيلن جا پُرکا يا وڏا هجن.

---

پُلاڪيسِن-ٻئين (ستين صدي عيسوي) جي پٿر تي اڪريل اٿهول لکت مطابق مهاڀارت جنگ 3102 ق-م ۾ ٿي. هندو جوتشين جو هڪ ٻيو گروهہ ان کي ڪَلجُڳ (رُڪ جُڳ يا مشيني جُڳ) کان 653 سال پوءِ يعني 2449 ق-م ٻڌائي ٿو. پر هي بيان آثاري ثبوت نہ هجڻ ڪري رد سمجهڻ گهرجن.
فليٽ، جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، 1911 ص. ff479 ۽ ff675.
برِيهَت سَمهِتا XIII، ص. 3. اسٽائين راجاترنگِيني، جلد I، ص. 48-56.
هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد I، ص. 273 هن کي 1400-1000 ق-م جي وچ تي ڄاڻائي ٿي. جيئن تہ رِگ ويدِ آريا 1050 ق-م کان پوءِ آيا سو هي پڻ رد سمجهڻ گهرجي.

مِڪ ايوَرڊي، ص. 44-45.

ڌارجڻ جي پهرين 200 سالن تائين اُٺ صرف جنگي مقصدن لاءِ ڪم آيو، پر 1100 ق-م کان پوءِ اهو بار ڍوئيندڙ وهٽ بڻيو ۽ گڏهہ جي جاءِ ورتائين، جنهن کي پاڻيءَ جي ڪُٻي ڪُٻي تائين وڃڻو پوندو هو. ڏکڻ عربستان وارن مصر ۽ يُونوچ جي ساموندي ڪناري تائين سُڪيءَ جا دڳ ڳولي لڌا ۽ سنڌ جو مال سُڪيءَ رستي اولهہ ڏانهن پندرهين صديءَ تائين موڪليندا رهيا، جيستائين پوچو گيزن ڏکڻ ايشيا ڏانهن ساموندي دڳ ڳولي ڪڍيا.

ڊاڪٽر نبي بخش قاضيءَ جي راءِ ۾ سنڌي راجا جو نالو وِيرسين هو ۽ سَتاوَرِپتي سندس لقب هو. مهراڻ، جلد 17، نمبر 4، 1968، ص. 99. هن بيان تي گهڻن ماهرن کي شڪ آهي.

گِرشمَن، ايران، ص. 93. ايندڙ ڪجهہ صدين دوران هي سرشتو سنڌ پهتو. مورين جي وقت (321-184 ق-م) ۾ هارين کي پاڻي موڪُن ۽ مورين جي درن ذريعي ڪنٽرول ڪري ڏنو ويندو هو ۽ هر هاريءَ جو پاڻيءَ جو ڀاڱو مقرر هو، جيئن سِمٿ ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا ۾ ٻڌايو آهي.

ريپسن، اٿنشيَنٽ انڊيا، ص. 102، سنہ 800-600 ق-م ڄاڻائي ٿو. هن ۾ پوين براهمڻ جُڳ شامل هوندو.

مُڪرجِي، انڊين شپنگ، ص. 62.



51. دارا-پهرئين جي منڊي، بيهستن جي اُڀار هنر تان. (ايڊٿ پوراڊا جي آرٽ آف ائنشينٽ ايران تان).



52. دارا-پهريون عرض ٻڌندي. بيس اُڀار، پرسيپوليس واري خزاني مان.



53. پرسِيپولِس ۾ ديوان عام، جنهن ۾ 10،000 ماڻهو ماپي سگهيا ٿي.



54. بيهستن ۾ زرگزز جي مقبري جي لنگهه وٽ پَرن وارو ڏاند.



55. نقشِ رستم: کياني بادشاهن جا پهاڙي مقبرا ۽ اگني قربانگاهه.



56. 333-323 ق-م: سڪندر، سڪي تان. (وِنسِنٽ، وُوائيج آف نيارڪوس، لنڊن، 1797).



57. چوٿين صدي ق-م: سڪندر اِيسُوس واري جنگ ۾. (پومپئي ۾ فائون جي گهر واري موزيڪ فرش تان).

# 640_325 ق_م
# سنڌ جون ننڍيون ننڍيون بادشاهيون ۽ همعصر ڪياني

| سال ق-م | سنڌ | ڪڇ | ايران جا ڪياني حاڪم | مگڌ | گنڌارا، پنجاب ۽ خيبر پختونخوا |
|---|---|---|---|---|---|
| 640 | ننڍيون آزاد بادشاهيون<br>640 ڪان 519 | سنڌ وانگر | سائرس-پهريون<br>640 ڪان 600 | ؟<br><br>؟ ڪان 554 | آزاد رياستون<br>640 ڪان 519 |
| 630 | | | | | |
| 620 | | | | | |
| 610 | | | | | |
| 600 | | | ڪيمبائيسس-پهريون<br>600 ڪان 559 | | |
| 590 | | | | | |
| 580 | | | | | |
| 570 | | | | | |
| 560 | | | سائرس-ٻيون اعظم<br>مقبرو پَسرگاڊ ۾<br>559 ڪان 530 | ٻمبيسَرا<br>554 ڪان 493 | |
| 550 | | | | | |
| 540 | | | | | |
| 530 | | | ڪيمبائيسِس-ٻيون 530-522 | | |
| | | | بَرِديتا 522 | | |
| 520 | ڪيانين جي سٽراپي<br>519 ڪان 450/400 | ڪيانين جي سنڌ سٽراپي<br>جو حصو | دارا-پهريون اعظم<br>522 ڪان 486 | | ڪيانين جي سٽراپي<br>519 ڪان 450/400 |
| 510 | | | | | |
| 500 | | | | | |
| 490 | | | زرڳزز<br>486 ڪان 465/64 | اجاتاشَترُو<br>493 ڪان 462 | |
| 480 | | | | | |
| 470 | | | ارٽازرڳزز-پهريون<br>465 ڪان 425 | | |
| 460 | | | | انوراڌا ۽<br>اڳلا 3 راڄا<br>مُنڊا سميت<br>462 ڪان 430 | |
| 450 | ننڍيون آزاد بادشاهيون<br>450/400 ڪان 325<br><br>گهڻو ڪري هنن گهراڻن جون:<br><br>1. آگزيڪينَس (ماهوٽا)<br>2. مُوسِيڪينَس (الور)<br>3. سامبَس (سيوهڻ)<br>4. موئيرِس-1 (پٽالا)<br>5. موئيرِس-2 (باربيَريڪان)<br>6. اَرابِتائي (ڪوهستان)<br>7. اورِيٽيتائي (لسٻيلو) | سنڌ وانگر<br>پر<br>مقامي راڄ ڌڻين جي نالن جي خبر ناهي<br><br>450/400 ڪان 260 تائين<br><br>جڏهن اشوڪ<br>پنهنجي ملڪ ۾ گڏائي ڇڏيس | | | آزاد ننڍيون بادشاهيون ۽ قبيلا<br>گهڻو ڪري:<br>1. اَسپاسِياني<br>2. نِيسائي<br>3. اَساڪينوئي<br>4. مَساگا<br>جون<br>۽<br>هنن جا وڏا:<br>اَمڀي (ٽيڪسيلا)<br>آڀِيَسَرا<br>پورِس (جهلم)<br>سؤپُوت (لوڻ ڪاٽيون)<br>سبوئي (جهنگ جو قبيلو)<br>مَلوئي (ملتان)<br>آگزيڊراڪي (لاهور)<br><br>450/400 ڪان 327/25 |
| 440 | | | | | |
| 430 | | | دارا-ٻيون<br>424 ڪان 404 | شيش ناگ<br>ڪال اشوڪ<br>۽<br>انهن جا پونير<br>430 ڪان 364 | |
| 420 | | | | | |
| 410 | | | ارٽازرڳزز-ٻيون<br>404 ڪان 359/58 | | |
| 400 | | | | | |
| 390 | | | | | |
| 380 | | | | | |
| 370 | | | | نَندَ گهراڻي جا راڄا<br>1. اُگرسين<br>2. پانڊُوڪا<br>3. پانڊُوگَتِي<br>4. پُوت پال<br>5. راشٽرپال<br>6. گوويشَنڪ<br>7. داسَ سِڙاڪ<br>8. ڪئرارت<br>9. ڌَن<br>نَوَ (9) ئي<br>364 ڪان 223<br>(هي 323 هوندو، ڇو ته نندن جو تختو چندر گپت موريا اونڌو ڪيو هو- سنڌيڪار) | |
| 360 | | | ارٽازرڳزز-ٽيون<br>359/58 ڪان 338 | | |
| 350 | | | | | |
| 340 | | | ايرسِس-ٽيون 338-336<br>دارا-ٽيون 336-330 | | |
| 330 | سڪندر فتح ڪئي<br>325 ق-م ۾ | | سڪندر ايران فتح ڪيو<br>330 ق-م ۾ | | |
| 320 | | | | | |

**850-350 ق-م:**

لاڪيوپير، سنڌ ۾ 800 ق-م ڌاري چٽسالي ٿيل سرمائي ٿانون جي شروعات.

اگروال ۽ ڪُسُمگر، ص. 127، 131 ۽ 153.

سرمائي ٿانون کي رُڪ جُڳ سان ملايو وڃي ٿو ۽ ڪجھ ماهرن پاران آرين سان بہ. هنن سان ملندڙ جلندڙ سرمائي ٿانوَ آرين جي شروعاتي وسندين سان جڙيل علائقي جي گهٽي ياگي ۾ پکڙيل آهن.

**750 ق-م:**

بلوچستان ۾ ڊامب ڪوھ غت، جِيوانري، زَنگيان، خضدار ۽ وَڍِ وغيره جي ڪوٺائيءَ مان رُڪَ جون ترارون لڌيون. رُڪُ انوقت سنڌ ۾ پڪ سان چڱي طرح پير ڄمائي چڪو هوندو، ڇاڪاڻ تہ هي ماڳ ڪوڙ سارن ننڍن لَڪن رستي سنڌ سان چڱي طرح ڳنڍيل آهن.

اسٽائين، گيڊروشيا.

**725-150 ق-م:**

راجستان ۾ رُڪ جُڳ.

اگروَال ۽ ڪُسُمگر، ص. 122.

سنڌ ۾ رُڪ جُڳ جو ليکو پيراڪ (580 ± 107 کان 775 ± 105 ق-م) ۽ راجستان مان 800 ق-م ڌاري ڪري سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ اهو ڏکڻ ايشيا ۾ وڏيڪ ڇِتو 600-500 ق-م جي وچ تي ٿيو.

**713-440 ق-م:**

سنڌو-يورپين جي هڪ نئين ۽ هڙپا پڇاڻان نائين لھر، جيئن ڊاڪٽر داني جي ٿانا (سوات)۾ تِمرگره (باجوڙ) تي تحقيق ثابت ڪئي آهي.

برِجٽ ۽ آلچِن، ص. 152.

**700 ق-م:**

عربستان جو هڪ ٿُوهي وارو اُٺ پھريون پيرو سنڌوءَ جي ايرندي پاسي وارن ريگستاني علائقن (ٿر) ۾ ڏسڻ ۾ آيو ۽ سنڌ کي اوٺي ڏيھہ مشهور ڪري ڇڏيائين.

هيلبُش ۽ ويستفال، ”جاٽس آف پاڪستان“، ص. 43. هي بيان ٺي سگهي ٿو درست نہ هجي، ڇو تہ اُٺ عربستان ۾ 1300 ق-م ۾ ڌاريو ويو هو ۽ ان کي سنڌ تائين پهچڻ ۾ 600 سال هرگز نہ لڳا هوندا.

**700 ق-م:**

پويون براهمڻ جُڳ. سنڌو ماٿر جي وونئڻ جي ٻوٽي جو اسيريا ۾ سِيناچرِب هٿان متعارف ٿيڻ.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد ا، ص. 100.
ڊبليو. ڪنگ، پروسيڊنگس آف سوسائٽي فار بائبليڪل آرڪيالاجي- 1909، ص. 339-43.

**700-600 ق-م:**

هوشنگ پيشداديہ (پيشداد پڙ) سنڌ تي ڪاھ ڪئي، پر پڇائي ڪيائونس.

مهراڻ، جلد 17، نمبر 4، ص. 99.

**668-626 ق-م:**

لفظ ”سنڌو“ اَسُربَنيپال جي لائبريريءَ ۾ موجود پَٽيين ۾ ”هندي سُٽُ“ مفهوم ۾ ڏسڻ ۾ آيو. ٿي سگهي ٿو اهو سنڌ مان ويو هجي، جيتوڻيڪ سنڌ جا ٻاهرين دنيا سان لاڳاپا 1400 ق-م کان پوءِ ختم ٿي چڪا هئا.

گوردن، ص. 164.
ليڪ پليل آهي. سنڌ جي ساموندي ڪنڌيءَ کان جهازن رستي مال آڻڻ نيئڻ گهٽو ڪري تاريخي دور کان اڳ دراوڙن جي هٿن ۾ هلندو رهيو.

**660-585 ق-م:**

زرتشت هنن ڏينهن ۾ حيات هو. ان زرتشت (پارسي) مذهب جو بنياد وڌو.

آڳاٽا اُپنيشد لکيا ويا.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد ا، ص. 100 ۽ 131.

**600 ق-م:**

زرتشت، جنهن بابت سمجهيو وڃي ٿو ته ميڊيا (ايران جي اتر اولهه جو ملڪ) ۾ ڄائو، انهي ئي ملڪ جي پڇڙيءَ واري پاسي آمون جي علائقي ۾ رهندو هو. هتي ڪيس قتل ڪيو ويو ۽ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پوريو ويو. سائرس لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو سندس قبر تي آيو هو.

مِڪ ايوَرڊي، ص. 48.

زرتشت پاران سنواريل ٺاهيل مزدا واري مذهب کي ڪياني سڄي سلطنت ۾ پکيڙيو. زرتشت اگياريون سنڌ ۾ يارهين صديءَ تائين هليون. (پارسين جون وسنديون ۽ زرتشت اگياريون يا دارِ مهر سنڌ ۾، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾، هنوقت به موجود آهن. سنڌيڪار)

گِرشمئن، ص. 161.

ڊاڪٽر دائودپوٽو عرب گهومڙائن جي لکتن آڌار سنڌ ۾ اگياريون هجڻ جي ڳالهه ڪري ٿو.

**600-500 ق-م:**

ڏکڻ ايشيا ۾ رُڪ جُڳ جا پويان مرحلا ۽ شروعاتي تاريخي جُڳ. سادا اٽڃتيل ٽانوَ ڏکڻ ايشيا ۾ وڏيڪ هلڻ لڳا، سواءِ سنڌ ۽ پنجاب جي هڙپا واري علائقن جي ۽ راجستان جي پڻ، جتي اهي اڄ به ڏسجن ٿا.

برجِٽ ۽ آلچِن، ص. 302.

هن صديءَ ۾ ڪچي لوهه جي قيمتن ۾ چڱي ڀلي لاٿ آئي، ان جا ڪجهه ڪارڻ لوهه کي ڳاري سوڌڻ جا سستا طريقا، بهتر سڌ سماءُ ۽ ڪياني سلطنت جي ظاهر ٿيڻ سان آيل وڏيڪ امن هئا. دريائن جهڙوڪ نِيل، دجله ۽ فرات (گهڻو ڪري سنڌو پڻ) ۾ هلڻ لاءِ 200 ٽنن تائين وارا جهاز ٺهيا.

گِرشمئن، ص. 87-88.

**پهرين هزاري ق-م جو وچ يا 600-500 ق-م:**

تاريخي جُڳ جي شروعات. اٿندي وارن تاريخدانن جا مهندار يوناني هئا.

**600-550 ق-م:**

پهريان اُپَنِيشَد.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد ا، ص. 100 ۽ 131.

**600-400 ق-م:**

دارا جي ٺاهيل ۽ سندس ئي نگرانيءَ هيٺ وهندڙ سُڪيءَ جي ڏڳن ۽ ناٽي جي مٽا سٽا جي ذريعي طور استعمال ٿيڻ ڪري اوڀر جي واپار جو مقدار تمام گهڻو وڌي ويو. واپار فينقين يا عربن جي هٿن ۾ هو.

ٽؤسينٽ، ص. 26 ۽ 27.

دارا-پهرئين سُڪيءَ جا ڏڳ ٺهرائي مصر، ميسوپوٽامر (اڄوڪو عراق)، ايران، افغانستان ۽ هاڻوڪي پاڪستان کي ڳنڍي ڇڏيو. سندس نائب اسڪائِيليڪس هاڻوڪي پاڪستان (پشاور کان سنڌوءَ جي مُنهن تائين) کي سنڌوءَ ۽ عربي سمنڊ رستي ڳاڙهي سمنڊ سان ڳنڍيو.

ڪيانين اَراميءَ کي، پهلوي (فارسي) نه، سرڪاري ٻولي بڻايو.

هنن سيني شين جي ڪري واپار وڌيو. گِرشمئن، ص. 14-46 ۽ 163.

هن دور ۾ ايران سان ٿيندڙ واپار ۾ سنڌ مان عاج وڃڻ شامل هو ۽ گنڌارا مان پَرسيپولِس جي اڏاوت لاءِ ڪاٺ سنڌوءَ رستي فارسي نارِ تائين نيو ويو. گِرشمئن، ص. 166.

سنڌ ۽ باقي پاڪستان ۾ پڪ گهاٽا ٻيلا هوندا، جن ۾ هاٿي گهمندا هوندا.

**600-232 ق-م:**

پالي سرڪاري ٻوڏي ٻوليءَ طور استعمال ٿي، پر ان جي سنڌيءَ مٿان ڇاپ جو ثبوت نٿو ملي ۽ ان جو به ثبوت نٿو ملي ته ٻڌ ڌرم سنڌ ۾ پکڙيو. شهباز گڙهي ۽ مانسهرا وارن ٿنڀن (سنڌ جي دنگن کي سڀ کان ويجها اشوڪ جا

ٿنپ) تي ٿيل اُڪر ظاهر ڪري ٿي ته پالي پاڻ ٿي مقامي ٻولين جي اثر هيٺ آئي هئي ۽ ڪوڙ سارا مقامي لفظ جذب ڪري ورتا هئائين.

600-200 ق-م:

هندي ادب جو سُوتر جُڳ.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 97 ۽ 100.

سڀ ڪان آڳاٽا اُپنيشد لکيا ويا. اُپنيشد ڌرم جي ڏاهپ نروار ڪن ٿا ۽ اهي رِگ ويدي آرين مٿان سنڌو ڌرم جي ڇاپ جونتيجو هئا .

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 100 ۽ 131. باشام جي خيال ۾ پويان ويد، براهمڻ ۽ پهريان اُپنيشد 900-500 ق-م جي وچ تي لکيا ويا، جيڪو وڏيڪ مڃڻ جوڳو خيال آهي. ص. XIX.

ڪيمپبيل، دي ماسڪس آف گاڊس، ص. 172-179.

599-527 ق-م:

جين ڌرم جي باني وردمان جناتا پُرا جي حياتيءَ جا ڏينهن.

566 ق-م:

ٻُڌ جي جنم جو ممڪن سن. سنڌس نالو سڌارٿ هو ۽ سَڪايا جي حڪمران ڪتري قبيلي منجهان هو، جن ڪنهن پر ڳٽي مٿان حڪمراني ڪئي، جيڪو هاڻ نيپال جي اولاهين ترائي سڏجي ٿو.

منشي، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد II، ص. 700.

ريپسن، ص. 152، 153 ۽ 278 سنڌس حياتيءَ جو عرصو 563-483 ق-م ڏئي ٿو.

566-486 ق-م:

ٻڌ، جيڪو تڏهن حيات هو، پنهجو پرچار سنسڪرت نه پر ان ڪان پراڻي ۽ عام ماڻهوءَ پاران ڳالهائجندڙ ٻولي پاليءَ ۾ ڪندو هو. سنسڪرت رڳو برهمڻن ڪي ايندي هئي. پالي اوله بنگال، بهار ۽ اوڙيسا وارن علائقن جي ٻولي هئي. وقت سان گڏ اها پراڪرت بڻجي وئي.

پيرومل، ص. 57.

558-530 ق-م:

سائرس اعظم سيستان، غزني ۽ گنڌارا ڪي پنهنجي ملڪ ۾ ملايو پر ڪڏهن به سنڌ تي ڪاهه نه ڪيائين.

مجمدار، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 39-40.
سنڌس اِيريٽرائي سمنڊ جي فتح جو مطلب آهي صرف مڪران واري ساموندي ڪناري جو حصو. ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 162.

# ڪيانين پاران سنڌ فتح ڪرڻ

(519-325 ق-م)

**552-486 ق-م:**

دارا جي حياتيءَ جا ڏينهن. يوناني جاگرافيدان هيڪاٽِيَس سندس دور ۾ حيات هو.

ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، ص. 301 ۽ 354.

دارا کي يوناني ٻوليءَ ۾ ڊيريَس ۽ فارسيءَ ۾ دارايوش سڏيندا آهن.

**550-476 ق-م:**

يوناني تاريخدان ۽ جاگرافيدان هيڪاٽِيَس جي حياتيءَ جا ڏينهن.

**540-468 ق-م:**

جين ڌرم جي باني وَرڌمڻ، مهاوِير (عظيم سورمو) ۽ جِينو (فاتح) جي حياتيءَ جا ڏينهن.

جين ڌرم سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جي برابري نہ ڪري سگهيو، تنهن هوندي بہ ڪجهہ مندر ٿر واري علائقي ۾ ۽ ڪجهہ سنڌ جي ٻين ڀاڱن ۾ موجود آهن.

**522-486 ق-م:**

دارا-پهرئين جي ايران تي حڪمراني. دنيا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو دارا سرڪاري خرچ تي رستا ٺهرايا ۽ پنهنجي فتح ڪيل ڪيترن ئي مختلف ملڪن کي ٻڌ ڀاڻ ۾ ڳنڍيو.

مجمدار، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 40.

بابلين جو ناهيل ناڙيءَ وارو هَرُ اِيلامين ايران ۾ سائرس جي دور ۾ آندو. اهو دارا جي فتح کان پوءِ پڪ سان سنڌ ۾ آيو هوندو.

**519 ق-م ۽ ان کان پوءِ:**

ڪاريزون (پاڻيءَ جا لنگهہ يا زير زمين کَسيون) ايران ۾ وڏي پيماني تي متعارف ٿيون ۽ دارا-پهرئين بلوچستان ۾ آنديون.

سنڌ ۾ هنوقت ڪا ڪاريز ناهي، پر ٽڪرين جي پاڙ واري ڪاڇي، خاص ڪري واهي پانڌي ۽ نئنگ، ۾ وڏو امڪان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو اتي ڪاريزون ٺهيون هجن.

”مظهر شاهجهاني“ ڪاڇي ۾ سترهين صديءَ ۾ ڪاريزن جي هجڻ جي تصديق ڪري ٿي.

**519 ق-م کان اڳتي:**

دارا-پهرئين جي ڏينهن ۾ ناڻي جو مٽا سٽا جي ذريعي طور استعمال عام ٿيو ۽ ان ڪاروباري ڏيتيون ليتيون سهنجيون بڻائي ڇڏيون. ناڻي جو استعمال سُميرين متعارف ڪرايو هو، پر لڳاتار جنگين سبب اهو ميسوپوٽامر ۾ ئي رهيو، ڪيانين جي اچڻ تائين ٻئي هنڌ نہ پکڙيو.

ٽؤسينٽ، ص. 26.

سائرس جي حڪمرانيءَ ڪانوني ڪيانين مفتوح ماڻهن کي تمام گهڻي خودمختياري ڏني. هن ڪم پراڻين ثقافتن جي سنڀالڻ ۾ مدد ڏني. جيتوڻيڪ مصرين، سميرين ۽ هند (هاڻوڪو پاڪستان) واسين هن ڪم کي ساراهيو، پر انهي سلطنت جو ٽڪڙو زوال آندو.

گِرشمئن، ص. 128.

دارا-پهرئين (522-486 ق-م) مصر ۽ بابل کان هند تائين کي رستن ذريعي (سُوسا کان ٽيندو ڪابل) ڳنڍيو ۽ سنڌوءَ ذريعي پوري يورپ کي ٻڌ ملايو. اسڪائيليڪس پاران سنڌوءَ جي مُنهن تائين 30 مهينن واري اپياس

**519 ق-م کان اڳتي:**

ڪيانين اَرامي‌ءَ کي رياستي ٻولي‌ءَ طور آڏو آندو ۽ پنهنجي پراڻي ٻولي پهلوي‌ءَ جي پيٽ ۾ انهي جي آئيوٽا اختيار ڪيائون. انهي جي اثر هيٺ ڏکڻ ايشيا ۾ سڀ کان آڳاٽي ڄاتي ويندڙ هندي آئيوٽا خروشتي ٺهي.

سنڌ ۽ پنجاب جا ماڻهو انوقت ڪا ديوناگري نموني آئيوٽا استعمال ڪندا هئا، جنهن کي ايراني خر-وَشتي يعني گڏهه جا چپ سڏيندا هئا. اَرامي لپي ڏکڻ ايشيا مان اٽڪل ٽين صدي عيسوي ڌاري گم ٿي وئي.

**519-518 ق-م:**

ڪَٽريا ۾ ڪَٽرياندا جي اسڪائيليڪس ڪابل ۽ سنڌو دريائن ڪان هيٺ ايراني سلطنت کي ڳاڙهي سمنڊ تائين عربي سمنڊ جي ڪناري سان ملائيندڙ ڪلئي پاٽيءَ جي گس تائين ٻيڙن جي آرماڙ وسيلي پاڻي جو سفر ڪيو. اسڪائيليڪس 514 ق-م ۾ موٽيو. ٻيڙن جو آرماڙ گهٽو ڪري پشاور ويجهو ناهيو ويو. ايپاس جو خرچ دارا-پهرئين پريو.

**519-518 ق-م:**

دارا هِستاسپس سنڌ ۽ ڪڇ کي ايراني سلطنت ۾ گڏائي ڇڏيو.

ڊِيرڪ نالي چانديءَ ۽ سون جو سڪو پنهنجي سڄي سلطنت ۾ متعارف ڪرايائين، جيڪا نيل جي مٿئين پاسي کان سنڌو درياءَ ۽ آمو کان عربي ۽ يُونوڃ ٻنهي سمنڊن تائين پکڙيل هئي. سلطنت سٽراپين ۾ ورهايل هئي، هر سٽراپيءَ جو سربراهه هڪ گورنر هو ۽ ان جو بچاءُ هڪ الڳ جنرل جي هٿ هيٺ هو. جيڪي ٻئي آزاد ۽ سڌو سنئون دارا وٽ جوابده هئا. سنڌ، ڏکڻ پنجاب ۽ بلوچستان گڏجي ويهين سٽراپي ٺهيا ٿي، جنهن مان آمدني 360 ڦنطار (ٽئلنٽ) سون هئي — سلطنت جي سموري اوڳاڙيءَ جو 25 سيڪڙو — جيتوڻيڪ علائقي جي حساب سان اها 5 سيڪڙو هئي.

**514 ق-م سُتت پوءِ:**

اسڪائيليڪس نالي يوناني (ايراني نه) سنڌوءَ ۽ عربي سمنڊ ۾ سفر ڪندڙ پهريون يورپي هو. هو ڪَسپيپيرَس (ڪَسپاپورا يا پشاور) ويجهو سنڌوءَ ۾

ڪان پوءِ مصر، سنڌ ۽ پنجاب کي ملائڻ لاءِ ڳاڙهي سمنڊ کي نيل (سوئيز واهه جي پيشرو) سان ملائڻ جو رٿيائين.

گِرشمئن، ص. 145 ۽ 146.

گِرشمئن، ص. 240.
پيرومل سمجهي ٿو ته لفظ "خروشتي" آهي خر+اَشتي معنيٰ گڏهه جا چپ، ايرانين پاران هند جي آئيوٽا کي ڏنل هڪ نالو، ان جي گڏهه جي چپن وانگر لڳندڙ ڏکي لپيءَ جي ڪري.

ريپسن، انشينٽ انڊيا.
ڪيانين جي وفاداريءَ جي رسم ڪنهن چڱي مڙس، ڪنهن راڄ ڌڻيءَ يا ٻئي بادشاهه کي پنهنجي ڌيءُ جو سڱ آڇڻ هوندي هئي. اها رسم ڏکڻ ايشيا ۾ دهليءَ جي سلطانن ۽ مغلن وڌي. ساڳي طرح سان مغلن پاران ڪنهن چڱي مڙس کي ڪو صوبو، ضلعو يا پرڳڻو انعام ۾ ڏيڻ ۽ وري انهي کي درٻاري بڻائي رکڻ يا انهي جي سڄي ڪٽنب کي گاديءَ وارو شهر ڇڏڻ نه ڏيڻ واري رسم به ڪيانين جي رسم هئي.

هيرودوٽس، ڪتاب IV، ص. 44، هي سفر سنڌ کي سلطنت ۾ گڏائڻ کان پهريان جو ٻڌائي ٿو، جيڪو اٽيٽو آهي.

وُڊڪاڪ، ص. 17-19 هن کي 517 ق-م ٻڌائي ٿو.
ٽوُسينٽ سمجهي ٿو ته 510 ق-م جي لڳ ڀڳ ٿيو.
سائيڪس 512 ق- ٻڌائي ٿو ۽ جٽرازپائي 509 ق-م.
منشي، HCIP، جلد II، ص. 700 هن کي 517 ق-م ٻڌائي ٿو ۽ ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 300 ان سان متفق آهي.

پَرسيپولِس ۽ نقش رستم وٽ ترتيبوار 518 ۽ 515 ق-م جون ڇَپرائين (ميخي) لپيءَ ۾ پٿر تي اُڪريل لکتون گنڌارا، پنجاب ۽ سنڌ کي دارا جي حاڪميءَ جو حصو ڄاڻائين ٿيون. ميمئايرس آف آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا، 1925؛ جرنل رائل ايشيائٽڪ سوسائٽي، جلد X، ص. 294؛ ٻليموريا، JSHS، جلد VII، ص. 132 پڻ. 520 ق-م جي بيهستن واري اُڪر گنڌارا کي دارا جي بادشاهيءَ جو صوبو ڪري ڄاڻايو. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ کي بادشاهيءَ ۾ 520 ق-م جي پوياڙيءَ يا 519 جي اڳياڙيءَ ۾ گڏايو ويو. هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل II-، ص. 41.
اَرلي هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 40-41.
ڪڇ کي بادشاهيءَ ۾ گڏائڻ ڪانسواءِ سنڌوءَ جي انوقت واري ٻيٽاري مٿان اسڪائيليڪس جي سربراهيءَ ۾ ويندڙ ايراني ٻيڙي جو موثر وَسُ نه هلي ها.

گهڙيو ۽ اڍائي سالن ۾ سوئيز نارِ ۾ ارسنوئي وٽ پهچي سفر جي پڄاڻي ڪيائين. پاڻيءَ جي هن سفر جو نتيجو اهو ٿيو ته دارا ڪي نيڪو-ھئين جي نيل ڪي ڳاڙهي سمنڊ سان ملائڻ واري رٿا بحال ڪرڻ لاءِ مڃايو ويو.

**512 ق-م:**

پاري نگر نالي بندر رڻ ڪڇ جي سامونڊي ڪناري تي ٿيو، جڏهن رڻ ڪڇ سمنڊ جي هڪ ڪاري هو.

**500-400 ق-م:**

سِنڊاس جو ٽيسياس، ايران جي ارٽازرگزز جو ذاتي طبيب، جيئرو هو. انهي ايران جي هڪ تاريخ 23 ڪتابن ۾ لکي، جن مان پلوٽارڪ، ڊايوڊورَس ۽ سِڪيُولَس فائدو ورتو. انهي هند بابت پڻ هڪ ڌار ڪتاب ۾ احوال لکيا. فوٽيَس انهن ڪي ننڍو ڪري لکيو.

فريگمينٽس آف ٽيسياس، گِلمور، لنڊن، 1883.

**500 ق-م:**

مليٽَس جي هيڪاٽيَس، پهرئين يوناني جاگرافيدان، پنهنجي جاگرافي پرِليجيسِس انهي سال ڏاري لکي. هيڪاٽيَس جاڻ اسڪائيليڪس ذريعي هٿ ڪئي ۽ ٻڌائي ٿو ته اوپيائي نالي هڪڙو قبيلو سنڌو درياءَ جي ڪاهي ڪنڌيءَ تي رهندو هو. انهن جو هڪ مضبوط قلعو هو جتي دارا-پهرئين پنهنجي لشڪر ڪي ترسايو. ٿي سگهي ٿو ته اهو بهمڻ آباد هجي. انهي جي اوپر ۾ وڏو (هندي) رڻ هو.

لڳي ٿو ته هيروڊوٽَس جاڻ اسڪائيليڪس ۽ هيڪاٽيَس وٽان هٿ ڪئي.

هيڪاٽيَس، "فريگمينٽس"، ايڊٽ سِي. مُلر، پئرس، 1841.
سائيڪس، پرشيا.
ايل. پيئرسن، اَرلي آيونين هسٽورينس، لنڊن، 1939. هي سپ ڪان آڳاٽو نثر نويس ليکجي ٿو.

**500 ق-م:**

نج تاريخي سنسڪرت ۾ پهريون ڪتاب ياسڪا جو نِرُڪتا يا ويدي ڏکيائيون پڌرو ٿيو.

ريپسن، ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 6. انوقت سنسڪرت جا بهتر سمجهاڻيءَ وارا ٽي قسم هلندا هئا: پهرين پراڻي ويدن واري ٻولي؛ ٻين شاعرن سگهڙن جي ٻولي ۽ ٽين نئين ٺهيل تاريخي ٻولي، جنهن ۾ 2500 سالن ۾ ڦيرقار ناهي آئي. مجمدار، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 40-43.

**500 ق-م:**

هند ۽ ميسوپوٽامر وچ ۾ سمنڊ رستي لاڳاپا سنڌ جي بندرگاهن رستي وري ڳنڍيا. هند ۽ ميسوپوٽامر وچ ۾ سمنڊ رستي لاڳاپا گهڻو پراڻا هئا، پر ڪيترين صدين تائين ڇنل رهيا.

برائن ڊو، سدرن عريبيا، ص. 51-55.

**500-400 ق-م:**

اسڪائيليڪس (اصل ۾ ڪئريانڊا جو يوناني) وانگر ايراني ڪپتان ستاسپس سمنڊ رستي جبرالٽر (هرڪيولس جا ٿنڀ) ڪان اڳتي ويو. انهي جي نتيجي ۾ يوناني، فينقي ۽ عرب ملاحن ڏکڻ ايشيا، ايراني نارِ (فارس نارِ)، بابل، مصر ۽ يُونوِچ جي بندرن وچ ۾ لاڳاپا ڳنڍيل رکيا.

گِرشمئن، ص. 185.
519 ق-م واري داخلا پڻ ڏسو.

سنڌوءَ جو اڙ ورهايل هند جي سمورن اتر اولهه وارن پاڳن ڪان مال جي آڻڻ نيئڻ ۾ هڙپا جُڳ ڪانوني تمام اهم ڪردار رهيو.

**500-400 ق-م:**

ڏکڻ ايشيا جي لوهارن رُڪ ناهڻ جي وُوٽز واٽ ايجاد ڪئي. هن واٽ ۾

فوربس، آر. جي.، ميٽلرجي ان اينٽيڪُئٽي، ص. 8-437، لائيڊن، 1950.




نقشو نمبر 08

**519 ق_م _ 1524ع**

**ڪيانين، مقدونين، باخترين، سِٿين، پارٿين، ڪُشانن ۽ ارغونن جا وچ ايشيا مان افغانستان رستي سنڌ تي ڪاهڻ جا گَسَ**

## ڏسٽي

1 ڪاهن جا گَسَ
2 شهر
3 لَڪَ
4 درياءُ
5 سنڌو درياءَ جو هاڪڙو وهڪرو
6 پاڪستان جو دنگ
7 افغانستان جو دنگ
8 پاڪستان ۽ افغانستان جو دنگ

## ڪاڇو

0 100 200 300ميل

**نوٽ:**

رڳو عربن جا گَسَ هنن کان مَٽَ هئا، جن مڪران واري سامونڊي ڪنڌيءَ ۽ سمنڊ رستي ڪاهون ڪيون. دهليءَ جا حڪمران سنڌ لاءِ دهلي-ملتان گَسُ وٺندا هئا. سنڌ تي دهليءَ مان ڪاهه صرف تڏهن ٿي سگهندي هئي، جڏهن انهن حڪمرانن جو ملتان ۽ بهاولپور پرڳڻن تي پورو ڪنٽرول هجي. اهڙين ڪاهن جي نتيجي ۾ رڳو ٿوري عرصي لاءِ سنڌ تي ڪنٽرول ٿي سگهيو. ان صورتحال ڪي مُنهن ڏيڻ لاءِ راءِ ۽ برهمڻن ملتان تي قبضو ڪيو. عربن بہ ساڳيو ڪم ڪيو.

محمود غزنوي ۽ محمد تُغلق سنڌ تي رڻ ڪڇ رستي ڪاهون ڪيون، چو تہ انهن وٽ ٻي ڪا واٽ ئي نہ هئي.

450-600ع جي وچ تي سخت ڏڪار وارين حالتن هيٺ ڪيانين دنيا جي پهرين وڏي سلطنت اڏي، جنهن ۾ ٽي قديم تهذيبون نيل، فرات ۽ سنڌو شامل هيون. هنن ٽن علائقن واڌو اَنُ ٿي اپايو، جنهن سان وچ ايشيا جي وڏي پکيڙ رکندڙ ئوٽ علائقن جي ماڻهن جو پيٽ پلجي سگهيو ٿي.

ڪيانين ۽ انهن کان پوءِ اچڻ وارن وچ ايشيائين جهڙوڪ باختري يونانين، سِٿين، پارٿين ۽ ڪُشانن زرعي اپت ڪي همٿايو، پر ڳرا ٽيڪس لاڳو ڪيائون. سلطنت ٽيڪسن جي بار هيٺ اٽڪل هڪ صديءَ اندر ئي ڊهي پئي. ڪيئن بہ، پر دنيا ڪي پهرين عظيم انتظامي جوڙجڪ ڏئي ويا، جيڪا اڳتي وارن جي تجربن جو بنياد بڻي.

لوهہ جا ذرڙا، سارين جا ٽُونٽڙ، ناڙي (وَلِ) جا پن ۽ ڪاربان ملائيندڙ مواد طور املتاس جو ڪاٺ اُبور ڪا ستبا هئا. ڪوئارين کي ڏنوڻ جي مدد سان ڪوئلن جي تمام گهڻي گرم باهہ تي 24 ڪلاڪن تائين تپائبو هو ۽ پچاڙيءَ ۾ انهن کي پچي رُڪ جون ٽِڪيون ڪڍي ونبيون هيون.

هَنٽ، اِي. ايچ.، جرنل حيدرآباد آرڪيالاجيڪل سوسائٽي، ص. 211، جولاءِ 1961ع پڻ.

جيئن تہ ڪٽيسيا جون ترارون ڏکڻ ايشيا جي اترين ڀاڱن جون هونديون هيون، سو اها واٽ سنڌ ۾ بہ عام هوندي.

**486-465 ق-م:**

زرگزز ايران تي حڪمراني ڪئي.

**486-468 ق-م:**

زرگزز جي يونانين سان جنگ. سندس لشڪر ۾ سنڌ ۽ پنجاب سميت 46 قومن جا سپاهي شامل هئا ۽ مهنداري 29 سپهہ سالارن تي ڪئي، جيڪي سڀ جا سڀ ايراني هئا. ميين (فارس، سنڌ ۽ پنجاب جا) سميت ٻين قومن وٽ صرف ماتحت عهدا هئا.

گِرشمئن، ص. 191.

**486 ق-م:**

مهاتما ٻڌ جي گذاري وڃڻ جو ممڪن سن.

منشي، HCIP، جلد II، ص. 700. ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، 483 ق-م ڄاڻائي ٿو ۽ چارپينٽِيئر 477 يا 478 ق-م.

**486-485 ق-م:**

دارا-پهرئين پٽ هِستاسپس جو مقبرو نقشِ رستم وٽ ٺهي راس ٿيو، انهن اُڪريل لڪتن سان تہ سنڌ انوقت بہ ڪيانين جو حصو هئي.

انسڪرپشن آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا، 1928.
راِلنسن، "هيروڊوٽس"، جلد II، ص. 403 ۽ جلد IV، ص. 207.

**484-431 ق-م:**

قديم تاريخدان هيروڊوٽس جي حياتي. هن دارا جي سنڌ فتح ڪرڻ، اسڪائيليڪس جي دريائي سفر، سنڌ ۾ ڪمند جي پوک ۽ ايران-سنڌ لاڳاپن جا احوال ڏنا آهن.

سيلِنڪورٽ سمجهي ٿو تہ هي 490 ۽ 480 ق-م جي وچ تي ڄائو. سندس تاريخن جي ڪتاب III ۾ دارا جي فتحن جا تفقيل آهن.

**486-468 ق-م:**

زرگزز يونانين سان جنگ ۾ سوٽي ڪپڙا پهريل سنڌو ماٺر ۽ گنڌارا واسين کي ڪم آندو. انهن ڪماٽون ۽ رُڪ جي چنهبن وارا تير ڪم آندا ۽ ان سان گڏ هاٿي پڻ ڪم آندائون، جيڪي يورپ جي ڌرتيءَ تي پهريون ڀيرو ڪم آندا ويا هئا. اهو پڻ پهريون ڀيرو هو تہ سنڌي يورپ جي ڌرتيءَ تي وڙهيا. زرگزز 469 ق-م ۾ ايراني پوٺي (سطح مرتفع) تي هارايو.

جوزفَس، جِيُوئِش اينٽيڪُئٽيز، ص. 430.

مجمدار هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 42. وُڊڪاڪ، گريڪس ان انڊيا، ص. 20، هيروڊوٽس VII، ص. 65 ۽ پِي. نيوگي، آئرن ان ائنشِيَنٽ انڊيا، ڪولڪتو، 1914.

**483 ق-م:**

برهمي آئيوٽا ۾ لکت پهريون ڀيرو ڏکڻ ايشيا ۾ پڌري ٿي. هن کان اڳ ڪتابن جي ڪا باقاعدي لکت نہ هئي.

هيرانندائي، پوپٽي، پارتي پاشا، ص. 170-173.

**476 ق-م:**

جاگرافيدان هيڪاٽيَس گذاري ويو.

جئرازڀائي، ص. 81.

**425-400 ق-م:**

سنڌ مان موڪليل مور ايران ۽ يونان ۾ ڏاريا ويا.

**400-300 ق-م:**

مهاڀارت وارو جُنگ، جنهن ۾ سنڌ جي حاڪم جئدرٿ پاران دروپدي ڪي ڪٽڻ جي ڳالهه ڪيل آهي.

**400 ق-م:**

ڏکڻ ايشيا ۾ سُنبي سان نپيل سڪن جو سڀ کان آڳاٽو مثال سڪا پڙ دڙي (ٽيڪسيلا) مان لڌا. يورپ ۾ اهي 700 ق-م ۾ آيا. هي سنڌو ثقافت واري لکت سان ملن ٿا.

ڪننگهام، ص. 43، قديم هند جا سڪا 1000 ق-م جا ڄاڻايا آهن.

**400-200 ق-م:**

راماڻ وارو جُنگ، جنهن جو پهريون سنڌي ترجمو يارهين صدي عيسوي ۾ ٿيو.

**398 ق-م:**

ٽيسياس ”انڊيڪا“ لکيو. ليڪ ايراني دربار ۾ دارا-ٻئين ۽ ارتازرگزز مِنيمون جو طبيب ٿي، گهٽو ڪري 415 کان 398 ق-م تائين، 17 سالن تائين رهيو. هي ڪم وڃائجي ويو، پر ڪجهه ٽڪرا محفوظ آهن ۽ فوٽيَس پاران ان کي نائين صدي عيسوي ۾ نندو ڪري پڻ لکيو ويو آهي.

**387 ق-م:**

ٻين ٻوڌي ڪائونسل گڏ ٿي. ڪجهه سنڌي ڀڪشو به شامل ٿيا.

مجمدار، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل-ايج آف امپيريل يونٽي، ص. 378-379.

**375 ق-م:**

برهمي ۽ خروشتي لپيون اَرامي ۽ فينقي لپين مان نڪتيون. يوناني، اٽئلڪ، اِتروشيائي، اِليريائي، گريائي ۽ ليسيائي آئيوٽائون پڻ ساڳي بُڻ مان نڪتيون. خروشتي لپين جو نڪرڻ ايرانين پاران هاٽوڪي پاڪستان جي فتح جو نتيجو هو. برهمي مسالن جي واپار سبب ڪجهه اڳي ڪيڃي وئي هئي. حرف علت اڳتي هلي جوڙيا ويا. هي اناطوليه وارن جو ڪارنامو هو.

مِڪ ايوَرڊي، ص. 56.

**350 ق-م:**

سنڌ اڳي ئي آزاد ٿي چڪي هئي، زرگزز جي مرڻ کانپوءِ ۽ اتي مقامي چڱن مڙسن جو راڄ هو.

مِڪ ايوَرڊي، ص. 52 ۽ 53.
زرگزز 465 ق-م ۾ مري ويو. سنڌ ٿي سگهي ٿو مِڪ ايوَرڊي جي ٻڌايل 375 ق-م بجاءِ 450 ق-م ڌاري آزاد ٿي وئي هجي

**367/6-283/2 ق-م:**

سڪندر جي هڪ ويجهي دوست يوناني جنرل ۽ تاريخدان ٽالمي پٽ لئگوس، سڪندر جو مهمن ۾ ساٿ ڏنو ۽ هڪ انتهائي ڀروسي جوڳي تاريخ لکي. سڪندر جي مرڻ تي مصر جو گورنر بڻيو ۽ اڳتي هلي پنهنجي بادشاهه هجڻ جو اعلان ڪري ٽالمي راڄ گهراڻي جو بنياد وڌائين، جيڪو قلوپطره سان پڇاڙيءَ پهتو. هي سنڌ ۾ به هو.

سندس هنوقت وڃائجي ويل تاريخ ايرين استعمال ڪئي.

**356 ق-م:**

سڪندر-ٽيون، اڳتي هلي اعظم لقب ماٽيندڙ، فلپ-ٻئين ۽ اولمپياز جو

مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 15.

پٽ، پيلا ۾ جائو.

**336 ق-م:**

سڪندر پنهنجي پيءُ فلپ جي مرڻ کان پوءِ تخت تي ويٺو.

مڪ ڪرنڊل، اليگزينڊر، ص. 17.

**334 ق-م:**

سڪندر ايرانين خلاف پنهنجي عظيم مهم تي ويندي هيلسپونٽ ٽپيو.

مڪ ڪرنڊل، اليگزينڊر، ص. 19.

**331 ق-م:**

سنڌي سپاهه ايراني لشڪر سان گڏ اربيلا واري جنگ ۾ سڪندر سان وڙهيو، پر ايرانين مقدوني بادشاهه کان هارايو. سنڌين هلڪيون ڪماٽيون ۽ رُڪ جي چنهبن وارا تير، رَٿون ۽ هاٿي استعمال ڪيا.

ايرين، ائنابيسِس، جلد III، ص. 8.

**330 ق-م:**

دارا-ٽئين، سڪندر سان وڙهڻ لاءِ پنهنجي حاڪميت هيٺ هند جي سنڌ سميت علائقي مان سپاهه ۽ هاٿي گڏ ڪيا. ساڳئي سال سڪندر کيس شڪست ڏني ۽ سندس گادي شهر پرسيپولس کي ساڙيو.

دارا جي جنگ هارائڻ کان پوءِ سڪندر سندس پيڇو ڪيو. دارا کي پيڇي دوران پنهنجي ئي آفيسرن ماري وڌو. اتي سڪندر ايران جون سڀ سٽراپيون (پرڳڻا) فتح ڪرڻ ۽ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ گڏائڻ جو فيصلو ڪيو. 329 ق-م ۾ باختر تي قبضو ڪيائين.

ايرين، ائنابيسِس، جلد III، ص. 6، 8-13.

مڪ ڪرنڊل، ص. 4.

اي. ٽي. اومسٽيڊ، دي هسٽري آف دي پرشين ايمپاير (اڪمينڊ پيريڊ)، شڪاگو، 1948، ۾ پرڳڻن مٿان سندن حڪمرانيءَ جي خاص خاص ڳالهين تي هيئن چوندي بحث ڪري ٿو ته: ڪياني بادشاهه ظالم نه پر اولهه جي ”ڪنگ ان ڪائونسل“ وانگر هوندا هئا. اهي سالگرهون ملهائيندا هئا ۽ اٿواقفن جو آذر ياءُ ڪندا هئا. پهريون خود مختيار صوبائي حڪومتون انهن ئاهيون ۽ ڏورانهن صوبائي شهرن کي ڳنڍيندڙ رستن جو ڄار، رومي رستن جو هڪ پيشرو، سڀ کان پهريان انهن وڇايو. انهن اناطوليه وارن جي مقامي سڪي جي پيٽ ۾ بادشاهه جي ڪماڻ سان تصوير وارو پهريون عالمي سڪو پڻ جاري ڪيو. انهن اَرامي کي سرڪاري ٻولي بڻايو، جيتوڻيڪ اَواسي، هڪ پراڻي فارسي، جو استعمال پري پري تائين پهتو.

# يونانين پاران سنڌ ۽ باقي پاڪستان فتح ڪرڻ

(329-324 ق-م)

**329 ق-م:**

سڪندر قنڌار فتح ڪيو. پهريون ڀيرو هند واسي قبيلن سان آمهون سامهون مقابلو ٿيس.

ايرين، اٺنابيسس، جلد III، ص. 27.

**327 ق-م:**

سڪندر هند ڏانهن ويندي هندوڪش جبل ٽپيو. جون ۾ هو نڪايا (جلال آباد) وٽ هو. سنڌس جنرل هيفائسشن آگسٽ ۾ ايسٽس (هستي) قلعو هٿ ڪيو. سيپٽمبر ۾ اساڪينين جي هنڌ مساگا وٽ 7,000 هند واسين جو ڪوس ڪيائين. نومبر ۾ اورنوس تي ڪڙو چاڙهيائين ۽ ڊسمبر ۾ ان تي قبضو ڪيائين.

سمٿ، ارلي هسٽري آف انڊيا، ص. 119.

**327-326 ق-م:**

سڪندر سنڌوءَ جي ماڻهن بابت ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ اونيسي ڪريٽيس ڪي نامزد ڪيو. انهي رپورٽ ڏني تہ سنڌ ۾ ٻوڏي ٻاوا يا پڪشو ڏاڍا طاقتور آهن. ملتان ۽ الور (اتر سنڌ ۾؟) ۾ سورج ديوتا جا مندر آهن ۽ سيوهڻ ۽ پٽالا ٻوڏين جا ڳڙهہ آهن. برهمڻ حڪمرانن عام ماڻهن کي يونانين توڙي ٻوڌين جا مخالف بڻائڻ لاءِ وس ڪيا. سامبس جي بغاوت ان جو نتيجو هئي. هنگلاج ۾ مانو ٻلي (انسان جي قرباني) عام هئي.

بنبوري، هسٽري آف ائنشينٽ جاگرافي، ص. 351.

ارلي هسٽري آف انڊيا، ص. 104.

ڪيٿ، جرنل رائل ايشيائڪ سوسائٽي، 1909، ص. 567.

**326 ق-م، مئي:**

پورس جي شڪست.

HCI، جلد II، ص. 700.

**326 ق-م، جولاءِ:**

ملي سڪندر آڏو ڍير ٿي پيا.

ڊيوڊورس سڪيولس، ببليوٿيڪا هسٽوريڪا، جلد XVII، ص. 98-100. ايرين، جلد III، ص. 14. اسٽرابو، XVI، ص. 6. سمٿ، جرنل رائل ايشيائڪ سوسائٽي، آڪٽوبر 1903.

**326 ق-م، آڪٽوبر:**

سڪندر ڏکڻ پنجاب تي چڙهائي ڪئي ۽ ٻن رياستن ملي ۽ آڪزيڊريڪي کي شڪست ڏنائين ۽ نومبر جو سج ايرڻ تائين بادشاهہ پنهنجي جهاز جي آڳيل تي بيٺو سوني پيالي مان هٿداسپس، ايسيسائينس ۽ سنڌو دريائن جي ناڻءِ جام اوتي رهيو هو. سنڌس بحري ٻيڙو 2000 جنگي جهازن تي ٻڌل هو.

جسٽن، هسٽوريڪا فلپيڪا، جلد، XV، ص. 4.

سمٿ، ارلي هسٽري آف انڊيا، ص. 89.

مڪ ڪرنڊل، اليگزينڊر، ص. 144-145، ايرين آڏار ۽ ص. 251-322، ڪرٽيس وارو ترجمو.

**326 ق-م، پڇاڙي:**

بهاولپور سميت اتر سنڌ جي حاڪم موسيڪينس سڪندر آڏو آڻ مڃي ۽ فاتح جي ڪاهہ کي ٽارڻ لاءِ ڪيس انتهائي قيمتي سوکڙيون ۽ هاٿي پيش ڪيائين. سڪندر پيٿون کي پنجند کان هيٺ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو.

مڪ ڪرنڊل، اليگزينڊر ڪرٽيس وارو، ص. 253 ۽ ڊيوڊورس، ص. 293.
ايرين، ترجمو سيلنڪورٽ، ص. 207.
آيا اتر سنڌ جي گادي الور هو يا ماهوتا، آثارن جي کوٽائي نہ ٿيڻ ڪري اجا

مُوسيڪينَس جي راڄڌانيءَ تي قبضو پڪو ڪرڻ کان پوءِ پڪ سان اتر سنڌ مان ئي ڪرئٽيروس کي لشڪر ڏئي بولان لَڪَ رستي موڪليو هوندائين.

**326 ق-م:**

سنڌ جي اولاهين جابلو پٽيءَ جي حاڪم سامبس سڪندر آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ کيس بادشاهه جو نائب مقرر ڪيو ويو. سندس گادي شهر سِنديمانا کي سينڌُووان يا سيوهڻ ڪري سڃاتو ويو آهي.

**326 ق-م جي پڇاڙي-325 جو منڍ (سياري جي منڊ):**

سامبس جڏهن پنهنجي دشمن مُوسيڪينَس مٿان سڪندر کي مهربان ٿيندو ڏٺو ته فاتح خلاف بغاوت ڪيائين. اتر سنڌ جي هڪڙي ٻئي ماتحت حاڪم آڱزيڪينَس (پورٽيڪينَس)، جنهن جو ملڪ سنڌو درياءَ جي واهڙن جي وچ تي ڪو ٻيٽ هو، سڪندر سان مهاڏو اٽڪايو، پر پنهنجي مضبوط ڪوٽ تي ٽن ڏينهن جي ڪڙي ڪانپوءِ شڪست کاڌائين. قيد ٿيو ۽ مارجي ويو: ڦرلٽ جو مال سپاهه ۾ ورهايو ويو، هاٿي اڳتي جي جنگين لاءِ جهليا ويا ۽ پورٽيڪينَس جي ماڻهن کي غلام ڪري وڪيو ويو.

سڪندر اڳتي وڌيو، سامبس جي علائقن تي شهر شهر ڪري قبضو ڪيائين، سندس گادي شهر سِنديمانا (سيوهڻ؟) ۽ هڪڙي ٻئي شهر تي پڻ قبضو ڪيائين، جتان جي برهمڻن بغات ڪرائي هئي ۽ سيني برهمڻن کي مارائي ڇڏيائين.

ساڳئي ئي وقت مُوسيڪينَس به سامبس وانگر، گهڻو ڪري برهمڻن جي چرچ تي، بغاوت ڪئي. پيٿون کيس شڪست ڏئي قيد ڪيو ۽ ماري ڇڏيو: سندس شهر ڊاهي پٽ ڪيا ويا ۽ رهواسين کي غلام بڻايو ويو. هتان جي برهمڻن کي به ٽنگيو ويو.

**325 ق-م، وچ ڏاري:**

مُوسيڪينَس جي ملڪ ۾ هوندي ئي سڪندر پنهنجي لشڪر کي ٽوڙي ٽي ڀاڱا ڪيو، هڪ ڪرئٽيروس جي مهنداريءَ ۾ ڪراچي، سراوان ۽ سيستان رستي موٽي پوئتي وڃڻو هو ۽ ٻيا ساٿس گڏ پٽالا ڏانهن هلڻا هئا.

**325 ق-م، جون، جولاءِ/آگسٽ:**

سڪندر مُوسيڪينَس جي ملڪ کان درياءَ رستي پٽالا ڏانهن روانو ٿيو ۽ لشڪر جي مُک جتي کي هيسفائسشن ۽ پيٿون جي مهنداريءَ هيٺ ترتيبوار درياءَ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسن سان هلڻو هو. پٽالا جو حاڪم سندس آڻ مڃي چڪو هو، جڏهن پاڻ سامبس کي ناس ڪرڻ ۾ رُڌل هو. پر جيئن ئي سڪندر ڏکڻ طرف هليو، پٽالا جو حاڪم موئيرس ۽ رهواسي

اڻ نبريل آهي. ماهوتا تي سگهي ٿو ته آگزيڪينَس جو گادي شهر هجي. ڊيوڊورس جو سوگدائي الور کي سمجهيو وڃي ٿو.

ايريَن، ترجمو سيِلنڪورٽ، ص. 201.
ڪُرٽيَس، ترجمو مِڪ ڪِرنڊل، ص. 254-55.
سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 199.
مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 159، ايريَن آڏار. ڪنِنگهام، ص. 263-266.

ايريَن، ترجمو سيِلنڪورٽ، ص. 211.
سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 119.
مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 158-161، ايريَن آڏار. پلوٽارڪ مطابق سڪندر سامبس جي ملڪ ۾ هند جي ڏهن نانگا ساڌُن سان ملاقات ڪئي.
ڪُرٽيَس، ترجمو مِڪ ڪِرنڊل، ص. 253-55.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 119.
مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 159، ايريَن آڏار ۽ ص. 255 ڪُرٽيَس آڏار.

ڊيوڊورَس (مِڪ ڪرنڊل، ص. 292) ٻڌائي ٿو ته سامبستائي (سامبس) پنهنجي شهرن، جن ۾ جمهوري طريقي جي حڪومت هئي، مان 60،000 پيادا، 6،000 گهوڙا ۽ 500 رَٿون گڏ ڪيا. هاٿوڪن دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن منجهان سپاهه جو هيڏو انگ تمام گهڻو وڏاءُ لڳي ٿو. سڪندر سامبس جا 80،000 ماڻهو تلوار هيٺ آندا. پلوٽارڪ (مِڪ ڪِرنڊل، ص. 313-14) مطابق ڏهن نانگا ساڌُن (جوڳين يا برهمڻن) سان سندس ملاقات سيوهڻ ۾ ٿي هئي، جن سامبس کي بغات لاءِ تيار ڪيو هو.
نارائڻ، انڊو-گريڪس، ص. 39-42 ۽ 67-68.
مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 160، ايريَن آڏار ۽ ڊيوڊورَس، ص. 293.

اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 119.
مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 160. لڳي ائين ٿو ته ڪرئٽيروس جي اتر سنڌ کان بولان لَڪ ڏانهن نڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ اٿيل بغاوت سبب کيس پوئتي گهرايو ويو هو. اهو ڪرئٽيروس واري جتي جو ٻيو پيرو وڃڻ ٿيو.

اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 119.
مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 160-61، ايريَن آڏار ۽ ص. 256 ڪُرٽيَس آڏار. ارِسٽوبولَس مطابق، جنهن جو حوالو اسٽرابو ڏنو آهي، نِڪايا کان هئڊاسپس رستي پٽالا تائين پنڌ ۾ 10 مهينا لڳا. ڊيوڊورَس (مِڪ ڪِرنڊل، ص. 293) پٽالا واري علائقي کي برهمڻن جو ديس (برهمڻ آباد) ۽ ان جي

سپ جو سپ راڄڌاني ڇڏي هليا ويا. آگسٽ ۾ پٽالا پهچڻ تي سڪندر شهر ٽوٽي پرپاسي وارا علائقا ويران اچي ڏٺا. مقامي ويڙهاڪ ٽولين سڪندر جي کوهه کوٽڻ ۾ لڳل جٿن مٿان حملا ڪيا، پر موٽ ۾ وڏو نقصان ٿين. سڪندر وڏي انگ ۾ ريڍو ۽ ٻاڪرو مال ماريو ۽ اَن هٿ ڪيو.

**325 ق-م، آگسٽ، سيپٽمبر:**

سڪندر پٽالا ۾ بندرگاهه ۽ جهاز ناهڻ جو ڊڪو اڏيا ۽ سمنڊ ڏانهن وڃڻ لاءِ درياءَ جي وڏ ۾ وڏ مناسب واهڙ جي ڳولا ۾ نڪتو. يوناني لاڙ سنڌ ۾ سامونڊي وير جي چڙهڻ لهڻ کان اڻواقف هئا، جنهن پهريان ته سندن جهازن کي پوئٽي ڌڪيو ۽ لهندي مهل وري انهن کي درياءَ جي سڪين ڪنڌين تي ٺوڪي کين وڏو نقصان پهچايو.

**325 ق-م، سيپٽمبر:**

سڪندر پنهنجو بحري آرماڙ نيارڪوس جي مهنداريءَ ۾ سنڌوءَ جي الهندي واهڙ رستي سمنڊ ڏانهن روانو ڪيو ۽ پهرين سيپٽمبر تي پاڻ پوئتي گهر موٽڻ وارو سفر پٽالا کان اَرابِتي (گهٽو ڪري هاٺوڪا ڪراچي ۽ ٺٽو تعلقا) رستي شروع ڪري حب نئن تي منزل ڪيائين. نيارڪوس سنڌوءَ جي مُنهن ويجهو ڪِلُوتا (اين شاهه) وٽان 2 آڪٽوبر 325 ق-م تي سمنڊ ۾ گهڙيو؛ ٻيٽ تي 24 ڏينهن گذارڻ کان پوءِ. ان کان پوءِ سڪندر سنڌو درياءَ جي اپرندي واهڙ جو جائزو ورتو، جيڪو انهن ڏينهن ۾ ڪڇ نارِ يا رڻ ڪڇ ۾ وڃي ٿي پيو. ڪيس هي واهڙ دريائي سفر لاءِ وڌيڪ بهتر لڳو.

**325 ق-م - 1200ع:**

سنڌو درياءَ جو اپرندو واهڙ ڪوري ڪاريءَ کان ٿيندو لکپت ويجهو مني پاٽيءَ جي ڍنڊ ناهي سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪندو هو. هن جُڳ دوران سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ لاڳاپا تمام ويجهڙائپ وارا هئا.

**325 ق-م، سيپٽمبر (پڇاڙي):**

سڪندر جي وڃڻ کان سٽت پوءِ پٽالا ۾ بغاوت ڪَرُ ڪنيو. نيارڪوس جهيڙي کان تارو ڪيو ته جيئن سندس روانگيءَ ۾ دير نه پوي. ارستوبولَس پاران سڪندر ڪي ڏنل جاڻ، جنهن مطابق يونانين ڏکڻ-اپرندي سنڌ ۾ 100 کان مٿي قتل ڳوٺ ڏٺا، ظاهر ڪري ٿي ته هن کان ٿورو اڳ درياءَ پنهنجو وهڪرو مٽايو هو.

**325 ق-م، آڪٽوبر:**

سڪندر ڏکي عرصي کان آزاد هڪ قبيلي کي مات ڪرڻ اورئيتائي (لس

گادي شهر کي هَرميتاليا سڏي ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته ڪوٽ ڇڏڻ کان پهريان ويڙهه ٿي، جنهن ۾ سڪندر جي ڪيترن ئي ماڻهن کي خاص قسم جي نانگن جي جسم جي رس مان ٺهيل موتمار عرق جو مَکُ ڏنل زهريلن تيرن سبب پنهنجون جانيون وڃايون. قتيلن ۾ ٽالمي شامل به هو، پر سڪندر پاران خواب ۾ ڏنل ڪنهن زهر مار سان چڱو ڀلو ٿيو. جڏهن شهر فتح ٿيو ۽ رهواسي پيش پيا ته کين بنا ڪنهن ڏنڊ جي ڇڏي ڏنو ويو.

استرابو، XI، باب II، ص. 1.

نارائڻ، ص. 122، 181 ۽ 178.

اهو وسهڻ جوڳو نٿو لڳي ته پٽالا جي چؤڌاري کوهه اڏي سگهجن ٿا، جتان جو پاڻي کارو آهي . انهي جي اتر ۽ اولهه ۾ پاڻي پيڻ جهڙو آهي.

نارائڻ، انڊو-گريڪس، ص. 123، 181.

ڊيوڊورَس (مِڪ ڪِرنڊل، ص. 296) پٽالا کي ٿئوٽالا سڏي ٿو.

مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 163-165 ۽ 256.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 119.

ليمبرڪ اين شاهه کي ڪِلُوتا ڪري سڃاڻو آهي، جو ته انوقت واري سمنڊ ۾ اندر اهو ئي اڪيلو ٽاڪرو ٻيٽ آهي. ٻيڻن طور ٻيا ڏُڪا صرف ڪياماڙي ۽ منوڙو ٿي سگهن ٿا، پر اهي پٽالا ٽوٽي سنڌو درياءَ جي مُنهن کان ٻڌايل پنڌن سان نٿا ٺهڪن. پلوٽارڪ (مِڪ ڪِرنڊل، ص. 316) هن ٻيٽ کي سڪِلُوستِس سڏي ٿو ۽ ٻين کي سِلِٺُوڪِس. جسٽن (مِڪ ڪِرنڊل، ص. 326) ٻڌائي ٿو ته نيارڪوس پنهنجي ڪارنامن جي يادگار طور هنن پاڳن ۾ بارس (باربيريڪان) جو شهر اڏيو.

استرابو، XV، ص. 25.

وُڊڪاڪ، ص. 41، سمجهي ٿو ته سنڌ ۾ گوريلا ڪارروايون چندر گپت جي ساٿارين شروع ڪيون. هي وسهڻ جوڳو نٿو لڳي ڇو ته چندرگپت جي سنڌ ۾ 305-304 ق-م تائين هلندي پڄندي نه هئي. نيارڪوس، ڪريٽ جو يوناني، سڪندر جو گهاٽو دوست هو ۽ سنڌو ٻيٽاري کان فارس نارِ (ايراني نارِ) جي مُنهن تائين پنهنجو سفر ڪاميابيءَ سان پورو ڪيائين.

ايريَن، انابيسِس، ترجمو سيلِنڪورٽ، ص. 214.



58. 326 ق-م: سڪندر پاران پورس کي شڪست ڏيڻ جو جشن ملهائڻ لاءِ گهڙايل ٻلو.



59. ٽالمي-پهريون (وفات 280 ق-م).
سڪندر جو ياءُ، سندس وفادار جنرل ۽ مصر ۾ پنهنجي راڄ گهراڻي 323-30 ق-م جو باني.(نيويارڪ اَرلسبرگ ايلپٽوليڪ ڪوپنهيگن ۾ سوا ڏھ انچ مورتي).



60. سڪندر جي جنرل سيليُوڪَس جو سڪو. هن بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ افغانستان جا حصا 303 ق-م ۾ چندرگپت موريا کي ڏنا.



61. 323-184 ق-م: مورين يا اڳ وارن سُنگها گهراڻن جو سُنبي ٺپيل سڪو.



62. 323-231 ق-م: پهرين ٽن موريا سمراٽن چندرگپت، بِندوسر ۽ اشوڪ جا سُنبي ٺپيل سڪا.



63. ٽين صدي ق- م: پٽاليپُٽر ۾ هٽ آيل مورين جي ٺل جا پاسي وارا ويڙها ۽ وچ وارا پَن ڪيانين جو وڏو اثر پڌرو ڪن ٿا.



65. 180-160 ق-م: سيالڪوٽ جي راجا منيندر جو سِڪو، جنهن جو سنڌ تي بہ راڄ هو.



66. ڊِميترِيَس جو سڪو.



67. پارٿي گهوڙيسوار.



68. پهرين صدي عيسوي جي پوياڙي، ٻين صديءَ جي اڳياڙي: ڪُجُلا ڪَرا ڪَڊفائِيسَس-پهرئين جو سڪو. هي وڏا يُوئي-چِي قبيلي مان هو جيڪو اڳتي هلي ڪشان ڪوٺجڻ لڳو.



69. ٻين صدي عيسوي: ڪَنِشڪ جو سڪو، لوهي ٽوپ ۽ ڀالي سان قربانگاهہ تي بَلِي ڏيندي.



70. i. 144-150ع: ڪَنِشڪ-پهرئين جو هڪڙو ٻيو سڪو.



70. ii. 150-162ع: هُوشڪ ڪُشان جو سڪو.



71. اُپي ڪُڙهہ ۽ وَريل هَرِينهن وارو ڪُشاني هر.

نقشو نمبر 10

## 450 ق-م: پهريون دنيا جو نقشو جنهن ۾ هيروڊوٽس سنڌ ڏيکاري

(مائيڪل گرانٽ آڏار)

پهريون عظيم تاريخدان هيروڊوٽس تمام گهڻو گهميو. کيس هندستان جي هجڻ جي خبر هئي، پر ان جي شڪل بابت خبر نہ هئس. کيس چين بابت ڄاڻ نہ هئي. نقشي جي ڏکڻ ايرندي پڇڙيءَ تي سنڌو درياءَ ايريٿرائي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي ڏيکاريل آهي. ٺٽڪن وارو حصو سنڌ ڄاڻائي ٿو.




ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل




**نوٽ:**

مورين ۾ ڀاڳي ٽي صديءَ اندر پهرين ڏکڻ ايشيائي سلطنت جوڙي ورتي ۽ ڪيانين وانگر ان کي سگهاري انتظام هيٺ هلايائون جيڪو ڪوٽيليا جي ارٿ شاستر تي آڌاريل هو . انهي اهي انتظام، پرڏيهي پاليسيءَ، قانون ۽ انصاف ۽ ڪَسيُن جي سائيزن ۽ ہنيءَ جي ماپن مطابق ٽيڪس لاڳو ڪرڻ وارا سڀ نظريا راتورات نہ گهڙيا هوندا. لڳي ائين ٿو تہ حڪومت هلائڻ جون اهي واٽون سنڌوءَ سميت آڳاٽين تهذيبن ۽ آرين جي تجربن مان پرايون ويون هونديون. ايتري پکيڙ واري سلطنت وري علاءُ الدين (1315)، اورنگزيب (1717) ۽ انگريزن (1849ع) ٺاهي.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

ٻيلو ضلعو) ڏانهن وڌيو ۽ رهمباڪيا (گهٽو ڪري لس ٻيلو) وٽ ڪنهن شهر جو بنياد وڌائين. قبائلي سردار پيش پيا ۽ ساڻن مانائتو ورتاءُ ڪيو ويو. لس ٻيلي ۾ بينڪيت ٺاهڻ ۽ حڪمراني ڪرڻ لاءِ هيسفائيسشن کي اتي رهايو ويو ۽ سڪندر گيدروشيا واري رڻ رستي پوئتي موٽيو، جتي پنهنجي لشڪر جو چڱو ڀلو حصو وڃايائين.

مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 168-169 ايرين آڌار.
ڊيوڊورَس (مِڪ ڪِرنڊل، ص. 296-97) ٻڌائي ٿو ته اورِئيٽِس وٽ سڪندر پنهنجي لشڪر کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو: هڪ ليونيٽَس جي مهنداريءَ هيٺ، ٻيون ٽالميءَ جي مهنداريءَ هيٺ ۽ ٽيون پنهنجي مهنداريءَ هيٺ گهر ڏانهن موٽڻ لاءِ.

**325 ق-م، 3 آڪٽوبر:**

نيارڪوس جي آرماڙ سمنڊ جي هڪ ڪاري سٽُورا، ڪلُوٽا (اپن شاهہ) کان صرف 6 ميل پري، وٽ لنگر هنيو ۽ 5 آڪٽوبر تائين اتي ترسيو.

نيارڪوس، ص. 170.
نيارڪوس جو ڪردار هنوقت موجود ناهي، پر ائنابيسِس آف اليگزينڊر ۾ ايرِيَن ان جو وري وري حوالو ڏنو آهي.

**325 ق-م، 6 آڪٽوبر:**

نيارڪوس ڪورئيٽِس کان 1 ميل پنڌ تي پهتو، پر سمنڊ جي وير سندس آرماڙ کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو.

نيارڪوس، ص. 171.

**325 ق-م، 8 آڪٽوبر:**

نيارڪوس جو آرماڙ ڪورئيٽِس کان 9 ميل پنڌ ڪري ڪروڪَلا وٽ پهتو. آرماڙ هتي ٻئي ڏينهن تائين ترسيو.

نيارڪوس، ص. 171-172.

**325 ق-م، 9 آڪٽوبر:**

نيارڪوس ڪروڪَلا ڇڏيو ۽ اولهہ پاسي ڪيپ مونز ڏانهن وڌيو.

نيارڪوس، ص. 174.

**325 ق-م، 10 آڪٽوبر:**

نيارڪوس حب نئن جي مُنهن وٽ پهتو ۽ چؤماسي سبب ايندڙ 24 ڏينهن تائين اتي ترسيو.

نيارڪوس، ص. 173.

**325 ق-م، 3 نومبر:**

نيارڪوس ڪيپ مونز ڇڏي اولهہ طرف هليو، چار ميل پنڌ ڪيائين ۽ ڊوميڪ نالي ٻيٽ تي منزل ڪيائين.

نيارڪوس، ص. 178.

**325 ق-م، 4 ۽ 5 نومبر:**

نيارڪوس ڊوميڪ ڇڏيو ۽ 19 ميل پنڌ ڪري 5 نومبر تي شام دير سان سارنگا پهتو.

نيارڪوس، ص. 179.

**325 ق-م، 6 نومبر:**

6 نومبر تي سارنگا ڇڏي نيارڪوس جو آرماڙ ساڳئي ڏينهن 19 ميل پنڌ ڪري سڪالا پهتو.

نيارڪوس، ص. 178.

**325 ق-م، 7 نومبر:**

نيارڪوس مورنٽوبارا بندرگاهہ تي پهتو ۽ 8 نومبر تائين هتي ترسيو. مورنٽوبارا اَرابِس (حب) نديءَ جي مُنهن وٽ هو.

نيارڪوس، ص. 183.

**325 ق-م، 9 نومبر:**

نيارڪوس جي آرماڙ مورنٽوبارا ڇڏيو ۽ ڀَگل ڏانهن سمنڊ ڪناري سان

نيارڪوس، ص. 185.

سادا 12 ميل پنڌ ڪيائين، واٽ تي صرف پاڻي هٿ ڪرڻ لاءِ بيٺو.

**325 ق-م، 10 نومبر:**

وڏيڪ 19 ميل ترڻ نيارڪس جو آرماڙ رڻ ۾ هڪ ويران ماڳ ڪبانا پهتو.

نيارڪوس، ص. 185.

**325 ق-م، 11 نومبر:**

ڪبانا ڇڏي نيارڪوس اتان 12 ميل پنڌ تي ڪوڪلا پهتو ۽ آرام ڪرڻ ڪنڌيءَ تي آيو. هتي سندس ملاقات ليونيٽس سان ٿي، جنهن کي سڪندر اورئيتائي (لس بيلو) جي قبيلن سان وڙهڻ لاءِ رهائي ويو هو. انهن هڪ ويڙهه ۾ ليونيٽس جي 15اماڻهن جي مقابلي ۾ پنهنجا 6،000 ماڻهو مارايا.

نيارڪوس، ص. 186.

**325 ق-م، 21 نومبر:**

ڪوڪلا ۾ وڌيڪ 10 ڏينهن ترسي نيارڪوس جو آرماڙ نڪتو، 31 ميل ٽوميرس نديءَ ڏانهن هليو، جتي 5 ڏينهن گذاريائين.

نيارڪوس، ص. 193.

**325 ق-م، 27 نومبر:**

نيارڪوس جو آرماڙ ٽوميرس نديءَ جو مُنهن ڇڏڻ کان پوءِ 19 ميل پنڌ ڪري ملانا پهتو.

نيارڪوس، ص. 193.

**325 ق-م، پڇاڙي:**

يونانين ۽ مقدونين وچ ۾ ساڙ سبب اتر سنڌو ماتريءَ ۾ هڪ سٽراپ فلپس جو مارجڻ. سڪندر تائين ان واقعي جي خبر گيڊروشيا جي راڄڌانيءَ ۾ جنوري 324 ق-م ۾ پهتي.

مُڪرجي، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 57-58.
جئرازڀائي سمجهي ٿو تہ اهو واقعو 324 ق-م ۾ ٿيو ۽ انهي جي مرڻ تي يُوڊيمَس ۽ ٽيڪسيلس کي ٽيڪسيلا پرڳڻي جو نگران بڻايو ويو ۽ پورس کي سنڌ جو نگران بڻايو ويو. ص. 61.
مِڪ ڪِرنڊل، اليگزينڊر، ص. 177، ايرِين آڏار.

**324 ق-م، جنوري:**

سڪندر گيڊروشيا (مڪران) جي راڄڌاني پؤرا (بامپور) پهتو ۽ اتي هڪ مهينو گذارڻ کان پوءِ ڪرمانيا ڏانهن وڌيو ۽ اپريل جي پڇاڙيءَ يا مئي جي اڳياڙيءَ ۾ ايران ۾ سُوسا پهتو. گيڊروشيا مان لنگهندي 60 ڏينهن ۾ پنهنجا ڪيترائي گهوڙا ۽ سپاهي وڃايائين.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 120.
پلوٽارڪ (مِڪ ڪِرنڊل)، ص. 316.

**323 ق-م، فيبروري:**

نيارڪوس ايراني نارِ تي ڊِريڊوٽس پهتو.

**323 ق-م، جون:**

سڪندر بابل ۾ مري ويو. سلطنت سندس جنرلن ۾ ورهائجي وئي، پر سنڌ تي پيٿون جي حڪمراني رهي. سندس موت جي خبر هند ۾ آگسٽ ۾ پهتي، پر بغاوت آڪٽوبر ۾ چؤماسي جي پڇاڙيءَ ۽ ٿڌي موسم جي شروعات تائين شروع نہ ٿي.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 120-22.
هِٽي، هسٽري آف سِيريا، ص. 235.
هولڊِچ، گيٽس آف انڊيا، ص. 122.

سڪندر جي ڪاميابيءَ جو مکيہ سبب اهو هو تہ سندس لشڪر ۾ ڪيترين ئي جنگي مهارت رکندڙ قومن جا ماڻهو شامل هئا؛ مثال طور مقدوني ڪان-ڪماڻ جا ماهر، يوناني زبردست تلوار باز جوڌا، ايراني پلا نيزي باز،

سڪندر اوير ۽ اولهہ کي رَلائي هڪ ڪرڻ واري پنهنجي نظرئي سان پئي ڪيڏيو. لگ ڀڳ سيني يوناني سپاهين کي ايراني ۽ هندستاني چڱن گهراڻن جون ڪنواريون پرڻايون ويون، پر سندس مرڻ تي لگ ڀڳ سيني

توراني تيز ترين گهوڙيسوار ۽ فينقي ۽ مصري استاد ناڪئا ۽ اڏاوتي ماهر هئا. سندس يوناني لشڪر ڪوٽن جي پٽين جو پلو چاڙُهو پڻ هو.

يونانين انهن کي پري ڦٽو ڪيو.

**323 ق-م کان 30ع:**

ٽالميءَ جي مصر ۾ حڪومت.

ٽن صدين دوران يونانين-مصرين ايرِيٽرائي سمنڊ جي منظم طريقي کوجنا ڪئي، جنهن ۾ ڳاڙهو سمنڊ ۽ عربِي سمنڊ شامل هئا.

ٽؤسينٽ، ص. 32 ۽ 33.

**324-80 ق-م:**

يوناني تهذيب جي مختلف عنصرن جو سنڌ ۾ تڪڙو پيهي وڃڻ، ڊرمي ڏانءَ سميت مختلف روپن ۾، جيڪو سڪندر جي فتح جي ڪري نہ پر باختري يونانين، سٿين ۽ پارٿين جي فتحن جي ڪري ٿيو. پوين ٻن تي پڻ باختري يونانين جو اثر هو.

**323-322 ق-م:**

پنجاب پاران يونانين خلاف چندرگپت موريا جي مهنداريءَ ۾ بغاوت.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 206، 122-123.

322 ق-م جي منڍ ڏاري مقدونين جي هلندي پڇندي، سنڌ کان ٻاهر سندن ڪجھ ننڍڙين باقيات کي ڇڏي، لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪي هئي.

## 324 _ 187 ق_م
## موريا ۽ سندن همعصر

| سال ق-م | سنڌ جا حاڪم | موريا گهراڻو | سيليُوڪَس گهراڻو | پنجاب | ڪڇ |
|---|---|---|---|---|---|
| 325 | پيٿون 325 - 322 | | | آزاد پورس<br>? - 321 | موريا<br>321 - 230<br>يا سُتت پوءِ |
| | پورس 322 - 321 | چندرگپت موريا<br>324 - 298 | | | |
| 320 | چندرگپت جا گورنر | | | موريا گورنر<br>321 - ? | |
| 315 | | | سيليُوڪَس-پهريون<br>نِڪيٽر<br>312 - 281 | | |
| 310 | | | | | |
| 305 | | | | | |
| 300 | بِندُوسَر جا گورنر | بِندُوسَر موريا<br>298 - 273/72 | | | |
| 295 | | | | | |
| 290 | | | | | |
| 285 | | | | | |
| 280 | | | اينٽوڪس-پهريون<br>سارٽر<br><br>اينٽيوڪَس-ٻيون<br>ٿِيوس<br>281 - 246 | | |
| 275 | اشوڪ جا گورنر | اشوڪ موريا<br>273/72 - 232 | | | |
| 270 | | | | | |
| 265 | | | | | |
| 260 | | | | | |
| 255 | | | | | |
| 250 | | | | | |
| 245 | | | سيليوڪس-ٻيون<br>ڪالِنڪَس<br>246 - 225 | | |
| 240 | | | | | |
| 235 | | دَسَرٿ<br>232 - 224 | | | |
| 230 | 230 ق-م يا سُتت پوءِ<br>گهڻو ڪري<br>آزاد مقامي<br>ننڍيون بادشاهيون<br>230-184 | | | | گهڻو ڪري<br>مقامي<br>ننڍيون بادشاهيون |
| 225 | | سَنگت<br>224 - 216 | اينٽيوڪس هائريڪس<br>سيليوڪس-ٽيون سارٽر 225-223 | | |
| 220 | | | اينٽيوڪس<br>ميگَس<br>223 - 187 | | |
| 215 | | سَلِيسُڪ<br>216 - 206 | | | |
| 210 | | | | | |
| 205 | | سوماسَرمن<br>206 - 200 | | | |
| 200 | | سليسُڪ 200 - 199<br>ستاڏَنوَان<br>199 - 191 | | | |
| 195 | | | | | |
| 190 | | بِرهادرَٿ 191 - 187 | | | |
| 185 | باختري يوناني | سُنگا راڄ<br>187 - 175 | سيليوڪس-ٻيون<br>187 - 175 | سُنگها ؟ | باختري يوناني<br>187 - 151 |
| 180 | | | | | |
| 175 | | | | | |

# موريا گهراڻو ۽ سنڌ ۾ ٻڌ مت جي ابتدا

**324-297 ق-م:**

چندر گپت موريا جو راڄ. هن مختلف پرڳڻن لاءِ پنهنجا نائب مقرر ڪيا. پنهنجي راڄ ۾ هنين جي ماپ ڪڇ، موگن تي ضابطو رکڻ ۽ آبپانو او ڳاڙڻ لاءِ خصوصي ڪاتو ٺاهيائين. مورين تي موريا نالو راجا جي ماءُ مُورا پٺيان پيو.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 424-425.
جيني ماهر سندس گادي سنڀالڻ جو سال 312-313 ق-م ڏين ٿا. ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد V، ص. 435. سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 136، 139. هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 700، سندس حڪومت 324-300 ق-م ۾ ڄاڻائين ٿيون.

**321-184 ق-م:**

موريا راڄ گهراڻو.

ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 424-462.

**321 ق-م:**

سڪندر جي مرڻ ڪان پوءِ ٽرائيپيراڊِيسَس ۾ سلطنت جي نئين سر ورهاست ڪئي وئي. پيٿون کي سنڌ جي اولاهين ڏنگ يعني سنڌوءَ کان اولهه واري علائقي جو نگران بڻايو ويو ۽ پورس کي ان جو وڏو ڀاڱو هيٺ سمنڊ تائين مليو. هن ورهاست ۾ سنڌوءَ کان اوپر وارن پرڳڻن تي ڌيان نه ڏنو ويو.

ٽارن، ڊبليو. ڊبليو.، اليگزينڊر دي گريٽ، جلد II، ص. 310، 312 ۽ 313.
ڊيوڊورَس، باب XVIII، ص. 39 ۽ باب XIX، ص. 14.8.
هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 58.

**321 ق-م:**

يُوڊيمَس، پورس ۽ چندر گپت جي مگڌ خلاف گڏيل مهم ۽ ان جي فتح ٿيڻ کان پوءِ يُوڊيمَس پورس کي ماري وڌو. چندر گپت سنڌ کي اوپر گيڊروشيا (لڳ ڀڳ لس ٻيلي جو مڪران سان ڏنگ) تائين پنهنجي سلطنت ۾ ملائي ڇڏيو. يُوڊيمَس 317 ق-م ۾ يُومينس جو اينٽِيگونَس خلاف جدوجهد ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ ڏکڻ پنجاب مان هليو ويو، ان کان هڪ سال پوءِ نيٺ پِيٿون هندستان ڇڏيو ۽ اراڪوسيا هليو ويو.

سمٿ، ص. 160-161.
مُڪرجي، HCIP، جلد II، ص. 58، سمجهي ٿو ته چندر گپت آزاديءَ جي جنگ گهٽو ڪري 323 ق-م يا اڃا اڳ شروع ڪئي.
وُڊڪاڪ، ص. 41.
مُڪرجي، HCIP، جلد II، ص. 59، سمجهي ٿو ته يُوڊيمَس هر مقدونيءَ کي بيرحميءَ سان تلوار هيٺ آڻيندڙ چندر گپت سان مهاڏو اٽڪائڻ کان سواءِ ئي هندستان ڇڏي ويو.

**321-299 ق-م:**

چندر گپت موريا يونانين کان بحري فوج جا فائدا سمجهي، بحري جنگي ڪاتي بورڊ هيٺ، جهازن جي منتظم جي سربراهيءَ ۾ جنگي آرماڙ ٺاهيا.

ٽؤسينٽ، ص. 72.
مُڪرجي هندستاني جهاز رانيءَ بابت پيرائتي ڄاڻ ڏئي ٿو.

**320 ق-م:**

يوناني تاريخدان ارسٽوبولَس جو موت، جيڪو سڪندر سان سندس مهم ۾ گڏ رهيو ۽ هڪ تاريخ لکيائين، جيڪا ايرِيَن ۽ اسٽرابو استعمال ڪئي.

**320-298 ق-م:**

چندر گپت موريا پاليءَ کي پنهنجي سلطنت ۾ سرڪاري ٻوليءَ طور متعارف ڪرايو. اشوڪ جي ٿنڀن تي اڪريل لکتون پڻ پاليءَ ۾ آهن.
گنڌار (قنڌار) پرڳڻي ۾ اڪريل لکتون ڪشميري، سنڌي ۽ سرائيڪيءَ سان ملندڙ مقامي پاليءَ ۾ آهن.
پاليءَ جا اتر-اولهه هندستان ۾ هلندڙ 3 مختلف نمونا هئا: پهريون سنڌ ۽

پيرُومَل، ص. 44-45.




ڏسٽي

1 سُڪيءَ جا گس
2 ساموندي گَس
3 شهر

ڪاڇو

0 100 200 300 400 500ميل

نقشو نمبر 14

## 301 ق-م
## سڪندر جي وارثن جي يوناني سلطنت ۽ موريا سلطنت

(سند موريا سلطنت جو حصو بڻجي وئي)

## 184 _ 70 ق_م
## باختري يوناني ۽ سنڌن همعصر

| سال ق-م | سنڌ | ڪچ | گنڌارا | ايران، عراق، شام<br>سيليُوڪَس گهراڻو | مگڌ |
|---|---|---|---|---|---|
| 185 | آزاد بادشاهيون | آزاد بادشاهيون | ڊيميٽريَس<br>165 - 187 | سيليُوڪَس-چوٿون<br>فِلوپيٽر<br>175 - 187 | پُشيامتر<br>(سُنگها)<br>151 - 187 |
| 180 | ڊيميٽريَس جا گورنر<br>165 - 184 | سنڌ وانگر | | | |
| 175 | | | | اينٽيوڪَس-چوٿون<br>ايپيفينس<br>163 - 175 | |
| 170 | | | | | |
| 165 | | | | | |
| 160 | اگاٿوڪلِس جا گورنر<br>160 - 165 | | اگاٿوڪلِس 165 - 160 | 162 - 163 | |
| 155 | مَنيندر جا گورنر<br>آخري اپالوڊوٽَس هو<br>145 - 160 | | مَنيندر<br>145 - 160 | مِٿراڊيٽس<br>138/37 - 171 | |
| 150 | | | | | 9 سُنگها راجا<br>1. اگني مِتر<br>2. سُجئشٽ<br>3. واسُو مِتر (سُمِتر)<br>4. اُڊاڪا (اورڊُوڪا)<br>5. پُلنڊاڪا<br>6. گُوشا (گوشاواسُو)<br>7. وَجرُومِتر<br>8. ڀگاوت<br>9. ديواڀُومي<br>75 - 151<br>76 سال راج ڪيائون |
| 145 | اگاٿوڪِليا<br>۽<br>اسٽرٽو-پهرين<br>جا گورنر<br>۽<br>اپالوڊوٽَس<br>گورنر طور<br>100 - 145 | | اگاٿو ڪِليا<br>۽ پنٽَس<br>اسٽرٽو-پهريون<br>100 - 145 | | |
| 140 | | | | | |
| 135 | | | | فرائيٽس-ٻيون<br>124 - 138/37 | |
| 130 | | | | | |
| 125 | | | | ارٽابانَس-ٻيون 124 -<br>123 | |
| 120 | | | | مِٿراڊيٽس-ٻيون<br>88/87 - 123 | |
| 115 | | | | | |
| 110 | | | | | |
| 105 | | | | | |
| 100 | | | | | |
| 95 | اپالوڊوٽَس<br>يا<br>سندس گورنر<br>90 - 100 | | اپالوڊوٽَس<br>90 - 100 | | |
| 90 | | | | | |
| 85 | زوئلَس، ڊايونيسِيَس<br>۽ اپالوفينس<br>80 - 90 | | زوئلَس، ڊايونيسِيَس<br>۽ اپالوفينس<br>80 - 90 | ڊيمِيٽريَس-پهريون<br>۽<br>چڙواڳي<br>69 - 88 | |
| 80 | | | اسٽرٽو-پهريون ۽ اسٽرٽو-ٻيون<br>80 - 85 | | |
| 75 | اسٽرٽو-پهريون<br>۽ اسٽرٽو-ٻيون<br>70 - 80 | | سِٿي | | واسُوديو<br>ڪَنواس گهراڻو<br>66 - 75 |
| 70 | | | | فرائيٽس<br>57 - 69 | |
| 65 | سِٿي | سِٿي | | | يُومِي مِتر |
| 60 | | | | | |




نقشو نمبر 16

187 _ 184 ق_م
باختري يونانين
(ديميترِيَس ۽ منيندر)
جا سنڌ فتح ڪرڻ جا گَسَ

## نقشو نمبر 17

# 174 ق-م
# سنڌو-يوناني رومي ۽ يوناني سلطنتون 174 ق-م ۾

**نوٽ:**
سنڌي-يوناني پاران ڏکڻ ايشيا جي اتر الهندي وارا ڀاڱا فتح ڪرڻ جون ڪڙيون وچ ايشيا ۾ آيل ڏڪار سان ملن ٿيون، جنهن جي ڪري سيليوڪي سلطنت يعني باختري يونانين ۽ پارٿين جا پرانهان پرڳڻا ايندڙ 30 سالن ۾ ڇڄي ڌار ٿي ويا.




ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

راجپوتانا ۾، ٻيون گجرات ۽ مهاراشٽر ۾ ۽ ٽيون وچولي هندستان ۾.

**312 ق-م:**

نيارڪوس جو موت.

ڏسو داخلا 325 ق-م.

**312-260 ق-م:**

سيليُوڪَس جو هڪ عملدار پيٽريڪلس ۽ اينٽِيڪَس پاٽيءَ رستي هندستان آيا ۽ اِريسٽوشينس تائين اها ڄاڻ پهچايائون، جنهن سنڌوءَ جي احوالن سان گڏوگڏ ڏکڻ ايشيا جي چؤرسي بيهڪ، آبهوا ۽ مينهن پوڻ بابت درست ڄاڻ ڏيندڙ هڪ جاگرافي لکي.

اسٽرابو، جلد I، باب I، ص. 22 ۽ باب XV، ص. 11 ۽ 14.

**305 يا 304 ق-م:**

شام واري سيليُوڪَس جي هند تي ڪاهه، چندرگپت سان سندس ناهه ۽ سيليُوڪَس پاران آريانا جو وڏو حصو: لس ٻيلي، گنڌارا ۽ اراڪوسيا جي اولاهين پاڱن جي وچ ڪان تيندو ۽ گيڊروشيا (سنڌوءَ ۽ جلال آباد-ڪوئيٽا-قلات-پوراليءَ ڪان اتر-ڏکڻ ليڪ جي وچ تي ايندڙ پٽي) چندرگپت کي 500 هاٿين عيوض ڏيڻ. هن سان سڄي سنڌ (جنهن ۾ انوقت لس ٻيلي جا حصا شامل هئا) سڪندر هٿان فتح ٿيڻ جي 18 سالن اندر چندرگپت جي هٿن ۾ هلي وئي. سيليُوڪَس هنن هاٿين سان اينٽِيگونَس کي 301 ق-م ۾ اِپسُوس وٽ شڪست ڏيڻ جهڙو ٿيو.

پلوٽارڪ، لائيوز، باب LXII.
سمٿ، ص. 45، 206. ٽارن، گريڪس ان بيڪٽريا اينڊ انڊيا، ص. 100 ۽ نوٽ 4. وُڊڪاڪ، ص. 47، 306 ق-م ڄاڻائي ٿو، جيڪو غلط آهي.
سمٿ ڪاهه 305 يا 304 ۾ ۽ شڪست 303 ق-م ۾ ڄاڻائي ٿو.
سنڌ مٿان سندس پڪڙ پڪ سان نالي ماتر هوندي. سنڌ کي پنهنجي ملڪ ۾ سندس پوٽي اشوڪ گڏايو. چندرگپت کي يوناني ليکڪن ساندروڪوٽَس سڏيو آهي ۽ سنسڪرت جي تاريخي ناٽڪ مُدرا-رڪشاسا منجهان سڃاتو ويو آهي.

**302 ق-م يا پوءِ:**

سيليُوڪَس نِڪيٽر چندرگپت موريا سان ناهه ڪيو ۽ سندس راڄ جا ماٿهو مسالا وهائڻ ڏکڻ ايشيا ڏانهن آيا. ڪويت ۽ پر پاسي وارن علائقن جي رهاڪو چڙواڱ ماٿهن پاران ڪاهن سبب اهڙين ڪوشش کي ڌڪ لڳو. نارِ ۾ جهازن جي اچ وڃ جي بچاءَ لاءِ سيليُوڪَس وٽ جنگي ٻيڙا هئا.

ٽؤسينٽ، ص. 32. گِرشمئن، ص. 320.
پلائني، گيرها (ڪويت ۾) خلاف ٻن مهمن جي ڳالهه ڪري ٿو: هڪ اينٽيوڪَس-ٽئين پاران 205 ق-م ۾ ۽ ٻين اينٽيوڪَس-چوٿين پاران 165 ق-م ۾.
سنڌ جون بندرگاهون سموري اتر-الهندي ڏکڻ ايشيا جا وکر ڏيساور موڪلڻ لاءِ استعمال ٿينديون هيون.

**302-288 ق-م:**

سيليُوڪَس جو ايلچي ميگَستينس هند ۾ چندرگپت جي دربار ۾ رهندو هو ۽ انهي هند جي انتظام، طبقاتي سرشتي، واپار، اوڳاڙين ۽ مذهب وغيره بابت لکيو. سندس اسان تائين پهچندڙ ڪم ايرين لکيو ۽ انڊيڪا سڏجي ٿو. ان جي ڪيترن ئي ٽڪرن جا حوالا ٻين ليکڪن به ڏنا آهن.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 389، 425.
مِڪ ڪِرنڊل، ميگَستينس، ڪولڪتو 1877، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 211.

**300-200 ق-م:**

مورين جي راڄ دوران لڪشمڻ پراڪرت جو وياڪرڻ لکيو. ڊاڪٽر هورنل ان کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

پيرومل، ص. 36.

**300 ق-م - 65ع:**

يوناني ٻولي، باختري يونانين ڪان وٺي ڪشانن تائين، سفارتڪاريءَ ۽ واپار لاءِ سيني جي سمجهڻ واري ٻولي رهي. هنن سيني حاڪمن يوناني لپي اختيار ڪئي، جيڪا ايران جي پاڱن ۾ ائين صدي عيسوي تائين

گِرشمئن، ص. 267.
هي ڳالهه پاڪستان ڪان وڌيڪ ايران سان نهڪي ٿي. نٿو لڳي ته ڪو يوناني ٻولين سنڌيءَ ۽ پنجابيءَ تي ڇاپ ڇڏي. تڏهن به ۾ مٿئين دور جي بادشاهن

استعمال ٿيندي رهي. هاڻوڪي پاڪستان واري علائقي ۾ باختري يونانين کان پوءِ سڪن تي يونانيءَ سان گڏ خروشتي لپي به استعمال ٿيندي هئي.

جي سڪن تي يوناني لپي آهي. باختري يونانين سنڌ 187 ق-م ۾ فتح ڪئي.

**298 ق-م:**

چندرگپت گهڻو ڪري ٻارهن سالن جي ڏڪار کان پوءِ تخت تياڳي ڇڏيو، جيني تپسي ٿي جيئندو رهيو ۽ نيٽ بک ڪاٽي آپگهات ڪيائين. پٽس بِندُوسر موريا راڄ ڌڻي بڻيو. سيليُوڪس جي گادي سنڀاليندڙ اينٽيوڪس سارٽر (280-261 ق-م) 296 ق-م ۾ ڊئماڪس کي سفير بڻائي پٽاليپُتر موڪليو.

سمٿ، ص. 147، 154.

اِي. بِي. هيوِل، ص. 91.

يوناني ذريعن هن کي اَميٽروڪيٽس (سنسڪرت ۾ اَمِتراگهاتا يا دشمنن جو قاتل) سڏيو آهي. ڊئماڪس ڏکڻ ايشيا جو احوال 'انڊيڪا' لکيو، جيڪو هاڻ وڃائجي چڪو آهي، پر استرابو پاران هن کي بهترين احوال چيو ويو آهي. مصر جي بادشاهه ٽالمي فلاڊيلفس (247-185 ق-م) پڻ ڊايونسيَس کي پنهنجو سفير ڪري هندستان اماڻيو.

**275-195 ق-م:**

سائرين جي يوناني جاگرافيدان ائريٽاسٿينس جي حياتيءَ جا ڏينهن. هن ائٿينس ۾ تعليم پرائي، ٽالمي-ٽئين جي هٿ هيٺ سڪندري عجائب گهر ۾ شامل ٿيو ۽ 225 ق-م ۾ لائبريرين بڻيو. اهو عهدو ماڻيندڙ هي پهريون سائنسدان هو. سندس لکڻيون وڃائجي چڪيون آهن، پر سندس جاگرافيائي مواد مان گهڻو ٽالمي ۽ استرابو استعمال ڪيو. سندس جاگرافيءَ ۾ سنڌ جا تمام گهٽا احوال ڏنل آهن.

سارٽن، ايچ. ايس. جارج، اي هسٽري آف سائنس، ڪئمبرج (ماس)، 1953-1959، 2 جلد.

ٽؤسينٽ، ص. 34، هن کي 240-195 جي وچ تي ڄاڻائي ٿو.

**273 يا 272 ق-م:**

اشوڪ وردنا جو پنهنجي پيءُ بِندُوسر جي مرڻ کان پوءِ هندستان جي سلطاني سنڀالڻ. هاڻوڪي اوپر ۽ اولهه پنجاب، خيبر پختونخوا، ڪشمير، بلوچستان جي حصن ۽، گهڻو ڪري سنڌ لاءِ، ٽيڪسيلا ۾ گورنر رکيائين.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 453.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 206، 164 ۽ 172.

**269 ق-م:**

اشوڪ تاج پهريو. سنڌ سندس بادشاهيءَ جو حصو هئي.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 206.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 453، هن لاءِ 270 ق-م ڏنو آهي.

هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، هن لاءِ 273 ق-م ڏنو آهي.

**259 ق-م:**

اشوڪ پاران شڪار تي بندش وجهڻ.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 206.

**257 ق-م:**

اشوڪ جي ننڍين ٽڪرين وارن شاهي فرمانن 1، 3 ۽ 4 جو اڪرجڻ.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 206.

**256 ق-م:**

اشوڪ جي 14 ٽاڪرو شاهي فرمانن واري پوري سلسلي جو اڪرجڻ. سندس سلطنت جي اتر-اولاهين ڀاڱن ۾ هي خروشتيءَ ۾ لکيل آهن ۽ باقي سلطنت ۾ براهميءَ ۾. خروشتي ساڄي کان کاٻي لکبي هئي ۽ براهمي کاٻي کان ساڄي. ٻئي لپيون سامي نسل جون هيون. براهمي گهڻو ڪري موعابي پٿر تي اُڪريل لکت (890 ق-م) واري فينقي لکت مان نڪتي ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڏکڻ ايشيا ۾ ميسوپوٽامر جي واپارين سنڌ رستي آندي هجي. (موعابي پٿر اردن مان هٿ آيو، جنهن تي موعاب جي بادشاهه پاران

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 207.

ريپسن، ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 9.

براهمي بُڌُ آهي، جنهن مان سڀ هندستاني آبوٽائون نڪتيون. خروشتي دارا-پهرئين پاران پنجاب ۽ سنڌ ۾ آندل ارامي لپيءَ جو هڪ قسم آهي.

اسرائيل خلاف ڪيل بغاوت جو داستان لکيل آهي.)

**253 ق-م:**

ٻوڌي سڀا جي پٽالِيپُتر ۾ گڏجاڻي.

ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 453.

**251 ق-م:**

سيلون (سري لنڪا) جي سنہ وار ترتيب مطابق ٻين ٻوڌي سڀا جي گڏجاڻي ٿي. سمٿ جي خيال ۾ اها اشوڪ جي حڪمرانيءَ جي پڇاڙڪن 10 سالن يعني 242-232 ق-م دوران ٿي.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 169 ۽ 206.

**232 ق-م:**

اشوڪ گذاري ويو ۽ دسرٿ سنڌس گاديءَ تي ويٺو. موريا سلطنت ٽٽڻ شروع ٿي. سنڌس موت سان گڏيل هندستان جي مهنداري ڪمزور ٿي ۽ نيٺ موريا سلطنت ڊهي وئي.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 207.
مُڪرجي، HCIP، جلد II، ص. 92، هن جو سنہ 236 ق-م ڏنو آهي.

**224 ق-م (لڳ ڀڳ):**

سنگاتا موريا راجا بڻيو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 206.

**216 ق-م (لڳ ڀڳ):**

سلِيسُوڪا موريا راجا بڻيو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 206.

**206 ق-م:**

سوماسَرمَن موريا راجا بڻيو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 206.

**200 ق-م:**

سلِيسُوڪا موريا راجا بڻيو.

مُڪرجي، HCIP، جلد II، ص. 103-105.

**200-58 ق-م:**

يُوٿيڊيمَس گهراڻي جي يَوانا شهزادن راڄ ڪيو.

ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 488-516.

**200-25 ق-م:**

باختري يوناني شهزادن ٻن ٻولين وارا سڪا ڇاپيا، جيڪي براهمي ۽ خروشتي لپين جي ان دور ۾ پڙهجي سگهڻ جو ڏَس ڏين ٿا.

ريپسن، ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 10.

**199 ق-م:**

سَتَدنوان موريا راجا بڻيو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 207.

**197 ق-م:**

باختر جو يوناني حاڪم اينٽيوڪَس-ٽيون اولهہ خلاف اجائي جدوجهد ۾ ڪاهي پيو. يُوٿيڊيمَس افغانستان ۽ اتر-اولهہ هندستان مٿان پنهنجي هلندي پڇندي وڌائي، پر هند ۾ پنهنجي جيئري حڪومت نہ ٺاهي سگهيو.

منشي، HCI، جلد II، ص. 105.

**191 ق-م:**

برِهادرَٿ موريا راجا بڻيو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 207.

**190-160 ق-م:**

سنڌو-يوناني بادشاھ دِميتريَس پنهنجي پيءُ يُوٿِيدِئمَس جي مرڻ کان پوءِ حڪومت ڪئي. اپالودوٿَس ۽ منيندر سندس همعصر هئا.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 399-402.
هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، هن جو سنہ 190-165 ڏنو آهي.

**187 ق-م:**

فوجي جنرل پُشيامِترا سنگا پنهنجي آقا آخري موريا راجا بِرهادِرَٿ کي ماريو ۽ ائين موريا راڄ گهراڻي پڄاڻيءَ رسي سنگها راڄ کي وارو ڏنو.

مُڪرجي، HCIP، جلد II، ص. 90.
سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 207 هن جو سنہ 185 ق-م ڏنو آهي ۽ ريپسن، ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 58، 184 ق-م. هن موريا راڄ جا 137 سال پنجن پُراڻن آڌار رکيا آهن.

# باختري يوناني ۽ ثقافتي ڏي وٺ

**184-187 ق-م:**

مگڌ جي ڌهڻ کان پوءِ يُوٿيڊيمَس جي پٽ ڊِميتريَس-پهرئين اوڀر گيڊروشيا ۽ پٽالين (سنڌو ٻيٽارو) فتح ڪيا ۽ سندس نائب اپالوڊوٽَس سوراشٽر (ڪاٺياواڙ) ۽ ساگرڊِيوا (ڪڇ) فتح ڪيا. انهي هڪ شهر ڊِميتريَس اڏيو، گهڻو ڪري پٽالا جي مٿان. اهي سنڌ جي حڪمراني هڪ فوجي نائب جي حوالي ڪري ٽيڪسيلا موٽي ويا. ڊِميتريَس هندستان ۾ قنڌار ۽ بولان لَڪ وٽان گهڙيو ۽ بلوچستان فتح ڪرڻ ڪان پوءِ سامونڊي ڪنارو وٺي پٽالا پهتو. جيتوڻيڪ هن ڏکڻ ايشيا جي وڏن علائقن تي قبضو ڪيو، پر پنهنجي باختر واري بادشاهي پنهنجي حريف يُوڪريٽائيڊس هٿ ڪسرايائين.

اسٽرابو، باب XIII، ص. 1.
ٽارن، ص. 152، 175-77، 174، 141-42-92.
وُڊڪاڪ، ص. 74، 78.
نارائڻ، انڊو-گريڪس، ص. 35-42، 68، 92. 122-125، 181 مٿين ويچار کي رد ڪري ٿو ته ڊِميتريَس يا منيندر سنڌ فتح ڪئي.

ائين ٿي سگهي ٿو ته گجرات ۽ ڪاٺياواڙ فتح ڪرڻ لاءِ انهن ساموندي ڪناري کي ڦولهيو هجي يا اسڪائيليڪس وانگر سنڌوءَ کي استعمال به ڪيو هجي. جيئن ته رڻ ڪڇ اجا سُڪو نه هو، سو ڪڇ ضلعي پُل جو ڪم پئي ڏنو، جنهن جي هڪ پر تي سنڌ ۽ ٻي پر تي ڪاٺياواڙ هو.

**165 ق-م:**

ڊِميتريَس جو موت، جنهن جي گادي پٽس اگاٿوڪلس سنڀالي. انهي پنهنجي 5 سالن جي حاڪميءَ دوران گجرات، ڪنيات ۽ ڪشمير فتح ڪيا.

وُڊڪاڪ، گريڪس ان انڊيا، ص. 78-86.
باشام، ص. 58، ٻڌائي ٿو ته ڊِميتريَس کان پوءِ هڪ ٻئي غاصب يُوڪريڪٽيڪلس باختر ۾ پير ڄمايا، پر سنڌ ۽ ٻيا علائقا ڊِميتريَس جي پونيَرن وٽ رهيا.

**160-165 ق-م:**

اگاٿوڪِلس گجرات، ڪنيات ۽ ڪشمير فتح ڪيا. سنڌ اڳيئي سندس قبضي ۾ هئي.

ڏسو مٿين داخلا.

**160 ق-م:**

اگاٿوڪلس مري ويو ۽ پوئتي تاج جي وارث اڪيلي ڌيءُ اگاٿوڪليئا ڇڏيائين. انهي ڪابل جي گورنر منيندر سان شادي ڪئي ۽ ائين اهو سنڌ، پنجاب، ڪشمير ۽ گجرات جو حاڪم بڻجي ويو.

منيندر پنهنجي اڳين زال مان پٽ اپالوڊوٽَس کي سنڌ، ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪنيات کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پٽالا جو گورنر مقرر ڪيو.

وُڊڪاڪ، گريڪس ان انڊيا، ص. 78-87، 98-100.
مُکرجي، HCIP، جلد II، امپيريل يونٽي، ص. 85-100.

**145-150 ق-م:**

ڊِميتريَس جو جنرل منيندر، جنهن جي ذمي ڊِميتريَس پاران سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ اتر هندستان فتح ڪرڻ هو، پوڙهو ٿي گذاري ويو. سندس بادشاهيءَ ۾ سنڌ شامل هئي. سلطنت مٿرا کان وٺي بروچ ۽ سموري اتر هندستان ۽ افغانستان تائين پکڙيل هئي. سندس گاديءَ تي سندس صغير پٽ اسٽرئٽو-پهريون وينو ۽ ماڻس اگاٿوڪليئا نگران بڻي. سنڌ تي تڏهن به اپالوڊوٽَس جي حڪمراني رهي.

ٽارن، ص. 141-42، 226.
وُڊڪاڪ، ص. 113، سندس موت جو سنه 130 ق-م ڏنو آهي.

**145 ق-م (دير ۾ دير):**

منيندر جي مرڻ تي راڻي اگاٿوڪليئا سندس بادشاهي پنهنجي صغير پٽ

ٽارن، ص. 141، 142 ۽ 226.

استرٽو-پهرئين پاران هلائي. مينندر جو اڳين زال مان پٽ اپالوڊوٽَس سنڌ، مڪران، ڪڇ ۽ گجرات تي حڪومت ڪندو رهيو.

وُڊڪاڪ، ص. 113-114، سمجهي ٿو ته هي 130 ق-م ۾ گذاري ويو.

**140 ق-م:**

مينندر جي مرڻ کان ستت پوءِ سنڌو-يونانين جو هندستاني ٽيڻ.

**140 ق-م ۽ پوءِ:**

باختري سِڪا چورس ٿي ويا. پنئين پاسي تي ڏکڻ ايشيا جي چٽسالي اچي وئي ۽ سڪن تي هندستاني لپيون ۽ لقب اچڻ لڳا.

**137 ق-م:**

مينندر جي حڪم تي سنڌي ڀڪشوئن جو هڪ ميڙ پٽالا کان سيلون (سري لنڪا) ويو - سنڌي ڀڪشوئن جو هڪ سَنگهه پٽالا کان ان ميڙ سان گڏ ويو.

وُڊڪاڪ، ص. 94، 104، 113-114.
سندس خيال آهي ته مينندر اجا جيئرو هو ۽ 130 ق-م تائين جيئرو رهيو. جيڪڏهن پاڻ 145 ق-م ۾ مئو ته پوءِ ميڙ تي سگهي ٿو سندس پونيَرن موڪليو هجي.

**128 ق-م:**

يُوئِي-چِي 700،000 گهوڙيسوار تير اندازن جي لشڪر سان باختر جي سِٽي قبيلن کي شڪست ڏئي هڙني يونانين جون پاڙون پٽي ڇڏيون.

تارن، ص. 300-301.

**123-88 ق-م:**

عظيم راجا مِترادِيتس-ٻئين جي پارٿيا تي حڪومت.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 512.

**120-100 ق-م:**

سيستان جا سِٽي قبيلا مِترادِيتس اعظم جي راڄ دوران يُوئي-چِي هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ اتان هلي قنڌار، بولان ۽ مُولا لَڪ کان ٿيندا سنڌ ۾ پهتا. پهريان آبيريا يا اتر سنڌ تي قبضو ڪيائين. تنهن کان پوءِ پٽالين تيءِ پڇاڙيءَ ۾ ڪڇ ۽ ڪانياوار تي. اتر سنڌ تي پهرين ڪاهه 120 ق-م ۾ شروع ٿي ۽ ڪجهه وقت ترسي پوءِ ڏکڻ پاسي هليا.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 563، 567.
نارائڻ، ص. 140، 141.
تارن، ص. 232-501.

**120 ق-م:**

يُوڊوڪزَس پاڻيءَ رستي اسڪندريه کان هندستان جو پنهنجو پهريون سفر شروع ڪيو.

وُڊڪاڪ، ص. 140.

**119 ق-م:**

ٽالمي-اٺين جي راڄ دوران يُوريگيٽس-ٻئين (146-117 ق-م) جا سامونڊي پهريدار ڪنهن ٽٽل جهاز مان بُک ۽ اُڃ وگهي اڌ مئو ڪو ماڻهو بادشاهه جي درٻار ۾ ڪٺي آيا، جتي سِزيڪَس جو جاگرافيدان يُوڊوڪزَس به موجود هو. ان ماڻهوءَ ٻڌايو ته هو هندستان جو آهي ۽ انهي يُوڊوڪزَس کي سونهون ٿي اوڏانهن وٺي هلڻ جي آڇ ڪئي. يُوڊوڪزَس ڏکڻ ايشيا ڏانهن پنهنجو پهريون سفر 119 ق-م ۾ ۽ ٻيون 114 ق-م ۾ ڪيو. يُوڊوڪزَس مصر ۽ ڏکڻ ايشيا وچ ۾ سفر ڪندڙ ٻيون يوناني ٿيو. پهريون اسڪائيليڪس هو، جيڪو پڻ ڪريٽ جو يوناني هو ۽ دارا-پهرئين جي سرپرستي حاصل هئس.

ٽؤسينٽ، ص. 34.

**117-81 ق-م:**

مصر جي بادشاهه ٽالمي-ائين سارٽر-ٻئين جي استاد اگاٿا رڪائيڊس ايريٿرائي سمنڊ جا احوال لکيا. ان ۾ سنڌ جي ڏکڻ ايشيا ۽ مصر سان واپار بابت حوالا آهن.

ٽؤسينٽ، ص. 34.

**115-110 ق-م:**

يُوڊوڪزَس پاڻيءَ رستي هند کان اسڪندريه واري پنهنجي ٻئين سفر تان موٽيو. يوناني ساموڊين کي قائل ڪيائين ته هند سان سڌو واپار ٿي سگهي ٿو ۽ ان جي نتيجي ۾ يوناني پهرين صدي ق-م جي منڍ ۾ ايراني نارِ جو مُنهن ٽپيا ۽ مڪران، سنڌو ٻيٽاري ۽ گجرات جي ٽڙن تائين پاڻيءَ وسيلي سفر ڪيائون.

وُڊڪاڪ، ص. 140-141.

**110-80 ق-م:**

آبيريا کان پٽالا، ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تائين قائم سنڌو-سِٿين جي 'سَڪا بادشاهي' يا 'ٽالمي جي بادشاهي' گجرات تائين پکڙي.

ٽارن، ص. 233، 320. ٽالمي هنن پرڳڻن کي پٽالين (چوڙ وارو ٻيٽارو)، آبيريا (انهي جي اتر ۾) ۽ سُوراسترين (ٺلهي ليکي ڪڇ ۽ ڪانياواڙ سان ٺهڪندڙ) سڏي ٿو. مِڪ ڪرنڊل جو ٽالمي، ص. 136-139.

**100 ق-م:**

بادشاهه اسٽرٽو-پهرئين بادشاهي پنهنجي ويڳي پاءُ ۽ سنڌ جي گورنر اپالوڊوٽَس حوالي ڪئي ۽ پاڻ پٽس منيندر وانگر پڪشو بڻجي ويو. اپالوڊوٽس سربراهي سنڀالي، خيبر ۽ ٽيڪسيلا تي 110 ق-م کان قبضو ڪري ويٺل هڪ باغي سردار اينٽيڪالسيڊاس کي پڃاڻڻ ڊيرا اسماعيل خان ويو ۽ اينٽيڪالسيڊاس کان پنهنجا ڪسرايل علائقا ورائي ورتائين.

وُڊڪاڪ، ص. 120-122.
پَرسِي گارڊنر هن واقعي جو سنه 95 ق-م ڏنو آهي.

**90 ق-م:**

اپالوڊوٽَس گذاري ويو. مرڻ کان اڳ انهي پنهنجي ويڳي پاءُ ۽ وڏن جا سمورا علائقا فتح ڪري ورتا هئا. سندس بادشاهي اتر ۾ افغانستان کان ڏکڻ ۾ گنگا ماتري ۽ گجرات تائين پکڙيل هئي. سندس مرڻ کان سنت پوءِ سِٿين سنڌ ڏانهن پنهنجي چرپر شروع ڪئي. هن جي گادي سندس پٽ سنڀالي.

وُڊڪاڪ، ص. 122-127.
پَرسِي گارڊنر سندس دور جو سنه 115-95 ق-م ڏنو آهي.

**90-80 ق-م:**

اپالوڊوٽَس جي موت جو ٻڌي سِٿين سنڌ تي ڪاهه ڪئي. اپالوڊوٽَس جا ٽي پٽ زوئلَس، ڊايونيِسَس ۽ اپالوفينس ۽ سندن سؤٽ ڪاهي ايندڙن سان وڙهندي مڪران ۾ مارجي ويا.

وُڊڪاڪ، ص. 123-124.
سِٿي سنڌ ۾ سيستان کان قندار رستي بولان لَڪُ ٽپي آيا.
پَرسِي گارڊنر ٽنهي ڀائرن جي حڪمرانيءَ جو سنه 95-80 ق-م ڏنو آهي.

# سنڌ جا سِٿي يا سَڪا راڄ

**80-58 ق-م:**

مؤئيس اتر سنڌ کان هليو ۽ سنڌوءَ جي ماٿريءَ ڏانهن وڌيو. سِٿي اڳ ئي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ آباد هئا. سنڌ ڪي هند وارا انهن ڏينهن ۾ سَڪادُويپ سڏيندا هئا.

سِٿين يا سَڪن جي طاقت سندن گهوڙيسوار فوج هئي، جنهن جو مُک جنگي اوزار زورائتي اُچل سان استعمال ٿيندڙ هڪ ڊگهو ڀالو (نيزو) هو.

سَڪن اڳئين پاسي يوناني ڏند ڪٿا ۽ پٺئين پاسي خروشتي لپيءَ ۾ پراڪرت ترجمي وارا يوناني نمونې سِڪا جاري ڪيا.

پَرسِي گارڊنر جي گريڪس اينڊ بيڪٽرين ڪنگس ۾ ص. XXXIII تي ڏنل هڪ چارٽ تان.
نارائڻ، ص. 45، 48 کان 57. ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، ص. 564.
ڊبليو. ٽارن، ص. 322، 400.
جي. آئي. ايڇ.، 1933، ص. 19، مائُن يا موگن جي حڪومت جو سنہ 20 ق-م کان 20ع تائين ڏنو آهي.
هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 127.

**80 ق-م:**

سَڪا (سِٿي) آبيريا (سنڌ جا ڏاکرو ميدان) کان اتر پاسي وڌيا، پهريان ٽيڪسيلا ۽ پوءِ پنجاب ڏانهن.

اسٽرئٽو-پهرئين جو صغير پوٽو اسٽرئٽو-ٻيون چاچَس جي مرڻ تي سنڌ ۽ هند جي يوناني سلطنت جو حاڪم بڻيو. پوڙهو اسٽرئٽو-پهريون، جنهن 100 ق-م تائين راڄ هلايو هو ۽ پڪشو بڻجي ويو هو، تنهن ڪي آٿي ۽ اسٽرئٽو-ٻئين جو نگران بڻايو ويو.

ٽارن، ص. 233.
وُڊڪاڪ، ص. 123-125.
پَرسِي گارڊنر، ص. 1.

**77 ق-م:**

مؤئيس ٽيڪسيلا تي قبضو ڪيو.

ٽارن، ص. 501.
منشي سندس حڪومت جو سنہ 20 ق-م کان 22ع ڏنو آهي.

**70 ق-م:**

اسٽرئٽو-ٻيون سِٿين سان ويڙهہ ۾ مارجي ويو، جن لڳي ٿو تہ تيستائين سنڌ تي ڪنٽرول ڪري ورتو هو. مينندر جي پوٽي هِپوسٽرٽَس هزارا قبيلن ۽ ڪابلي قبيلن جي سردار هرمؤئيس جي مدد سان خيبر لَڪَ تي 30 ق-م تائين گڏيل ڪنٽرول رکيو، جڏهن سِٿين انهن کي بہ مات ڪيو.

وُڊڪاڪ، ص. 124-127.
پَرسِي گارڊنر، پي. اي.، اسٽرئٽو- ٻئين جي اسٽرئٽو-پهرئين سان ملائي حڪومت جو سنہ 80-75 ق-م ڏنو آهي.
اسٽرئٽو-پهرئين جي مرڻ جي سنہ جي خبر ناهي.

**70 ق-م - 50ع:**

دراوڙي ٻوليءَ جو سڀ کان آڳاٽو ادب 'سنگم بيت' تامل ۾. هن ادب مان سنڌي ۽ براهوي لفظن جو اندازو ڪرڻ لاءِ اجا ڪا ڪوشش نہ ٿي آهي.

**60 ق-م:**

هن سال کان سٽت پوءِ مؤئيس گنڌارا فتح ڪيو.

ٽارن، ص. 403-501.

**60-30 ق-م:**

سِسلي جائي يوناني تاريخدان ڊيوڊورَس سِڪيُولَس 40 جلدن ۾ "لائبريري آف دي هسٽري آف دي ورلڊ" لکيو. گهڻ تجزياتي اهليت هوندي بہ سندس سڪندر جي مرڻ کان پوءِ وارين جنگين بابت ذريعا پروسي جوڳا آهن.

لوئيب، باب اولڊ فادر، 2 جلد، 1933.

**70 ق_م کان 46ع**
**سِٽي حڪمران ۽ سنڌن همعصر**

<table>
<tr><th>سال ق-م/ع</th><th>سنڌ</th><th>پنجاب، خيبر پختونخوا</th><th>ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ</th><th>مگڌ</th></tr>
<tr><td>70</td><td>باختري</td><td rowspan="3">؟</td><td>باختري</td><td rowspan="2">ڪَنواس گھراڻو<br>واسُوديو<br>75 - 66 ق-م</td></tr>
<tr><td>65</td><td rowspan="2">مؤئيس<br>70 - 58 ق-م</td><td rowspan="2"></td></tr>
<tr><td>60</td><td rowspan="2">پُومِي مِتر<br>(ڪَنواس)<br>66 - 52 ق-م</td></tr>
<tr><td>55</td><td rowspan="8">ايزس-پھريون<br>پٽس اسپيلائيرس جي گورنر طور<br>۽ ان سان گڏ حاڪم طور<br>58 - 15 ق-م</td><td rowspan="8">اسپيلائيرِس<br>۽<br>ايزس-پھريون<br>58 - 15 ق-م</td><td rowspan="8">ايزس-پھريون<br>۽<br>پٽس اسپيلائيرس<br>سان گڏ حاڪمَ طور</td></tr>
<tr><td>50</td><td rowspan="2">ناراڻ<br>(ڪَنواس)<br>52 - 40 ق-م</td></tr>
<tr><td>45</td></tr>
<tr><td>40</td><td rowspan="2">سُوسَرمَن (ڪَنواس)<br>40 - 32 ق-م</td></tr>
<tr><td>35</td></tr>
<tr><td>30</td><td rowspan="16">؟<br><br>؟<br><br>؟</td></tr>
<tr><td>25</td></tr>
<tr><td>20</td></tr>
<tr><td>15</td><td rowspan="3">ايزيلائيسِس<br>15 - 10/05 ق-م</td><td rowspan="3">ايزيلائيسِس<br>15 - 10/05 ق-م</td><td rowspan="3">ايزيلائيسِس<br>15 - 10/05 ق-م</td></tr>
<tr><td>10</td></tr>
<tr><td>05</td></tr>
<tr><td>00</td><td rowspan="2">اسپيلائيرِسس<br>10/05 ق-مَ - 10ع</td><td rowspan="2">اسپيلائيرِسس<br>10/05 ق-مَ - 10ع</td><td rowspan="2">اسپيلائيرِسس<br>10/05 ق-مَ - 10ع</td></tr>
<tr><td>05</td></tr>
<tr><td>10</td><td rowspan="7">ايزيس-ٻئين<br>ٽي سگھي ٿو سنڌ تي<br>46ع تائين<br>راڄ ڪيو هجي<br>گونڊوفيرس<br>پاران فتح ڪرڻ تائين<br>10 - 46ع</td><td rowspan="7">ايزيس-ٻئين<br>ڪان ٿي سگھي ٿو<br>ڪابل ۽ گنڌارا<br>20/21ع ۾<br>گونڊوفيرس<br>ڦري ورتا هجن<br>10 - 43ع<br><br>پارٿي</td><td rowspan="7">ايزس-پھريون<br>10 - 46ع</td></tr>
<tr><td>15</td></tr>
<tr><td>20</td></tr>
<tr><td>25</td></tr>
<tr><td>30</td></tr>
<tr><td>35</td></tr>
<tr><td>40</td></tr>
<tr><td>45</td><td>پارٿي</td><td>پارٿي</td><td>پارٿي</td></tr>
</table>

| 46 _ 78ع<br>پارٿي ۽ سنڌس همعصر | | | |
|---|---|---|---|
| سال عيسوي | سنڌ | پنجاب، خيبر پختونخوا | سيستان |
| 15 | ستي<br>70 ق-مر کان 46ع | سِتي | پارٿي |
| 20 | | | |
| 25 | | گونڊوفيرس<br>50 - 20/21 | گونڊوفيرس<br>50 - 19 |
| 30 | | | |
| 35 | | | |
| 40 | | | |
| 45 | | | |
| 50 | گونڊوفيرس 46 - 50 | | |
| 55 | پيڪوريس<br>(پارٿي)<br>65 - 50 | پيڪوريس<br>(پارٿي)<br>65 - 50 | پيڪوريس<br>؟ |
| 60 | | | |
| 65 | | | |
| 70 | پارٿي حاڪم<br>نالن جي خبر ناهي<br>78 - 65 | ڪُشان گهراڻو | ڪُشان گهراڻو |
| 75 | | | |

**60 ق-مر - 19ع:**

سڪندر بابت لکندڙ تاريخدان اسٽرابو جي حياتيءَ جا ڏينهن.

منشي، CHIP، جلد II، سندس حياتي 54 ق-مر کان 24ع تائين ڏئي ٿو.

**58 ق-مر:**

مؤئيس مري ويو ۽ بادشاهه جي ڪنهن پارٽي مائٽ ۽ اوير ايران جي حاڪم وونونيس سندس بادشاهيءَ جي واڳ سنڀالي. اهو ڪجهه عرصي تائين اراڪوسيا ۽ ڪابل جي گورنر اسپيلائيرِس جو ڏَنَ پَرُو رهيو، پر سنڌ تي ايزس جي حڪومت رهي.

ٽارن، ص. 349، 345. ريپسن هي دور ايزس-پهرئين جي حاڪميءَ ۽ وِڪرما دور جي بنياد پوڻ جو ڄاڻائي ٿو، جيڪو پڻ 58 ق-مر ۾ شروع ٿيو. ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد II، ص. 515، 516 ۽ 520.

منشي، مؤئيس يا موگا جي مرڻ جو سنہ 22ع ڏئي ٿو. HCIP، جلد II.

ريپسن جي خيال ۾ پڻ ايزيلائيسيس پهريان ايزس-پهرئين سان گڏجي حڪومت ڪئي، پوءِ اڪيلي سِر ۽ پڇاڙيءَ ۾ ايزس-ٻئين سان ساٿ ۾. هو وڏيڪ سمجهي ٿو ته ايزس-ٻئين جي گادي گونڊوفيرس سنڀالي.

**58 ق-مر:**

وِڪرما دور جو پهريون سال، جيڪو ايزس-پهرئين جي سَڪا (سِتي) بادشاهي نهڻ پڻ پڌري ڪري ٿو.

ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 516.

مجمدار سمجهي ٿو ته وڪرما دور سان وونونيس جو ايران جو بادشاهه ٿيڻ پڌرو ٿئي ٿو. هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 128، 154.

ريپسن (ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 104) جي هڪ ٻي راءِ آهي ته هي دور سَڪن جي مالوا ۾ ڪنهن راجا هٿان شڪست پڌري ڪري ٿو، جيڪو وِڪرماجيت نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

**53-52 ق-مر (سيارو):**

وونونيس (پارٿي) اراڪوسيا ۽ ڪابل جي گورنر اسپيلائيرِس کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. سنڌ تي ايزس جي حڪومت هلندي رهي.

جهيڙو هلندي ڪڇ واسين چڙهائيون ڪندڙ سَڪن هٿان ڏاڍو پوڳيو، جيڪي سندن مايون، ٻار، ڳئون ۽ اَنُ ڦُري ويندا هئا.

ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 517.

**50 ق-مر:**

ڏکڻ ايشيا جي ٻوڏي اُڪَر، تمام گهڻي يوناني ڇاپ هيٺ.

پارٿين (وونونيس جو ڪٽنب) جي سِتين (مؤئيس جو ڪٽنب) سان لاڳاپن

جي پڪ ناهي، پر ٻنهي راڄن جو سيستان ۽ قنڌار ۾ صدين تائين ساٿ رهيو هو، تنهنڪري اهي پاڻ ۾ ويجها مائٽ سمجهيا وڃن ٿا.

**40 ق-م:**

وونونيس حڪومت ڪندو رهيو ۽ سندس پاران 13 سال اڳ واڳون سنڀالڻ ڪان وٺي ناپر هلندي رهي.

ٽارن، ص. 3، 6؛ هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 702. منشي سمجهي ٿو ته وونونيس جو ڪم 18 ق-م ۾ سڀڪجهي يا ويجهي پاٽس اسپيلائيرِس پاران گادي سنڀالڻ سان پڇاڙيءَ پهتو.

**31-30 ق-م:**

اسپيلائيرِس، وونونيس جي پونيَرن جي ايرندي واري سلطنت تي قبضو ڪيو، عظيم راجا جو لقب ڏاريائين ۽ ساڳيو لقب پٽ ايزس کي به ڏنائين.

ٽارن، ص. 346، 347.

**31 يا 30-15 ق-م:**

سِتي راجا ايزس سنڌ، ڪاٺياواڙ وغيره تي حڪومت ڪئي. سندس پيءُ به ساڻس حڪمرانيءَ ۾ گڏ رهيو.

پَرسِي گارڊنر، گريڪ اينڊ سِتين ڪنگس، ص. XXXIII. مجمدار، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II. ايج آف امپيريل يونٽي، ص. 127، ايزس (اَيا) جي حڪمرانيءَ جو سنه 15 ق-م ڪان 30ع ڏنو آهي. ساڳئي ذريعي مطابق هي گهٽ ڪري اسپيلائيرِس جو پٽ ۽ مؤئيس (موگا) جو نياٽو هو. منشي، HCIP، جلد II، ايزس جي حڪمرانيءَ جو سنه 5ع ڪان 30ع ڏنو آهي.

**24 ق-م:**

استرابو پهريون پيرو مصر ڏانهن ويندي ميوس هُرمز ڪان هندستان ڏانهن هر سال 120 جهاز هلندي ڏٺا.

وُڊڪاڪ، ص. 141.

**20 ق-م:**

عربي اُپيبيٽ ۽ ڏکڻ ايشيا وچ ۾ جهاز هلائڻ لاءِ چؤماسي جو استعمال. چؤماسي جي اصول ڪان اوپر وارا گهٽو اڳ واقف هئا. يوناني ناکئن کي ان جي ڄاڻ پهريون پيرو 20 ق-م ۾پئي.

ٽؤسينٽ، ص. 9.

**15 ق-م ڪان صديءَ جي پوئين پاڱي تائين:**

ايزيلائيسيس سنڌ، ڪاٺياواڙ ۽ اتر-اولهه هندستان جي ٻين پاڱن (هاڻوڪو پاڪستان) تي حڪومت ڪندو رهيو، گهٽو ڪري پنهنجي پيءُ سان گڏ، جيئن سندس پيءُ پنهنجي پيءُ سان تاج ۾ ڀائيوار رهيو هو.

پَرسِي گارڊنر، گريڪ اينڊ سِتين ڪنگس، ص. XXXIII. ٽارن ص. 348. مجمدار، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 127، مطابق ايزيلائيسس ايزس-پهرئين جو پٽ هو ۽ 28 ڪان 40ع تائين راڄ ڪيائين.

**صديءَ جي پوئين پاڱي ڪان 10ع تائين:**

اسپيلائيرِس سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ تي حڪومت ڪئي.

پَرسِي گارڊنر، گريڪ اينڊ سِتين ڪنگس، ص. XXXIII. ٽارن، ص. 305. مجمدار، HCIP، جلد II، ايج آف امپيريل يونٽي، نٽو پانئين ته ڪو اسپيلائيرِس حڪومت ڪئي. سندس مطابق ايزس-پهريون سندس پٽ هو.

**10 ق-م:**

سيزر جي هڪ گال سيڪريٽري ٽروگس پامپيلَس جو پٽ گذاري ويو. انهي اڻ-رومي دنيا جي تاريخ بابت لکيو، جنهن جو جسٽينَس خلاصو لکيو.

هي جسٽِينَس جي هسٽري آف اليگزينڊر دي گريٽ جو مُک ذريعو آهي.

**10 - 19ع لڳ ڀڳ:**

ايزس-ٻئين سنڌ، ڪاٺياواڙ ۽ پارٿين جي ٻين علائقن، هاڻوڪي خيبر پختونخوا تائين، تي حڪومت ڪئي.

ٽارن، ص. 498.
مجمدار، هسٽري اينڊ ڪلچر آف انڊين پيپل، جلد II، ص. 127، سندس حڪومت جو سنه 35-79ع ڏئي ٿو. منشي، ايزس-ٻئين جي حڪومت جو سنه 35 ڪان 79ع ۽ ايزيلائيسس جو 28 ڪان 40ع ڏئي ٿو.

# پارٿين جو سِٿين کان اقتدار ڦرڻ

17ع:
اسٽرابو ”دي جاگرافي“ ۾ آخري سڌارو شروع ڪيو. هي ٽوگس جو همعصر هو، جنهن مقدونين جي تاريخ مرتب ڪئي، جنهن جو خلاصو لاطيني ليڪ جسٽِينَس چوٿين يا پنجين صدي عيسوي ۾ لکيو.

وُڊڪاڪ، ص. 142.
اسٽرابو سنڌ ۾ ڪڇ جو احوال ڏنو آهي. باختري مندرن، قربانگاهن ۾ تيجور تَهِج راڄڌاني واري تيجاراشٽر (ڪڇ) جي قلعن جو احوال ڏنو اٿس.

19ع:
پارٿي راجا گوندوفيرس پنهنجي وڏي ايزس-ٻئين کان پوءِ تخت تي ويٺو. گوندوفيرس هندستان ۾ سَڪا (سِٿي) حاڪميت وارن علائقن کي سڌو پنهنجي حاڪميت هيٺ آندو، جن تي هنوقت تائين سيستان کان اڻ سڌي نالي ماتر حڪومت پئي ٿي. پارٿين کي سنسڪرت ادب ۾ پهلوا ڪري سڃاتو وڃي ٿو.

ٽارن، ص. 344.
وُڊڪاڪ، ص. 130 جي خيال ۾ گوندوفيرس سنڌ سِٿين کان 46ع ۾ کسي.
پارٿين وٽ سِٿين وانگر وڏو گهوڙيسوار لشڪر هوندو هو ۽ ان سان گڏ تکا تير انداز گهوڙيسوار به هوندا هئا، جيڪي ڀڄندي گهوڙي تان تير ڪنهن پاسي به، ويندي پٺئين پاسي به، چُٽي سگهندا هئا.

19-50ع:
پارٿي راجا گوندوفيرس سنڌ ۾ ڪانياواڙ مٿان حڪومت ڪئي، گادي شهر مِناگَرا هئس. اولهه ۾ سندس ناماچاري سنت ٿومس کي سنڌو ملڪ جي ماڻهن لاءِ مبلغ ڪري آڻڻ ڪري سمجهي وڃي ٿي.

پَرسِي گارڊنر، گريڪ اينڊ سِٿين ڪنگس، ص. XXXIII.
ٽارن، ص. 498 ۽ 235.
ريپسن، ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 519، سمجهي ٿو ته هن گهٽ ۾ گهٽ 45ع تائين حڪومت ڪئي.
سمٿ، EHI، هن جي حڪومت جي شروعات 20ع ۾ ڄاڻائي ٿو.
منشي، HCIP، جلد II، ص. 702، گوندوفيرس جي حڪومت 21ع کان 50ع تائين ڄاڻائي ٿو.
جئرازڀائي، ص. 181، منشي واري ئي ڳالهه ڪري ٿو.
ريپسن، ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 76، سنت ٿومس جي اچڻ جي ڳالهه ڪري ٿو.

23-79ع:
پلائني وڏو (گيَس پلائينيَس سيڪنڊس) جيئرو هو ۽ پنهنجي نيچرل هسٽري 37 جلدن ۾ لکيائين. انهي ۾ ڏکڻ ايشيا جي ساهوارن ۽ معدنيات وغيره جو احوال آهي. ڪم ۾ سائنسي دم ناهي.

منشي، HCIP، جلد II، ص. 702، نيچرل هسٽري جو سنه 71ع ڏنو آهي.
هسٽوريڪورم رومانورم ريليڪيک عنوان سان يوناني نسخو، ايڊٽ پيٽر، ايچ. آر.، پهريان به جلد 1906 ۾ ٻيا 11 جلد ايڊٽ رئڪمين، ايچ. ۽ جونز، ڊبليو. ايچ. ايس.، ۽ آئيڪهولز، 1938 کان تياريءَ هيٺ آهن.

24ع:
اسٽرابو گذاري ويو.

وُڊڪاڪ، ص. 142.

41-45ع:
ڪلاڊِيَس جو دور، جنهن دوران ڪُرٽِيَس رُوفَس سڪندر اعظم جي ڪارستانين بابت لکيو. هن ڪم جي ساراهه تاريخي صحت کان وڌيڪ سنڌس ادبي گڻن جي ڪري ڪئي وڃي ٿي.

42ع:
ٽيانا جو يوناني فلاسافر اپالوڊونَس هندستاني فلسفو سکڻ ۾ سڪندر جا

چرپينٽيئر، ٽريولز آف اپالوڊونَس آف ٽيانا، ص. 58.

پوئتي ڇڏيل شهر ۽ قربانگاهون ڏسڻ ڏکڻ ايشيا آيو. گونڊوفيرس سان يونانيءَ ۾ ڳالهايائين. لڳي ٿو ته ڪيس ڪجھ نڪتن تائين رسائي هئي، جن جي تصديق هلنڊڙ دور جي محققن ڪئي آهي.

هي نئين مذهب جو ڳولائو هڪ سالڪ هو، جيڪو سَنتن ۽ انهن جي سماڌين بابت ڄاڻ پراڻ هندستان، ايران ۽ مصر ۾ گھمندو رهيو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 13، ڪي نٿو لڳي ته ڪو هي ڏکڻ ايشيا ۾ آيو.

مارشل، گائيڊ ٽو ٽيڪسيلا، ڪولڪتو، 1918، ص. 15 ۽ 91.

لوئيب جي فلاسٽرئٽقس، ايڊٽ ايف. سِي. ڪونبيئرو، 2 جلد، 1912، ۾ هن مهمان جي زندگي ۽ خط ڏنل آهن.

**45ع:**

ڇؤماسي هوائن جو وَرن پروڙي يوناني ناکئو هپالَس، ٽالمين جي بادشاهي آگسٽَس هٿان تباهه ٿيڻ کان ٿورو اڳ، پاٽيءَ رستي عدن کان سنڌو ٻيٽاري (ڊيلٽا) تائين آيو ۽ کنهن به بندرگاهه تي وجهڻ کان سواءِ ئي موٽي ويو. انهي سان هند ۽ سنڌ سان واپار ۾ وڏو انقلاب پيدا ٿيو.

هن کان اڳ به سنڌ ۽ ٻئي ڏکڻ ايشيا جي مال جي سڪندري ٽالمين سان ڏي وٺ سُکيءَ جي ڏکِن ذريعي تادمير رستي ٿيندي هئي.

وُڊڪاڪ، ص. 141. ٽارن، ص. 368، سمجهن ٿا ته پٽالا ۽ سياگراس وچ ۾ پاٽيءَ رستي سفر هن کان اڳ 90-80 ق-م ۾ ٿيو. جٿرازڀائي، ص. 114، سمجهي ٿو ته اهو 40 ق-م ۽ 1ع جي وچ تي ٿي سگهي ٿو.

20 ق-م واري داخلا پڻ ڏسو.

استرابو، جاگرافيا، ايڊٽ اي. مائينڪ، ليپزگ، 1866-67ع، ص. 118.

**46ع:**

پارٿي راجا گونڊوفيرس، جنهن شروعات خراسان (پارٿيا) کان 21ع ۾ ڪئي، 43-44ع ۾ ڪابل ۽ گنڌارا فتح ڪيا ۽ اڳتي هلي 46ع ۾ سنڌ.

وُڊڪاڪ، ص. 129-132.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، 48ع ڏنو آهي.

19ع واري داخلا پڻ ڏسو.

**46-127ع:**

پلوٽارڪ، جنهن لائيوز آف فيمس مين آف گريس اينڊ روم لکيو، جي حياتيءَ جا ڏينهن. هي بوڪوٽا جي ڪئرونيا ۾ ڄائو ۽ روم ۾ گذاري ويو.

سندس ڪمن جو انگريزي ترجمو، ايڊٽ پيريَن، بي.، 11 جلدن ۾، لنڊن، 1914-1926. پينگوئن ڪلاسڪس 3 جلد ڇپيا آهن، لنڊن، 1958، 1960 ۽ 1964. هن سڪندر جي سنڌ ۾ هجڻ جو احوال ڏنو آهي.

**70 يا 71ع:**

دي پيريپلَس آف ايريٿرائن سِي نالي هڪ رومي ڪتاب لکيو ويو. ڳاڙهي سمنڊ کان ايرندي انڊيز تائين واپار ۽ پاٽيءَ جي سفر لاءِ سونهين طور لکيل هن ڪتاب ۾ سِمِٿَس (سنڌو) جي منهن واري بندرگاهه باربيريڪان ۽ پارٿين جي قبضي هيٺ مکيه شهر مِناگرا (گهٽو ڪري برهمڻ آباد) جا نالا ۽ سنڌ پاران گهرائجندڙ مال گلڪاري وارو ڪپڙو، پکراج، مونگو (مرجان)، سلاجيت، سوئرن جي وٿاڻ جو ڏُوپ، شيشي جان ٿانوَ، چاندي ۽ سون وغيره ۽ ڏيساور موڪلجندڙ مال نيرُ، سُٽُ (سوٽي ڪپڙو ۽ سٽ مان ٺهيل شيون)، ريشم، پشم، سُنبل، لاک ۽ سرهاڻ وغيره ڏنل آهن. ڪتاب ٻڌائي ٿو ته سنڌ ملڪ سِتيا يا سِتين جو ڏيهه سڏجي ٿو.

ڪينيڊي، جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، 1918، ص. 112.

اسڪاف، ص. 15، 60ع ڏئي ٿو.

مِڪ ڪرنڊل، انڊين اينٽيڪئٽيز، جلد VIII، 1879، ص. 108-151، 80 کان 89ع ڏئي ٿو. جيڪڏهن ڪي مڃجي ته HCIP، جلد II جا ايزس-پهرئين، ايزيلائيسس ۽ ايزس-ٻئين جي حڪمرانيءَ لاءِ ڏنل سن وڌيڪ درست آهن. سرڪار هن لاءِ 70-80ع ڏنو آهي.

HCIP، جلد II، ايج آف امپيريل يونٽي، ص. 136-138.

جٿرازڀائي، ص. 115 ۽ 140، هن ڪي 110-115ع تي رکي ٿو.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد I، ص. 563-564، ٻڌائي ٿي ته لاڙ سنڌ سڪاڌيپ سڏبي هئي.

# ڪُشان راڄ ۾ ٻوڌي اڏاوتن جي اوسر

**65ع:**

ڪُشانن پارٿي راجا گوندوفيرس جي گادي سانپاليندڙ پيڪورس کي گنڌارا مان هڪالي ڪڍيو ۽ ائين اصل يونانين جي ڏکڻ ايشيا ۾ هرويرو جي دخل اندازي پڄاڻيءَ پهتي. انهن شروعات باخترين سان ڪئي هئي ۽ اها سِٽي ۽ پارٿي راڄ دوران هلندي رهي.

سرڪار، HCIP، جلد II، ايج آف امپيريل يونٽي، ص. 130-131.

**50ع:**

رومي تاريخدان ڪُرٽيَس رُوفَس ڦِنٽَس گذاري ويو. جنهن سڪندر جي تاريخ 10 جلدن ۾ لکي، جن منجهان ٻهريان ٻہ ۽ ٻين جا ڪجهه حصا وڃائجي چڪا آهن.

ٽِي. اي. ڊوري، ايڊٽ ايچ. مِڪ ڪُئين جي ليٽِن بايوگرافي، لنڊن، 1967. سنڌ بابت خلاصو مڪ ڪرنڊل جي اليگزينڊر ۾ آهي.

**65-78ع:**

هن عرصي دوران حڪومت ڪندڙ ڪُشان حاڪم ڪدفائيسس-ٻئين سموري سنڌو ماٿر فتح ڪئي.

سرڪار، HCIP، جلد II، ايج آف امپيريل يونٽي، ص. 143.

**70 يا 71ع:**

ڪنهن روميءَ نہ پر يوناني-مصريءَ جي لکيل ڪتاب، دي پيرِيپلَس آف ايريٿرائن سِي ۾ باربيريڪان (ٻنيور ؟) ۽ رومي جهازين پاران سنڌ جي هن بندر تي وڪيل ۽ ورتل مال جو احوال آهي. ساڳئي بندر تان ڏکڻ ايشيا جي سمورن اتر الهندي ڀاڱن جو مال ڏيساور ويندو هو ۽ اهو سنڌو ٻيٽاري تي موجود باربيريڪان تائين پنجاب جي دريائن رستي پهچندو هو.

اسڪاف، ص. 68.

ٻنيور جا هينيان تهہ ٻهرين صدي عيسوي تائين آڳاٽا آهن.

**78ع:**

ڪَنِشڪ، ڪُشان سلطنت جو راجا بڻيو، جنهن ۾ سنڌ شامل هئي.

سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 141-143.
ريپسن. ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 77.

**78-123ع:**

ڪَنِشڪ-ٻهرئين سنڌ کي پنهنجي ملڪ ۾ گڏائي ڇڏيو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 259.

**70ع:**

سنڌ ۾ پارٿي راڄ هلندو رهيو.

سرڪار، HCIP، جلد II، 70-80ع واري پيريپلَس آذار ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جو حاڪم هڪ پارٿي هو. اسڪاف پيرِيپلَس جي لکجڻ جو سنہ 50ع ڏئي ٿو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ڪدفائيسس-ٻهرئين جي پٽ ڪدفائيسس ٻئين سموري سنڌو ماٿر فتح ڪئي.

**90ع:**

سڪندر جي مشهور تاريخدان ايرين جو جنم. هي رومي بادشاهہ مورڪَس اؤرِيلِيَس (161-180ع) جي دور ۾ گذاري ويو. هن انابيسِيس آف اليگزينڊر ۽ ميگستينس آذار هڪ ٻيو ڪتاب انڊيڪا پڻ لکيو.

150ع واري داخلا پڻ ڏسو.

90ع:
ڪَنِشڪ اعظم ٻوڌي سڀا ڪوٺائي.
HCIP، جلد II، ص. 702، سنڌس دور 78-101 يا 102ع ڏنو آهي.

100ع:
ڪُرٽِيَس رُوفَس سڪندر بابت لکيو. سڪندر سان ساٿ ۾ رهندڙ ٽالمي پٽ لئگوس جي لکٽين آثار ۽ ٽالمي جي همعصر ڪلائيٽرڪوس ۽ آگسٽَس جي دور ۾ اُسرندڙ ٽِماجينيس جي لکٽين آثار پڙ. هي ڪم ايرِيَن جي ڪم جي پيٽ ۾ گهٽ درجي وارو آهي.
ڪجھ ماهرن سنڌ، ڪلاڊِيَس جي دور ۾، 41-54 ڏنو آهي.
مِڪ ڪرِنڊل، اليگزينڊر، ص. 11.

101-102ع:
ڪَنِشڪ-پهرئين تخت تياڳي ڇڏيو ۽ ڀڪشو بڻجي ويو.
سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 144.

102-106ع:
وَسِشڪ-پهرئين، ڪُشان سلطنت تي راڄ ڪيو.
سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 150.

106-138ع:
هرِشڪ، ڪُشان سلطنت مٿان راڄ ڪيو. هن وَسِشڪ ۽ ان جي پٽ ڪَنِشڪ-ٻئين سان گڏجي حڪومت ڪئي.
سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 150-151.

119-145ع:
ڪَنِشڪ-ٻيون (لقب قيصر) ڪشان سلطنت هلائڻ لاءِ هرشڪ سان گڏيو. هن 138 ۽ 145ع جي وچ تي وڏي انگ ۾ ٻوڌي مَٺَ (ٽڪاڻا) جوڙايا.
سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 151.

120ع:
هنرمندن جو هڪ ميڙ سنڌو ماٿر کان چين ويو.
مهراڻ، جلد 17، ڀاڱو IV.

123ع:
ڪَنِشڪ-پهريون ڀڪشو هوندي گذاري ويو.
سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 269.

140ع:
ٽالمي جي جاگرافي لکجڻ جو سنہ. جيڪا ٻڌائي ٿي تہ سنڌ مٿان انوقت ڪُشانن جو راڄ هو.
سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 135 ۽ جلد III، ص. 204، 275.
مِڪ ڪرِنڊل، ٽالمي، ص. XXI.
اِي. ايچ. بنبوري، هسٽري آف ائنشيَنٽ جاگرافي.

ٽالمي (ڪلاڊِيَس ٽالمِيَس)، مصر جائي يوناني نجومي ۽ جاگرافيدان، پنهنجي گهڻي ڀاڱي زندگي اسڪندريہ ۾ گذاري. سنڌس ڪم دي جاگرافي، 8 ڪتابن ۾، دنيا جو نقشو جوڙڻ جا بنياد وڌا، جنهن ۾ سنڌ ۽ ان جا ڪيترائي شهر ڏيکاريل آهن.
سنڌس ذريعن ۾ آڳاٽيون لکٽيون ۽ گهومڙائن جا احوال شامل آهن، جن مفاصلن جو بلڪل غلط اندازو لڳايو. سنڌس ٻيو ڪم اَلماجيسٽ ايترو ئي اهم آهي.

130-131ع:
سِٿين جي ڪارڙاماڪا قبيلي مان رُدردَمن-پهريون، جيڪو اڳ ۾ سلطنت جي ڏکڻ الهندي ڀاڱي (جوناڳڙهہ، ڪڇ ۽ گجرات وغيره) جو گورنر هو ۽ آزاد ٿي ويو هو، ڏاڏَس چَشتانا کان پوءِ راڄ ڏٽي بڻيو. راڄ ڏٽي بڻجڻ کان
سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 184.
سمٿ 128ع ڏنو آهي. اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 232.

# 65 _ 283ع
# ڪُشان ۽ سندن همعصر

<table>
<tr><th>عيسوي سال</th><th colspan="2">سنڌ</th><th>گندارا</th><th>ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ</th></tr>
<tr><td>65</td><td colspan="2" rowspan="4">سنڌ جون ننڍيون پارٿي بادشاهيون</td><td rowspan="4">ڪَدفائيسس<br>75 - 65</td><td rowspan="18">پارٿين جو سٽراپ<br>نَهپانا<br>؟ - 150؟</td></tr>
<tr><td>70</td></tr>
<tr><td>75</td></tr>
<tr><td>80</td></tr>
<tr><td>85</td><td>اتر سنڌ</td><td>لاڙ سنڌ</td><td rowspan="4">ڪَنِشڪ-پهريون<br>101/02 - 78</td></tr>
<tr><td>90</td><td rowspan="18">گندارا جي<br>ڪُشانن جا گورنر<br>رکي رکي<br>ڪجھ وقت لاءِ</td><td rowspan="10">پارٿي</td></tr>
<tr><td>95</td></tr>
<tr><td>100</td></tr>
<tr><td>105</td><td>وَسِشڪ-پهريون 102 - 106</td></tr>
<tr><td>110</td><td rowspan="6">هَرِشڪ ۽<br>ڪَنِشڪ-ٻئين<br>119ع کان<br>گڏجي حڪومت ڪئي<br>138 - 106</td></tr>
<tr><td>115</td></tr>
<tr><td>120</td></tr>
<tr><td>125</td></tr>
<tr><td>130</td></tr>
<tr><td>135</td></tr>
<tr><td>140</td><td rowspan="2">سِٿي 135 - 145</td><td rowspan="2">ڪَنِشڪ-ٻيون (اڪيلو) 138 - 145</td></tr>
<tr><td>145</td></tr>
<tr><td>150</td><td rowspan="6">پارٿي</td><td rowspan="6">واسُوديو-پهريون<br>176 - 145</td></tr>
<tr><td>155</td><td rowspan="27"></td></tr>
<tr><td>160</td></tr>
<tr><td>165</td></tr>
<tr><td>170</td></tr>
<tr><td>175</td></tr>
<tr><td>180</td><td colspan="2" rowspan="21">سنڌ جون<br>ننڍيون ننڍيون<br>آزاد بادشاهيون<br>؟</td><td rowspan="10">ڪَنِشڪ-ٽيون<br>؟</td></tr>
<tr><td>185</td></tr>
<tr><td>190</td></tr>
<tr><td>195</td></tr>
<tr><td>200</td></tr>
<tr><td>205</td></tr>
<tr><td>210</td></tr>
<tr><td>215</td></tr>
<tr><td>220</td></tr>
<tr><td>225</td></tr>
<tr><td>230</td><td rowspan="3">ڪَنِشڪ-چوٿون<br>239 - 226</td></tr>
<tr><td>235</td></tr>
<tr><td>240</td></tr>
<tr><td>245</td><td rowspan="2">واسُوديو-ٻيون<br>248 - 239</td></tr>
<tr><td>250</td></tr>
<tr><td>255</td><td rowspan="5">ڪَنِشڪ-پنجون<br>272 - 248</td></tr>
<tr><td>260</td></tr>
<tr><td>265</td></tr>
<tr><td>270</td></tr>
<tr><td>275</td></tr>
<tr><td>280</td><td rowspan="2">ڪَنِشڪ-ڇهون<br>؟</td></tr>
<tr><td>285</td><td colspan="2">ساساني</td></tr>
</table>

نوٽ: رُدردَمن جي لاڙ سنڌ ۽ سنڌو سؤويرا تي 10 سال حڪومت رهي، پر ڪُشانن جي هاٿوڪي دادو، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ سکر ضلعن تي حڪومت تڏهن بہ هئي.

نقشو نمبر 21

# 150ع دنيا ٽالميءَ مطابق

(مائيڪل گرانٽ آڏار ٺاهيل)

نوٽ:
اسڪندريا جي ڪلاڊيَس ٽالميَس جي جاگرافيءَ مان، نقشن جي ڪتاب سميت، چين جي هجڻ بابت ڄاڻ ملي ٿي پر ان جي صورت نہ.



پوءِ رُدردَمن ڪڇ، مارواڙ، سنڌ (الهندي لاڙ سنڌ)، سؤويرا (ايرندي لاڙ سنڌ) ۽ اَراوَلي ٽڪرين تائين راجپوتانا پنهنجي بادشاهيءَ ۾ ملائي ڇڏيا. ڪيئن به، پر انهن جو سنڌ مٿان اختيار پڪ سان ٿورڙو عرصو هليو هوندو، ڇاڪاڻ ته ٽالمي سنڌ مٿان ڪُشانن کي راڄ ڪندي ڏٺو.

**176-145ع:**

ڪُشان راجا واسُوديو سنڌو ماٿر مٿان راڄ ڪيو ۽ سندس مرڻ کان پوءِ ڪُشاني گورنر پنهنجي پنهنجي پرڳڻن ۾ آزاد ٿي ويا. لاڙ سنڌ گهٽ وڌ ڪري سڀ کان پهريان آزاد ٿي.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 272، سن 140-173ع ڏنو آهي.
HCIP، جلد II، ص. 151، سندس حڪومت جو سن 145-176ع ڏنو آهي.

**145ع:**

ڪُشان راجا واسُوديو ڌرم مٽائي هندو ٿيو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 272. هيءَ هندو ڌرم جي اتر الهندي ڏکڻ ايشيا ۾ اوسر جي شروعات هئي.

**176-145ع:**

ڪُشان راجا واسُوديو-پهرئين سنڌ سميت سلطنت مٿان راڄ ڪيو. سندس سِڪا موهن جي دڙي جي مٿين تهن مان لڌا هئا. هن کان پوءِ اقتدار ڪُشانن جي هٿن مان نڪري ويو ۽ سِٿي سٽراپ آزاد راجا بڻجي راڄ ڪرڻ لڳا. ڪُشانن پاران جوڙايل موهن جي دڙي وارو ٿوپ (اسٽوپا يا مَٺُ) ڪُشان راڄ جي پهرين سالن جو آهي.

سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 151.

**150ع (لڳ ڀڳ):**

جوناڳڙهه (گِرنار) اُڪَر جو سنه، جيڪا ٻڌائي ٿي ته رُدردَمن سَڪا ڪونڪڻ، ڪاٺياواڙ، ڪڇ، سنڌو ۽ سؤويرا مٿان راڄ ڪندو هو. سَڪن ڪڇ مٿان سندس مرڻ کان پوءِ کان هڪ صديءَ کان وڌيڪ راڄ ڪيو.

ايپيگرافيا انڊيڪا، جلد III، ص. 42. ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي مقامي پارٿي يا سِٿي چگن مڙس رُدردَمن جي اطاعت قبولي هجي، پر ان جو سنڌ مٿان سڌو راڄ نه هو. 130-133ع واري داخلا پڻ ڏسو. هن جي نتيجي ۾، گهٽ وڌ ڪري پهريون ڀيرو، ڪڇ جا سؤراشٽر سان لاڳاپا سنڌ کان وڌيڪ ويجهڙائپ وارا ٿي ويا.

**150 ع:**

ايريَن انڊيڪا لکيو. ان جو آڌار ميگسٿينس جو انڊيڪا ۽ نيارڪوس جو پاڻيءَ وارو سفر هو.

منشي، HCIP، جلد II، ص. 701.
هن ٽالمي سارٽر (367/6 - 283/2 ق-م) ارسٽوبولَس (وفات 320 ق-م) ۽ اِريٽوسٿينس (275-194 ق-م) جي ڪمن کي ڪتب آندو. سندس ڪم جي درست هجڻ جا مُک ڪارڻ هي ڏُرائتا ذريعا آهن.

**150ع:**

واسُوديو-پهرئين جا سِڪا (بئنرجي پاران لڌل) موهن جي دڙي جي ٻوڌي اڏاوتن تي ليڻ مان ثابت ٿئي ٿو ته انوقت تائين گهٽ ۾ گهٽ اتر سنڌ ڪُشان راڄ هيٺ هئي. جُهڪر ۾ ساڳئي قسم جا ثبوت مجمدار لڌا.

اينيوئل رپورٽ آف آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا، 1922-23ع، ص. 102-104.
ميمئاير آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا نمبر 4، ص. 7.

**300-200ع:**

سنڌ جا جَٽَ ايراني نارِ جي پاسن سان هلندا پنهنجون مينهون چاريندا رهيا.

هيلبُش ۽ ويستفال، جاٽس آف پاڪستان، ص. 102.

**300-200ع:**

اشوڪ جي ٽنين واري اُڪَر ۽ اڳتي هلي افغانستان، پنجاب ۽ گهٽ وڌ ڪري سنڌ جي پاڳن ۾ استعمال ٿيندڙ خروشتي لپي غائب ٿي وئي.

ريپسن، ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 10.

**200-500ع:**
مَرڪَنڊيا برهمندا ۽ وايُو پُراڻن ۾ سڌارو.

ڊاڪٽر هَرزا، اسٽڊيز ان دي پُرانِڪ رڪارڊس آن هندو رائيٽس اينڊ ڪسٽمس، ص. 174-189.

**226-241ع:**
ايران جي پهرئين ساساني بادشاهه اردشير هندوڪش جي اتر واريون ننڍيون رياستون فتح ڪيون ۽ انهن ڏَنُ پيرڻ قبوليو. اردشير تي سگهي تو توران ۽ مڪران به فتح ڪيا هجن، پر سنڌ نه.

**230ع:**
ڪُشان سلطنت ٽُٽي ڪيترين ئي ننڍيون رياستون تي وئي. لڳي ٿو ته ساسانين ايران جي ويجهو وارين رياستن مٿان تڪڙي چڙهت ڪري ورتي، پر آمون ۽ سنڌ جهڙن ڏورانهن ملڪن مٿان سنڌن دعويٰ نه اتي سنڌن هلندي پڄنديءَ مان ٿي پڌري ٿئي ٿي ۽ نه اختيار مان. سنڌ پڪ سان ننڍين ننڍين آزاد رياستن ۾ ورهائجي وئي هوندي.

ڪئيمبرج، انشيئنٽ هسٽري، جلد XII، ص. 110.
ايليَٽ، جلد VI، ص. 557.

**226ع:**
ڪُشان راجا ڪَنِشڪ-ٽئين جي حڪومت جي شروعات.

ڪُشانن جي راڄ ۾ رومي سلطنت سان واپار چڱي طرح پختو ٿي چڪو هو.

**239ع:**
ڪُشان سلطنت مٿان واسوديو-ٻئين جو راڄ.

سندس راڄ دوران ساساني بادشاهه اردشير ٻباڳن (226-241ع) خراسان، بلخ، ڪابل، خيبر ۽ پنجاب فتح ڪيا ۽ ستلج پهتو. واسوديو-ٻئين 230ع ۾ دوستاڻو ميڙ چين ڏانهن موڪلي ساسانين خلاف مدد گهري.

سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 151، 152.

**239ع:**
ڪَنِشڪ-چوٿون، ڪُشان سلطنت جو راڄ ڌڻي بڻيو.

سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 151.

**248ع:**
ڪُشان راجا ڪَنِشڪ-چوٿون گذاري ويو.

سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 151، 152.

**248ع:**
ڪَنِشڪ-پنجون راجا بڻيو.

ريپسن، انڊين ڪوائنس.

**278ع:**
ڪَنِشڪ-ڇهون، ڪُشان راجا بڻيو.

ريپسن، انڊين ڪوائنس.

# سنڌ مٿان ساساني راڄ ۽ ڏيهي گهراڻن جو اُسرڻ

**283ع:**

هُرمز پنهنجي ڀاءُ بهرام گور-ٻئين خلاف بغاوت ڪئي ۽ سَڪن (سِڪين) توڙي ڪُشانن ٻنهي سندس ساٿ ڏنو، پر بهرام-ٻئين سيستان، مڪران ۽ سنڌو ماٿر سميت پنهنجا ڪسجي ويل علائقا ورائي ورتا. گهڻو ڪري ڏيهي سَڪا سندس رکوال بڻيا. ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ مالوا کي پڻ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ شامل ڪيائين.

هرٽزفيلڊ، پئڪُولي، ص. 35-51.
راءِ چوڌري، نارٿ انڊيا، ص. 510.
آر. سِي. مجمدار، HCIP، جلد II، ص. 52-53، پانئين ٿو ته اهڙو ڪو پختو دليل موجود ڪونهي، جنهن آڌار چئي سگهجي ته ڪاٺياواڙ، ڪڇ، مالوا ۽ گجرات سندس ڏَنَ ڀَرُو هئا.

**293ع:**

شاپور-پهرئين جي پٽ نَرسِيح، بهرام-ٻئين خلاف ڪامياب بغاوت ڪئي ۽ گاديءَ تي قبضو ڪري ورتو. ڏَنُ ڀريندڙن ۾ مڪران، پرڏان ۽ آڀيڙن (ٿر ۽ پارڪر ضلعا مارواڙ تائين) کيس مبارڪون ڏنيون. پڌرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌ به ڏَنُ ڀريندڙن منجهان هڪ هئي.

هرٽزفيلڊ، پئڪُولي، ص. 35-51.

**300-500ع:**

سِڌانت جون 5 پراڻيون روايتون لکجڻ، جنهن کي اڳتي هلي نائين صديءَ ۾ بغداد ۾ هڪ سنڌي ڏاهي عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جتان اهو اسپين رستي يورپ پهتو.

آر. سِي. مجمدار، HCIP، جلد III، ص. 322.

**301ع:**

واسوديو-ڇهين جي ڌيءُ جي شادي سِتي راجا هرمز (301-310ع) سان ٿي.

ريپسن، انڊين ڪُئائنس.

**302-309ع:**

ساساني بادشاهه هرمز فارس (ايران) مٿان راڄ ڪيو ۽ سنڌ گهڻو ڪري اڃا تائين سندس بادشاهيءَ جو حصو هئي.

اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 274.

**309-379ع:**

ساساني بادشاهه شاپور-ٻئين ايران ۽ ايرندي واري سلطنت، سنڌ سميت، تي راڄ ڪيو، پر اٽڪل 367-68ع ڌاري ڪِدرا نالي ڪُشان شاپور-ٻئين کي ٻن جنگين ۾ شڪست ڏني ۽ انهن مان هڪ ۾ هو ميدان ڇڏي ڀڄي ڪابل ۽ اترين سنڌو ماٿر (خيبر پختونخوا ۽ اتر پنجاب) تان هٿ کڻي ويو. سنڌ گهڻو ڪري آزاد ٿي وئي. انهي هاڻوڪي پاڪستان واري علائقي مان ڪيترائي هندستاني سائنسي پُستَڪ هٿ ڪيا ۽ پهلويءَ ۾ ترجمو ڪرايا.

مارٽِن، ڪُئائنس آف ڪُشانس، نيُومِسميٽِڪ سپليمينٽ، جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي B، جلد LVII، ص. 32-33.
ڪڙو چاڙهڻ وارا اوزار اٽندي يونانين ۽ رومين ٺاهيا ۽ پارٿين به اهي ڪم آندا، هن بادشاهه ۽ سندس پونيرن انهن کي زبردست هٿي وٺرائي ۽ اهو ئي سندن سلطنت جي پکيڙ جو ڪارڻ هو.
گرِشمئن، ص. 292، 294 ۽ 313.

**310-311ع:**

شاپور-ٻئين (309-379ع) بابت وڏي پاڙس شاپور ساڪنشاهه جي لکيل پرسيپولس واري پهلوي لکت، پوئين جو لقب سنڌ، سَڪستان ۽ تُخارستان جي وزيرن جو وزير ٻڌائي ٿي.

هرٽزفيلڊ، ڪشانو-ساسانين ڪُئائنس، ص. 35-36.

320-380ع:

سامُودرگپت ڪشمير، اولهہ پنجاب، اولهہ راجپوتانا، سنڌ ۽ گجرات کي ڇڏي سموري اتر هندستان مٿان راڄ ڪيو. اُڙيسا ۽ ڏکڻ هندستان جو اپرندو ساموندي ڪنارو پڻ سندس سلطنت جو حصو هئا. هن جي ئي دور ۾ هندو ڌرم ڏکڻ ايشيا جي وڏي حصي ۾ پوري سگهہ سان وري ڪُر ڪنيو، پر سنڌ ۾ نہ، جتي ٻڌ ڌرم اجا تائين وڏي ويجهي رهيو هو.

مجمدار، HCIP، جلد III، ص. 12.

345-415ع:

گپتا راڄ گهراڻي جي چندرگپت-ٻئين جو دور. هن نربدا جي اتر وارا سمورا علائقا پنهنجي ملڪ ۾ ملائي ڇڏيا، پر گهٽ ۾ گهٽ ڪري سنڌ نہ.

سمٿ. اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 286، 354 ۽ 355.

346ع:

واسوديو-ستون، اتر الهندي پرڳڻي ڪان وٺي مٿرا تائين پکڙيل ڪُشان سلطنت مٿان راڄ ڪري رهيو هو. هن سنڌ جي شاعري گڏ ڪرڻ جو فرمان جاري ڪيو.

مهراڻ، جلد 17، نمبر 4.

350-500ع:

ميرپور خاص وارو ٿوپ (ڪاهُوجو دڙو) اڏيو ويو. ساڳيو ئي سنہ ٺل مير رڪڻ، ڏيپر گهانگهري، برهمڻ آباد ۽ سُڏيرڻ جي دڙي جو بہ چيو وڃي ٿو.

پَرسِي براؤن، انڊين آرڪيٽيڪچر، ٻُڌسٽ پيريڊ، ص. 52 ۽ پليٽ XXX، 9-II پڻ.

ڪزنس، اينٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص. 96، هن جو سنہ 400ع کان اڳ ڏئي ٿو. هو پائنين ٿو تہ هي ٿوپ (ٻوڌي عبادتگاهہ يامَٺُ) ٿي سگهي ٿو اشوڪ وارن ڦٽل ٽڪاڻن جي مٿان اڏيا ويا هجن. ڀنڊارڪر سُڏيرڻ جي دڙي کي عيسوي سنہ جي شروعات يعني ڪُشان دور 65-140ع جو ٻڌايو آهي (A. S. I اينيوئل رپورٽ 1916-17، ص. 41-47.)

ڪَنِشڪ-ڇهون، ڪُشان راجا ٿي ويو.

ريپسن، انڊين ڪُئائنس.

360ع:

شاپور-ٻئين (309-379ع) هندستاني هاٿين ۽ ڪُشان لشڪر جي مدد سان اَميدا ۽ دجلہ تي قبضو ڪيو، جيڪو انوقت سلطنت روم جو علائقو هو. اَميدا جي فتح ڪنهن تجربيڪار بادشاهہ پاران ڏنل هن مدد جي ڪري ٿي. ساسانين جي سنڌو ماٿر مٿان گهٽ ۾ گهٽ ڪري انوقت تائين ڪجهہ مالڪي هئي.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 255.
ريپسن پائنين ٿو تہ ڪُشان راجا ڪَنِشڪ هو.

واسوديو-ٻيون گهٽ ۾ گهٽ ڪري آخري ڪُشان راجا هو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 286، 354 ۽ 355، پائنين ٿو تہ هن سنڌ فتح ڪئي، پر هي بيان ويساهڻ جوڳو ناهي.

379-383ع:

اردشير-ٻئين، ايراني سلطنت مٿان راڄ ڪيو. (پڪ ناهي تہ سنڌ اجا تائين ايراني سلطنت جو حصو هئي يا نہ.)

مارٽن، ص. 34-48.

397-417ع:

يزدگرد-پهرئين سنڌ مٿان حڪمراني ڪئي. هن جا چنڊ تاري واري بادشاهي تاج وارا سڪا جهُڪر مان لڌا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ڪري هي سڪا خاص سنڌ ۾ هلائڻ لاءِ گهڙيا ويا هئا.

ڪزنس، اينٽيڪئٽيز آف سنڌ، ص. 183.

**383-388ع:**

شاپور-ٽئين ايران مٿان راڄ ڪيو. سنڌ گهٽو ڪري آزاد هئي، چو تہ يزدگرد-پهرئين (397-417ع) کي اها ورائي فتح ڪرڻي هئي.

مارٽن، ص. 34-38.

**388-389ع:**

بهرام-چوٿين کان پوءِ ساسانين جو هند واري دنگ تي اختيار بنھ ختم ٿي ويو. لڳي ٿو تہ سنڌ 267-68ع کان پوءِ آزاد ٿي وئي هوندي، جيتوڻيڪ بلوچستان جا ڪجھ ڀاڱا وهرام-چوٿين تائين سنڌن هٿ هيٺ هئا.

مارٽن، ص. 34-38.

**395ع:**

چندرگپت-ٻئين وڪرم آڌت گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سڪا راڄ جو انت آندو. سنڌ جا واهليڪا سندس مخالف هئا ۽ سنڌوءَ جا ست مُنهن اُڪرڻ لاءِ ڪيس ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ سَڪن کي لتاڙڻو پيو. ان هوندي بہ سنڌ ڪڏهن فتح نہ ٿي سگهي.

وليَمس، ص. 63-67. ڏسو داخلا 150ع. 150ع کان 395ع تائين واري عرصي دوران ڪڇ سوراشٽر جي شاهي گورنر جي حد ۾ هو.

**400ع:**

’ڊي هستورس فلپيز‘ جو ليڪڪ جسٽينَس، فرنٽينَس، حيات هو. سندس ڪم سڪندر ۽ چندر گپت موريا جو احوال ڏئي ٿو.

مِڪ ڪرنڊل، اليگزينڊر، ص. 85.

**404ع:**

پندرهن چيني ٻاوا چِي-مونگ جي اڳواٽيءَ ۾ ڏکڻ ايشيا لاءِ نڪتا. انهن منجهان نَوَ واٽ تان پامير وٽان موٽي ويا، هڪڙو مري ويو ۽ باقي پنج ڏکڻ ايشيا پهتا ۽ ٻوڌي پُستڪ گڏ ڪيائون. ٽي موٽندي واٽ تي مري ويا ۽ چِي-مونگ صرف هڪ ساٿيءَ سان گڏ چين پهتو. جيئن تہ سنڌ ٻڌ ڌرم جو ڳڙه بڻجندي پئي وئي، سو ٿي سگهي ٿو تہ اهي اتي بہ آيا هجن.

**400-414ع:**

فا-هِين هند آيو، پر سنڌ نہ.

جائيلس، ص. X، شنگهائي، 1877. نئون ڇاپو.

**400-450ع:**

جاٽ قبيلن سنڌ کي مينهون ڌارڻ جو ڳڙه بڻائي ڇڏيو هو. نِيلي ۽ راوي پنجاب ۾ ۽ ڪُنڍي نسل سنڌ ۾ ڌاربا هئا. مُورا اوپر پنجاب ۾ ڌاربي هئي.

هيلبُش ۽ ويستفال، دي جاٽس آف پاڪستان، ص. 69-72.

**414ع:**

فا-هِين چين موٽي ويو.

**420ع:**

فا-يونگ 25 چيني ٻاوا ساڻ ڪري وچ ايشيا رستي ڏکڻ ايشيا آيو. انهن ڏکڻ ايشيا جي اترين علائقن منجهان گهٽا گهميا، ٿي سگهي ٿو سنڌ بہ، ۽ سمنڊ رستي موٽي ويا.

**420-438ع:**

ايران جو ساساني سلطان بهرام گور، يزدگرد بِن شاپور جو پٽ، ويس مَٽائي

ابن بلخي، فارس نامہ.



78. چوٿين کان ستين صدي عيسوي: برهمڻ آباد مان هٿ آيل پتل جو

## 176 _ 499ع
## ساساني ۽ سندن سنڌ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ همعصر

| عيسوي سال | ڪُشان بادشاهه | سنڌ جا راڄ ڏٽي | ايران جا ساساني | مالوا جا گُپتا | ڪڇ |
|---|---|---|---|---|---|
| 220 | ڪَنشڪ-ٽيون ؟ | سنڌ جون آزاد ننڍيون بادشاهيون 283 - 176 | پارٿي | | رُدردَمن-پهريون ۽ سندس پونير 135 - 395؟ |
| 225 | | | | | |
| 230 | ڪَنشڪ-چوٿون 239 - 226 | | اردشير-پهريون 241 - 224 | | |
| 235 | | | | | |
| 240 | | | | | |
| 245 | واسُوديو-ٻيون 239 - 248 | | شاپُور-پهريون 272 - 241 | | |
| 250 | | | | | |
| 255 | ڪنشڪ-پنجون ؟ | | | | |
| 260 | | | | | |
| 265 | | | | | |
| 270 | | | | | |
| 275 | | | هُرمُزد 272- 273، بهرام-1، 273- 276 | چاتوئي ڪَچا 320 - 270 | |
| 280 | | | | | |
| 285 | ڪنشڪ-ڇهون ؟ | سنڌ ساسانين جي حڪمرانيءَ هيٺ 367 - 283 | بهرام-ٻيون 293 - 276 | | |
| 290 | | | | | |
| 295 | | | | | |
| 300 | | | نَرسِيح 293 - 302 | | |
| 305 | | | | | |
| 310 | | | هُرمُزد-ٻيون 302 - 309 | | |
| 315 | | | | | |
| 320 | | | شاپور-ٻيون 379 - 309 | | |
| 325 | | | | چندر گُپت 350 - 320 | |
| 330 | | | | | |
| 335 | | | | | |
| 340 | | | | | |
| 345 | | | | | |
| 350 | | | | | |
| 355 | | | | سمندر گپت 380 - 350 | |
| 360 | | | | | |
| 365 | | | | | |
| 370 | | | | | |
| 375 | | سنڌ جو ڪو آزاد راڄ گهراڻو گهٽ ڪري واهليڪا (وَليڪا) جيڪي مقامي سَڪا نسل جا هئا 415ع تائين | | | |
| 380 | | | | | |
| 385 | | | اردشير-ٻيون 379 - 383 | | |
| 390 | | | شاپور-ٽيون 383 - 388 | چندر گپت-ٻيون 415 - 380 | |
| 395 | | | بهرام-چوٿون 388 - 399 | | |
| 400 | | | يَزدگرد-پهريون 420 - 399 | | گُپتن جا گورنر اٽڪل 490؟ تائين |
| 405 | | | | | |
| 410 | | | | | |
| 415 | | | | | |
| 420 | | ننڍيون آزاد بادشاهيون 475ع تائين | بهرام-پنجون 438 - 420 | ڪُمار گپت 455 - 415 | |
| 425 | | | | | |
| 430 | | | | | |
| 435 | | | | | |
| 440 | | | يزدگرد-ٻيون 457 - 438 | | |
| 445 | | | | | |
| 450 | | | | | |
| 455 | | | | | |
| 460 | | | | اِسڪندا گپت 467 - 455 | |
| 465 | | | هرمزد-ٽيون 457 - 459 | | |
| 470 | | | پيروز 484 - 457 | | |
| 475 | | | | ڪمار گپت 467 - 477 | |
| 480 | | مالوا جا هُن 499 - 475 | | | |
| 485 | | | | ٻُڌ گپت 500 - 477 | |
| 490 | | | بالاش 484 - 488 | | |
| 495 | | | ڪاواد-ٻيون 531 - 488 | | ٻَترڪا (گورنر)490 - 500 |
| 500 | | | | | |
| 505 | | راءِ گهراڻو 640/41 - 499 | | ؟ | سنڌ جو راءِ گهراڻو 640/41 - 500 |
| 510 | | | | | |
| 515 | | | | | |




ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

هند آيو. هندستاني ڪنوار پرٽيو ۽ سنڌ جا مڪران ۽ پر وارا علائقا انهن مٿان راڄ ڪندڙ هندستاني راجا کان ڏاڄ ۾ مليس.

هن 442-465ع تائين حڪومت ڪئي.

**420-440ع:**

بهرام-پنجين (بهرام گور) ايران تي حڪومت ڪئي. سنڌ (ديبل ۽ مڪران) جي راجا اها بهرام گور کي ڏني. فردوسيءَ مطابق اهو ويس مَٽائي قنوج ويو ۽ قنوج جي راجا شانگل ڪيس پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ڏئي مانُ ڏنو ۽ موٽ ۾ ڪابل، سنڌ، هند، صندال، جندل، ڪشمير ۽ ملتان جا راجا ساڻ ڪري وٽس ويو.

**456ع:**

ٻاهڙمير جي جيسو پرمار پاران پاري نگر (پيي ويراواهه ويجهو) شهر اڏڻ.

**465ع:**

هُنن (آمون جي علائقي جا تاتاري) ايراني بادشاهه فيروز کي شڪست ڏني، جيڪو ساڳئي سال مري به ويو. هُن سردار تورمانا پنهنجي ليکي مالوا جو راجا بڻجي ويو ۽ جهُڪر مان پٽس مهرگل جا وڏي انگ ۾ ملندڙ نڪر جا سڪا پڌرو ڪن ٿا ته انهي سنڌ کي پنهنجي ملڪ ۾ ملائي ڇڏيو هو.

**495ع:**

ڄام پرياڻ پاران ماٽيلو شهر اڏڻ.

پدرُڪ، ساسانين ڪُئائنس، ص. 105. ريپسن هن ڪهاڻيءَ کي رد ڪري ٿو. هن عرصي دوران سنڌ پڪ سان آزاد هئي. هيءَ ڳالهه رڳو تڏهن سچ ٿي سگهي ٿي، جڏهن سنڌ جي راجا ڪيس هي حصا ڏاڄ ۾ ڏنا هجن.

بلوچ، اين. اي.، JSHS، جلد 7، نمبر 2، ص. 74-75.

طبري، جلد I، ص. 686.

جٿرازڀائي سندس راڄ جو سنه 420-438ع ڏئي ٿو.

وارنر، فردوسي، باب VII، ص. 112، 140 ۽ 141.

آئي. جي. آئي.، پراونشل سيريز، بمبئي پريزيڊنسي، جلد II، ص. 187.

مجمدار، ميمئايرس، اي. ايس. آئي.، نمبر 48، ص. 8-9.

ميرچنداڻي، بي. ڊي.، سنڌ اينڊ وائيٽ هُنز، JASB، 1964، ص. 61-85.

مٿان ٿورڙي عرصي لاءِ سندس ملڪ ۾ مليل رهي هجي، پر گهٽو ڪري اها ڪا بي نتيجي ڪاهه هوندي، پر تڪڙ پڪڙ ۾ سنڌ کي پنهنجي سلطنت جو حصو پڌرو ڪندڙ سڪا به ڇاپي ڇڏيائين.

ائبٽ، سنڌ، ص. 105.

# راءِ گھراڻو ۽ سنڌ ۾ ٻوڌي طاقت جو عروج

**499ع:**

ساساني بادشاھ ڪيڪوباد هُنن جو ساٿ ڏيندي سنڌ ڪنهن هندستاني راجا هٿ ڪسرائي وينو، جنهن جو نالو ڪجھ ماهرن يشوڌر ڏنو آهي. هيءُ پڪ سان راءِ گھراڻي جي شروعات هوندي. ساسانين جو سنڌوءَ جي الهندي پاسي ويندي سمنڊ تائين وارن سمورن علائقن تي ٻه صديون ڪن قبضو رهيو.

جئرازڀائي، حوالو هوديوالا ۽ هورنل، ص. 159. سنڌس خيال ۾ يشوڌرمن جي حڪمراني شڪ ۾ آهي ۽ اهو ڪاليداس جي ناٽڪ رَگھُو وسما مان ڪڍيل مطلب آهي.

**499ع:**

راءِ گھراڻي جي شروعات، جنهن 632ع تائين چنڊ جا 137 يا سچ جا 133 سال راڄ ڪيو. هن گھراڻي جو باني راءِ ديواجي نالي هڪ ٻوڌي هو.

چچنامو، ص. 15-16.

جيڪڏهن چچ 640ع ڌاري تخت سنڀاليو ته پوءِ هن گھراڻي جي شروعات 507ع ۾ ٿيڻ گھرجي. هيُون سانگ ٻڌائي ٿو ته 640ع ۾ سنڌ جو حاڪم (ديواجي جو ڪو پونيَر) ڪو شودر هو. ٻئي پاسي چچنامو وري راءِ گھراڻي کي چتوڙ جي راجپوت نسل مان سمجھي ٿو. چتوڙ ۽ ڪشمير سان لاڳاپو سنڌن گادي سنڀاليندڙ "برهمڻ گھراڻي" جاري رکيو.

سچ جا 133 سال (چنڊ جا 137) راڄ ڪندڙ راءِ گھراڻي جا 5 راجا هئا: راءِ ديواجي، راءِ سِهارس-پهريون، راءِ سِهاسي-پهريون، راءِ سِهارس-ٻيون ۽ راءِ سِهاسي-ٻيون. سنڌن گادي الور ۾ هئي.

**500ع ۽ پوءِ:**

ٻوڌين ۽ جينين پنهنجي پُستڪن لاءِ سنسڪرت ڪم آندي ۽ ائين اها ڌرمي ٻولي بڻجي وئي.

ريپسن، ائنشيَنٽ انڊيا، ص. 8.

**500ع:**

سنڌو ماٿر جا اولاهيان ڀاڱا اڳي ئي هُن راجا تورناما (500-510ع) جي ايراني سلطنت جي قبضي هيٺ هئا. سنڌ سنڌن اختيار هيٺ نه هئي.

سرڪار، HCIP، جلد II، ص. 153.

**500-700ع:**

ماتسيا پُراڻ ۾ سڌارو.

**510-540ع:**

اچو هُن مهرگل پٽس تورناما جي مرڻ ڪان پوءِ ايران جو بادشاھ بڻيو. هي ٻئي هندستان جي ڀاڱن ۽ گھڻو ڪري سنڌ مٿان ڪاهون ڪندا رهيا. مهرگل وڏو ظالم هو. هند جي راجائن گڏ تي (لڳي ٿو سنڌ سميت) ڪيس شڪست ڏني ۽ ڪشمير موٽي ويو.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 319.

جيئن ته راءِ گھراڻو 510ع ڌاري نهيو، سو اها ڳالھ پڌري آهي ته سنڌ مٿان هُنن جي عذاب جو اثر ٻنھ گھٽ هو.

**527-565ع:**

سلطان جستِينيَن جو دور ۽ رومي-بازنطيني سلطنت جي علائقن ۾ وڌ ۾ وڌ واڌارو، جڏهن ايران ۾ ساساني طاقت جي عروج وقت ٿيو.

هن دور جي خاص ڳالھ قسطنطنيه ۾ 547ع ۾ هاگيا صوفيا جو ٺهڻ هو. هي ڪليسا اڳتي هلي اسلامي طرز تعمير جو ماخذ بڻي.

**528ع:**

هند جي راجائن جي گڏيل لشڪر اچي هُن مهرگل کي خيبر لَڪ جي پرينءَ پر ڀڄائي ڪڍيو.

تي سگهي ٿو سنڌ جا راءِ بہ هن مهم ۾ شامل ٿيا هجن.

**531-579ع:**

خسرو-پهرئين (نوشيروان) جو دور ۽ ايران ۾ ساساني طاقت جو اوج. راءِ گهراڻو هن دور کان اڳ ئي پير ڄمائي چڪو هو. اهو چوڻ تہ راءِ اچي هُن مهرگل (510ع کان ايران جو بادشاهہ) جا سٽراپ هئا، درست ناهي. ڪاسموس انڊيڪوپليَسٽس پاران ٻڌايل تہ: ايراني سلطنت ۾ سنڌوءَ جي الهندي وارا علائقا شامل هئا، خيبر پختونخوا ۽ پنجاب جي اتر-الهندي وارن ضلعن مٿان لاڳو ٿي سگهي ٿو.

مِڪ ڪرنڊل، ٽرانسليشن آف ڪرسچن ٽوپوگرافي.
ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، JSHS، جلد II، نمبر 2، ص. 74-75، چوي ٿو تہ راءِ گهراڻي پنهنجي شروعات خسرو-پهرئين جي ڏَنَ پَرُوءَ طور ڪئي ۽ ٿورڙو ڏَنُ پريائون. سندس راءِ جو آڌار گهٽو ڪري راورتي آهي، جنهن مهران آف سنڌ (JASB 1892) ۾ اهڙي راءِ ڏني آهي، پر اها درست ناهي.

نوشيروان جو ذاتي طبيب بُرزويا سنڌ مان پنچتنتر نالي هڪ ڪتاب ڪٽي ويو، جنهن کي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪري قليلہ وَ دِمنہ نالو ڏنو ويو.

طبقات العمام هي واقعو بيان ڪيو آهي.

**535-547ع:**

ڪاسموس انڊيڪوپليَسٽس نالي اسڪندريا جي رهاڪو يونانيءَ پاران 'ڪرسچن ٽوپوگرافي' لکجڻ. هي ڪتاب ٻڌائي ٿو تہ فِسون (سنڌو) درياءَ هُنن جي ملڪ ۽ هند جي سمورن ملڪن جي وچ تي سنڌو آهي. هي احوال 525-535ع واري عرصي بابت صورتحال چٽي ڪري ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ هُنن ڪڏهن بہ سنڌ مٿان حڪومت نہ ڪئي هجي ۽ سنڌ جا راءِ هُنن جا ڏَنَ پرُو هجڻ وارو ڏُڪو درست ناهي. پنجين صديءَ ۾ هُنن کي رڳو خيبر پختونخوا ۽ پنجاب ۾ ٿوري وقت لاءِ ڪاميابي ٿي هئي.

مِڪ ڪرنڊل، ڪرسچن ٽوپوگرافي (انگريزي ترجمو)، لنڊن، 1897. ڪاسموس سنڌ جي واپاري اسمن جهڙوڪ ڪٿُوري (مُشڪ)، سُٽ ۽ ڪپڙي جو احوال ڏنو آهي.

**540ع:**

اچي هُن مهرگل جو موت، جنهن لڳي ٿو راءِ گهراڻي کي وڏيڪ جتاءُ ڏنو.

**570ع:**

پيغمبر محمد (صلي الله عليہ وسلم) جو مڪي ۾ ڄمڻ.

**589-620ع:**

خسرو-ٻئين جو دور ۽ ساساني وِڳوڙن جي شروعات، جنهن سنڌن زوال آندو ۽ سنڌس موت جي 20 سالن اندر عرب اپري آيا.

**590-600ع (صديءَ جي پڇاڙي):**

پرِياڪاترا وَردنا، هريش جي پيءُ ۽ ٿانيسَور جي راجا گڏجي سنڌو ديس (ليڪڪ جو مطلب آهي سنڌ) جي راجا سان هڪ ٻي سوپ جنگ جوٽي.

ڪوويل، بانا، هرساڪاريتا، ص. 101. سنڌ مٿان انوقت راءِ گهراڻي جو راج هو. هيءَ لڳي ٿو هڪ ٻي نتيجي جهڙپ هئي.

**600ع:**

هيُون سانگ جو ڄمڻ.

**600ع (ستت پوءِ):**

راجا سِهارس-ٻيون سندس ملڪ تي هلان ڪري ۽ ڪرمان رستي مڪران ۾

چچنامو، ص. 15-16.

گهڙي آيل نمروز جي بادشاھ سان هڪ ويڙھ ۾ مارجي ويو. ايراني لشڪر کي ان هوندي بہ شڪست ٿي. سندس وارث پٽس راءِ سِهاسي-ٻيون بڻيو، جنهن ڪيچ ويجهو جنگ جي واڳ سنڀالي. جيئن تہ نمروز کان مڪران تائين سڀ کان ٿوري پنڌ وارو دڳ ڪرمان وارو نہ هو، سو ٿي سگهي ٿو تہ ايراني بادشاھ ڪرمان وارو 830 ميل ڊگهو دڳ وٺڻ بجاءِ 280 ميل پنڌ وارو سڌو دڳ وٺي آيو هوندو. مڪران جي گهڻي ڀاڱي آبادي جاٽ هئا.

هي سال چچنامي جي واقعن آڌار آهي، جيڪو ويساھ جوڳو ناهي، ڇاڪاڻ تہ چچ تخت تي 640ع کان پوءِ ويٺو ۽ راءِ گهراڻي جي سچ جي 133 سالن واري راڄ جي شروعات 507ع ڌاري ٿيهي ٿي. جيڪڏهن چچنامي جا سنہ درست مڃجن تہ راءِ سِهارس 599-600ع ڌاري حڪومت شروع ڪئي هوندي ۽ جيڪڏهن چچ 640ع ۾ تخت تي ويٺو تہ پوءِ اٽڪل 607ع ڌاري.

**606-646 يا 647ع:**

هريش اقتدار ۾ آيو. سنڌ فتح ڪرڻ جون ٻہ سوڀ ڪوششون ڪيائين (سنڌوءَ جي راجا کي واڙي ۽ سندس ملڪيت ڦٻائي). جيئن تہ هريش پنهنجون جنگيون 600-612ع ۽ وري 620-630ع جي وچ تي وڙهيو، سو سنڌ مٿان فوجي ڪاھ ٿي سگهي ٿو 620-630ع جي وچ تي ٿي هجي. هريش جا کُڙھ وَنايا، سنڌ، ايران وغيرھ جي گهوڙن سان ڀريل هوندا هئا. سنڌ مٿان ڪاھ ڪرڻ لاءِ ڪيس پهريان ڪچ کي مات ڪرڻو ٿي پيو، جيڪو انهن ڏينهن ۾ وَلاڀي جي بادشاهيءَ جو حصو هو، جنهن جي مالوا ۽ گجرات مٿان پڻ حڪمراني هئي. وَلاڀي ڪيس شڪست ڏئي ڊوڙائي ڪڍيو. جيئن تہ رڻ ڪچ هڪ ٽانگهي ڪاري هو، سو سنڌ ڏانهن اچڻ جو سڀ کان سولو دڳ ڪچ رستي هو.

ڪوويل، هرشا، ص. 50 ۽ 91. انوقت سنڌ جو راجا راءِ سِهاسي-ٻيون هو. ڪوويل جو آڌار بانا جو اهو بيان آهي تہ هريش سنڌوءَ جو راڄ ڏٺي ٽيڻ جي تپ ۾ ٻري رهيو هو. پر هن جو اصل مطلب اهو آهي تہ هريش سنڌ جو هڪ خطرناڪ دشمن هو. ائين بہ لڳي ٿو تہ رياستون جهڙوڪ اتر ۾ گنڌارا، هُونا ۽ سنڌو ۽ ڏکڻ ۾ لتا، مالوا ۽ گجرات سڀ جو سڀ هريش سان ٺهيل نہ هيون ۽ سندس ڊپ ۾ ورتل هيون. ساڳي راءِ آر. سِي. مجمدار ڊپارٽمينٽ آف ليٽرس، ڪلڪتا يونيورسٽي جي جرنل جلد X، ص. 1، ۾ ڏني آهي.
هِيُون سانگ سنڌ کي هڪ مضبوط ۽ آزاد ملڪ ڏٺو. ان مان ظاهر آهي تہ هريش جي فوجي مهم اجائي وئي. مهم جي سنہ بابت چندبڄاڻ ترپاٺي، ائنلز آف ڀنڊارڪر انسٽيٽيوٽ پاران ڇپايل پنهنجي ’هسٽري آف قنوج‘ جلد III، ۾ ص. 360 تي ۽ پروسيڊنگس آف دي انڊين هسٽري، جلد II، ۾ ص. 596 تي ڪئي آهي. وِليَمس، ص. 63-68.

وَلاڀي مالوا، گجرات ۽ ڪچ مٿان لڳ ڀڳ 500ع کان وٺي راڄ ڪيو.

**606-647ع:**

هرساڪاريتا (سنسڪرت) جو ليکڪ بانا ٿانيسوَر جي راجا هريش ديو جي درٻار ۾ رهيو. ڪتاب سندس سرپرست جي تخت نشينيءَ جي تاريخ آهي ۽ انهي جي سنڌ سان لاڳاپن جو احوال ڏئي ٿو. بانا پاران هريش جي ظاهر ظهور تابعداريءَ جي ڪري هن جو ڪو خاص قدر قيمت ڪونهي.

اِي. بِي. ڪوويل ۽ ايف. ڊبليو. ٿومس پاران ترجمو ڪيل ڪتاب لنڊن مان 1897 ۾ ڇپيو.

**609ع:**

اسلام جو جنم.

**610-626ع:**

خسرو پرويز 610-626ع ۾ ملتان ۾ سون ۽ چانديءَ جا سِڪا ٺپيا. انهي وقت گهٽ ۾ گهٽ ملتان ساسانين جي هٿ هيٺ هو. ساڳي طرح شري واسوديو جو سنہ 627ع وارو ٻہ-ٻوليو سِڪو ڪنهن ايراني سٽراپ جي حڪومت ظاهر ڪري ٿو. وَسير کي بهمڻ (بهمڻ آباد)، ملتان، زابلستان ۽ راجپوتانا جو ايراني سٽراپ سڏيو وڃي ٿو.

سينٽ پيرُڪ، ساسانين ڪُئائنس، ص. 125.
ريپسن، انڊين ڪُئائنس، ص. 30 ۽ 109.
سنڌ راءِ جي حاڪميت هيٺ آزاد هئي. لڳي ٿو تہ راءِ ملتان تي 622ع کان اڳ قبضو ڪيو ۽ اتي پنهنجو گورنر مقرر ڪيائين.

**622ع:**

پيغمبر محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي مڪي کان مديني هجرت ۽ هجري سنہ جي شروعات.

**622ع / 1هه:**

راءِ سِهاسي جي بادشاهيءَ جي گاديءَ جو هنڌ الور هو ۽ منجهس چار صوبا (پرڳڻا) هئا: بهمڻ آباد (لاڙ سنڌ)، سِوستان (ڏکڻ-اولهه سنڌ ۽ اولاهيون ٽڪريون)، اِسڪندا (گهٽو ڪري اُچ) ۽ ملتان .

چچنامو، ص. 14-17. هِيُون سانگ 640ع ۾ ساڳي صورتحال ڏني، پر مڪران، ڪئڪان ۽ سبي اڳتي هلي راءِ سِهارس-ٻئين يا چچ گڏايا. داخلا 640ع ڏسو.

**622-738ع:**

اسلام جو پکڙجڻ.

**624/25ع:**

ايران جي بادشاهه خسرو وٽ مهاراشٽر جي چَلوُڪي راجا پُلاڪسِين-ٻئين جو ڪو ايلچي پهتو. انهي سنڌ سان پڻ سٺا لاڳاپا ناهي ورتا هئا.

طبري هن واقعي جو ذڪر ڪيو آهي.

مجمدار راجا جو نالو ڏنو آهي. HCIP، جلد IV.

خسرو 590-628ع تائين حڪومت ڪئي. اَجانتا غار سندس چَلوُڪيَن سان سٺن لاڳاپن جي شاهدي ڏين ٿا.

سندس ذاتي محافظ سنڌي ۽ بلوچ هئا.

**627ع:**

هِيُون سانگ هند ڏانهن هليو.

**617ع ڊسمبر:**

رومي بادشاهه هِراڪليَس (610-641ع) ايراني بادشاهه خسرو پرويز کي نينوا وٽ شڪست ڏني ۽ جشن ملهائڻ وقت سنڌ جي راجا پنهنجو ايلچي مبارڪباد جو پيغام ڏئي قسطنطنيه موڪليو.

**630ع:**

پيغمبر محمد (صلي الله عليه وسلم) پاران مڪو فتح ڪرڻ.

گِبَن، ڊڪلائين اينڊ فال آف دي رومن ايمپاير، جلد VIII، ص. 157.

**630-644ع:**

هِيُون سانگ ڏکڻ ايشيا ۾ گهميو. 630ع ۾ سنڌ جو اتر-اولهه وارو دنگ ڏنائين. سنڌ چئن رياستن تي ٻڌل هئي:

(الف) سنڌ پاڻ،

(ب) اَتائِين-پو-چِيه-لو،

(پ) پيو-شِيه-لو ۽

(ڀ) آَ-فَنتُو.

هنن چئن رياستن ۾ انوقت جي پنجنَد ۽ سمنڊ جي وچ وارو سمورو علائقو اچي ٿي ويو. سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪنڌيءَ تي ملتان ۽ ساڄي ڪنڌيءَ تي بنون هئا. سنڌ جي اولهه ۾ لينگ-ڪائِي-لو جو ملڪ هو، ٿلهي ليکي مڪران ۽ ڪرمان، جيڪي ٻئي 630ع ۾ ايران جي اختيار هيٺ هئا.

هومو (اورمز) مڪران ۽ ڪرمان جي وچ تي دنگ وارو شهر هو. مڪران جي اتر ۽ بنون جي اولهه ۾ ڪِي-ڪِيانگ-نا (ڪئڪان) هو. انهي جو ڪو سربراهه نه هو، پر مقامي قبيلن ۾ ورهايل هو.

واٽرس، جلد I، ص. 226. چچنامو، ص. 14-17، ٻڌائي ٿو ته ملتان، مڪران ۽ ڪئڪان سڀ سنڌ جا ماتحت ملڪ هئا. اهو سچ ٿي سگهي ٿو ته چچ جي تخت سنڀالڻ کان ٿورڙو پوءِ پرانهن صوبن آزاديءَ جو اعلان ڪيو هو، جيئن هيون سانگ به ٻڌايو هوندو، پر چچ سنت ئي انهن کي پنهنجي ملڪ ۾ ملائي ڇڏيو.

هيُون سانگ ٻڌائي ٿو ته ڏکڻ ايشيا ۾ هر بادشاهيءَ وٽ لکپڙهه ۽ مصيبتون ۽ ڀاڳ چڱن ۽ بڇڙن عنصرن سان منسوب ڪرڻ لاءِ پنهنجو عملدار هو. هنن روزاني ڪارگذارين کي جيستائين راجاترنگيني (ڪشمير جي تاريخ) يا پُوتر پُراڻن وارو درجو نٿي مليو، اهي ان راڄ گهراڻي جا ڀاڳ جياري نٿي سگهيون، جنهن جي تاريخ انهن لکي پئي. چچنامي واري جاڙ ٿي سگهي ٿو راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن بابت اهڙن دستاويزن مان ملي هوندي.

**630ع:**

انوقت سنڌ جي اولاهين جابلو پٽيءَ ۾ رهندڙ قبيلن جي چال چلت گهٽو

وِليَمس مطابق ڪڇ سنڌ جو هڪ حصو هو ۽ ڪِتا يا ڪِچا وَلايي بادشاهت

ڪري ساڳي ئي هوندي، جيڪا اڄ ڪان صرف ڪجهه ڏهاڪا اڳ هئي. هيون سانگ ٻڌائي ٿو ته اهي وحشي هئا، ڪنهن جي حياتي ڪسڻ پنهنجو ڏنتو سمجهندا هئا، ڳائو-ماهيو مال ڌاريندا هئا، ڪنهن منظم حڪومت کي نه مڃيندا هئا ۽ جيتوڻيڪ ٻوڌي هئا ۽ انهن جهڙا لڳندا به هئا، پر سندن اهو چهرو رڳو ڏيکاءَ لاءِ هوندو هو، جو ته اصل ۾ اهي ڏاڍا بي رحم ۽ ظالم ۽ هئا. سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم ڏنائين، پر ٻوڌي ٻاوا ڪُپتيا ۽ جهجهي انگ ۾ هئا.

جو هڪ حصو هو. ڪِٿا هاڻ ڪٿرا ضلعي ۾ آهي. هيون سانگ الور ڪان 267 ميل ڏکڻ سفر ڪري انوقت سنڌ جي شهر لڪپت ويجهو ڪوٽيشوَر پهتو. وَلايي ڪڇ مٿان اٽڪل 500ع ڪان راڄ ڪيو، پر انهن جي زوال ڪان پوءِ راءِ ان مٿان قبضو ڪندو ڏسجي ٿو. ڪڇ ڪان سواءِ، جنهن جو رڻ هڪ تڪي ساموندي ڪاري هجي، سنڌ جو بچاءُ هوند ڏکيو ٿئي ها.

**632ع:**

پيغمبر محمد (صلي الله عليه وسلم) جو لاڏاڻو.

حضرت ابو بڪر پهريون خليفو بڻيو.

**634-644ع:**

حضرت عمر جي خلافت، خليفي ابو بڪر جي وفات ڪان پوءِ.

**635/36ع / 14هه:**

عربن هٿان زيت السلاسل واري جنگ ۾ پهرين شڪست ٿيڻ ڪري ايران جي بادشاهه يزدگرد بن شهريار بن پرويز سيني پاسن ڪان مدد گهري. سنڌ جي راجا لشڪر ۽ هاٿي موڪليس، جن ۾ سندس پنهنجي چڙهيءَ جو اڇو هاٿي به شامل هو. ٽن ڏينهن ۽ راتين جي جنگ ۾ عربن کي وڏ ۾ وڏ نقصان سنڌ جي هاٿين رسايو. وڏو نقصان پهچائيندڙ اڃا هاٿي ٽن ڏينهن ڪان پوءِ مارجي ويا.

هن جنگ ۾ سنڌ جا جاٽ پيرن ۾ زنجيرون ٻڌل وڙهيا. تنهنڪري هيءَ جنگ زنجيرن واري جنگ (زيت السلاسل) سڏجي ٿي.

**636ع:**

قادسيان واري جنگ، جنهن ۾ عربن ايراني سلطنت کي تر ڏيکاري ڇڏيو. سنڌ مٿان پوري اختيار دوران ايرانين سنڌ ۽ پنجاب جا جاٽ پنهنجي لشڪر ۾ ڀرتي ڪيا هئا. ايراني لشڪر جي شڪست ڪان پوءِ جاٽ پنهنجا ڪجهه شرط مڃائي عرب لشڪر ۾ شامل ٿي ويا. حضرت علي جي خلافت دوران جاٽن کي 637ع ۾ بصري ۾ وسايو ويو. اڳتي هلي ڪوفي جي گورنر عثمان بن حُنيف انصاري کين سندن سُپتيائپ، سچائي ۽ سورهيائيءَ جي ڪري جمل واري جنگ ۾ خزاني جي سنڀال تي رکيو. ايندڙ 8 سالن اندر سموري ايراني سلطنت، هرات تائين، عرب سلطنت ۾ شامل ٿي وئي.

طبري جي مرگوٽن واري ترجمي پورا احوال ڏنا آهن. شبلي نعماني، الفاروق، جلد II، ۾ ص. 214 تي ايراني سلطان جي محل ۾ سنڌ جي حاڪم جا هٿيار هجڻ جي تصديق ڪري ٿو.

**636-644ع:**

سمورو ايران، هرات تائين، عرب سلطنت ۾ شامل ٿي ويو.

مُعير، ڪيليفيٽ، ص. 46.

**637ع / 15هه:**

ڏکڻ ايشيا تي عربن جي پهرين بحري ڪاهه: ٻَروَس (بروچ) ۽ بمبئي ويجهو ٿانا وٽ، بحرين جي گورنر عثمان جي ڀاءُ الحَڪم بن ابي العاص جي سالاريءَ ۾. ٻيو ڀاڻس مغيره ديبل واري ساموندي ڇُڪَ ۾ گهڙيو، پر انهي کي ڪجهه پلئه نه پيو.

بِلاذُري (لائيڊن)، ص. 431-432؛ ۽ (قاهرا)، ص. 438. ايليَٽ، ص. 155-166 ۽ 414-416.

اين. اي. بلوچ، اسلامڪ ڪلچر، جولاءِ 1948. چچنامي ۾ پهريون واقعو نه آيو آهي. مغيره جي ڪاهه بابت چچنامي ۾ ص. 33 تي سندس شڪست ۽ مارجڻ ڏنل آهي، پر ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، بلاذري آڌار، ڏيکاريو آهي ته

# 499_640/41ع
# سنڌ جو راءِ گهراڻو ۽ سنڌن همعصر

| عيسوي سال | سنڌ<br>راءِ | ڪاٺياواڙ ۽ پاوانگر<br>وَلاڀي | راجپوتانا<br>گُجر - پرِتيهار | ڏکڻ گجرات، بروچ<br>گُجر - پرِتيهار | ڪڇ | ايران<br>ساساني |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 490 | مالوا جا هُن<br>499 - 475 | | | | | پارٿي<br>جامَسپ 497 - 499 |
| 500 | | | | | گُپتا گورنر 499 - 500 | |
| 505 | راءِ ديواجي | | | | | |
| 510 | | | | | | ڪاواد-پهريون<br>531 - 499 |
| 515 | راءِ سِهارَس-پهريون | سيناپَتي ڀَٽرڪا<br>520 - 509 | | | | |
| 520 | | | | | | |
| 525 | | ڌُرووَاسينا<br>535 - 520 | | | | |
| 530 | | | | | | |
| 535 | | | | | | |
| 540 | راءِ سِهاسي-پهريون | | | | | |
| 545 | | ڌَرپَتا ڌَراسينا<br>556 - 535 | | | | |
| 550 | | | | | | |
| 555 | | | | | | خُسرَو-پهريون<br>578 - 531 |
| 560 | ۽ | گُهاسينا<br>569 - 556 | | | | |
| 565 | | | | | | |
| 570 | | | | | سنڌ جي راءِ گهراڻي<br>جي راج هيٺ<br>640/41 - 500 | |
| 575 | | ڌَراسينا-ٻيون<br>580 - 569 | | | | |
| 580 | سِهارَس-ٻيون | | هيمچندرا<br>رَجيلا<br>نَرڀاٽا<br>نالي<br>گُجر - پرِتيهارن<br>640 - 550<br>جي وچ تي<br>حڪومت ڪئي | | | هُرمُزد-چوٿون<br>590 - 578 |
| 585 | (چار ٽي) | | | دَدا-پهريون<br>گُجر - پرِتيهار<br>600 - 575 | | |
| 590 | 600 - 499 | | | | | |
| 595 | | سِل آڏت ڌرم آڏت<br>612 - 580 | | | | |
| 600 | | | | | | |
| 605 | | | | | | خُسرَو-ٻيون<br>628 - 590 |
| 610 | | | | دَدا جو پٽ<br>627 - 600 | | |
| 615 | | ڪاهاراگرَها 612 - 615 | | | | |
| 620 | راءِ سِهاسي-ٻيون<br>640/41 - 600 | ڌَراسينا-ٽيون 515 - 520 | | | | |
| 625 | | ڌُرووَاسينا-ٻيون<br>640 - 620 | | | | |
| 630 | | | | | | اردشير-ٽيون 628 - 630 |
| 635 | | | | دَدا-ٻيون<br>پرَسنترگا<br>641 - 627 | | يَزدگرد-ٽيون<br>651 - 632 |
| 640 | | | | | | |
| 645 | برهمڻ گهراڻو<br>640/41 - 712ع | ڌَراسينا-چوٿون<br>650 - 640 | ٽاٽا راجا<br>۽ سندس پونير | ڄَياڀاٽا-ٻيون<br>641 - ؟ | سنڌ جو برهمڻ گهراڻو | |
| 650 | | | | | | عرب گورنر 636 کان اڳتي |

نوٽ: راءِ سِهارَس-ٻئين ۽ راءِ سِهاسي-ٻئين جا قنوج ۾ همعصر هئا: پرَڀاڪودرا وَردَنا، 590 - 600ع ۽ هريش، 600 - 647ع.

## نقشو نمبر 26

# 640ع

# سنڌ جو راءِ سهاسي ـ ٻيون، هرش جي سلطنت ۽ همعصر ننڍو کنڊ (ڏکڻ ايشيا)




**نوٽ:**

هي گرم آبهوا ۽ گهٽي مينهن ۽ نتيجي ۾ ڏيهي راڄ گهراڻن جي اُسرڻ وارو دور هو، جن زرراعت کي همٿايو ۽ ان سان اَپت ۽ واپار کي هٿي ملي. وڏا شهر 400ع کان ٺهيا ۽ سنڌ ۾ ٻوڌي ٿوپ (اسٽوپا) انهي دور ۾ ٺهيا، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو تہ ملڪ سکيو ستابو هو ۽ واپار شهري ٻوڌين جي هٿن ۾ هو، جن شاندار ڌرمي اڏاوتون جوڙڻ ۾ حصو ملايو.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

اهو ماريو نہ هو. خليفي عمر گورنر عثمان جي قدم کي اهو چئي ناپسند ڪيو تہ وڏن سمندن ۾ لشڪر موڪلڻ انتهائي جوکائتو هو. ٻيو واقعو ٿي سگهي ٿو 21هہ ۾ ٿيو هجي.

**639ع:**
عربن مصر فتح ڪئي.

**640ع يا ٿورو پوءِ:**
ايراني سلطنت ۾ وڳوڙ سبب چچ يا راءِ سِهاسي پنهنجي بادشاهي انهي پاسي وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مڪران، جهلاوان، گنداوا وغيره تي قبضو ڪري ڪرمان ۽ مڪران کي چنندڙ ڪنهن ڏارا وٹ پنهجو دنگ مقرر ڪري ڇڏيائين.

چچنامو، ص. 35-47.

ٿي سگهي ٿو تہ هن جي ڪري سنڌ مٿان عربن جي پهرين ڪاهہ ڪنهن بحري ڪاهہ يا خليفي عثمان واري ديبل خلاف مهم جي روپ ۾ ٿي هجي، ڇاڪاڻ تہ عربن مڪران کي ايراني سلطنت جو حصو ۽ ان ليکي پنهنجي بادشاهيءَ جو حصو ٿي سمجهيو. ڪنهن وقت ساساني راڄ هيٺ رهندڙ هي علائقا اصل ۾ 637ع ۾ ايراني سلنت ڊهڻ وقت آزاد ٿي ويا هئا.

**640ع:**
ٻوڌي قانون جو ماهر هيون سانگ سنڌ ۾ آيو ۽ اتي ڪنهن شودر کي راڄ ڪندو ڏٺائين. لڳي ٿو تہ راءِ گهراڻو اانوقت تائين سنڌ تي راڄ ڪري رهيو هو، تنهنڪري چچنامي جا ڏنل سنہ غلط آهن. انهي سنڌ ۾ 10،000 ٻوڌي ٻاوا ڏٺا، جن ڪو ڪم نٿي ڪيو ۽ رڳو مَڌُ ۽ مُوملن ۾ مست هئا. هيون سانگ افغانستان سميت اتر-الهندي ڏکڻ ايشيا ۾ ٽي سلطنتون ڏٺيون: اتر ۾ ڪاپيسِي (افغانستان)، ڏکڻ ۾ سنڌو يا سنڌ ۽ ٻنهي جي وچ تي زائو-ڪُوٿا يا زائو-لو (گنڌارا) ۽ سنڌوءَ جي اولهہ ۾ لينگ-ڪائي-لو (مڪران ۽ ڪرمان) جي بادشاهي، جيڪا ايراني راڄ هيٺ هئي ۽ ساڳيو ئي حال ڪِي-ڪيانگ-نا (ڪئڪان) جو بہ هو.

ڏٺائين تہ ٻڌ ڌرم گهٽائيءَ جو ڌرم هو، پر پوئتي پوندو پئي ويو. ساڳيو حال اولاهين ٽڪرين (قلات) جو بہ ڏٺائين. انهي جو سبب اهو هو تہ هُنن ۽ ڪُشانن جا ويڙهاڪ چڱا مڙس مقامي ويڙهاڪ چڱن مڙسن سان ثقافتي توڙي سگهاوتي طور رَلي مِلي ويا هئا. انهن جو اولاد پاڻ کي هندو کهاوتن موجب کتري سڏائي هندو ديوتائن کي پوڄڻ لڳو هو ۽ سنڌ ۽ ڪڇ مٿان راڄ جي دعويداري ڪرڻ لڳو هو. راءِ گهراڻو بہ ٿي سگهي ٿو ائين ئي ٺهيو هجي. ساڳئي وقت جين ڌرم سنڌ ۽ ڪڇ ۾ پکڙجڻ شروع ٿيو.
وليمس، ص. 67.

# برهمڻ گهراڻو

**640ع يا 10ھ کان سُتت پوءِ:**
**چچ جو سنڌ جي گادي سنڀالڻ.**

چچنامو، ص. 23-28.

چچنامي يا بلاذري يا تحفتہ الڪرام پاران ٻڌايل سنڌس تخت نشينيءَ جا سال 602، 622 يا 632ع غلط آهن، ڇاڪاڻ تہ هِيُون سانگ 640ع ۾ سنڌ ۾ ڪنهن شودر (راءِ گهراڻو) کي حڪومت ڪندي ڏٺو. چِتوڙ جي راجا ۽ سِهاسي جي مائٽ راڻا مهراٿ، راءِ سِهاسي جي موت ۽ چچ هٿان سنڌس سيني پونيرن ۽ مائٽن جي دوکيبازيءَ سان مارجڻ ۽ تخت تي قبضي جو ٻڌي سنڌ مٿان ڪاھ ڪئي، پر هڪ ئي ويڙھ ۾ چچ هٿان مارجي ويو.

چچنامو، ص. 27-28، سنہ 10ھ يا 632ع ڏئي ٿو، جيڪو هيُون سانگ جي بيان جي حساب سان غلط آهي.

**640-644ع:**

چچ جي گادي سنڀالڻ کان ٿورو پوءِ سنڌ جي چئني ٻاهرين پرڳڻن، جيڪي هيُون سانگ سنڌ جو حصو ڏٺا، سيني آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو. جيئن تہ انهي سنڌ ۾ ڪو شودر حڪومت ڪندي ڏٺو، سو ٿي سگهي ٿو تہ چچ 640ع کان پوءِ تخت تي ويٺو هجي ۽ چئن پرڳڻن انهي پاران قبضو ڪرڻ تي بغاوت ڪئي هجي. ٻي ڳالھ تہ هي هڪ برهمڻ هو ۽ آبادي حاڪمن سميت ٻوڙي هئي. چچ پنهنجي سر پاڻ پهريان اِسڪندا ۽ ملتان تي ۽ پوءِ سيوِستان ۽ بهمڻ آباد جي گورنرن تي چڙهائي ڪئي ۽ سيني کي مات ڪيائين. ملتان پرڳڻي ۾ پورو اوپر ۽ ڏکڻ پنجاب ڪشمير جي دنگ تائين شامل هو، اتر ۽ اتر-اولھ پنجاب نہ. اوپر پنجاب ۾ ڪشمير جي ٽڪرين ويجهو پنج-مَهِيَت (پنج-نَهِيَت) نالي نديءَ تي ڪو ٻوٽو پو ڪيائين.
سيوِستان يا سيوهڻ ۾ عرب جاگرافيدانن وارو اَرمابيل (لسٻيلو)، مڪران، روجهاڻ ۽ الهنديون ٽڪريون گنداوا تائين شامل هئا. اهو ٻُڌيا جي گاديءَ جو هنڌ هو.

قليچ، چچنامو، ص. 27، 30 ۽ 192. بغاوت ڪرڻ وارن قبيلن مان سمن، سهتن، چنن، لوهاڻن ۽ جاٽن جو ذڪر چچنامي ۾ آيو آهي. لڳي ائين ٿو تہ ٻوڏي ٻاون (شَمانين) مٿان هٿ ڦيرائي بغاوت کي دٻايو ويو هو، ڇاڪاڻ تہ عربن 711ع ۾ گهٽي ياڳي قلعا انهن جي قبضي ۾ ڏٺا. بهمڻ آباد جي طاقتور گورنر اَگهِڻ (اَگهَم يا اَگهاماڻي) لوهاڻي شڪست ڪاڏي ۽ مارجي ويو.

**642/43ع / 21ھ:**

خليفي عمر پاڻيءَ واري فوج جو هڪ جٿو مُغيره جي مهنداريءَ ۾ ديبل تي چاڙهي موڪليو. عربن جي لشڪر کي شڪست ٿي ۽ سندن مهندار ديبل واري جنگ ۾ چچ جي گورنر هٿان مارجي ويو. خليفي ٻيو لشڪر مڪران ۽ ڪِرمان ڏانهن موڪليو، پر عراق جي گورنر جي ان صلاح تي تہ سنڌ جو بادشاھ ڏاڍو طاقور آهي سنڌ تي وڌيڪ ڪاهون بند ڪيون ويون.
بلاذري لکي ٿو تہ خليفي کي ٻڌايو ويو تہ سنڌ تائين رَسڻ واري واٽ تي پاڻيءَ جي اڻاٺ، خراب ميوا ۽ ڪنهن جي ٻہ نہ ٻڌنڊڙ چور آهن. جيڪڏهن ننڍو لشڪر موڪليو ويو تہ ڏاڙيل ان کي ناس ڪري ڇڏيندا ۽ جيڪڏهن وڏو لشڪر موڪليو ويو تہ اهو اُڃ وگهي مري ويندو. هيءُ مڪران واري رستي جو بلڪل سچو پچو منظر هو.

چچنامو، ص. 72-73، سنہ 11ھ ڏئي ٿو، پر اها هڪ غلطي آهي، ڇاڪاڻ تہ بلاذري (قاهرا) ص. 38، مسلمانن جي ديبل ۾ فتح 21ھ ۾ لکي ٿو. مرگوٿن، ص. 209.
تاريخ گُزيدا، ص. 181، ٻڌائي ٿي تہ عربن هن پيري مڪران، ڪرمان ۽ سِجستان فتح ڪيو ۽ سنڌ جي حاڪمن مڪران جي واليءَ جي مدد ڪئي. حسن بن محمد شيرازي ان ۾ واڌارو ڪري ٿو تہ زنبيل نالي مڪران جو حاڪم سنڌ جو پڻ راجا هو ۽ مارجي ويو. طبري ۽ حبيب السِيار (پرائس وارو ترجمو) جلد I، ص. 138 پڻ هن مهم جو حوالو ڏنو آهي. چچنامي جي ڳالھ ويساھ جوڳي سمجهي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ تہ مڪران ۽ سجستان گهٽو پوءِ فتح ٿيا.

بلاذري هن مهم بابت ماٺ آهي.

چچنامو، ص. 73-74، ٻڌائي ٿو ته چچ 35 سال راج ڪري چڪو هو، تڏهن هيءَ ڪاهه ٿي. هي ٽي سگهي ٿو درست نه هجي. هي سندس راڄ شروع ٿيڻ جا پهريان پنج سال ٿي سگهن ٿا يا وڌيڪ ممڪن آهي ته راءِ سِهاسي-ٻئين جو راڄ هجي.

**643ع / 22هه:**

عبدالله بن اَمر بن رابي ڪرمان مٿان ڪاهه ڪئي، سيستان (سِجستان) ۾ گهڙيو ۽ مڪران ڏانهن وڌيو. اتان جو حاڪم راسل هڪ ويڙهه ۾ مارجي ويو، جنهن ۾ سنڌ جي حاڪم ڪيس ماڻهو ۽ اوزار مدد ۾ موڪليا هئا.

اها پڪ ناهي ته عربن فتح ماڻي. اهو هڪ بي سوپ حملو ٿي سگهي ٿو، ايرندي مڪران مٿان نه، جيڪو سنڌ جو حصو هو، پر الهندي مڪران مٿان، جيڪو سنڌ جو حصو نه هو.

چچنامو، ص. 74-76.

راورٽي، نوٽس آن افغانستان ۾ چوي ٿو ته هي ساڳيو 600ع وارو واقعو آهي، جنهن ۾ غلطيءَ وچان عربن خلاف نمروز جي بادشاهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هي رايو مڃڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ ته ساڳئي ليکڪ ٻئي واقعا بيان ڪيا آهن.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته راسِل چچ جو ڏَن پِرُو هو.

اَرلي هسٽري آف انڊيا جو چوڻ ته عربن سنڌ جي راجا کي شڪست ڏني سچ کان گهٽ پري آهي.

**645ع:**

هيُون سانگ چين موٽيو.

**650ع:**

عرب سلطنت جو اتريون دنگ آمون تائين وڌيو ۽ آمون ۽ هندوڪش جي وچ وارا سمورا ملڪ ان جو حصو بڻجي ويا.

مُعِر، ڪيليفيٽ، اٽس رائيز، ڊڪلائين اينڊ فال، ص. 51.

**650ع:**

بصري جي گورنر هند جي دنگ تي موجود سجستان (سيستان) تي لشڪر چاڙهي موڪليو. ان ڪجهه ڪاميابي ماڻي ۽ هلمند درياءَ وٽي بُست تائين ويو، پر سُٽت ئي جيڪو ڪجهه هٿ ڪيو هئائين سڀ ڇڏي موٽڻو پيس.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 432.

ابن عاصر (قاهرا)، جلد III، ص. 22.

**650/51ع / 30هه:**

خليفي عثمان، حڪيم بن جبالہ العابدي کي سنڌ ۽ هند موڪليو، پر انهي هڪ اڻائي رپورٽ ڏني ۽ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ واري رٿا ڇڏڻي پئي.

اهڙي ئي هڪ رپورٽ تي خليفي عمر 643/44ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو هو.

بلاذري (مرگوٽن)، ص. 209-210.

چچنامو، ص. 74-77.

**651ع:**

آخري ساساني بادشاهه جي وفات ۽ عربن جو ايراني سلطنت مٿان مڪمل ڪنٽرول ٿي ويو.

**658-660ع / 38-39هه:**

حضرت عليءَ جي خلافت دوران ڏکڻ ايشيا تي حارث بن ابوالقيس جي مهنداريءَ ۾ هڪ وڏو لشڪر موڪليو ويو. لشڪر بنا ڪنهن مُهاڏي جي ڪئڪان (بلوچستان ۾ قلات جي چوڌاري جابلو علائقو) تائين پهتو، جيڪو سنڌ جو حصو هو. مهندار حارث بن ابوالقيس 42هه (663ع) ۾ ڪن ٽورڙن ڪان سواءِ سمورن ساٿين سميت مارجي ويو.

بلاذري، ص. 432.

چچنامو ٻڌائي ٿو ته مسلمان لشڪر فتح ماڻي، پر حضرت عليءَ جي مارجڻ سبب موٽي ويو. چچنامي سنه 80هه ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.

چچنامو، ص. 77.

چچنامي جو آڌار حارث بن ابوالقيس جو پٽ عامر آهي، هڪ ڪٽيل يا هارايل مهندار جو پٽ، تنهنڪري بيان مشڪوڪ ٿي سگهي ٿو.

عاصر، جلد III، ص. 321-322.

ايليَٽ، جلد I، ص. 421-422.

بلاذري مطابق لشڪر جو مهندار حارث بن ماره هو. چچنامي مطابق عربن پاران هٿ ڪيل مال ۾ 1000 ڇوڪريون شامل هيون.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 432 ۽ (قاهرا)، ص. 438.

662ع / 42هه:

چچ گذاري ويو ۽ وڏي پاٽس چندر پٽ سيلاج سندس گادي سنڀالي.

چچنامو، ص. 49-50 سنه 662ع ڏئي ٿو.

مانڪاد سمجهي ٿو ته چچ ڪشمير جو حڪمران هو، پر ڪيس گاديءَ تان لاٿو ويو هو. سندس چچ بابت سنه وار ترتيب هنريت آهي:

نٿو لڳي ته ڪو چچ 40 سال راڄ ڪيو هوندو. وڌ ۾ وڌ 22 سال مس راڄ ڪيو هوندائين.

632-635ع
ڪشمير مٿان راڄ ڪيائين.

مانڪاد، JSHS، جلد VII، ڀاڱو 1 ۽ 2، ص. 7-13.

636-638ع
رلندو رهيو.

چچنامو، ص. 49-50.

638ع
راءِ سِهاسي جي وزير رام سان ملاقات ٿيس.

638-648ع
پنهنجي راهه ناهيائين.

648-688ع
سنڌ مٿان راڄ ڪيائين ۽ راءِ سِهاسي جي بيوهه راڻي سُونهَدي سان 648ع ۾ شادي ڪيائين.

سُونهَدي، سُونهن ديوي ڪري سڃاتل.

695-712ع
ڏاهر سنڌ مٿان راڄ ڪيو.

## 640/41 ـ 725ع
## برهمڻ گهراڻي جا همعصر

| عيسوي سال | سنڌ | اسلامي سلطنت | ڪاٺياواڙ جا وَلاڀِي | ڪڇ | ايران | ڏکڻ گجرات جا گُجر پِرَتيهار |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 635 | راءِ گهراڻو | حضرت عمر فاروق<br>644 - 634 | ڌرُووَاسينا<br>640 - 620 | سنڌ جا راءِ | يزدگرد<br>651 - 632 | دَدا-ٻيون<br>641 - 627 |
| 640 | چَچ بن سيلاج<br>662 - 640/41 | | ڌَراسينا<br>650 - 640 | سنڌ جا برهمڻ<br>اٽڪل 685<br>يا<br>اڃا بہ پوءِ تائين<br>پر<br>696 کان اڳ | | چٺن پرِتيهارن<br>جَيڀاٽا-ٻئين<br>دَدا-ٽئين<br>جَيڀاٽا-ٽئين<br>۽<br>آهِيرولا<br>725 - 641<br>84 سال<br>حڪومت ڪئي |
| 645 | | حضرت عثمان غني<br>658 - 644 | | | | |
| 650 | | | ڌرُووَاسينا 651 - 653 | | بنيادي خليفن جي<br>اسلامي سلطنت<br>جو حصو<br>661ع تائين | |
| 655 | | حضرت علي 656 - 661 | ڪاهاراگرَها<br>(ڌَام آدِت)<br>666 - 653 | | | |
| 660 | | معاويہ-پهريون<br>681 - 661 | | | اُموي گهراڻو<br>749 - 661 | |
| 665 | چندر بن سيلاج<br>669 - 662 | | سِل آدِت-ٽيون<br>684 - 666 | | | |
| 670 | دُوراج بن چچ<br>669/70<br>ڏاهر بن چَچ<br>712 - 669 | | | | | |
| 675 | ڏهرسيا<br>بن چندر<br>700 - 670 | | | | | |
| 680 | | يزيد-پهريون 680 - 683 | | | | |
| 685 | | مروان-ٻيون 683 - 685<br>عبدالمالڪ<br>705 - 685 | سِل آدِت-چوٿون<br>700 - 684 | ڄَسراج چاوڙو<br>696 - 685 | | |
| 690 | | | | | | |
| 695 | | | | ڪلياڻ راج چاوڙو<br>746 - 696 | | |
| 700 | | | سِل آدِت-پنجون<br>735 - 700 | | | |
| 705 | | وَليد-پهريون<br>715 - 705 | | | | |
| 710 | | | | | | |
| 715 | محمد بن قاسم 712 - 715<br>جئسينا<br>بن ڏاهر<br>725 - 715<br>عرب گورنر<br>725 - 715 | سليمان 715 - 717 | | | | |
| 720 | | عمر بن عبدالعزيز 717 - 720<br>يزيد-ٻيون 720 - 724 | | | | |
| 725 | اُموي گورنر<br>746 - 715 | هِشام<br>743 - 724 | | | | جَيڀاٽا-چوٿون<br>735 - 725 |
| 730 | | | | | | |
| 735 | | | سِل آدِت-ڇهون<br>760 - 735 | | | |
| 740 | | | | | | |
| 745 | | ٻيا اُموي | | | | |

**نوٽ:** ڪِجُ ڏَهرسِيا جي مرڻ کان اڳ سنڌ کان ڌار ٿي ويو هو ۽ اتي چاوڙن پوري طرح پير کوڙي ورتا هئا. انهي سبب جي ڪري ڏاهر جو اتان جي سامونڊي ڦورن تي ڪو اختيار نہ هو، جن گهٽو ڪري عربن جا جهاز ڦريا. جئسينا برهمڻ آباد ۾ گهٽو ڪري الور پڻ 715 - 725ع جي وچ تي ورائي ورتا ۽ انهن تي راج ڪيائين.







79. ميرپورخاص وارو ٿوپ (اسٽوپا)، پَرسِي براؤن جي انڊين آرڪيٽيڪچر - ٻڌسٽ اينڊ هندو پيريڊ تان هينري ڪزنس جي اينٽيڪُئٽيز آف سنڌ آڌار سچو ڪيل.






جهل ونگون

1. لڙڪَ
2. گولائي
3. قبو
4. منگهه يا روشندان

80. قُبي جو روپ وٺڻ. ابتدائي طور بازنطيني رومي ايجاد، اسلامي اڏاوتي ڏانءَ ۾ پوري طرح پيهي وئي. ميرپورخاص واري ٿوپ ۾ پڻ ڏسو.





81. گوڙي مندر ٿرپارڪر ۾ سنگ مرمري دروازي جي ٻانهين. (قومي عجائب گهر، ڪراچي).

# اُموي گهراڻو 669_749ع ۾ عربن جون سنڌ تي ڪاهون

**662ع:**

معاويہ جي حڪومت جي ٻئين سال دوران ڪابل ۽ زابلستان فتح ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. سجستان جي گورنر عبدالرحمان بن ساموره جي مهنداريءَ ۾ لشڪر ڪابل مٿان چڙهائي ڪئي ۽ ڪجھ مهينن جي ڪڙي ڪانپوءِ ان تي ڪڙڪيو. ڪابل کان انهي زابل جو رخ ڪيو ۽ اهو فتح ڪيائين. سُتت ئي ڪيس پوئتي سڏيو ويو ۽ ڪابل ۽ زابل جي قبيلن فاتحن کي تڙي ڪڍيو. نئين گورنر هڪ ناهہ ڪيو، جنهن هيٺ ہن سردارن ڪجھ رقم ڀري ڏني.

بلاذري، ص. 396.
يعقوبي، ص. 258.

**662ع:**

ڪئڪانان يا ڪئڪان (قلات جي چوڌاري وارو علائقو) جي جاڻن عربن جي عبدالرحمان بن ساموره ۽ راشد بن عمل جي مهنداريءَ ۾ ڌار ڌار ڪاهن آڏو مهاڏو اٽڪايو. هنن دخل اندازين کي روڪيائون.

ابن عاصر، جلد III، ص. 320-321.
بلاذري، ص. 432.
ايليَٽ، جلد I، ص. 116 ۽ 422.

**664ع:**

هيُون سانگ گذاري ويو.

**664/65ع / 41هه:**

امير معاويہ سنڌ تي پهرين ڪاهہ ڪابل واري پاسي کان مُهلب بن ابي صُفره جي مهنداريءَ هيٺ ڪرائي. ان ڪئڪان (قلات ضلعو)، بَنّہ (بَنُون) ۽ اَهوار (لاهور) مٿان ڪاهون ڪيون، پر لاهور ويجهو هڪ ويڙهہ ۾ مارجي ويو.

عاصر، جلد III، ص. 372-373.
بلاذري (لائيڊن)، ص. 432-433 ۽ (قاهرا)، ص. 438.
ايليَٽ، جلد I، ص. 116-117.
فرشتا (برگس).
مرگوٿن، ص. 201.

**664/65ع / 46هه:**

معاويہ جي خلافت هيٺ عبدالله بن امر، عبدالله بن سَوَّار العابدي کي ڪئڪان (قلات ضلعو) مٿان ڪاهہ ڪرڻ لاءِ موڪليو، جيڪو انوقت سنڌ جو حصو هو. پهرين ڪاهہ ۾ ڪيس ڪاميابي ملي ۽ گهوڙن سميت وڏو مال هٿ ڪيائين، جيڪو معاويہ ڏانهن اماڻيائين، پر ٻين ڪاهہ ۾ شڪست ٿيس ۽ مارجي ويو. اها معاويہ جي دور ۾ ٻين ڪاهہ هئي.

پهرين ڪاهہ دوران "دنيا ڏيڪاريندڙ درسني" نالي هڪ آئينو خليفي ڏانهن موڪليو ويو، جيڪو اموي خزاني ۾ ان تي عباسين جو 750ع ۾ قبضو ٿيڻ تائين موجود رهيو.

ابن عاصر، جلد III، ص. 366.
بلاذري (لائيڊن)، ص. 433 ۽ (قاهرا)، ص. 439.
مرگوٿن، ص. 211.
چچنامو، ص. 78-79.
چچنامو پهرين ڪاهہ جو ذڪر نٿو ڪري، پر حادثي بابت وڏيڪ پيرائتي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ معاويہ ڏانهس گهوڙا موڪلڻ جون خاص هدايتون ڏنيون هيون.

خليفي معاويہ جي دور ۾ زياد بن الحضلي پنهنجي نائب سِنان بن سلامہ بن الماه ابِيق الحضلي کي مڪران جو گورنر ڪري موڪليو، جنهن تي انهن ڏينهن ۾ چچ جي ڀاءُ چندر جو راڄ هو. انهي کي ساڳئي ئي سال ڪڍيو ويو ۽ سندس جاءِ تي راشد بن امر الجُديدي العزدي کي رکيو ويو. راشد

عاصر، جلد III، ص. 377.
بلاذري، ص. 397 ۽ 433-434.
چچنامو، ص. 83.

ڪئڪان ۾ ميدن تي ڪيل هڪ ڪاهه ۾ مارجي ويو. سِنان بن سلامه الحضلي کي وري گورنر ڪري رکيو ويو ۽ هن پيري اهو مڪران ۾ ٻن سالن تائين رهيو، تڏهن ٻُڌيا (ڪَڇِي، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو ٽاڪرو علائقو) جي جاٽن ۽ ميدن ان کي ماري وڌو.

**666-683ع:**

666ع ۾ ڪئڪان واري ٻُنجي کان پوءِ اموين سنڌ جي دنگ واري چوڪيءَ تي ايندڙ 20 سالن دوران 6 ڀيرا ڪاهون ڪرايون، جن ڪو خاص اثر نه ڇڏيو، پر الهندي مڪران جو هڪ ڀاڱو بهرحال هٿ ڪري ورتائون.

**667/68ع / 47هه:**

عبدالله بن سَوَّار العابدي جي ڪئڪان (قلات ضلعو، انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو حصو) تي ڪاهه. عبدالله ترڪن (گهٽو ڪري سنڌس پنهنجا فوجي) هٿان مارجي ويو.

بلاذري، ص. 433.
يعقوبي، جلد II، ص. 278.

**668/69ع:**

عبدالله بن سوَّار جي موت جو ٻڌي خراسان جي گورنر زياد، سِنان بن سلامه کي انهي جي جاءِ تي موڪليو.
هن مڪران جي باغين کي مات ڏني، پر سندس جاءِ تي راشد بن عمر الجديدي کي موڪليو ويو، جنهن اڳتي هلي ڪئڪان (قلات) مٿان ڪاهه ڪئي، ڏَن جي ٻن سالن واري رهت اوڳاڙيائين ۽ بولان لَڪ رستي سيستان ڏانهن وڌيو، جتي مٿس 50،000 ميدن حملو ڪيو ۽ ماري وڌائونس.
سِنان بن سلامه کي وري بحال ڪيو ويو.

50،000 ميدن جي حملي واري ڳالهه نِج وڌاءُ آهي، ڇاڪاڻ ته اوسي پاسي وارن علائقن ۾ اڄ تائين به، سائنسي ترقيءَ جي باوجود، ايتري وڏي آبادي ڪانهي.
بلاذري، ص. 433.
مرگوتِن، ص. 212.
چچنامو، ص. 81-83.
يعقوبي، جلد II، ص. 278.

**668/69ع / 48هه:**

سنڌ جو برهمڻ راجا چندر پٽ سِيلاج-ٻيون 7 سال راڄ ڪري گذاري ويو. سندس راڄ ورهائجي ويو. اتر سنڌ، الور ۾ گاديءَ سان، ڏاهر جي هٿن ۾ هلي وئي ۽ ڏکڻ سنڌ، برهمڻ آباد ۾ گاديءَ سان، چندر جي پٽ ڏُوراج جي.

چچنامو، ص. 58-60. چندر تي ٻوڌي پرچارن جو اثر ٿيو هو ۽ ان رياستي عملداريءَ تي پڙهيا لکيا ماڻهو ۽ پروهت رکيا هئا. اهي عملدار پڪ ٻوڌي هوندا، ڇاڪاڻ ته عربن گهڻن قلعن جو بندوبست انهن جي هٿن ۾ ڏنو.

**669/70ع:**

خليفي معاويه جاٽن جي ڪوڙ سارن ڪٽنبن کي بصري ۽ اينٽيوڪ مان شام ۾ سامونڊي ڪنڌيءَ وارن ٻين شهرن ڏانهن اماڻيو. ٽين صدي هجريءَ ۾ اينٽيوڪ ۾ ”جاٽ گهر“ نالي هڪ گهر هو. جاٽن کي سامونڊي ڪنڌيءَ تي بازنطينين جي حملن کي منهن ڏيڻ لاءِ وسايو ويو هو.

جي. پي. ٽيٽ، سيستان، بلاذري، ص. 377-378 آذار. 834ع واري داخلا پڻ ڏسو.

**669/70ع:**

ڇچ جي وڏي پٽ ڏهرسيا، ڏُوراج کي لوڏي ڪڍيو ۽ برهمڻ آباد تي قبضو ڪري ورتائين. ان کان پوءِ ڏاهر الور مان اِسڪندا، ملتان ۽ گهٽو ڪري سبي، ڪڇي ۽ بولان لڪ مٿان راڄ ڪندو رهيو ۽ ڏهرسيا سموري لاڙ سنڌ، سيوهڻ، الهندي وارين ٽڪرين، مڪران ۽ برهمڻ آباد مٿان راڄ ڪندو رهيو. ڏاهر کي پنهنجو وڏو مجيائين ٿي، پر رڳو نالي ماتر.

چچنامو، ص. 59-63.
جاٽ ايرانين سان 635/36ع ۾ لڳل جنگ ۾ قيد ٿيا هئا.

**669/70ع / 49ھ:**

ڏاهر عام ماڻهن سان رابطو ڳنڍڻ ۽ انهن جو ڀروسو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سڄي بادشاهيءَ جو دورو شروع ڪيو.

چچنامو، ص. 59-65.

**670-700ع:**

ڏهرسيا برهمڻ آباد مان لاڙ سنڌ، سيوهڻ ۽ مڪران تي راڄ ڪندو رهيو ۽ ڏاهر جو اتر سنڌ، ملتان ۽ ڪڇي جي ٽڪرين تي راڄ رهيو.

چچنامو، ص. 59-63.

**670-700ع:**

ڏاهر جو سنڌ جي ڏاکڻين حصن تي ڪو اختيار نہ هو، ڇاڪاڻ تہ انهن تي سندس قبضو عربن جي فتح کان رڳو چند سال اڳ ٿيو هو. گهڻو ڪري اهو ئي سبب هو جو سنڌ جي ٻن مکيہ مضبوط ڳڙهن نيرون ڪوٽ ۽ سِوِستان (سيوهڻ) عربن لاءِ 711ع ۾ بنا ڪنهن مهاڏي جي پنهنجا در کولي ڇڏيا هئا.

مجمدار، HCIP، جلد III، ص. 173.
ڏسو داخلا 668-669ع.
وليَمس، ص. 68، سمجهي ٿو تہ هن عرصي دوران سنڌ جو ڪڇ (جيڪو سنڌ جو حصو هو، گهڻو ڪري ڇهين صديءَ جي پڇاڙيءَ کان وٺي، وَلاڀي جو زورتنڻ سبب راءِ سِهاسيءَ پاران ان تي قبضو ڪرڻ سان) مٿان ڪنٽرول گهرو ڏڙي بندين ۽ عربن جي وڌندڙ ڪاهن سبب ڪمزور ٿيو.

**670-700ع:**

عربن کي بولان لڪ (ڪيڪان يا قلات) رستي سنڌ ۾ گهڙڻ کان 50 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ڪاميابيءَ سان روڪيو ويو. پر جيئن تہ ڏاهر جو لاڙ سنڌ ۽ مڪران تي 30 سالن تائين ڪو ڪنٽرول نہ هو، تنهنڪري اتي سندس پوزيشن ان حد تائين هيٺي ٿي وئي جو مڪران-ديبل واري ڏگ ۾ 711ع ۾ حقيقت ۾ ڪو مقابلو ڪرڻ وارو ئي نہ هو.

هن عرصي دوران سنڌ جي ڪاٺي قبيلي جا ماڻهو ڪڇ ڏانهن وڃڻ لڳا، انهي هنڌ وڃڻ لاءِ جيڪو هاڻ ڪاٺياواڙ سڏجي ٿو، جنهن تي اهو نالو هنن جي ڪري پيو. اهي ڏکڻ ڪڇ ۾ ڪاٺياواڙ جا ڏاڍا مڙس بڻجي ويا.
ڏاهر جو ڪڇ مٿان اختيار پڪ سان ختم ٿي ويو هوندو، جتان جي ڦورن ٿي سگهي ٿو عربن جا جهاز ڦريا هوندا.
وليَمس، ص. 68.

**670ع / 50ھ:**

ڏهرسيا راوڙ قلعي ڏانهن وڌيو، جنهنجو بنياد سندس پيءُ ڇچ رکيو هو، پر اڌپورو ڇڏي ڏنو هئائين. قلعي کي پورو ٺهرايائين.

چچنامو، ص. 50.

**671-695ع:**

آئي-تسِنگ ڏکڻ ايشيا ۾ آيو.

**671ع:**

عربن جو ڪئنٽان ڏانهن پهريون پاڻيءَ وسيلي سفر. اها خبر ناهي تہ آيا اهي سنڌ جي بندرگاهن تي بہ ايندا هئا. هي اهي سال هئا جڏهن ڏکڻ ايشيا جي دنگن تي مڪمل سانت هئي، سو جهاز پڪ سان سنڌ ۾ ايندا هوندا.

**671ع / 51ھ:**

مُنظر بن جرود العابدي ڪيڪان (قلات ضلعو) ۽ ڪضدار (خضدار) تي قبضو ڪيو. ڪجهہ وقت پوءِ خضدار ويندي واٽ تي مري ويو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ حُڪم بن مُنظر مهندار مقرر ٿيو ۽ 6 مهينن تائين دنگَ جهليائين تڏهن کيس پوئتي گهرايو ويو. تنهن کان پوءِ مهنداري ابن حارث سنڀالي جنهن خضدار کي مات ڏني ۽ وڏو مال گڏ ڪيو. ڪيڪان گهڻو ڪري مات نہ ٿيو.

چچنامو منظر جي مهم جو سنہ 61ھ ڏئي ٿو، جيڪو غلط آهي.

**672ع / 52هه:**

ڏهرسين الور تي ڪاهه جو رٿيو. پاڻس ڏاهر ڳالهه ٻولهه سان جهيڙو ٽاري ڇڏيو. ڏهرسين 4 ڏينهن جي بيماريءَ ڪان پوءِ الور ڀاهران مري ويو. مهينو پوءِ ڏاهر پنهنجي بيوهه ڀاڃائي، جيڪا اگهم جي گورنر لوهاڻي جي ڌيءَ هئي، سان پرڻو ڪري ڇڏيو. ڏهرسين جي گادي ڏهرسيا بن چچ سنڀالي.

چچنامو، ص. 50-54 ۽ 54-68.

**671ع / 51هه:**

ڏاهر پاران پنهنجي ڀيڻ ڀائيءَ سان پرڻجڻ جو چيو ويندڙ سنڌ.

چچنامو، ص. 68. ڪيترائي ماهر هن پرڻي واري ڪهاڻيءَ کي ڪوڙو سمجهن ٿا، ڇاڪاڻ تہ هندو سماج ۾ اڳ ائين ڪڏهن ڪونہ ٿيو هو، جيتوڻيڪ مصر جي فرعونن ۾ اهو عام هو.

**678/79ع:**

رامل (راول) جي راجا سنڌ مٿان ڪاهه ڪئي. ٻُڌيا تي قبضو ڪرڻ ڪان پوءِ لاڙ سنڌ ۾ راوڙ تي ڪاهه ڪيائين، پر ڏاهر ڪيس محمد بن حارث علافي جي لشڪر جي مدد سان شڪست ڏني.

چچنامو، ص. 70-80.
چچنامي جو سنڌي ترجمو، ص. 425 (فتوح البلدان، ص. 425 آذار)، واقعي جو سنہ 85هه ڏنل آهي.
اها ڳالهه وسهڻ جوڳي ناهي تہ علافي ايترو اڳ 678ع ۾ ڏاهر وٽ نوڪري تي ڪئي. سنہ غلط ٿو لڳي. علافيءَ جو ذڪر ڪنهن ٻئي تاريخدان نہ ڪيو آهي.

**679ع / 60هه يا اڳي:**

ابن حُري باهلي کي سنڌ-مڪران دنگن جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو. حُري 22 رجب 60 هه تي معاويہ جي مرڻ تائين مڪران جو گورنر هو.

**683ع:**

ڪابل عربن خلاف بغاوت ڪئي ۽ جُنزه واري جنگ ۾ عربن هارايو. گورنر يزيد ابن زياد ۽ اهم اڳوڻ مارجي ويا.

**684/85ع / 65هه:**

عبدالمالڪ بن مروان خليفو بڻيو.

**684/85ع / 65هه:**

علافين (يا علوين؟) اموين خلاف بغاوت ڪئي، سنڌ ڏانهن ڀڄي آيا ۽ ڏاهر ڪان پناهه گهريائون. جنهن سندن اڳوڻ محمد بن حارث علافيءَ سان ڀاجهه ڀريو ورتاءُ ڪيو ۽ پنهنجي ملازمت ۾ قبول ڪيائينس.

چچنامو، ص. 70، 85، 89 ۽ 100. ڪنهن ٻي تاريخ علافيءَ جي سنڌ ڀڄي اچڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي. لڳي ٿو تہ اها ليڪڪن پاران تاريخ ۾ شامل ڪيل ڪيترين ئي هٿرادو گهڙيل رومانوي ڪهاڻين منجهان هڪ آهي. علافيءَ بابت وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ڏسو چچنامو، ص. 138، 140، 175 ۽ 224.

**685ع:**

زابل عربن خلاف جنگ جو اعلان ڪيو، پر اٽندي ڪاميابيءَ باوجود باغي اڳواڻ رتبيل مارجي ويو ۽ سندس لشڪر ۾ ڀاڄ پئجي وئي. سندس وارث ٿيندڙ پٽ رتبيل-ٻئين عرب جنرل کي آڻ مڃڻ تي مجبور ڪيو. رتبيل-ٻئين ڪجهه رقم ڀري ۽ گورنر مڃيو تہ ٺاهه هيٺ هو سندس ملڪ تي ڪاهه نہ ڪندو. خليفي هن ٺاهه کي رد ڪري ڇڏيو ۽ جنرل کي ڪيدي ڇڏيائين.

ايليٽ، جلد II، ص. 416، غلط سنہ 683/84ع يا 64هه ڏنو آهي.
ڏسو بلاذري (مرگوٽن)، ص. 149 ۽ لي سٽرينج، لينڊ آف ايسٽرن ڪيليفيٽ، ص. 150. بلاذري هن بابت پيرائتي ڇنڊڇاڻ نہ ڪئي آهي.

**687/88ع:**

عمر بن عبيدالله بن معمار پاران پهلوي ڳڻن وارا سڪا ڇاپيا ويا.

چائيتاني ليون، ڪرونوگرافِس اسلاميڪا، حوالو ZDMG، جلد IV، ص. 507-1850.

**694/95ع / 75هه:**

حجاج ايرندي اموي سلطنت جو گورنر مقرر ٿيو.

**694/95ع / 75هه:**

حجاج بن يوسف سنڌ جي جاٽن کي سنڌن ڪٽنبن ۽ مينهُن سان گڏ ڪاشڪر (عراق) ۾ شهر وسائڻ جي موڪل ڏني. انهن سان غلام، باهلہ جا موالي (؟) ۽ خولہ گڏجي پيا ۽ چور، ڌاڙيل بڻجي قافلا ۽ عراق جي دريائن ۽ واهن تي هلندڙ ٻيڙيون ڦرڻ لڳا ويا .

بلاذري، ص. 375.

**694/95ع / 75هه:**

خليفي عبدالمالڪ سعد بن اسلم بن زُره قلبي کي سنڌ ۽ مڪران جو گورنر ڪري موڪليو، پر معاويہ بن حارث ۽ محمد بن حارث علافيءَ بغاوت ڪري ڪئي ۽ سعد بن اسلم کي ماري وڌائون. حجاج سنڌ جي دنگ تي هارايل علائقا وري فتح ڪرڻ لاءِ مُجہ بن سِير التميمي کي اماڻيو. مُجہ قندابيل (گنداوا) کي مات ڪيو، پر سال کان پوءِ 596/97ع ۾ مڪران ۾ مري ويو.

ابن عاصر، جلد III، ص. 309.

بلاذري، ص. 435.

چچنامو، ص. 85-86.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 435.

چچنامو ٻڌائي ٿو تہ علافين کي ڏاهر مڪران ۾ وسايو هو. اهو ٻڌي حجاج انهن جي چڱي مڙس سليمان علافيءَ کي مارائي ڇڏيو. علافين انهي وقت ئي مڪران ڇڏيو ۽ ڏاهر وٽ سنڌ ۾ پناهہ ورتائون. هيءَ ڳالهہ چچنامي جي پنهنجي ئي بيان جي ابتڙ آهي (ڏسو داخلائون 684/85ع ۽ 678/79ع). مڪران 700ع تائين ڏاهر جي ڪنٽرول هيٺ نہ هو، تنهنڪري اهو علافين کي مڪران ۾ وسائي نہ سگهيو هوندو.

**695/96ع / 75هه:**

مُجہ جي مرڻ کان پوءِ حجاج، هارون بن ضِره النَماري کي هند وارن دنگن جو گورنر مقرر ڪيو.

ديبل جي ميڊ ڦورن عربن جا سرانديپ کان موٽندڙ جهاز ڦريا ۽ مسلمان مايون ڪنيائون.

حجاج انهن تي ڪيترائي ڀيرا لشڪر چاڙهي موڪليو. انهن ڪاهن مان ٻن جا مهندار عبيدالله بن نبهان ۽ بُديل بن جهفہ هئا. سڀ جو سڀ ناڪام ٿيا.

بلاذري، ص. 435.

يعقوبي، جلد II، ص. 330-331.

ايليَٽ، جلد I، ص. 118 ۽ 119.

چچنامو، ص. 89.

ميڊ ڦورن جو عربي سمنڊ ۾ وڏو ڏهڪاءُ هوندو هو. سندن سرگرمين سبب ساسانين سامونڊي بندرگاهہ آبلہ ۾ هڪ ڪوٽڙو اڏيو هو، جيئن ياقوت حماوي ٻڌيو آهي، مجمع البلدان (قاهرا)، جلد I، ص. 8 ۽ جلد II، ص. 196. البيروني، انڊيا، ص. 102. بزرگ بن شهريار (قاهرا ڇاپو)، ص. 114.

**695ع:**

حجاج عراق جو گورنر ٿيڻ کان سُتت پوءِ عبيدالله کي ڪابل کي مات ڪرڻ لاءِ موڪليو. ڪابل ۽ زابل جا بادشاهہ هڪ ٿي ويا ۽ عربن کي سخت شڪست ڏنائون. سندن پويان پير ڪرڻ وارو دڳ پڻ بند ڪري ڇڏيائون. عرب لشڪر کي اڃ ۽ بک اچي ورايو ۽ عبيدالله ڏک ۾ مري ويو. جيڪي بچيا تن کان ڀُنگ وٺي موٽي وڃڻ ڏنو ويو.

ايليَٽ، جلد II، ص. 416.

تاريخ علافي پڻ.

راورٽي 'نوٽس آن افغانستان'، ص. 62 تي هن واقعي جو سال 79هہ يا 698/99ع ڏنو آهي.

لي سٽرينج، دي لينڊ آف ايسٽرن ڪيليفيٽ، ص. 151.

**704ع:**

ميڊ ڦورن ديبل ويجهو سمنڊ ۾ سيلون کان مسلمان مايون کڻي ويندڙ هڪ جهاز کي باندي بڻايو. حجاج راجا ڏاهر کي مايون ڇڏڻ لاءِ چيو. ڏاهر وراڻيس تہ ڦورن مٿان سندس وَسُ ڪونهي. نتيجي ۾ نئين سِر دشمني پيدا ٿي. حجاج 637 ۽ 663 کان 683ع تائين وارين سٺن ڪاهن کي لللڪاريندڙ

چچنامو، ص. 85-92.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 435 ۽ (قاهرا)، ص. 441.

هي عبدالمالڪ جي 86هہ / 705ع ۾ مرڻ کان اڳ ٿيو هوندو. سيلون کي چچنامو سرانديپ ۽ بلاذري لعلن وارو ٻيٽ چوي ٿو. چچنامو ٻڌائي ٿو تہ

ملڪ کي فتح ڪرڻ جون نئين سِر ڪوششون شروع ڪيون. حجاج، عبيدالله بن نبهان کي ديبل مٿان حملو ڪرڻ لاءِ موڪليو، پر انهي کي شڪست ٿي ۽ ماريو ويو. سندس قبر ڪلفٽن وٽ آهي ۽ عبدالله شاهه جي مزار ڪوٺجي ٿي. صحيح سنه ڏنل ناهي.

قورن ۾ جاٽ شامل هئا، تنهڪري سنڌ جي فتح ڪان پوءِ انهن کي ڏيهه نيڪالي ڏني وئي.

قورو ناگمارو قبيلي جا هئا.

ڊاڪٽر دائودپوٽي عبدالله شاهه جي قبر جي اصليت جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي.

چچنامو، ص. 91 ۽ نوٽ، ص. 255.

هيلبُش ۽ ويسٽفال، جاٽس آف پاڪستان، ص. 101.

معصومي سنڌ مٿان ڪاهه جي ڪارڻ بابت هڪڙي ٻي ڳالهه ڪئي آهي، پر اها ليڪڪ جي پنهنجي گهڙيل ٿي لڳي.

اصل ڪارڻ ٿي سگهي ٿو ته عرب سلطنت جي پکيڙ وڌائڻ ۽ خارجين پاران پيدا ڪيل مسئلن جي ڪري خالي ٿي ويل خزاني کي ڀرڻ واري هوس هجي.

اهڙيون ڪاهون ڪابل، آمون، چيني ترڪستان (ڪاشغر) مڪران ۽ اسپين تي پڻ ڪيو ويون هيون.

**705/06ع / 87هه:**

حجاج بن يوسف محمد بن قاسم کي سنڌ جي دنگن جو گورنر مقرر ڪيو. ان کان اڳ اهو عراق ۾ بغاوتن کي چٿڻ ۽ ڪُردن کي مات ڪرڻ ۾ غير معمولي صلاحيتون ڏيکاري چڪو هو.

بلاذري، ص. 436.

چچنامو، ص. 93، 94، 96-100.

ايليَٽ، جلد ا، ص. 428-429.

محمد بن قاسم جون عراق ۽ ڪردستان ۾ سگهاريون مهمون ٻڌائين ٿيون ته اهو 17 سالن جو ٻار نه هوندو، جڏهن اهو اڳيئي نالو بيهاري چڪو هجي.

**705ع / 86هه:**

خليفو عبدالمالڪ گذاري ويو.

**705ع / شوال 86هه:**

خليفي عبدالمالڪ جي مرڻ کان پوءِ پٽس وليد تخت سنڀاليو.

**708ع:**

رامل جي راجا سنڌ مٿان ڪاهه ڪئي، پر ڏاهر شڪست ڏئي پٺتي ڪيس.

چچنامو، ص. 69-70.

**709ع:**

عبيدالله جي ديبل وٽ مرڻ کان پوءِ حجاج، بُديل بن جُهفه کي عمان کان سمنڊ رستي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ موڪليو. مڪران کان محمد ابن هارون جو موڪليل لشڪر به ساڻس اچي گڏيو. بُديل کي ڏاهر جي پٽ جئسينا هڪ دوبدو ويڙهه ۾ شڪست ڏئي ماري وڌو، جيڪا ديبل ويجهو هڪڙو سڄو ڏينهن هلي. اها عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ نائين ڪوشش هئي.

هن ويڙهه ۾ بُديل سان 300 گهوڙيسوار ۽ جئسينا سان 4،000 ماڻهو ۽ 4 هاٿي هئا.

چچنامو، ص. 92-93.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 436، ٻڌائي ٿو ته بُديل کي ڏاهر جي پوڍي لشڪر ماريو هو.

**709ع:**

بُديل جي ديبل ويجهو مرڻ کان پوءِ نيرون جي پوڍي گورنر سُندر، عربن پاران پلاند کان ڊڄي، پناهه عيوض جزيو قبوليندي حجاج ڏانهن هڪ ميڙ موڪلي.

چچنامو، ص. 93.

پوڍين جو ڊڄڻ بلاذري واري ڪهاڻيءَ جي تصديق ڪري ٿو ته بُديل کي ڏاهر جي پوڍي لشڪر ماريو هو.

**710/11ع / 92هه:**

محمد ابن هارون ارمابيل (لسٻيلو) ويجهو مري ويو.

بلاذري، ص. 435-436.

# عربن پاران سنڌ فتح ڪرڻ

711ع:

حجاج پنهنجي نياڻي محمد بن قاسم جي مهنداريءَ ۾ سنڌ فتح ڪرڻ جي سُئي سڳي سوڌي تياري ڪري، ڪيس بي انداز هٿيار، سپاهه، ڪاڌ خوراڪ ۽ 6،000 شامي سپاهي نئين نموني وارين رومي جنگي مشينن، پٿر اڇليندڙ مشينن (منجنيق)، پٽين تي چڙهڻ وارين مشينن ۽ اُماڙيون اڇليندڙ مشينن وغيره سان مڪمل طرح ليس ڪري ڏنا. اوزار سمنڊ وسيلي موڪليا ويا. شيراز وٽ محمد بن قاسم سان 6،000 گهوڙيسوار، 6،000 اٺ سوار ۽ 3،000 لاڏُو اٺ اچي گڏيا.

ايم. ايچ. پنهور، رضي اينڊ هز ٽائيمس.
چچنامو، ص. 96-102.
سال تي تڪرار آهي. طبري جلد I ۽ II، ص. 1200، سال 90هه يعني 708/09ع ڏئي ٿو.
ايليَٽ 93هه (711/12ع) ڏئي ٿو.
بلاذري (لائيڊن)، ص. 435-436، 707-708ع ڏنو آهي. ابن عاصر (قاهرا) جلد IV، ص. 257، بلاذري سان متفق آهي.
معصومي 710/11ع ڪي ارمابيل (لسبيلو) ۽ قطرپُن تي قبضي جو سال سمجهي ٿو.
سنڌ ۾ چچنامي واري ڳالهه مڃي وڃي ٿي.

711ع:

محمد بن قاسم شيراز ڇڏڻ ڪان پوءِ ڪيترن مهينن جي ڪڙي ڪان پوءِ ڪنزبور (پنجگور) فتح ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ ارميل يا ارمابيل (لسبيلو) ۽ سُڪيءَ رستي ديبل پهتو.

چچنامو، ص. 99-100، 104.
بلاذري (لائيڊن)، ص. 435 ۽ (قاهرا)، ص. 442.
ابن عاصر (قاهرا)، جلد IV، ص. 257.
چچنامي سندس ديبل ويجهو پهچڻ جو ڏينهن جمعو، رمضان 93هه ڏنو آهي. هتي 92هه ڏئي ڀُل ڪئي اٿس.

711ع / 92هه:

محمد بن قاسم سمنڊ رستي پهتل ڪڙو چاڙهڻ وارين مشينن کي ترتيب سان بيهاري ديبل تي ڪڙڪيو، جنهن مندر (گهٽو ڪري بوڌي) جي چوٽيءَ واري جهنڊي جي منجنيق سان ڊهڻ ڪان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪيا. 4،000 مسلمان آبادڪارن کي ديبل ۾ وسايو ويو ۽ شهر جو چوٿون حصو انهن کي نِويڪلو ڪري ڏنو ويو. مندر جي ڪجهه حصي جي بي حرمتي (پرشتا) ڪئي وئي. 700 سهڻيون مايون باندي بڻايون ويون ۽ 3 ڏينهن تائين ڪوس ڪرڻ ڏنو ويو. هڪ مسجد جوڙي وئي ۽ حامد ابن ودا النجدي کي ديبل جو گورنر مقرر ڪيو ويو. پنبور جو ماڳ هاڻ ديبل طور سڃاتو ويو آهي.

چچنامو، ص. 100-109.
بلاذري، ص. 436، ٻڌائي ٿو ته فوج شهر ۾ پٽيون ٽپي گهڙي (منجنيق سان جهنڊو ڊاهي نه، جيئن چچنامو ٻڌائي ٿو). ابن عاصر (قاهرا)، جلد IV، ص. 258، بلاذري واري ڳالهه جي پٺڀرائي ڪري ٿو.

711ع:

ديبل هٿ ڪرڻ ڪان پوءِ محمد بن قاسم ڪڙو چاڙهڻ واريون مشينون درياءَ رستي نيرون موڪليون ۽ پاڻ سُڪيءَ رستي اوڏانهن وڌيو. ٻوڌي پروهتن عربن کي سڃي واٽ سيڌو سامان رسايو.
نيرون جي گورنر اساماني (ٻوڌي) قلعو ۽ شهر رضاڪاراڻي طور عربن حوالي ڪيا. شهر واسين پڻ ٻوڌي پروهت حجاج ڏانهن موڪليا ۽ ساڻس ٺاهه ڪيائون.

چچنامو، ص. 115-116.
بلاذري (لائيڊن)، ص. 437 ۽ (قاهرا)، ص. 443.
ديبل ۾ ڳالهائجندڙ ٻولي سنڌي هئي، ارد ناگري لپيءَ ۾ لکبي هئي، جيئن اها پنبور (ديبل) جي کوٽائيءَ مان لڌل ڪجهه باسڻن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.
خان، ايف. اي.، پنبور، 1960، ص. 12.
البيروني ۽ بين لکيو آهي ته ٻوڌين کي عرب ساماني، مُهمره ۽ خَضِيره (گيرو ڪپڙا پائڻ وارا) سڏيندا هئا.

نقشو نمبر 28

# 711 _ 714ع
# سنڌ جو عربن هٿان فتح ٿيڻ



## 712_751ع
## سنڌ ۾ اُموي گهراڻي جا گورنر ۽ سنڌن همعصر

| عيسوي سال | سنڌ جا گورنر يا حاڪم | دمشق جا اُموي خليفا | ڪڇ جو چاوڙا گهراڻو | گجرات جا وَلاڀِي | راجپوتانا، مالوا ۽ ڏکڻ گجرات جا پِرَتِيهار | ڏکڻ گجرات بروچ وغيره | قنوج |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 705 | ڏاهر بن چچ | عبدالمالڪ 685 - 705 | ڪلياڻ راج 690 - 746 | سِل آڏِت-پنجون 701 - 735 | ٽاٽا راجا ۽ سندس 3 پونير 640 - 720 | دَدا-ٽيون<br>جياپاتا-ٽيون<br>آهِيرولا<br>685 - 725 | قنوج جو راجا<br>يَسووَرمن<br>700 - 740 |
| | | وليد 705 - 715 | | | | | |
| 710 | | | | | | | |
| | | | | | | | |
| 715 | محمد بن قاسم 712 - 715 | | | | | | |
| | يزيد بن قباشہ 715 - 716<br>حبيب بن مُهلب 716 - 717<br>اَمرُو بن مُسلم 717 - 719/20 | سليمان 715 - 717 | | | | | |
| 720 | | عمر بن عبدالعزيز 717-720 | | | | | |
| | هلال التميمي 719/20 - 724 | يزيد-ٻيون 720 - 724 | | | سِلُوڪا ؟ | | |
| 725 | | | | | | | |
| | جنيد بن عبدالرحمان 724 - 729/30 | هِشام 724 - 743 | | | | جياپاتا-چوٿون 725 - 735 | |
| 730 | | | | | | | |
| | تميم العطبي 729/30 - 730/31 | | | | ناگ ڀاٽا-پهريون 730 - 756 | | |
| 735 | حَڪم الڪلبي 730/31 - 738 | | | سِل آڏِت-ڇهون 735 - 760 | | ناگ ڀاٽا 735 - 756 | |
| | | وليد-ٻيون<br>يزيد-ٽيون ۽<br>ابراهيم | | | | | |
| 740 | اَمر بن محمد بن قاسم 739 - 743/44 | | | | | | |
| | | | | | | | ڪشمير جي راجا<br>لَلِت آڏِت<br>قنوج فتح ڪيو<br>740 - 760 |
| 745 | يزيد الڪلبي 743/44 - 746 | 743 - 744 ↙ | | | | | |
| | منصور بن جمهور (آزاد حاڪم) 746 - 751/52 | مروان-ٻيون 744 - 750 | بَن راج 746 - 806 | | | | |
| 750 | | | | | | | |
| | عباسي گهراڻي جا گورنر | عباسي گهراڻو | | | | | |
| 755 | | | | | | | |
| | | | | | ڪَڪُوڪا 756 - 767 | ڪَڪُوڪا 756 - 767 | |
| 760 | | | | سِل آڏِت-ستون | | | |

**نوٽ:** ملتان انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو حصو هو. برهمڻ آباد پر ڳٽي تي 715 ۽ 725ع جي وچ تي جئسينا بن ڏاهر جي حڪومت هئي، خليفي عمر بن عبدالعزيز ڪيس ان عهدي تي پڪو ڪيو هو.

**آڪٽوبر 711ع / محرم 93ھ:**

محمد بن قاسم اِشيا شهر فتح ڪيو، روڙ ۽ اِتوڙ واري ملڪ ڏانهن وڌيو ۽ سنڌوءَ جي الهندي ڪنڌيءَ تي پهتو.

چچنامو، ص. 133-134 ۽ 138-139.

**711ع پڇاڙي:**

محمد بن قاسم، موڪا سان ٺاهه ڪيو، جيڪو ڏاهر کي ڇڏي آيو ۽ عربن کي درياءُ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون ڏنائين. ان وعدي تي ته فتح ڪيل ڪجهه علائقو کيس ڏنو ويندو.

چچنامو، ص. 125، 136.

**711ع:**

نيرون جي پيش پوڻ کان پوءِ محمد بن قاسم سِوستان (سيوهڻ) ڏانهن وڌيو، جتان جو گورنر چندرم هالو هڪ هندو هو، پر جيئن ته ٻوڌي آبادي گورنر خلاف عربن سان جهُٽ تي وئي، تنهنڪري کيس مجبور ٿي شهر فاتحن جي رحم ڪرم تي ڇڏڻو پيو. محمد بن قاسم انهي جو سِيسام (گهٽو ڪري شاهه حسن) ٻُڌيا تائين پيڇو ڪيو ۽ پوءِ نيرون موٽي آيو. سيوهڻ مان 4،000 جاٽ عرب لشڪر ۾ ڀرتيءَ لاءِ ڪنيا ويا.

چچنامو، ص. 117-118، 120.
بلاذري (مرگوٽن)، ص. 219، باب IV، فٽ نوٽ 14، بلاذري (لائيڊن)، ص. 437 ۽ (قاهرا) ص. 443، گورنر جو نالو راءِ ٻاجهارا ڏنو آهي.
چچنامي وارو سال 711ع درست ناهي.
ٻُڌيا جيڪب آباد، ڪڇي ۽ سبي ضلعن ۽ لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جي ٽاڪرو علائقن تي ٻڌل هو، جتي اهم ٻوڌي ماڳ پڻ لڌا آهن.
هندو تاريخدان سيوهڻ کي هندو ديوتا مهاديو سان جوڙي شِوستان سڏيندا هئا. عرب جاگرافيدانن ان کي سِندُستان سڏيو آهي.

**712ع:**

سيوهڻ جي پڇائي ڪڍيل گورنر چندرم هالي جاٽن جي مدد سان عربن کي ڀوڙائي ڪڍيو، پر محمد بن قاسم جي نائبن سيوهڻ تي وري قبضو ڪري ورتو ۽ 4،000 جاٽ ٻاندي بڻايائون.

چچنامو، ص. 146.
بلاذري، ص. 437.
سيوهڻ لاءِ ڪتب آندل مختلف نالا آهن: سهبن، سدُوسن، سِوستان وغيره.
چچنامي وارو سال 711ع درست ناهي.

**712ع:**

محمد بن قاسم سنڌوءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ تي 2 مهينا ترسيو ۽ موڪا پٽ وسائي جَهم واري جي مدد سان 2،000 چونڊ گهوڙا هٿ ڪيائين ۽ سنڌوءَ مٿان ٻيڙين جي پل ٺڌائين. ڏاهر پنهنجي بهادري ڏيکارڻ لاءِ وڏي دل ڪري کيس درياءُ ٽپڻ ڏنو. درياءُ ٽپڻ وارو هنڌ تلهار ويجهو سجاتو ويو آهي. راجا راسِل، جنهن جي ذمي درياءُ ٽپندڙ عربن کي سامهون ٿيڻ هو، گهٽو ڪري انهن سان سهڪار ڪري رهيو هو، ڇاڪاڻ ته جنگ جي پنجين ڏينهن راسل عربن سان وڃي گڏيو، راجا ڏاهر خلاف وڙهڻ لاءِ .

چچنامو، ص. 150، 159 ۽ 165.
بلاذري، ص. 438.

**2 جولاءِ 712ع / 10 رمضان 93ھ:**

ڏاهر جو عرب لشڪر هٿان راوڙ ويجهو مارجڻ: 42 سال راڄ ڪرڻ کان پوءِ، پهريان 30 سال سنڌ جي ڪجهه حصي تي ۽ پويان 12 سال سڄي سنڌ تي. هن پونيرن ۾ جئسينا، گوپي، وِڪيو ۽ ڏهرسينا نالي چار پٽ ڇڏيا. ساسانين ۽ بازنطيني رومين جون ناهيل اُماڙيون اڇليندڙ مشينون پهريون ڀيرو ڏکڻ ايشيا ۾ هن جنگ ۾ استعمال ٿيون، جيڪا ڇهين رمضان تي شروع ٿي پنج ڏينهن هلي. ڏاهر جي منڍي عربن سان وڙهندڙ ٻين راجائن جي منڍين سان گڏ حجاج ڏانهن ڪوفي موڪلي وئي.

طبري، جلد II، ص. 1200، سال 90 ھ ڏنو آهي.
بلاذري (مرگوٽن)، ص. 210.
چچنامو، ص. 174-183، سندس راڄ چنڊ جا (قمري) 43 سال ٻڌائي ٿو، جيڪي سج جي (شمسي) 42 سالن جي برابر ٿين ٿا.
تحفت الڪرام سندس راڄ 32 سال ڏئي ٿو، جيڪا هڪ ڀُل آهي. هيگ جي خيال ۾ راوڙ جو ماڳ فتح باغ جي اوسي پاسي هوندو.
جنگي مشينن لاءِ ڏسو داخلا 309-379ع.

**712ع:**

سنڌ جي گورنر محمد بن قاسم هزارين ميڻهون ۽ جاٽ حجاج ڏانهن موڪليا. انهن کي پوءِ عراق ۾ ڪاشڪر جي ٻيلن ۾ ورهايو ويو، جتي سنڌ جي جاٽن کي اڳي ئي آباد ڪيو ويو هو. جاٽن جي رهڻ جا هنڌ سنڌ جي ساموندي ڪنڌي، درياءَ جون ڪنڌيون، ٻيلا ۽ ڳوٺ هئا. انهن ۾ ڪيترائي قبيلا جهڙوڪ لوهاڻا، لاکا، سما وغيره اچي ٿي ويا.

بلاذري، ص. 167-168.
بلاذري سال 707-708ع ڏنو آهي، پر جيئن ته سنڌ جي فتح 711ع ۾ ٿي، سال 712ع وڌيڪ مناسب آهي. چچنامي ۾ جاٽن جي وسندين ۽ سندن ذاتين ۽ پاڙن جا احوال ڏنل آهن.

**712ع:**

خليفي وليد محمد بن قاسم پاران ڏانهس موڪليل سنڌ جا جاٽ ۽ ٻيا جنگي قيدي ۽ ٻانديون اينٽيوڪ اماڻي ڇڏيا ته جيئن 670ع ۾ اوڏانهن اماڻيل جاٽن سان وڃي گڏجن.

بلاذري، ص. 162، سال 707/8 ڏنو آهي، پر اهو غلط آهي. لڳي ائين ٿو ته جاٽن جو وڏو انگ وري به عراق ۾ رهجي ويو.

**713ع:**

ڏاهر جي مرڻ تي پٽس جئسينا برهمڻ آباد قلعي ڏانهن موٽيو ۽ راجا ڏاهر جي ٻيوهه الور جو بچاءُ ڪرڻ لڳي. جئسينا به الور کي بچائڻ جي تياري ڪئي. محمد بن قاسم الور تي حملو ڪيو. راڻي ميئين بهادريءَ سان منهن ڏنو ۽ جڏهن حالتون صفا اهڙيون ٿي ويون جو آسرو لاهي ويٺي ته شاهي گهراڻي جي ٻين عورتن سان گڏ سَتّي ٿي وئي ۽ قلعو فاتحن لاءِ ڇڏي وئي.

چچنامو، ص. 194-204.
بلاذري، ص. 439.
برهمڻ آباد ۽ الور جي فتح، 6 مهينن جي ڪڙي ڪان پوءِ، پڪ سان 94هه يا 713ع ۾ ٿي هوندي، 93هه يا 712/13ع ۾ نه، جيئن چچنامي ۾ آيو آهي.
تحفت الڪرام ٻڌائي ٿو ته راڻي ”راڻي ٻائي“ محمد بن قاسم سان شادي ڪئي. هن جي پنيرائي ٻي ڪنهن تاريخ نه ڪئي آهي.

**نومبر 712ع / صفر 94هه:**

برهمڻ آباد ويندي رستي ۾ دهليل جي فتح.

چچنامو، ص. 198-199.

**712/13ع:**

محمد بن قاسم سُوسا (موسا؟) بن ڏاهر کي ماريو.

چائيتاني، حوالو ذهب التاريخ ۽ مهاسين، جلد ا، ص. 252. چچنامي يا بلاذري هي واقعو نه ڏنو آهي. سُوسا نالو به ڪنهن ٻئي تاريخدان ناهي ڏنو.

**سومر، 2 مئي، 713ع / سومر، 1 رجب، 94هه:**

برهمڻ آباد تي ڪڙو شروع ٿيو.

چچنامو، ص. 199-201.

**سيپٽمبر 713ع / ذي الحج 94هه جي پڇاڙي:**

جئسينا جو وزير ڪيس ڇڏي ويو. 6 مهينن جي ڪڙي ڪان پوءِ، جنهن دوران ڪجهه شهري ڳجهي طرح عربن سان ملي ويا، برهمڻ آباد فاتحن جي هٿن ۾ آيو. جئسينا، گوپي ۽ ڪئي تنهي پائرن ناز والا جتور (چتوڙ) ۾ پناهه ورتي. جڏهن قلعو بلڪل فتح ٿي ويو ته چانوٽيءَ ۾ موجود 3,000 سپاهين کي تلوار مان ڪڍيو ويو ۽ عام لوڪن کي ٻاندي بڻايو ويو.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 438 ۽ (قاهرا)، ص. 444.
چچنامو، ص. 86.
ڪڙي دوران جئسينا ڪيترن ئي راجائن کي مدد لاءِ خط لکيا. جن ڏانهن خط لکيا ويا تن منجهان چچ جي پونيرن مان الور ۾ گوپي پٽ ڏاهر، پاٽيا يا پٽنبدا ۾ چچ پٽ ڏهرسين ۽ ڪئڪان (قلات) ۾ ڍَوَل پٽ چندر شامل هئا.

**سيپٽمبر 713ع / ذي الحج 94هه:**

جئسينا راجا رامل جي ملڪ ڪان موٽيو ۽ عرب لشڪر مٿان ڪاهون شروع ڪيائين، پر انهن ڪيس رڻ ڏانهن پڇائي ڪڍيو، جتان چتوڙ هليو ويو ۽ پاٽس گوپيءَ کي الور جو بچاءُ ڪرڻ جي هدايت ڪيائين.

چچنامو، ص. 203-204، بلاذري، ص. 438، ٻڌائين ٿا ته هي چتوڙ ڇڏي سنڌ ورائي ونڻ لاءِ لشڪر گڏ ڪرڻ ڪشمير ويو. پنهنجي مقصد ۾ سوپارو ٿيو. ڏسو داخلا سال 715ع.

**سيپٽمبر 713ع / ذي الحج 94هه جي پڇاڙي:**

عرب لشڪر پاران 6 مهينن جي ڪڙي ڪان پوءِ برهمڻ آباد جي شڪست تي

بلاذري، ص. 439 ۽ 185.

راڻي لاڏي محل جي ٻين عورتن سان گڏ سَتّي ٿي وئي.

چچنامو، ص. 88 ۽ 207-212، ٻڌائي ٿو ته لاڏيءَ کي قيد ڪيو ويو هو ۽ پوءِ محمد بن قاسم سان پرڻي. هيءَ بہ چچنامي جي رومانوي ڪهاڻين منجهان هڪ آهي.
هوديوالا 29 ذي الحج 94هہ يا 25 سيپٽمبر 713ع ڏنو آهي، چچنامي جي 93هہ جي جاءِ تي.

**713ع:**

عربن اسپين فتح ڪئي.

**29 سيپٽمبر 713ع / جمعي جي رات 3 محرم 95هہ:**

محمد بن قاسم برهمڻ آباد ڇڏي الور لاءِ روانو ٿيو جتي ڏاهر جو پٽ گوپي عربن سان وڙهڻ لاءِ لشڪر گڏ ڪري رهيو هو. گوپي شهر تي ڪڙو چڙهڻ کان پوءِ ڪِرَج (چتوڙ) ڪسڪي ويو. شهر آڻ مڃي، ان شرط تي تہ شهرين کي جيئدان ڏنو ويندو، ڪوس نہ ٿيندو ۽ ٻوڌي مندر کي نہ ڊاٺو ويندو.

بلاذري، ص. 439.
چچنامو، ص. 221-226.
شهر جو نالو روڙ هو. عرب تاريخدانن ۽ جاگرافيدانن ال ملائي ال-رور ڪري ڇڏيس، جيڪو پڇاڙيءَ ۾ الور ٿي ويو. هوديوالا، جلد ا، ص. 96 ۽ سال 95هہ ڏنو آهي.

**714ع:**

محمد بن قاسم ملتان ويندي برهمہ، بگهرُور ۽ دهليل وغيره فتح ڪيا.

چچنامو، ص. 197، 198-201 ۽ 235.

**714ع:**

الور هٿ ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم بابيا (ڀاٽيا)، گولڪندا ۽ سَڪا فتح ڪيا ۽ ملتان تي ڪڙو چاڙهيائين، جنهن عربن پاران شهر جي پيئڻ جو پاڻي بند ڪرڻ کان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪيا.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 439 ۽ (قاهرا)، ص. 445.
بلاذري (مرگوٽن)، ص. 272. چچنامو، ص. 202، 235-241. ملتان پاران پاڻي بند ٿيڻ ڪري هٿيار ڦٽا ڪرڻ وارو سبب مناسب نٿو لڳي، چو تہ سچ اهو آهي تہ شهر ۾ جر جي پاڻيءَ جو اٽڪٽ ڀنڊار آهي. اهو چوڻ بہ ويساهڻ جوڳو ناهي تہ شهر جو گذر درياءَ جي پاڻيءَ تي هو. هيءَ ڪهاڻي ساڳي سائرس پاران بابل فتح ڪرڻ لاءِ درياءُ خالي ڪرڻ واريءَ جهڙي آهي.

**714ع / 95هہ:**

محمد بن قاسم ملتان فتح ڪيو، جنهن جو گورنر چندر جو پٽ ۽ ڏاهر جو ياءُ ڪورسيا (گُر سين) هو. شهر جي آڻ مڃڻ تي هارايل فوج جي 6،000 سپاهين کي تلوار هيٺ آندو ويو ۽ ساڻن لاڳاپيلن کي قيدڪيو ويو. شهر مان هٿ آيل لُٽ جي مال ۾ 230 مڻ سونيون سرون ۽ 13،200 مڻ سون جو ٻُورو شامل هئا، جيڪي سڀ ملائي 13،430 مڻ رڳو سون ٿئي ٿو. ڪين هڪ سونو ٻُت پڻ هٿ آيو. هي دمشق واري خزاني ڏانهن موڪليو ويو. ڪورسيا عربن سان وڙهڻ لاءِ مدد وٺڻ ڪشمير ڏانهن ڪسڪي ويو.

بلاذري، ص. 439-440.
چچنامو، ص. 237-241.
جئسينا ۽ ڪورسيا ٻئي ڪشمير جي راجا کان مدد گهرڻ اوڏانهن هليا ويا. هن مان سنڌ ۽ ڪشمير جي راجائن وچ ۾ ويجهڙن لاڳاپن جو ڏس ملي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ چچ ڪشمير جو هٿايل راجا هجي. ڏسو چچ جي ڪشمير تي راڄ بابت داخلا 662ع (42هہ).
استخري، ص. 56، پڻ هن مندر مان سون هٿ اچڻ جي تصديق ڪري ٿو. سنڌ مان هٿ آيل سون دمشق جي خارجي بغاوت سبب خالي ٿي ويل خزاني کي ڀري ڇڏيو.

**714ع / 95هہ:**

محمد بن قاسم قنوج جي راجا هرچندر جئسال ڏانهن نياپو موڪليو تہ آڻ مڃي. انهي جي انڪار تي مٿس حملي جي تياري ڪيائين، پر مئي 714ع ۾ حجاج جي موت جو ٻڌي ارادو ڇڏي ڏنائين. تنهن هوندي بہ موٽندي مهل واٽ تي جاٽ ۽ ميد ڌاڙيلن جي ڳڙهہ سرسوت ۽ نيلما کي مات ڪيائين.

چچنامو، ص. 241.
جئسال گهٽو ڪري جسو ورمن هو، جنهن عربن سان وڙهڻ لاءِ مدد گهرڻ لاءِ پنهنجو ايلچي چين موڪليو هو، جيئن اڳتي ٻڌايو ويو آهي.
بلاذري (لائيڊن)، ص. 440 ۽ (قاهرا)، ص. 446.

**714ع:**

محمد بن قاسم پنهنجي سنڌ (چچ واري) جي فتح مڪمل ڪئي.

عاصر، جلد ١٧، ص. 460.

طبري، جلد II، ص. 1256.
سنڌ جي فتح جو اصل هيرو پردي پٺيان موجود حجاج هو، جنهن پنهنجا پيرائتا حڪم ۽ هدايتون ٽن ڏينهن اندر رسائيندڙ تکن گهوڙن وارو انتهائي ڪارگر سرشتو ترتيب ڏنو.

**آگسٽ 714ع / رمضان 95هه:**
بصري جو گورنر ۽ محمد بن قاسم جو سهرو حجاج بن يوسف گذاري ويو.

مُعِر، ڪيليفيٽ، اٽس رائيز، ڊڪلائين اينڊ فال، ص. 354.

**714ع / 95هه:**
حجاج جي مرڻ جو ٻڌي محمد بن قاسم ملتان کان الور ۽ بگهرُور ڏانهن موٽيو.
بائلامان ؟ تي قبضو ڪيائين ۽ ڪِرَج مٿان پڻ ڪاهيائين ۽ ڏؤهر کي شڪست ڏنائين. مندال ۽ ڪِرَج تڏهن بہ فتح ٿيڻ کان رهجي ويا.

**مارچ 715ع / جمادي الثاني 96هه:**
سُليمان پنهنجي ڀاءُ وليد بن عبدالمالڪ جي مرڻ کان پوءِ عرب سلطنت جو اموي خليفو بڻيو.

تاريخ گُزيدا، ص. 276.
معصومي جمادي الاول ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.

**714/15ع / 96هه:**
حجاج جي مرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم کي هٽايو ويو ۽ زيد بن ابي قباشہ ثقثقي کي سنڌ جو گورنر رکيو ويو، پر اهو پهچڻ کان صرف 18 ڏينهن پوءِ مري ويو. زيد، محمد بن قاسم کي زنجيرن ۾ ٻڌي عراق موڪليو.

عاصر، جلد IV، ص. 465-466.
بلاذري، ص. 440.

**715ع:**
حجاج جي مرڻ کان پوءِ زابل جي حاڪم رتبيل-ٻئين ساليانو ڏَنُ ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ پوءِ عباسي خليفن جي ماٿهن اچي زابل کي مات ڪيو.

بلاذري (مرگوٽن)، ص. 155.

**714ع:**
حجاج ۽ خليفي وليد جي موت محمد بن قاسم لاءِ نياڳا ڏينهن آندا. نئون خليفو سُليمان حجاج جو سخت ويري هو ۽ انهي حجاج جي خاندان کان ڀرپور وير ورتو. محمد بن قاسم کي عراق گهرايو ويو، قيد ۾ رکيو ويو ۽ ايذاءَ ڏئي ماريو ويو.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 440، (قاهرا)، ص.440.
بلاذري (مرگوٽن)، ص. 225.
چچنامي جي محمد بن قاسم جي موت سان جوڙيل ڏاهر جي ڌيءُ واري ڪهاڻي هٿرادو گهڙيل ڪوڙ آهي، ص. 207.
يعقوبي (لائيڊن)، جلد I، ص. 356 ۽ جلد II، ص. 447.

# سنڌ ۾ اُموي خليفن جا گورنر

**715ع / 96هه:**

محمد بن قاسم کان پوءِ زيد بن ابي قباشہ ثقثقي سنڌ جو ٻيون گورنر ٿي آيو، پر سنڌ پهچڻ جي ارڙهين ڏينهن مري ويو. سندس جاءِ تي عامر بن عبدالله آيو، پر اهو بہ ڪجهہ مهينن اندر مري ويو. جئسينا پنهنجي پيءَ پاران هارايل علائقن تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو.

بلاذري، ص. 441.

**715-717ع:**

عرب سپاهي جيڪي محمد بن قاسم سان گڏ آيا هئا تن واپس وڃڻ گهريو، پر خليفي سُليمان بن عبدالمالڪ هڪ فرمان جاري ڪري ڪين سنڌ ۾ وسي، آبادگار (جاگيردار) ٿي ۽ ٻني ڪاهي سکيو ستابو ٿيڻ لاءِ چيو.

طبري (لائيڊن)، جلد II، ص. 175. جاگيرداري نظام ساسانين جوڙيو، عربن انهن تان نقل ڪيو ۽ سنڌ ۾ ۽ ٻين جاين تي متعارف ڪرايائون. ڏکڻ ايشيا جي ٻين علائقن ۾ اهو دهليءَ جي سلطانن آندو، مڪمل اڪبر جي ڏُنُ پرڻ واري نظام هيٺ ٿيو ۽ استحصال جي عروج تي شاهجهان جي ڏينهن ۾ پهتو، جڏهن ڪڙمين ٻني ڦِٽي ڪئي، بلڪ ڪاهڻ ئي ڇڏي ڏني، جيئن مظهر شاهجهاني ۾ ٻڌايو ويو آهي.

**715ع:**

محمد بن قاسم جي پوئتي گهرائجڻ ۽ حجاج جي موت سنڌ جي چڱن مڙسن کي آزاديءَ لاءِ همٿايو. ڏاهر جي پٽ جئسينا برهمڻ آباد تي قبضو ڪري ورتو. خليفي سنڌ کي مات ڪرڻ لاءِ حبيب کي اماڻيو.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 440-441 ۽ (قاهرا)، ص. 446، سال 95هه يعني 714ع ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.
عاصر (قاهرا)، جلد IV، ص. 282.

**715/16ع / 97هه:**

حبيب بن المُهلب بن ابي صفرا اموين پاران سنڌ جو ٽيون عرب گورنر ٿي آيو ۽ ڪيس 2 سالن کان پوءِ 99هه ۾ هٽايو ويو.

بلاذري، ص. 440.
عاصر، جلد IV، ص. 464-465.
ابن خلدون، جلد III، ص. 66.
تاريخ سنڌ (ندوي)، ص. 124.
هي عراق جي نئين گورنر يزيد بن مُهلب جو ڀاءُ ۽ ڪئڪان، بنون ۽ اهوازيا تي ڪجهہ اڳي ڪاهہ ڪندڙ مُهلب جو پٽ هو.

**715ع / 96-97هه:**

ڏاهر جي پٽ جئسينا پنهنجي پيءَ جي بادشاهيءَ جو وڏو ڀاڱو ورائي ورتو ۽ برهمڻ آباد ۾ حاڪم بڻجي ويهي رهيو. ٽيون عرب گورنر حبيب بن المُهلب سندس حاڪميت سان هٿ چراند نہ ڪري سگهيو.

عاصر، جلد IV، ص. 283.
بلاذري، ص. 441 ۽ 446.

**715-717ع / 97-99هه:**

حبيب بن المُهلب بن ابي صفرا الور تي حملو ڪيو. اهو محمد بن قاسم جي وڃڻ کان پوءِ آزاد ٿي ويو هو، پر مڃڻ جوڳن شرطن تي آڻ مڃيائين.
سنڌ جي مختلف قبيلن تي لشڪر چاڙهي موڪليائين، جن گهٽو ڪري آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. هي قبيلا مهراڻ (سنڌو) جي ڀر پاسن سان رهندا هئا. محمد بن قاسم جي فوجن جي بغاوت ۽ ڪين زوريءَ چانوٽين ۾ موٽائڻ وارا ڪم پڻ ساڳئي ئي وقت ٿيا.

عاصر، جلد IV، ص. 283.
بلاذري، ص. 440-441.
يعقوبي، جلد II، ص. 336.
بلاذري سال 95هه ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.
لڳين ائين ٿو تہ هي جئسينا جي حاڪميت سان هٿ چراند نہ ڪري سگهيو، جنهن سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ تي قبضو ڪري ورتو هو.



85. ڀنڀور (ديبل) جو شهر پناهه ڪوٽ.



86. ڀنڀور (ديبل) مان هٿ آيل ٺڪر جو پاروءِ ساساني نموني ڪاني مٿان ڪالب ذريعي جانور چٽيل اٿس. (قومي عجائب گهر، ڪراچي).



87. ڀنڀور (ديبل) مان هٿ آيل مسلمانن کان اڳ واري دور جي ٿانون جو ڪالب. ڪالبن سان ٿانو سما دور يعني پندرهين صديءَ تائين ٺهيا.



88. پنيور مان هٿ آيل اکر اُڪريل روغني ٿانوَ، عباسي دور يا پوءِ جا.



89. پنيور مان هٿ آيل ديوناگري لکتون اُڪريل ٺڪريون، ڪجھ وکرن جو مقدار ماپڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا.



90. 907ع: پنيور مان هٿ آيل هباري دور جون ڪوفي اُڪرون.

**3 آڪٽوبر 717ع / 20 صفر 99هه:**

خليفو سُليمان بن عبدالمالڪ مري ويو ۽ سندس سؤٽ عمر بن عبدالعزيز نئون خليفو ٿيو. انهي سنڌ جي گورنر حبيب بن مُهلب ۽ ڀاڻس يزيد بن مُهلب کي سنڌ ۾ گهوٻين ۽ لاقانونيت جي الزام هيٺ هٽائي ۾ قيد ڪيو. حبيب جي جاءِ تي امرو بن مسلم باهِلِي کي سنڌ جو چوٿون گورنر مقرر ڪيائين.

عاصر، جلد IV، ص. 283.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 441 ۽ (قاهرا)، ص. 447. قانع، تحفت الڪرام، جلد III، ص. 23 تي ساڳئي دور (خليفي سُليمان بن عبدالمالڪ جو دور) ۾ گورنر عصمير بن عبدالله کي ڄاڻائي ٿو. هي غلط آهي. سندس ذريعو معصومي آهي ۽ اصل عربي لکتون ان کي رد ڪن ٿيون.

**18/717ع / 99هه:**

خليفو ٿيندي ئي عمر بن عبدالعزيز هند جي راجائن کي اسلام قبولڻ جي دعوت ڏني. ڏاهر جي بادشاهي پٽس جئسينا کي موٽائي يا پڪي ڪري ڏنائين. جيڪو اسلام قبولي چڪو هو ۽ اهي علائقا 97 ۽ 99هه يا سيپٽمبر 715 کان آگسٽ 717ع جي وچ تي ورائي ورتا هئائين.

سنڌ جي چگن مڙسن ۽ قبيلن جي سردارن ڏانهن پڻ لکيائين ته جيڪڏهن اهي اسلام قبول ڪندا ته ڪين پنهنجون ٻنيون رکڻ جي اجازت ڏني ويندي. سڀ کان پهريان ڏاهر جي پٽ جئسينا اسلام قبوليو ۽ ڪيترن ٻين به سندس پيروي ڪئي. ويندي عام ماڻهن به جئسينا ۽ ٻين اڳواڻن جي ڏني اسلام قبوليو.

انهي سان سموري سنڌ آزاد ٿي وئي ۽ عرب سلطنت سُسي قندابيل (گنداوا) تائين وڃي بيني.

عاصر (لائيڊن)، جلد IV، ص. 466 ۽ (قاهرا)، ص. 283.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 441، 442 ۽ (قاهرا)، ص. 447.

ايليَٽ، جلد I، ص. 440.

بلاذري جي دعوىٰ آهي ته مسلمان ٿيڻ تي جئسينا عربي نالو جليسہ رکيو. لڳي ٿو ته اتر سنڌ ۾ الور وارن علائقن کي ڇڏي جي ڪاهي ڪنڌيءَ وارن سيني علائقن تي سندس قبضو هو. اسلام قبولڻ وارن قبيلن ۾ راجپوت نسل جا ڪيترائي چگا مڙس شامل هئا، جن جو سرڪاري لقب جام ايراني سلطان جمشيد سان جوڙيو وڃي ٿو، جنهن جا ٿي سگهي ٿو اهي ڏَنَ پِرُو رهيا هجن. ڪجهه سما سردار، جن هندو ڌرم نہ ڇڏيو، ڪڇ جي چاوڙن، واگهيلن ۽ سولنڪي راجپوت قبيلن سان ويجهڙائپ وڌائڻ لڳا ۽ انهن سان سڱابنديون ڪيائون. وليمس، ص. 71.

**717-719ع / 99-101هه:**

سنڌ جي گورنر امرو بن مسلم باهِلِي ملڪ جي مختلف حصن تي (ڏاهر جي پٽ جئسينا جي علائقن کي ڇڏي، جيڪو مسلمان ٿي چڪو هو) لاڳيتيون ڪاهون ڪيون ۽ اهي اموي سلطنت لاءِ ورائي ورتائين. لڳي ائين ٿو ته محمد بن قاسم پاران فتح ڪيل سمورا علائقا سنڌ جي چگن مڙسن سندس سنڌ ڇڏڻ جي ٽن سالن اندر ورائي ورتا هئا.

چيو وڃي ٿو ته هن ڪڇ به فتح ڪيو ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ملائي ڇڏيو.

عاصر، جلد V، ص. 40.

بلاذري، ص. 447.

ڪڇ جو فتح ٿيڻ جيڪڏهن درست آهي ته رڳو ٿوري وقت لاءِ ٿيو هوندو، چو ته ڪاٺياواڙ ۽ اتر گجرات جو حاڪم وَلاڀي، جنهن جي علائقن ۾ ڪڇ شامل هو، اجا طاقتور هو ۽ پڪ سان سُتت ئي ورائي ورتو هوندائين.

وليمس، ص. 71 بڌائي ٿو ته عربن پاران سنڌ فتح ڪرڻ سان الور جو ڪڇ مٿان اختيار ختم ٿي ويو. اسلام قبوليندڙن ۾ سمن راجپوتن جا ڪيترائي چگا مڙس شامل هئا.

**20/719ع / 101هه:**

خليفو عمر بن عبدالعزيز مري ويو ۽ يزيد بن عبدالمالڪ نئون خليفو بڻيو.

**20/719ع / 101هه:**

سنڌ جي چوٿين اموي گورنر امرو بن مسلم باهِلِي کي حبيب ۽ ڪانئس اڳ 97 کان 99هه تائين واري سنڌ جي گرنر يزيد بن مهُلب جي بغاوت سبب هٽايو ويو. هلال بن اهُوز التميمي کي امرو جي جاءِ تي سنڌ جو پنجون گورنر مقرر ڪيو ويو.

بلاذري، ص. 442.

عاصر، جلد V، ص. 64.

**21/720ع / 102هه:**

بُڪير بن محن نالي پرچارڪ، جيڪو ڪجهه وقت اڳ سنڌ آيو هو، عراق موٽي ويو.

يعقوبي، جلد II، ص. 380.

**719/20ع کان 723/24ع / 101-105ھ:**

هن عرصي دوران عمر بن عبدالعزيز پاران هٿايل ۽ قيد ڪيل سنڌ جو اڳوڻو گورنر يزيد بن مُهلب قيد مان ڀڄي ڪٽنب سميت سنڌ پهتو ۽ بغاوت ڪڙي ڪيائين.

هلال بن اھُوز التميمي کي سندس پنيان لاتو ويو. انهي مُضارڪ بن مُهلب کي گنداوا مان جهليو. مُهلب جي ٻين پٽن مُفضل، عبدالمالڪ، زياد ۽ مروان کي بہ هٿ ڪري ماريو ويو. مارجندڙن ۾ معاويہ بن يزيد بہ شامل هو، جنهن محمد بن قاسم کي واصن جيل ۾ قيد هجڻ دوران ايذاءَ ڏنا هئا.

بلاذري، ص. 442.
عاصر، جلد V، ص. 64.

**24 فيبروري 724ع / 25 شعبان 105ھ:**

خليفو يزيد بن عبدالمالڪ مري ويو. هشام بن عبدالمالڪ ساڳئي سال رمضان مهيني ۾ نئون خليفو بڻيو. انهي عمر بن هبيره کي عراق جو گورنر جنرل مقرر ڪيو، جنهن 101ھ کان سنڌ جي گورنر هلال بن اھُوز التميمي کي هٽائي جنيد بن عبدالرحمان الامري کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو.

بلاذري، ص. 442.

**725/26ع / 107ھ:**

سنڌ جي گورنر جنيد بن عبدالرحمان ڪِرَج مٿان ڪاھ ڪئي ۽ ان تي قبضو ڪيائين.

عاصر، جلد IV، ص. 446 ۽ جلد V، ص. 101.
بلاذري، ص. 442.

**725ع / 107ھ:**

سنڌ جو نئون گورنر جنيد ديبل پهچندي ئي ملڪ جي اندرين ڀاڱن ڏانهن وڌيو ۽ مهراڻ جي الهندي ڪنڌيءَ تي خيما کوڙي جئسينا پٽ ڏاهر ڏانهن نياپو موڪلي ڪانئس ڏَنُ گهريائين. انهي اهو چئي انڪار ڪيس تہ هاڻ هو مسلمان آهي ۽ ڪيس اهي علائقا اڳوڻي خليفي عمر بن عبدالعزيز پڪا ڪري ڏنا هئا، تنهنڪري هو ڏَنُ نہ ڀريندو. جنيد جي زور ڀرڻ تي، چيو وڃي ٿو تہ اهو اسلام تان ڦري ويو ۽ جنگ جا سانباها ڪيائين، پر سرڪي ڊنڊ تي لڳل بحري ويڙھ ۾ شڪست ٿيس، قيد ٿيو ۽ سندس سسي لاٿي وئي. سؤٽس چچ پٽ ڏهرسيا جنگ مان ڀڄي ويو، گورنر پاران ويساھ گهاتيءَ بابت خليفي کي جاچ ڪرڻ جون تياريون ڪيائين، پر جنيد ڪيس نڳيءَ سان گرفتار ڪرايو ۽ مارائي ڇڏيائينس.

يعقوبي، جلد II، ص. 379-380.
بلاذري (لائيدن)، ص. 440-442 ۽ (قاهرا)، ص. 447.
عاصر (لائيدن)، جلد IV، ص. 446 ۽ (قاهرا)، جلد X، ص. 64.
جيڪڏهن جئسينا اسلام تان ڦريو هجي ها تہ چچ انصاف لاءِ خليفي ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار نہ ٿئي ها. سندس اسلام ڇڏڻ واري ڳالھ هٿ گهڙيل ٿي لڳي. هيگ سمجهي ٿو تہ سرڪي ڊنڊ رڻ ڪڇ هو (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري). رڻ ڪڇ برهمڻ آباد کان گهڻو پري آهي. اها ڊنڊ چوٽياري ٿي سگهي ٿي، جيڪا برهمڻ آباد کي ويجهي ۽ گهڻو ڪري سنڌو ۽ هاڪڙي ٻنهي سان ڳنڍيل هئي.

**725-729ع / 107ھ:**

جنيد ماترِيءَ جا سڀ اهم شهر هڪ هڪ ڪري ورائي فتح ڪيا (جيڪي لڳي ٿو تہ محمد بن قاسم جي وڃڻ کان پوءِ 10 سالن اندر آزاد ٿي ويا هئا) ۽ گجرات ۽ نيلما خلاف ڪامياب فوجي مهمون ڪيائين. (پوئين ڳالھ جي تائيد ۾ هند بابت لکتن مان ڪا بہ ثابتي نٿي ملي). اُجين تي بہ ڪاھ ڪيائين ۽ وڏو مال ڦري موٽي آيو، جنهن مان 4،000 ملين درهم مرڪزي خزاني ڏانهن موڪليا ويا.

بلاذري (لائيدن)، ص. 442 ۽ (قاهرا)، ص. 448.
عاصر (قاهرا)، جلد IV، ص. 283.
آر. سِي. مجمدار، گُرجر پرَتيهاراز (جرنل ڊپارٽمينٽ آف ليٽرس)، ڪولڪتو يونيورسٽي، ص. 20.
يعقوبي (قاهرا)، جلد III، ص. 50، ڦرلٽ جو مال 8،000 ملين درهم ٻڌائي ٿو. (مطلب 8 ارب، هيڏو وڏو انگ پروف جي غلطي لڳي ٿو - سنڌيڪار).

**725-738ع:**

سنڌ جو عرب گورنر جنيد ۽ ڪانئس پوءِ اچڻ وارا چِتوڙ (ڪِرَج)، کي

HCIP، جلد III، ص. 158-159.

پيليندا رهيا، جڏهن اتي مورين يا موريُن جي حڪومت هئي. مورين کي انهي پيل بنهه فنا ڪري ڇڏيو ۽ پاڙيسري گوهيلا جي چڱي مڙس راوَل ٻَپّا (ڪُمڻ-پهريون)، جنهن ۾ عربن کي منهن ڏيڻ جي سگهه هئي، چتوڙ تي قبضو ڪري ورتو. ٽاڊ مطابق انهي مَلِيچن (اڻ هندو ڌاريا) کي ڪڍي ڇڏيو هو. نندڙو ملڪ گوهيلا پڻ گهٽو ڪري عربن جي لَتَڙ هيٺ آيو.

**725-738ع:**

جنيد بائلامان (وَلاماندلا) فتح ڪيو. جُرز ۽ سندس نائب اُجين، مرمود، مندال، دهناز، ڪڇ، بروَس (بروچ) ۽ مَلِيبہ (مالوا) تائين ويا؛ مطلب تہ راڄپوتانا، مالوا ۽ بروچ کي پيليائون. هند بابت لکتون تصديق ڪن ٿيون تہ عربن سينڌاوا، ڪاڇيلا، سؤراشٽر، چاووتيچا، موريا ۽ گجرارا جي راجائن کي شڪست ڏني ۽ نؤسري جي ڏکڻ تائين ويا.

ابن عاصر، جلد IV، ص. 449.
بلاذري، ص. 448.
ائنلز آف ڀندارڪر اورئينٽل ريسرچ انسٽيٽيوٽ، پُونا، جلد X، ص. 31.
ٻئي لکتون ساڳي ڳالھ ڪن ٿيون، سواءِ ان جي تہ مسلمان لکتون وَلاڀي جي بادشاهي سؤراشٽر جي ڳالھ نٿيون ڪن.

**725-735ع:**

عربن سنڌ جي گورنر جنيد جي نائبن ۽ ڪانئس پوءِ اچڻ وارن جي مهنداريءَ ۾ راڄپوتانا ۾ مندور، مَلِيبہ (مالوا)، سُوراست (گجرات)، بروَس (بروچ)، ڪڇ بيٽ ۽ ڪانياواڙ اُپيٽ کي پيليو. ٻُنجو تڏهن آين جڏهن لتا جي چَلوُڪي راجا ۽ مالوا جي پرَتيهارا راجا پڄائي ڪيڍين. گُرجر جون وَلاڀي لکتون ٻڌائين ٿيون تہ بروچ جي راجا جياياتا-چوٿين تاجڪن (عربن) کي وَلاڀي جي شهر ۾ شڪست ڏني. انهي جي ڪري ولاڀي سلطنت ٽٽڻ لڳي ۽ ڪانياواڙ جي ڏاڪٽئي پاڳي تي انهي جو ڪنٽرول ختم ٿي ويو. ولاڀي گهراڻي جي آخري راجا 766/67ع تائين راڄ ڪيو.

ايپيگرافيا انديڪا، جلد XXIII، ص. 151.
ابن عاصر، جلد IV، ص. 466.
بلاذري، ص. 442.
يعقوبي، جلد II، ص. 379-380.
انڊين اينٽيڪئيري، جلد XII، ص. 155.
بامبي گزيٽيئر، جلد I، پاڳو پهريون، ص. 87 ۽ 137.
البيروني لکي ٿو تہ ولاڀي جي ڪنهن دولتمند شهريءَ راجا سان جهيڙو ڪيو ۽ سنڌ پڄي آيو. انهي سنڌ جي عرب گورنر کي سوکڙيون ڏئي ولاڀي سلطنت تي حملي لاءِ راضي ڪيو. عربن راتاهو هنيو، شهر تباهہ ڪيائون ۽ راجا کي ماري وڌائون (ڏسو سخائو، جلد I، ص. 192). هيءَ ڪا نِج لوڪ ڪٿا آهي. شهر 758 يا 776ع تائين آباد رهيو، تڏهن عربن هٿان تباهہ ٿيو.

**727/28ع / 109هـ:**

ديبل ۾ علي بن موسيٰ پاران مسجد ٺاهي راس ڪرڻ جو تختيءَ مطابق ممڪن سنہ.

ايف. اي. خان، ڀنڀور، 1963، ص. 76.

**729/30ع / 111هـ:**

جنيد بن عبدالرحمان الامري کي سنڌ جي گورنريءَ تان لاٿو ويو، پر اموي خليفن خلاف باغي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ ڪري هشام کيس خراسان جو گورنر ڪري رکيو.

تميم بن يزيد العتبي کي عراق ۽ ايرندي پرڳڻن جي گورنر جنرل خالد بن عبدالله القصري جنيد جي جاءِ تي سنڌ جو ستون گورنر مقرر ڪيو.

بلاذري، ص. 442.
ابن عاصر، جلد V، ص. 93.
طبري ۽ يعقوبي پڻ جنيد جي اهڙي ورتاءَ جي تصديق ڪئي آهي.

**728/29ع / 110هـ:**

تميم، جنيد پاران سنڌ جي خزاني ۾ ڇڏيل 18،000،000 تاتاري درهم دمشق موڪليا؛ هي سنڌ مان ڪيل ڦرلٽ ۽ جنيد پاران پيليل هندستاني علائقن مان هٿ آيل مال هو.

يعقوبي، جلد II، ص. 380، 399-400.
بلاذري، ص. 444.
جنيد لاءِ چيو وڃي ٿو تہ انهي سنڌ ۾ هجڻ دوران دمشق ڏانهن 600،000 جنگي قيدي ۽ 8 ڪروڙ درهم موڪليا هئا. 725-729ع وارا داخلا بہ ڏسو.

**31/730ع / 112ھ:**

سنڌ جا ماڻهو عربن خلاف زوردار طريقي اٿي کڙا ٿيا، جنهن ۾ گهڻا عرب مارجي ويا ۽ تميم کي گهٽين جنگين کان پوءِ سنڌ ڇڏي پڇڻو پيو. ياچ دوران تميم بن يزيد العتبي ديبل ويجهو مري ويو. عراق ۽ ايرندي وارن پرڳڻن جي گورنر جنرل خالد بن عبدالله القصري حَڪم بن عوانہ الڪلبي کي سنڌ ۽ هند جا حصا وري فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو، جن مان قَصا کي ڇڏي بيا سڀ عربن کان کسجي چڪا هئا.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 442.
يعقوبي، جلد II، ص. 399-400.
ڪڇ تي سنڌي قبيلي ڪاٺي جو قبضو هو، جيڪو ڪڇ ڏانهن 600-700ع جي وچ تي لڏي ويو هو. سنڌ جا هندو سما 712ع کان پوءِ ڪڇ وارن سان سڱاوتين ۾ ڳنڍجي چڪا هئا. تنهنڪري ڏيهي ماڻهن کي ڪچين جي مدد سان اٿاري کڙو ڪرڻ سولو هو. ڪڇ جيئن ته سنڌوءَ جي ٻيٽاري تي هڪ ٻيٽ هو، سو انهي اچ وڃ سولي بڻائي ڇڏي هئي ۽ ڪڇ جا ساموندي ڦورُو ۽ ملاح انوقت جي عرب ملاحن کان بهتر هئا. اهي سورهين صديءَ تائين بہ ائين ئي رهيا، جڏهن پورچوگيزن جا هندي وڏي سمنڊ ۾ جوڙجَس رڳو اهي ئي هئا.

خليفي هشام تميم جي جاءِ تي الحَڪم بن عوانہ الڪلبي کي سنڌ جو ائون گورنر مقرر ڪيو.
سنڌ ۾ عربن جي اقتدار کي ٻُنجو آيو ۽ تڪڙي زوال جي شروعات ٿي. عرب سنڌ مان ٻين محفوظ هنڌن ڏانهن لڏڻ لڳا.

بلاذري، ص. 442.
يعقوبي، ص. 384-386.

**730-732ع / 112 يا 113ھ:**

حَڪم بن عوانہ الڪلبي سنڌ جو گورنر ٿي پهچڻ شرط ئي ڪاهون ڪري ڪيترين ئي سخت جنگين کان پوءِ ڪجهه وڃايل علائقا فتح ڪيا. ڪڇ تي پڻ ڪاهہ ڪيائين. 113ھ ۾ مسلمانن لاءِ هڪ پناهگاهہ اڏي ان کي محفوظہ نالو ڏنائين. ڍنڍ (اصل ۾ سنڌو درياءُ) جي ٻئي پاسي منصوره پڻ اڏيائين. اهو اڳتي هلي سنڌ جي گورنر جي گادي بڻيو. (پوئين نالي وارو هنڌ برهمڻ آباد هو، جنهن جو نالو مٽائي اهو رکيو ويو. محفوظہ سنڌو درياءَ جي ٻئي پاسي هو، جنهن جو پراڻو پيٽ اڄ بہ ڏسي سگهجي ٿو).

بلاذري (لائيڊن)، ص. 442 ۽ (قاهرا)، ص. 448.
بلاذري (مرگوٽن)، ص. 228-229.
ابن عاصر (قاهرا)، ص. 283.
سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 335، ۾ ٻڌائي ٿو تہ منصوره ٿي سگهي ٿو تہ 110 ۽ 120ھ يعني 728-738ع جي وچ تي اڏيو ويو هجي.

**725-740ع:**

وچ ۽ ڏکڻ ڪڇ ۾ 30 سال اڳ آباد ٿيل سنڌ جا ڪاٺي ايرندي پاسي پکڙيا ۽ ڪنٿ ڪوٽ کي گاديءَ جو هنڌ بڻائي وڳد جا حاڪم بڻجي ويا.

وليمس، ص. 71.

**730ع / 112ھ:**

حَڪم سان گڏ مُنظر ابن ظُهير ابن عبدالرحمان الهباري سنڌ آيو. (انهي جي پونيرن 110 سال پوءِ سنڌ ۾ هڪ آزاد بادشاهت ٺاهي).

بلاذري (قاهرا)، ص. 450 ۽ (لائيڊن)، ص. 444.
يعقوبي، جلد II، ص. 389.

**730-739ع / 112-121ھ:**

تميم بن يزيد جي ڏينهن ۾ ديس واسين عربن کي ڪڍي پرڳڻي جو وڏو ڀاڱو ورائي ورتو هو. تنهنڪري نئين گورنر الحَڪم جي ذمي پهريون ڪم عربن جي بچاءَ لاءِ هڪ نئون شهر محفوظہ اڏڻ هو ۽ ساڻس گڏ آيل مددگار امر ابن محمد بن قاسم مقامي ماڻهن خلاف ماڻيل فتح جي يادگار طور 120ھ (38/737ع) ۾ هڪ ٻيو شهر منصوره اڏيو.

بلاذري، ص. 444-449.
يعقوبي (لائيڊن)، جلد III، ص. 50 ۽ (قاهرا)، ص. 58.
ابن عاصر، ص. 283.
هاڻ ثبوت آهي تہ برهمڻ آباد کي نئون نالو منصوره ڏئي ۽ گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو. هنوقت سانگهڙ ضلعي ۾ شهدادپور-جهول روڊ جي جمڙائو واهہ ٽپڻ واري هنڌ کان اٽڪل ميل کن ڏکڻ ۾ دِلُوراءِ جو ڦٽل شهر سڏجي ٿو.
مسعودي، مُرُوجُ الذهب، پيرس ڇاپو، جلد I، ص. 390-391 ۽ بغداد ڇاپو،

ص. 42، ٻڌائي ٿو تہ منصوره تي اهو نالو سنڌ جي گورنر منصور ابن جمهور الڪلبي (746-750ع) جي نالي پٺيان پيو.
ذڪريا ڪَزويني، عصرالبلاد، ص. 38، ٻڌائي ٿو تہ اهو عباسي خليفي ابو جعفر المنصور (754-775ع) جي ڏينهن ۾ اڏيو ويو هو. ياقوت حماوي مجمع البلدان (قاهرا)، جلد VIII، ص. 177، ذڪريا جي تائيد ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهو منصور جي گورنر امر بن حفص المُهلبي (760-766ع) اڏيو هو. لڳي ائين ٿو تہ برهمڻ آباد جو نالو مٽائي منصوره 760 ۽ 767ع جي وچ تي رکيو ويو. حماوي تصديق ڪري ٿو تہ وَهمن آباد/برهمڻ آباد جو نالو مٽائي منصوره رکيو ويو. استخري، الملوڪ والممالڪ (لائيڊن)، ص. 171-173 ۽ حوقل، صورت العرض (لائيڊن)، ص. 320، پڻ ساڳي ڳالهہ ڪن ٿا. بيروني، ڪتاب الهند، ص. 100، منصوره کي بَمنوا يا ٻَهمنوا سڏي ٿو. ادريسي جي لکڻ وقت منصوره موجود نہ هو. هن موضوع تي ٻيون لکتون پروسي جو ڳيون ناهن.
ويجهڙ ۾ ٽيل دِلُوراءِ جي کوٽائيءَ تصديق ڪئي آهي تہ اهو ماڳ برهمڻ آباد آهي، جنهن جو نالو مٽائي منصوره رکيو ويو هو ۽ قِتل ٽوپ (استوپا) مٿان مسجد اڏي وئي هئي.

**731/32ع / 113هہ:**
نئين گورنر حَڪم بن عوانہ سڄي سنڌ مان عرب گڏ ڪيا ۽ انهن کي سنڌوءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ تي نئين اڏيل شهر محفوظ ۾ وسايائين.

**731ع:**
قنوج جي راجا يَسووَرمن پنهنجي وزير، ٻوڏي ٻائي، پُتا سِن (ٻُداسين) کي ايلچي بڻائي چين موڪليو، ان مقصد سان تہ گڏجي سنڌ جي عربن (جن جنيد جي مهنداريءَ ۾ پيل شروع ڪري ڏني هئي) ۽ تبتين سان وڙهجي. عربن سنڌ جي فتح کان پوءِ قنوج تي لشڪر چاڙهي موڪليو هو، پر ڪا ڪاميابي نہ ملي هئن. يسووَرمن هٿان پراسِڪن جي شڪست عربن جو حوالو آهي.

HCIP، جلد III، ص. 130.
داخلا 736ع پڻ ڏسو.

**732ع:**
عرب سلطنت جو اولهہ ۾ پکڙجڻ چارلس مارٽل جي ٽوئرس ۽ پوائٽيئرس جي وچ واري سوپ روڪي ڇڏيو.

**735ع:**
سِنجان، ضلعي ٿانا، گجرات ۾ ڏکڻ ايشيا جي پهرين پارسي ڪالوني.

سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، ص. 444.

**735/36ع / 116هہ:**
سنڌ جي اڳوڻي ۽ خراسان جي انوقت جي گورنر جنيد کي يزيد بن مُهلب جي ڌيءُ فائزه سان شادي ڪرڻ تي هٽايو ويو. سُنت ئي مَرو ۾ مري ويو.

يزيد بن مُهلب بابت داخلا 717 ۽ 723-724 ڏسو.

**735-740ع:**
گُرجر پرَتيهارا راجا ناگڀاتا جنيد کان پوءِ اچڻ واري (ممڪنہ طور حَڪم بن عوانہ ڪلبي) کي شڪست ڏني.

HCIP، جلد IV، ص. 20.

**736ع:**

ڪشمير جي راجا لِلت آڌِت پنهنجو ايلچي چين موڪليو ۽ قنوج جي راجا يسووَرمن جو حوالو ڏنائين. جنهن پڻ 731ع ۾ اهڙي طرح ايلچي موڪليو هو. پنهي بادشاهن چين کان عربن ۽ تبتين خلاف مدد گهري. عربن سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ قنوج تي لشڪر چاڙهيو هو، پر ڪامياب نہ ٿيا هئا. ڪشمير کي پڻ خطرو هو.

HCIP، جلد II، ص. 130.
اسٽائين، سر اوريل، راجاتَرنگيني جو انگريزي ترجمو، ڀاڱو IV، ص. 134.
انوقت سنڌ جو گورنر حَڪم بن عوانہ هو، جنهن ڪجھ علائقن ۾ مهمون شروع ڪيون هيون، جن تي ڪانئس پوءِ اچڻ واري جنيد حملا ڪيا. تصديق هندي ذريعن مان ٿئي ٿي. ڏسو داخلا سال 725-735، 725-728، 729، 725-738، 738، 738-740 ۽ 739ع. چڙ جو سبب اهو هو تہ چتوڙ، مارواڙ، ڪڇ ۽ گجرات جي حاڪمن سنڌ ۾ اندروني بغاوتن جو ساٿ ڏنو هو ۽ اهي ڪيترا ڀيرا عربن سان سامهون وڙهيا هئا.

**737/38ع / 120هـ:**

سنڌ جي گورنر حَڪم بن عوانہ خالد بن عبدالله جي نائبن جي مٿان ظلم جي خبر ٻڌي علائقي تي حملو ڪيو، پر مارجي ويو. امر بن محمد بن قاسم ثَقفي جنگ جي مهنداري سنڀالي. ابن عرار سندس مهنداري نہ مڃي. ايرندي پرڳڻن جي گورنر يوسف بن عمر، امر جو ساٿ ڏنو ۽ عرار کي قيد ڪيو ويو. مقامي بغاوت ڪڙي ٿي. عرب لشڪر محفوظ ۾ پناھ ورتي، جنهن تي دشمنن ڪڙو چاڙهيو. ڪڙو چڙهيو رهيو، عراق کان 4،000 سپاھ پهچڻ کان پوءِ ڪڙو لٿو ۽ عربن 121هـ (738-739ع) ۾ فتح ماڻي.

بلاذري، ص. 446.
يعقوبي، جلد II، ص. 389-390.
مقامي بغاوت کي ٿي سگهي ٿو مارواڙ، ڪڇ ۽ گجرات کان پنيرائي ٿي هجي، جيئن سال 738ع واري داخلا مان اشارو ملي ٿو. بلاذري لکي ٿو تہ عراق جي گورنر جنرل خالد القصري کي ڪيڏي ۽ سندس جاءِ تي يوسف بن عمر ثَقفي کي رکيو ويو، جنهن خالد جا رکيل ماڻهو مٽائڻ شروع ڪيا. خالد جي رکيل حَڪم، يوسف کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪجھ بهادري ڏيکارڻ جو رٿيو ۽ ڪنهن مقامي بغاوت کي چٿڻ لاءِ وڙهندي 121هـ (739ع) ۾ مارجي ويو.

**738ع ۽ سُتت پوءِ:**

جنيد کان پوءِ اچڻ واري حَڪم بن عوانہ يا امر بن محمد بن قاسم کي راجا ناگڀاٽا ۽ لٽا (ڏکڻ گجرات) جي چلُوڪي راجا اَواني جَنسرايا پُلاڪيسِيراجا شڪست ڏني. نَندِيپوري جو گُرجر بادشاھ جاواڀالا-چوٿون پڻ عربن کي شڪست ڏيڻ جي دعويٰ ڪري ٿو.

حَڪم بن عوانہ قنوج ۽ ڪشمير جي دنگن ويجهو ڪِرَج يا ڪيرا فتح ڪيو هو. ڪشمير جي حاڪم چين کان مدد گهري هئي، جيڪا نہ پهتي، پر قنوج جو راجا يسووَرمن ۽ ڪشمير جو راجا لِلت آڌِت ٻئي پنهنجي ٻَل تي عربن کي منهن ڏيڻ جهڙا هئا.

ائنلز آف ڀنڊارڪر اورئينٽل ريسرچ انسٽيٽيوٽ، پُونا، جلد X، ص. 31.
اهو پڻ مڃيو ويو آهي تہ جنيد کان پوءِ اچڻ واري تميم جي ڏينهن ۾ عرب لڳ ڀڳ سمورا فتح ڪيل علائقا ڪسرائي چڪا هئا ۽ رڳو سنڌ تي اچي هٿ ڪُٽا هئائون. ٿي سگهي ٿو تہ اموي دور جي پڇاڙيءَ ۾ ڏڦيڙ واري دور سنڌ ۾ عربن جو زور گهٽجندي ڏنو هجي. داخلا سال 737-738ع ۾ وڏي بغاوت ۽ ڏڦيڙ جو ذڪر آهي.
اسٽائين، راجاتَرنگيني، جلد IV، ص. 34، 130.
ڏسو داخلائون 736، 739 ۽ 738-740ع.

**738ع / 121هـ:**

سنڌين عرب گورنر حَڪم بن عوانہ خلاف بغاوت ڪڙي ڪئي، جيڪو انهن سان وڙهندي مارجي ويو. سندس جاءِ تي محمد بن قاسم جو پٽ امر آيو. امر هڪ عرب عملدار يزيد بن عرار کي قيد ڪيو، جنهن جو نالو عراق جي گورنر جنرل يوسف بن عمر ثَقفيءَ امر جي نالي سان گڏ سنڌ جي گورنريءَ لاءِ ڪنيو هو. حَڪم 9 سال حڪومت ڪئي. انهي عرصي دوران ٻاهران ۽ اندران لڳاتار جنگيون هلنديون رهيون.

بلاذري، ص. 446.
يعقوبي، جلد II، ص. 738.

**738-740ع:**

گجرات (ڏکڻ گجرات) جي راشٽراڪُوٽ اِندر-پهرئين جي پٽ دَنتيدُرا لاءِ چيو وڃي ٿو تہ انهي لٽا ۽ سنڌو فتح ڪيا هئا، پر هن ۾ شڪ آهي، ڇو تہ ٿي

مجمدار، HCIP، جلد III، ص. 157.
يعقوبي، جلد II، ص. 390، سنڌ جي ڪنهن مقامي راجا جي اڳواٽيءَ ۾ ڪا

سگهي ٿو تہ انهي ڳ سنڌ ۾ حَڪم بن عوانہ ۽ امر بن محمد بن قاسم خلاف بغاوت ۾ سنڌين ۽ مقامي عربن جي مدد ڪئي هجي.

بغاوت لکي آهي. عربن جي سينڌاوا (ڪاٺياواڙ ۽ گجرات) مٿان سال 739ع ۾ ڪاهہ پڻ لکيل آهي.

**739ع:**

سنڌ جي عربن سينڌاوا جي بادشاهيءَ (ڪاٺياواڙ ۽ گجرات) مٿان سينڌاوا گهراڻي (جٺرَٽ گهراڻو پڻ سڏجي ٿو) جي حاڪم پُشياديو جي حڪومت دوران ڪاهہ ڪئي.

HCIP، جلد IV، ص. 99.

**739ع / 121هہ:**

حَڪم بن عوانہ ڪلبي جي مرڻ تي سندس پٽ نائبن امر بن محمد بن قاسم ثقفي ۽ يزيد بن عرار وچ ۾ سنڌ جي گورنريءَ لاءِ هوڏ هلي. خليفي هشام امر بن محمد بن قاسم کي سنڌ جو نائون گورنر مقرر ڪيو. انهي عهدو سنڀاليندي ئي يزيد بن عرار کي قيد ۾ وڌو. هن ڇڪتاڻ سبب ڪنهن راجا جي مهنداريءَ ۾ مقامي بغاوت ڪَرُ ڪنيو ۽ عربن ۾ پڻ ڏڦيڙ پيو.

يعقوبي، جلد II، ص. 390.
بلاذري، ص. 440.
ڏسو داخلائون 738 ۽ 738-740ع.

**739-743ع / 121هہ:**

سنڌ ۾ عرب قبيلن ۽ ديس واسين وچ ۾ گهرو ويڙهہ شروع ٿي وئي. گورنر امر بن محمد بن قاسم کي شڪست ٿي ۽ سندس گاديءَ واري هنڌ تي ڪڙو چاڙهيو ويو، پر عراق جي گورنر جنرل يوسف ابن عمر الثقفي جي وقت سِر مدد ڪيس بچائي ورتو. ان هوندي بہ عرب قبيلا مروان بن يزيد بن مهلب جي اڳواڻيءَ ۾ امر خلاف اٿي ڪڙا ٿيا.

بلاذري، ص. 447-448 (لائيڊن).
يعقوبي، جلد II، ص. 397-398.
مقامي بغاوت کي پڪ سان ڪڇ، مارواڙ ۽ گجرات جي حاڪمن پاران پنيرائي ٿي هوندي، جيئن داخلائن 738 ۽ 738-740ع ۾ ٻڌايو ويو آهي.

امر عرب باغي قبيلن کي ماٺ ڪرائڻ کان پوءِ مروان کي مارائي ڇڏيو.

منصوره تي ڪڙو چاڙهڻ وارو راجا تي سگهي ٿو ڪنهن پاڙيسري ملڪ جو هجي.

**740ع:**

جنيد ۽ ڪانئس پوءِ اچڻ وارن (حَڪم، امر بن محمد بن قاسم ۽ ٻيا) پاران ڪڇ، گجرات، مارواڙ، راجستان، اوپر پنجاب ۽ ڪشمير جي هندو حاڪمن تي 735 ۽ 739ع جي وچ تي ڪيل حملن سبب هندو راجا هڪ ٿي ويا، عربن کي شڪستون ڏنائون ۽ مقامي بغاوتن ۽ فسادن جي پنيرائي پڻ ڪيائون. انهي جي ڪري عربن جو اوپر پاسي وڌڻ رڪجي ويو. ان کان پوءِ سندن سنڌ مٿان ڪنٽرول پڻ هيٺو ٿيو ۽ ايندڙ 100 سالن دوران مقامي بغاوتون، عربن جا پاڻ ۾ ڦڏا ۽ بد انتظامي هلندا رهيا.

جنيد جي لوڀ بابت هيٺين سالن واريون ڏسو داخلائون:
725ع،
725-729ع،
725-735ع،
725-738ع،
730-731ع،
730-732ع،
731ع،
735-740ع،
736ع،
738ع،
738-740ع،
739ع ۽
739-740ع.
هنن سالن واريون داخلائون پڻ ڏسو:
728-729ع،

729-730ع.

735-736ع.

**6 فيبروري 743ع / 6 ربيع الثاني 125هه:**

هشام بن عبدالمالڪ مري ويو ۽ وليد بن يزيد ربيع الثاني 125هه ۾ خليفو بڻيو.

**743/44ع / 125هه:**

خليفي وليد بن يزيد سنڌ جي نائين گورنر امر بن محمد بن قاسم کي لاهي ۽ يزيد بن عرار الڪلبي کي سنڌ جو ڏهون گورنر مقرر ڪيو. امر سنڌ ۾ هوندي ئي آپگهات ڪري ڇڏيو. يزيد ڪافرن (باغين) خلاف 18 ڪاهون ڪيون. سنڌ جي گادي الور مان منصوره ڏانهن هن جي دور ۾ لڏائي وئي.

ابن عاصر، جلد ۷، ص. 93.
يعقوبي، جلد II، ص. 399-400.
بلاذري، ص. 450.
چچنامو (سنڌي)، ص. 375.

**اپريل 744ع / جمادي الثاني 126هه:**

خليفو وليد قتل ٿي ويو. ابراهيم بن وليد بن عبدالمالڪ نئون خليفو بڻيو، پر ڪيس 127هه جي شروعات کان پوءِ (يا آڪٽوبر 744ع کان پوءِ) لاٿو ويو ۽ سندس جاءِ مروان-ٻئين ورتي.

ابن عاصر جلد ۷، ص. 340، جي چوڻ مطابق وليد-ٻئين جي قاتلن ۾ ابن زياد بن ابي ڪَبشه نالي هڪ سنڌي بہ هو.

**746ع / 129هه:**

سنڌ جو ڏهون گورنر يزيد بن عرار الڪلبي عراق کان سنڌ آيل هڪ دمشقي باغي منصور بن جمهور الڪلبي هٿان مارجي ويو. منصور سنڌ جو آزاد حڪمران بڻجي ويهي رهيو. پنهنجي پاءُ منظور کي الهندي سنڌ يعني گنداوا، ديبل وغيره جو گورنر بڻايائين. منصور بن جمهور ان کان اڳ عراق جو گورنر هو، جتان ڪيس لاٿو ويو هو. سنڌ آيو جتان جو گورنر يزيد بن عرار سندس مائٽ هو، پر هئي پاڻ ۾ وڙهي پيا. منصور منصوره تي ڪڙو چاڙهيو، يزيد کي ہڏائين ۽ جيئري ئي ٿنب ۾ لنبرائي ڇڏيائين.

يعقوبي (لائيڊن)، جلد II، ص. 407 ۽ (بيروت) جلد III، ص. 56.
طبري هن واقعي جي تصديق ڪئي آهي.

**749ع / 132هه:**

عربيءَ ۾ بيت رچيندڙ مشهور شاعر ابو عطا سنڌي گذاري ويو.



91. 711ع ۾ ٻنيور جي شڪست کان پوءِ ڦٽي ويل شِو جي مندر جي کوٽائي.



92. ٻنجين کان اٺين صدي عيسوي: ٻنيور جي مندر ۾ رکيل شِو لِنگم.

# سنڌ ۾ عباسي خليفن جا گورنر

**30 آڪٽوبر 749ع / 13 ربيع الاول 132ھ:**

ابو مسلم خراسانيءَ جي فتح سبب پهرئين عباسي خليفي ابوالعباس عبدالله سفاح جو مقرر ٿيڻ.

**جولاءِ-آگسٽ 750ع / ذي الحج 137ھ:**

اڳوڻو خليفو مروان-ٻيون مارجي ويو. ان سان اُموي گهراڻي جو انت ٿيو ۽ عباسي گهراڻي انهن جي جاءِ ورتي.

**750/51ع / 133ھ:**

ايرندي عباسي سلطنت جي گورنر ابو مسلم خراسانيءَ سنڌ ڏانهن ابو مسلم عبدالرحمان بن مسلم مفلس عابديءَ کي موڪليو. منصور الڪلبي جو پاءُ، الهندي سنڌ جو گورنر، منظور ديبل ۾ مارجي ويو. الڪلبي منصوره ويجهو ابو مسلم جي فوج کي سامهون ٿيو، جتي ابو مسلم عابديءَ کي شڪست ٿي.

ابن عاصر، جلد V، ص. 17.

يعقوبي (لائيڊن)، جلد II، ص. 449 ۽ (بيروت)، جلد III، ص. 66.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 443 ۽ (قاهرا)، ص. 449.

**750-800ع:**

سنڌ جا ڪاٺي، جيڪي 725-740ع ۾ ڪڇ ڏانهن لڏي ويا هئا ۽ وڳڊ ۾ پنهنجي رياست ٺاهي هئائون، تن کي چاوڙن شڪست ڏني، جن جو هاڻ سنڌن گاديءَ واري شهر ڪنٿ ڪوٽ تي قبضو هو. چاوڙن کي سولنڪين (چلُوڪين جي هڪ نُکَ) ٻہ صديون پوءِ 1000ع ڌاري اٿان ڪڍيو.

وليمس، ص. 69-70.

**751ع / 133ھ:**

ايراني عنصرن، خاص ڪري ابو مسلم خراسانيءَ، جي سرگرم ساٿ سان اُموين جو ڊهڻ ۽ عباسين جو چڙهڻ.

**751/52ع / 134ھ:**

خراسان ۽ ايرندي عباسي سلطنت جي گورنر ابو مسلم خراسانيءَ ابو مسلم عابديءَ جي شڪست ۽ موت جو ٻڌي سنڌ تي حملو ڪيو. 129ھ (746ع) کان سنڌ جي باغي حاڪم منصور بن جمهور کي شڪست ٿي، پر ٿر جي رڻ ڏانهن ڀڄي ويو، جتي اُڃَ وگهي مري ويو.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 443 ۽ (قاهرا)، ص. 449.

بلاذري (مرگوٽن)، ص. 229-230.

ابن عاصر، جلد V، ص. 347.

يعقوبي، جلد II، ص. 429 ۽ جلد III، ص. 80، ٻڌائي ٿو تہ ڪيس ٻڌو ويو هو ۽ پوءِ ماريو ويو. هي بيان اُڃ وگهي مرڻ کان وڌيڪ ويساهڻ جوڳو ٿو لڳي، ڇو تہ ٿر جي رڻ ۾ هنڌين ماڳين کوهہ آهن، جيڪي هڪٻئي کان ڏهن ميلن کان وڌيڪ پري ناهن.

**751/52ع / 134ھ:**

ابو مسلم عبدالرحمان بن مسلم مفلس عابديءَ جي 133ھ (750/51ع) ۾ موت کان پوءِ موسيٰ بن ڪعب التميمي سنڌ ۾ عباسين جو پهريون گورنر مقرر ٿيو. انهي مسجد کي وڌايو ۽ منصوره شهر جي مرمت ڪرائي، جنهن ابو مسلم خراسانيءَ جي ڪاهن دوران ڏاڍو ڀوڳيو هو.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 442.

بلاذري (مرگوٽن)، ص. 230.

يعقوبي، جلد III، ص. 80.

ابن عاصر، جلد V، ص. 17-18.



93. اصفهان ۾ جُمع مسجد. هن جي اڏاوت سرن جي ڪم ۽ سينگار ڪي پاڻ ۾ ملائي سهڻن نمونن جو روپ ڏئي ٿي. هيءَ اڳتي هلي اسلامي اڏاوتي طرز جو ماخذ بڻي.



94. سلطانيه ۾ منگول بادشاهه اولجيلو جو مقبرو. مقبرو اڏاوتي مهارت جو هڪ شاندار نمونو آهي ۽ وچ ايشيا جي مغلن ڏکڻ ايشيا ۾ ان جو نقل ڪيو. سنڌ ۾ هن طرز جي اڏاوت ترخانن آندي.

**754ع / 136هه:**
ابو جعفر منصور خليفو بڻيو.

**10 جون 754ع / 13 ذي الحج 136هه:**
پهريون عباسي خليفو سفاح مري ويو. هي واقعو هڪ سنڌي جماعت پاران ڪيس سنڌ جي مسئلن بابت چاڻ ڏيڻ جي ٽن ڏينهن ڪان پوءِ ٿيو.

ابن عاصر، جلد V، ص. 387.

**754-755ع:**
چيو وڃي ٿو ته سنڌ جي گورنر ڪشمير فتح ڪيو هو، جنهن تي ويساهه نٿو اچي، ڇو ته اتي لَلِت آڏِت مُڪتاپڙا (733-769ع) جي طاقت جو اوج هو.

بلاذري (مرگوٽن)، ص. 231.

اسٽائين جي راجاتَرنگيني ۾ آهي ته لَلِت آڏِت مُڪتاپڙا عربن جي ڪنهن حاڪم سردار کي ٽي ڀيرا شڪست ڏني. عربن تي سگهي ٿو ڪشمير مٿان ڪاهه ڪئي هجي.

HCIP، جلد IV، ص. 126.

**757/58ع / 140هه:**
سنڌ ۾ عباسي خليفن جو پهريون گورنر موسيٰ بن ڪعب التميمي بيماريءَ سبب پنهنجو عهدو پٽس عينه حوالي ڪري پاڻ بغداد موٽي ويو ۽ 141هه (758/59ع) ۾ مري ويو.

بلاذري، ص. 200.

**757-767ع / 140-151هه:**
عبدالله بن محمد الشطار علوي، عليءَ جو سڌو پونير، امر بن حفص جي سنڌ جو منصوره ۾ حاڪم هجڻ دوران سنڌ ۾ آيو. هي شيعو هو ۽ اسلام جو پرچار ۽ مشهوري ڪرڻ سان گڏوگڏ اهلبيت (پيغمبر محمد جو اولاد) لاءِ حمايت وٺڻ آيو هو. سنڌ جو گورنر امر بن حفص سندس مريد ٿيو ۽ ڪيس ڪنهن هندو راجا جي گاديءَ واري شهر ۾ موڪلي پناهه ڏنائين، جتي اهو 10 سال رهيو. خليفي منصور، عبدالله کي ان راجا وٽان هٽ ڪرڻ لاءِ هشام بن امر کي موڪليو. انهي راجا تي حملو ڪيو ۽ جنگ ۾ سوڀارو ٿيو. عبدالله الشطار کي خليفي منصور جي حڪم تي هشام 767ع (151هه) ۾ سنڌ ۾ ماري ڇڏيو. سندس زال ۽ صغير پٽ کي انهي ئي سال بغداد اماڻيو ويو. ان هوندي به الشطار پنهنجو شيعا فرقو سنڌ ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ابن عاصر، جلد V، ص. 283، 455.
ابن خلدون، جلد III، ص. 198.
راجا جي نالي جي خبر ناهي، پر انهي جو علائقو رڻ ۽ عربن جي سنڌ (منصوره ۽ ان جي ماتحت علائقا) جي وچ تي ڪنهن درياءَ جي ڪنڌيءَ سان هو. هن وصف مان صاف لڳي ٿو ته اها بادشاهي هاڪڙي جي ڪنڌيءَ سان سکر يا خيرپور ضلعي ۾ هئي ۽ ممڪن آهي ته الور هجي. انهي ئي دور ۾ خارجي سنڌ ۾ عباسين خلاف مهم ۾ چڱا سرگرم هئا. 142هه (759/60ع) ۾ حسان بن مجاهد همداني خارجي امر بن حفص کي پاڻ سان ملائڻ لاءِ سنڌ آيو، پر انهي سهڪار نه ڪيس.

**758ع:**
ڪٺنتان جو پرڏيهي واپارين لاءِ بند ٿيڻ (جيڪو وري 792ع ۾ کليو). سنڌ جي بندرگاهن تي به ضرور پيرو ٿيندو هوندو.

**758/59ع / 141هه:**
سنڌ ۾ عباسين جو پهريون گورنر موسيٰ بن ڪعب التميمي بغداد ۾ مري ويو.

**759ع:**
سنڌ جي گورنر، امرو بن جمال کي ٻيڙن جو قافلو ڏئي ٻڙودا (ڪاٺياواڙ ۽ گجرات) واري سامونڊي ڪنڌيءَ ڏانهن موڪليو، اتي ڪرشنا راجا

HCIP، جلد IV، ص. 99، سنه 756ع ڏنو آهي. سيد سليمان ندوي، عرب و هند کي تعلقات، ص. 17، سنه 759ع (140هه) ڏنو آهي. پوئين واقعي جي

حڪومت پئي ڪئي، جيڪو عربن سان 739ع ۾ جنگ جوتيندڙ پُشياديو جو پٽ هو. عربن کي شڪست فاش ٿي. اڳتي هلي هشام بن امر هڪڙي ٻئي قافلي جي مهنداري پنهنجي سِر پاڻ ڪئي، گهڻو ڪري 766/67ع ۾، ۽ بروچ ويجهو گاندار فتح ڪيائين. اتي هڪ مسجد اڏيائين.

هندستاني ذريعا تصديق نٿا ڪن.

**759/60ع / 142هه:**

خارجي اڳواڻ حسان بن مجاهد همداني پنهنجي فرقي جو پرچار ڪرڻ سنڌ آيو، پر ڪامياب نه ٿيو.

حسام الدين راشدي، مهراڻ، جلد 10، نمبر 1، 1961. هن ٿي واقعي جي هڪ ٻئي رخ لاءِ 757-767ع واري داخلا پڻ ڏسو.

**759/60ع / 142هه:**

جيئن ته سنڌ ۾ عباسين جو پهريون گورنر عينه بن موسيٰ التميمي حڪومت هلائڻ ۾ لِڳڙو هو، سو ڪيس هٽائي امر بن حفص عطاقِي کي رکيو ويو، پر عينه عهدو ڇڏڻ بجاءِ بغاوت ڪئي. امر منصوره تي قبضو ڪيو، عينه کي ٻڌائين ۽ ڪيس قيدي بڻائي بغداد اماڻيائين، پر واٽ تي ئي قتل ٿي ويو.

ابن عاصر (لائيڊن)، جلد V، ص. 388 ۽ (قاهرا)، ص. 281.
يعقوبي، جلد II، ص. 448.
بلاذري (مرگوٽن)، ص. 231-233. عينه بغاوت ڪئي. جيئن ته هي نيزارين (حجازين) جو حامي هو ۽ خليفي اهو ٻڌي ڪيس هٽائڻ جو ارادو ڪيو هو، سا خبر ڪيس عباسي دربار جي پوليس جي سربراه مصعب بن زبير وٽان پئي سو سنڌ نه ڇڏڻ جو پڪو پهه ڪيائين.

**762ع:**

بغداد عباسين جي گاديءَ جو هنڌ بڻيو ۽ عرب سلطنت جي سياسي ۽ ثقافتي زندگيءَ ۾ وڏي پيماني تي ايراني ڇاپ جي شروعات ٿي.

**767ع / 151هه:**

سنڌ ۾ عباسين جي ٽئين گورنر امر بن حفص کي سندس شيعا حمايتي لاڙن ۽ عبدالله بن محمد الشطار کي پناهه ڏيڻ واري امڪان سبب افريڪا بدلي ڪيو ويو، پر ساڳي جاءِ تي سندس عهدو وڏائي ڪيس افريڪا جو گورنر بڻايو ويو ۽ هشام بن امرو تَغلبي کي الشطار کي ٻڌڻ، بلڪ ضرورت پوي ته جنهن راجا جي پناهه ۾ رهيو پئي انهي تي حملو پڻ ڪرڻ، جون خاص هدايتون ڏئي سنڌ جو چوٿون گورنر مقرر ڪيو ويو. الشطار، هشام جي پاءُ سفاح سان مهاڏو اٽڪايو، پر شڪست کاڌائين ۽ مارجي ويو. خليفي منصور جي دل اجا نه ٺري، ڪيس الشطار جي 400 محافظن پاران الشطار جي صغير پٽ جي مهنداريءَ ۾ فساد ڪڙو ڪرڻ جو ڪٽڪو هو، تنهنڪري راجا جي علائقي تي حملو ڪري الشطار جي مريدن کي اتان ڪيڻ ۽ سندس صغير پٽ کي ٻڌڻ جو حڪم ڏنائين.

يعقوبي، جلد II، ص. 449، امر جي بدليءَ جو سنه 144هه (761/62ع) ڏنو آهي. ابن عاصر، جلد V، ص. 456 ۽ 281، بدليءَ جو سنه 151هه ڏنو آهي.
ابن خلدون، جلد III، ص. 198.
بلاذري ٻڌائي ٿو ته هشام، امر بن حفص کان اڳ هو. هيئن سنه وار ترتيب ۾ نٿو ٺهڪي، خاص ڪري الشطار جي واقعن جي حساب سان. داخلا 757-767ع پڻ ڏسو.

**767-773ع / 151-157هه:**

هشام بن امرو تَغلبي ملتان فتح ڪيو، جيڪو 96هه ۾ محمد بن قاسم جي پوئتي گهرائجڻ کان پوءِ آزاد ٿي ويو هو. قندابيل (گنداوا) جي سردارن کي مات ڪيائين ۽ عربن کان کسجي ويل سنڌوءَ جي الهندي واري ماٿري ورائي فتح ڪيائين.

بروچ ڏانهن ويندڙ ٻيڙن جي قافلي جي مهنداري به ڪيائين، ان جي پرسان ڪو شهر فتح ڪيائين ۽ اتي پنهنجي فوج هٿان داتل هڪ ٻوڌي مندر جي جاءِ مٿان مسجد اڏيائين.

ابن عاصر، جلد V، ص. 281-282 ۽ 457.
ڏسو داخلا 759ع.
بلاذري، ص. 445.
بُڌايل شهر ڪاٺياواڙ جو بندرگاهه گاندار آهي، جتي عرب قافلو سنڌو درياءَ ۽ ساموندي ڪنڌيءَ رستي پهتو هو.

**768-772ع:**

سنڌ جي عرب گورنر هشام بن امرو التغلبي ڪشمير تي چڙهائي ڪئي ۽ ڪيترائي قيدي ۽ غلام هٿ ڪيائين. انوقت ڪشمير جو حاڪم وَجر آڏت هو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ انهي مليڇن (اڻ هندو ڌاريا) کي ڪيترائي ماڻهو وڪڻي ڏنا ۽ ڪوڙ رسمون اهڙيون متعارف ڪرايائين جيڪي رڳو مليڇن کي ئي سونهيون ٿي.

HCIP، جلد IV، ص. 115، 126.
ڪشمير جي فتح ۾ شڪ آهي، ڇو تہ انوقت ان جي طاقت جو اوج هو. اها ان علائقي مٿان ڪا بي سوپ چڙهائي ٿي سگهي ٿي.
داخلا 754ع پڻ ڏسو.

**770ع:**

سنڌي ڀڪشو، جيڪي سنڌ ۾ برهمڻ راڄ هجڻ دوران گجرات ڏانهن لڏي ويا هئا ۽ اتان ڌرمي پرچار لاءِ بنگال ويا هئا، تن کي راجا ڌرمپال ڏيهہ نيڪاليءَ جو ڏڙڪو ڏنو، پر سندس مشيرن ڪيس روڪي ورتو.

مجمدار، ايچ آف امپيريل يونٽي، ص. 272.

**773ع / 157هہ:**

سنڌين جي هڪ جماعت خليفي منصور جي چاڪريءَ ۾ پهتي. انهن ۾ ڪجھ ڏاها شامل هئا، هڪ پنڊت سميت، جيڪو سنسڪرت ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ خليفي کي سِڌانت پيش ڪيائين. انهي کي ابراهيم فِزاري جي مدد سان عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو يو.

اخبارالحُڪماء قَطي (قاهرا)، ص. 177.

**773ع / 157هہ:**

سنڌ جي هندو پنڊت، جنهن خليفي منصور جي دربار ۾ سِڌانت پهچايو، هندستاني انگ بغداد ۾ متعارف ڪرايا. اهي انگ اسپين رستي يورپ پهتا. سڌانت جي عربي ترجمي کي السنڌ-هند نالو ڏنو ويو. انهي ڪان وٺي هندي انگ عربي انگ ڪوٺجن ٿا.

انسائيڪلوپيڊيا بريٽانيڪا، ”نيُومرلس“ هيٺ.
هندي انگن جو عربي نمونو مامون جي درباري مُنَجم الخوازمي (780-840ع) ڪم آندو. هندي حسابن کي عربيءَ ۾ وڌيڪ مفصل علي بن احمد نَسوِي (980-1040ع) ٺاٺايو.
مشهور انگ وديا ڄاڻو ۽ فلاسافر بُو علي سينا هندي حساب نَسوي جي دور ۾ سکيو.

**773ع / 158ع:**

خليفي منصور، هشام بن امرو کي سندس فتحن ۽ سنڌ کي هلائڻ واري صلاحيت جي مڃتا طور سنڌ سان گڏ ڪرمان جي گورنري انعام ۾ ڏني.

ابن عاصر، جلد VI، ص. 6.
يعقوبي، جلد II، ص. 449.

**773ع / 157هہ:**

سنڌ ۾ عباسين جو چوٿون گورنر هشام بن امرو تَغلبي موڪل ڪري بغداد هليو ويو، پاڻس بستام بن امرو تَغلبي ڪجھ مهينن لاءِ پنجون گورنر ٿيو.

يعقوبي، جلد II، ص. 449.
بلاذري، ابن عاصر ۽ طبري پڻ هي واقعو بيان ڪيو آهي.

هشام بن امرو تَغلبي بغداد ۾ مري ويو. پاڻس ۽ پنجين گورنر بستام بن امرو کي هٽائي سندس جي جاءِ تي معبد بن خليل تميمي کي سنڌ ۾ عباسين جو ڇهون گورنر ٺاٺايو ويو.

**آڪٽوبر 775ع / ذي الحج 158هہ:**

عباسي خليفو ابو جعفر منصور مري ويو ۽ پٽس مهدي خلافت سنڀالي. انهي پنهنجي سلطنت جي راجائن کي اسلام قبولڻ جي دعوت ڏني. 15 راجائن موٽ ڏنس. انهن منجهان هڪڙو راجا سنڌ مان ۽ ٻيو مهاراجا نالي پورس جو ڪو پونير هو.

يعقوبي، جلد II، ص. 479.

**775/76ع / 159ھ:**

سنڌ ۾ عباسين جو ڇهون گورنر معبد بن خليل تميمي منصوره ۾ مري ويو ۽ سندس جاءِ تي روح بن حاتم آيو. انهي جي دور ۾ الهندي سنڌ ۾ جاٽن جي بغاوت ڪَرُ ڪنيو.

ابن عاصر، جلد VI، ص. 71.

**775-776ع / 159-160ھ:**

سنڌ ۾ عباسين جي ستين گورنر روح بن حاتم مُهلبي کي پهچڻ جي ڪجهه ئي مهينن اندر جاٽن جي بغاوت سبب بدلي ڪيو ويو ۽ سندس جاءِ تي هشام بن امرو تَغلبي جي ڀاءُ بستام بن امرو کي موڪليو ويو، جو تہ انهي ڀاٽس جي ڏينهن ۾ سنڌ بابت سٺو تجربو حاصل ڪيو هو.

ابن عاصر، جلد VI، ص. 71، 77.

**776/77ع / 160ھ:**

فُخيمي البصري جي ابو عثمان امير ابن بحر الجاهز جو جم، جنهن ڪتاب البيان والتابعين لکيو. هن ۾ ڪجهه سنڌي ڏاهن جو ذڪر آهي، جيڪي عباسي درٻار ۾ ويا . ليڪ پاڻ حبشي هو.

هي نسخو 1367ھ ۾ قاهرا مان ڇپيو.

**776/77ع / 160ھ:**

سنڌ جي عرب گورنر بحري فوج جو هڪ جٿو الرّابي ابن صبح الفقيهہ جي مهنداريءَ ۾ ٻڙودا تي چاڙهي موڪليو. انهن ڪنهن شهر تي قبضو ڪيو، پر وبا پکڙجڻ ڪري ڇڏي ڏنائون. هي شهر گهُوملي طور سڃاتو ويو آهي. هندي ذريعا بهرحال ٻڌائين ٿا تہ عربن کي اگُوڪا-پهرئين پٽ ڪرشنا راجا پٽ پُشياديو شڪست ڏني. انهي جي پيءُ ۽ ڏاڏي عربن سان 759ع ۽ 739ع ۾ جنگ ڪئي هئي.

بلاذري پهرين روايت ڏني آهي. HCIP، جلد IV، ص. 100.
داخلائون 739ع ۽ 756ع پڻ ڏسو.
ابن عاصر، جلد VI، ص. 31، ٻڌائي ٿو تہ هي لشڪر خليفي مهديءَ، عبدالمالڪ بن شهاب مُصمئي جي مهنداريءَ ۾ چاڙهيو هو ۽ رابي ان جو هڪ عملدار هو. ٻهار ڀوت نالي شهر (ٻڙودا کان 8 ميل اولهہ ۾) تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ وبا سبب ڇڏي ڏنائون. وڏيڪ ٻُنجو تڏهن آين جڏهن سندن گهٽي ڀاڱي لشڪر ۽ ٻيڙيون ايراني نارِ ۾ اٿيل سامونڊي طوفان تباهہ ڪري ڇڏيا. عبدالمالڪ کي سنڌ جي گورنريءَ تان 18 ڏينهن کان پوءِ لاهڻ ٻڌائي ٿو تہ وبا ۽ سامونڊي طوفان کا گهڙيل کهاڻي هوندي ۽ خليفي سچ سامهون اچڻ تي ڪيس لاٿو هوندو.

**776ع:**

عبدالمالڪ جي مهنداريءَ ۾ ٻروچ ويجهو ٻڙودا (پوربندر) تي عربن جي ٻين چڙهائي شهر هٿ ڪرڻ ۾ سوپاري ٿي، پر جيئن تہ فوجين ۾ بيماري پئجي وئي، تنهنڪري بنا ڪنهن پڪي نتيجي جي موٽي ويا. گهٽو ڪري 758، 767-772ع يا 776ع وارين چڙهاين ۾ گاديءَ واري شهر وَلاڀي کي پڻ تباهہ ڪيو ويو هو. عرب بحري فوج کي تي سگهي ٿو ولاڀي جي پونيرن خلاف اندروني اپار سان پڻ مدد ملي هجي.

IHQ، جلد IV، ص. 467.
ڪجهه ماهرن جو خيال آهي تہ ولاڀي جي شهر جي تباهي تي سگهي ٿو عربن جي 725-735ع وارين ڪاهن دوران ٿي هجي، پر هن ۾ شڪ آهي، جو تہ شهر پنجاهہ ۽ سٺ وارن ڏهاڪن ۾ بہ آباد هو. ٿي سگهي ٿو اهو 767-772ع ۾ تباهہ ٿيو هجي.

**776-778ع / 160-161ھ:**

سنڌ جي گورنر بستام تغلبي کي لاهي ۽ روح بن حاتم کي ٻيهر سنڌ جو گورنر بڻايو ويو. هي وري بہ نتيجا نہ ڏئي سگهيو، تنهنڪري ڪيس لاهي ۽ سندس جاءِ تي نصر بن محمد بن اشعث خازئي کي رکيو ويو. انهي کي بہ هڪ سال کان گهٽ عرصي اندر لاٿو ويو ۽ سندس جاءِ تي محمد بن سليمان بن علي هاشمي کي سنڌ جو گورنر لڳايو ويو. هاشمي سنڌ نہ آيو، پر

ابن عاصر، جلد VI، ص. 71.
يعقوبي، جلد II، ص. 479-480.

شهاب مُصمئي کي پنهنجي جاءِ تي اماڻيائين. انهي کي 20 ڏينهن کان پوءِ هٽايو ويو ۽ نصر بن محمد بن اشعث خازئي کي ٻيهر سنڌ جو گورنر بڻايو ويو. هن کي وري لاٿو ويو ۽ سندس جاءِ تي زبير بن عباس کي رکيو ويو، پر اهو سنڌ نہ آيو ۽ بغداد مان حڪومت هلائڻ لڳو. انهي ڪري مهديءَ، هشام تغلبي جي ڀاءُ مُسَبّح بن امرو تَغلبي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو.

**776/77ع / 160هہ:**

ابو حفص بن رابع، تبع تابعين ۽ سنڌ ۾ پروسي جو ڳو محدث ۽ گهڻو ڪري حديث لکڻ وارو پهريون ماڻهو، گذاري ويو.

زُبيد، ص. 12.

**777/78ع / 161هہ:**

مُسَبّح بن امرو تَغلبي جي گورنري. هن عرصي دوران حجازي ۽ يمني عربن وچ ۾ سخت جنگيون لڳيون. تنهنڪري مُسَبّح کي لاٿو ويو ۽ سندس جاءِ تي نصر بن محمد بن اشعث ٽيون ڀيرو گورنر ٿيو.

**777-778ع / 161-162هہ:**

نصر بن محمد بن اشعث ٽيهر سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو ۽ عباسين جو ٻارهون گورنر بڻيو. سنڌ جي گورنرن ۾ اٽڪل ٻن سالن اندر اها ڦيرڦار مونجهاري ۽ مقامي بغاوتن جو ڪارڻ بڻي.

ابن عاصر، جلد VI، ص. 71.

**780/81ع / 164هہ:**

سنڌ ۾ عباسين جو ٻارهون گورنر نصر بن محمد بن اشعث منصوره ۾ مري ويو.

ابن عاصر، جلد V، ص. 457 ۽ جلد VI، ص. 42.
بلاذري، ص. 445.
ابن عاصر سندس موت جو سنہ 163هہ ڏئي ٿو.

ستيہ بن عمر تغلبي سنڌ جو تيرهون گورنر مقرر ٿيو ۽ سندس غير حاضريءَ ۾ خليفي مهديءَ جي غلام ليث بن طريف تيرهين گورنر طور حڪومت هلائي. جاٽن حڪومت خلاف بغاوت ڪڙي ڪئي.

**781/82ع / 165هہ:**

جيئن تہ عباسين جو سنڌ ۾ تيرهون گورنر ليث بن طريف سنڌ ۾ جاٽن جي بغاوت تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهيو، تنهنڪري بغاوت کي چٿڻ لاءِ خليفي بغداد مان فوج موڪلي.

ابن عاصر، جلد VI، ص. 71.

**1 سيپٽمبر 786ع / 14 ربيع الاول 170هہ:**

مهديءَ جو 169هہ ۾ موت، پٽس موسىٰ هادي جو 14 مهينا حڪومت ڪرڻ ۽ انهي جي مرڻ تي هارون الرشيد جو عباسي خليفو ٿيڻ.

**786-808ع:**

عباسي خليفي هارون الرشيد جو دور.

**786/87ع / 170هہ:**

خليفي هارون الرشيد، ليث بن طريف کي هٽائي سندس جاءِ تي سليم يونسي کي سنڌ ۾ عباسين جو چوڏهون گورنر مقرر ڪيو.

يعقوبي، جلد III، ص. 117.

**786/87ع / 170ھ:**

ابو معشر سنڌي، جيڪو ڪنهن جنگ ۾ قيد ٿيو، غلام ٿي خليفي منصور جي ڌيءُ ام موسيٰ وٽ وڪاڻو ۽ هڪ وڏي عالم جو رتبو ماڻيو هئائين، گذاري ويو. سندس جنازي نماز خليفي هارون الرشيد پاڻ پڙهائي.

هڪڙو ٻيو سنڌي شاعر ابو ضلع، جنهن عربيءَ ۾ بيت رچيا، انهن ڏينهن ۾ عباسين جي دربار ۾ هوندو هو.

وفائي، دين محمد، تذڪره مشاهيرِ سنڌ، ص. 16.

سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 303، چوي ٿو ته خليفي مهديءَ جنازي نماز پڙهائي. جيئن ته مهدي پاڻ به 170ھ ۾ مئو، سو ٻنهي مان ڪنهن هڪ خليفي، مهديءَ يا هارون نماز پڙهائي هوندي.

**787ع:**

چيني سلطان تبتين کان بچاءَ لاءِ بغداد جي خليفي ۽ هند جي ڪجھ راجائن سان هڪ اتحاد جوڙيو. (ڏيڍ صدي پوءِ ابن حوقل ۽ استخري بنگال واري ساموندي چُڪ کي تبتي سمنڊ ڪوٺي بنگال مٿان تبتي اثر ظاهر ڪيو).

ساستري، فارين نوٽسز، ص. 17.

**787/88ع / 171ھ:**

شيخ ابو تراب جو موت، جنهن اتر سنڌ ۾ ڪجھ فتحون ڪيون هيون.

ٽِي. ڪي. سنڌي، لکي ٿو ته هن بکر قلعو فتح ڪيو. اهو هنن ڏينهن ۾ هو ئي ڪونه. هي ٿي سگهي ٿو سنڌ جي عرب سردارن منجهان ڪو هجي. 108ھ واري داخلا پڻ ڏسو.

**790/91ع / 174ھ:**

عباسين جو چوڏهون گورنر سليم يونسي بدلي ٿيو ۽ اسحاق بن سليمان بن علي هاشمي سنڌ جو پندرهون گورنر مقرر ٿيو. هي انهي ئي سال سنڌ ۾ مري ويو ۽ سندس جاءِ تي پٽس يوسف بن اسحاق ڪجو سورهون گورنر ٿيو. انهي کي بدلي ڪيو ويو ۽ تيفور بن عبدالله بن منصور الهميري سترهون گورنر بڻيو.

يعقوبي، جلد III، ص. 117 ۽ جلد II، ص. 494.

ابن خلدون، جلد III، ص. 218.

**791-800ع / 175ھ:**

مضارتي ۽ يمني عرب قبيلن وچ ۾ سنڌ ۾ چڪتاڻ گهرو ويڙھ جو روپ ڌاري ورتو. تيفور پاڻ يمني هجڻ ڪري يمنين جو ساٿ ڏنو. 175ھ ۾ هن جي لهي وڃڻ ۽ ايندڙ ڇهن گورنرن جي دور ۾ به صورتحال وَس کان ٻاهر رهي. جابر بن اشعث طائي سنڌ ۽ مڪران جو ارڙهون گورنر ٿيو.

يعقوبي، جلد III، ص. 117.

**792/93ع / 176ھ:**

عباسين جو ارڙهون گورنر جابر بن اشعث طائي قبيلائي جهيڙا روڪي نه سگهيو، تنهنڪري کيس هٽائي سندس جاءِ تي سعيد بن مسلم بن قُطيبه کي رکيو ويو، جنهن پنهنجي پاءُ ڪثير بن مسلم کي سنڌ ۾ عباسين جو اڻويهون گورنر ڪري موڪليو. هي سنڌ پهچندي ئي عياشيءَ ۾ ڪاهي پيو ۽ ملڪي معاملا وساري ڇڏيائين.

يعقوبي، جلد III، ص. 117.

**794/95ع / 178ھ:**

جيئن ته گورنر ڪثير بن مسلم قُطيبه سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال سڌاري نه سگهيو، تنهنڪري عيسيٰ بن جعفر بن منصور عباسي کي سنڌ جو ويهون گورنر مقرر ڪيو ويو، پر انهي پنهنجي بدران محمد بن عدي ثعلبي کي نامزد ڪيو. اهو سنڌ ۾ 179ھ (795/96ع) ۾ پهتو.

يعقوبي، جلد II، ص. 494.

**796/97ع / 180هه:**

ابو تميم حبيب عواص جو ڄمڻ. جنهن جي ديوان الحَمَصه ۾ ابو عطا السنڌي جي شاعريءَ جا ٽڪرا ڏنل آهن.

هي نسخو ديوبند مان 1353هه ۾ ڇپيو.

**797/98ع / 181هه:**

سنڌ جي عرب قبيلن وچ ۾ مانار آڻڻ ۾ ناڪام ٿي ۽ انهن هٿان شڪست کائي محمد بن عدي سعلبي ملتان لڏي ويو، پر ملتانين سندس لاءِ دروازا بند ڪري ڇڏيا، ساڻس جنگ ڪيائون ۽ شڪست ڏنائونس. اڳتي هلي کيس هٽايو ويو ۽ عبدالرحمان سنڌ ۾ عباسين جو ايڪيهون گورنر ٿي آيو. اهو پڻ امن امان جي صورتحال سڌاري نہ سگهيو.

يعقوبي، جلد II، ص. 494.

**798-810ع (لڳ ڀڳ):**

سنڌ جي سمن جي هڪ هندو نُکَ جو اهم سردرا لاکو گهُرارو پٽ لاکير بَدِ مري ويو، پويان اٺ پٽ ڇڏيائين: چار هڪ ڪڇي زال، ڪيرا جي گوهيل سردار جي ڌيءُ، گوُد راڻيءَ مان ۽ ٻيا چار ٻي ڪڇي زال، پتوگهہ جي چاوڙي سردار وگهم جي ڌيءُ، ڀوڏيءَ مان. گوُد راڻيءَ مان ڄاول سڀ کان وڏو پٽ انڙ سندس پڳدار بڻيو، پر انهي کي ويڳڻ ڀائرن موڏ ۽ منائي ماري وڌو. گوُد راڻيءَ ڪوشش ڪري پنهنجي پوٽي کي پڳ ٻڌرائي ڇڏي، تنهنڪري موڏ ۽ منائي پنهنجا ڪجھ ساٿاري ساڻ ڪري ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا ۽ پتوگهہ (لکپت کان 6 ميل الهندي، هاڻ ٿتل) ۾ پنهنجي چاوڙي مامي وٽ وڃي پناهہ ورتائون. وجھ ملندي ئي انهي کي ماري وڌائون ۽ پنهنجي سنڌي ذات ڀائرن جي ساٿ سان انهي جي شهر ۽ اوسي پاسي وارن علائقن تي قبضو ڪري ورتائون. پوءِ گٽتري کي مات ڪيائون، جنهن تي واگهيلن جو راڄ هو. پڇاڙيءَ ۾ انهلاپاٽڪ کي پنهنجي علائقي سان ڳنڍائي ڇڏيائون. مقتول انڙ جو پوٽو لاکو ڪڇ ڏانهن ويو ۽ 1147ع ۾ جاڙيجا گهراڻي نالي ٻيون سمو راڄ گهراڻو وڃي ٺاهيائين.

وليمس، ص. 73-75.
پهرئين سما گهراڻي ڪڇ جي ڪجھ ڀاڱي تي 810-985ع جي وچ تي راڄ ڪيو. ساڳئي عرصي دوران باقي ڪڇ تي چاوڙن جو راڄ هو. پهرئين سمي گهراڻي ڏکئي وقت ۾ مدد آسري سنڌ سان لاڳاپا جوڙي رکيا.
لاکو ڦلاڻي ۽ لاکو گهُرارو بہ ڌار ڌار ماڻهو آهن.

**798/99ع / 182هه:**

جيئن تہ سنڌ ۾ عباسين جو ايڪيهون گورنر عبدالرحمان حالتون سڌاري نہ سگهيو، کيس لاهي سندس جاءِ تي ايوب بن جعفر بن سليمان کي رکيو ويو.

يعقوبي، جلد II، ص. 494.

**800ع / 184هه:**

سنڌ جي ٻاويهين گورنر ايوب بن جعفر بن سليمان کي ساڳئي ئي ڪارڻ سبب لاٿو ويو ۽ سندس جاءِ تي دائود بن يزيد بن حاتم مُهلبي کي مقرر ڪيو ويو، جنهن پنهنجي ڀاءُ مغيره بن يزيد مُهلبي کي پنهنجي جاءِ تي گورنر ڪري موڪليو.

يعقوبي، جلد II، ص. 494.

**801ع / 185هه:**

جيئن تہ سنڌ ۾ عباسين جو ٽيويهون گورنر مغيره بن يزيد مُهلبي سنڌ ۾ عربن قبيلن وچ ۾ مانار آڻي نہ سگهيو، سو ڀاڻس دائود بن يزيد بن حاتم مُهلبي کي چوويهون گورنر مقرر ڪيو ويو. هي آيو ۽ مقامي عرب قبيلن

يعقوبي (لائيڊن)، جلد II، ص. 494 ۽ يعقوبي (بيروت)، جلد III، ص. 152.
.

نيزارين (حجازي) ۽ مضارتين جي بغاوت ڪي اڃي چٽيائين. جيڪي سنڌ جي عرب قبيلن ۾ گهٽائيءَ ۾ هئا. نيزارين جي رت هئي تہ قحطانين (يمنين) ڪي ڏڪي ٻاهر ڪجي ۽ سنڌ جا ٽي ڀاڱا ڪجن: هڪ ڀاڱو قريشي، هڪ قيس ۽ هڪ ربيعہ ڪٹن - هڙئي حجازي. اهي مغيره ڪي اڳيئي شڪست ڏيو وينا هئا ۽ ڪيس منصوره ۾ گهڙڻ نتي ڏنائون. تنهنڪري اهو ملتان ويو، جتي سندس لاءِ در بند ڪيا ويا. دائود نيزارين جا ٽڏا بنھ ڦٽائي ڇڏيا. ڪاروائيءَ دوران منصوره ۾ ماڻهن جو ڪوس 20 ڏينهن تائين هليو ۽ شهر جي آباديءَ جو هڪ وڏو حصو مارجي ويو.

هنن ڪاروائين جي ڪري سنڌ ۾ عرب وسنديون ويران ٿي ويون.

801ع:

ايران مان لڏي آيلن (پارسي) جو ڊِيُو ۾ پهچڻ.

HCIP، جلد IV، ص. 353، حوالو قصّہ سِنجان. هنوقت ڏکڻ ايشيا ۾ موجود پارسي انهن جا پونير آهن.

801-808ع

ماڻڪ بغداد ۾ سُشرُت نالي طب جي ڪتاب جو عربي ترجمو ڪيو.

807-808ع:

خليفو هارون الرشيد بيمار ٿي پيو ۽ ماڻهو موڪلي سنڌي ويج ماڻڪ کي گهرايائين. خليفو چڱو ڀلو ٿيو ۽ ماڻڪ کي سنڪرت ڪتاب عربيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ دارالحُڪماء ۾ رکيو ويو. انهي ابو حاتم بلخي جي السمُوم کي ترجمو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

تاريخ الطبّ، جلد II، ص. 32-34.

طبري ٻڌائي ٿو تہ هارون چڱو ڀلو نہ ٿي سگهيو، پر ماڻڪ کي پنهنجي ملڪ موٽائي موڪلڻ جي وصيت ڪري ويو ۽ خليفي جي وصيت تي عمل ٿيو. هي بيان ماڻڪ جي ڪيترائي سال دارالحُڪاء سان لاڳاپيل رهڻ واري ڳالھ کي ڌيان ۾ رکندي ويساهڻ جوڳو نتو لڳي. ان ڪان سواءِ ماڻڪ مٿي ڄاڻايل ڪتاب جو فارسي ترجمو يحيٰ بن خالد برمڪي لاءِ ڪيو، جيڪو خليفي جي 193هہ (809ع) ۾ مرڻ کان اڳ ڪيترن سالن تائين خليفي جو دل گهريو نہ رهيو هو. ماڻڪ بغداد ۾ اٺين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري يا دير ۾ دير 801ع ۾ آيو هوندو.

801-821ع / 185-205هہ:

سنڌ کان بغداد ڏانهن ڏات جي ثقافتي متا ستا ٿي.

ڪنڪا يا ڳنگا نالي هڪ سنڌي ويج هارون الرشيد جو علاج ڪيو. هڪڙي ٻئي ويج ماڻڪ کي بغداد ۾ سائنسي ڄاڻ جي اداري بيت الحڪمت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ رکيو ويو. ٽئين صالح ابن ٻهرا خليفي جي پيءُ عباسہ جي مڙس ابراهيم کي چڱو ڀلو ڪيو. ماڻڪ پنسار جي ڪنهن هندستاني ڪتاب جو سليمان بن اسحاق لاءِ عربي ترجمو پڻ ڪيو. ان ڪان سواءِ ماڻڪ، ابو حاتم بلخي جي مدد سان زهرن بابت ڪنهن هندستاني پُستڪ کي يحيٰ بن خالد برمڪي لاءِ فارسي ۾ ترجمو ڪيو.

ابن ابي عُصيبہ، ص. 22-35.

ابن نديم، فهرست، ص. 303.

يعقوبي، جلد III، ص. 105.

طبقاتُ الطِب، ص. 33 ۽ 317 تي ٻڌايل آهي تہ زهرن بابت پُستڪ جو عربي ترجمو عباس بن سعيد جوهري خليفي مامون لاءِ 218هہ (838ع) ۾ ڪيو.

807ع / 191هہ:

ساڪري جي عرب جاگيردار شيخ ابو تراب جي مقبري تي ڏنل سنہ.

سندس قبر تي هاٿوڪو مقبرو 15 صديءَ ۾ اڏيو ويو. داخلا 88/787ع پڻ ڏسو.

809ع / 193هہ:

خليفو هارون الرشيد مري ويو ۽ پٽس امين نئون خليفو بڻيو.

**809-813ع / 193-198ھ:**

امين ۽ ويڳڻي پاڻس مامون وچ ۾ گهرو ويڙهه سبب دائود بغداد ڏانهن ساليانو ڏَنُ (خِراج) نہ موڪليو.

**810-985ع:**

وڳد کي ڇڏي گهٽي پاڳي ڪڇ تي سنڌ جي سمن راجپوتن جو راڄ رهيو. اهي هندو ڌرم رکيو آيا، پر سنڌ جي سمن سان ناتا جڙيل رکيائون. سنڌ وارا هندو ۽ مسلمان ٻئي هئا. ڪڇ وارا ڏکين وقتن ۾ سنڌ وارن کان مدد گهرندا هئا.

وليمس، ص. 71-78.

**813ع / محرم 198ھ:**

خليفو امين مارجي ويو ۽ مامون، خاص ايرانين جي ساٿ سان، نئون خليفو بڻيو. سندس ماءُ ۽ راڻي ٻئي ايرانڻيون هيون.

**813-821ع / 198-205ھ:**

ڪُنده جو آزاد ڪيل غلام ابو سامه، مامون ۽ امين وچ ۾ گهرو ويڙهه جيڪا سڄي سلطنت ۾ پکڙجي چڪي هئي، جي ڪري پيدا ٿيل ڏقيڙ سبب سنڌ ۾ پهتو.

بلاذري، ص. 445.

**813-842ع / 198-227ھ:**

ابو سامه جي غلام فضل بن معاهن ۽ سندس گهراڻي سنڌ جي ڪنهن پاڳي سِندان ۾ پنهنجي بادشاهي ناهي. پاڻ ۾ وڙهيا ۽ بادشاهيءَ جو انت ٿيو.

بلاذري، ص. 446.
سِندان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ منصوره ۽ ديبل ٻنهي کان 120 ميل ۽ ساموندي ڪنڌيءَ کان اٽڪل اڌ فرسنگ (4 ميل) پنڌ تي ساموندي بندرگاهه هو. ان ليکي انهي جو هنڌ ڪوري ڪاريءَ تي هوندو. سنڌڙي شهر، جيڪو 1819ع ۾ ڌرتيءَ ۾ غرق ٿيو، تي سگهي ٿو سِندان هجي. مجمع البلدان (قاهرا)، جلد ۷، ص. 151 ۽ تقويم البلدان، ص. 359.

**820-821ع / 205ھ:**

چوويهون گورنر دائود بن يزيد مُهلبي منصوره ۾ مري ويو ۽ پٽس بشار بن دائود المُهلبي کي سنڌ جو پنجويهون گورنر بڻايو ويو. انهي پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي مڪران جو حاڪم مقرر ڪيو.

ابن عاصر، جلد VI، ص. 256.

**820-827ع:**

مامون جي دور ۾ سنڌ جي عرب گورنر بشار پرَتِيهارا سلطنت مٿان ڪاهه ڪئي، پر ناگڀاٽا-ٻيون پنهنجي جاگيردارن گوِندا راجا-پهرئين ۽ ڪُمڻ-ٻئين جي مدد سان ڪيس ڏکي ڪيڏي ۾ سوڀارو ٿيو.

HCIP، جلد IV، ص. 106.

**826/27ع / 211ھ:**

عباسين جي چوويهين گورنر بشار بن دائود مُهلبيءَ جي ذمي خليفي ڏانهن هڪ ملين درهم ساليانو ڏَنُ موڪلڻ هوندو هو. انهي رقم موڪلڻ کان نهڪر ڪئي ۽ بغاوت ڪيائين. مامون حاجب بن صالح کي گورنر مقرر ڪري ڇڏيو. حاجب کي بشار شڪست ڏني. ان کان پوءِ خليفي بشار جي جاءِ تي غُسان بن عباد مُهلبي ۽ انهي جي ڀاءُ محمد بن عباد کي موڪليو.

يعقوبي، جلد II، ص. 153.

**826ع / 211هه:**

ابن خُردادبہ جو ڄم.

داخلا 250هه ۽ 300هه پڻ ڏسو.

**828/29ع / 213هه:**

عباسين جي سنڌ ۾ پنجويهين گورنر غُسان بن عباد مُهلبي ۽ پاٽس محمد بن عباد گڏجي بشار کي شڪست ڏني ۽ ٻڌي 213هه (831/32ع) ۾ بغداد اماڻيائونس. خليفي بشار کي معاف ڪري ڇڏيو. غُسان امن امان جي صورتحال سڌارڻ ۾ اٽڪل ٽي سال لاتا ۽ گورنري موسيٰ برمڪي کي ڏئي ڇڏيائين.

هن سنڌ ۾ رهڻ دوران ڪو هڪ ويلو بہ مور جو گوشت کائڻ نہ گُسايو.

يعقوبي (لائيڊن)، جلد II، ص. 558 ۽ (بيروت ڇاپو)، جلد III، ص. 158.
اخبارُ الحُڪماء (قاهرا)، ص. 53.

**831ع / 216هه:**

عباسين جي سنڌ ۾ پنجويهين گورنر غُسان بن عباد مُهلبي کي بغداد بدلي ڪيو ويو. سندس جاءِ تي هارون الرشيد جي مشهور وزير خالد برمڪي جو پوٽو موسيٰ بن يحيٰ برمڪي عباسين جو ڇويهون گورنر ٿيو.

يعقوبي، جلد II، ص. 558.

**831-836ع / 216-221هه:**

سنڌ جو گورنر موسيٰ بن يحيٰ برمڪي بغداد واري مرڪزي خزاني ڏانهن هڪ ملين درهم ساليانی ڍل موڪليندو رهيو.

**831-833ع 216-218هه:**

موسيٰ بن يحيٰ برمڪي هڪ سنڌي راجا بالا چندر تي ڪاهہ ڪئي، جنهن غُسان بن عباد کي پنهنجي دربار ۾ سڏائي سندس عزت گهٽائي هئي. بالا چندر کي شڪست ڏئي قيد ڪيو ويو. راجا 500،000 درهم ڏنڊ ڀري ڏيڻ جي آڇ ڪئي، پر موسيٰ آڇ ٺُڪرائي ڇڏي ۽ ڪيس مارائي ڇڏيائين.

يعقوبي (لائيڊن)، جلد II، ص. 558.
بلاذري (لائيڊن)، ص. 445.
ابن خُردادبہ (لائيڊن)، ص. 57، 62-69.

**833/34ع / 218هه:**

عراق ۾ آباد سنڌ جي جاٽن بغاوت ڪئي. مامون ۽ سندس پونير مُعتَصِم باللہ کي بغاوت ڇٽڻ ۾ 20 سال لڳي ويا.

# عربن جي هٿن مان سنڌ جو اقتدار کِسڪڻ

(835_854ع)

**833/34ع / 218هه:**

خليفو مامون مري ويو ۽ مُعتَصِم بالله نئون خليفو بڻيو. مامون جي مرڻ سان عرب طاقت ملتان ۽ سنڌ سميت پرانهن پرڳڻن ۾ ٽٽڻ لڳي. گنداوا پڻ محمد بن خليل جي مهنداريءَ ۾ آزاد ٿي ويو، جيتوڻيڪ اڳتي هلي ان کي مات ڪيو ويو.

بلاذري، ص. 445.

**833ع:**

سنڌ ۽ ملتان 711ع کانوٺي 833ع ۾ مامون جي حڪومت جي پڇاڙيءَ تائين عرب سلطنت جو حصو رهيا. سلطنت هاڻ ايتري ته هيڻي ٿي وئي جو جڏهن به ڪو لِڱڙو خليفو آيو ٿي ته سنڌ ۽ ملتان جي گورنرن آزاديءَ جو اعلان ڪري ٿي ڇڏيو.

**834ع:**

ڏکڻ عراق ۾ جاٽن جي بغاوت هلندي رهي ۽ 27،000 جاٽن کي (جن مان 12،000 هٿياربند هئا) شام ڏانهن نيڪالي ڏني وئي.

ٽيٽ، سيستان، ص. 377-378.

**833-842ع / 218-227هه:**

خليفي مُعتَصِم جو دور. هن دور ۾ ديبل واري مندر جي ڪجهه ڀاڱي کي موسيٰ بن يحيٰ برمڪي قيدخاني ۾ تبديل ڪيو.

بلاذري، ص. 437.

**836ع / 221هه:**

عباسين جو سنڌ ۾ چويهون گورنر موسيٰ بن يحيٰ برمڪي منصوره ۾ مري ويو ۽ پٽس عمران بن موسيٰ برمڪي ستاويهين گورنر طور عهدو سنڀاليو. نيزاري ۽ يمني عرب قبيلن وچ ۾ گهرو ويڙهه شروع ٿي وئي. نيزاري دائود مُهلبيءَ هٿان ٿيل نقصان سهسائي چڪا هئا. جاٽن ۽ ميدن پڻ بغاوت ۾ شامل ٿي سنڌ ۾ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو. عمران کي ڪيڪان (قلات) جي جاٽن ۽ ميدن تي پڻ لشڪر چاڙهڻا پيا. ڪيڪاني (قلاتي) بولان لڪ سنڀالي ويٺا ۽ اتر-اولهه سنڌ کان ڪا ڪاهه ڏکي بڻائي ڇڏيائون. عرب لشڪر لاءِ ڪين لڳاتار مات ڪندو رهڻ ضروري ٿي پيو. عمران گنداوا واري بغاوت چِٿي ۽ پوءِ اتر سنڌ جي ميدن سان جنگ ڪيائين، جتي انهن مان 3،000 مارجي ويا. جاٽن کي هر وقت ڪتو ساڻ ڪٽڻ جو حڪم ڏئي پراڻي ڇڏيل ريت بحال ڪيائين. تنهن کان پوءِ لاڙ سنڌ جي ميدن مٿان ڪاهه ڪيائين. ميد پاڻي ڪنهن ڊنڊ مان استعمال ڪندا هئا. انهي ڪي واهه ذريعي سمنڊ سان ڳنڍي ڪارو بڻايو ويو. ان وچ ۾ يمنين ۽ حجازين وچ ۾ قبيلائي ويڙهه ٿي پئي ۽ عمران يمنين جو پاسو ڪنيو. زرعي مقصدن لاءِ هڪ بند پڻ ٻڌائين ۽ انهي کي سِڪرُالميد يا ميدن وارو بند نالو ڏنائين.

بلاذري ص. 435 ۽ 446 (لائيڊن).

يعقوبي، جلد III، ص. 153 (بيروت).

بلاذري (برل لائيڊن 1886)، ص. 445.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ سمجهي ٿو ته اهو بند روهڙي ۽ الور جي وچهو هو ۽ سکر تي اهو نالو سِڪرُالميد تان پيو. هي چوڻ بلڪل غلط آهي، ڇاڪاڻ ته هتان جا ڌرتيءَ جا متاچرا پاٽيءَ کي الور کان سکر ڏانهن وهڻ ئي نه ڏيندا. ميد مڪران، سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ جي ساموندي ڪنڌين تي وينل ساموندي ڦورو هئا. لانگوَرٿ ڊيمس 'بلوچيز' ۾ انهن کي مڪران جا مهاڻا ڪري سڃاتو آهي. هن ئي نسل جا ماڻهو ڪراچي ٽوٽي نٽي ۾ وينا آهن ۽ ماچي، ميد ۽ مهاڻا سڏجن ٿا. راورٽي 'نوٽس آن افغانستان' ۾ ص. 670 تي سِڪرُالميد بابت چند ڇاڻ ڪئي آهي ۽ دليل ڏنو اٿس ته سِڪر مان سکر ٿي سگهي ٿو: جڏهن ته ميد جي عربيءَ ۾ معنيٰ ڪاهي آهي ۽ هنديءَ ۾ پڻ ميد جي معنيٰ ڪاهي آهي. ڊاڪٽر بلوچ اها راءِ درست مڃي ورتي آهي، پر اهو اڻ ٽيٽو آهي، ڇاڪاڻ ته علائقي جا ڌرتيءَ جا متاچرا پاٽيءَ کي هاڪڙي کان سکر، بکر ۽ روهڙيءَ ڏانهن ڪنهن صورت وهڻ نه ڏيندا.

سيد سليمان ندوي عرب و هند ڪي تعلقات ۾ برمڪين جو حسب نسب ڪشميري ٻوڌين سان وڃي ملايو آهي. برمڪي سنسڪرت جي پِرَمُک مان نڪتل سمجهيو ويو آهي؛ معنيٰ اڳواڻ.

**836-837ع:**

عمران برمڪي ٻُڌ ۽ ڪئڪان (قلات) ضلعن ۾ جاٽن جي بغاوت ڪي دٻائڻ لاءِ ٻُڌ ضلعي ۾ هڪ نئين شهر بيضائو جو بنياد رکيو. هيءَ فوجي ڇانوڻي ٻُوقان ۾ هئي ۽ انهي جو نالو مٽائي بيضا رکيو ويو.

بلاذري، ص. 442، شهر کي بيضا سڏي ٿو.
ٻُوقان ڪڇي يا سبي ضلعي ۾ ٿي سگهي ٿو، جيئن انهي علائقي جي نالن جهڙوڪ بولان، جهلاوان، سراوان، خاران ۽ مڪران - هڙئي قلات ڊويزن ۾- سان ميل کائڻ مان لڳي ٿو. بوقان 279هه (892/93ع) تائين آباد رهيو.

**838-923ع:**

طبري، ايراني تاريخدان، ڪيسپين سِي ڊنڍ جي ڏکڻ پاسي طبرستان ۾ اَمُل ۾ ڄاول، جيڪو هو ۽ 'پيغمبرن ۽ بادشاهن جي سال 915ع تائين تاريخ' عربيءَ ۾ لکيائين. طبري سنڌ جي عرب گورنرن جي حڪمرانيءَ تي ڪجهه روشني وڌي آهي. انهي جو فارسي ترجمو ابو علي بَلَعمي 963ع ۾ شروع ڪيو.

ڊي گوئيج، طبري، انٽروڊڪشن.
ڪتاب جو اردو ترجمو پڻ ڪراچيءَ مان ڇپجي چڪو آهي.

**832/33ع / 217هه:**

ابو طاهر قرمطي عمان تي قبضو ڪيو. ابو سامه جا سنڌ سان پراڻا لاڳاپا هئا (ڏسو داخلا 279-286هه) ۽ اتي وڏي هلندي پڄندي هئس. سندس غلام فضل بن معاهن ۽ انهي جي مائٽن، جيڪي سنڌ ۾ آباد هئا، سِندان مٿان مامون جي دور کان مُتَوَڪل جي دور تائين (اتڪل روءِ 813-842ع) راڄ ڪيو. سندن اقتدار گهراڻي جي اندروني جهيڙن ڦٽايو. فضل بن معاهن خليفي مامون کان سند ورتي هئي ۽ سِندان ۾ خليفي جي نالي سان خطبو پڙهبو هو.

بلاذري، ص. 446.

**836-840/41ع / 221-222هه:**

عمران بن موسيٰ برمڪي سنڌي ڏاهن جي هڪ جماعت خليفي ڏانهن بغداد موڪلي ۽ هنن ڏاهن کي بيت الحڪمت (فلاسفي جو ادارو) ۾ هندستاني ڪتابن جي ترجمي لاءِ رکيو ويو. اهي ڏاها جن جا نالا بگڙيل روپ ۾ ملن ٿا، آهن: باهله (ٻُولو)، ڪنڪا (گنگا)، راجا بَجَهراءِ (راجا ٻاجهيراءِ)، ڏَنو وغيره. عمران هندستاني ڪتاب جهڙوڪ سِڌانت، آريا ڀيت، برهمگُپت، ڪنڊ ڪنڊڪ، مهاڀارت ۽ ارٿ شاستر پڻ موڪليا.

مُرُوجُ الذَهب (بغداد)، جلد I، ص. 143.

**840/41ع / 226هه:**

يمنين ۽ حجازين جي ويڙهه ۾ سنڌ جو ستاويهون گورنر عمران بن موسيٰ برمڪي هڪ حجازي سنڌي عرب قبيلي جي سردار عمر بن عبدالعزيز هباري هٿان منصوره ۾ مارجي ويو. آيتاخ ترڪي کي سنڌ جو نئون گورنر بڻايو ويو. انهي امباسہ بن اسحاق الزابل کي پنهنجي جاءِ تي سنڌ جو گورنر نامزد ڪيو. اهو 227هه ۾ منصوره پهتو.

يعقوبي (لائيڊن)، جلد II، ص. 585.
بلاذري (لائيڊن)، ص. 446-447.
ابن عاصر، جلد VI، ص. 339.
بلاذري ٻڌائي ٿو تہ امباسہ جي مقرري مُعتَصِم جي دور ۾ ٿي، پر يعقوبي واثق جي دور ۾ ڏيکاري ٿو. سنڌ جيئن تہ خراسان جي باغي بابڪ خُرمي کي 223هه ۾ چٽڻ وارين خدمتن عيوض آيتاخ حوالي ٿيل هئي، سو بلاذري وارو بيان وڌيڪ ڀروسي جوڳو لڳي ٿو.

**841/42ع / 227هه:**

فضل بن معاهن جي پاءُ، سِندان جي حاڪم، ميدين مٿان بحري حملو ڪيو.

بلاذري (لائيڊن)، ص. 444.

پوئتي پاٽس سِندان تي قبضو ڪري ورتو ۽ انهي گهرو ويڙهہ سِندان ۾ عرب اقتدار جي تڏا ويڙهہ ڪرائي ڇڏي.

داخلا 198-227ھ پڻ ڏسو.
سِندان گهٽو ڪري سنڌڙي شهر هو، جيڪو 1819ع واري ڌرتي ڌوڏ ۾ ڌرتيءَ ۾ غرق ٿي ويو.
هن جو ابن حوقل پاران پنهنجي نقشي (ايليَٽ پاران ورائي ٺاهيل) ۾ رڻ ڪڇ جي پاسي سان ڏيکاريل هنڌ اسان لاءِ ٻي ڪا چونڊ نٿو ڇڏي.

**841/42ع / 227ھ:**

احمد ابن يحيٰ ابن جابر البلاذري، ايراني نسل مان ۽ عربي ڪتاب فتوح البلدان (فتحن جو ڪتاب) جو ليکڪ، ڄائو.

**841/42ع / 227ھ:**

مُعتَصِم بالله جي مرڻ تي عباسي خلافت سنڌ مٿان ڪنهن قسم جو حقيقي وَسُ رکڻ ليکي ٻنهہ هيٺي ٿي وئي.

**842ع / 227ھ:**

مُعتَصِم بالله مري ويو. ابو جعفر هارون مُلقب يا واثِق بالله خليفو بڻيو. انهي ڪانوڻي ملتان صحيح معنيٰ ۾ عباسي خلافت کان آزاد ٿي ويو.

سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 305، ملتان ڪي ٽين صدي هجريءَ جي وچ تي سنڌ کان ڌار ۽ آزاد ٿيندي ڄاڻائي ٿو. ملتان دارا-پهرئين جي وقت ڪانوڻي سنڌ جو حصو هليو پئي آيو.

**844-848ع:**

ايران ڄائي، طبرستان جي گورنر جي پٽ ۽ عراق ۾ پوسٽ ماستر طور ڪم ڪندڙ، ابن خُردادبہ پنهنجي عهدي سبب گڏ ڪيل ڄاڻ آڌار ’ڪتاب المسالڪ والممالڪ‘ لکي پورو ڪيو. هن ۾ سنڌ ۽ ملتان بابت ڄاڻ آهي.
ابن خُردادبہ يهودي واپارين جا احوال ڏنا آهن، جيڪي فارسي، يوناني، لاطيني، عربي، فرينڪلن، اسپيني ۽ سِلاو ٻوليون ڳالهائيندا هئا ۽ اولهہ (يورپ) مان ڪدڙا، ٻانهيون، ڇوڪرا، ريشم ۽ اُنَ وغيره نيندا هئا، ڳاڙهي سمنڊ ۾ گهڙندا هئا ۽ سنڌ ۽ هند ڏانهن ويندا هئا، جتان انهن جي موٽ ۾ ڪٿُوري (مُشڪ)، ڪنوار ٻوٽي، ڪافور، دالچيني ۽ مسالا وغيره وهائيندا هئا. اڳتي مليل ثبوتن مان لڳي ٿو تہ ائين ٻارهين صديءَ تائين هليو.
ان ئي عرصي (331-337ھ) دوران هڪڙو ٻيو گهومڻائو ابو زُلف مَسر بن مُهلُوهِلُو يومبُئي ملتان ۽ سنڌ ۾ آيو. (سنہ غلط ٿو لڳي، ترتيب ليکي 231-237ھ ٿيڻ گهرجي - سنڌيڪار).

ڪتاب المسالڪ والممالڪ، ڊي گوئيج، برل (لائيڊن) مان 1889 ۾ ڇپرايو. فرينچ ترجمو ايشياٽڪ رسالي ۾ 1865 ۾ ڇپيو. سنڌ بابت ٽڪرا ايليَٽ اينڊ ڊائوسن جي جلد I ۾ آيا آهن.
ڏکڻ ايشيا بابت ٽڪرن جو اردو ترجمو مسعود علي ندوي ڪيو آهي. داخلا 844ع پڻ ڏسو.
سنڌ سان واپار نيم تاريخي دورن ڪانوڻي هلندو پئي آيو.

**24 مئي 846ع / 22 رمضان 231ھ:**

حافظ ابو محمد بن سُليمان، سنڌ مان غلام بڻايل سنڌي، جيڪو هڪ ناليرو محدث ٿي ويو هو، 69 سالن جي ڄمار ۾ بغداد ۾ مري ويو. سندس شاگردن ۾ امام احمد بن حَنبل شامل هو.

تاريخ خطيب بغدادي، جلد 8، ص. 329.
تذڪرت الحافظ، جلد II، ص. 65.
تهذيب التهذيب، جلد II، ص. 252.
بشاري مقدسي، جلد III، ص. 77.

**846/47ع / 232ھ:**

خليفو واثِق بالله مري ويو ۽ مُتَوَڪِل نئون خليفو بڻيو.

**849/50ع / 235ھ:**

خليفي متوڪل بالله جيئن تہ سنڌ جي اڻٽيهين گورنر امباسہ بن اسحاق الزابل جي سرپرست آيتاخ ترڪي کي گرفتار ڪيو، تنهنڪري انهي ڪي

يعقوبي (لائيڊن)، جلد II، ص. 585 ۽ (بيروت)، جلد III، ص. 177.
بلاذري، ص. 437.

لاهي بغداد موٽايو ويو. سندس جاءِ تي هارون بن ابي خالد معروضي کي نالي ماتر ٿيهون گورنر بڻايو ويو، جيتوڻيڪ عباسين جو سنڌ مٿان اختيار ختم ٿي چڪو هو. گورنر ٿي سگهي ٿو ڪجهه سرحدي چوڪيون بچائي ورتيون هجن.

امباسه پنهنجو سمورو وقت مقامي بغاوتن کي دٻائيندي گذاريو هو ۽ سنڌ گهڻي ڀاڱي مقامي عرب قبيلن جي هٿن ۾ هلي وئي هئي.

**850ع کان پوءِ:**

سنڌ جا سما ڀائر موڏ ۽ منائي، جن ڪڇ ۾ پتوگهه ۽ گٽتري ۾ پنهنجي رياست ٺاهي هئي، مري ويا. موڏ جي پٽ ساد گادي سنڀالي ۽ ڪنٿ ڪوٽ کي گاديءَ جو هنڌ بڻايائين. سندس سهري ڏرڻ واگهيلي ري سَڏيَن سمن مان جان ڇڏائڻ لاءِ ساد کي زهر ڏياريو، جڏهن انهي جو پٽ ڦُل اڃا ڇهن مهينن جو هو. ڦُل کي ٻولاڙي نالي ٻانهي سنڌ ڪٽي آئي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته انهي شهزادي جي جاءِ تي پنهنجو پٽ ڇڏي، شاهي وارث کي بچائڻ لاءِ پنهنجي پٽ جي زندگي گهوري ڇڏي. ڦل مسلمان سمي شهزادي ڏُلارا جي درٻار ۾ پلجي وڏو ٿيو. ڦل جڏهن وڙهڻ واري ڄمار رسيو ته پنهنجي ناني ڏرڻ واگهيلي کي للڪارڻ ڪڇ موٽي ويو. ڪراڙي ڪيس هڪڙي مائٽياڻي پرڻائي ۽ پٽس وارو علائقو ڏئي ٺاريو. پر وجهه ملندي ئي ڦل پنهنجي ناني کي ماري وڌو ۽ سندس لاش جي کل لهرايائين. ڪجهه وقت پوءِ پنهنجي زال کي اٽڪل سان سندس مقتول مائٽ جي کل تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر انهي ان بجاءِ آپگهات ڪري ڇڏيو. انهي جي بدن مان اٽسڙيل پٽ ڪڍيو ويو ۽ انهي تي گهاءُ (گهاءَ مان ڄاول) نالو رکيو ويو.

ڦل پنهنجي وڏن جي علائقن تي جوڏن وانگر اندازن ڏهين صديءَ جي ٻئين چوٿي جي وچ تائين راڄ ڪيو ۽ پوءِ پٽس لاکو ڦلاڻي سندس گاديءَ تي ويٺو.

**851ع / 237هه:**

سُليمان تاجر پنهنجو ڪتاب سلسلته التواريخ لکيو، جيڪو عربي سمنڊ ۾ ٻيڙا هلائڻ لاءِ، ڪانئس اٽڪل 1000 سال اڳ لکيل دي پيرِيپلَس آف دي ايريٿرائن سِي کان پوءِ، پهريون سونهون آهي. هي ڪتاب ان ڪَان پوءِ لکڻ وارن هڙني عرب گهومڙائن لاءِ هڪ ماخذ هو. ٿي سگهي ٿو ته سليمان سنڌ جي بندرگاهن تي آيو هجي، ڇو ته ڏکڻ ايشيا ڏانهن ڪيترائي پيرا ڪيائين ۽ ان بابت احوال ڏنا اٿس. ڪم سليمان کان پوءِ به هلندو رهيو ۽ 880ع ۾ ابو زيد پورو ڪيو، جيڪو 934ع ۾ مئو. ابو زيد ڪتاب ۾ ڪيترائي نقشا شامل ڪيا. هن ۾ منصوره ۽ ملتان جا احوال آهن، سنڌ جي واپار جا احوال آهن ۽ سنڌ مان ويندڙ گينڊي جي سڱن ۽ چين ۾ انهن جي شهوت وڌائڻ لاءِ استعمال ٿيڻ جا خاص احوال ڏنل آهن.

(ابو زيد بابت 916ع ۽ 951 واريون داخلائون ٺهڪن نٿيون - سنڌيڪار).

وليمس، ص. 75-76.

لاکو ڦلاڻي نائين صديءَ واري لاکي گهُراري ۽ ٻارهين صديءَ واري لاکي لاکيا کان الڳ آهي.

سلسلته التواريخ پهريون ڀيرو پيرس مان 1811ع ۾ ڇپيو، ص. 21، 50-58.

ايليَٽ، جلد ا، ص. 200، ۾ ڏکڻ ايشيا بابت ٽڪرن جو انگريزي ترجمو ڏنل آهي. مسعود علي ندوي انهن جو اردو ترجمو ڪيو آهي.

رائيني هن جو فرينچ ترجمو پيرس مان 1854 ۾ ڇپرايو. (876/875ع واري داخلا ۾ 1845 آهي، ڪنهن هڪ هنڌ پروف جي غلطي آهي - سنڌيڪار).

جِي. فيران وارو فرينچ ترجمو پيرس، 1922. (ڏات ساگر ۾ زيد واري داخلا ۾ 1822 ۽ فيران واري داخلا ۾ 1923 آهي، ڪنهن هڪ هنڌ پروف جي غلطي آهي - سنڌيڪار).

ليکڪ جي ڄمڻ ۽ مرڻ جي سن جي خبر ناهي.

# سنڌ جو هباري گهراڻو

(854_1010ع)

**55/854ع / 240هـ:**

مقامي عرب قبيلي جي هڪ سردار عمر بن عبدالعزيز هباري سنڌ ۾ عباسين جي ڏيهين ۾ آخري گورنر هارون بن ابي خالد معروضي کي ماري وڌو، پر خليفي المُتَوَڪِل جي بيعت ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ سبب ڪيس سنڌ جو آزاد حاڪم ڪري مڃيو ويو، ان شرط سان تہ اهو جمع جي خطبن ۾ خليفي جو نالو پڙهرائيندو. هي بانيا يا بائنہ (منصوره کان ٿوري پنڌ تي هڪ ننڍڙو شهر) ۾ رهندو هو، جيتوڻيڪ منصوره فتح ڪري چڪو هو.

يعقوبي، جلد II، ص. 585، 599 (لائيڊن) ۽ جلد III، ص. 117 (بيروت).
بلاذري، ص. 437.
ابن حوقل، ايليَٽ وارو ترجمو.

**55/854ع / 240هـ:**

هبار بن اَسوَد جي پونير عمر بن عبدالعزيز سامي صوبو قبائي ورتو. خليفي متوڪل سندس گورنريءَ وارو عرض مڃيو۽ اهو ان کي بهتر نموني هلائيندو رهيو.

يعقوبي، جلد II، ص. 599 (لائيڊن).
يعقوبي جو اهو خيال تہ عمر بن عبدالعزيز سوم، بن لوئِي جو پونير هو غلط آهي. هي عبدالعزيز، هبار بن اَسوَد جو پونير هو، جيڪو ابن خلدون جي چوڻ مطابق ڪعب بن لوئِي جو پونير هو، جلد II، ص. 327 (قاهرا ڇاپو).
هباري سنڌ جا آزاد حاڪم بڻجي چڪا هئا، پر يعقوبي جو بيان ظاهر ڪري ٿو تہ ان هوندي بہ خليفي کان منظوري ورتي وئي، جيڪا رڳو رسمي وجي بچي هئي.
يعقوبي جو اهو چوڻ تہ هارون پنهنجي موت مري ويو، بلاذري رد ڪري ٿو (ص. 437)، جنهن جو چوڻ آهي تہ بغاوت ۾ مارجي ويو هو.

**855ع:**

بازنطينين شام ۾ عينضربہ تي حملو ڪيو، جتي جاٽن کي 834ع ۾ نيڪالي ڏئي موڪليو ويو هو.

هڙني جاٽن کي پڪڙيائون ۽ انهن کي ٻارن ٻچن ۽ مينهُن سميت بازنطين وٺي ويا. هڪڙو ڏُڪو اهو هنيو وڃي ٿو تہ جاٽن جو اهو ٽِلو ٽولو لاڏائن (جپسي) جو يورپ ۾ آڳومتي پهريدار هو.

ٽيٽ جو سيستان، ص. 377-378.
ٽوائنبي، اي اسٽڊي آف هسٽري، جلد VII.
JASB لاڏائن جي ٻوليءَ تي مضمون ڇاپيا آهن، جن ۾ ڪيترائي سنڌي لفظ آهن.
باشام پڻ اهڙا ڪجھ لفظ 'وَنڊر دئٽ واز انڊيا' جي ضميمي XII ۾ ڏنا آهن.

**59/858ع / 244هـ:**

ابو عبدالمالڪ، هڪ سنڌي غلام، جنهن کي بغداد اماڻيو ويو هو ۽ وڏو ڏاهو هو، 99 سالن جي ڄمار ۾ بغداد ۾ مري ويو.

ڪتاب النِصاب، ص. 314.
تاريخ خطيبِ بغدادي، جلد III، ص. 326.

**63/862ع / 248هـ:**

سيدنا ابراهيم شاهد، جيڪو سنڌ ۾ خليفي متوڪل جي دور ۾ مذهب جو پرچار ڪرڻ آيو هو، نيرون ڪوٽ ۾ مري ويو.

تحفت الڪرام (سنڌي).

**64/863ع / 249هـ:**

يعقوب بن اسحاق ڪَندِي، يحيٰ بن خالد برمڪي پاران ڏکڻ ايشيا جي مذهبن ۽ ٻوٽن جي اڀياس لاءِ موڪليل هڪ ٽوليءَ جي ہدايل ڳالهين آڌار ڏکڻ ايشيا جي مذهبن تي هڪ ڪتاب لکيو. هن ۾ ملتان جي مندر جو بيان آهي.

ابن نديم الفِهرِست (قاهرا)، ص. 484-487 تي ڏنو آهي.

# 751 _ 854ع
# سنڌ ۾ عباسي گهراڻي جا گورنر ۽ سنڌن همعصر

| عيسوي سال | سنڌ جا عرب گورنر | عباسي خليفا | ڪڇ جو چاوڙا گهراڻو | ڪاٺياواڙ يا گجرات جا پِرَتيهار | راجپوتانا، مالوا ۽ ڏکڻ گجرات جا پِرَتيهار |
|---|---|---|---|---|---|
| 750 | منصور بن جَمهُور | سَفاح<br>754 - 750 | بَن راج<br>806 - 746 | سِل آڏِت-چهون<br>760 - 735 | ناگ ڀاٽا-ڀهريون<br>756 - 730 |
| 755 | موسيٰ بن ڪَعب التميمي<br>757/58 - 751/52 | | | | |
| 760 | عينة التميمي 759/60 - 757/58 | منصور<br>775 - 754 | | | ڪَڪُوڪا<br>767 - 756 |
| 765 | اَمر بن حَفص عتقي<br>767 - 759/60 | | | سِل آڏِت-ستون<br>766 - 760 | |
| 770 | هِشام بن امرو تَغلبي<br>773 - 767 | | | ديوراج<br>778 - 767 | |
| 775 | مَعبِد تميمي 773 - 775/76 | | | | |
| | روح بن حاتم، نصرالشيث، عبدالمالڪ مصمئي،<br>نصرالشيث، زبير بن عباس، مشهد تغلبي 776-778 | مهدي<br>785 - 775 | | | |
| 780 | نصرالشيث 781 - 779/80 | | | | |
| 785 | ليث بن طارف<br>786/87 - 781/82 | هادي 785 - 786 | | وَتساراج<br>800 - 778 | |
| 790 | سليم يونسي 786/87 - 790/91 | هارون الرشيد<br>809 - 786 | | | |
| 795<br>800 | اسحاق هاِشمي ۽ يوسف هاشمي 790 - 791<br>طيفُور اَلحمري 790/91 - 792<br>جابر طائي 792 - 792<br>ڪثير ڪاتبي 793 - 794/95<br>محمد ثَعلبي 795/96 - 798<br>عبدالرحمان 798 - 799<br>ايوب بن جعفر 798/99 - 800<br>مُهلبي 800 - 801 | | | | |
| 805<br>810<br>815 | دائود مُهلبي<br>821/21 - 801 | امين 809 - 813 | يوگ راج<br>842 - 806<br><br>سنڌ جا<br>سما راجپوت<br>لاکي گهُراڻي<br>جا پونير<br>985 - 810 | ناگ ڀاٽا-ٻيون<br>833 - 800 | |
| 820<br>825 | بشار بن دائود مُهلبي (آزاد حڪمران)<br>828/29 - 820/21 | مامون<br>833 - 813 | | | |
| 830 | غُسان مُهلبي 828/29 - 831 | | | | |
| 835 | موسيٰ بن يحيٰ بَرمَڪي<br>836 - 831 | | | رام ڀَدرا 833 - 836 | |
| | عمران برمڪي 836 - 840/41 | مُعتصم<br>842 - 833 | | | |
| 840<br>845 | امباسہ بن اسحاق<br>849/50 - 840/41 | واثِق<br>847 - 842 | ڪمر راج<br>866 - 842 | ڀوجا-ڀهريون<br>885 - 836 | |
| 850<br>855 | هارون بن علي خالد<br>854/55 - 849/50 | مُتَوَڪِل<br>861 - 847 | | | |
| | هباري 854 - 1010/11 | | | | |

نوٽ: سنڌ جي سمن جو ڪڇ جي ڪجھ ڀاڱن تي 810 - 985ع جي وچ تي راج رهيو.




نقشو نمبر 30

**854 _ 1011ع**
**هباري ۽ پر پاسن سان**
**951ع ۾ مقامي عرب بادشاهيون**

نوٽ:
1. تُوران تي 951/52ع ۾ مغيره (معين) بن احمد جو راڄ هو. راڄڌاني قلات (ڪنڪان) ۾ هئس.
2. ابوالقاسم تُوران تي 969ع ۾ قبضو ڪيو.
3. خضدار کي تُوران جي راڄڌاني 985/86 ۾ بڻايو ويو.
4. خارجين تُوران تي خضدار ۾ راڄڌاني هوندي 994ع ۾ قبضو ڪيو.
5. خضدار (گهڻو ڪري سمورو تُوران) 833-841/42ع ۾ يا ان کان پوءِ به سنڌ جو ڀاڱو هو.
6. مٿين ڦيرڦار ٻڌائي ٿي ته تُوران هڪ حاڪم کان ٻئي ڏانهن هٿ مٽائيندو رهيو ۽ ڪو راڄ گهراڻو اتي جٽاءُ نه ڪري سگهيو. ٿي سگهي ٿو ته چڙواڳيءَ واري صورتحال ۾ به رهيو هجي.

نقشو نمبر 31

# 951ع
# اِستَخريءَ وارو سنڌ جو نقشو

(نوان نالا ڏنگين ۾)

سنڌ جو اتريون ڏنگ ملتان کان اٽڪل 50 ميل اتر ۾ هو. لسٻيلو، مڪران ڪيچ تائين، قلات، سبي ۽ گنداوا سنڌ جو حصو هئا.




**ڏسٽي**

1 ڏهين صديءَ جا شهر

2 انهن جي جاءِ تي هاڻ

3 سنڌو درياءَ ۽ ان ۾ چوڙ ڪندڙ

4 سنڌ جو ڏنگ

**نوٽ:** هي نقشو ابن حوقل جي 976ع واري نقشي سان گهڻو ملي ٿو.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ تهيل

## نقشو نمبر 32

# 976ع
# ابن حوقل وارو سنڌ جو نقشو
(ايليٽ 1867 آڌار ٺاهيل)




**پراڻن شهرن جي جاءِ تي هاڻ**

| | |
|---|---|
| سَدُوسَن | سيوهڻ |
| قَصدُن | خضدار |
| ڪنڪان | قلات ضلعو |
| ٻُڌا | سبي-ڪڇي ضلعا |
| قندابيل | گنداوا |
| الملتان | ملتان |
| الرُر | الور |
| ڪلاري | ديهه ڪلري (ضلعو بينظيرآباد) |
| منصوره | ٻهمڻ آباد |
| ارمابيل | لسٻيلو |
| ڪِز | ڪيچ يا ڪچ |
| نيرُون | حيدرآباد |
| سِندان | سِنجان |
| بحرِ فارس | ايراني سمنڊ يا عربي سمنڊ |
| ڪَنزبُرد | پنجگور |
| بَسمَد | پاتيا؟ يا پَتِندا |
| بانيا | بائڻا |
| منگهوپير | مَنجاٻاري |
| تِز | گوادر |
| ديبل | ڀنڀور |

## ڏسڻي

1. ڍهين صديءَ جا شهر
2. رستا يا واٽون
3. سنڌو درياءُ ۽ ان ۾ ڇوڙ ڪنڌ
4. سنڌ جو دنگ

**نوٽ:**

ٽالمي جي 150ع واري نقشي جي ڀيٽ ۾ عرب جاگرافيدانن جي نقشن ۾ غلطيون آهن.

**863-930ع / 279ھ:**

بنو سامہ جو عمان ۾ اُسرڻ ۽ ابو طاهر قرمطي پاران بادشاهي ٺاهڻ.

**864ع / 250ھ:**

ابن خُردادبہ جي مرڻ جو سال. هي ايراني هو ۽ طبرستان جي گورنر جو پٽ هو. ڪتاب المسالڪ والممالڪ لکيائين، جنهن ۾ ڪئڪان، مڪران، بانا، ميد، خضدار، گنداوا، ڪنزبور، ارمابيل (لسٻيلو)، ديبل، سِدُوسن (سيوهڻ)، روڙ، ملتان، منصوره وغيره ۽ ذاتين، قبيلن، واپار ۽ پوکي راهيءَ جا احوال آهن. هي خليفي مُعتَمِد جي تپال کاتي ۾ عملدار هو ۽ گهومڙائن ۽ واپارين سان لهہ وچڙ هوندي هئس.

هي نسخو ڊي گوئيج لائيڊن مان 1889 ۾ ڇپرايو. ڏکڻ ايشيا بابت ٽڪرا ايليَٽ ايند ڊائوسن ڏنا آهن ۽ ٽڪرن جو اردو ترجمو اختر ندوي ڪيو آهي.

**869ع / 255ھ:**

هائِجِق جو موت. فلاسفر ۽ ليکڪ هو، لکيو اٿس تہ سنڌي حساب ڪتاب رکڻ ۾ پلا آهن، مهارت ۽ ايمانداريءَ سبب بغداد ۾ هر کاتي ۾ لڳل آهن.

رسالہ فخرِ سودان ابي البيضان، ص. 81 (قاهرا)، 1324ھ.

**869ع / 255ھ:**

ابوالسامہ، عباسي خليفي جو سنڌ ۾ گورنر ٿي آيو. ڪجھ ئي مهينن اندر مارجي ويو ۽ عمر بن عبدالعزيز هباري سنڌ تي آزاد حاڪم طور راڄ ڪندو رهيو.

**870ع / 256ھ:**

امام بخاري جو موت. هي ڪتاب الادب المُفَرِد جو ليکڪ هو، جنهن ۾ ٻڌائي ٿو تہ حضرت عائشہ بيمار ٿي پئي ۽ سندس علاج هڪ جاٽ ويڄ ڪيو، جنهن کي سندس نياٽو وٺي آيو.

ڪتاب الادب المُفَرِّد (قاهرا)، ص. 35.

**870/71ع / 257ھ:**

خليفي المعتمد، يعقوب بن ليث صَفَري جو عراق تي حملو ڪرڻ وارو ارادو مٽائڻ لاءِ کيس ڪرمان ۽ سيستان، جيڪي اڳيئي انهي جي قبضي ۾ هئا، سان گڏ سنڌ، بلخ (باختر) ۽ طبرستان عطا ڪري ڇڏيا. يعقوب آڇ رد ڪري ڇڏي، عراق تي ڪاهہ ڪيائين، پر شڪست کائي سِجستان ڏانهن ڀڄڻو پيس. سندس نہ سنڌ ۾ ڪا دلچسپي هئي ۽ نہ ملتان ۾. تنهنڪري هباري بنا هٽ چراند راڄ ڪندا رهيا.

ابن عاصر، جلد VIII، ص. 96.

ابن خلدون (قاهرا)، جلد III، ص. 343 ۽ جلد II، ص. 327، هبارين جو شجرو هن ريت ڏئي ٿو: عمر بن عبدالعزيز بن مُنظر بن زبير بن عبدالرحمان بن هبار بن اَسوَد. اَسوَد 8ھ يا 630ع ۾ اسلام قبوليو هو. هن ڳالهہ سان پورو شجرو نہ مجڻ جهڙو ٿي پوي ٿو، جو تہ 250 سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 12 پيڙهيون ٿيون هونديون.

**870-893ع / 256ھ:**

پلي جو هباري سنڌ جا آزاد حاڪم هئا، پر عباسي خليفا سنڌ مٿان سلطانيءَ جي دعويٰ رکندا آيا. جيئن 257ھ (870/71ع) ۾ يعقوب بن ليث صَفَري کي ترڪستان، سِجستان، ڪرمان ۽ سنڌ سميت ايرندي واري سلطنت جو گورنر مقرر ڪيو ويو. وري 261ھ ۾ معتمد سنڌ ۽ ايرندي وارا پرڳڻا پاڻس مُوافق کي ڏئي ڇڏيا.

ابن خلدون (قاهرا)، جلد III، ص. 343.

**872/73ع / 259ھ:**

هڪ سنڌي راڄا اسلام قبوليو ۽ ڪعبي ۾ شاهديءَ لاءِ هيرا جَڙيل سوني

اَلمر بيت الحرم (قاهرا)، ص. 42.

زنجير موڪليائين.خليفي معتمد انهي کي پرڪائڻ کان پوءِ ڪعبي ڏانهن اماڻي ڇڏيو.

**874/75ع / 261هه:**

خليفي معتمد پنهنجي پاءُ موافق کي اپرندي وارن پرڳڻن، سنڌ سميت، جي حڪمرانيءَ جو اختيار ڏنو. جيتوڻيڪ عملي طور هباري سنڌ تي آزاديءَ سان حڪمراني ڪري رهيا هئا.

عرب و هند ڪي تعلقات.
ابن خلدون، جلد III، ص. 343.
هباري لڳي ٿو ته هن حڪم هوندي به بنا رنڊ روڪ راڄ ڪندا رهيا.

**875/76ع / 262هه:**

ابو زيد صِرافي ڏکڻ ايشيا آيو، سنڌ ۾ به آيو ۽ پنهنجو سفرنامو لکيائين. ملتان واري مندر جا احوال ڏنا اٿس.

هي نسخو پيرس مان 1811ع ۾ ڇپيو. رائيني ان جو فرينچ ترجمو 1845ع ۾ پيرس مان ڇپرايو. (851ع واري داخلا ۾ 1854ع ڏنل آهي - سنڌيڪار).

**875ع:**

تاريخدان يعقوبي پنهنجو ڪتاب لکيو.

**878/79ع / 265هه:**

خليفي معتمد اپرندي واري سلطنت امر بن ليث جي حوالي ڪئي، پر اهو سنڌ تي قبضو نه ڪري سگهيو، جنهن تي هباري قبيلي جي آزاد حاڪمن جو راڄ هو.

راورٽي، ناصري، جلد I، ص. 23، تي بڌائي ٿو ته ساڳئي سال خليفي، امر بن ليث کي بغداد واري منبر جماعت مان خارج ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن امر پنهنجو ماڻهو خليفي ڏانهن موڪليو ته انهي کيس پِٽيو.

**878/79ع / 265هه:**

يعقوب بن ليث صَفَري سِجستان ۾ مري ويو.

ابن خلدون، جلد II، ص. 316 ۽ 337.
عاصر، جلد III، ص. 96.

**879/80ع / 265هه:**

ملتان عباسي خلافت کان آزاد ٿي ويو.

**883/84ع / 270هه:**

عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز هباري جي منصوره ۾ حڪومت هئي ۽ مهروڪ بن رائڪ نالي هڪ هندو راجا جي الور ۾ حڪومت هئي.

الور، سنڌ، جي هندو حاڪم (گهٽو ڪري اتر سنڌ تي حڪومت هوندس) عبدالله بن عمر هباري کي اسلامي عقيدن ۽ تعليم بابت سنڌيءَ ۾ ڪو ڪتاب موڪلڻ لاءِ لکيو. منصوره ۾ رهندڙ هڪ عراقي ڏاهي جو ان مضمون تي لکيل منظوم ڪتاب راجا ڏانهن موڪليو ويو، جنهن عبدالله کي اهو ڏاهو پڻ موڪلڻ لاءِ چيو.

عجائب الهند، بزرگ بن شهريار (لائيڊن)، ص. 3.

هي بيان ثابت ڪري ٿو ته سنڌ ۾ نائين صديءَ ۾ لکجندڙ ۽ ڳالهائجندڙ ٻولي سنڌي هئي، پراڪرت نه، جيئن ڀيرومل چوي ٿو.

**883-887ع / 270-273هه:**

عبدالله بن عمر هباري پاران اتر سنڌ ۾ الور (اَلرا) جي هندو راجا مَهروڪ جي دربار ۾ موڪليل ڏاهي، راجا جي منت تي قرآن شريف کي سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو. ان دوران راجا ان ڏاهي جي ميزباني ڪئي.

عجائب الهند، بزرگ بن شهريار، لائيڊن ڇاپو، ص. 4. هي نسخو اَلرا (الور) کي ڪشمير ۽ پنجاب جي وچ تي ڄاڻائي ٿو، جيڪو مجڻ جهڙو ناهي، ڇو ته سنڌي ٻولي اتي نه ڄاتي ويندي هوندي.

**883/84ع / 270هه:**

عمر بن عبدالعزيز هباري منصوره ۾ مري ويو. پٽس عبدالله سنڌ جي آزاد حاڪم طور گادي سنڀالي. سندس دور جي پڇاڙڪي سال دوران امام

بزرگ بن شهريار (لائيڊن)، ص. 3.
شهريار، عبدالله کي سنڌ ۾ حڪومت ڪندي ڏنو. اها پڪي خبر ناهي ته

عبدالله المهدي هڪ اسماعيلي داعي هاشم کي پنهنجي عقيدي جي پرچار لاءِ سنڌ ڏانهن موڪليو.

عمر بن عبدالعزيز ڪڏهن مئو. 271ھ ۾ موسيٰ بن عبدالعزيز الهباري عباسي خليفي معتمد ڏانهن سوکڙيون موڪليون. جيئن ذخائر والتُحف، ص. 24-25، ٻڌائي ٿو. مطلب ته عمر ۽ عبدالله ٻنهي 30 سالن تائين گڏجي حڪومت ڪئي.

**888/89ع / 275ھ:**

قرآن شريف ۽ حديث جي مشهور شارح احمد بن محمد بن هارون پنهنجو ڪم لکيو.

انڊياز ڪنٽريبيوشن ٽو دي اسٽڊيز آف هيڊٿ لٽريچر، ص. 35.

**892-899ع / 279-286ھ:**

عمان ۾ قريشي قبيلي بنو سامه، لوئي بن غالب جي پونيرن، جو اُسرڻ. انهن جا سنڌ سان پراڻا واپاري لاڳاپا ۽ ڳانڍاپا هئا.

سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 301.

**892/93ع / 279ھ يا پوءِ:**

ابن فقيهه همداني ڪتاب البلدان لکيو. هن سنڌ جي گينڊن، ڪڪڙن، هاٿين، مورن، عطرن، ناريلن (ڏونگهي) وغيره جا احوال ڏنا آهن.

هي نسخو جاگرافيڪل سوسائٽي لنڊن پاران 1885 ۾ ڇپايو ويو.

**892/93ع / 279ھ:**

سامه، جنهن جو پيءُ بنو ڪُنده جو آزاد ڪيل غلام ابوالسامه، عمر بن حافظ عباسي ۽ بين 1000 ماڻهن سان گڏ ٽين صدي هجري جي شروعات ۾ سنڌ ڏانهن لڏي آيو هو، منصوره ۾ سنڌ جو آزاد راڄ ڏٺي ٻڌجي ويهي رهيو، پر عبدالله بن عمر هباري سنت ٽي شهر ورائي ورتو ۽ امن امان بحال ڪيو. ان ڪان پوءِ عبدالله پنهنجي گادي بانيا ڪان منصوره ڏانهن لڏائي ويو.

بلاذري، ص. 445، 279ھ ۾ لکيل.
بانيا لاءِ ڏسو داخلا 240ھ (854/55ع). سامه وارا لڳي ٿو ته ملتان هليا ويا جتي 290ھ ۾ پنهنجي حڪمراني وجي قائم ڪيائون.
ابن خلدون جلد I، ص. 324 ۽ جلد IV، ص. 93، ٻڌائي ٿو ته سامه قريشي نه هو، جيئن دعويٰ ڪئي وڃي ٿي. استخري، ص. 175.

**893/94ع / شوال 280ھ:**

ديبل ۾ ڌرتي ڌڏڻ سان گڏ ڇپون ڪريون، جنهن ۾ ڪيترائي گهر ڊهي پيا ۽ شهر ۾ 15 لک ماڻهو جيئري پورجي ويا. زورائتا 5 لوڏا آيا، جن پوري شهر کي ناس ڪري ڇڏيو.

ابن عاصر، جلد VII، ص. 323.
سُيُوتِي، تاريخ خُلفاء، ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪولڪتو، ص. 380. موتن جي انگ ۾ تمام گهڻو وڌاءُ ٿيل آهي. انهن ڏينهن ۾ سڄي سنڌ جي ڪل آبادي 10 لکن ڪان وڌيڪ نه هوندي. ينبور، هاڻ ديبل ڪري مجيل، سگهاري ڌرتي ڌوڏ علائقي ۾ آهي. ٿي سگهي ٿو ڪجهه حصو ٻڏتو هجيس. درياءَ جي ڪنڌيءَ سان ڇپن جو ڪرڻ به ممڪن آهي.

**892/93ع / 279ھ:**

خليفي معتمد بالله، رياضيدان احمد بن خفي ديملي کي ڪجهه سائنسي حقيقتن جي پڙتال ڪرڻ لاءِ ڏکڻ ايشيا (يعني سنڌ، جتي هبارين جي حڪومت هئي) موڪليو.

عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 147.

**892-1000ع / 279-389ھ:**

ايران ۾ سامانين جو راڄ. هنن جي دور ۾ فارسي ٻوليءَ، درٻاري توڙي ادبي ٻوليءَ طور، عربيءَ جي جاءِ وٺڻ شروع ڪئي.

**892ع / 279ھ:**

فتوح البلدان (فتحن جو ڪتاب) جو ليکڪ احمد ابن جابر، ايراني نسل جو، بلاذري طور ڄاتو ويندڙ، ٻن خليفن مُتَوَڪِل ۽ مُصتَعِم جي درٻارن سان

دي گوئيج پاران ايڊٽ ڪيل عربي نسخو لائيڊن مان ٻن جلدن ۾ 1866 ۾ ڇپيو ۽ سڌاريل ڇاپو قاهرا مان 1901ع ۾ جاري ڪيو ويو.

سلهاڙيل رهندڙ، مري ويو. سندس تاريخ ۾ هڪ باب آهي، جنهن ۾ ڏنل تڪيل توريل تحقيق سنڌ بابت مقامي تاريخ چچنامي جون ڪجھ چُڪون درست ڪري ٿي ۽ سنڌ جي گورنرن بابت ڄاڻ پڻ ڏئي ٿي.

بلاذري نالو گهڻن ماهرن لاءِ تڪراري آهي، ڪجھ ڪيس ابو بڪر علي سڏين ٿا، ٻيا ڪيس ابو جعفر ڪوٺين ٿا، پر ڊي گوئيج ڪيس ابوالحسن احمد بن يحيٰ بن جابر بن دائود البغدادي مڃي ٿو.

**مئي 896ع / ربيع الثاني 283هه:**

محمد بن ابي شوراب منصوره جو قاضي مقرر ٿيو. 6 مهينن کان پوءِ مري ويو. سندس پونير منصوره ۾ رهيا ۽ انهن منجهان هڪ 'حمزه' 300هه ۾ منصوره جو قاضي هو. انهن جا حڪمران گهراڻي سان سڳ ڏنل ورتل هئا.

مسعودي، جلد I، ص. 377.
ابن عاصر، جلد VII، ص. 334.

**نومبر-ڊسمبر 896ع / 283هه:**

قاضي محمد ابن ابي شوراب، منصوره جي حاڪم جو مائٽ، 6 مهينا قاضي القضا طور ڪم ڪري مري ويو.

ابن عاصر، جلد VII، ص. 191 ۽ جلد III، ص. 185.
مسعودي، جلد I، ص. 142.

**897ع / 284هه:**

ابوالفراج علي ابن حسين ابن محمد ابن احمد جو اصفهان ۾ جمر. هن تاريخ آغاني لکي.

ڏسو داخلا 356هه.

**897ع / 284هه:**

احمد ابن ابي يعقوب ابن جعفر ابن وهاب ابن واِدث الڪاتب العباس مري ويو. سندس دنيا جي تاريخ 'يعقوبي' جو دائرو 259هه (872ع) تائين آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي عرب گورنرن ۽ ان دور جي ٻين واقعن جا احوال ڏنا اٿس. هي ڪم 284-287هه ۾ مڪمل ٿيو.

سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 98 مطابق هي 287هه يا 900ع ۾ مئو.
يعقوبي لائيڊن مان ٻن جلدن ۾ 1883ع ۾ ڇپي. بيروت وارو ڇاپو ٻن بجاءِ ٽن جلدن ۾ ورهايل آهي.
ويجهڙ ۾ قاهرا وارو ڇاپو آيو آهي.

**897ع / 284هه:**

ابو عُبيده وليد بن عبدالبهاتري، هڪ مشهور شاعر ۽ شاعر ابو تميم جو همعصر، سنڌ ڏانهن آيو.

**900-1000ع:**

سنڌي ٻولي پنهنجا مخصوص گڻ ڌاري ٻين پراڪرت ٻولين کان آزاد پنهنجي مُنهن اُسري.

پيرومل، سنڌي ٻولي. گرائرسن لٽرري هسٽري آف بينگالي لينگئيج آڌار هن نتيجي پهتو آهي. پر ڄاڻ ۽ ثابتي موجود آهي ته سنڌي، وڌيڪ نه تڏهن بہ گهٽ ۾ گهٽ 1500 سال، رِگ ويدي سنسڪرت کان پراڻي هئي، جيڪا ڏکڻ ايشيا ۾ ڦهريون پيرو 1100-1000 ق-م ۾ آئي. قرآن شريف ۽ ٻين ڌرمي گرنٿن جا سنڌي ترجما نائين صدي عيسوي ۾ ٿيا. ڏسو داخلا سال 883-884ع ۽ 883-887ع.

**900-1000ع:**

صرف دينار ئي هندي سمنڊ جي پاسن وارن سيني ملڪن، سنڌ سميت، ۾ هلندڙ عام سڪو هو.

ٽؤسينٽ، ص. 57.

**900-1000ع:**

سنڌ ۾ ٻني ريجائڻ لاءِ نار هلندا هئا.

مسعودي، جلد II، ص. 80.

**902/03ع / 290هه:**

ملتان تي سامع بن لوئي جي ٻنو منبہ سڏائيندڙ پونيرن جو راڄ. عباسي

سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 306-309، حوالو ابن

خليفي جي نالي سان خطبو پڙهندا هئا.

رُستا.

بنو منبہ، امانين کان راڄ کسيو، جيڪي محمد بن قاسم جي پوئتي گهرائجڻ کان ستت پوءِ ملتان جا آزاد راڄ ڌڻي بڻجي ويا هئا.

**903ع / 290ھ:**

ابن رُستا ڪتاب العلق النفيسہ لکيو، جنهن ۾ چوي ٿو تہ بنو منبہ، سامعہ بن لوئي جا پونير، ملتان مٿان آزاد راڄ ڪري رهيا هئا ۽ بغداد جي خليفي جي نالي سان خطبو ٿي پڙهيائون.

ملتان ۾ اتان وارو مندر بہ ويران ٿي ويو هو.

ابن رُستا (لائيڊن)، ص. 138 (1892 وارو ڇاپو).

هن ڳالهہ جي تصديق مسعودي ڪري ٿو، جنهن سامعہ بن لوئِي بن غالب جي پونيرن کي 10 سال پوءِ ملتان تي راڄ ڪندي ڏٺو. تن ڏينهن ۾ حاڪم ابوالهب بن اسد قَرشي سامي هو. مروج الذهب (پيرس)، جلد ا، ص. 375-376.

ابن رُستا جي ڄمڻ ۽ مرڻ جي سنہ جي خبر ناهي.

**906/07ع / 294ھ:**

اُڪر مطابق ديبل واري مسجد جي امير محمد بن عبدو (؟) هٿان مرمت جو ممڪن سنہ. جيڪا سنڌ ۾ سڀ کان آڳاٽي مسجد آهي.

مسجد جي دروازي وٽ ۽ ٻين هنڌن تي 'لِنگم' پوريل آهن، جيئن مسجد ڏانهن ايندڙ مسلمان انهن کي پيرن هيٺان لتاڙيندا اچن. لڳي ٿو تہ سنڌ فتح ٿيڻ کان اڳ لنگم جي پوڄا عام هئي.

ايف. اي. خان، پنيور، 1963، ص. 16. مسجد اٺندي 727/28ع ۾ ٺهي راس ٿي هئي.

لنگم جي پوڄا اٺندي موهن جي دڙي ۾ ٿي، جتان اهڙيون شيون نڪتيون آهن. هندو ڪجهہ مسلمان بزرگن جي مزارن تي لنگم جي پوڄا ڪندا هئا.

**909/10ع / 297ھ:**

عبيدالله بن محمد الحبيب ايرانين جي هلندي پڇنديءَ هيٺ هلندڙ بغداد واري عباسي خلافت جي مقابلي ۾ افريڪا ۾ فاطمي خلافت ٺاهي. 361ھ (971/72ع) ۾ انهي جي گادي قاهرا ڏانهن لڏائي وئي.

**912/13ع / 300ھ:**

جهازن جي مالڪ بزرگ بن شهريار، جيڪو ايراني نارِ کان چين ۽ جپان تائين هندستاني سامونڊي ڪنڌين رستي جهاز هلائيندو هو، پنهنجو ڪتاب عجائب الهند لکيو. انهي ۾ سنڌ بابت حوالا آهن.

سنڌ جي هباري حاڪم جو نالو ڏنو اٿس.

هي نسخو فرينچ ترجمي سان لائيڊن مان 1886 ۾ ڇپيو. قاهرا وارو ڇاپو 1908 ۾ ڇپيو. ليکڪ جي ڄمڻ ۽ مرڻ جي سنہ جي خبر ناهي. جي. سؤوات جو ڪيل فرينچ ترجمو 1959 ۾ ڇپيو. نئون ڇاپو دمشق مان 1954 ۾ آيو. آئيبرچ، آر. آئي. جو ڪيل روسي ترجمو 1959 ۾ ڇپيو.

**912/13ع / 300ھ:**

عبدالله بن عمر هباري، سنڌ جو پهيون آزاد راڄ ڌڻي، منصوره ۾ مري ويو ۽ پٽس عمر بن عبدالله سنڌ جو نئون راڄ ڌڻي بڻيو.

303ھ (915/16ع) ۾ مسعودي عمر بن عبدالله کي منصوره ۽ الور کان سمنڊ تائين سموري سنڌ تي راڄ ڪندي ڏٺو. سنڌ جي آمدني 10 لک درهم هئي.

مسعودي، مروج الذهب، جلد ا، ص. 377.

ڪتاب الاِخراج (لائيڊن)، ص. 242.

ابن حوقل، مروج الذهب.

**912/13ع / 300ھ:**

ايران جائو ابوالقاسم عبيدالله بن عبدالله بن خُردادبہ، ڪتاب المسالڪ والممالڪ (رستن ۽ بادشاهين جو ڪتاب) جو ليکڪ، مري ويو. ڪتاب ۾ ملتان، منصوره، مڪران، ديبل، نيرون، الور وغيره جا احوال آهن. پوڪن، ميون ۽ ماڳن وچ ۾ پنڌ جا وچور پڻ ڏنا اٿس.

هي نسخو لائيڊن مان 1889ع ۾ ڇپجي چڪو آهي.

(ابن خردادبہ جي مرڻ جو سنہ مٿي 864ع پڻ ڏنل آهي - سنڌيڪار).

**912/13ع / 300ھ يا ستت پوءِ:**

عمر بن عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز هباري جو منصوره تي راڄ. منصوره ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليون سنڌي ۽ عربي هيون.

مسعودي، جلد ا، ص. 377-340 (پيرس وارو ڇاپو) ۽ بغداد وارو ڇاپو، جلد ا، ص. 129.

**915/16ع / 303هه:**

ابوالحسن علي، المعروف مسعودي، جاگرافيدان، منصوره آيو. سمنڊ ڪان وٺي الور جي اتر تائين سموري سنڌ عمر بن عبدالله جي سلطانيءَ هيٺ ڏٺائين، جنهن دٻدٻي ۽ شان سان راڄ پئي ڪيو ۽ هر طرف امن هو. منصوره جي قاضي القضا کي عدالتي معاملا هلائيندي ڏٺائين. اهو ابو شوراب جي ڪٽنب مان هو، جيڪو 283هه ۾ مري ويو هو. ملتان ويو ۽ ان جا احوال ڏنا اٿس. هن جاگرافيدان 25 سال سفر ڪندي گذاريا ۽ عراق، شام، آرمينيا، بازنطيني سلطنت، افريڪا، سوڊان، چين، هندستان وغيره گهميو. سندس ”مروج الذهب“ يا ”ميڊوز آف گولڊ“ (سونا سرسبز ميدان) علم جي هڪ اينسائيڪلوپيڊيا آهي. سنڌ 915/16ع ۾ گهميو ۽ پنهنجو ڪتاب 943/44ع ۾ 9 جلدن ۾ لکيائين. اهو قاهرا ۽ پيرس مان ڪيترائي پيرا ڇپيو آهي. ملتان ۾ سامہ بن لوئِي جي پونير ابوالهب منبہ بن اسد قَرشي سامي کي راڄ ڪندي ڏٺائين. منصوره جي ميدن (سنڌ جو قبيلو) ۽ سنڌ جي دنگن سان رهندڙ ٻين قبيلن سان لڳاتار جنگ هئي. منصوره کي هڪ مضبوط بادشاهي ڏٺائين، جنهن ۾ عام ٻولي سنڌي هئي. خطبو اڃا بہ عباسي خليفي جي نالي سان پڙهبو هو. مسعودي مڪران، منصوره ۽ ملتان جي وچ واري ٻُڌ ملڪ جا احوال ڏنا آهن، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ گنداوا هو. ٻُڌ اندازي طور هاڻوڪا جيڪب آباد، سبي ۽ ڪڇي ضلعا آهي. سنڌ (منصوره جا علائقا) ۾ 3 لک ڳوٺ هئا. جاٽ گهڻي ڀاڱي مسلمان ٿي چڪا هئا، پر ميد نہ.

هي نسخو عراق مان 1238ع ۾ ڇپيو. اڳ وارو هڪ ڇاپو پيرس مان 1871ع ۾ پڌرو ٿيو. مسعودي، مروج الذهب (پيرس)، ص. 372، 389، 376 وغيره.

اسپرينگر وارو انگريزي ترجمو، لنڊن، 1807 ۽ 1841. سنڌ ۾ ڳوٺن جو انگ مڪمل وڌاءُ آهي، پر ساڳئي وقت اهو وڏي پئماني پوکي راهي ۽ ٻني ريجائڻ جي جهلڪ پڻ پسائي ٿو. احوال مان اهو پڻ چِٽو ٿئي ٿو تہ ڇچ جي 644ع واري سنڌ هاڻ هنن ڇهن رياستن ۾ ورهائجي چڪي هئي:

1. منصوره: جنهن ۾ هاڻوڪي سنڌ، لسٻيلو، بهاولپور ڊويزن جا ڪجھ حصا اچي ٿي ويا، ان تي عمر بن عبدالله هباري جو راڄ هو.
2. ملتان: جنهن جي گاديءَ جو هنڌ جِندور هو، ان تي سامہ بن لوئي جي پونير ابوالهب منبہ بن اسد قَرشي جو راڄ هو.
3. مڪران: جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ڪيج (ڪيچ) هو، ان تي عيسيٰ بن معاذن جو راڄ هو.
4. ٻُڌيا: جنهن جي گاديءَ جو هنڌ گنداوا هو، ان تي ڪنهن هندو راجا جو راڄ هو.
5. توران: جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ڪئڪان (خضدار) هو، ان تي مُغير بن احمد جو راڄ هو.
6. سنڌو ٻيٽارو (انڊس ڊيلٽا): ان تي جاٽن ۽ ميدن جو راڄ هو، جيڪي ڪنهن جي تابع نہ هئا.

**916ع:**

صِراف جي عرب ابو زيد حسن جو جم. هن سليمان مرچنٽ جي جاگرافيائي ڪم سلسلتہ التواريخ جو نسخو، پنهنجي پاران ڪيل واڌارن سان، 951ع ۾ ترتيب ڏنو. (هيءَ داخلا 851ع واري داخلا سان نٿي ٺهڪي - سنڌيڪار).

**920ع / 976 سنبت:**

لاکي ڦلاڻي جو جم، ڦُل سمي سان پرڻيل هڪ ڏاڏي سهڻي ۽ سيبتي ريباڙڻ ڇوڪريءَ مان. وَهيءَ ۾ پنهنجي پيءُ سان وڙهي پيو ۽ سنڌ ڇڏي اَنِهلپاٽڪ جي چاوڙن حاڪمن وٽ پناهہ ورتي ڪڇ هليو ويو ۽ دلير ويڙهاڪ ۽ چالاڪ سياستدان طور مشهور ٿيو.

وليمس، ص. 75-78.

**922/23ع / 310هه:**

طبري، تاريخ الطبري يا ڪتاب الرسول والملوڪ جو ليکڪ، مري ويو. تاريخ 302هه (915ع) تائين پوري ٿئي ٿي. ڄائو طبرستان (ايران) ۾ 833ع ۾ هو.

هي نسخو لائيڊن مان ساڍن ٻارهن جلدن ۾ ڇپجي چڪو آهي. فرينچ ۽ اردو ترجما پڻ اچي چڪا اٿس.

**925/26ع / 213هه:**

سيرت النبويہ جي ليکڪ ابن هشام جو فسطاط ۾ موت. هي ابن اسحاق جي ڪم ڪتاب سيرت الرسول جو سڌاريل نسخو آهي ۽ منجهس منصوره بابت ڄاڻ سان گڏوگڏ بنو اسد قبيلي جي اصليت بابت پڻ ڄاڻ ڏنل آهي.

هي نسخو قاهرا مان 4 جلدن ۾ 1335هه ۾ ڇپجي چڪو آهي.

**935-1020ع:**
شاعر ۽ شاھنامہ جي خالق فردوسي منصور (؟) ابوالقاسم جي حياتي.

**935-936ع:**
شيعن جا ٽي فرقا ٿيا: قرمطي، اسماعيلي ۽ مُلحِد. اسماعيلي سڀ کان پهريان افريڪا ۾ 296ھ (908/09ع) ۾ ظاھر ٿيا ۽ 356ھ (966/67ع) ۾ مصر ۾ آيا. حسن بن صباح وارو ٽولو خراسان ۾ 483ھ (1090/91ع) ۾ شروع ٿيو. 361ھ (971/72ع) ۾ فاطمين مصر ۾ پير کوڙيا. فاطمي داعي سنڌ ۾ تبليغ ڪرڻ ۽ گڏوگڏ سُني عباسين خلاف بغاوت ڪرڻ 270ھ (883ع) ۾ آيا.

**940-996ع:**
سولنڪي شهزادي مولاراجا چَلوُڪي جو راڄ.
هن حملو ڪيو ۽ اَنهلپاٽڪ جي بادشاھ، پنهنجي سڳي چاچي ۽ نيپاڄ پيءُ، سَمَنت سنگھ چاوڙي کي ماري وڌائين. انوقت لاکو ڦلاڻي چاوڙن جي دربار ۾ ھو، جيڪي پٽس جا چڱا ھئا. ٿي سگھي ٿو تہ انهي جي ڪري مولاراجا ۽ لاکي ڦلاڻي (سمو) وچ ۾ دشمني پيدا ٿي هجي، پر لاکي نيٺ، نالي ماتر ئي سهي، پر مولاراجا جو ڏُنُ پَرُو ٿيڻ ضرور قبوليو ھوندو.
لاکي، گھاءَ کي پنهنجي ويڳي ياءُ جي پٽ پُنوَري طور پنهنجي مُئي پڄاڻان پنهنجو وارث مڃيو.

لاکي جي حڪومت دوران گجرات جو راڄ سولنڪي سندس دربار ۾ آيو ۽ پيٽس رائيجي سان شادي ڪيائين، جنهن مان انهي کي راکيچ نالي پٽ ڄائو. دربار جي ڪنهن ڪم ۾ ڪنهن تڪرار تان لاکي، راڄ سولنڪي کي ساٿين سميت ڪهرائي ڇڏيو. رائيجي سَتي ٿي وئي ۽ سندس پٽ کي لاکي نپائي وڏو ڪيو ۽ مولاراج خلاف ڳٽ جوڙن ۾ مُهري طور استعمال ڪيو. (وليمس، ص. 75-78.)
979ع ۾ مولاراج پنهنجا علائقا وڌائڻ خاطر جوناڳڙھ تي حملو ڪيو، جتان جو چڱو مڙس گراھا پِيپُو لاکي ڦلاڻي جو پڳ مٽ يار ھو. لاکو ڦلاڻي پنهنجي دوست جي مدد ڪرڻ لاءِ نندو رڻ ٽپيو ۽ پاڻ سان گڏ سندو راجا جو طاقتور لشڪر وٺي ويو، جنهن جي بادشاهي سامونڊي ڪنڌيءَ سان ھئي. سندو راجا کي سنڌ جي سامونڊي ڪنڌيءَ جو سمو سردار ڪري سڃاتو ويو آهي. هيءَ ڪوشش اَنهلواڙو سمن جي پاڻ واري شاخ لاءِ هٿيڪو ڪرڻ ۽ انهي وسيلي سموري بيٽ تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي پئي وئي، پر مولاراجا سان جنگ ۾ پاڻ ڪاٺياواڙ ۾ مارجي ويو.

**941ع / 330ھ:**
ابن فقيہ همداني ڪتاب البلدان لکيو. هي سنڌ نہ آيو ھو، پر ان جي وڪرن، شهرن، جاگرافي ۽ خاص ڪري مسالن، جانورن ۽ ميون جا احوال ڏنا اٿس. (هي نسخو لائيڊن مان 1885ع ۾ ڇپجي چڪو آهي.)

**941/42ع / 330ھ:**
سنڌ جو حاڪم عمر بن عبدالله هباري مري ويو ۽ سندس گادي پٽس (هي سن ڊاڪٽر دائودپوٽي معصومي ۾ اندازي طور ورتو آهي.)

محمد بن عبدالله الهباري سنيالي. مسعودي ٻڌائي ٿو تہ عبدالله بن عمر الهباري ڪان پوءِ محمد بن عمر ۽ علي بن عمر منصوره جا حاڪم بڻيا.
اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ هباري حاڪم وٽ 80 هاٿين جو جٿو هو ۽ هر هاٿيءَ سان ساٿ ۾ 500 سپاهي هئا.

مروج الذهب (بغداد)، جلد ا، ص. 142.

**942/43ع 331هہ:**

ابو زُلف مَسر بن مُهلُوهلُو يومبُئي، گهڻو ڪري ڏکڻ ايشيا اينڊڙ پهريون عرب گهومڙائو، جيڪو سُڪيءَ رستي وچ ايشيا کان ٿيندو ملتان ۽ سنڌ ۾ آيو. هن پنهنجي سفرنامي حدودالعالم ۾ ملتان واري هندن جي مندر بابت ڏاڍا پيرائتا احوال ڏنا آهن.

برلن مان 1845 ۾ ڇپيل ٽڪرن جي ڳالھ سيد سليمان ندوي عرب و هند کي تعلقات ۾ ڪئي آهي.

**942-959ع / 331-348هہ:**

ابن حوقل، هڪ واپاري، ايشيا ۾ آيو. سنڌ ۾ 340هہ (951ع) ۾ آيو ۽ آزاد هباري بادشاھ ڏنائين. تنهن هوندي بہ منصوره جي علائقن (الور کان سمنڊ تائين) ۾ خطبو عباسي خليفي جي نالي سان پڙهبو هو. هي پهريون جاگرافيدان هو، جنهن سنڌ جو نويکلو نقشو ٺاهيو، جيڪو ايليَٽ اينڊ ڊائوسن وري ڇپرايو. منصوره، الور، ديبل، قندابيل (گندارا)، ڪمهِل ۽ ماڻهن وغيره جا احوال ڏنا اٿس. سنڌ جو هي نقشو ڏکڻ ايشيا جي ڪنهن بہ پرڳڻي جو پهريون نقشو آهي. ملتان، الور، نيرون، ڪيزي، خضدار، منصوره، گنداوا، ڪيڪان، سنڌ ۽ پنجاب جي دريائن ۽ مڪران وغيره بابت ڏاڍا پيرائتا احوال ڏنا اٿس.

سندس ڪتاب صورت الارض جا ٽڪرا، ايليَٽ اينڊ ڊائوسن، جلد ا ۾.
صورت الارض لائيڊن مان 1938ع ۾ ڇپيو. هن ڇچ واري سنڌ تي بلڪل ساڳئي نموني حڪمراني ٿيندي ڏني، جيئن مسعودي 25 سال اڳ ڏني هئي، يعني سنڌ 6 رياستن ۾ ورهايل، جن مان ٻُڌيا تي ڪنهن هندو راجا جي حڪومت هئي ۽ ٻين تي ساڳين 915ع واران مسلمان گهراڻن جي.

منصوره ۽ ملتان ۾ عربي ۽ سنڌي ڳالهائجندي پڻ ڏنائين.

**943/44ع / 332هہ:**

ايران جي رهاڪو مسعودي پنهنجو ايشيا، ڏکڻ ايشيا ۽ اوپر افريڪا جو سفر پورو ڪيو ۽ مروج الذهب يا سونا ساوڪ پريا ميدان لکيائين. هي سنڌ، ملتان ۽ ٻيون جايون گهميو ۽ انهن جا احوال ۽ حاڪمن جا نالا وغيره ڏنا اٿس.

ڪتاب پهريون ڀيرو انگريزيءَ ۾ ترجمو 1807ع ۾ ٿيو. ٽڪرا ايليَٽ ترجمو ڪيا آهن. هي نسخو پيرس مان 1871 ۾ ڇپيو. فرينچ ترجمو بہ پيرس مان پڌرو ٿيو. ڪيترائي عربي نسخا قاهرا مان ڇپيا آهن.

**943/44ع / 332هہ:**

ديبل واري ابوالجعفر قرآن شريف جي شرح لکي.
ٻني ريجائڻ لاءِ ايراني نارَ ۽ چمڙي جا ٻوڪا ڏکڻ ايشيا ۾ چڱا مقبول ٿيا.

انڊياز ڪنٽريبيوشن ٽو دي اسٽڊي آف هيڊٿ لٽريچر، محمد اسحاق، ص.35.
ايپيگرافيا انڊيڪا، جلد XIX، ص. 182.

**950ع:**

سنڌي منصوره، ملتان ۽ سنڌ ۾ اڳيئي ڳالهائبي هئي. هڪڙي ٻي ٻولي، جنهن کي پوءِ جي وياڪرڻين وراچڊ اپڀرنش سڏيو، پڻ هلندي هئي، هڪ ٻنھ ڪريل ٻولي ليکبي هئي ۽ نيٺ 1100ع ڌاري سرائڪي ٿي وئي.

پيرومل، ص. 79. پوئين ڳالھ غلط آهي. ڏسو داخلائون 900-1000ع ۽ 915-916ع.

**951ع / 340هہ:**

ابو اسحاق الاستخري، پرسِيپولِس (ايران) جو رهاڪو، جنهن جاگرافيءَ تي ڪتاب الاَقليم ۽ ڪتاب مسالڪ الممالڪ (ملڪن جا دڳ) نالي بہ ڪتاب لکيا، سنڌ ۾ آيو ۽ ساڳئي سال سنڌ ۾ ابن حوقل سان پڻ مليو. ملتان،

هن سنڌ جو هڪ نقشو ٺاهيو. سندس بہ ڪتاب ڪتاب الاَقليم ۽ مسالڪ الممالڪ ترتيبوار 1839 ۽ 1870 ۾ لائيڊن مان ڇپيا.
ايليَٽ، جلد ا، ص. 16.

منصوره، الور ۽ سنڌوءَ بابت پيرائتا احوال ۽ وچ واريون وٿيون ڏنيون اٿس. انهن ڏينهن ۾ ملتان جو حاڪم قَرشي (قريشي، سامه بن لوئِي جو پونير) هو. خطبو بغداد جي عباسي خليفي جي نالي سان پڙهبو هو.

هن ليکڪ جي ڄمڻ ۽ مرڻ جي سن جي خبر ناهي.

**951ع:**

سليمان مرچنٽ جي سلسلة التواريخ جو ابو زيد صِرافي هٿان پورو ٿيڻ.

هي نسخو پيرس مان 1818ع ۾ ڇپيو. (ڪٿي 1811ع به آهي - سنڌيڪار). ڏکڻ ايشيا بابت ٽڪرا، ايليَٽ اينڊ ڊائوسن، جلد ا ۾.

**952/53ع / 341هه:**

بکر ويجهو بيٺ تي خواجه خضر جو مقبرو ڪڙو ٿيڻ جو سن.

راورٽي، نوٽس آن افغانستان، ص. 676. هي سنڌو درياءَ پاران بکر گارج وچان وهڪرو مٿائڻ جو ممڪن سن پڻ سمجهيو وڃي ٿو. سن تي ڪيترن ئي ماهرن کي شڪ آهي. ڪزنس.

**954/55ع / 341هه:**

ابن حوقل صورت الارض ۽ ڪتاب المسالڪ والممالڪ لکيا.

المسالڪ لائيڊن مان 1872 ۾ ڇپجي چڪو آهي ۽ صورت الارض لائيڊن مان 1938 ۾. پوئين ڪم جي لکجڻ جو سن 951ع آهي.

**952-975ع:**

مصر ۾ فاطمي خليفي مُعِز جي حڪمراني. سندس دور ۾ ابن الهيثم سنڌ ۾ قرمطي (اسماعيلي) تحريڪ جو مهندار هو. اهو نيٺ ملتان ۾ پنهنجو اقتدار ڄمائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

هولسٽر، جان نارمن، شيعاز آف انڊيا.
ايوانوف پڻ اسماعيلي تحريڪ جا احوال ڏنا آهن.

**954/55ع / 343هه:**

احمد ابن عبدالله الديبلي، سنڌي ڏاهو، نيشاپور ۾ مري ويو.

السمعاني، ص. 137 ۽ 138.

**957/58ع / 346هه:**

مسعودي، پرسِيپولِسي (ايراني) جاگرافيدان ۽ مروج الذهب ۽ التنبيه والاشرف جو ليکڪ، مصر ۾ مري ويو، جتي 345هه ۾ وڃي آباد ٿيو هو.

ڪتاب مروج الذهب و ميدان الجواهر (سونا ساوڪ پريا ميدان ۽ جواهرن جون کاڻيون) نالي سان پڻ ڄاتو وڃي ٿو. هن جو پهريون انگريزي ترجمو اسپرينگر 1841 ۾ ڪيو.

**964-976ع:**

خِي-نائين، چيني ياتري، 300 ٻاون سان گڏ ڏکڻ ايشيا لاءِ نڪتو ۽ اتي 12 سال رهيو. سندس لکڻيون سواءِ ڪجھ صفحن جي وڃائجي چڪيون آهن. سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم اجا هليو پئي ۽ ٿي سگهي ٿو اهي هتي به آيا هجن.

استينِيسلاس جولين، انٽروڊڪشن ٽو هيُون سانگس فرينچ ٽرانسليشن.

**966/67ع / 356هه:**

اسماعيلي فرقي جي عراق ۽ ايراني نارِ ۾ ابتدا ۽ ان جو مصر طرف هلڻ.

**20 نومبر 967ع / 14 ذي الحج 365هه:**

ايران ڄائو ابوالفراج، ڪتاب الآغاني جو ليکڪ، بغداد ۾ مري ويو. انهي جي جلد XVI ۾ سنڌي شاعر ابو عطا السنڌي جي زندگيءَ جا احوال آهن.

هي نسخو لائيڊن مان 1885 ۾ 20 جلد ۾ ڇپيو.

**968-1171ع:**

مصر (909/10ع) ۾ فاطمي گهراڻو نهيو. هنن جي سنڌ ۽ ملتان (انوقت سنڌ سڏجندڙ) ۾ وڏي هلندي پڄندي هئي.

اسماعيلي فرقو افريڪا ۾ 297هه ۾ ڄائو. انهن پنهنجي گادي افريڪا کان قاهرا ڏانهن 361هه (971/72ع) ۾ لڏائي. هيءَ عباسين ۽ فاطمي-حمايتي ملڪن وچ ۾ تڪرار جي ابتدا هئي. اهو پڇاڙيءَ ۾ ملتان، سنڌ ۽ خضدار ۾ محمود غزنوي هٿان قرمار ۽ بربادي جو ڪارڻ بڻيو.

**970/71ع / 360هه:**

مقامي عرب قبيلي هباري مان سنڌ جو چوٿون آزاد راڄ ڌڻي محمد بن عبدالله منصوره ۾ مري ويو ۽ بادشاهي سنڌس نياڻي علي بن عمر الهباري سنڀالي.

احسن التقويم.

**973-1048ع:**

البيروني، هڪ ايراني، ڪيسپين سمنڊ جي ڀرسان آمو درياءَ جي ايرندي ڪنڌين تي خوارزم جي پسگردائيءَ ۾ ڄائو.

**973-1171ع:**

مصر ۾ فاطمي خليفن جي حڪمراني. اتر افريڪا، شام ۽ يونان جا ڀيٽ سنڌن اختيار هيٺ هئا. ساڳئي ئي دور ۾ حسن بن صباح جو نيزاري ٽولو خراسان کان سيستان تائين پکڙيو ۽ اسماعيلين جو دروز فرقو شام ۾ نهيو. دروزي، مصر جي ڇهين فاطمي خليفي حڪم بي امرالله جا پوئلڳ آهن ۽ سنڌن عقيدا عيسائيت ۽ اسلام جو ميلاپ آهن. دروز 470هه (1077/78ع) ۾ شروع ٿيو، جڏهن مٿي ڄاڻايل خليفي اعلان ڪيو ته سنڌس الله سان سڌي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. دروز لبنان ۾ پڻ وڌيا، جتي اهي هنوقت 300،000 کن آهن.

**973/74ع / 363هه:**

طبري جي تاريخ الرسول والملوڪ يا تاريخ طبري جو فارسي ترجمو ڪندڙ ابو علي محمد بلومي، منصور بن نوح سماني جو وزير، مري ويو.

هي اهو دور هو جڏهن عربي درٻارن توڙي ادب ۾ پنهنجي جاءِ فارسيءَ لاءِ ڇڏيندي پئي وئي.

**976/77ع / 366هه:**

ابن حوقل پنهنجي 331-358هه (943-968ع) وارن سفرن سان لاڳاپيل پنهنجو ڪم ڪتاب المسالڪ والممالڪ پورو ڪيو. اشڪال البلاد نالي سان پڻ سڃاتل هي ڪتاب سنڌس هندستان ۽ ايشيا ۾ ڪيل سفرن جو ليکو چوکو آهي. هي سنڌ جو نقشو ڏيکاريندڙ پهريون ماڻهو هو ۽ اهو ڏکڻ ايشيا جي ڪنهن به پرڳڻي جو پهريون نقشو هو.

هي نسخو برل لائيڊن مان 1872ع ۾ ڇپايو. ايليٽ، جلد I، ص. 32 ۽ 33. ڏسو داخلائون 942-943، 942-959 ۽ 954-955ع.

ساڳئي سال سُبڪتگين خضدار کي مات ڪيو.

ابن عاصر، جلد VIII، ص. 504.

**977/78ع / 367هه:**

هبارين اجا به سنڌ تي راڄ پئي ڪيو، جيتوڻيڪ خطبو بغداد جي خليفي جي نالي سان پڙهبو هو.

ايليٽ، جلد I، ص. 32-35.

**979ع:**

ڪڇ جي حاڪم ڦل (سنڌ جو سمو) جو چاوڙن سان ڪاٺياواڙ ۾ الڪوٽ واري جنگ ۾ وڙهندي مرڻ.

وليمس، ص. 76.

**982/83ع 372هه:**

ڪنهن گمنام جاگرافيدان حدودالعالم عربيءَ ۾ لکيو. انهي ۾ سنڌ ۽ ملتان جا احوال آهن ۽ ٻڌائي ٿو ته بنو منبه ملتان تي راڄ پئي ڪيو. (942/43ع واري داخلا ۾ هي ڪتاب ابو زُلف مَسر بن مُهلُوهِلُو يومبُئي سان منسوب آهي - سنڌيڪار).

ڪتاب 1352ش ۾ تهران مان ڇپجي چڪو آهي. فاروقي وارو اردو ترجمو اسلامي دنيا دسوين صدي هجري ۾ جي عنوان سان هندستان مان ڇپيو آهي. ڇڙبا رامڪمار پاران ڪيل انگريزي ترجمو هندستان مان ڇپيو آهي.

**982/83ع / 372ھ:**

قرمطين (اسماعيلين) جالام ابن شهبان جي مهنداريءَ ۾ ملتان هٿ ڪيو. خطبو مصر جي فاطمي خليفي جي نالي سان پڙهبو هو. آبادي شيعا هئي. اسماعيلي امام عزيز بالله، جالام کي لشڪر ڏئي سنڌ ۾ ملتان هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليو. اهو گهڻو ڪري اسماعيلين جي مضبوط ڳڙهه خراسان رستي آيو ۽ ملتان واري مندر کي تباهه ڪيائين.

بيرونيز انڊيا، ص. 56. مقدسي، ص. 485، هن بيان جي تائيد ڪري ٿي، پر سنه 375ھ ۾. خطبو مصر جي فاطمي خليفي جي نالي سان پڙهبو هو، ص. 485. داخلا 985-986ع پڻ ڏسو.

ابن حوقل، جيڪو ملتان ۾ صرف 8 سال اڳ آيو هو، قرمطي راڄ جي ڳالهه نٿو ڪري. قرمطين پڪ سان 367 ۽ 375ھ يا 977 ۽ 986ع جي وچ تي پير ڄمايا هوندا.

طبقات ناصري (ڪولڪتو)، ص. 8. جالام، محمد بن قاسم جي ٺاهيل مسجد پڻ بند ڪري ڇڏي، جيئن البيروني جي 'انڊيا' ۾ به آيو آهي.

**985/86ع / 375ھ:**

علي بن عمر الهباري جي مرڻ ۽ پٽس جي نئون راڄ ڏٽي ٿيڻ جو اندازن سنه.

**985ع:**

مُلحِد سڏجندڙ فرقو عراق، بحرين ۽ الحسن مان تڙجي نڪرڻ کان پوءِ وڏي انگ ۾ سنڌ ۾ آيو.

صديق نامہ، برگيڊيئر نظير علي شاهه.

**985ع:**

پُنوَري سمي جي مرڻ تي اَهِيوَنراڄ چاوڙي، سَمَنت سنگهه جي پوٽي، ڪڇ ۾ آباد سنڌي سمن جو زور ٽوڙڻ لاءِ ڪڇ جي گادي شهر پڌراگاهه کي تباهه ڪيو ۽ پنهنجي چاوڙن مائٽن جي مدد سان هڪ آزاد رياست جوڙي ڇڏي. هن ڪاروائيءَ ۾ هو ايترو ته ڪامياب ٿيو جو ڪڇ جو پهريون سما راڄ گهراڻو بلڪل گم ٿي ويو، جيستائين وري 130 سال پوءِ ٻيون سما راڄ گهراڻو ٿيو.

**985/86ع / 375ھ:**

بشاري مقدسي، جيڪو ٿورو اڳ 350ھ (961/62ع) ۾ سنڌ مان ٿي ويو هو، احسن التقويم في معرفت الاقليم لکيو. سندس مطابق هبارين سنڌ مٿان آزاديءَ سان راڄ پئي ڪيو. اهي ابو دائود طاهر محدث جا مريد هئا، پر شيعا اثر جيڪو بلوچستان رستي آيو هو، سنڌ ۾ پڻ چڱي پيلو پڪڙجي چڪو هو. انهن ڏينهن ۾ خطبو اڃا به بغداد جي خليفي جي نالي سان پئي پڙهيو، جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن شيراز جي شهزادي جي بُواحد عزدالدولہ جي نالي سان به پڙهبو هو. مقدسي سنڌ جي شيراز ۾ نمائندي سان پڻ مليو هو، جنهن مان شيعا اثر جي جهلڪ ملي ٿي. منصوره جو شهر، جيئن هن ڏٺو، اٽڪل هڪ ميل ڊگهو ۽ به ميل ويڪرو، چوڦير درياءَ ۽ 4 دروازن وارو هڪ قلعو هئس. اهو ملڪ جو گاديءَ وارو شهر هو.

علي بن عمر الهباري، انهي گهراڻي جو پنجون راڄ ڏٽي، انهي سال منصوره ۾ مري ويو. سندس گادي پٽس سنڀالي، جنهن جي نالي جي پڪ نه ٿي سگهي آهي.

ملتان ۾ خطبو مصر جي فاطمي خليفي جي نالي سان پڙهبو هو، جيڪو ظاهر ڪري ٿو ته اهي قرمطي ٿي چڪا هئا. ملتان 366 ۽ 375ھ جي وچ تي فاطمي بڻيو. اسماعيلين مصر ۾ اقتدار 358ھ ۾ ڄمايو.

احسن التقويم في معرفت الاقليم، مقدسي بشاري، ص. 785 ۽ 479-485.

هيءَ ڳالهه منصوره جي هاٿوڪن ڪندرن سان ملي ٿي.

مجمع البلدان، جلد VIII، ص. 201 (قاهرا وارو ڇاپو).

بشاري ڇچ جي سنڌ پنجن پرڳڻن ۾ ورهايل ڏني، جيئن مسعودي ۽ ابن حوقل ترتيبوار 915 ۽ 942ع ۾ ڏني هئي، ان کان ٿوري مختلف:

1. ملتان تي فاطمي حاڪمن جو راڄ هو.
2. منصوره تي هبارين جو راڄ هو ۽ اهو سنيءَ مان شيعو ٿي رهيو هو.
3. ٻُڌيا تي اڃا تائين ڪنهن هندو راجا جو راڄ هو.
4. مڪران فاطمي ٿي چڪو هو ۽ لسٻيلو انهي ۾ ملي چڪو هو.
5. توران جي راڄڌاني خضدار تي ڪنهن آزاد عرب قبيلي جو راڄ هو.
6. سنڌو ٻيٽاري (انڊس ڊيلٽا) جو ڪو ذڪر ناهي.

سندس ڪتاب لائيڊن مان 1886ع ۾ ڇپيو ۽ انهي جو آخري باب سنڌ بابت آهي. واهند، منصوره، ملتان، توران وغيره جا احوال ڏنا اٿس. ملتان واري بُت جا احوال ڏنا اٿس، جنهن کي تباهه ڪرڻ جا دڙڪا مسلمان، پاڙيسري هندو حاڪمن پاران ڪنهن حملي جي خطري جي صورت ۾، سدائين پيا ڏيندا هئا. استخري هن جي تصديق ڪئي آهي.

هي نسخو لائيڊن مان 1877 ۽ 1900ع ۾ ڇپيو.

**987/88ع / 377ھ:**

محمد بن اسحاق، المعروف ابن نديم، بغداد ۾ لائبريرين هو ۽ انهي پنهنجو ڪتاب الفِهرِست لکيو. اهو ٻڌائي ٿو تہ سنڌين جون ڪيتريون ئي ٻوليون (لهجا)، مذهب ۽ 100 مختلف آئيوٽائون آهن. انگن وارن سرشتن بابت پڻ احوال ڏنا اٿس. بغداد ۾ 375ھ (985/86ع) ۾ مري ويو.

الفِهرِست، فلوجل جو ايڊٽ ٿيل، ليپزگ، 1871. هي نسخو قاهرا مان 1348ھ (1930/31ع) ۾ ڇپيو. هندو واپاري 1947 تائين ڪوڙ ساريون آئيوٽائون ڪتب آڻيندا هئا ۽ اجا تائين بہ انهن جون آئيوٽائون هر ضلعي ۾ الڳ آهن. اهي صرف حساب ڪتاب لکڻ لاءِ استعمال ٿينديون آهن. ڪيپٽين اسٽئڪ اهڙين ڪجھ آئيوٽائن بابت تفصيل ڏنا آهن.

**995ع / 385ھ:**

ابن نديم مري ويو. (مٿين داخلا سان نٿي ٺهڪي - سنڌيڪار).

**996ع:**

نگرپارڪر ۽ امرڪوٽ هنن ڏينهن ۾ مارواڙ جي راجا جي قبضي ۾ هئا.

تر ۾ ميرن جا قلعا، سروپ چند 'شاد'، مهراڻ، جلد 2، 1959، ص. 139-150، نمبر 1 ۽ 2، 1958، ص. 140-162.

**996-1021ع / 386-411ھ:**

شيعا فرقي دروز جو جنم. هي اسماعيلي ۽ مُلحِد يا باطني فرقي کي ويجهو آهي.

**997/98ع / 387ھ:**

سلطان سُبڪتگين مري ويو ۽ محمود غزنوي سندس گادي سنڀالي.

**1000-1100ع:**

رامائڻ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو.

HCIP، جلد V.

پيرومل، ص. 72، لکي ٿو تہ هن صديءَ دوران سنڌي ۽ هندي پراڪرت کان ڌار ٿيون. هيءَ ڳالھ غلط آهي. قرآن شريف ۽ ٻيا ڪتاب سنڌيءَ ۾ نائين صديءَ ۾ ترجمو ٿيا.

**1000ع:**

سنڌوءَ جو ايرندو واهڙ 519 ق-م کانوٽي اجا سوڌو ڪوري ڪاريءَ ۾ ڇوڙ ڪري رهيو هو. ڪڇ سنڌ سان ويجهن لاڳاپن وارو هڪ ٻيٽ هو.

**1000ع:**

سولنڪين يا چَلُوڪين جو ڪڇ مٿان راڄ هو.

**1000ع - سنت پوءِ:**

ڪڇ جي ڏکڻ وارو ننڍو رڻ سڪي ويو، ڏُبڻ سبب ڪانياواڙ کي ڪڇ کان ڌار ڪري ڇڏيائين. هاڪڙي جو پاڻي گھٽجي ويو. سنڌو درياءَ جي ايرندي واهڙ ۾ گھٽ پاڻي ٿي آيو، تنهنڪري رڻ ڪڇ ۾ ٻيڙيون هلائڻ ڏکيو ٿي پيو. يارهين ۽ ٻارهين صدين ۾ صورتحال ساڳي رهي، تڏهن سنڌو پنهنجو ايرندو ٻيٽ ڇڏي الهندي پاسي هليو ويو.

انهن ڏينهن ۾ رڻ ۾ پاڻي سمنڊ ۽ لوڻي درياءَ مان ايندو هو.

**1000-1300ع:**

750ع کان 1000ع تائين الهندي يا سؤراسيني اپڀرنش استعمال ۾ آئي، جنهن مان 1000ع ۽ 1300ع جي وچ تي پنجابي، سنڌي، بنگالي ۽ اتر هندستان جون هڙئي ٻيون مقامي ٻوليون ۽ مَراٺي ڦُٽي نڪتيون.

HCIP، جلد V، ص. 351.

هي چوڻ، جنهن جي سَند هيمچندر (1088-1172ع) آهي، غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي 1000ع کان اڳ ڳالهائبي ۽ لکبي هئي، جيئن عرب

جاگرافيدانن ۾ گهومڙائن ٻڌايو آهي.

**1003ع:**

محمود غزنوي حملو ڪري ڀاٽيا هٿ ڪيو، هڪ مضبوط گڙهه، جنهن سرڪش مقابلو ڪيو ۽ حملي ۾ اتان جو راڄ ڏٽي راجا ٻڄيراءِ مارجي ويو. ڀاٽيا تي حملي جو سبب اهو هو تہ ڀاٽيا جي ٻڄيراءِ، لاهور جي راڄپال ۽ ملتان جي دائود، محمود خلاف ٽہ ڌاري ناهي ورتي هئي ۽ انهن ٽنهي کي ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو.

فرشتا (بمبئي)، جلد ا، ص. 33.

فرشتا (نَول ڪشور)، جلد ا، ص.36.

ڀاٽيا کي ڀٽندا ڪري سڃاتو ويو آهي، سنڌ ۽ ملتان جي وچ واري جاءِ، هاڻ جمهوريہ هندستان ۾ آهي.

سيد سليمان ندوي، عرب و هند کي تعلقات، ص. 217-232.

**1005ع (سيارو) / 396هہ:**

1005ع اونهاري ۾ پنهنجو سامان قرجڻ جو پلاند ونڻ لاءِ محمود غزنوي ملتان جي حاڪم ابوالفتح دائود مٿان چڙهائي ڪئي. دائود 200،000 سونا درهم ساليانو ڏَنُ ڀري ڏيڻ ۽ اسماعيلي عقيدو ڇڏڻ جي آڇ ڪئي. آڇ قبولي وئي، ڇو تہ آمون جي پاسن وارن ترڪن مٿان بخارا جي عبدالحسين جي ڪاهہ سبب محمود کي تڪڙو واپس ورڻو پيو.

محمود ملتان جي عوام کان پڻ 2 ملين درهم زور تي ڇڪي ورتا.

زين الاخبار، ص. 65-66 ۽ 70.

فرشتا (نَول ڪشور)، جلد ا، ص.24-25.

عُطبي چوي ٿو تہ ساليانو ڏَنُ 2 لک درهم نہ پر 2 ڪروڙ درهم مقرر ٿيو هو، جيئن گرديزي ٻڌايو آهي. تحفتہ الڪرام هڪ لک درهم ٻڌائي ٿو.

ملتان تي ڪاهہ جو مُک ڪارڻ محمود خلاف 1002ع ڪانوٽي اَننگپال-بجيراءِ-دائود ٽہ ڌاري ٺهڻ هو.

اها ملتان تي پهرين چڙهائي هئي. ان لاءِ سبب اهو ڏنو ويو تہ اتان جو راڄ ڏٽي ۽ راڄ قرمطي اسماعيلي ٿي ويا هئا. سيد سليمان ندوي، عرب و هند کي تعلقات، ص. 217-231.

**1009/10ع / 400هہ:**

البيروني ملتان ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ هندن جو مندر موجود نہ هو.

جيئن تہ بشاري مقدسي اهو 315هہ (985/86ع) ۾ ڏٺو هو، تہ سگهي ٿو تہ محمود غزنوي انهي کي ڊاهي ڇڏيو هجي.

**1009/10ع / 400هہ:**

فردوسي ڀاران 80 سالن جي ڄمار ۾ شاهنامو پورو ڪرڻ. ڪم جي شروعات پڪ سان 367هہ (977/78ع) ۾ ٿي هوندي. هن ۾ سندس ڄم جو سنہ 322هہ (934ع) ڏاري ۽ ڪم جي شروعات 45 سالن جي ڄمار ۾ ٻڌايل آهي. محمود غزنوي جي درٻار ۾ 397هہ (1006/07ع) ۾ پهتو ۽ ايندڙ ٽن سالن ۾ ڪم جي سڌار سنوار ڪيائين. هن جو پهريون ڇاپو 389هہ (909ع) ۾ امين احمد بن ابي بڪر خان لنجان کي ارپيو ويو هو.

**1010/11ع / 401هہ:**

1005ع واري ناهہ جي باوجود محمود غزنوي ملتان جي اسماعيلين تي وري چڙهائي ڪئي، جنهن ۾ ملتان جي قرمطي حاڪم ابوالفتح دائود کي گرفتار ڪيائين. انهي کي اسماعيلي عقيدو ڇڏڻ ۽ سُني ٿيڻ تي ڇڏيو ويو. معصومي ٻڌائي ٿو تہ محمود پنهنجي جنرل عبدالرزاق کي سنڌ کي مات ڪرڻ لاءِ موڪليو، پر هي ڪوڙ آهي، ڇو تہ محمود جي جنرلن ۽ وزيرن ۾ عبدالرزاق نالي ڪو ماڻهو نہ هو.

فرشتا، جلد ا، ص. 24-27. زين الاخبار (نَول ڪشور)، ص. 67-68. ندوي سمجهي ٿو تہ ابوالظفر فتح دائود ۽ ڪانئس اڳ وارو سُبَڪتگِين، اَلپتگِين ۽ محمود خلاف ڀاٽيا ۽ پنجاب جي هندن سان ملي ويا هئا، تنهنڪري ملتان کي مات ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو. عرب و هند کي تعلقات، ص. 217-231.

معصومي، ص. 32.

مِراَت مسعودي هن جي تصديق ڪري ٿي.

# سومرن جو اقتدار تائين اُسرڻ

**1010/11ع / 401هه:**

آخري هباري حاڪم، سنڌ جي پنجين هباري بادشاهه علي بن عمر جو پٽ، منصوره ۾ مري ويو. خفيف نئون راڄ ڏٽي بڻيو. (لڳي ٿو تہ خفيف سومري، سومرا گهراڻي جي باني ۽ صلح سانت سان بادشاهي هٿ ڪئي).

فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 313-314.

فَرُّخي، ص. 74، تي نالو ڏنل آهي، پر خفيف جي سومرو هجڻ بابت نٿو ٻڌائي. لڳي ائين ٿو تہ محمود هٿان ملتان جي شڪست ۽ ماڻهن جي ڪوس ڪان پوءِ ماڻهو منصوره لڏي آيا ۽ هبارين جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ خفيف جو ساٿ ڏنائون. مِراَت مسعودي صاف صاف ٻڌائي ٿي تہ ملتان جي شڪست ڪان پوءِ ڪيترائي درٻاري اُڇ هليا ويا.

زين الاخبار (تهران)، ص. 132. عاصر، جلد II، ص. 243.

**سومرا راڄ گهراڻو 1011-1351ع:**

سومرا اصل ۾ مقامي هندو قبيلو هئا، جن عربن پاران سنڌ فتح ڪرڻ ڪان سُنت پوءِ اسلام قبوليو هو. ڌرم تياڳڻ ڪان پوءِ بہ پنهنجون پراڻيون هندڪيون رسمون نہ ڇڏيائون.

رِحلہ، جلد II، ص. 4-6.

ابن بطوط ڪين سنڌوءَ جي ڪنڌين سان ۽ وڏن سهڻن شهرن جتاڻي ۽ سيوهڻ ۾ آباد ڏنو. معصومي، جيڪو سومرن ۽ سمن جي دورن بابت پروسي جو ڳو ناهي، ٻڌائي ٿو تہ انهن مقامي عرب زميندارن سان سڳاوتيون ڪيون هيون ۽ ائين هلندي پڄندي ۽ طاقت ناهي ويا هئا.

دائودپوٽو، تاريخ مبارڪ شاهي آڌار، جتاڻي جو ليڪو سيوهڻ ڪان ٽي ميل ڏکڻ ۾ نٽي واري پاسي لڳائي ٿو. اهو شهر پڪ سان سنڌو درياءَ ڦِٽائي ڇڏيو هوندو.

معصومي، ص. 289.
مبارڪ شاهي، ص. 43.

سيد سليمان ندوي 425هه (1033ع) واري دروز واقعي جي حوالي سان سمجهي ٿو تہ سومرا قرمطي هئا. سندس راءِ غلط آهي، ڇو تہ شام واري مُقطانہ ملتان جي شيخ ابن سومار راجا بل کي دروزي عقيدو قبولڻ جي دعوت ڏني هئي. تنهنڪري ڇِتو لڳي ٿو تہ اهي مصر جي فاطمي خليفن امام ظاهر ۽ مُستَنصِر جي پکيڙيل اسماعيلي فرقي جا پوئلڳ هئا. قرمطي مخالف تحريڪ يا اوائلي اسماعيلي فرقو سنڌ ۾ ڪڏهن بہ مجتا ماڻي نہ سگهيو هو، پر تنهن هوندي بہ گهٽي ياڳي پراڻا سُني ليڪ اسماعيلين کي قرمطي سمجهندا هئا.

عرب و هند کي تعلقات، ص. 325-326.

سومرا 1471ع ۾ ڪوڙ ساريون هندو رسمون ڪندا هئا، جڏهن محمود بيگڙي ڪين دٻائڻ ۽ مسلمان (سُني) بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. ابن بطوط ٻڌائي ٿو تہ اهي عرب نسل مان ۽ حجاج بن يوسف الثّقفي جا پونير هئا. هي غلط آهي.

مِراَت احمدي، سيد نواب علي ۽ سِي. اين. سيڊون وارو انگريزي ترجمو، بڙودا، 1924.

شروعاتي سومرا حاڪم 'فاطمي' اسماعيلي هئا. قاهرا جي فاطمي خليفن جي اطاعت ڪندا هئا، انهن ڏانهن سوکڙيون موڪليندا هئا ۽ جمع جي خطبي ۾ انهن جو نالو پڙهندا هئا. امام مُستَنصِر جي 487هه (1094ع) ۾ قاهرا ۾ مرڻ تي فاطمي دعويٰ ٻن ۾ ياڳن ورهائجي چڪي هئي. پهرين

عباس، ايچ. الهمداني، ص. 15-16.

البيروني 424هه (1032ع) ڌاري لکندي چوي ٿو تہ قرمطي (اسماعيلي) فرقو هن ڪان 100 سال اڳ يعني 930ع ڌاري ٺهيو هو.

مُستعالين دعويٰ جو هيڊڪوارٽر اٿندي يمن ۾ هو ۽ پوءِ گجرات هليو ويو ۽ ٻين نيزاري اسماعيلي دعويٰ جو هيڊڪوارٽر المُوت ايران ۾ حسن بن صباح جي مهنداريءَ ۾ هو ۽ اها امام نيزار بن مُستَنصِر ۽ سندس پونيرن جي حامي هئي. سومرا ٻنهي جهيڙيندڙ دعوائن کي ڇڏي ويا. اسماعيلن کي 1171-1187ع جي وچ تي وڏو ڌڪ پُنجو آيو. شروعات قاهرا واري سندن خلافت جي سلطان صلاح الدين ايوبي هٿان ڊهڻ سان ٿي، تنهنکان پوءِ عراق ۾ سلجوقي ترڪن هٿان ۽ ملتان ۾ محمد غوريءَ جي چڙهاين سان.
همدانيءَ مطابق يمني يا گجراتي دعويٰ تي ڀرپور عرب ڇاپ هئي، جيڪا ماڻهن جي نالن توڙي عربي ادب ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سومرن جا نالا عام طور تي سنڌي نالا هئا ۽ تنهنڪري نٿو لڳي ته ڪو اهي اٿندي اسماعيلين جي هن فرقي جا پوئلڳ هوندا. گجرات جا اسماعيلي، جن پاڻ کي يمني ۽ گجراتي دعوائن سان سلهاڙيو، بوهري سڏجن ٿا.
نيزاري فرقو ڏکڻ ايشيا جي اترئين ڀاڱي ۾ سرگرم هو. پير شمس سبزواري، جو ٻيءَ جهڙو لڳندڙ، ملتان ۾ آيو، جتي چڱي انگ ۾ ماڻهو مريد ٿيس. ٿي سگهي ٿو ته اهو سنڌ ۾ به سرگرم رهيو هجي، پر جيئن ته اهو امام قاسم شاهه (1310-1369ع) جي وقت ۾ ۽ سومرن جي حاڪميءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ آيو، سو نٿو لڳي تو ڪو سومرا نيزاري اسماعيلي به ٿيا هوندا. پير صدرالدين، جيڪو اُچ ويجهو 876هه (1471ع) ۾ مري ويو، پڻ هڪ نيزاري پرچارڪ هو ۽ ثبوت آهن ته انهي جي سنڌ ۾ هلندي پڄندي هئي. نيزارين کي عراق ۾ پُنجو هلاڪو جي لشڪر هٿان تيرهين صديءَ جي وچ تي سندن البُرز جبلن وارو ڳڙهه تباهه ڪرڻ سان آيو.

مير معصوم ٻُڌ سُڌ آڌار سومرن کي هندن منجهان سمجهي ٿو. تاريخ طاهري چِٽو چوي ٿي ته سومرا هندن منجهان هئا، پر ساڳئي وقت اهي ماهيو گوشت به کائيندا هئا. محمد يوسف جي مُنتخب التواريخ معصوميءَ سان سهمت آهي، پر سندن حاڪمن جا ڪجهه وڏيڪ نالا ڏئي ٿي جن منجهان ڪجهه مسلمانڪا لڳن ٿا. تحفت الڪرام جو چوڻ ته اهي سامرا جا عرب هئا ۽ سنڌ ۾ انين صدي عيسوي ۾ آيا، غلط آهي. تاريخ طبقات بهادرشاهي ٻڌائي ٿي ته اهي تميم انصاريءَ جا پونير هئا. هي پڻ ڪوڙ آهي.
سنڌي تاريخدانن مان گهٽا پڻ سنڌ جي تاريخ جي سومرا دور بابت ڀروسي جوڳا ناهن. سڀ جون سڀ تاريخون سترهين صديءَ ۾ لکيون ويون، سواءِ تحفت الڪرام جي، جيڪا اڙهين صديءَ ۾ لکي وئي. سندن ڄاڻ جو آڌار ڪنهن آڳاٽي لکت بجاءِ ٻُڌ سُڌ ۽ لوڪ ڪٿائون آهن. دودي-چنيسر جي پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ علاءُالدين خلجيءَ جي وچ تي پوڻ جي حوالي سان جوڙيل لوڪ داستانن کي ڊاڪٽر دائودپوٽو سچي تاريخ سمجهي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ پڻ سومرا-سما دور جي سيني داستانن ۽ لوڪ ڪهاڻين کي سچي تاريخ ليکي ٿو. دودي-چنيسر واريون لوڪ ڪهاڻيون اجايا پَڏاءَ آهن، ساڳئي نموني جا جهيڙا سورهين صديءَ جي گجراتي ۽ راجپوتي ڪمن ۾ ملن ٿا. انهن ڪمن ۾ پڻ جلور جي ڪنهانديو پاران علاءُالدين سان بهادريءَ سان جنگ ڪرڻ

معصومي، ص. 31-33.
تحفت الڪرام، ص. 67-68.
طاهري، ص. 32-35.
طبقات اڪبري، جلد II، ص. 512، حوالو بهادرشاهي.
معاصر رحيمي، جلد III، ص. 260-262، سومرن بابت لفظ بلفظ ساڳي معصومي واري ڳالهه ڪئي آهي.

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، ڊارڪ پيريڊ ان دي هسٽري آف سنڌ، پاڪستان هسٽاريڪل رڪارڊ اينڊ آرڪائيوز ڪميشن، 1954 ۽ 1957ع.
بلوچ، ڊاڪٽر اين. اي.، سنڌي لوڪ ادب، 40 جلد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (سنڌ).
پنهور، ايم. ايڇ.، سورس مٽيريل آن سنڌ، ص. 436-437.

جي ڳالهه آهي. همير راسو اهڙي ئي هڪ ڪهاڻي رڻٿنپور جي همير پاران علاءُالدين سان مهاڏو اٽڪائڻ جي ٻڌائي ٿو. منڊالڪ ڪاويا ۾ جوناڳڙهه جي راجا منڊالڪ پاران سلطان محمود بيگڙي سان پندرهين صديءَ ۾ مهاڏو اٽڪائڻ جي ڳالهه ملي ٿي. ڪجي چارڻ پڻ سومرين ڪي علاءُالدين جي لشڪر کان بچائڻ وارا داستان ڳائيندا آهن. اهڙين ڪهاڻين کي تاريخ بجاءِ لوڪ ڪهاڻيون ئي سمجهڻ گهرجي.

سومرا گهراڻي جي شروعات وراثت جي واضح ۽ بي لچڪ قانون سان ٿي، همعصر غزني ۽ دهلي سلطنتن جي ابتڙ، جيڪي هر وقت وڳوڙن جي منهن ۾ هونديون هيون ۽ جتي تلوار وراثت جي حق جو فيصلو ڪرڻ جو قدرتي طريقو هوندي هئي. ان ڪري ئي سومرن جي بادشاهي لاڳيتيون ساڍيون ٽي صديون هلي ۽ سندن علائقا ڪڏهن ڪنهن ٻئي ملڪ نه ڳڙڪايا، جيتوڻيڪ اهي ڪجهه عرصي لاءِ دهلي سلطنت جا ڏُنُ ڀَرُو ٿي رهيا.

فرشتا، ص. 609، 610 ۽ 613، ساڳي ابن بطوط واري راءِ مڃي ٿو. دهليءَ جي هنن همعصر سلطانن کي زوريءَ لاٿو ويو:

| | |
|---|---|
| آرام شاهه | 1210ع. |
| رڪن الدين فيروز شاهه | 1235-136ع. |
| رضيه سلطانه | 1236-1239ع. |
| مُعزالدين بهرام | 1239-1241ع. |
| علاءُ الدين مسعود | 1241-1264ع. |
| معزالدين قيقوباد | 1287-1290ع. |
| جلال الدين فيروز-ٻيون | 1290-1295ع. |
| غياث الدين تغلق | 1320-1325ع. |

**1011/12ع / 402هه:**

محمود جي ملتان تي ٽين ڪاهه. جنهن ۾ اتان جو حاڪم ابوالفتح دائود بن نصر گرفتار ٿي، غور (غوراڪ) جي قلعي ۾ قيد ٿيو، جتي مري ويو. قرمطين کي سخت سزا ڏني وئي. سبب اهو ڄاڻايو ويو ته اهي وري قرمطي ٿي ويا هئا، پر اصل سبب انَنگپال-بجيراءِ-دائود ٽِ ياري هئي. محمود، محمد بن قاسم واري مسجد وري کولي ۽ جالام بن شهبان واري مسجد بند ڪري ڇڏي.

زين الاخبار (نَوَل ڪشور)، ص. 66-70. زين الاخبار (برلن)، ص. 67-68. ابن عاصر (لائيبن)، جلد XI، ص. 132. سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 217-235. فرشتا، ص. 25-27.

**1012/13ع / 403هه:**

ملتان جي فاطمي نواز (قرمطي) بادشاهيءَ جي محمود هٿان شڪست جو ٻڌي مصر جي فاطمي خليفي حڪيم ابو علي منصور پنهنجو ايلچي محمود غزنوي ڏانهن موڪليو. محمود انهي کي ڀهروپيو سمجهي ٻڌرايو ۽ مارائي ڇڏيو.

زين الاخبار (برلن)، ص. 71.

**1019/20ع / 410هه:**

البيروني اتر هندستان گهميو. سندس ڪتاب الهند (سخائو، البيرونيز انڊيا) ۾ سنڌوءَ جا احوال ۽ سنڌ جا ڪجهه جاگرافيائي نالا آهن. سندس ڪم ۾ پاڻيءَ جي سفر، دوائن ۽ ٻين واپارن سان لاڳاپيل ڪيترائي سنڌي لفظ ملن ٿا.

ڪتاب انگريزي ترجمي سوڌو پهريون ڀيرو سخائو لنڊن مان 1888 ۾ ڇپايو. وري نئين دهلي ۽ لاهور مان ڇپيو آهي.

**1020ع:**

شاعر ۽ شاهنامي جي خالق فردوسي (منصور ؟) ابوالقاسم جو موت.

**1020/21ع / 411هه:**

محمود جي درٻاري ابو نصر محمد بن عبدالجبار عُطبي تاريخ عُطبي يا تاريخ

هي نسخو دهليءَ مان 1847ع ۾ اسپرينگر ڇپايو. جرمن ترجمو ويانا مان

يامِيني عربيءَ ۾ لکي، جنهن ۾ سبڪتگين جي واقعن جو احوال آهي. ساڳئي ئي دور ۾ اها فارسيءَ ۾ ترجمو ٿي.

**1024ع (پڇاڙي):**

محمود غزنوي سنڌ ۾ سومنات ڏانهن ويندي بهاولپور ۽ رحيميار خان ضلعن مان لنگهيو ۽ اُچ ويجهو ستلج درياءَ ٽپيو.

**1025ع (اڳياڙي):**

سومنات جي محمود غزنوي هٿان شڪست.

**1025ع:**

محمود سومنات فتح ڪرڻ جي پندرهن ڏينهن اندر اتان نڪتو، چو ته چَلوُڪي راجا ڀيم جنگ جون تياريون ڪري ورتيون هيون. رڻ رستي موٽڻ بجاءِ منصوره رستي موٽيو، چو ته هندو راجا پرمديو آڏو آيس. منصوره کي ساڙيندو ۽ واٽ ۾ سامهان ٽيندڙ اتر سنڌ جي جاٽن کي سزا ڏيندو ملتان هليو ويو. سندس ڪيترن ئي سپاهين پاٽيءَ جي ڪوٽ ۽ جاٽن جي سامهون ٽيڻ ڪري حياتيون وڃايون.

**1025ع / 416هه:**

سنڌ جا حاڪم، جيڪي 375هه (985/86ع) ۾ سُني هئا، هن وچ ۾ قرمطي ٿي چڪا هئا.

**1025ع / 416هه:**

محمود غزنوي سومنات کان موٽندي منصوره تي حملو ڪيو، چو ته اتان جو حاڪم اسلام تان ڦري ويو هو (سُني فرقو ڇڏي شيعو يا اسماعيلي ٿي ويو هو). محمود جي پهچڻ تي اتان جو حاڪم خفيف ٻيلن ڏانهن ڪسڪي ويو. محمود انهي جي پنيان پيو ۽ انهي جا ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ ٻيا پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا. سنڌ جي جاٽن ۽ ميدن سنڌ جي حاڪم جي چرچ تي محمود تي حملو ڪيو.

منصوره، ڳاديءَ جو هنڌ شهر، چيو وڃي ٿو ته ڏهين صديءَ جي وچ تي ڌرتي ڌوڏ جي ڪري ڦِٽو. هي صحيح ناهي. ڏسجي ائين ٿو ته اهو محمود هٿان ڦُريو ۽ ڦِٽو هو.

1857 ۾ ڇپيو ۽ فارسي ترجمو تهران مان 1272ش ۾ ڇپيو. رينل وارو انگريزي ترجمو 1858ع ۾ پڌرو ٿيو.

صديق نامہ، برگيڊيئر نظير علي شاهہ. هن ڳالهہ جو رڳو ڪجهہ حصو صحيح آهي. بهاولپور مان لنگهي هندي رڻ کان ٿيندو سومنات ويو هو، سنڌ نہ. رحيميار خان ضلعي ۾ گهڙيو ئي نہ هو. رڳو سومنات کان موٽڻ وقت سنڌ، رحيميار خان ۽ بهاولپور ضلعن مان لنگهيو هو.

فرشتا ٻڌائي ٿو تہ محمود اَنهلپاٽڪ رستي موٽيو.
ابوالفضل ساڳي ڳالهہ آئين اڪبري، جلد II، ص. 268 ۾ ڏني آهي.
مِراَت احمدي ساڳي روايت مڃي ٿي (ٻيلي وارو انگريزي ترجمو، ص. 33).
جئڪسن ۽ اندراجي هن روايت کي رد ڪن ٿا (بمبئي گزيٽيئر، جلد I، ڀاڱو I، ص. 168، فٽ نوٽ z).
هوديوالا پنهنجي اسٽڊيز ان انڊو مسلم هسٽري، جلد I، ص. 238-239 ۾ پوين ٻن سان سهمت آهي.
انڊين هسٽاريڪل ڪوارٽرلي، جلد IX، ص. 941-942، موٽڻ جو ڏِگ منصوره رستي ٻڌايو آهي.
طبقات ناصري، جلد I، ص. 82، ٻڌائي ٿي تہ موٽڻ مهل ٻيوس ٿي هڪڙي هندستانيءَ کي سونهون ڪري ڪنيائين. انهي رڃ ۾ وڃي رلِيس، جتي سندس لشڪر کي وڏو نقصان رسيو. اتان کان وري سندس لشڪر کي جاٽ پنئين پاسي کان ستائيندا رهيا، ويندي جيستائين ملتان پهتو ۽ 2 اپريل 1026ع (10 صفر 417هه) تي غزني پهتو.
نظام الدين هن واقعي جي اصل ماخذن تائين پهچندي نٿو ڏسجي.

ابن عاصر، جلد IX، ص. 243. داخلا 375هه پڻ ڏسو

معصومي، ص. 31.
ابن عاصر (لائيڊن)، جلد IX، ص. 243.
ابن خلدون (قاهرا)، جلد II، ص. 327، عربن جي منصوره واري بادشاهيءَ جي محمود هٿان انت جي دعويٰ ڪري ٿو. چوڻ ۾ سنو ٿو لڳي تہ منصوره کي ان ڪري تباهہ ڪيائين جو اتان جا ماڻهو قرمطي (اسماعيلي) ٿي ويا هئا.
ديوان فَرُّخي، ص. 74، سنڌ جي حاڪم جو نالو خفيف ڏنو آهي. اهو سومرا راڄ گهراڻي جو باني پڻ هو. ائين ٿي سگهي ٿو تہ شيخ ابوالفتح دائود بن نصر جي گرفتاريءَ کان پوءِ 335هه (985/86ع) ۽ 396هه (1005/06ع) جي وچ تي سومرن هبارين جو تختو اونڌو ڪري منصوره تي راڄ قائم ڪيو هجي.

القادر بالله جي گورنر ڪي اُچ مان ڪڍڻ ڪان پوءِ ساڳئي سال ڊسمبر جي وچ دوران محمود ملتان پهتو. هينئن چوڻ ئي ٻڌائي ٿو ته سنڌ 401ھ يا 1010-1011ع ۾ مات نه ٿي هئي، جيئن اڳ چيو ويو آهي.

ابن عاصر اتان جي ماڻهن جي ڪوس ۾ ٻين، درياءُ ٽپڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارن، جي ٻڏڻ بابت صاف صاف ٻڌائي ٿو.

سلطان جو سومنات ڪان موٽندي رڻ ڪڇ ۾ منصوره وارو دڳ وٺڻ، ابُو جي پرمديو ڪان بچڻ لاءِ هو، جنهن جي تصديق داخلا 1026ع مان ٿئي ٿي.

فَرُّخي ٻڌائي ٿو ته هڪ بحري ويڙهه ۾ (جنهن ۾ جاٽن ساٺ ڏنو) خفيف درياءَ ۾ ٻڏي ويو. (ڪابل وارو ڇاپو، ص. 74). ڪزنس ڪي شڪ آهي ته منصوره هندو فاتحن هٿان تباهه ٿيو ۽ مسلمان تاريخدان اهو ڄاڻي ٻجهي نٿا لکن. راورٽي جي طبقات ناصري، ص. 82، تصديق ڪري ٿي ته محمود سنڌ ۽ منصوره وارو دڳ ورتو. گرديزي، ص. 87، ۽ بمبئي گزيٽيئر جلد I، ڀاڱو I، صاف صاف ٻڌائين ٿا ته سومنات واري بُت جي تباهيءَ هندن ڪي ميڙائي وڌو هو ۽ ابُو جي راجا پرمديو ۽ ٻين هندو مُکيَن محمود سان جنگ جوٽڻ جو فيصلو ڪيو ۽ تنهنڪري انهي ڪڇ ۽ سنڌ جي وچان اڀرندي پاسي وارو ڪو دڳ ورتو. فَرُّخي هن جي تصديق ڪري ٿو. تاريخ بيهقي (تهران)، 1342ش، ص. 218، پڻ ٻڌائي ٿي ته سنڌ ۽ منصوره ڪان ٿيندو غزني پهتو. عاصر (الڪامل في التاريخ، ٽورنبرگ)، ص. 243، ۽ زين الاخبار (تهران)، ص. 132، پڻ ٻڌائين ٿا ته سنڌ ۽ منصوره رستي آيو. فَرُّخي لکي ٿو ته رڻ ڪڇ (تن ڏينهن ۾ تانگهي ڪاري) رستي صحيح سلامت سنڌ پهتو. طبقات ناصري (ڪولڪتو)، ص. 82، فتوح السلاطين ۽ بمبئي گزيٽيئر، جلد V، ص. 14، هن روايت سان سهمت آهن. صرف فرشتا (600 سال پوءِ لکيل) ٺي ڏار آهي، جيڪا سلطان ڪي اَنهِلواڙي ۽ راجستان واري ريگستان ڪان وٺي وڃي ٿي، جيئن جلد I، ص. 33، (بمبئي) ۽ جلد I، ص. 36، (نَوَل ڪشور) ۾ ڏسيل آهي.

فَرُّخي لکي ٿو ته سلطان منصوره تي چڙهي آيو ۽ اتان جو قرمطي (اصل ۾ اسماعيلي پر گهڻن سُني تاريخدانن پاران بيجاءِ قرمطي سڏيل) حاڪم خفيف (ممڪن آهي خفيف سومرو) درياءُ ٽپي ڀڄي ويو ۽ ڪجين جي ڪنهن ٻيلي ۾ وڃي لڪو. منصوره جي حاڪم جو نالو ٻڌائيندڙ هي اڪيلو ليکڪ آهي. عاصر، ص. 242، پڻ محمود جي منصوره مٿان ڪاهه ڪرڻ ۽ اتان جي حاڪم پنيان پنهنجا آفيسر لائڻ ۽ انهي جي پوئلڳن (اسماعيلين) مان گهڻن ڪي مارڻ جي تصديق ڪري ٿو. گرديزي، ص. 87-88، وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته هتان سلطان سنڌو درياءَ جي ڪنڌي وٺي ملتان طرف وڌيو، جتي مٿس ان علائقي ۾ رهندڙ جاٽن حملو ڪيو، جنهن ۾ سندس ڪيترائي ماڻهو، سامان ۽ جانور ناس ٿيا. عاصر، ص. 243، ٻڌائي ٿو ته 10 صفر 417ھ (2اپريل 1026ع) تي غزني پهتو.

البيروني (سخائو، جلد II، ص. 104)، چوي ٿو ته هي جاٽ لنگم جا پوڄاري هئا. ايليَٽ اينڊ ڊائوسن، جلد II، ص. 477، چون ٿا ته اهي لوٽياڻي علائقي جا رهاڪو هئا. هي بيان غلط آهي، ڇو ته اهي منصوره ۽ ملتان جي وچ جا رهاڪو هئا. ملتان ڪان غزنيءَ تائين گهٽ ۾ گهٽ پنڌ بولان لڪ رستي ٿيندو، خيبر لڪ رستي نه. برجيس (آرڪيالاجيڪل سروي آف ويسٽرن انڊيا، جلد II، ص. 194)، چوي ٿو ته اهي پٽنير (گهٽو ڪري عرب جاگرافيدانن وارو پٽندا يا پاٽيا) جا پاٽيا هئا، جيڪي سنڌ لڏي آيا هئا.

هي تفصيل منصوره جي محمود غزنوي هٿان ڦُرجڻ ۽ ڦِٽڻ بابت ڪنهن شڪ جي ڪا جاءِ نٿا ڇڏين.

’عليد‘ برادريءَ جي ماڻهن جو هڪ وڏو انگ منصوره ۾ آباد هو، جيئن مسعودي ٻڌايو آهي (داخلا 300ھ). لڳي ائين ٿو ته ملتان جي محمود غزنوي هٿان ڦُرجڻ ۽ ڦِٽڻ (داخلائون 1005، 1010/11 ۽ 1011/12ع) کان پوءِ منصوره اسماعيلي سرگرمين جو ڳڙهه بڻجي چڪو هو. اهي منصوره ۾ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ ٿي سگهي ٿو ته هباري حاڪمن جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ خفيف جو ساٿ به ڏنو هجين. ڪزنس چِٽي روءِ چوي ٿو ته ٿامي جا سڪا هر پاسي پکڙيل هجڻ ۽ قيمتي ڌاتو غائب هجڻ سان چِٽو ٿي وڃي ٿو ته شهر ۾ ڦرلٽ ٿي هئي ۽ اتي رهندڙ ماڻهن کي تلوار هيٺ آندو ويو هو. جيئن ته ڪزنس جي وقت ۾ مٿيون حقيقتون اجا سامهون نه آيون هيون، سو پانيائين ته ڪن هندن منصوره کي ڦٽايو هوندو.

ابن خلدون، جلد II، ص. 327 (قاهرا ڇاپو)، ٻُڌ سُڌ آڌار ٻڌائي ٿو ته محمود آخري هباري حاڪم کي ڦُري ڦِٽايو ۽ هي بيان ان راءِ کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ڪم آندو ٿو وڃي ته خفيف هباري هو، پر اهو سراسر غلط آهي.

ملتان ۽ سنڌ ئي رڳو به مسلمان (جيتوڻيڪ اسماعيلي) ملڪ نه هئا، جن کي محمود ڦُريو ۽ ڦِٽايو. انهي هيٺ ڏنل ٻيا مسلمان ملڪ پڻ ڦُريا ۽ ڦِٽايا:

**مارچ 998ع:**
اسماعيل، غزنيءَ جو حاڪم.
**6 مئي 999ع:**
عبدالمالڪ کي مَرو ۾ شڪست ۽ خراسان تي قبضو.
**ڊسمبر 999ع:**
اصفهابُد جي قلعي تي ڪڙو.
**نومبر 1000ع:**
لمغان ويجهو ڪجهه قلعا هٿ ڪرڻ.
**1001ع:**
واثقي کي ٻڌي قيد ڪيو ويو.
**1001ع:**
مُنتصر کي محمود جي جنرل نصر هٿان شڪست.
**1002ع:**
سيستان فتح ڪري خَلَف کي قيد ڪرڻ.
**1003ع:**
سيستان جي باغين کي شڪست.
**1011ع:**
غور تي حملو ۽ ابن سوري کي قيد ڪرڻ.
**1011ع:**
ڦُصدر تي ڪاهه ۽ اتان جي حاڪم پاران هٿيار ڦٽا ڪرڻ.
**1015ع:**
خوابين تي حملو.

**1015/16ع:**

بلخ تي حملو.

**1017ع:**

خوارزم جي فوج کي شڪست.

**1019ع:**

افغانن تي چڙهائي.

**1020ع:**

نُور ۽ قِرات دريائن جي ماٿرين کي ڦُرڻ ڦِٽائڻ.

**1020ع:**

طبين غور تي چڙهائي ۽ اتان جي حاڪم پاران هٿيار ڦٽا ڪرڻ.

**1025ع:**

اسرائيل بن سلجوق کي شڪست ڏئي قيد ڪرڻ.

سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 255-257، تي چوي ٿو تہ محمود پاران ڏَڏيلن ۾ مسلمان وڌيڪ غير مسلم گهٽ هئا. سندس 35 مهمن منجهان 17 وچ ايشيا ۽ ايران جي مسلمان ملڪن خلاف، 3 ملتان تي، 2 سنڌ تي ۽ 13 ڏکڻ ايشيا جي غير مسلم هندن خلاف هيون.

**1025/26ع / 416هـ:**

بيروني ڪتاب الهند لکيو.

سخائو، البيرونيز انڊيا، لنڊن، 1887.

**1026ع يا سُتت پوءِ:**

لاڙ سنڌ جي سومرا قبيلي جو ٺريءَ (ماتلي تعلقي ۾) ۾ ڪَٺُ ٿيو ۽ سومار کي سنڌ جو آزاد راڄ ڏٺي چونڊيائون. (منصوره جو وجود ميسارجي چڪو هو ۽ ٺري نئون گاديءَ جو هنڌ هو). هي ٿي سگهي ٿو تہ سومار-پهريون هجي، جيڪو شيخ راڄپال (راجا بل يا راجا ٻل) جو پيءُ هو، جنهن کي مُقطانہ اڳتي هلي 1033ع ۾ خط لکيو. راڄپال بنا اولاد مري ويو ۽ وراثت لاءِ نامزدگي ڪرڻي پئي.

ايليَٽ، جلد ا، ص. 344.

معصومي، ص. 33-34.

ڏسو داخلا 1033ع.

تحفت الڪرام، ص. 95-96، محمد يوسف جي منتخب التواريخ آذار سومرن جي اقتدار جي ابتدا جو سنہ 445هـ (1053ع) ڏنو آهي.

معصومي مطابق هي سلطان عبدالرشيد بن محمود غزنوي جي حاڪميت واري عرصي (441-444هـ يا 1047-1053ع) دوران ٿيو.

# سومرا گهراڻو

(1026 _ 1051ع)

**1026-1351ع يا اڳتي:**

سومرن لاڙ سنڌ ۾ آزاد قوت طور راڄ ڪيو. دهلي سلطنت جي حاڪميت رڳو اتر سنڌ تائين محدود هئي ۽ سا بہ وقفي وقفي سان. 1351ع کان پوءِ سومرن جو تختو هڪڙي ٻئي قبيلي سمن اونڌو ڪيو.

جامِني موهن بئنرجي، هسٽري آف فيروز شاهہ تغلق، ص. 36.

**1026ع:**

ڀيم، گجرات جي چَلوُڪي بادشاهہ، جنهن سومنات جي شڪست کان پوءِ سلطان محمود غزنوي سان جنگ جي تياري ڪئي هئي، گهٽو ڪري محمود جي موٽندڙ لشڪر پٺيان، سنڌ تي چڙهائي ڪئي. هيمچندر مطابق سنڌو جو راجا هَمُّوڪا هڪ طاقتور بادشاهہ هو، جنهن سِواسانا جي راجا کي شڪست ڏني هئي ۽ ڀيم جي واڪاڻ ڪرڻ بجاءِ سندس نِندا ڪئي هئي. ڀيم جي لشڪر جي اچڻ ۽ پتر جي پُل ذريعي سنڌو درياءَ ٽپڻ جو ٻڌي، هَمُّوڪا ساڻس جنگ ڪئي، جنهن ۾ هارايائين ۽ ڀيم آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيس.

سنڌ جا ماڻهو، جيڪي بہ ڪڇ جي لشڪر ڪي گڏيا، سي ڪاوڙيا ڪونہ، بلڪ انهن کي گهوڙا ۽ ڏاند آڻي ڏنائون.

هَمُّوڪا سنڌ جي ڪنهن پاڳي جو ڪو سومرو سردار هوندو يا اتر سنڌ جي ڪنهن ننڍي هندو رياست جو ڪو والي هوندو، جنهن کي ڀيم ڦُري ڦِٽايو هوندو. ٻنهي صورتن ۾ ڀيم جو ڌڪ ڀڪ سان، رڻ ڪڇ ۽ سنڌ بجاءِ، هندي رڻ مان هوندو.

هيمچندر جو دِوياسَريا ڪاويا، جلد VIII، 7، ص. 40، 49، 52، 58، 66، 63، 72، 74، 97-108 ۽ 117-124، مجمدار پاران حوالو "چَلوُڪياز آف گجرات"، ص. 47-49.

ميرُوتُنگا جي پربَنڌاچنتامَڻي، ٽانِي واري ترجمي، ص. 32، تي ساڳي روايت ڏني آهي. راءِ ، ايڇ. سِي. ، ڊائناسٽڪ هسٽري آف ناردرن انڊيا، ص. 591، پڻ ساڳيو واقعو ورجايو آهي. پر هڪڙي ٻي روايت آهي تہ اهو ملڪ سنڌ نہ پر الهندو ڪاٺياواڙ هو، جنهن تي 919ع تائين سينڌارا گهراڻي جو راڄ هو ۽ ڀيم گهٽو ڪري انهي گهراڻي جي سردار هَمُّوڪا کي مات ڪيو هو. انهي ۾ پڻ شڪ آهي تہ ڪو سينڌارن ڀيم کان 100 سال اڳ راڄ ڪيو. اي. ايس. الترڪار، سينڌارن جون ٽامي جو ڇهہ ٽالهيون، ايپيگرافيا انڊيڪا، جلد XXVI، ص. 185-226.

دِوياَسريا جو حوالو، انڊين اينٽيڪُئيري، جلد IV، ص. 72.

**1026ع يا پوءِ:**

ڀيم سنڌ فتح ڪرڻ جي ٻيون ڀيرو ڪوشش ڪئي.

مجمدار، چَلوُڪياز آف گجرات، ص. 52، ميرُوتُنگا جي پربَنڌاچنتامَڻي (ايڊٿ جَنَرجايا مُٽي) ص. 32، جي حوالي سان هي واقعو هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو "سنڌوديسا رِجايا وِپريت سِري ڀيما".

**1026ع / 417هہ:**

محمود غزنوي پنهنجي وزير عبدالرزاق کي سنڌ فتح ڪرڻ موڪليو. انهي بکر، سيوهڻ (سِوستان) ۽ منصوره ۾ قُرمار ڪئي (اصل نسخي ۾ نٽو ڏنل آهي، جيڪو تڏهن هو ئي ڪونہ) ۽ عربن جي گهٽائيءَ کي سنڌ مان لوڏي ڪڍيائين.

معصومي، ص. 31، سال 401هہ ڏنو آهي.

ناظم، ص. 120، سمجهي ٿو تہ اهو 416هہ هو ۽ قرمطي حاڪم خفيف سومرو درياءَ ٽپي ڪجين جي هڪ ٻيلي ۾ وڃي لِڪو. سلطان جي فوج سندس پيڇو ڪيو ۽ سندس ڪيترن ئي عملدارن کي ماري وڌائون. محمود غزنوي جي فوج ۾ عبدالرزاق نالي ڪو جنرل هو ئي ڪونہ. اها حقيقت معصومي جي روايت کي ڪوڙو ڪري ٿي. محمود پنهنجي سِر پاڻ 1027/28ع ۾ آيو هو ۽ اتر سنڌ کي ڦُري ڦِٽايو هئائين. اها داخلا ڏسو.

**1026ع / 417هہ:**

ابوالحسن علي بن محمد الجِل ڪنهن پراڻي سنسڪرت تاريخ کي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان کي مجمع التواريخ نالو ڏنائين.

ايليَٽ، جلد I، ص. 100.

**1027/28ع / 418ھ:**

سنڌ جي جاٽن ڪان پلاند ونڻ، جن مٿس 416ھ (1025/26ع) ۾ منصوره فتح ڪري ملتان تي ڪاهيندي مهل لڪي حملا ڪيا هئا ۽ خفيف جي مدد ڪئي هئي، محمود غزنوي ملتان پهتو ۽ اڳيان ۽ پاسن سان رُڪ جا پالا ۽ خنجر لڳل 1400 ٻيڙيون ناهڻ جو حڪم ڏنائين. ان ڪان پوءِ هر ٻيڙيءَ تي ڪماٽين، تيرن ۽ ڍالن سان 20 سپاهي چاڙهيائين ۽ سنڌو درياءَ رستي جاٽن تي چڙهائي ڪيائين. سندس مُک لشڪر درياءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان هلڻ لڳو. جاٽن پنهنجا ٻار ٻچا ٻيٽ تي چاڙهيا ۽ 4000-8000 ٻيڙين سان محمود ڪي سامهان ٿيا. محمود سندن ٻيڙين کي تيل مان ٻڏل اماڙين وارن تيرن سان باهيون ڏياريون. جاٽن جي ٻيڙين کي محمود جي ٻيڙين ۾ لڳل پالن پڻ تباھ ڪيو. جيڪي تري ڪنڌين پاسي ويا، انهن کي محمود جي سُڪيءَ واري فوج ماريو. پڇاڙيءَ ۾ ٻيٽ (گهٽو ڪري بکر) تي جاٽن جا ٻار وجي جهليائين ۽ انهن کي ٻاندي بڻايائين.

زين الاخبار، ص. 88-89.
طبقات اڪبري، جلد ا، ص. 17-18.
بيهقي، جلد ا (تهران)، ص. 275-276، 299 ۽ 371.
محمود غزنوي وٽ هڪ تکو گهوڙيسوار دستو هو، جنهن سندس ڏکڻ ايشيا وارين سپني جنگين ۾ ٻي ڌولن هاٿين کي ميدان تي مات ڪيو هو. هن بحري جنگ ۾ ڏيکاريل ڪاريگري غور ڪرڻ جهڙي آهي.
معصومي، ص. 31، چوي ٿو تہ محمود بکر جي جاٽن جا معاملا سڌا ڪيا.

**418ھ (پڇاڙي):**

محمود سنڌ واري مهم تان غزني موٽيو.

فرشتا، جلد ا، ص. 36-38.

**1029ع / 420ھ:**

البيروني هندستان ڇڏيو ۽ اڳتي هلي 1048ع ۾ غزني ۾ مري ويو.

**1030/31ع / 421ھ:**

سلطان محمود غزنوي مري ويو ۽ سندس گاديءَ تي پٽس سلطان مسعود ويٺو. انهي پنهنجي ڀاءُ محمد کي انڌو ڪرايو. اُچ، جتي ملتان جا ڪيترائي امير ۽ شاهوڪار ماٿهو ملتان جي 1010/11ع ۾ شڪست کان پوءِ اچي آباد ٿيا هئا، تي سالار مسعود غازي حملو ڪيو ۽ ڦرلٽ ڪئي. اتان جو حاڪم اَننگپال هو. اهو تي سگهي ٿو تہ ڪو سومرو هجي، شيخ ابن سومار راجا بل جو ڪو مائٽ، اسماعيلي.

معصومي، ص. 31-32.
مِراَت مسعودي. ڏسو داخلا 1033ع.
راوارٽي ناصري ۾ ص. 88 تي چوي ٿو تہ جيتوڻيڪ محمود جي سڪن تي غزني، زابلستان، خراسان، خوارزم، چغانيان، طبرستان، اصفهان، قنوج، ملتان، نَهرواﻻ، سومناٿ، عُمان، خضدار، سنڌ ۽ ويندي سِوستان، ڪرمان، ڪيچ ۽ مڪران تائين سندس سلطنت جا حصا ڏيکاريل آهن، هنن منجهان گهٽين جاين تي سندس اختيار پڪ سان رڳو نالي ماتر ئي هوندو.

**1031-1035ع:**

البيروني قانون مسعودي لکيو.

**1032ع / 423ھ:**

شيخ ابن سومار راجا بل، قرمطي (اصل ۾ اسماعيلي)، ملتان جو راڄ ڏٽي هو، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ محمود غزنوي ملتان يا سنڌ جي اسماعيلين کي پوري طرح مات ڪرڻ ۾ سوڀارو نہ ٿيو هو. ان مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ سومار-پهريون 423ھ کان اڳ مري ويو هو. راجا بل تي سگهي ٿو تہ راجپال هجي ۽ داخلا 421ھ وارو اَننگپال بہ تي سگهي ٿو تہ سومرو هجي.

ايليَٽ، جلد ا، ص. 491.
ندوي، سيد سليمان، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 325-326.

**1033ع / 425ھ:**

شام جي مُقطانہ ملتان جي راجا بل (راجپال يا راجا پل) پٽ شيخ سومار کي دُروزي عقيدو قبولڻ جي دعوت ڏني ۽ ان کي پڪيڙڻ ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ چيو.

ندوي، سيد سليمان، عرب و هند ڪي تعلقات، ص. 325-326.

**1033ع / 425ھ:**

ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ساموندي ڦورن جون وڏيون پناهگاهون بڻجي ويا.

سخائو، البيرونيز انڊيا، ص. 120. ڪڇ جي آبادي سنڌ مان ويل هئي. اهي سما قبيلي جا هئا.

**1036ع:**

ابو نصر محمد ابن محمد الجبار العُتبي، افغانستان ۾ غزنوين جي درٻار ۾ رهندڙ تاريخدان ۽ الڪتاب الياميني (عربي) جو ليکڪ، مري ويو. هي غزنوين ۽ محمود جي سنڌ ۽ ملتان ڏانهن مهمن بابت هڪ اهم ذريعو آهي. ڪتاب 427ھ (1035ع) ۾ لکيو ويو.

اسپرينگر جو ايڊٽ ڪيل نسخو دهليءَ مان 1847 ۾ ۽ قاهرا مان 1870 ۾ ڇپيو. جبارڊيڪن جي ابو شَرَف ناصِح پاران 582ھ ۾ ڪيل فارسي ترجمو تهران مان 1272ش ۾ ڇپيو ۽ فارسي نسخي جو رينالڊ پاران ڪيل انگريزي ترجمو لنڊن مان 1857ع ۾ ڇپيو ۽ وري لاهور مان 1977 ۾ ڇپيو.

**1037/38ع / 429ھ:**

ابوالحسن علي بن جالاغ فَرُّخي، شاعر، جيڪو محمود جي سنڌ تي ڪاهه ۽ خفيف جي ڪسڪي وڃڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، مري ويو.

**1038/39ع / 430ھ:**

بيروني قانون مسعودي لکيو. هن ۾ ڏکڻ ايشيا جي مذهبن، فلسفي، ادب، جاگرافي، تاريخي واقعن، تارن جي علم ۽ جوتش وغيره بابت ڄاڻ آهي ۽ سنڌ جا احوال پڻ آهن. ڪتاب ۾ ڪجهه سنڌي لفظ پڻ نوٽ ڪيل آهن.

**1040ع:**

سلطان مسعود سلجوقين هٿان شڪست کائي هندستان ڏانهن وريو. انڌي ڀاڻس محمد، جيڪو تخت تي بحال ٿي چڪو هو، مسعود کي معاف ڪري ڇڏيو، پر سُتت پوءِ، محمد جي پٽ احمد مسعود کي ماري وڌو.

معصومي، ص. 32، هن جو سنه 433ھ (1041/42ع) ڏنو آهي. لين پُول هن جو سنه 432ھ (1040/41ع) ڏنو آهي.

**1040-1048ع 432-440ھ:**

سلطان مسعود جي پٽ مودود غزنيءَ تي قبضو ڪري ابو نصر بن محمد بن احمد کي لاهور جو گورنر ڪري موڪليو. انهي اڳتي هلي سنڌ تي ڪاهه ڪئي، پر سندس موٽندي ئي سنڌ ۽ ملتان باغي ٿي ويا.

هي بيان ظاهر ڪري ٿو ته سنڌ محمود جي 1025 ۽ 1026ع وارين ڪاهن کان پوءِ مات نه ٿي هئي.

**1048/49ع / 440ھ:**

سلطان مودود غزنوي پنهنجي پٽ ابوالقاسم محمود کي پنجاب ۽ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ۽ ان کي لاهور موڪليائين. ساڳئي سال سندس ڪوٽوال ابو علي سنڌ، ملتان، پشاور ۽ ڪشمير ۾ بغاوتون چٽيون. غزنيءَ جي هڪ عام گهريلو نوڪر ابوالحسن کي ماٺيلي ۽ ڀاٽيا کي مات ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. جتان جو حاڪم اَهاڻي ڀڄي ويو.

هن منجهان سڌو سنئون پڌرو ٿئي ٿو ته غزنيءَ جو سنڌ مٿان اختيار 1025ع ۾ منصوره جي ڦُرجڻ ڦِٽڻ کان پوءِ نه رهيو هو ۽ مسعود ۽ مودود جون ڪاهون رڳو بي نتيجي چڙهايون هيون.

**1048/49ع / 440ھ:**

ابو سعيد عبدالحي گرديزي زين الاخبار لکيو. هي غزنوي-سنڌ لاڳاپن بابت آهي.

هي نسخو لنڊن مان 1928 ۾ ڇپيو.

**22 ڊسمبر 1049ع:**

مودود مري ويو ۽ سندس وصيت مطابق ٽن سالن جو پٽس مسعود بادشاهه ٿيو، پر مودود جو ڀاءُ علي ابوالحسن ٻار کي لاهي پاڻ سلطان بڻجي ويو.

**1050ع:**

سلجوقي ترڪن هٿان بغداد فتح ٿيڻ. ان ڪان پوءِ عباسي خليفي جو اقتدار بغداد جي اوسي پاسي ننڍڙي علائقي تائين محدود ٿي ويو ۽ ڪيس سُسائي رڳو خطبي ۽ سَندون ڏيڻ واري ڪم لاءِ مذهبي مهنداريءَ تائين رکيو ويو.

**1050ع:**

ايراني جاگرافيدان عبدالحي بن الضَحڪ بن محمود گرديزي پنهنجو ڪتاب زين الاخبار (تاريخن تي ٽِڪَ) لکيو. هن ۾ سنڌ بابت، خاص ڪري جٽرت، راءِ گهراڻي، ايران-سنڌ تڪرارن ۽ غزنوين جي چڙهاين جا حوالا آهن.

هن جي لکجڻ جو سن 1049-1053ع جي وچ تي ڪٿي آهي. هي نسخو برلن مان 1928 ۾ ڇپيو، ايراني ڇاپو تهران مان 1342ش ۾ پڌرو ٿيو آهي.



# سومرا گهراڻو

**1051ع / 443ھ يا سُتت پوءِ:**

سلطان عبدالرشيد غزنوي، نَوشتگين خرقي کي پنهنجي هندستان ۾ علائقن (پنجاب ۽ خيبرپختونخوا) جو گورنر مقرر ڪيو. سنڌ، 1025ع ۾ محمود هٿان شڪست کان پوءِ، سومرن جي هٿ هيٺ مڪمل طرح آزاد رهي. لڳي ٿو ته سومرا اينديڙ 200 سالن تائين آزاديءَ سان راڄ ڪندا رهيا، تيستائين جڏهن التتمش مٿن لشڪر چاڙهيو ۽ ڪين آڻ مڃائي ڏَنُ پَرُو ڀٽايائين.

ڪيئن به، پر اُچ ۽ اتر سنڌ جو ڪجھ حصو قطب الدين جي دور ۾ قباچہ هٿان فتح ٿي دهليءَ جي اختيار هيٺ هليا ويا هئا.

معصومي، ص. 59، مطابق لِڳِڙي ۽ نااهل حاڪم سلطان عبدالرشيد بن مسعود جي دور جي شروعات ۾ سومرن ٿريءَ ۾ ڪَٺُ ڪيو ۽ سومري کي سنڌ جو آزاد راڄ ڏٽي چونڊيائون. اهو سومرو هڪ طاقتور عرب سردار سعد جي ڌيءَ پرڻيو ۽ ائين مخالفت کي مانو ڪري ڇڏيائين. هن پرڻي مان پونگر ڄائو.

معصومي جي ڄاڻ جو رڳو ڪجھ حصو درست مڃي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته 1025ع ۾ منصوره کي ڦُرڻ ڦِتائڻ ۽ 1026ع ۾ ڄاٽن کي تهس نهس ڪرڻ کان پوءِ غزنوين جو سنڌ مٿان حقيقي طور ڪو اختيار نہ هو. سنڌن لاهور ۾ گورنرن ڪڏهن به سنڌ تي اختيار هلائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، سواءِ ممڪنہ طور به پيرا ڪن چڙهايون ڪرڻ جي.

تحفت الڪرام، ص. 95-96، سومرن جي آزاد راڄ ڏٽي ٿيڻ جو سال 446ھ يا 1054ع ڏنو آهي، پر تحفت الڪرام به سومرن جي دور بابت ٻين جيتروئي بي پروسو آهي.

خفيف سومرو 401ھ (1010/11ع) کان وٺي سڄي سنڌ تي پنهنجو راڄ ڄمائي چڪو هو، جنهن ۾ رڳو ٿوري وقت لاءِ محمود رنڊڪ وڌي هئي.

معصومي، ص. 31-33.

معصومي اهو ڏيکارڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌ غزنوي سلطنت جو حصو هئي. تنهنڪري اهو چوڻ بلڪل مناسب ٿيندو تہ سومرن سنڌ تي 1010/11ع ۾ خفيف پاران اقتدار سنڀالڻ ڪانوئي لاڳيتو راڄ ڪيو.

سنڌ، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ غزنيءَ کي محمود جي 416ھ واري فتح کان پوءِ پابنديءَ سان ڏَنُ پِرڻ کان نٽائيندي رهي، اصل ۾ آزاد هئي، جيتوڻيڪ غزنوي اينديڙ 130 سالن تائين ان کي پنهنجي سلطنت جو حصو چوندا رهيا.

**1052ع:**

جيئن تہ علي ابوالحسن هڪ لِڳِڙو حڪمران هو، سو محمود غزنوي جي ڇهين پاءُ راشد کي، جيڪو انوقت تائين قيد ۾ هو، درٻارين آزاد ڪري ڇڏيو. اهو پائيئي کي لاهي پاڻ سلطان بڻجي ويو.

ڪو ثبوت ڪونهي تہ 1028 ۽ 1052ع جي وچ تي غزنوين يا سنڌن پنجاب ۾ گورنرن سنڌ تي ڪو اختيار هلايو هجي. ڏَنُ جيڪڏهن ويو بہ هوندو تہ بہ پابنديءَ سان نہ. سنڌ تي 1040 ۽ 1049ع جي وچ تي ڪجھ چڙهايون سو ٿيون هيون.

**1053ع:**

اتر سنڌ (اُچ، پاٽيا ۽ ملتان) غزنوين جي هٿن مان نڪري وئي. گهڻو ڪري اسماعيلين (تاريخدانن جا قرمطي) وري پير ڪوڙي ورتا هئا، تنهنڪري غوريءَ کي ڪين 1175ع ۾ ملتان، اُچ ۽ پاٽيا ۾ مات ڪرڻو پيو هو.

طبقات ناصري، ص. 116. طبقات اڪبري، جلد ا، ص. 16. غزنوين جو سنڌ تي ڪڏهن ڪو اختيار نہ رهيو، سواءِ سنڌن 1025، 1026، 1040-1048 ۽ 1048/49ع وارين ڇئن چڙهائين جي.

**1054/55ع / 446ھ:**

پونگر سومري پنهنجي پيءُ سومري جي مرڻ کان پوءِ تخت سنڀاليو ۽

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت



95. محمود غزنويءَ جو سِڪو، ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل اٿس ”ابياڪتاميڪ محمد اَوتار نرپتِي محمود“ (محمد جو ڏسڻ ۾ نه ايندڙ اوتار، بادشاهه محمود). حاشيءَ ۾ ساڳي لپيءَ ۾ لکيل آهي ”ڏسڻ ۾ نه ايندڙ جي نالي سان هي ٽنڪو محمودپور ۾ سَموات 418 ۾ ڇاپيو ويو“. پٺئين پاسي اها ڳالهه ۽ هجري سنه عربيءَ ۾ لکيل اٿس. ٻن ٻولين وارا سڪا سٿين، پارٿين ۽ ڪشانن جي جُڳن ۾ به هلندا هئا.
(ٿومس جي پٺان ڪنگس آف دهلي تان).



96. مسعود غزنويءَ جو سِڪو، گهوڙيسوار ۽ ڪوفي لپيءَ ۾ بادشاهه جو نالو ڏيکاري ٿو.
(ٿومس جي پٺان ڪنگس آف دهلي تان).



97. محمد بن سام جو قنوج ۾ گهڙيل سڪو. اڳئين پاسي: قنوج جي سڪن جو نقل، جنهن ۾ لڪشمي ديوي ويٺل آهي. پٺئين پاسي: ديوناگري لپيءَ ۾ سري محمد بن سام. هي سڪا ٿي سگهي ٿو سڄر فتح ڪيل راڄ جي مقامي استعمال لاءِ وڌ ۾ وڌ قبوليت جوڳي نموني ڇاپيا ويا هجن. (ٿومس جي پٺان ڪنگس آف دهلي تان).



98. 608 هه (1213ع): التتمش جو سونو سڪو.
اڳئين پاسي: مٿان گهوڙيسوار ۽ حاشيءَ ۾ (محمد) رسول الله.
پٺئين پاسي: السلطان المعظم شمس الدنيا والدّين ابوالمظفر الشمس القطبي بَزَمان اميرالمؤمنين.
(ٿومس جي پٺان ڪنگس آف دهلي تان).



99. غياث الدين بلبن جو سونو سڪو.



729.100 هه (1330ع): محمد بن تغلق جو سونو سڪو.
(ٿومس جي پٺان ڪنگس آف دهلي تان).



101. محمد تغلق جو ڪنجهي جو سڪو.
(زوريءَ ٿاقيل، ٿومس جي پٺان ڪنگس آف دهلي تان).



102.سومرا دور جي ڪوريل چٽن واري ٺڪر جي ڪُني. ان قسم جو ڪور جو ڪم ٿامي جي ٿانون تي هلندڙ (ويهين) صديءَ جي وچ ڌاري تائين عام هو. (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ٿورن سان).



103.سومرا دور جو 9-وَٽيو تيل وارو ڏيئو. (سنڌ عجائب گهر، حيدرآباد جي ٿورن سان).

461ھہ (1068/69ع) تائين 15 سال راڄ ڪيائين.

الڪرام، ص.95 ۽ 484-486.

دولت علويہ ھن جو نالو عاصم الدين پونگر ۽ سندس راڄ جو سنہ 448ھہ يا 1064/65ع کان ڏنو آھي. ھن ڪتاب جي سَنَد پروسي جوڳي ناھي.

دولت علويہ، مولوي عبدالله شائق، سومرن جي ڪجھ گھراڻن جي شجرن ۽ مولوي عبدالرحيم جي تاريخ گلزار سنڌ آثار سنڌيءَ ۾ 1929ع ۾ لکي. ھي تاريخ جو ھڪ بي پروسو ٽڪرو آھي. ھن تاريخ ۾ ڏنل حاڪمن جا نالا، عام طور "دين" تي ڪُنندڙ، دھليءَ جي حاڪمن جي نالن تان ورتل لڳن ٿا ۽ نڳي ٿي لڳي.

**1066/67ع کان 1070ع:**

بلھانا، وڪرم آڏِت-ڇھين جي دربار جو پلوڙ ڪشميري شاعر، جيڪو ڪجھ وقت گجرات جي چلوُڪي حاڪم ڪَرَڻ جي دربار ۾ رھيو ۽ پنھنجو ناٽڪ "ڪَرَڻ سُندَري" لکيائين. انھي ۾ ٻڌائي ٿو تہ ڪَرَڻ سنڌ فتح ڪئي ۽ شھزادي مئنالا ديوي سان پيار جو پرڻو ڪيو. ھيءَ ڪھاڻي جيتوڻيڪ ھڪ افسانو آھي، پر منجھس سنڌ جي انوقت جي صورتحال جي جھلڪ آھي.

مجمدار، چلوُڪياز آف گجرات، ص. 60.

ھيءَ ڪھاڻي ھاڻ نِج افسانو سمجھي وڃي ٿي، تاريخي حقيقت نہ.

**1067ع:**

اسماعيلي پرچارڪ عبدالله جو سنڌ ۾ اچڻ.

آرنلڊ، پريچنگس آف اسلام.

**1068/69ع / 461ھہ:**

پونگر سومرو مري ويو ۽ دودو-پھريون تخت تي ويٺو.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486.

دولت علويہ دودي-پھرئين جو نالو عصام الدين دودا ڏنو آھي ۽ ٻڌائي ٿي تہ انھي 481ھہ (1088/89ع) ۾ تخت تياڳي ڇڏيو ۽ اڪيلائيءَ واري حياتي گھارڻ لڳو. ڏيٽس (زينب) تاري پنھنجي معصوم پاءُ بدران راڄ ھلايو ۽ 491ھہ (1098ع) ۾ انھي (سنگھار) کي حڪومت موٽائي ڏنائين.

معصومي مطابق دودي-پھرئين پنھنجي بادشاھي نصرپور تائين وڌائي ۽ وَھيءَ ۾ ئي ھو تہ مري ويو. ھيءَ ڳالھہ دودي-پھرئين جي حڪومت 22 سال ھجڻ ليکي مڃڻ جھڙي ناھي. بادشاھي نصرپور تائين وڌائڻ واري ڳالھہ بہ اوتري ئي مڃڻ کان متاھين آھي، ڇاڪاڻ تہ نريءَ ۽ نصرپور وچ ۾ مشڪل سان 30 ميل جي وٿي ھوندي. دودي-پھرئين جي وقت ۾ ڪا بہ اھڙي ڏاڍي قوت نہ ھئي، جيڪا سومرن کي سموري سنڌ، اُچ تائين، وڌڻ کان روڪي سگھي ھا. خاص ڪري ان حقيقت کي نظر ۾ رکندي تہ گھٽ ۾ گھٽ 1032ع ۾ شيخ راجپال سومري جو ملتان تي راڄ ھو.

**1070ع / 462ھہ:**

قاضي سعيد اُندلسي، جنھن لکيو تہ سنڌي حسابن ۾ ڏاڍا تکا آھن، مري ويو.

ھي مصر جي فاطمين جي دربار ۾ رھندو ھو.

**1070ع / 462ھہ:**

قاضي راشد بن زبير ڪتاب الذخائر والتُحف لکيو.

ھن ڪتاب ۾ سنڌ جي عرب گورنرن جھڙوڪ جنيد، موسيٰ بن امر بن عبدالعزيز (271ھہ)، ھِشام بن امرو تغلبي، عمران بن موسيٰ بن يحيٰ بن خالد بابت ڪجھ ڄاڻ آھي.

**سيپٽمبر 1071ع / ذي الحج 463هه:**

حافظ ابي بکر احمد ابن علي ابن ثابت ابن مهدي الڪاتب البغدادي مري ويو. هن تاريخ بغداد لکي، جنهن ۾ بغداد ۾ آباد سنڌي ڏاهن بابت ڄاڻ آهي.

ليڪ 3 جمادي الثاني 392هه تي يعني 1002ع ۾ ڄائو هو.

**1072ع:**

علي بن عثمان الهجويري، صوفي طريقي جو ڏکڻ ايشيا ۾ باني، مري ويو. هي داتا گنج بخش پڻ سڏجي ٿو ۽ مزار لاهور ۾ اٿس. سندس ڪتاب ڪشف المحجوب سنڌ سميت سڄي ڏکڻ ايشيا جي صوفين ۾ مقبول ڪتاب آهي.

**1077/78ع / 470هه:**

عبدالفضل بن حسن بيهقي، جنهن تاريخ بيهقي نالي غزنوين جي تاريخ لکي، مري ويو. هن تاريخ ۾ غزنوين جي سنڌ ۾ مهمن، محمود جي اتر سنڌ جي ڄاٽن خلاف مهمن سميت، جو احوال آهي. ڪتاب ڪي منهاج سراج تاريخ سبڪتگين ۽ حمدالله مُستوفي ۽ رِيُو تاريخ مسعودي سڏيو آهي.

هي نسخو تهران مان 1342ش ۾ ڇپيو آهي. آڳاٽو ڇاپو ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪولڪتو، 1892ع ۾ ڇپايو هو. هڪڙو آڳاٽو ڇاپو 1313ش ۾ آيو هو.
بيهقي 390هه ۾ ڄائو ۽ غزنوي دربار ۾ 412هه ۾ 22 سالن جي ڄمار ۾ آيو. ديوان رسالت طور 29 سال ڪم ڪيائين ۽ ڪيس ابراهيم بن مسعود (451-492هه يا 1059-1099ع) هٽايو.

**1077-1126ع:**

وڪرم آدِت-ڇهين گجرات ۽ دکن تي راڄ ڪيو ۽ چيو وڃي ٿو ته هن گجرات، داهلا، آپيرا (سنڌ جو ٿر ريگستان)، نيپال، سنڌو ۽ ڪشمير وغيره فتح ڪيا هئا، جيئن اُڪرون ظاهر ڪن ٿيون.
هي فتحن ڪان وڌيڪ چڙهايون يا اجايا پَڌاءَ ٿي سگهن ٿا، ڇو ته هن عرصي دوران سومرا گهراڻي جو لاڙ سنڌ تي لاڳيتو راڄ رهيو.

مجمدار، HCIP، جلد V، ص. 167.
گنگولي، HCIP، جلد V، ص. 177.

**1079/80ع / 462هه:**

سيد نورالدين سَتگُر نور، اسماعيلي پرچارڪ، شاهه مستنصر بالله (ارڙهون امام) جي حڪم تي سنڌ ۾ آيو ۽ شاعريءَ ۾ پرچار ڪيائين. چيو وڃي ٿو ته هي هندي، گجراتي، سنڌي، ملتاني ۽ بهاولپوري ٻولين ۽ لهجا پڙهيو ۽ انهن ٻولين ۾ شاعري رچيائين. سندس هندي شاعري اڄا تائين موجود آهي ۽ سنڌيءَ سان گهڻن گڻن ۾ ملي ٿي.

ڊِي ليسي اولِيَري، اي شارٽ هسٽري آف فاطمد ڪيليفيٽ، (ڪيگان پال، لنڊن، 1923)، ص. 203.

**1088-1172ع:**

هيمچندر، جيڪو هن دور ۾ هو، تنهن پراڪرت لهجن جهڙوڪ سؤراسيني، ماگڌي پئساچي ۽ اپڀرمش جو وياڪرڻ ڪُمارپالاچَرِت لکيو. هي مهاراشٽر ۾ رهندو هو ۽ سنڌ يا سنڌي ٻوليءَ سان ڪو لڳ لاڳاپو نه هئس، پر راءِ ڏنائين ته پراڪرت ٻولين مان هڪ آڀيرن (مالوند) جي ٻولي اپڀرمش آهي ۽ سنڌ جا آڀيرا هن ٻوليءَ ۾ راڳ ڳائيندا ۽ شاعري ڪندا آهن. هيءَ ڳالهه ڪنهن طرح ويساهڻ جوڳي ناهي، ڇو ته سنڌي گهٽو اڳ 850ع ڌاري ڪان وٺي هڪ ڳالهائجندڙ ۽ لکجندڙ ٻولي هئي، جيئن عرب ذريعا ٻڌائين ٿا.

آڀيرا ايرندي سنڌ جي ٿر ريگستان جا رهاڪو هئا.
پيرومل، ص. 56-58، پاران هيمچندر جي روايت کي مجڻ غلط آهي.

**1088ع:**

راجا ڪيسر ديو، جنهن ايرندي سنڌ (رڻ) ۾ ڪِيرتي ڳڙهه جي حصي تي راڄ

نَٿُو رام جو جهَلا وَنش يَرڌ ڪَرا، گنگارام سمراٽ پاران حوالو، سنڌالاجي،

ٿي ڪيو، سو سنڌ جي سومرن حاڪمن هٿان شڪست کائي ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو ۽ اتان سندس پونير هڙپال ديو گجرات ويو، جتان جي راجا ڪَرَڻ ديو انهي کي پاتري ۾ ٻنيون ڏنيون. اهو طاقتور ٻٽيو ۽ پنهنجي آزاد رياست جوڙيائين. مَنگُو ۽ سوڍو هن گهراڻي جا اهم حاڪم ٿيا.

جنوري 1973، ص. 68.

**91/1090ع / 483هه:**

حسن بن صباح خراسان ۾ نيزاري اسماعيلي فرقو ٺاهيو. هي فرقو سنڌ ۾ ٽڪڙو نہ پڪڙيو، پر تيرهين صديءَ ۾ انهي جي سنڌ ۾ وڏي هلندي پڇندي هئي. سومرا شروع کان ئي اسماعيلي هئا، پر اسماعيلين جي نيزاري فرقي ۾ تيرهين صديءَ جي پڇاڙي يا گهٽو ڪري چوڏهين صديءَ ۾ آيا.

نيزاري عام طور تي پنهنجي پوئلڳن کي پراڻيون رسمون ۽ نالا هلڻ ڏيڻ جي اجازت ڏيندا هئا ۽ هيءَ ڳالهہ سومرن جي حوالي سان بلڪل سچ آهي، جن جا نالا دولت علويہ، نڳيءَ تي ٻڌل هڪ ڪم، عربي ٻٽائي ڇڏيا آهن.

**1092ع / 485هه:**

دودو-ڀهريون سومرو مري ويو ۽ ڏيٽس تارِيءَ پنهنجي ننڍڙي پاءُ ٻدران راڄ هلايو. هن بهترين طريقي راڄ هلايو ۽ سنگهار جي وڏو ٿيڻ تي انهي کي موٽائي ڏنائين. دولت علويہ ٻڌائي ٿي تہ (زينب) تارِيءَ سنگهار کي حڪومت 491هه (1098ع) ۾ ڏني. اها وڌيڪ ٻڌائي ٿي تہ دودي-ڀهرئين اڪيلائيءَ واري حياتي گهارڻ لاءِ 481هه (89/1088ع) ۾ تخت تياڳيو هو. تاريءَ 10 سال حڪومت ڪئي ۽ 491هه ۾ ڀاڻس (شهاب الدين) سنگهار جي حوالي ڪيائين.

هيءَ روايت وڌيڪ مجڻ جهڙي لڳي ٿي. هن ۾ دودي-ڀهرئين جي حڪومت 12 سال ڏنل آهي ۽ معصومي جي، دودي-ڀهرئين جي وَهيءَ ۾ مري وڃڻ، واري روايت کي پڻ ٺيڪ پرائي ٿي.

سنگهار پنهنجي پيءُ وانگر دلير حڪمران هو. پنهنجو علائقو مڪران ۽ تحفت الڪرام مطابق نانڪاٽي ۽ معصومي مطابق هالاڪنڊي تائين وڌايائين.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين ڀاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486.

HCIP، جلد VI، ص. 222، هيءَ روايت مجي آهي.

زينب ۽ شهاب الدين نالا ڀهريون پيرو دولت علويہ ۾ پڙرا ٿيا ۽ نڳي تا لڳن.

تحفت الڪرام، ص. 68. معصومي، ص. 60.

معصومي جو بيان پروسي جوڳو ناهي، چو تہ اتر سنڌ ۾ اهڙي ڪا بہ قوت نہ هئي، جيڪا انهن ڏينهن ۾ سومرن ڀاران سنڌ جي هاٿوڪن دنگن ۽ اڳتي تائين پنهنجي بادشاهي پکيڙڻ ۾ رنڊڪ بڻجي سگهي.

معصومي کي ڀولو هو تہ انهن ڏينهن ۾ گهٽي پاڳي سنڌ غزنوين جي قبضي هيٺ هئي.

**1094ع / 487هه:**

ابي عابد عبدالله بن عبدالعزيز ڪتاب اَلمُجَم مايست عجم لکيو، جنهن ۾ ديبل ۽ سنڌ بابت حوالا آهن.

**1099ع:**

اندونيشيائي جاگرافيدان ادريسي جو جم، جيڪو قرطبہ ۾ وڃي آباد ٿيو ۽ پنهنجو جاگرافيائي ڪم نُزهتُ المشتاق في اِختِي (ڳولڻ واري لاءِ خوشي) سِسلي جي نارمن بادشاهہ راجر-ٻئين جي دربار ۾ 1154ع ۾ پورو ڪيائين. بادشاهہ لاءِ چانديءَ مان هڪ گول ميز پڻ ٺاهيائين، جنهن تي انوقت جاتل دنيا جو نقشو اُڪيريائين.

ڏکڻ ايشيا بابت حصي جو ڊاڪٽر مقبول احمد ڀاران ڪيل ترجمو لائيڊن مان 1961 ۾ ڇپيو آهي. انهي ۾ سنڌ جو احوال آهي. ڪجھ ماهر هن ڪم جي لکجڻ جو سنہ 51/1150ع ڏين ٿا.

**1100-1200ع:**

سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ بکر گارج جي وچان وڏو ڦيرو آيو، پر درياءَ جو ڪجھ پاڻي اجا بہ سنڌ ڊوري، رُڪ ۽ لوهاڻي ڍوري مان پئي وهيو. درياءَ جو پورو پاڻي بکر مان 1250ع ڌاري وهيو. هن ڦيري کي ڏنل سال 952ع هاڻ رد ٿي چڪو آهي. هن ڦيري کان سواءِ ڪڇ ۽ ان کي اتر، اوڀر ۽ ڏکڻ پاسن کان ڦريل رڻ ۾ ٿيندڙ ڌرتي ڌوڏ رڻ جو پيٽ مٿي ڪڍي انهي کي اُڪرڻ ۾ ڏکيو ۽ پُلائيندڙ بڻائي ڇڏيو. اهڙي ريت ڪڇ سنڌ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات کان ڇڇي ويو، جن سان اهو ڪيترن هزارن سالن کان ڳنڍيل هو. سنڌ جي ڇاپ، جيڪا ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي سنڌو تهذيب کان اڳ ۽ پوءِ جي ڪوڙ سارن ماڻهن مان پڌري ٿئي ٿي، وڏي حد تائين گهٽجي وئي. تنهن هوندي بہ وچولي ۽ هيٺئين طبقي جي ماڻهن وچ ۾ لڳ لاڳاپا اچ کان ڏھ سال ڪن اڳ تائين لاڳيتو هلندا رهيا. سنڌ جي جاٽن جو سردار يا ملڪ اڄ تائين ڳنڍيل آهي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ غير قانوني طور منڊائتي لڏ پلاڻ ۽ واپار اجا بہ هلن پيا. ڪڇي ٻولي پنهنجي سِر پاڻ سنڌيءَ جو هڪ لهجو آهي. ڪاٺياواڙ ۾ ڪڇي يا ميمڻي ڳالهائيندڙن جي چڱي ڀلي آبادي آهي.

**1106/07ع / 500هه:**

سنگهار سومرو بنا وارث مري ويو ۽ سندس سالو خفيف-ٻيون گاديءَ تي ويٺو. خفيف پنهنجي دور ۾ ڪڇ جو ڪجھ ڀاڱو فتح ڪيو.

HCIP، جلد VI، ص. 22، ٻڌائي ٿي تہ سندس گادي سندس زال هَمُون سنڀالي هئي.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين ڀاران حوالو، تحفت الڪرام ص.95-96 ۽ 484-486.

معصومي، ص. 60، HCIP سان سهمت آهي.

معصومي ٻڌائي ٿي تہ سندس زال هَمُون وڳھ ڪوٽ مان حڪومت ڪئي ۽ انهي جي ڀائرن محمد طور ۽ ٿريءَ مان. هيءَ ڳالهہ مڃڻ جهڙي ناهي، ڇاڪاڻ تہ سومرن جون اهي ٽي راڄڌانيون سنڌو درياءَ ۾ آيل آبي ڦيرن سبب ٿهيون ۽ هڙئي هڪ ئي وقت موجود نٿيون ٿي سگهن. هنن ماڳن جي کنڊرن جي نہ پڙتال ٿي آهي ۽ نہ سنڌ ڳوليا ويا آهن.

دولت علويہ (شهاب الدين) سنگهار جي مرڻ جو سنہ 503هه (1109/10ع) ڏنو آهي. ساڳيوئي ذريعو ٻڌائي ٿو تہ سنگهار جي گادي (فخرالملڪ) همون جي ڀاءُ سنڀالي ۽ انهي هڪ سال تائين راڄ ڪيو. انهي کان پوءِ سراج الدين فتح خان گادي سنڀالي، جيڪو 511هه (1117/18ع) ۾ مري ويو. فتح خان کان پوءِ گادي امام الدين خفيف سنڀالي، جيڪو 536هه (1141/42ع) ۾ مري ويو. خفيف جي مرڻ جو هيءَ سنہ تحفت الڪرام مجيو آهي. نالا فخرالملڪ، سراج الدين فتح خان ۽ امام الدين ٻهريون پيرو دولت علويہ ڏنا.

**1116/17ع / 510هه:**

ابن بلخي فارس نامہ لکيو.

**1116/17ع / 510هه، 22 محرم:**

سيد محمد مکي بن محمد شجاع بن ابي القاسم بن علي المڪرم محمد بن الصغير، هنوقت شاهہ مکي قلعي حيدرآباد ۾ پوريل، ڄائو.

مهراڻ، نمبر 3، 1963، ص. 132-147.

**1126-1138ع جي وچ تي:**

جئسمها سِڌاراجا سِڌاراجا کي شڪست ڏني، جيڪو هڪ سومري سردار (راڄ ڏٽي نہ) طور سڃاتو ويو آهي.

سومسويرا ساڳئي واقعي جو احوال ڏيندي ٻڌايو آهي تہ سِڌاراجا سنڌو جي سائينءَ (ڏٽي) کي شڪست ڏني ۽ کيس ٻڌو.

ميرُوتُنگا احوال ڏنو آهي تہ مليڇ بادشاھ (سنڌ جو مسلمان راڄ ڏٽي) جو ايلچي پهتو (گهٽو ڪري متي جاڻايل ڪاھ بابت صفائي ونڻ)، پر سِڌاراجا، سومري بادشاھ پاران پلاند ۾ ڪاھ تارڻ لاءِ انهن ايلچين آڏو ڏيکاءُ ڪندو ٿو ڏسجي تہ ساٿس هڙني چَلُوڪين ۽ ٻين راجائن جو ساٿ آهي ۽ مُنهن ڏيڻ جا مناسب سانباها ڪري ورتا اٿائين. ايلچي اها ڳالهہ پروڙي سونهندڙ سوکڙيون پيش ڪري پنهنجي ملڪ موٽي ويو.

گنگولي، سنڌاراجا کي مالوا جو پرمار راجا ڪري سڃاتو آهي. راءِ کيس منصوره جي هباري گهراڻي جي گادي سنڀاليندڙن منجهان هڪ (يعني سومرو) ڪري سڃاتو آهي. سندس سنڌي هجڻ جو امڪان گهٽو آهي، چاڪاڻ تہ سنڌ چَلُوڪي سلطنت جو الهندو دنگ هو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ وير چمنداراجا جي دور (1053-1086ع) کان وٺي هلندو پئي آيو.

راءِ، ايڇ. سِي.، ڊائناسٽڪ هسٽري آف ناردرن انڊيا، جلد II، ص. 972، آڌار دوهاڙ اُڪر.

هيمچندر دِوياسَريا ڪاويا ۾ ساڳئي واقعي جو احوال هٽرادو واڌاري سان ڏنو آهي، جيئن مجمدار 'چَلُوڪياز آف گجرات' ۾ ص. 81 ۽ 446 تي حوالو ڏنو آهي. تاريخي حقيقتن جي حواليِ سان هيمچندر بنهہ پروسي جوڳو ناهي، خاص ڪري سندس آقائن (چَلُوڪين) ۽ ٻين وچ ۾ پيٽ وقت.

ڊاڪٽر گنگولي، پرمارا، ص. 79-80.

راءِ، ڊاڪٽر، ايڇ. سِي.، جلد II، ص. 249.

**1141/42ع / 536هہ:**

خفيف مري ويو ۽ سندس گادي پاٽس عمر-پهرئين سنڀالي، جيڪو 1180/81ع يا 576هہ ۾ مري ويو.

دولت علويہ هن دور لاءِ واقعن جي ترتيب ٻي ڏني آهي.

(جلال الدين) عمر: 536-556هہ يا 1141-1160ع.

(صلاح الدين) هُجُو: 556-570هہ يا 1160-1174ع.

(غياث الدين) دائود: 570-600هہ يا 1174-1203ع.

لوڪ داستان عمر-مارئي هن بادشاھ سان جوڙيو وڃي ٿو ۽ هٽرادو گهڙيل لوڪ ڪٿا کان وڌيڪ ڪجهہ ناهي. سندس گاديءَ جو هنڌ ماتلي تعلقي ۾ ٿري هو، عمرڪوٽ نہ، جيڪو انهن ڏينهن ۾ امرڪوٽ سڏبو هو.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486.

حاڪمن جا ڏنگين ۾ ڏنل نالا دولت علويہ کان سواءِ ڪنهن بہ تاريخدان نہ ڏنا آهن ۽ هٽ گهڙيا ٿا لڳن.

**1143/44ع کان 1252ع / 538-650هہ:**

عثمان مَرندي يا لال شهباز مَرندي جي حياتي.

پاڻ مَرند، آذربائيجان، ۾ ڄائو ۽ 624هہ يا 1226ع ۾ اتان نڪتو، جڏهن علي اشرفي اهو فتح ڪيو.

خوارزم شاھ جي گورنر شرف الملڪ اهو سُتت ئي ورائي فتح ڪيو ۽ ڪوڙ ماڻهو ماريائين. عثمان پڪ سان انهن ئي ڏينهن ۾ مرند ڇڏيو هوندو.

پروفيسر محمد شفيع، ص. 20 ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو گزيٽيئر، ص. 46-52.

هندو کيس راجا ڀَرتَري سڏيندا آهن.

تاھ هن نظرئي جي پنيرائي ڪري ٿو.

سندس همعصر پير پٺي کي هندو راجا گوپيچند سڏيندا آهن.

**1145-1234ع:**

شيخ شهاب الدين عمر سهروردي، صوفي سلسلي سُهرورديہ جي باني، جي حياتي.

**1147-1948ع:**

ڪڇ تي ٻئين سما گهراڻي جو راڄ. هي ڄاڙيجا سما سڏجن ٿا.

**1150ع يا ٿورو اڳ:**

غورين هٿان غزني تباهه ٿيڻ ۽ ايراني نيري (ڪاشي) چوڪي سِرَ جي سنڌ ڏانهن هجرت، جنهن جو سڀ کان آڳاٽو ثبوت شاهه يوسف گرديزي، وفات (1152ع) جي مقبري مان مليو آهي.

**1150ع / 549هه:**

ادريسي نُزهتُ المشتاق في اَختَر الآفاق (انهن لاءِ خوشي جيڪي دنيا جا علائقا گهمڻ جا ڳولائو آهن) لکيو. هن ۾ سنڌ، ان جي شهرن، دريائن، بندرگاهن ۽ واپاري دڳن وغيره جو احوال آهي

ڊاڪٽر مقبول احمد جو ايڊٽ ڪيل نسخو عليگڙهه يونيورسٽي پاران ڇپايو ويو آهي. ڏکڻ ايشيا بابت ٽڪرا، ساڳئي ليکڪ جا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل، لائيڊن مان ڇپيا آهن.

**1160ع:**

ابن عاصر، تاريخدان ۽ تاريخ ڪامل جو ليکڪ، عراق ۾ ڄائو.
هيءَ تاريخ اتندي عربيءَ ۾ لکي وئي هئي ۽ اڳتي هلي هن کي فارسي ڪيو ويو. هن ۾ سنڌ جي عرب گورنرن، محمود غزنوي جي سومناٿ کان موٽندي منصوره فتح ڪرڻ ۽ سنڌ جي تاريخ جي ڪيترن ئي ٻين واقعن جو احوال آهي. ڪتاب ۾ 1230ع تائين جا واقعا ڏنل آهن.

عربي نسخو لائيڊن ۽ قاهرا مان ڇپيو آهي. فارسي ترجمو تهران مان ڇپيو آهي.

**1165/66ع / 561هه:**

قلندر شهباز (محمد عثمان مرندي) جي ڄمر جو ممڪن سن.

تحفت الڪرام، سنڌي.

هي 673هه ۾ 112 سالن جي ڄمار ۾ مري ويو، جنهن ليکي سندس ڄمر جو سن 561هه بيهي ٿو.

سندس 1235ع ۾ ملتان ۾ هجڻ جو ڪو مناسب ثبوت ڪونهي. پر نٿو لڳي ته ملتان ۾ 662هه ۾ 99 سالن جي ڄمار ۾ آيو هوندو.

ابن بطوطہ هن جي سيوهڻ ۾ خانقاهه 1333/34ع ۾ ڏٺي. 1237ع ۾ جڏهن سنڌ، پنجاب ۽ اتر هندستان جا اسماعيلي دهليءَ ۾ گڏ ٿيا ۽ جمع جي هڪ ميڙ جو ڪوس ڪيائون، انوقت هي گهڻو ڪري ملتان ۾ هو، جيتوڻيڪ سندس ملتان ۾ پهچڻ جو سن تحفت الڪرام ۾ 1264ع ڏنل آهي، جڏهن سندس ڄمار 99 (سج جا) سال هئي.

هڪڙو ڏُکو اهو آهي ته ٿي سگهي ٿو ته هن کي اسماعيلي پرچارڪن سان جوڙيو ويو هجي.

**1166/67ع / 562هه:**

سمعاني ڪتاب الانصاب لکيو.

**1175ع:**

لاکي، سنڌ جي ڄاڙيجي سمي، ايرندي ڪڇ ۾ وڳد جي گاديءَ جي هنڌ ڪنٽ ڪوٽ تي قبضو ڪيو. سندس گهراڻي سڄي ڪڇ کي گڏائي هڪ ڪيو ۽ ان تي راڄ ڪيو، جيڪو هن پرڳڻي تي جون 1948ع تائين هليو.

وليمس، ص. 94.

**1175-1215ع:**

پنهنجي پيءُ لاکي جي مرڻ کان پوءِ رائيڌڻ ڄاڙيجي سمي ڪڇ تي راڄ ڪيو. هن پنهنجو علائقو وڏائي ڪڇ جو سڄو ٻيٽ ۽ اتر وارا ٻيٽ ان ۾ آڻي ڇڏيا. هن مسلمان ڄاٽن (لاڙ سنڌ جا) کي پڻ مات ڪيو، جيڪي سنڌ مان

وليمس، ص. 94-95. رائيڌڻ کو مخصوص سمو نالو ٿو لڳي. ڪڇ ۾ رائيڌڻ نالي ٻه حاڪم ٻيا به ٿيا، جن 1666-1698ع ۽ 1778-1785ع تائين راڄ ڪيو. سنڌ واري رائيڌڻ 1454 کان 1461ع تائين راڄ ڪيو.

ڪڇ لڏي ويا هئا. مقامي روايت مطابق رڻ ڪڇ هن جي دور ۾ سُڪو: هڪ پاسي ڌرتي ڌوڏ (جنهن سان ڪڇ نارِ جو پيٽ مٿي ڪچي ويو) ۽ ٻئي پاسي هاڪڙي (سرسوتي-واهند-هاڪڙو سرشتو) جي سُڪڻ سبب.

**1175ع:**

محمد غوري اُچ جي هڪ هندو شهزادي پرڻيو، جتان جو حاڪم ڀٽي قبيلي جو هڪ ننڍڙو راجا هو. اُچ ۽ ملتان سنڌ وانگر اسماعيلين (قرمطي) جا مضبوط ڳڙهه هئا.

لڳي ائين ٿو ته اُچ ۽ ملتان ويجهو ڪجهه هندو رياستون هيون، جيڪي محمد غوري فتح ڪيون هيون.

**1175/76ع / 571هه:**

سلطان شهاب الدين محمد بن سام غوري ڀاٽيا تي حملو ڪيو.

**1175/76ع / 571هه:**

سلطان شهاب الدين (معزالدين) بن سام محمد غوري پنهنجي وڏي ڀاءُ غياث الدين جي حڪمرانيءَ (569-599هه يا 1173-1202ع) دوران سنڌ فتح ڪئي (سنڌ مان مراد آهي اتر سنڌ، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ اُچ هو).

جنرل علي ڪرمخ کي ملتان ۽ اُچ جا معاملا هلائڻ ۽ اسماعيلين کي ناس ڪرڻ تي مقرر ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۽ ملتان جا حاڪم اسماعيلي يا قرمطي هئا، جيئن ڪجهه تاريخدانن ڪين سڏيو آهي.

اها ڳالهه ٻڌي محمد بن علي، قاتلن جي جنت الموت جي حاڪم، گجرات جي ڀيم ديو سولنڪي-ٻئين (1179-1242ع) کي سنڌ مٿان حملو ڪرڻ لاءِ چيو (هتي سنڌ جو مطلب آهي اتر سنڌ ۾ علي ڪرمخ وارو علائقو). نتيجي ۾ معزالدين غوري سومرن کي ڀيم ديو کان ڇنڻ ۽ الموت جي فدائين، جيڪي ايراني نارِ رستي ڀيم ديو سان گڏجڻ پئي آيا، جو ساموندي رستو روڪڻ لاءِ 575هه (1179/80ع) ۾ ديبل تي حملو ڪيو.

**1175/76ع:**

معزالدين غوري ملتان ۽ اُچ جي اسماعيلين (قرمطي) سان وڙهيو.

هي گومل لڪ رستي آيو، جيڪو ٻين جي پيٽ ۾ سولو دڳ هو ۽ ويجهيون ويجهيون بادشاهيون قُري قِتايائين. خيبر لڪ کان ٽارو ڪيائين، جيڪو ڏکيو دڳ به هو ۽ غزنوين ۽ هندن پاران مقابلي جي به پڪ هئس.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، ص. 38.

مبارڪ شاهي، ص. 5، غوري پاران 569هه (1173/74ع) ۾ اُچ، ٺٽو ۽ ملتان فتح ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿي. هي بيان غلط آهي، ڇو ته ٺٽو انهن ڏينهن ۾ ۽ اينڊڙ 160 سالن تائين موجود ئي نه هو. اها فتح ٿي سگهي ٿو اُچ تائين محدود رهي هجي، جيڪو اتر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو.

مبارڪ شاهي، ص. 6، ڀاٽيا جي جاءِ تي ٺٽو ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي، ڇو ته ٺٽو 1175ع ۾ هو ئي ڪو نه.

معصومي، ص. 33-34، هن جو سنه 591هه ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي. اها وڌيڪ ٻڌائي ٿي ته محمد غوري ملتان ۽ اُچ فتح ڪيا، جڏهن ته سنڌ تي قطب الدين ايبڪ ٽن مهينن ۾ حملو ڪيو ۽ سيف الملڪ کي سنڌ جا معاملا هلائڻ تي رکيائين. هيءَ ڳالهه پروسي جوڳي ناهي، ڇو ته قطب الدين انهن ڏينهن ۾ شهاب الدين جي جنرلن منجهان هڪ نه هو ۽ سيف الملڪ جي ڳالهه ٻين تاريخن نه ڪئي آهي.

طبقات ناصري، ص. 116.

طبقات اڪبري، جلد I، ص. 16.

مبارڪ شاهي، ص. 5 ۽ 6.

هيءَ ڳالهه ٻڌرو ڪري ٿي ته محمود غزنوي قرمطين کي مڪمل طرح نه دٻايو هو.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد II، ص. 523.

عباس، ايچ. الهمداني، بگننگ آف اسماعيلي دعوىٰ ان ناردرن انڊيا، ص. 12، ٻڌائي ٿو ته لڳي ائين ٿو ته سومرا ڀائرن، خفيف يا عمر، انوقت ملتان تي راڄ پئي ڪيو. تحفت الڪرام، ص. 95-96 جي ان بيان آڌار ته دودي-ٻئين وگهه ڪوٽ ۾ سومرن جي مهنداري سنپالي ڀائرن تي چڙهائي ڪئي ۽ انهن کي ماري وڌو، همداني فرض ڪري ٿو ته سومرا راڄ گهراڻي (جنهن کي ملتان، اُچ ۽ ٻين هنڌن تي محمد غوري هلائڻ سان شڪست پئي ٿي) جا رهتو ماٿهو ديبل ۾ گڏ ٿيا ۽ دودي-ٻئين کي پنهنجو اڳلو حاڪم چونڊيائون. پر غوري 578هه ۾ ديبل تي قبضو ڪيو ۽ سنڌ ٻُهاريندو ويو.

همداني جو بيان ڏُڪو آهي. غوري ديبل ۽ ساموندي ڪنڌيءَ وارن علائقن (گهٽو ڪري مڪران واري ساموندي ڪنڌي) تي حملو ڪيو ۽ ٻنا ڪنهن

خاص ڳٽپ جو ڳي نتيجي جي موٽي ويو ۽ سومرن جي گھٽي ياڳي سنڌ تي حاڪميت هلندي رهي.
معصومي، ص. 34، ۾ڏائي ٿي ته سندس سپه سالار قطب الدين ايبڪ سنڌ کي ٽن مهينن ۾ مات ڪيو.
معصومي جي قطب الدين ايبڪ پاران سنڌ فتح ڪرڻ واري ڳالهه (جنهن جو نالو پهريون ڀيرو غوريءَ جي 488ھ يا 988ع ۾ فتحن ۾ اچي ٿو) غلط آهي.
ڪيئن به پر طبقات اڪبري، جلد ا، ص. 117 ٻڌائي ٿي ته شهاب الدين غوري ديبل تي ڪاهه ڪئي ۽ ساموندي ڪنڌيءَ وارا علائقا فتح ڪري ڦرلٽ سان وڏو مال گڏ ڪري غزني موٽي ويو. هيءَ ڳالهه پڻ سنڌ جي آزاد راڄ ڏٽين يعني سومرن کي مات ڪرڻ ثابت نٿي ڪري.
طبقات ناصري، ص. 120 ۽ 129 پڻ ڏسو.
طبقات اڪبري، جلد ا، ص. 38 ۽ تاريخ مبارڪ شاهي، ص. 10.

**1175/76 / 571ھ:**

اسماعيلي محمود غزنوي پاران ملتان کي ٿي ڀيرا ڦُرڻ ڦِٽائڻ جي باوجود به اتي بچي ويا. سلطان معزالدين غوري لاءِ چيو وڃي ٿو ته انهي ملتان کي قرمطين (اصل ۾ اسماعيلي، پر سُني مسلمان ليڪن پاران غلط سڏيل) جي هٿن مان ڇڏايو.

طبقات ناصري، ڪولڪتو ڇاپو، 1864، ص. 116 ۽ 189.

**1175/76 / 571ھ:**

سَنڪُورن قبيلي سلطان معزالدين غوري خلاف بغاوت ڪڙي ڪئي. انهي مٿن 572ھ ۾ حملو ڪيو ۽ انهن منجهان ڪوڙ سارن کي تلوار هيٺ آندائين.

مِرآت جهان نُما مطابق، راورٽي (ناصري، ص. 450-451) حوالو ڏنو آهي، مٿي ڄاڻايل ڀِٽي قبيلو هو، جتان جي راڄا وٽ اتر سنڌ جا گهڻا ڀاڱا هئا.

**1077-1166ع:**

صوفي سلسلي قادري جي باني شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني جي حياتي.

**1178ع:**

گجرات جي چَلُوڪي راجا مولراج-ٻئين مسلمانن جي هڪ ننڍي لشڪر (تُرُشڪن) کي شڪست ڏني.
هڪ ذُڪو آهي ته اهو ٿي سگهي ٿو سومرن جو لشڪر هجي، پر اهو اڻ ٽيڻو آهي، ڇو ته انهي ئي سال معزالدين غوري سومرن جي اُچ ۽ ملتان وارن اترين دنگن تي پيڪيون ٻيئي ڏنيون، باوجود ان حقيقت جي ته اَنهلواڙي جا چلُوڪي سنڌ جي حاڪمن سان وري وري وڙهندا پئي آيا.
اهو معزالدين جو مڪيه لشڪر به نٿو ٿي سگهي، ڇو ته پهرين ڳالهه ته اهي انتهائي منظم هئا ۽ ٻي ڳالهه ته سندس اهڙن پرانهن علائقن تي چڙهائي جو ڪو لڪت ۾ رڪارڊ نٿو ملي، سو به تڏهن جڏهن اهو اجا ديبل ۽ ساموندي ڪنڌيءَ تي ڪاهن مان نه ڊاپيو هو. ٻيو امڪان اهو آهي ته ڪاهي اچڻ وارا تُرُشڪ (تُرڪ) هجڻ جو مطلب معزالدين غوري جو ڪو ننڍو لشڪر ٿي سگهي ٿو، ڪنهن ننڍي آفيسر جي مهنداريءَ ۾.

سومسيرا پاران ڪِتيڪَنمُوڙي، جلد II، ص. 47-48 تي ڏنل ۽ مجمدار پاران پڻ چَلُوڪياز آف گجرات، ص. 131-133 تي حوالو ڏنل.
مبارڪ شاهي، ص. 6، غوري جي گجرات مٿان ڪاهه ۽ راجا ڀيم ديو جي شڪست جي ڳالهه ڪئي آهي. هيءَ ڳالهه غلط آهي، ڇو ته ڀيم ديو محمود غزنويءَ جو همعصر هو، غوريءَ جو نه. مبارڪ شاهي ڪا همعصر تاريخ ناهي ۽ هن دور لاءِ اها رڳو ٻئين درجي جو ۽ گهٽ ڀاڙڻ جوڳو ذريعو آهي.

**1178ع يا سُتت پوءِ:**

نگرپارڪر جي سومري سردار پِٿُو سمورو ڪڇ فتح ڪيو ۽ پدريسواڙي

جِي. بُهلر، انڊين اسٽڊيز، جلد ا، جَگَڊُوچَرِت، جلد ٧، ص. 3-41 آڌار

وجي پهتو، جنهن کي تباهه ڪيائين ۽ نگرپارڪر موٽي آيو.
پلاند ۾ چلوُڪي راجا ڀيم ديو-ٻئين (1178-1241ع) ڀِتُو جي پويان لشڪر موڪليو، جيڪو پڇي ويو.

پارڪر جي حاڪم جو نالو ڀِٽاديو ڏنو آهي ۽ ٻُهلر انهي کي ڀِتُو مڃي ٿو.
450 سال پوءِ لکڻ وارا تاريخدان سنڌ جو هي دور عمر سومري سان منسوب ڪن ٿا.

**1180/81ع / 576هه:**

عمر سومرو مري ويو ۽ دودو-ٻيون گاديءَ تي ويٺو، جنهن 590هه (1194-1195ع) تائين راڄ ڪيو.
مير معصوم خفيف-ٻئين جي ڳالهه نه ڪئي آهي، پر ان جي بدران هَمُون جي ڳالهه ڪئي اٿس ۽ ساڳئي ذريعي مطابق انهي کان پوءِ گادي ڦَتُوءَ سنڀالي. هي به رڳو ڪو ڏُڪو ئي ٿي سگهي ٿو.

معصومي، ص. 60.
هندستاني ذريعن ۾ نگرپارڪر جو سومرو سردار ڀِتُو يا ڦَتُو اچي ٿو.
تحفت الڪرام، ص. 69 ۽ 486، دودي جي 590هه (1194ع) ۾ مرڻ کان پوءِ ڦَتُوءَ جي حڪومت ۽ ان جي 623هه (1226ع) تائين هلڻ جي ڳالهه آهي.
ٻئي ڦَتُو ڌار ڌار ماڻهو ٿي سگهن ٿا يا هي ڦَتُو نگرپارڪر واري سردار ڦَتُوءَ جو پوٽو ٿي سگهي ٿو.
يونگر-ٻيون دودي-ٻئين کان پوءِ ٿيو. واقعن جي مٿين ترتيب مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته دودي-ٻئين جي حڪومت تڏهن هئي جڏهن غوريءَ اتر سنڌ ۽ ديبل مٿان ڪاهه ڪئي. جيئن ته دودو-ٻيون علاءُالدين جو همعصر نه هو، تنهنڪري سنڌي لوڪ داستان علاءُالدين-دودو جنگ بجاءِ غوري-سومرا جنگ ٿي سگهي ٿو.
دولت علويه هن عرصي دوران دودي جو نالو نه ڏنو آهي، پر اها ته تاريخ جو ڪو هترادو گهڙيل ٽڪرو ليکجي ٿي.

**1181ع / 577هه:**

سلطان شهاب الدين غوري ديبل تي چڙهائي ڪئي ۽ ساموندي ڪنڌيءَ وارا علائقا هٿ ڪرڻ کان پوءِ ڦرلٽ جو وڏو مال گڏ ڪري غزني هليو ويو.

طبقات ناصري، ص. 120-129.
571 ۽ 575هه لاءِ هيءَ ڳالهه معصومي جي تڪراري ڳالهين کان وڌيڪ مناسب آهي. اها رڳو سنڌ ۽ مڪران جي ساموندي ڪنڌين مٿان ڪا منظم ڪاهه ٿي لڳي. داخلا 1175/76ع پڻ ڏسو.

**1182ع / 578هه:**

شيخ الاسلام ذڪريا ملتاني جو جنم.

**1186ع 582هه:**

عُتبي جي ڪتاب اليميني جو جباردِيڪن جي ابوالشَرَف هٿان فارسي ٿيڻ.

ڏسو داخلا 1036ع.

**1193ع:**

تاريخدان مِنهاج سراج جو فيروزڪوهه ۾ جنم. سندس تاريخ 'تاريخ ناصري' 1258ع تائين آهي.

ڏسو داخلا 1258ع.

**1194-1199ع / 590-595هه:**

امام صغاني جي ڏکڻ ايشيا، سنڌ سميت، واري سفرنامي جو لکجڻ. هي ڏکڻ ايشيا ۾ 606 کان 610هه (1209/10 کان 1213ع) ۽ وري 613 کان 615هه (1216/17 کان 1218/19ع) تائين رهيو. خليفي ناظرالدين کيس 616هه (1219/20ع) ۾ التتمش جي دربار ۾ سفير ڪري موڪليو. 650هه (1252/53ع) ۾ مري ويو. پنهنجو ڪتاب "الاَباب الذاخِر واللُباب الفاخِر" لکڻ دوران، جنهن ۾ سنڌ ۽ ديبل جي انهن ساموندي ڦورن جو احوال ڏنو اٿس، جيڪي پناهه عيوض ديبل جي اميرن کي پابنديءَ سان ڏَنُ ڏيندا هئا.

رسالو معارف، نمبر 3، جلد 83، ص. 222.




**پراڻن ۽ انهن جي جاءِ تي هاڻوڪن نالن جي ڏسٽي**

| | |
|---|---|
| المنصوره | بهمڻ آباد / منصوره |
| سدُوسَن | سيوهڻ |
| قندابيل | گنداوا |
| ال-هؤر | الور |
| نيرُون | حيدرآباد (سنڌ) |
| فَربوز | پنجگور |
| الخوز | کِز يا ڪيچ |
| ديبُل | پنيور (کنبر) |
| بلادالمکران | هاڻوڪي قلات ڊويزن |
| سِندان | سنڌڙي يا سِنجان |
| بانيا | ڏهين صديءَ جي وچ تي هبارين جي رهڻ وارو شهر |
| بلادالطبران | تُوران يا اتر قلات ڊويزن |
| ڪِرکان | کنڪان يا قلات ضلعو |
| فالُون يا مالُون | مالوا |
| مَنجارِين | مَنجاباري يا منگهوپير |
| کُوليم | ڪڇ |
| سِنتَن | سيلون |

اتر

نقشو نمبر 34

## 1150ع الشريف الاِدريسي پاران ڏيکاريل سنڌ ۽ ير پاسي وارا علائقا

پئين خِطي جي ستين ياڱي آذار

(بوڊيلين لائبريري، ايم. ايس. گريوز)

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ تهيل



نقشو نمبر 35
1236ع
ڏکڻ ايشيا 1236ع ۾
التتمش جي مرڻ مهل
منگولن جي خاني
خوارزم شاهه جي شاهي
تبت
نيپال
دهلي سلطنت
سومرا دهلي ۽ جا ڏن پريندڙ
گجرات جا چلوڪي
چانديلا
پرمار
يادو
ڪلاچوري
ڪاڪتيا
ڪانگا (اوڙيسا)
بلال
هوسالا
چولا
پنڊيا
فارسي سمنڊ
بنگالي سامونڊي چڪ
اتر
ڪابل
غزني
قندار
پشاور
ملتان
لاهور
دهلي
اجمير
ناگور
بدايون
قنوج
اوڌ
جونپور
بنارس
لکنئو
پٽنا
گوڙ
لکوتي
ڪالنجر
ماهوبا
گواليار
اجين
چتور
انهلواڙو
احمد آباد
ٻروچ
سورت
دولت آباد (ديوگيري)
ٿاڻا
پونا
بيدار
ورنگال
راجا منڊري
ڪٽڪ
پوري
سونار گائون
ست گائون
نادِيا
سُدڪاوان (چٽگانگ)
ڪاڇو
400 350 300 250 200 150 100 50 0
ميل
ڏسٽي
1 پاڪستان ۽ هندستان جا هاڻوڪا صوبائي دنگ
2 دهلي سلطنت جو دنگ
3 ڏن پريندڙ رياستون
4 آزاد بادشاهيون
اوڙيسا

**1194ع / 590هه:**

سومرو پونگر-ڀيون، دودي-ڀهرئين جو پونير، دودي-ڀئين جي مرڻ کان پوءِ انهي جي جاءِ تي سنڌ جو راڄ ڌڻي بڻيو.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486.
تحفت الڪرام ٻڌائي ٿو تہ دودو-ڀيون ڦَتُوءَ (فتح خان) کان پوءِ گاديءَ تي وينو هو.
دولت علويہ دودي-ڀئين جي ڳالھ نٿي ڪري، انهي جي بدران 570-600هه يا 1174-1203/04ع ۾ غياث الدين دائود جي حڪومت ۽ دائود کان پوءِ علاءُالدين خيري گُٽيري پاران گادي سنڀالڻ جي ڳالھ ڪري ٿي.

**1200-1206ع:**

سلطان قطب الدين ايبڪ اَنهلواڙي ۾ ڪنٿ ڪوٽ قلعو هٿ ڪيو. گهٽو ڪري ڪڇ جي سمي حاڪم رائيڌڻ جاڙيجي کان. سوپ پڪ سان ٿوري عرصي لاءِ ٿي هوندي، چو تہ وچولو ۽ الهندو ڪڇ سمن جي هٿن ۾ رهيو ۽ 1210ع ۾ ايبڪ جي مرڻ کان پوءِ قباچہ ۽ التتمش وچ ۾ آپت جي جنگ جي نتيجي ۾ جاڙيجن سمن اپرندو ڪڇ ورائي هٿ ڪيو.

وليمس، ص. 94.

**1200-1229ع:**

ڪُمارپال گجرات تي راڄ ڪيو. سندس سلطنت ۾ ساميرِ، سؤراشٽر ۽ ڪڇ شامل هئا.

مجمدار، چَلوُڪياز آف گجرات، ص. 117.
سلطنت جي پکيڙ جي حوالي سان هي هيمچندر پاران ڪُماراپلاچَرِت يا پراڪرت دِوياسَريا ۾ ڪيل هڪ وڏاءُ آهي تہ سنڌوءَ جي بادشاهہ (سومرو) ڪُماراپِلا ۽ اُوا، وَراٽَسِي، مَگَدَ، گوُدا وغيره جي راجا جي سيوا لاءِ پاڻُ ارپي ڇڏيو، انهي ڏانهن گهوڙا، هاٿي، قيمتي پٿر موڪليائين ۽ ان جي چاڪري ڪيائين. هي سڀ جو سڀ اصل ۾ ڪا تاريخي حقيقت نہ پر اجايو پَڏاءُ آهي، پنهنجي آقائن ڪي خوش ڪرڻ لاءِ، جن جي نوڪريءَ ۾ هيمچندر رهيو. پراڪرت ٻولين جو سندس وياڪرڻ بہ اوتروئي پروسي جوڳو هوندو.

**1203/04ع / 600هه:**

ذڪريا ڪَزويني، عَصر البِلاد وَ اَخبارالعباد (دنيا جي شهرن ۽ بندرگاهن جو احوال) جي ليکڪ، جو جَمر.

ڏسو داخلا 683هه. سنڌ بابت ٽڪرن جو ترجمو ايليَٽ اينڊ ڊائوسن، جلد ا، ۾ ص. 93-99 تي آهي.

**1201ع / 598هه:**

پير شمس الدين سبزواري، اسماعيلي پرچارڪ ۽ مشهور شاعر، سنڌ آيو ۽ ملتان ۾ اڳلا 76 سال 675هه يا 1276ع تائين پنهنجو پرچار ڪندو رهيو. پنهنجي پرچاري شاعري ملتاني ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڪيائين.

غلام علي الانا، سومرن جي دور جي سنڌي شاعري، مهراڻ، نمبر 1 ۽ 2، 1960، ص. 130 ۽ 51.
(هيءَ داخلا 1276ع واري داخلا سان نٿي ٺهڪي - سنڌيڪار).

**1205/06ع / 602هه:**

حسن نظامي تاجُ المعاصر نالي قطب الدين ايبڪ جي تاريخ لکڻ شروع ڪئي. هن ۾ قباچہ جي بکر ۾ مرڻ جو احوال آهي، التتمش جي فوج جي ان تي ڪڙي دوران.

هن سان معصومي، ص. 33-34، جي اها ڳالھ رد ٿي وڃي ٿي تہ محمد شهاب الدين غوري جي جنرل سنڌ ڪي مات ڪيو هو.

**1206ع / 3 شعبان 602هه:**

محمد غوري کي کوکَرَت ديمَڪ نالي هڪ اسماعيليءَ جهلم ضلعي ۾ ماري وڌو. سندس نياڻي محمود پنهنجي مُنهن وارثيءَ جو اعلان ڪري

معصومي، ص. 34.
لين پُول، ص. 294.

چڏيو. ان هوندي بہ سندس ٽن جنرلن قطب الدين، ناصرالدين قباچہ ۽ يَلدُوز ترتيبوار دهلي، سنڌ، ملتان ۽ اُچ ۽ غزنيءَ ۾ آزاد اقتدار سنڀالي ورتو.

راورٽي، ناصري، ص. 403، ٻڌائي ٿو تہ معزالدين جي مرڻ تي غوري خوارزم شاهن جا ڏَنُ پَرُو ٻڌجي ويا، جن غورين جو سمورو علائقو، سنڌوءَ ۽ جهلم تائين، پنهنجي سلطنت ۾ ملائي ڇڏيو هو. انهي دعويٰ ٿي جلال الدين خوارزم شاهہ کي چنگيز خان هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ 1221ع ۾ لاهور ۽ اُچ آندو.

محمود، جنهن فيروزڪوهہ ۾ تخت سنڀاليو، قطب الدين ايبڪ ڏانهن خلعت موڪلي، ڪيس غورين جي ڏکڻ ايشيا ۾ سمورن علائقن جو حاڪم بڻائي ڇڏيو. انهي مطابق ايبڪ ذي الحج 602هہ يا 1204ع ۾ تخت سنڀاليو.

فرشتا، جلد II، ص. 609-610.

قباچہ پنهنجي سهري ايبڪ جي نالي ماتر سلطاني مڃي. ڪڏهن ڪڏهن دهلي ويندو هو ۽ دربار ۾ بہ.

قباچہ ايبڪ جون بہ ڌيئر هڪ ٻئي پٺيان پرڻيو هو. ٽين ڌيءُ بَدايُون جي گورنر التتمش سان پرڻيل هئي.

**1205-1215/16ع / 602-612هہ:**

صدرالدين محمد بن حسن نظامي نِيشاپوري، قطب الدين ايبڪ جي تاريخ تاجُ المَعاصِر لکي.

**1210ع / 607هہ:**

سلطان قطب الدين ايبڪ مري ويو. پٽس آرام شاهہ، نئون سلطان، لِگِڙو حاڪم هو. انهي جو فائدو وٺندي قباچہ اتر سنڌ ۽ ملتان جا ٻيا حصا فتح ڪرڻ کان پوءِ آزاديءَ جو اعلان ڪري ۽ پنهنجا سڪا جاري ڪري ڇڏيا.

فرشتا، جلد II، ص. 609-610.
طبقات ناصري، ص. 56-57.
معصومي، ص. 34 ۽ 532.

تاجُ الدين يَلدُوز، غزنيءَ جي حاڪم، لاهور جو قبضو وٺڻ کان پوءِ قباچہ تي ڪيترپون ئي ڪاهون ڪيون ۽ ملتان ۽ اُچ تي ٿوري عرصي لاءِ قبضو ڪرڻ ۾ سوڀارو بہ ٿيو. سُتت ئي التتمش يلدوز کي شڪست ڏئي قيد ڪيو ۽ ماري ڇڏيو ۽ پاڻ دهليءَ جو سلطان بڻجي ويو. هن سان قباچہ کي پنهنجا قُرابل علائقا موٽائي وٺڻ جو موقعو مليو.

طبقات ناصري ٻڌائي ٿي تہ قباچہ سنڌ ديبل تائين فتح ڪئي. هي ٿي سگهي ٿو درست نہ هجي، ڇو تہ سومرن هي عرصو لاڙ سنڌ تي لاڳيتي حڪومت ڪئي. سومرن رڳو سلطان بَلبَن (1265-1287) آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا. مبارڪ شاهي، ص. 16، سندس سيوهڻ تائين اتر سنڌ فتح ڪرڻ جي تصديق ڪري ٿي.
طبقات اڪبري، ص. 142-143، ٻڌائي ٿي تہ قباچہ ملتان، اُچ، بکر ۽ سِوستان (سيوهڻ) فتح ڪيا. لاڙ سنڌ جو ذڪر ڪونهي.

**1215ع:**

ڪڇ جي حاڪم رائيڌڻ سمي جاڙيجي جو موت، جنهن جو پيءُ سنڌ مان لڏي ويو هو ۽ پنهنجي بادشاهي ناهي هئائين. سندس مرڻ تي بادشاهي دادر، اوتو، گاجان ۽ هوٿو نالي سندس ڇئن پٽن وچ ۾ ورهائجي وئي، جن کي ترتيبوار وَڳَد، لاکيارويرا، باڙا ۽ پُونارِي مليا.

وليمس، ص. 98-99.

**1216ع / 613هہ:**

علي بن حامد بن ابو بکر ڪوفي ڪنهن عربي ڪم کي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهي کي چچنامہ نالو ڏنائين. اهو اتر سنڌ (اُچ ۽ بکر) جي حاڪم ناصرالدين قباچہ جي وزير سردارِ جهان عينُ المُلک حسين کي ارپيو ويو. انهي ئي سال (1216ع) ڪوفي عربن هٿان سنڌ جي فتح بابت مواد گڏ ڪرڻ بکر ۽ الور آيو.

دائودپوٽو، چچنامو، ص. 3.
پروفيسر هارڊِي سمجهي ٿو تہ چچنامي کي ترجمو ڪري ۽ نئين روپ ۾ ڍاليو ويو، دهليءَ جي سلطانن ۽ سندن اميرن کي صلاح ڏيڻ لاءِ تہ هندستان تي حڪومت ڪيئن ڪجي ۽ انهي ڪري اصل عربي نسخي ۾ ڪوڙا سارا واڌارا ۽ ڦيرڦارون ٿيل آهن.
هارڊِي، 'چچناما'. سنڌ ٿرُو دي سينچريز سيمينار، ڪراچي، 1975، ۾ پڙهيل مقالو.

عينُ المُلڪ فَخرُالدولہ وَالدّين، حسين، قباچہ جو وزير، شرفُ المُلڪ جو پٽ هو، جيڪو پڻ قباچہ جو وزير هو.

**1216-1296ع:**

رائيڌڻ جا پهريان ٽي پٽ، جن کي الهندي ڪڇ ۾ ٽيرا ويجهو لاکياروِيرا ۽ باڙا جي چوڌاري وَڳَڊ (ڳادي ڪنٺ ڪوٽ ۾) جا علائقا مليا هئا، ۽ انهن جا پونيَر پنهنجي مُنهن آزاديءَ سان راڄ ڪري رهيا هئا. پر پاڻ ۾ هڪ ٻئي کائيَن (سنڌ جي برادري جيڪا ڪڇ لڏي وئي هئي) کي ڏِکي ڪڍيائون، ان علائقي ڏانهن جيڪو هاڻ انهن جي نالي سان کانياواڙ سڏجي ٿو. سندس ٻي زال مان چوٿون پٽ هوتو، جنهن کي پُوناري ويجهو ٻارهن ڳوٺ مليا هئا، حاڪم مان گهٽجي وڏو زميندار ٿي ويو. دادر، اوني ۽ ڳاجان جي پونيرن 1510ع تائين راڄ ڪيو، تڏهن ڪنگهار، اوني جي اولاد مان، سموري ڪڇ کي مات ڪري نئين راڄ گهراڻي جي ابتدا ڪئي.

وليمس، ص. 100-114.

**1217/18ع / 614هـ:**

ملتان، اُچ ۽ اتر سنڌ جي حاڪم ناصرالدين قباچہ لاهور ۽ هاڻوڪي خيبر پختونخوا تي قبضو ڪيو، پر سُتت ئي التتمش هٿان شڪست کاڌائين ۽ پوئتي ملتان موٽيو. لاهور ۽ خيبر پختونخوا تاجُ الدين يَلدُوز جي هٿ هيٺ هئا، جنهن کي التتمش 1210/11ع (607هـ) ۾ شڪست ڏئي ۽ بدايون ۾ قيد ڪيو، جتي مري ويو.

فرشتا، جلد II، ص. 609-610.

راورٽي ٻڌائي ٿو تہ قباچہ ملتان، اتر سنڌ، بکر، سِوستان ۽ اتر ايرندي پاسي سرسوتي ۽ خُرام تائين وارا علائقا هٿ ڪري ورتا هئا. اُچ کي پنهنجي ڳاديءَ جو هنڌ بڻايو هئائين، ملتان کان وڌيڪ محفوظ ٿيڻ لاءِ.

طبقات ناصري، ص. 529 ۽ 532.

مبارڪ شاهي، ص. 16، قباچہ پاران سنڌ سيوهڻ تائين فتح ڪرڻ جي تصديق ڪري ٿي، پر لاڙ سنڌ جي نہ.

راورٽي وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ اڳتي هلي قباچہ پنهنجي حاڪميت ديبل ۽ ساموندي ڪنڌيءَ تائين وڌائي. پر ان ڳالهہ کي اها حقيقت رد ڪري ٿي تہ جڏهن 1221ع ۾ خوارزم شاهہ ديبل تي حملو ڪيو تہ اتي چنيسر سومري پئي حڪومت ڪئي.

يحيٰ سرهندي ٻڌائي ٿو تہ قطب الدين جي مرڻ تي قباچہ ملتان، اُچ ۽ بکر تي قبضو ڪيو.

مبارڪ شاهي، ص. 16.

هن مان پڌرو ٿئي ٿو تہ لاڙ سنڌ کي محمد غوري توڙي قطب الدين ايبڪ ڪنهن بہ مات نہ ڪيو هو.

**1221ع / 618هـ:**

جلال الدين خوارزم شاهہ چنگيز خان هٿان سنڌوءَ جي ساجي ڪپ تي شڪست کائي درياءَ ٽپيو ۽ التتمش ۽ قباچہ کان مدد گهريائين، جن ٻنهي جواب ڏنس. لاهور پهتو، پنهنجي چڙوچڙ ٿي ويل فوجين مان 10،000 گڏ ڪيائين، لوٽ ڪاٽين وارن کوکرن کي شڪست ڏئي ۽ انهن جي حاڪم راءِ کوکر سنگين، قباچہ جي دشمن، جي ڌيءَ سان پرڻو ڪيائين ۽ 7،000 فوجي قباچہ جي پنيان موڪليائين، جنهن کي اُچ ويجهو شڪست ڏئي ۽ پڇي بکر قلعي ۾ بناهہ ورتائين. جلال الدين جو جنرل اُزبڪ طائي، جنهن قباچہ جي 20،000 فوجين کي اُچ ويجهو شڪست ڏني هئي، ڪيمپ تي پهتو ۽

فرشتا، جلد II، ص. 604-605 ۽ 614.

راورٽي، طبقات ناصري، جلد I، ص. 294.

تاريخ جهان گُشا جُويني، جلد II، ص. 146-148 ۽ 143.

ديبل بابت چيل ڳالهہ غلط آهي. مسجد عربن نهرائي هئي ۽ شهر کي ساڙيو جلال الدين خوارزم شاهہ هو.

تحفت الڪرام قُتُوءَ جي حڪومت 590 کان 623هـ (1194-1226ع) تائين ٻڌائي ٿو، جيڪو جُويني جي ان بيان ليکي غلط آهي تہ انوقت سنڌ تي چنيسر پئي راڄ ڪيو.

قباچہ جا ڪجھ سپاهي ٻڏائين. قباچہ ملتان پڄي ويو. تيستائين شاھ پاڻ بہ پهتو ۽ اُچ ويجهو ڪيمپ هنيائين ۽ قباچہ ڏي ماڻهو موڪليائين تہ ملڪ امين جو پٽ ۽ ڌيءُ موٽائي ڏي، جيڪي چنگيز سان سنڌوءَ تي لڳل جنگ مان پڄي آيا هئا. اهي موٽايا ويا ۽ عرض ڪيو ويو تہ شاھ ٻهراڙيون تباھ نہ ڪري. اڳتي هلي قباچہ پاران ڏنُ نہ ڏيڻ تي خوارزم شاھ اُچ تي حملو ڪيو ۽ ان کي باھ ڏئي ساڙيائين. سيوهڻ تي پڻ حملو ڪيائين. اتان جي گورنر فخر سالاري آڻ مڃي ۽ ناھ لاءِ منٿ ڪئي، جيڪا مڃي وئي. شاھ پوءِ ديبل ۽ ڏرميلي ڏانهن هليو. لاڙ سنڌ جو حاڪم چنيسر ٻيڙيءَ تي چڙهي سمنڊ ۾ ڀڄي ويو. شاھ ديبل ۾ مندر جي جاءِ مٿان مسجد ٺهرائي. سندس جنرل خاصي خان نَهروَالا تي حملو ڪيو ۽ ڪيترائي اٺ پڪڙيائين. مهم دوران سنڌ جي گهٽي ڀاڱي شهرن ۽ ٻهراڙين کي ساڙيو ويو.

دولت علويہ ٻڏائي تي تہ انوقت سنڌ تي گُٽيري پئي راڄ ڪيو. پر جُويني جي روايت وڌيڪ ڀروسي جوڳي آهي. تنهنڪري تحفت الڪرام، دولت علويہ ۽ معصومي جي واقعن جي ترتيب ڀروسي جوڳي نٿي لڳي.

راورٽي، ناصري، ص. 290، چوي ٿو تہ جلال الدين، چنگيز سان نہ پڄي سگهيو تہ پنجاب ۽ سنڌ ڏانهن وريو. چاڪاڻ تہ شهاب الدين غوري جي قبضي هيٺ علائقا پنهنجي سلطنت ۾ ڳڏائي چڏڻ ناتي هنن علائقن تي پنهنجي دعويٰ تي رکيائين.

### 1222-1223ع / 619-620ھ:

سلطان جلال الدين خوارزم شاھ مَنگبَرني کي ايران ۾ گهڙڻ کان روڪڻ لاءِ چنگيز خان پنهنجي پٽ اُڪتائي کي غور موڪليو. انهي فيروزڪوھ ۽ غزني جي وچ تي ڪيمپ هنئي ۽ لشڪر جون ٽوليون ڪِچ (مڪران) ۽ سنڌ ڏانهن، انهن ملڪن کي ڦِٽائي ناس ڪرڻ لاءِ موڪليائين.

اُڪتائي کي جلال الدين هٿ نہ آيو، جو اهو 621ھ (1224ع) ۾ سنڌ مان هليو ويو، سو پاڻ سنڌوءَ جي ماٿريءَ مان ٽيندوغزني موٽي ويو (مڪران کان لاڙ سنڌ ۽ اتان پوءِ اتر سنڌ ۽ بولان لڪ رستي غزني).

تفصيل موجود ناهن، پر اها پڪ آهي تہ جلال الدين ۽ ان جي پويان لڳل اُڪتائي هٿان سنڌ جي شهرن منجهان گهڻا ضرور اجڙيا هوندا.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 1073-1075.

خوارزم شاھ گهراڻي ايران تي 490 کان 628ھ تائين (1097-1231ع) حڪومت ڪئي.

### 1223-1224ع:

ٻارهين ۽ تيرهين صدين جي زوراٺتن وڳوڙن ڀنڀور (ديبل) شهر جو اوچتو انت آندو. (شهر کي سچ پچ خوارزم شاھ 1223/24ع ۾ گهيٽي گهيٽيءَ ۾ تيل سخت ويڙھ کان پوءِ باھ ڏئي ساڙيو، جيئن آثار پارڪن پاران کيل کوٽائيءَ مان پڌرو ٿيو آهي).

ايف. اي. خان، ڀنڀور ايڪسڪيويشن، 1963.

### 1224ع:

جلال الدين خوارزم شاھ ديبل کي ڦِٽائي ڪرمان هليو ويو.

جلال الدين ڪرمان وڃڻ کان اڳ پاري نگر ۽ اتر گجرات جي ڪجھ علائقن کي بہ اجاڙيو: اهڙي ريت عراق تائين پهچڻ ۽ اتي ورائي پير ڄمائڻ جيترو مال گڏ ڪري ورتائين.

خوارزم شاھ، جنهن سنڌ کان عراق وڃڻ لاءِ مڪران وارو دڳ ورتو، اتي پهتو وڃي، پر جيئن ڪانئس اڳ سڪندر سان ٿيو هو، هن بہ خراب موسم ۽ پاڻيءَ جي کوٽ سبب پنهنجي ساٿين جو وڏو انگ وڃايو.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 539-540.

جُويني، تاريخ جهان گُشا، جلد II، ص. 140.

هائووَرٿ، هسٽري آف منگولس، جلد I، ص. 90.

نِساوِي، سيرتِ جلال الدين منگبرني، ايڊٽ شيفر، ص. 83-84.

طبقات ناصري، ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ص. 144.

پاري نگر لاءِ ڏسو داخلا 1226ع.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 295.

### 1224-1226ع:

ديبل کان مڪران رستي هليو وڃڻ کان پوءِ خوارزم شاھ منگبرني پنهنجا

نِساوِي، سيرتِ جلال الدين منگبرني، ايڊٽ شيفر، ص. 83-84.

۽ آفيسر حسن قُرلَغ ۽ اُزبڪ پائي پوئتي ڇڏيا. جيڪي اوله پاسي کان منگولن هٿان لڳاتار سخت سوڙهه ٿيڻ ڪري وچولي سنڌ (سيوهڻ وارا علائقا) تي اچي پيا.

حبيب الله، فائونڊيشن آف مسلم رُول ان انڊيا، ص. 191-197.
طبقات ناصري، ص. 171 ۽ 293.

**1224/25ع / 621ھ:**

يوناني ماءُ پيءُ جائي ياقوت حماوي مُجمع البلدان (جاگرافيءَ جي انسائيڪلوپيڊيا) لکيو. 1179ع ۾ ايرندي رومي سلطنت ۾ ڄاول هي شخص ڪنهن جنگ ۾ قيد ٿيو هو ۽ بغداد ۾ وڪاڻو هو. هيءَ انسائيڪلوپيڊيا مَرِو ۾ لکيائين، پيار ۾ ناڪاميءَ کان پوءِ. ڪتاب ۾ سنڌ بابت ڄاڻ آهي. 1229ع ۾ مري ويو.

**1225ع / 622ھ:**

سيد عثمان مَرَندي قلندر شهباز ملتان ۾ آيو.

تحفت الڪرام (سنڌي)، ص. 249. جيڪڏهن هي سيد جلال الدين مخدوم جهانيان اُچ واري جو سنگتي هو، جيڪو فيروز تغلق جي ڏينهن ۾ ٿيو75 سال کن پوءِ ، ته پوءِ هنن ڏينهن ۾ ملتان نه آيو هوندو. ڪيئن به، پر برني سندس 1265ع کان پوءِ ملتان ۾ هجڻ جي تصديق ڪئي آهي، تنهنڪري مخدوم جهانيان جو سنگتي نٿو ٿي سگهي. داخلا 1165/66ع پڻ ڏسو.

**1225-1293ع:**

جُويني، ليڪڪ ۽ قاتلن جي جنت المُوت جو انهي جي 1256ع ۾ هلاڪو جي هٿن ۾ وڃڻ کان وٺي گورنر، جيئرو هو ۽ دنيا جي فاتحن جي تاريخ (تاريخ جهان گُشائي جُويني) لکيائين. هن ۾ خوارزم شاهه جي شڪست، سنڌ ڏانهن ڀاڄ، چنيسر سومري جو ٽرٽلي پوڻ ۽ شاهه پاران ديبل ڪي قُرڻ قِٽائڻ جو احوال آهي. هيءَ اسماعيلي شيعن، فاطمين ۽ ڏهڪاءُ پکيڙيندڙ قاتلن تي پڻ روشني وجهي ٿي.

هي ڪم رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، لنڊن پاران ٽن جلدن ۾ 1912، 1916 ۽ 1936 ۾ ڇپايو ويو آهي. هن جو بوئيل پاران ڪيل انگريزي ترجمو پڻ لنڊن مان ڇپيو آهي.

**1226ع / 623ھ:**

ڀونگر-ڀيون سومرو مري ويو ۽ گُٽيرو گاديءَ تي ويٺو. هي دودي-ڀهرئين جي اولاد مان هو.
جُويني هن عرصي ۾ حاڪم جو نالو چنيسر (چَنِيتَر) ڏنو آهي ۽ هي وڌيڪ ڀروسي جهڙو بيان آهي. اتفاق سان جُويني پاڻ به 1226ع يا 623ھ ۾ ڄائو هو.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486.
تحفت الڪرام قَتُوءَ (گهٽو ڪري فتح خان) جي حڪومت 1194 کان 1226ع تائين ٻڌائي ٿو. ٻئي ذريعا متفق آهن ته پوءِ گادي سنڀالڻ وارو گُٽيرو هو.
جهان گُشائي جُويني، جلد II، ص. 146-148.
جُويني جو بوئيل وارو ترجمو، ص. 416 ۽ سندس زندگيءَ لاءِ جلد I، ص. xxiii. ڏسو داخلا 1221ع.

**1226/27ع / 623ھ:**

خِلجي قبيلن خلجيءَ واري ملڪ خان جي مهنداريءَ ۾ سيوهڻ ۾ پناهه ورتي. هي خِلجي تُرڪ هئا، جيڪي خوارزم رياست جي صوبي غزنيءَ ۾ آباد هئا ۽ انهي جي منگولن جي هٿ چڙهڻ کان پوءِ ڀڄي پناهه لاءِ سنڌ ڏانهن آيا هئا، جتي سندن سلطان خوارزم شاهه ڪجهه مهينا گذاريا هئا. هي بولان لڪ رستي سِوستان سرڪار پهتا هئا.

طبقات ناصري، ص. 143.
راورٽي، افغانستان، ص. 573-574.
فرشتا ٻڌائي ٿو ته التتمش هنن خلجين جي مدد سان قباچه ڪي شڪست ڏني هئي.

**1226ع / 623ھ:**

ملڪ خانان خِلجي، خوارزم شاهه جي جنرلن منجهان هڪ، سِوستان

معصومي، ص. 35.

(سيوهڻ) پر ڪٽي تي قبضو ڪيو. ناصرالدين قباچہ ساڻس جنگ ڪئي، جنهن ۾ ملڪ مارجي ويو، پر جيڪي خلجي بچيا سي دهليءَ پڄي ويا ۽ قباچہ جي ويري التتمش وٽ وڃي پناھ ورتائون. التتمش خلجين جي بهاني سان قباچہ کي ڏنُ ڀري ڏيڻ لاءِ چيو، جنهن جي نہ ڀرڻ تي التتمش 1228ع ۾ قباچہ تي حملو ڪيو.

طبقات ناصري، ص. 56-57.
راورٽي، طبقات ناصري، جلد I، ص. 539.
هي ملڪ خِلجي خان خلجي بہ سڏجي ٿو.

**1226ع:**
پاري نگر جو قِنٽڻ (512 ق-م ۾ آباد ٿيو).

سوپراج، JSHS، جلد V، ص. 136، سمجهي ٿو تہ هن کي دهليءَ جي فوج ڦِٽايو هو. هن جي 1223/24ع ۾ خوارزم شاھ هٿان قِنٽڻ جو سگهارو امڪان آهي، جنهن دولت گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌ ۽ ڪانياواڙ جي ساموندي ڪنڌين وارن علائقن ۾ ڦرلٽ ڪئي هئي.
هي تي سگهي ٿو تہ انهي وقت ڏاري هاڪڙي جي سُڪي وڃڻ سبب هيٺو تي ويو هجي. دهليءَ جي فوج انهي وقت تائين لاڙ سنڌ ۾ نہ پهتي آهي، جيئن ايم. ايڇ. پنهور گرائونڊ واٽر، ص. 35، ۾ ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي.

**1228ع / ربيع الثاني 625ھ:**
جلال الدين خوارزم شاھ ۽ انهي جي پنيان اُڪتائي جي سنڌ ۾ مُهمن ۽ شهرن ۽ ٻهراڙين کي ساڙڻ، قباچہ جي پنهنجي علائقن تي پڪڙ ڍري ڪري وڌي. التتمش، قباچہ جي قبضي هيٺ علائقن تي ڪاھ ڪئي. قباچہ سمورو ڌن دولت پنهنجي وزير عينُ المُلڪ جي نگرانيءَ ۾ اُچ کان بکر قلعي ڏانهن نِيو. التتمش اُچ تي قبضو ڪيو ۽ پنهنجي وزير نظامُ المُلڪ محمد بن اسد کي بکر قلعي تي ڪڙو چاڙهڻ لاءِ موڪليائين، جتي قباچہ پناھ ورتيو وينو هو. نظام الملڪ جي پهچڻ تي قباچہ 22 جمادي الاول تي بکر قلعي تان سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو. نظام الملڪ قباچہ جو سمورو ڌن دولت التتمش ڏانهن اُماڻيو ۽ پنهنجي نائب کي رهتو سنڌ ديبل تائين مات ڪرڻ لاءِ موڪليائين. قباچہ اتر سنڌ تي 22 سال راڄ ڪيو.
راورٽي لکي ٿو تہ مَلِڪ سَنانُ الدين حباش (چنيسر)، جنهن انوقت سنڌ (لاڙ) ۽ ديبل تي حڪومت پئي ڪئي، التتمش جو ڏنُ ڀَرُو ٿي رهڻ قبوليو. دائودپوٽي مطابق چنيسر نظام الملڪ جنيدي سان گڏ دهليءَ ويو. هي پهريون ڀيرو آهي جو لاڙ سنڌ جا سومرا دهليءَ جا ڏنُ ڀَرُو بڻيا.
دولت علويہ مطابق سيف الدين طائي سومرو 619 کان 638ھ (1222-1241ع) تائين سنڌ جو حاڪم هو، جيڪو غلط ٿو ڏسجي.
تحفت الڪرام ٻڌائي ٿو تہ 623 کان 639ھ تائين سنڌ جو حاڪم گُٽيرو هو. پڇاڙڪا بہ ذريعا پروسي جو ڳا ناهن.

طبقات ناصري، ص. 84.
فرشتا، جلد II، ص. 614.

معصومي، ص. 634، سال 624ھ ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 123.
دائودپوٽو، 'ڊارڪ پيريڊ ان هسٽري آف سنڌ'، پاڪستان هسٽاريڪل ڪانفرنس، پشاور، 1953.
تحفت الڪرام، ص. 95-96 ۽ 484-486.
تاج المعاصر ٻڌائي ٿي تہ سيوهڻ ۽ لَڪ (لَڪِي ؟) ۽ سمنڊ جي وچ تي 12 مضبوط قلعا، جن تي ڪڏهن بہ قبضو نہ ٿيو هو (قباچہ ۽ غوريءَ پاران) قبضي ۾ ڪيا ويا. هن مان ثابت ٿئي ٿو سومرا هن وقت تائين بلڪل آزاد هئا.

**مئي 1228ع / 19 جمادي الثاني 625ھ:**
سنڌ جو حاڪم سنان الدين چنيسر پنهنجي سِر پاڻ التتمش جي دربار ۾ حاضري ڏيندو هو.
ڪزلاق خان کي اُچ گورنريءَ ۾ ڏنو ويو هو، 629ھ (1232/33ع) ۾ سندس مرڻ تائين. سندس مرڻ کان پوءِ سيف الدين ايبڪ 629ھ ۾ اُچ جو گورنر مقرر ٿيو.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 123.

طبقات ناصري، ص. 237.

سنڌ تي پڪ سان سومرا راڄ ڪندا رهيا، تي سگهي ٿو ڪجهه ڏنُ پريندا هجن. طبقات ناصري سنڌ جي راڄ ڌڻيءَ جو نالوجَنيسر (چنيسر) بدران جشن ڏنو آهي.

التتمش جي قباچه خلاف مهمن جي سنہ وار ترتيب هنريت آهي:

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 610-615.

1. 1 ربيع الاول 625هه (1227ع) تي التتمش اُچ قلعي جي پٽين وٽ پهتو.
2. 28 جمادي الاول 625هه اڳاري تي اُچ آڻ مڃي.
3. 22 جمادي الاول تي قباچه آپگهات ڪيو.

**نومبر 1228ع / 625هه پڇاڙي:**

بکر ۽ سنڌ جي فتح کان پوءِ التتمش ملڪ ڪزلاق خان کي اُچ ۽ پر پاسي جو گورنر مقرر ڪيو. لاڑ سنڌ چنيسر سومري جي حاڪميءَ هيٺ رهي. التتمش، وزير عين الملڪ حسيني کي معافي ڏئي ۽ پنهنجي پٽ رکن الدين فيروز جو بدايون ۾ وزير بڻائي ڇڏيو.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 232-233.

**1228ع / 625هه:**

التتمش جي جنرل جنيدي لاڑ سنڌ تي حملو ڪيو، جيڪا انوقت تائين آزاد رهندي پئي آئي، پر خوارزم شاهه ۽ اُڪتائي جي مهمن نهوڙي وڌو هئس. ملڪ سنان الدين چنيسر سومري جنيديءَ آڏو آڻ مڃي، دهليءَ جي سلطان جو ڏَنُ يَرُو ڀٽيو ۽ پنهنجا علائقا پاڻ وٽ رکڻ جي اجازت مليس.

طبقات ناصري، ص. 123.

تحفت الڪرام، ص. 95-96 ۽ 484-486، گُٽيري جي حڪومت 623 کان 639هه (1226-1242ع) تائين ڏني آهي ۽ دولت علويہ سيف الدين طائي جي حڪومت 619 کان 638هه (1222-1241/42ع) تائين ڏني آهي. هي ٻئي ذريعا غلط آهن.

**1228ع / 625هه:**

التتمش پنهنجي وزير، هاڻ اُچ ۽ اتر سنڌ جي گورنر (ممڪنن طور سيوهڻ تائين) کي گادي اُچ کان بکر لڏائڻ جو حڪم ڏنو، جيڪو وڌيڪ مرڪزي جاءِ هو.

**1228ع:**

نورالدين محمد عُوفي، تاريخدان، سلطان شمس الدين التتمش جي ڏينهن ۾ (1210-1236ع) جامعُ الحِڪايات لکي. هن ۾ قباچه جي 1228ع ۾ بکر قلعي تان سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪرڻ جو سربستو احوال آهي ۽ ٻين تاريخدانن پاران پيدا ڪيل سڀ پولا ختم ڪري ڇڏيا اٿس، ڇاڪاڻ تہ هي پنهنجي سِر پاڻ انوقت بکر ۾ موجود هو.

**1228ع:**

سيد محمد مڪي بکري بکر پهتو.

**1229ع:**

سمعاني مري ويو، جنهن ڪتاب الانصاب لکيو، جنهن ۾ سنڌ ۽ ديبل جو احوال ڏنو اٿس. هي 1179ع ۾ ڄائو هو.

**1229ع / 626هه:**

ياقوت حماوي، جاگرافيائي ڪم مجمع البلدان جو ليکڪ، جنهن جي جلدن IV، VIII ۽ IX ۾ سنڌ بابت حوالا آهن، مري ويو.

هي نسخو قاهرا مان 1324هه (1906/07ع) ۾ ڇپيو هو.

**1229/30ع / 627ھ:**

عباسي خليفي مستنصر وٽان خلعت دهليءَ پهتي. ان موقعي تي جشن ملهائڻ لاءِ سينگاريل دروازا ۽ محراب ڪڙا ڪيا ويا.

مبارڪ شاهي، ص. 19. محمد تغلق جشن وارو خيال هن موقعي تان ورتو.

**1230/31ع / 628ھ:**

ابن عاصر پنهنجي تاريخ ڪتاب الڪامل في التاريخ پوري ڪئي.

اصل عربي نسخو لنڊن مان ڇپيو آهي ۽ انهي جو فارسي ترجمو تهران مان. قاهرا وار ڇاپو 1301ھ ۾ ڇپيو هو.
ڪتاب رائل ايشيائڪ سوسائٽي، لنڊن پاران گِب ميموريل سيريز (گِب يادگار سلسلو) ۾ ڇاپيو ويو آهي.

**1230-1398ع:**

1230ع کان 1398ع جي وچ تي منگولن جون چڙهايون. گهٽي ڀاڱي سالن ۾ چڙهايون خيبر لڪ رستي نہ پر بولان ۽ گومل لڪن رستي ٿيون. تنهنڪري ملتان ۽ اُچ تي سڌا حملا ٿيا. اڳتي هلي خيبر لڪ رستي اچڻ لڳا ۽ لاهور تي ڪاهون ڪيائون. ڪو سال اهڙو نہ گذريو جڏهن نہ آيا هجن ۽ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڦُرلٽ نہ ڪئي هجين.
هن صورتحال دهليءَ جي اُچ واري سرحدي چوڪيءَ ڪي جو ڪائنتو ٻٽائي ڇڏيو ۽ دهلي سلطنت جو اُچ پر ڳٽي ڪان ڏکڻ پاسي وڏيڪ پکڙجڻ روڪي ڇڏيائين. نتيجي ۾ سومرا بنا ڪَشَٽ سچ پچ آزاديءَ سان راڄ ڪندا رهيا، سواءِ التتمش ۽ بلبن ۽ ممڪن آهي علاءُالدين جي دورن دوران ٿورن وقتن جي، جڏهن سومرن ڪان ڏَنُ اوڳاڙيو ويو.

برني، ص. 50-51.
طبقات ناصري لفظ مونگول ڪتب آندو آهي. برني (ص. 532-536) ڪين مُغُل سڏيو آهي، معنيٰ چنگيزي نسل جو ميرو گندو ويڙهاڪ.
طبقات اڪبري مَغُل لفظ چونڊيو آهي ۽ مُغُل اصطلاح رد ڪيو آهي (جلد ا، ص. 225).
بدايوني (جلد ا، ص. 243) مَغُل ۽ مُغُل ٻئي لفظ ڪتب آندا.
منگولن هونئن تہ هر سال چڙهايون ڪيون، پر تڏهن بہ وڏيڪ اهم چڙهايون سال 1221، 1241، 1246، 1260، 1291، 1298، 1304، 1317، 1341، 1358، 1396، 1429، 1520 ۽ 1524ع ۾ ٿيون. هڙئي حملا پنجاب تي ٿيا، جيڪو نتيجي طور، قلعي بند فوجي ڇانوٽين کي ڇڏي، ويران ٿي ويو.

**1231-1233ع / 629ھ:**

ملڪ تاج الدين سَنگر يا ملڪ ڪزلاق خان، اُچ جو گورنر، مري ويو. التتمش، سيف الدين ايبڪ کي نئون گورنر مقرر ڪيو.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 617-618 ۽ 727-728.

**1232/33ع / 630ھ:**

انوقت جي اتر سنڌ جي گورنر نظام الملڪ کي پوئتي گهرايو ويو ۽ نورالدين محمود کي نئون گورنر لڳايو ويو.

**1234ع / 630ھ:**

ابن عاصر، ڪتاب الڪامل في التاريخ جو ليکڪ، 74 سالن جي ڄمار ۾ مري ويو.

**1235/36ع / 633ھ:**

سنڌ جي گورنر نظام المڪ سنڌ (اتر سنڌ سيوهڻ تائين، ڇاڪاڻ تہ لاڑ سنڌ سومرن جي هٿن ۾ هئي) کي عام رواجي حالت ۾ آڻي انتظام نورالدين محمد جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ دهلي موٽي ويو.

معصومي، ص. 36.
برني، ص. 50-51.

**اپريل 1236ع / سومر، 26 شعبان 633ھ:**

التتمش مري ويو ۽ پٽس رڪن الدين فيروز شاھ نئون سلطان ٻٽيو، پر بد انتظاميءَ سبب تخت ڇڏڻو پيس ۽ سندس جاءِ ڀيڻس رضيہ سلطانہ سنڀالي.
التتمش غلام گهراڻي جي بادشاهن مان سڀ ڪان مٿاهون هو. ديبل ۽ سنڌ

معصومي، ص. 36، سندس تخت سنڀالڻ جي تاريخ 26 شعبان 633ھ ڏني آهي. مبارڪ شاهي، ص. 23، رضيہ سلطانہ جي تخت سنڀالڻ جي تاريخ 18 ربيع الاول 634ھ ۽ سلطان معزالدين جي تخت سنڀالڻ جي تاريخ 8 رمضان

جي سامونڊي ڪنڌين کي ٿورو اڳ شهاب الدين غوري لتاڙيو هو، پر انهن مٿان اختيار ڪڏهن نہ رکيو. سومرا لاڙ سنڌ ۾ التتمش پاران ڪين ڏُنُ پَرُو ٺاهڻ تائين سچ پچ آزاد هئا.

637ھ ڏني آهي.

**1235-1295ع:**

پيمر-ہئين ۽ ترِيپَوَنپال جي حڪومت. پيمر-ہئين جي دور ۾ ڪڇ تي پارا (نگرپارڪر) جي پِتاديو چڙهائي ڪئي، جنهن سڄو ملڪ تباهہ ڪيو، ٿوري وقت لاءِ پَدريوَار تي قبضو ڪيائين ۽ سنڌ موٽڻ ڪان پهريان انهي جون عالم پناهون ڊاٿائين.

مجمدار، چَلوُڪياز آف گجرات، ص. 160 ۽ 462-463.
ڀُهلر پِتاديو کي سومرو سردار پِتُو، پَتُو يا وڌيڪ ويجهو ڦَتُو ڪري سڃاتو آهي ۽ پارا کي پارڪر ڪري سڃاتو ويو آهي.

پَدريوَار جي جَڳَد نالي هڪ واپاريءَ اَنهلپاٽڪ جي لَوَناپراسدا جي چَلوُڪي راجا کي دانهن ڏني، جنهن جَڳَد جي اڳواڻيءَ ۾ لشڪر موڪليو ۽ پِتاديو کي شڪست ڏني.

ڪجھ ماهر چون ٿا تہ هيءَ جلال الدين خوارزم شاهہ واري چڙهائي هئي، پر اهو اڻ ٽيڙو آهي، ڇو تہ اها 1224ع ۾ پيمر-ہئين کان اڳي ٿي هئي.

**1236ع:**

سنڌ جي گورنرن (اُچ ۽ ممڪن آهي سيوهڻ) رضا خوشيءَ سان راڻي رضيہ جي بيعت ڪئي.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، ص. 58.

پڪ ناهي تہ لاڙ سنڌ جي سومرن بہ انوقت بيعت ڪئي، پر جيڪڏهن ڪئي بہ هوندائون، تڏهن بہ 1239ع ۾ اياز جي بغاوت کان پوءِ پڪ سان آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو هوندائون.

راورٽي، ناصري، ص. 641.

**جمع، 5 مارچ 1237ع:**

نورالدين نالي هڪڙي ترڪ جي پرچار جي اثر ۾ اچي اسماعيلي، گهٽي پاڳي سنڌ ۽ گجرات جا، ۽ گنگا ۽ جمنا جي ڪنڌين جا پڻ، دهليءَ ۾ گڏ ٿيا ۽ جمع نماز جي هڪ ميڙ تي ڪڙڪي پيا. ڪيترائي سنڌن تلوارن جو ڪاج ٿيا ۽ ٻيا بچي نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارن جي پيھ ۾ مئا.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، ص. 59.
طبقات ناصري، ڪولڪتو، ص. 116 ۽ 189.

انهي دوران ترڪ اميرن پنهنجا لشڪر گڏ ڪيا ۽ پنهنجي مذهب ياٺِن مان گهڻن جي مدد ڪيائون، جيڪي مسجد جي ڇت تي چڙهي ويا هئا. ان ڪان پوءِ رڳو اسماعيلي پئي ڪُنا، آخري ماڻهوءَ تائين.

سنڌ جا سومرا اسماعيلي هئا ۽ سنڌين جو هن قسم جي ڏهڪاءُ پکيڙيندڙ هلچل ۾ شريڪ ٿيڻ پڌرو ڪري ٿو تہ سومرن انهن کي تيار ڪيو هوندو ۽ التتمش جي مرڻ ڪان پوءِ دهليءَ جي اطاعت ڇڏي ڏني هونداٿون.

**1239ع / 637ھ:**

رضيہ سلطانہ ڪبير خان اياز کي لاهور جي والِيَ تان لاهي ڇڏيو، جڏهن اهو ملتان ۾ هو. انهي آزاديءَ جو اعلان ڪيو ۽ علائقا اُچ تائين وڌايائين، جن تي 1241/42 ۾ مرڻ تائين آزاد راڄ ڪيائين ۽ پوءِ گادي پٽس سنڀالي.

راورٽي، ناصري، ص. 657 ۽ 668.

تاج الدين ابوبڪر سنڌ (گهٽو ڪري اُچ ۽ بکر) کي 639ھ يا 1241/42ع ۾ پنهنجي اختيار هيٺ آندو ۽ ڪيترائي ڀيرا ملتان تي حملا ڪيائين. اُچ کي دهلي سلطنت تاج الدين جي 643ھ ۾ مرڻ ڪان پوءِ تائين بہ مات نہ ڪري سگهي. انهي 25 سال پوءِ بلبن آڏو آڻ مڃي.



.104 پٿر ڪوري ٺاهيل ديوي، گهٽو ڪري پهرين صدي عيسوي جي.
(سنڌ عجائب گهر، حيدرآباد جي ٿورن سان).



.105 i. يارهين کان تيرهين صدي عيسوي:
ٺريءَ مان هٿ آيل پِتل جو مورتيون ٺاهڻ جو سانچو.



.105 ii. ٺريءَ مان هٿ آيل هڪڙو ٻيو سانچو.



106. يارهين کان چوڏهين صدي:
مٽيءَ جي چوڪين سرن تي گلن جا جاميٽريائي چِٽَ.
چٽ آلين سرن تي ڪنهن تکي اوزار سان ڪوربا هَئا
۽ انهن جي وچ تي هڪجهڙا گل ٺپبا هئا. هي سرون
ڇتين ۽ ڀتين ۾، ۽ گهٽو ڪري فرشن ۾ به استعمال
ٿينديون هيون. ٿي سگهي ٿو ته اهي ڏرمي توڙي اڻ
ڏرمي ٻنهي مقصدن لاءِ استعمال ٿينديون هجن.



107. ( i) 15-16 صدي: پير پٺي ۾ قبر جي پٿر تي اُڪر، جنهن ۾ هڪ
گهوڙيسوار ۽ پيادو ترار، ڍال، ڪماڻ ۽ تيرن سان هٿياربند ڏيکاريل آهن.



107.(ii) 15-16 صدي: پير پٺي ۾ قبر جي پٿر تي اُڪر،
جنهن ۾ ترارن، ڍالن ۽ تيرن سان هٿياربند ٽي
گهوڙيسوار اُپاري ڪوريل آهن.

جيئن تہ اُچ آزاد هو، سو دهلي سلطنت جو سنڌ کي ڪنٽرول ڪري سگهڻ اڻ ٿيڻو هو ۽ سومرا پڪ سان آزاد هوندا.

**1239/40ع / 637هہ:**

رضيہ سلطانہ کي باغي اڳواڻن شڪست ڏئي قيدي بڻائي ملڪ التُونيا ڏانهن موڪليو. هن انهي سان شادي ڪئي، دهلي هٿ ڪرڻ لاءِ، جتي پاڻس بهرام شاهہ کي سلطان بڻايو ويو هو. هندو جاٽن ۽ گگهرن جو لشڪر تيار ڪيائين، پر ڪيٿل ويجهو شڪست ٿيس. پڇڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر پاڻ ۽ ملڪ التُونيا ڳوٺاڻن هٿان مارجي ويا.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 647-648.
مبارڪ شاهي، ص. 29، سندس مرڻ جي تاريخ 25 ربيع الاول 638هہ ڏني آهي.

**1241/42ع / 639هہ:**

محمد طُور سومرو، گُٽيري جي مرڻ تي، تخت تي ويٺو. هي گهڻو ڪري گُٽيري جو پٽ هو.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486.
دولت علويہ سندس حڪومت 639-654هہ (1241-1256ع) ۾ نتي ٻڌائي، پر ان جي بدران سيف الدين طائي جي مرڻ کان پوءِ شمس الدين پونگر-ٻئين جي حڪومت 638-676هہ (1240-1279ع) ۾ ٻڌائي ٿي. ليڪ محمد طور جي حڪومت ڪيڏي چڱي آهي، جنهن جي نالي سان نئين راڄڌاني، ٺريءَ ۽ وڳهہ ڪوٽ جي پاڻيءَ جي قيرن سبب ڦِٽي وڃڻ کان پوءِ، سنڌو درياءَ جي واهڙ گونگڙي تي اڏي وئي هئي. تنهنڪري هيءَ روايت مڃڻ جوڳي ناهي.

**1241-1246ع:**

سومرا پنهنجي گادي ٺريءَ کان محمد طور يا مُهاتم طور يا شاهہ ڪپور لڏائي ويا، جنهن جا کنڊر بنوري تعلقي ۾ سنڌو درياءَ جي پراڻي واهڙ گونگڙي مٿان ۽ جاتي شهر کان 5 ميلن جي پنڌ تي آهن.
ائين سنڌو درياءَ جي وهڪرو مٿائي ٺريءَ کان الهندي طرف هليو وڃڻ سبب ٿيو.

طاهري، ص. 289، سال 700هہ يا 1300ع ڏنو آهي.
منتخب التواريخ مطابق محمد طور 639 کان 654هہ (1241-1256ع) تائين حڪومت ڪئي، تنهنڪري طاهري جو هي سنہ مڃڻ جوڳو ناهي.

**1242ع / 18 ذي القعد 639هہ:**

سلطان بهرام شاهہ (معزالدين) قتل ٿي ويو ۽ رڪن الدين فيروز شاهہ جي پٽ علاءُالدين کي، جيڪو انوقت تائين قيد ۾ هو، نئون سلطان بڻايو ويو. غياث الدين بلبن، هڪ درٻاريءَ، دهلي هٿ ڪرڻ گهري. انهي کي خوش ڪرڻ لاءِ علاءُالدين ڪيس مارواڙ، اجمير ۽ سنڌ جاگير ۾ ڏئي ڇڏيا.

آئين حقيقت نامہ، جلد ا.
طبقاتِ اڪبري، ص. 27 ۽ 468، سندس قتل جي تاريخ ڇنڇر، 13 ذي القعد ڏني آهي.
سنڌ مان هن دور جي تاريخدانن جي مراد اتر سنڌ آهي.

**جولاءِ 1243ع / صفر 643هہ:**

منگول سنڌو درياءَ ٽپيا ۽ اُچ تي ڪڙو چاڙهيائون. سلطان مسعود شاهہ اهو ٻڌي جوابي حملي جي تياري ڪئي. اهو ٻڌي منگول بکر رستي خراسان (اوپر ايران) هليا ويا.
ڏسجي ائين ٿو تہ منگولن انهي وقت تائين اڃا بلوچستان ۾ سڌو سنئون پير نہ کوڙيا هئا ۽ سنڌن جاگيردار ڪرمان جي حاڪم ڪارا خِطائي جي قبضي هيٺ مڪران بہ سنڌ جي دنگن تائين هو، پر ان صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڪوئيٽا ڏويزن تي قبضو ڪيائون ۽ گهڻو ڪري اتي صنوبر جا سمورا وڻ ناس ڪري ڇڏيائون. هنوقت ڪوئيٽا-زيارت ماٿريءَ ۾ صنوبر جو ڪو وڻ

معصومي، ص. 36.

اهڙو ڪونهي، جيڪو 600-700 سالن کان وڌيڪ پراڻو هجي.

**2 جون 1246ع / 15 محرم 644هه:**

ناصرالدين محمد بن التتمش دهليءَ جي تخت تي ويٺو.

معصومي، ص. 36.
التتمش جي سڀ کان وڏي پٽ جو نالو ناصرالدين هو. انهي جي مرڻ کان پوءِ اهو ئي نالو پنهنجي نئين ڄمڻ واري پٽ تي رکيو هئائين.

**1244/45ع / 643هه:**

مونگُوتا، منگول، تُخارستان جي دنگن کان اُچ ۽ اتر سنڌ جي علائقن تي لشڪر چاڙهي آيو.
دهليءَ جي سيني اميرن يا مَلڪن دل پئي هنئي، پر ملڪ اُلغ خان لشڪر ناهيو ۽ اُچ ڏانهن خط لکيائين. جنهن جي ڪجھ علائقن تي منگولن قبضو ڪيو هو. منگول دهليءَ کان وڏو لشڪر اچڻ جي ڊپ ۾ اُچ جي قلعي تان ڪڙو لاهي ويا.

**1245ع:**

منگولن معزالدين جي مهنداريءَ ۾ لاهور هٿ ڪيو ۽ انهي تي قبضو علاءالدين مسعود جي تخت تي ويهڻ تائين؛ ڪجھ وقت لاءِ پوءِ بہ جاري رکيائون.
هن سوڀ جي ڪري اُچ تي نئين سنئين ڪاھ ڪيائون.

طبقات ناصري، ص. 194-196.

**جولاءِ 1245ع / صفر 643هه:**

منگول لشڪر پاران منگُوتا جي مهنداريءَ ۾ اُچ تي ڪڙو چاڙهڻ جي خبر دهليءَ پهتي. سلطان مسعود شاھ پنهنجو لشڪر وٺي اُچ ڏانهن هليو. سندس پهچڻ جي خبر ٻڌي منگول بکر رستي خراسان هليا ويا. مسعود شاھ بکر پهچي اتر سنڌ جي گورنر نورالدين محمد کي هٽائي ڇڏيو ۽ ملڪ جلال الدين حسن کي نئون گورنر لڳايائين.

معصومي، ص. 36.
طبقات ناصري، ص. 196-198. هن جو ليکڪ مِنهاج سراج هن مهم دوران سلطان سان گڏ هو.

**1245-1247ع / 643-644هه:**

ملتان ملڪ سيف الدين حسن، قرلغ، جي هٿن ۾ هو ۽ هندو خان، مِهتارِ مبارڪ، قاضيءَ (پيندار يا خزانچي)، کي اُچ جو نئون گورنر مقرر ڪيو ويو هو. انهي پنهنجي نائب خواجا صالح ڪوتوال کي اُچ قلعي جو نگران رکيو.
منگُوتا، جيڪو تُخارستان، ختلان ۽ غزنيءَ واري منگول لشڪر جو سربراھ هو، تنهن چنگيز خان جي پٽ ۽ اڳتي هلي سندس وارث بڻجندڙ اُڪتائي خان جي حڪم تي سنڌ (ملتان ۽ اُچ) جي علائقن تي ڪاھ ڪئي.
سندس پهچڻ تي ملڪ سيف الدين حسن ملتان شهر ڇڏي سِوِستان ۽ ديبل ڏانهن ڀڄي ويو.
منگُوتا اُچ تي ڪڙو چاڙهيو، شهر جو اوسو پاسو ڦِٽائي ناس ڪيائين، پر ان تي قبضو نہ ڪري سگهيو.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 1153-1155 ۽ 1201.
اچرج جهڙي ڳالھ آهي تہ منگول سدائين اُچ ۽ ملتان تي ڪاهون ڪندا هئا. اها پڪ آهي تہ انهي وقت تائين ڪوئيٽا-زيارت ۽ لورالائي پوري طرح انهن جي ڪنٽرول هيٺ اچي چڪا هئا ۽ اهي ملتان ۽ اُچ لاءِ سڀ کان ويجهڙو دڳ وٺندا هئا. صنوبر جا ٻيلا صفا ناس ڪري ڇڏيائون. هنوقت ماٿريءَ ۾ صنوبر جو 700 سالن کان وڌيڪ پراڻو ڪو وڻ ڪونهي. سندن دڳ هوندو هو: خوجڪ لڪ رستي ڪوئيٽا ۽ اتان پوءِ زيارت ۽ ڏُڪي کان ٿيندا ڊيرا غازي خان ۽ ملتان.
هنوقت تائين منگول سموري ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا تي بياس تائين قبضو ڪري چڪا هئا. انهي سان اهڙي صورتحال اڀري جو سومرا آزاديءَ سان راڄ ڪندا رهيا.

**1246ع:**

منگولن ملتان تي حملو ڪيو. اتان جو گورنر حسن قرلغ لاڙ سنڌ ڏانهن

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، ص. 65.

پڇي ويو. اُلغ خان، جيڪو اڳتي هلي سلطان بلبن بڻيو، منگولن کي دهلي سلطنت جي دنگن مان ڀڄائي ڪڍيو.

**2 جون 1246ع / 15 محرم 644هه:**

درٻارين سلطان مسعود کي تخت ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ۽ چاچس ناصرالدين محمود بن التتمش کي نئون سلطان بڻائي ڇڏيائون. ان ڏينهن کان پوءِ سلطان مسعود کي ٻڌي واڙي ڇڏيائون. ٻَڌَ (جيل) ۾ ئي مري ويو.

معصومي، ص. 36-37.

**1250ع:**

سنڌو درياءُ ٻکر گارج کي صفا ڪائي ويو ۽ انهي جو سڄو پاڻي ان وٿيءَ منجهان وهڻ لڳو.

**1250/51ع / 648هه:**

سلطان ناصرالدين محمود، بلبن بزرگ کي اتر سنڌ موڪليو، جيڪا ان کي جاگير ڪري ڏني وئي. انهي هڪ سال کان پوءِ بغاوت ڪئي. سلطان ملتان جي حاڪم شير خان کي بغاوت چٿڻ لاءِ موڪليو. شير خان اُچ تي ڪڙو چاڙهيو ۽ بلبن بزرگ اُچ قلعو ان جي حوالي ڪرڻ تي مجبور ٿيو.

راورٽي، طبقات ناصري.

**1250-1251ع:**

ڪِشلُو خان نگر، بلبن کي ملتان ۽ اُچ ڪيس عطا ڪرڻ لاءِ چيو. بلبن اجازت ڏني، جيتوڻيڪ اختيارالدين ڪرغز کي اتان ڪيڻ ۾ ڏکيائي هئي، جنهن قرلغن کي ملتان ۽ اُچ مان ڪڍي ڇڏيو هو.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 784-788 ۽ 792.

**1251ع / سومر، 22 شوال 649هه:**

سلطان ناصرلدين دهليءَ مان لاهور، ملتان، اُچ ۽ ٻکر جي دوري تي نڪتو. سلطان صفر کي ملتان کان ٻکر ۽ سيوهڻ تائين وارن علائقن جو گورنر لڳايائين.

معصومي، ص. 38.

قُتلغ خان کي ٻکر کان ديبل تائين وارن علائقن جو سيوهڻ ۾ گاديءَ سان گورنر لڳائڻ واري ڳالهه پروسي جوڳي ناهي. ڪيس تي سگهي ٿو اتر سنڌ جو گورنر لڳايو ويو هجي، جو تہ سومرا لاڙ سنڌ تي پنهنجي حڪومت لاڳيتي رکيو پئي آيا ۽ التتمش جي مرڻ کان پوءِ پڪ سان آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو هوندائون. معصومي لاڙ سنڌ تي دهليءَ جي حڪومت بنا ڪنهن ثبوت جي ثابت ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي آهي.

**1253ع / 651هه:**

سلطان ناصرالدين محمود، ارسلان خان کي سنڌ (صرف اتر سنڌ) جو گورنر ڪري رکيو، پر ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ سندس جاءِ تي ملڪ عَزالدين خان المعروف ڪِشلُو خان کي لڳايو ويو. انهي سال منگولن اُچ تي حملو ڪيو.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 704.

مبارڪ شاهي، ص. 36-37.

**1256ع / 654هه:**

محمد طُور سومرو مري ويو ۽ گُنيرو-ڀيون سنڌ جو نئون راڄ ڌڻي بڻيو. انهي 657هه يا 1259ع تائين راڄ ڪيو.

دولت علويہ گُنيري کي علاءُالدين خيرو سڏيو آهي.معصومي پڻ ڦُتُوءَ کان پوءِ سنڌ جو حاڪم خيرو ٻڌايو آهي. معصومي جو خيرو گهٽو ڪري گُنيرو-پهريون هو، جنهن جي ڳالهہ دولت علويہ ۾ ناهي.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486.

معصومي، ص. 34.

**1254ع / 652هه:**

اُلغ خان، امام الدين کي اقتدار مان ڪي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هڪ سال کان پوءِ ڪيس بدايون موڪليو ويو ۽ ملڪ بلبن ڪِشلُو خان کي 1255ع ۾ وري اُچ ۽ ملتان ڏنا ويا.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 78 ۽ فٽ نوٽ 3.

**1255ع:**

اُچ ۽ ملتان قبضي ۾ وٺي ملڪ بلبن دهليءَ جي سلطان سان وفاداريءَ تان ڦري ويو ۽ هلاڪو خان کان دهليءَ تي قبضي ڪرڻ ۾ مدد گهرڻ لاءِ پنهنجو پٽ انهي وٽ گروي ڪري موڪليائين. هيءَ چال قبول پئي ۽ مغلن جي مدد جو بندوبست ٿيو.

راورٽي، ناصري، ص. 784-785.

دهلي سلطنت جي ڏينهن ۾ صوبائي گورنرن وٽ مڪمل اختيار سان گڏوگڏ لشڪر ۽ خزانو بہ هوندا هئا. انهن لاءِ تخت دهلي سان بغاوت ڪرڻ يا ان تي قبضي جي ڪوشش ڪرڻ ڪا غير معمولي ڳالهہ نہ هئي. ملتان ۽ اُچ ۾ ٿيندڙ اهڙي قسم جون ڪوششون سومرن ۽ اڳتي هلي سمن لاءِ ان دور ۾ پنهنجي آزادي برقرار رکڻ ۾ ڪارائتيون ثابت ٿيون.

**1257ع / 655هه:**

منگولن جي پاڇيدار ۽ اتر سنڌ (ڳادي سيوهڻ ۾) تي قابض ڪِشلُو خان (ملڪ بلبن) لشڪر وٺي قُتلغ خان سان گڏ بياص رستي دهليءَ تي چڙهائي ڪئي پر پوئتي موٽيو، جو تہ سلطان ناصرالدين شهر جي بچاءَ جو پڪو پهہ ڪري ۽ اُلغ خان (اڳتي هلي سلطان بلبن) کي ان ڪم تي لاٿي ڇڏيو هو.

راورٽي، طبقات ناصري، ص. 787 ۽ فٽ نوٽ 4. ص. 784 ۽ 785 پڻ.

مبارڪ شاهي، ص. 37-83.

طبقات ناصري (ڪولڪتو)، ص. 123-124.

**1257/58ع / 655هه:**

سنڌين (ملتان ۽ اُچ جا) دهلي سرڪار خلاف بغاوت ڪئي. سلطان ناصرالدين ملتان ۽ اُچ تي چڙهائي ڪئي، پر ڪن سياسي سببن جي ڪري پوئتي موٽي ويو. شير خان بغاوت کي چٽڻ لاءِ وڌيو، پر شڪست کاڌائين.

**1258ع / 656هه:**

دهليءَ تي قبضي جي ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ ملڪ بلبن (ڪِشلُو خان) کي معافي ملي ۽ اُچ ۽ اتر سنڌ تي بحال ٿيو. انهي دوران ملڪ شير خان، قرلغن کي ملتان مان هڪالي ڪڍيو. ملتان ۽ اُچ ويجها هئڻ ڪري ملڪ بلبن (ڪِشلُو خان) ۽ شير خان وچ ۾ ڪيترن موقعن تي هوڏ هلي. هن عرصي دوران ملڪ بلبن علائقن تي منگولن جي پاڇيدار طور قابض رهيو.

هن صورتحال جي ڪري لاڙ سنڌ سومرن جي هٿ هيٺ آزاد رهي.

راورٽي، ناصري، ص. 792 ۽ 859 ۽ نوٽس آن افغانستان، ص. 575 پڻ.

برني هڪ اهم حقيقت نظر انداز ڪري ڇڏي آهي تہ ملڪ بلبن ڪِشلُو خان، جنهن وٽ ملتان، اُچ ۽ اتر سنڌ 1258ع تائين هئا، مغلن سان دهلي سرڪار خلاف ڳٺ جوڙ ۾ هو ۽ نہ رڳو هلاڪو خان کان مدد گهرڻ عراق ويو هو، پر پنهنجو پٽ پڻ منگول دربار ۾ موڪلي رکيو هئائين.

راورٽي، ص. 863، وڌيڪ چوي ٿو تہ ملڪ بلبن (ڪِشلُو خان) آزاديءَ سان ڪم نہ ڪري سگهندو هوندو ۽ اُچ جا معاملا، سندس اُچ ۽ اتر سنڌ جي گورنريءَ تائين، پڪ سان منگول شهنشاهہ (آزاد) جي ڪنٽرول ۾ هوندا. انهن ڏينهن ۾ سمورو اولهہ ۽ اوپر پنجاب بياص درياءَ تائين منگولن جي ڪنٽرول ۾ هو. اُچ ۾ انهن جو ڏَنُ پَرُو ڪِشلُو خان (ملڪ بلبن) هوندي، سنڌ کي ڪنٽرول ڪرڻ دهلي سلطنت جي وَس جي ڳالهہ نہ هئي.

**1258ع / 656هه:**

منگول لشڪر ملتان ۽ اُچ تي ڪڙو چاڙهيو. سلطان ناصرالدين انهن خلاف نڪتو، پر اهي سندس پهچڻ کان اڳ علائقو ڇڏي ويا.

معصومي، ص. 37.

**1258ع:**

هلاڪو، قُتلغ خان ۽ ملڪ بلبن (ڪِشلُو خان) کي دهليءَ تي قبضو ڪرڻ ۾

اپيگرافيا انڊو مسلميڪا، ص. 214، 217، 270، 271، 314 ۽ 322.

ناڪام ٿيندو ڏسي، ڪين وڏيڪ مهمن ۾ مدد ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ سَلِي بهادر جي مهنداريءَ ۾ سنڌ ۾ (گهڻو ڪري سيوهڻ ۾) ترسيل منگول لشڪر ڪي ملتان جو قلعو تباهه ڪرڻ ، پر دهليءَ جون حدون نہ ٽپڻ حڪم ڏنائين. ان ريت گهڻي ڀاڱي پنجاب ۽ اتر سنڌ دهليءَ جي هٿن مان هليا ويا.

**1259ع / 657هه:**

سومرو بادشاهه گُٽيرو-ڀيون مري ويو ۽ دودو پٽ گُٽيرو-ڀيون سندس گاديءَ تي ويٺو. انهي 671هه يا 1272/73ع تائين راڄ ڪيو ۽ انهي کان پوءِ راڄ ڏٽي طائي بن دودو بٽيو.

طائي 695هه يا 1295/96ع تائين راڄ ڪيو.

تحفت الڪرام، ص. 485.

دولت علويہ هن جو نالو سيف الدين طائي ۽ راڄ 619 کان 638هه يا 1222-1240ع ڏنو آهي.

هيءَ روايت ميڄڻ جو ڳي ناهي، چو تہ جلال الدين خوارزم شاهه جي سنڌ تي 1224ع ۾ ڪاهه پيري چنيسر پئي راڄ ڪيو.

**16 نومبر 1260ع / 8 ذي الحج 658هه:**

سيد محمد مڪي، هنوقت شاهه مڪي قلعي حيدر آباد ۾ پوريل، مري ويو.

مهراڻ، نمبر 3، 1963، ص. 132-147.

**1260ع / 658هه:**

مِنهاج سراج طبقات ناصري لکي پوري ڪئي.

داخلا 1193ع پڻ ڏسو.

**1260ع / 658هه:**

ڏهڪاءُ پکيڙيندڙ قاتلن جي جنت المُوت جي اڳوٽي گورنر علاءُالدين جُويني تاريخ جهان گُشائي جُويني لکي.

ليڪ 623هه (1226ع) ۾ ڄائو ۽ 4 ذي الحج 681هه (5 مارچ 1283ع) تي مري ويو. ڪم 651هه کان وٺي هليو پئي.

جهان گُشائي جُويني، جلد I، ص. XXIII، XLVII ۽ LXV.

**نومبر 1261ع / 660هه:**

خليفو مُستَنصِر هلاڪو خان هٿان مارجي ويو.

**1262/63ع / 661هه:**

شيخ الاسلام بهاءُالدين ذڪريا ملتاني مري ويو. هي سنڌي هو ۽ سکر ضلعي ۾ رهندو هو، جتي ڪيس لاڑ سنڌ جي راڄ ڏٽي محمد طور سومري پنهنجي گادي شهر طور جي قِتڻ کان پوءِ ورائي آباد ڪيو هو. شيخ سنڌ جي هباري عرب حاڪمن جي گهراڻي مان هو.

ملتان ۽ اُچ جي وچ وارن علائقن ۾ سندس وڏي مريدي خادمي هئي.

زين الاخبار، ص. 26.

برني، ص. 348.

فرشتا (نَوَل ڪشور ڇاپو)، جلد II، ص. 404، سنہ 666هه ڏنو آهي.

طاهري، ص. 25، 151 ۽ 264.

سندس خليفي جلال الدين سُرخ ڪيترن ئي سومرن کي سُني عقيدي ۾ آندو، پر انهن جي وڏي اڪثريت چوڏهين صديءَ جي وچ تائين اسماعيلي رهي، تڏهن مخدوم جهانيان اُچ واري جي اثر سبب هي فرقو ڇڏيائون.

**1263ع / 661هه:**

ذڪريا بن محمد بن محمود الڪَزويني عصرالبلادَ وَ اخبارالعباد يا "ملڪن جا وقت ۽ ماڻهن جون يادگيريون" لکيو.

ايليَٽ، جلد I، ص. 93-99، سنڌ سان لاڳاپيل ٽڪرن جو ترجمو ڏنو آهي.

**1264ع / 662هه:**

قلندر شهباز لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ملتان ۾ آيو، جيتوڻيڪ پورو پورو امڪان آهي تہ اهو 1235ع کان وٺي ملتان ۾ هو.

تحفت الڪرام ٻڌائي ٿو تہ سلطان محمد هن کي ملتان ۾ گڏيو هو. پر اهو اتي 668هه ۾ گورنر ٿي آيو. ڏسو داخلا 1165/66ع.

**1266ع / 13 جمادي الاول 664هه:**

سلطان ناصرالدين جي 11 جمادي الاول تي مرڻ تي درٻارين التتمش جي ترڪ غلام غياث الدين بلبن کي دهليءَ جو سلطان نامزد ڪيو. هي

مبارڪ شاهي، ص. 39.

عِصامي، فتوح السلاطين ۾ سنہ 665هه ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.

مختلف صوبن جو 20 سال گورنر رهيو هو ۽ سلطان ناصرالدين جو وزير پڻ هو، جنهن کيس اُلغ خان جو لقب ڏنو هو.

برني جو ص. 25 تي ڏنل سنہ 662ھ بہ غلط آهي.

**1266/67ع / 665ھ:**

محمد عُوفي سنڌ ۽ گجرات گهميو ۽ اتي هلي جامعُ الحِڪايات لکيائين. سنڌين جي مهمان نوازيءَ جو، خاص ڪري ان ڳالھ جو تہ مهمان چڱو ڀلو آهي يا بيمار ان حساب سان هڪ ڪان تي ڏينهن رهائڻ جو، احوال ڏنو اٿس.

**1266-1287ع:**

بلبن جي ڏينهن ۾ ٽپال جي نظام کي سڌاريو ويو. هر اڌ ميل تي ٽپالي رکيل هوندو هو، جيڪي گهنڊڙي هٿ ۾ کڻي ڊوڙندا هئا. محمد تغلق جي ڏينهن ۾، ابن بطوط جي چوڻ مطابق، ٽپال کي سنڌ کان دهلي پهچڻ ۾ 5 ڏينهن لڳندا هئا.

رِحلہ (مهدي حسين)، ص. 3-4.

مسالڪ (اوٽو سپائيز)، ص. 53.

(منهنجي ڄاڻ مطابق سنڌ ۾ ٽپال لفظ پوري رفتار سان هڪ ڪَرو ڊوڙڻ واري مفهوم ۾ ڪم ايندو آهي. ڪو وهٽ (گهوڙو، گڏھ وغيره) پوري رفتار سان ڊوڙندو تہ چئبو ٽپال پيو ڊوڙي - سنڌيڪار).

**1268ع / 666ھ:**

پير پٺو مري ويو. سندس مقبرو ان ئي نالي واري ٽڪريءَ تي ٺٽي کان 14 ميل ڏکڻ پاسي سنڌو درياءَ جي واهڙ بگهاڙ جي پراڻي پيٽ مٿان آهي.

طاهري، ص. 310. هندو پير پٺي کي راجا گوپيچند سڏيندا آهن.

**1269/70ع / 668ھ:**

محمود ڪاعان کي پٽس غياث الدين بلبن سنڌ (اُچ) ۽ ملتان جو گورنر مقرر ڪيو ۽ سلطان محمود جو لقب ڏنائينس. هي شيخ عثمان مَرَندي (قلندر شهباز) ۽ شيخ بهاءُ الدين ذڪريا سان ملتان ۾ مليو ۽ انهن جو راڳ ٻڌائين.

برني، ص. 67-68 تي هن جي شيخ بهاءُ الدين ذڪريا (جيڪو 1262ع ۾ مري ويو) سان 1269/70ع ۾ ملڻ جي ڳالھ ڪئي آهي. تڏهن قلندر شهباز پڻ چند جي 104 سالن جو هوندو. ان ليکي هي چوڻ بي پروسي تي پئي ٿو.
مبارڪ شاهي، ص. 43.
معصومي، ص. 39، سنہ 664ھ ڏنو آهي، جيڪو ظاهر ظهور غلط آهي.
عِصامي، فتوح السلاطين ۾ سنہ 665ھ ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي. برني جو ص. 25 تي ڏنل سنہ 662ھ پڻ غلط آهي.
داخلا 1165-1166ع پڻ ڏسو.

**1272/73ع / 671ھ:**

دودو-ٻيون پٽ گُٺيرو-ٻيون سومرو مري ويو ۽ طائي پٽ دودو سنڌ جو نئون راج ڌڻي بڻيو.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486.
تحفت الڪرام دودي پٽ گُٺيري جي 1266-1272/73 جي وچ تي ڳالھ نہ ڪئي آهي، پر ان جي بدران 1266ع کان طائي جو راج ڏسيو آهي. طائي جيئن تہ دودي-ٻئين جو پٽ هو، سو انهي کي راج سڌو سنئون ڏاڏي کان نہ مليو هوندو، سواءِ ان جي تہ گاديءَ جو ڪو ٻيو وارث نہ هجي ها، جيڪو پڻ مسلمانن ۾ گهٽيون شاديون ڪرڻ واري رواج سبب اڻ ٽيٽو آهي، بشرطيڪ سومرا نوان اسماعيلي ٿيل هوندي بہ هندن وانگر ساڳي هڪڙي ئي شادي ڪندا هجن ها. اها ڳالھ بہ پنهنجي ليکي تڪراري آهي، ڇو تہ راجپوت

فيبروري 1275ع / 1 شعبان 673هه:

سيد عثمان مَرنديءَ، شمس الدين لال شهباز، ملتان کان سيوهڻ اچڻ کان 2 سال پوءِ 112 سالن جي ڄمار ۾ مري ويو.

حاڪم گھٽيون شاديون ڪندا هئا ۽ سومرن به اها پَر مسلمانن يا راجپوتن تان پڪ سان ورتي هوندي.

محبوب علي چنا، سيوهڻ شريف، مهراڻ، نمبر 2، 1962، ص. 136-147.
تحفت الڪرام، سنڌي، ص. 295، 349، 355، 359 ۽ 445-446.
مقالات الشعراء.
لب تاريخ سنڌ، ص. 6-9، سنه 650هه ڏنو آهي. پر هي هڙئي قلندر جي مرڻ کان 500-600 سال پوءِ لکيون ويون ۽ مستند نٿيون ٿي سگهن. سنڌس ڄم جي سنه ۾ به اهڙيون ئي غلطيون آهن.
حديقت الاولياء، ص. 39-45، سنڌس مرڻ جي تاريخ 21 شعبان 673هه ڏني آهي.
معاصرالڪرام پڻ ساڳي حديقت الاولياء واري تاريخ ڏني آهي.
داخلا 1165-1166ع پڻ ڏسو.

1275ع / 675هه:

ذڪريا بن محمد بن محمود ڪَزوينيءَ، ايران جي شهر ڪَزوين جي رهاڪو، عجائب المخلوقات وَ غرائب الموجودات يعني ”تخليق ٿيل شين جا اچرج ۽ موجود شين جا اسرار“ لکيو. هڪڙو ٻيو ڪم عصرالبلاد وَ اخبارالعباد يعني ملڪن جا وقت ۽ ماڻهن جا احوال 661هه (1263ع) ۾ لکيو ويو. هنن ڪتابن ۾ سنڌ جي ڪجھ شهرن جو احوال آهي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ انهن ڏينهن ۾ زرتشتن جون اگياريون هجڻ جي ڳالھ ٿيل آهي.

سنڌ سان لاڳاپيل ٽڪرا ايليَٽ اينڊ ڊائوسن انگريزيءَ ۾ ترجموڪري جلد I ۾ ڏنا آهن.
هيُوز بُلر، گزيٽيئر آف مڪران، بوليءَ واري عنوان هيٺ.

1276ع:

سلطان بلبن جي دور ۾، جڏهن سومرا دهليءَ جا ڏَنُ ڀَرُو بڻيا، جيسلمير جي راجا راوَل جٽنسِي ڏَنُ ڪٽي ويندڙ 3000 گهوڙا ۽ خچر ڦريا.

ٽاڊ، جلد II، باب III، ص. 327-344. اها پڪ ناهي تي ڏَنُ اتر سنڌ جو هو يا لاڙ سنڌ جو.

1276/77ع / 675هه:

اسماعيلي پرچارڪ پير شمس الدين سبزواري سنڌ ۾ آيو ۽ اڳلن 65 سالن تائين پنهنجي عقيدي جو پرچار ڪندو رهيو. سنڌس سنڌي شاعريءَ ۾ چيل نصيحتون اڃا تائين هلن پيون. ڪيس 11/1310ع ۾ نيزارين جي اٺتيهين امام، امام قاسم شاهه، پنجاب ۽ سنڌ ڏانهن موڪليو هو، جتي هن لوهاڻن ڪي نئين فرقي نُور بخشي ۾ آندو. ديبل ۾ پڻ هزارين ماڻهن ڪي پنهنجي عقيدي ۾ آندائين.

جرنل، بمبئي برانچ آف ايشياٽڪ سوسائٽي، جلد 12، ص. 32، 1936.

شمس الدين ملتان ۾ 757هه (1355ع) ۾ مري ويو. سنڌس وڏا امام هادي سان گڏ قاهرا مان المُوت لڏي آيا هئا. هن امام قاسم جي شان ۾ 28 ڀڄن رچيا. ديبل انوقت اُجڙي چڪو هو. ديبل مان مراد آهي لاڙ سنڌ.
(هيءَ ۽ 1201ع واريون داخلائون پاڻ ۾ ٺهڪن نٿيون - سنڌيڪار).

1283/84ع / 682هه:

طائي سومرو مري ويو ۽ چنيسر نئون راڄ ڌڻي بڻيو، جنهن 700 هه (1300-1301ع) تائين راڄ هلايو.
ظفر خان نالي علاءُ الدين جو جنرل سنڌ ۾ 98/1297ع ۾ آيو. لوڪ داستان مطابق انوقت دودو سنڌ جو حاڪم هو ۽ چنيسر علاءُ الدين کي اچڻ لاءِ چيو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو دودي کي گاديءَ تان لاهڻ ۽ انهي جي جاءِ تي چنيسر کي ويهارڻ پنهنجي سِر پاڻ آيو هو.
تحفت الڪرام جي واقعن جي هيءَ ترتيب دودي-چنيسر واري قصي کي

تحفت الڪرام، ص. 69 ۽ 486.

معصومي، ص. 42-43، علاءُ الدين جي سنڌ ۾ ايندڙ جنرل جو نالو ناصر خان ڏنو آهي.
منتخب التواريخ طائي جو مرڻ ۽ چنيسر جو راڄ سنڀالڻ 695هه (96/1295ع) ۾ ۽ انهي جي حڪومت 713هه (14/1313ع) تائين ڏنا آهن.
دولت علويه بڌائي ٿي ته (ڪمال الدين) چنيسر کي 696هه (97/1296ع) ۾

هڪ نج هٽرادو گهڙيل ڪهاڻي ٻڌائي ڇڏي ٿي. اها پڻ پڪي ڳالهه آهي تہ علاءُ الدين سنڌ ۾ نہ آيو هو. ظفر خان ٿي سگهي ٿو چنيسر ڪي ڪنهن مقامي بغاوت ۾ مدد ڪئي هجي.

گاديءَ تان لاٿو ويو هو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ علاءُ الدين (ظفر خان) ڪان مدد گهري هجيس. پر ساڳيو ئي ذريعو دودي جي حڪومت 1300/01ع تائين ٻڌائي ٿو، جنهن مان وري ثابت ٿئي ٿو تہ دودو علاءُ الدين جي لشڪر سان ويڙهہ ۾ مئو نہ هو، بلڪ جيئرو هو ۽ حڪومت ڪندو رهيو. ڪيئن بہ، پر دولت علويہ ڪا مستند تاريخ نٿي ليکجي. ڪمال الدين نالو پڻ هن ليکڪ جو گهڙيل آهي.

**1284/85ع / 683هہ:**

ڪَزويني (ذڪريا ڪَزويني)، جاگرافيائي ڪم عصرالبلاد وَ اخبارالعباد جو ليکڪ، مري ويو. هن ڪم ۾ ملتان، منصوره، ديبل جي شهرن ۽ انهن جي مقامي حالتن جو احوال ڏنل آهي.

هي نسخو وَستينفيلڊ مان 1848ع ۾ ڇپيو. ڏسو داخلا 1203/04 ۽ 1275ع.

**1285/86ع / 683هہ:**

منگول جنرلن قُتلغ خان ۽ تيمور لاهور واري علائقي تي ڪاهہ ڪئي. سلطان بلبن جي پٽ سلطان محمود، ملتان ۽ اتر سنڌ جي گورنر، 30،000 سپاهين سان ساڻن جنگ ڪئي، جنهن ۾ انهي جي مارجي وڃڻ باوجود بہ منگول پٺي ويا. بلبن، سلطان محمود جي پٽ ڪئخسرو کي ملتان ۽ سنڌ جو نئون گورنر مقرر ڪيو.

معصومي، ص. 40.

**1285ع / 684هہ:**

تاريخ فيروزشاهي جي ليکڪ ضياءُ الدين برني جو جنم.

برني، ص. 473 ۽ 602. امير خُرد، ص. 312.

سندس پنهنجي چوڻ مطابق 1357ع ۾ پنهنجي تاريخ لکڻ وقت سندس ڄمار 74 چنڊ جا سال هئي. سنڌ ۽ دهليءَ جي 1264 ڪان 1357ع تائين وارن لاڳاپن تي هي هڪ اهم ذريعو آهي.

بدقسمتيءَ سان پنهنجي دور جو هي انتهائي ذهين تاريخدان 1359ع ۾ اهڙي غربت واري حال ۾ مئو، جو سندس مڙهہ کي ڪفن ڏيڻ لاءِ سوٽي ڪپڙي جو ٽڪرو نہ هو ۽ کيس کهري تڏي ۾ ويڙهي پورڻو پيو. واقعن جي سنہ وار ترتيب نہ ڏني اٿس، جيڪي همعصر ذريعن تان ورتا ويا آهن.

ڪجهہ ماهرن سنہ 1286ع ڏنو آهي.

**1287ع / 686هہ:**

1287ع ۾ سلطان بلبن جي مرڻ ڪان پوءِ درٻارين سندس پوٽي معزالدين قيقوباد پٽ ناصرالدين بُغرا کي نئون سلطان ٻڌايو. انوقت ناصرالدين بُغرا بنگال جو گورنر هو. قيقوباد ان اُلڪي ۾ تہ متان سندس سؤٽ ڪئخسرو، ملتان ۽ سنڌ جو گورنر، ڪانئس تخت ڦُري وني، انهي کي درٻار ۾ دهليءَ گهرايائين ۽ روهتڪ ويجهو مارائي ڇڏيائين.

معصومي، ص. 40 ۽ برني، ص. 122، سندس مرڻ جو سنہ 685هہ ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي. مبارڪ شاهي، ص. 52 ۽ فتوح السلاطين، ص. 185، تصديق ڪن ٿيون تہ قيقوباد 686هہ ۾ سلطان بڻيو. امير خسرو قِران السعدين ۾ سنہ 686هہ جي تصديق ڪري ٿو.

**1289-1325ع / 688-725هہ:**

شاعر امير خسرو مثنويون رچيون جن ۾ ڏکڻ ايشيا بابت تاريخي مواد آهي ۽ ان مان جهلڪ ملي ٿي تہ دهلي سلطنت جو لاڙ سنڌ تي مشڪل سان ڪو اختيار هو. امير خسرو هيٺيون مثنويون رچيون:

1. 688هہ (1289/90ع) قِران السعدين: هن ۾ بلبن جي مرڻ ڪان پوءِ ۽ قيقوباد جي حاڪميءَدوران وارين حالتن جو احوال ملي ٿو.

2. 690ھ مِفتاحُ الفتوح: جلال الدين خلجي جي چئن جنگين جو احوال اٿس.
3. 711ھ (1311/12ع) خزائن الفتوح يا تاريخ علائي: هن ۾ علاءُالدين جي حڪومت جي پهرين سترهن سالن جو احوال ملي ٿو.
4. 715ھ (1315/16ع) ديوَل راني خضر خان: هي خضر خان ڪي خوش ڪرڻ لاءِ لکيل هڪ نيم تاريخي رومانوي داستان آهي.
5. 718ھ (1318/19ع) نُهَہ صِفَر (نَوَ ٻُڙي = 90 = نائن زيرو): قطب الدين مبارڪ خلجي جي حڪومت جي پهرين ٽن سالن جو احوال ڏئي ٿي.
6. 725ھ (1325ع) تغلق نامہ: خلجي گهراڻي جي زوال ۽ غياث الدين تغلق جي اقتدار ۾ اچڻ جو احوال ڏئي ٿي.

**1 فيبروري 1290ع / 19 محرم 689ھ:**

درٻارين بلبن جي پوٽي سلطان قيقوباد کي مارائي ڇڏيو، ان ريت دهليءَ جي غلام گهراڻي جي سلطانن جي 84 سالن واري حاڪميءَ جو انت آندائون. جلال الدين فيروز خلجي کي نئون سلطان بڻايائون.

برني، ص. 201 ۽ 202.

تغلق ڏتڙيل حال ۾ علاءُ الدين جي دور ۾ سنڌ ۾ آيو، جڏهن ياڻس اُلغ خان (الماس بيگ) اتر سنڌ جو گورنر هو. تغلق، اُلغ خان وٽ نوڪر ٿيو ۽ اٿندي ڪنهن واپاريءَ وٽ ڏنار بيهڻ وارو هي شخص چڙهندو چڙهندو غازي ملڪ نالي وڏي امير جي رتبي رسيو.

معصومي، غازي ملڪ تغلق جو سلطان ٿيڻ کان اڳ ملتان ۽ اتر سنڌ جو گورنر هجڻ جو احوال ڏنو آهي.

امير خسرو، تغلق نامہ، ص. 63.

فرشتا، ص. 231-231، ٻڌائي ٿو تہ هي بلبن جي ڏينهن ۾ آيو ۽ تَر جي ڪنهن جاٽ گهراڻي مان شادي ڪيائين ۽ اهو چوڻ تہ بادشاهہ غياث الدين انهي شاديءَ جو ميوو هو وڌيڪ مجڻ جوڳو آهي.

ابن بطوط ملتان ۾ تغلق جي خاندان منجهان ڪنهن جي ٺهرايل هڪ مسجد تي اُڪر ڏٺي، جنهن ظاهر ٿي ڪيو تہ اهو تاتارين (منگولن) سان اٺتيهہ جنگيون وڙهيو هو ۽ انهن کي شڪست ڏني هئائين.

مبارڪ شاهي، ص. 59، قيقوباد جي مرڻ جو اهو سنہ ڏنو آهي. معصومي 688ھ ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي. برني، جلال الدين جي تخت تي ويهڻ جو سنہ 688ھ ڏنو آهي، پر انهي کي امير خسرو جي مثنوي مِفتاح الفتوح رد ڪيو آهي، جيڪا هن واقعي جي تاريخ 3 جمادي الثاني 689ھ ڏئي ٿي. مبارڪ شاهي، ص. 62، هن جي تاريخ ربيع الثاني 689ھ ڏني آهي. امير خسرو واري تاريخ وڌيڪ پروسي جوڳي آهي، ڇو تہ هي بيت ان موقعي لاءِ چيو ويو هو.

**1290ع / 689ھ:**

جلال الدين خلجي دهليءَ جي تخت تي قبضو ڪيو.

برني، ص. 202.

معصومي، ص. 41، سنہ 688ھ ڏنو آهي، جيڪو ڊاڪٽر دائودپوٽو، ص. 277، غلط سمجهي ٿو.

**1290ع / 689ھ:**

مشهور اسماعيلي پرچارڪ پير صدرالدين جائو. هن سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ پرچار ڪيو، جنهن جا حصا اڄ بہ هلن ٿا. سنڌيءَ لاءِ 40 اکري نئين لپي پڻ ناهيائين، جيڪا بمبئي مان ويجهڙ تائين ڇپجندي رهي. هيءَ خواجا-ڪِي يا خوجڪي لپي سڏجي ٿي.

خوجڪي لپيءَ جو بنياد 1226ع ۾ تباهہ ٿيل پنيور مان لڌل ڪا آڳاٽي سنڌي لپي آهي.

**1296ع / 695ھ:**

سلطان جلال الدين خلجي لاهور پهچي پنهنجي پٽ اَرڪَلي خان کي ملتان ۽ اُچ جو ۽ گهٽو ڪري ظفر خان کي اتر سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. سنڌ مان ٿيندڙ اوڳاڙي اَرڪَلي خان کي پگهار طور ملڻي هئي.

معصومي، ص. 41، سال 693ھ (1294/95ع) ۽ ظفر خان بدران نصرت خان ڏنو آهي.

نصرت خان جي سنڌ جو گورنر مقرر ٿيڻ جي ڳالهہ بئي ڪنهن تاريخدان نہ

**1296ع / 17 رمضان 695ھ:**

سلطان جلال الدين خلجي کي پنھنجي ڀائٽئي ۽ نياڻي علاءُ الدين قتل ڪري ڇڏيو، جيڪو پوءِ پاڻ سلطان بڻيو. جلال الدين خلجي جي زال پنھنجي سڀ کان ننڍي پٽ رڪن الدين ابراھيم کي دھليءَ جو سلطان بڻائي تخت تي ويھاريو. سڀ کان وڏي پٽس اَرڪَلي خان، پنھنجي ماءُ جي ان عمل کي رد ڪندي، دھليءَ تي حملي جي تياري ڪئي. علاءُ الدين پڻ حڪومت ھٿ ڪرڻ جي تياري ڪئي.

رڪن الدين ابراھيم دھلي ڇڏي اَرڪَلي خان وٽ ملتان ۾ پناھ ورتي. علاءُ الدين دھلي پھچي سيني درٻارين کي رشوت ڏني، جن کيس دوڪيبازي معاف ڪري ڇڏي ۽ پوءِ 19 ذي الحج 695ھ تي پنھنجي تاجپوشي ڪيائين ۽ ڀاڻس الماس بيگ يا اُلغ خان کي 40،000 سپاھين جو لشڪر ڏئي ملتان ھٿ ڪرڻ لاءِ موڪليائين، جتان وارن ملتانين ڀاران دوکو ڪرڻ ۽ اُلغ خان سان ملي وڃڻ ڪري ٻن مھينن جي ڪڙي ڪان پوءِ ھٿيار ڦٽا ڪيا. اَرڪَلي خان ۽ رڪن الدين ابراھيم کي ٻڌي، انڌو ڪري ۽ گواليار قلعي ۾ واڙيو ويو، باوجود ان جي تہ انھن کي آڻ شيخ رڪن الدين وچ تي پيئي مجرائي ھئي. ملڪ ھرٽيمار کي اَرڪَلي خان جي جاءِ تي ملتان ۽ اتر سنڌ جو گورنر لڳايو ويو. ملڪ نصرت کي نصرت خان جو لقب ڏنو ويو، جو تہ اھو اَرڪَلي خان خلاف علاءُ الدين جو ساٿ ڏيندو ڏسجي ٿو.

اُلغ خان گھٽو ڪري اتر سنڌ (ملتان، اُچ ۽ بکر) جو گورنر ٿيو.

**1297/98ع / 697ھ:**

منگولن کي جلنڌر ويجھو شڪست ڏيڻ کان پوءِ علاءُ الدين خلجي ملتان، اُچ سيوھڻ ۽ ٺٽي ۾ اٿيل بغاوتن کي چٿڻ لاءِ 10،000 گھوڙيسوار ظفر خان جي مھنداريءَ ۾ موڪليا. (ٺٽو گھٽو ڪري تڏھن ھو ئي ڪونہ).

منگولن نُو-يَن سَلدو جي اڳواڻيءَ ۾ سيوھڻ تي ڪاھ ڪئي ۽ سيوھڻ جو راجا ڇِھلديو ھنن منگولن جي مدد سان آزاد ٿي ويو. ظفر خان سيوھڻ قلعي تي ڪڙو چاڙھيو. ڇِھلديو، ڀاڻس ۽ منگولن زوردار تيرن سان جوابي حملو ڪيو، جنھنڪري سيوھڻ ڀڪين جي پھچ کان بہ نڪري ويو، پر نيٺ ان کي شڪست ٿي. ڇھلديو، ڀاڻس ۽ سيني منگولن کي ٻارن ٻچن سميت قيد ڪري دھلي موڪليو ويو.

ڪئي آھي.

ظفر خان جي سنڌ تي ڪاھ لاءِ ڏسو داخلا 1297/98ع.

معصومي، ص. 42، سمجھي ٿو تہ نصرت خان نصرپور شھر اڏايو، جيڪو حقيقت ۾ 1351ع کان پوءِ اڏيو، جڏھن فيروز شاھ امير نصر کي ايرندي پُراڻ وارن علائقن جو گورنر لڳايو.

ڏسو داخلا 1351ع.

معصومي اھو بہ چوي ٿي تہ نصرت خان کي اَرڪَلي خان جي انتظامي ۽ مالي ڪنٽرول ھيٺ ڪم ڪرڻو ھو ۽ ارڪلي خان بہ پيرا سنڌ تي ڪاھ ڪئي ۽ بغاوتون چٽيون. ھن جي ڪنھن ٻي تاريخ مان پنيرائي نٿي ٿئي.

برني، ص. 238 ۽ 242.

معصومي، ص. 42، ٽي مھينا ڪڙو ٻڌايو آھي.

مبارڪ شاھي، ص. 71-72.

معصومي غلط ٿي ٻڌائي تہ نصرت خان کي ملتان، اُچ، بکر، سيوھڻ ۽ ٺٽي تي حڪومت ڪرڻ ۽ بغاوتون ناڙڻ لاءِ 10،000 جو لشڪر ڏنو ويو ھو. ٺٽو تڏھن ھو ئي ڪونہ.

لاڙ سنڌ تي انوقت سومرا آزاد راڄ ڪري رھيا ھئا. 1297/98ع ۾ منگولن کي اتر سنڌ ۾ چٽڻ واري مھم ظفر خان ھٿن ۾ ڪنئي ھئي، نصرت خان نہ.

برني، ص. 294.

فرشتا، بمبئي، جلد I، ص. 174-180 ۽ 189.

علاءُ الدين جي پڳ ٻڌڻ (تاجپوشي) جي تاريخ مبارڪ شاھي ۾ آھي.

ساڳيو ذريعو ٻڌائي ٿو تہ اھو شاھي محل ۾ 22 ذي الحج 695ھ تي گھڙيو.

برني، ص. 263-264.

معصومي، ص. 43، جنرل جو نالو نصرت خان ڏنو آھي، جيڪو غلط آھي ۽ ساڳيو حال انھي جي سنہ 698ھ جو آھي.

ان ڳالھ جو مناسب ثبوت نٿو ملي تہ ظفر خان سيوھڻ جي شڪست کان پوءِ لاڙ سنڌ تي ڪاھ ڪئي، سواءِ سنڌي لوڪ داستانن جي، جيڪي علاءُ الدين جي دودي-ٻئين سان چنيسر کي گاديءَ تي بحال ڪرڻ لاءِ ڪيل ويڙھ جي ڳالھ ڪن ٿا. ان کان سواءِ برني، ص. 323، 19 صوبن ۽ 1307/08ع ۾ انھن جي گورنرن جا نالا ڏنا آھن. ملڪ ڪافور ملتان ۽ سِوِستان جو گورنر جاٽايل آھي، پر لاڙ سنڌ جو ذڪر ڪونھي.

ظفر خان سيوهڻ جو قلعو ڪوٽ تي چڙهڻ وارين ڏاڪڻين، پٿر اڇليندڙ مشينن ۽ ٻين جنگي مشينن کان سواءِ ئي رڳو کهاڙين ۽ تيرن سان فتح ڪيو، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو ته سيوهڻ قلعي جون نه ته وڏيون ڀتيون هيون ۽ نه مضبوط اڏاوت، جيئن معصومي ٻڌائي ٿي.

ظفر خان ٿي سگهي ٿو ته لاڙ سنڌ ۽ ڪڇ تي به ڪاهيو هجي. ڪڇي ڪهاوتن ۾ سمن توڙي سومرن جي لاڙ سنڌ کان ڪڇ ڏانهن لڏڻ جي ڳالهه اچي ٿي، علاءُ الدين جي شاهي لشڪر پاران پيڇو ڪرڻ وقت، پر هڪ ڪڇي ڪهاوت مطابق ابڙي، سنڌ جي ڄاڙيجي سمي لاکي جي پٽ رائيڌڻ جي پٽ ڳاجان جي پڙپوٽي، شاهي لشڪر تي حملو ڪري انهي کي شڪست ڏني ۽ ڪُور (سنڌوءَ جي واهڙ گونگڙي مٿان سنڌ جي راڄڌاني) جي سومرن جي شاهي گهراڻي جي عورتن کي بچايو. گجراتي، سنڌي ۽ راجستاني قصن وانگر هيءَ ڪهاوت به ٿي سگهي ٿو پندرهين صديءَ ۾ لکي وئي هجي ۽ تاريخي حقيقت نه هجي. هڪڙي ٻي ڪهاوت ٻڌائي ٿي ته انهي جنگ ۾ ڪڇي سردار ابڙو سمو پاڻ مارجي ويو، پر عورتن کي بچايائين.

معصومي، ص. 42-43، سيوهڻ جي گورنر جو نالو نصرت خان ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي، ڇو ته علاءُ الدين پنهنجي حاڪميءَ جي ٽئين سال ۾ اُلغ خان کي گجرات هٿ ڪرڻ تي لڳايو هو.

برني، ص. 253، ۽ طبقات اڪبري، جلد ا، ص. 142، سنڌ کي آڻ مڃائڻ لاءِ موڪليل جنرل جو نالو ظفر خان ڏنو آهي.

خزائن الفتوح ۾ خسرو مطابق نصرت خان دهليءَ مان گجرات لاءِ 20 جمادي الاول 698هه (23 فيبروري 1299ع) تي نڪتو ۽ اُلغ خان سان گڏجي گجرات ۾ مهم شروع ڪيائين، جڏهن ته برني ان جو سنه 1298ع ڏنو آهي.

فرشتا، ص. 103، هن جو سنه 1297/98ع ڏنو آهي.

بدايوني ۽ يحيٰ بن سرهندي 698هه يا 1299ع ڏنو آهي.

وليمس، ص. 100-101.

**1297-1298ع:**

علاءُ الدين خلجي جي گورنر (گهڻو ڪري ظفر خان) گجرات جي گاديءَ واري هنڌ اَنهلواڙي تي قبضو ڪيو. ڪڇ پنهنجي پراڻن آقائن جي وارثن جي حاڪميت مڃي ۽ گهڻو ڪري ڄاڙيجن سمن جو راڄ قائم رکڻ لاءِ ڏَنُ ڀريائون. اها پڪي ڳالهه آهي ته دهلي هن گهٽ آباديءَ واري ڄاڙيجن جي ملڪ تي موثر ڪنٽرول نه رکي سگهي هوندي، جن جون ٿي نُڪون هڪٻئي کان ڏار ڏار هن پر ڳٽي کي هلائي رهيون هيون. جيئن ته سمن جون مذهبي رسمون هندڪيون ۽ اسلامي گاڏڙ هيون، ۽ مٿن سنڌي سمن جو وڏو اثر هو، سو اهي گجرات جي مسلمان گورنر سان سولا نهي ويا.

وليمس، ص. 100-101.

**1297/98ع 697هه:**

منگولن جي شڪست کان پوءِ ظفر خان جو لشڪر ٻڪر موٽي ويو. ان دوران علاءُ الدين جي حڪم تي اُلغ خان جيسلمير قلعي تي حملو ڪرڻ لاءِ سنڌ (اتر) جو اڌ لشڪر ساڻ ڪيو ۽ گجرات ڏانهن وڌيو.

**1300ع:**

اسماعيلي سنڌ ۽ ملتان ۾ علاءُ الدين جي وقت تائين هليا ۽ ستم ظريفي اها هئي ته ملتان انهن هڙني ٻي دين مسلمانن لاءِ پناهگاهه جو ڪم ڏيندو رهيو، جن پنيان پنهنجن ملڪن ۾ ڪات ڪهاڙا هڻا.

علاءُ الدين ملتان ۾ ايتري ٻي ديني ڏٺي جو ڪيس صفائي مهم هلائڻي پئي.

برني، ص. 249-250.

سنڌ جا سومرا اڃا تائين اسماعيلي هئا.

**1300ع:**

سنڌ ۾ پراڻي وَراچڊ اپڀرمش مان سنڌي ٻولي نڪتي.

وراچڊ اپڀرمش الهندي اپڀرمش مان 900ع ڌاري نهي هئي.

الهندي اپڀرمش اتر اولهه پنجاب ۽ سنڌ ۾ 500ع ڌاري هلندڙ پراڪرت هئي

HCIP، جلد VI، ص. 491-495.

۽ ٿي سگهي ٿو تہ مَدرا، گنڌارا يا سِندُو (سينڌاوِي) پراڪرت سڏبي هجي.

500ع ڌاري ڏکڻ ايشيا ۾ اٺ پراڪرتون هيون.

1. ايرنڌي يا ماڳڌي.
2. وچولي يا ارڌ ماڳڌي.
3. اترين يا خاصا يا هماليائي.
4. سمراسيني يا وچولي، الهندي اتر پرديش، اوڀر پنجاب جي پاڳن ۽ راجستان جي پاڳن ۾ هلندڙ.
5. الهندي راجستان، سؤراشٽر ۽ گجرات واري.
6. ملاوي.
7. مهاراشٽري.
8. اتر-اولهہ پنجاب ۽ سنڌ واري.

**1300ع (لڳ ڀڳ):**

تاج الملڪ ڪافور، ڇهلديو جي مات ٿيڻ کان پوءِ ملتان ۽ سيوهڻ جو گورنر مقرر ٿيو.

برني، ص. 269-270.

**1300/01ع / 700هہ:**

چنيسر بن طائي سومرو مري ويو ۽ سندس گادي پونگر-ٻئين سنڀالي، جنهن 715هہ (1315ع) تائين 15 سال راڄ ڪيو.

تحفت الڪرام، ص. 95-96، هن جي حڪومت 682-700هہ (1283-1300/01ع) تائين ڄاڻائي آهي.
دولت علويہ هي سال اسدالملت دودي جي مرڻ جو ڏنو آهي ۽ نئين راڄ ڌڻيءَ جو نالو ظهيرالدين پونگر ٻڌائي ٿي، جنهن جي حاڪمي هن ذريعي مطابق 740هہ (1339/40ع) تائين هلي.
منتخب التواريخ چنيسر جي حڪومت 713هہ (1313/14ع) تائين هلائي ٿي.
دولت علويہ ٻڌائي ٿي تہ ڪمال الدين چنيسر-ٻئين 1396/97ع (696هہ) تائين راڄ ڪيو، تڏهن ڪيس لاهي سندس جاءِ تي اسدالملت دودي کي آندو ويو، جنهن 700هہ (1300/01ع) تائين راڄ ڪيو.

**1300-1416ع / 700-819هہ:**

پير صدرالدين بن پير شهاب الدين جي حياتيءَ جا ڏينهن. سبزوار ۾ ڄاول، 819هہ ۾ اُچ ۾ مري ويو. هي اسماعيلي پرچارڪ هو ۽ سنڌيءَ سميت ڏيهي ٻولين ۾ پرچار ڪيائين. سنسڪرت سکيو، پاڻ تي هندڪو نالو رکيائين ۽ 'داس اَوتار' ڪتاب لکيائين. هن ڪتاب ۾ پيغمبر محمد کي برهما، علي کي وِشنُو ۽ آدم کي شِو سڏيائين. پنهنجي مريدن کي خواجا (هنرمندن، پڙهيل لکيل ماڻهن، واپارين ۽ ڊاڪٽرن لاءِ فارسي لفظ) نالو ڏنائين، جيڪو اڳتي هلي خوجا يا خواجو ٿي ويو. سندس مريد کيس هريش چندر يا سوها ديوا سڏيندا هئا. اُچ ۾ پوريل آهي.

آرنلڊ، پريچنگس آف اسلام، ص. 225.
مولوي نَجَمُ الغني، مذهبِ اسلام، ص. 334.

**1307-1383ع / 707-781هہ:**

مخدوم جهانيان اُچ واري جي حياتي. هي گهڻو ڪري فيروز تغلق جي ڏينهن ۾ سيوهڻ جو شرطي جاگيردار هو، ان اُڪر مطابق، جيڪا هنوقت

پروفيسر محمد شفيع، ص. 18.
اخبار الاخيار، ص. 72.

قلندر جي قبر تي لڳل آهي ۽ ٻڌائي ٿي تہ هن ولي الله علاءُ الحق علي بغدادي جي قبر تي 7 صفر 758هہ (1357ع) تي قبو اڏايو.

**1310ع / 710هہ:**

راشدالدين فضل الله همداني جامع التواريخ يا منگولن جي تاريخ پوري ڪئي. ليکڪ همدان ۾ 645هہ (1247ع) ۾ ڄائو، فارس جي منگول بادشاهہ غزن خان جو وزير ٿيو ۽ 718هہ (1318ع) ۾ مري ويو.

**1310ع / 711هہ:**

امير خسرو علاءُ الدين خلجي جي تاريخ، تاريخ علائي جوڙي. ڪتاب ۾ علاءُ الدين جي سنڌ تي چڙهائي ۽ دودي ۽ علاءُ الدين وچ ۾ ويڙهہ جي ڳالهہ ڪانهي.

**1314/15ع / 715هہ:**

پونگر بن چنيسر بن طائي سومرو مري ويو ۽ پٽس خفيف نئون راڄ ڌڻي بڻيو.

**1316/17ع / 6 شوال 716هہ:**

سلطان علاءُ الدين مري ويو. تاريخ مبارڪ شاهي ٻڌائي ٿي تہ ڪيس پنهنجي جنرلن مان هڪ ملڪ ڪافور زهر ڏنو هو. ملڪ ڪافور علاءُ الدين جي 5 يا 6 سالن جي پٽ شهاب الدين کي سلطان بڻائي تخت تي ويهاريو، پر اهو علاءُ الدين جي موت کان 35 ڏينهن پوءِ مارجي ويو ۽ تاج الملڪ ڪافور 717هہ (1317/18ع) ۾ علاءُ الدين جي ٻئي پٽ قطب الدين مبارڪ شاهہ خلجي کي نئون سلطان بڻايو.

سندس مرڻ سان دهليءَ جو سنڌ ۽ ڪڇ تان اختيار ختم ٿي ويو.

سڄو نسخو ڊاڪٽر بهمن ڪريمي جو ايڊٽ ڪيل تهران مان 1338ش ۾ ڇپيو آهي. ڏکڻ ايشيا سان لاڳاپيل ٽڪرا بيروني (970-1048ع) تان کنيا ويا هئا ۽ اهي ايليٽ اينڊ ڊائوسن جلد ا ۾ ڏنا آهن. پراڻا نسخا پيرس مان ترتيبوار 1861 ۽ 1901ع ۾ ڇپيا هئا.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486، چنيسر جي حڪومت 713هہ يا 1313/14ع تائين ڏني آهي. هيءَ روايت پروسي جوڳي ناهي.
دولت علويہ هن کي ظهيرالدين پونگر سڏيو آهي، سندس مرڻ جو سنہ 740هہ (1339/40ع) ۽ ڪانئس پوءِ گادي سنڀالڻ وارو فخرالدين عمر-پهريون ڏنو آهي، جنهن 775هہ (1373/74ع) ۾ تخت ڇڏيو. هيءَ روايت پڻ مڃڻ جوڳي ناهي، ڇو تہ سومرن جي حڪومت 1351ع کان سُتت پوءِ همير جو تختو اونڌو ٿيڻ سان ختم ٿي وئي، جڏهن سمن لاڙ سنڌ تي حڪومت شروع ڪئي، جيئن شمس سراج عفيف تصديق ڪئي آهي.

مبارڪ شاهي، ص. 81، تاريخ 6 شوال 715هہ ڏني آهي.
معصومي، ص. 43، سندس مرڻ جي تاريخ 6 شوال 717هہ ڏني آهي.
برني، ص. 381، تاريخ 6 شوال ڏني آهي، سال نہ ڏنو اهي.
فرشتا، 6 شوال 716هہ ڏنو آهي.
تصديق امير خسرو جي نُهَ سِفَر مان ٿئي ٿي.

معصومي، ص. 45، ٻڌائي ٿي تہ هي ياڳا ملڪ غازي جي جاگير ۾ ڏنا ويا هئا. هيءَ ڳالهہ غلط آهي، ڇو تہ همعصر تاريخدان برني، ص. 323، ٻڌائي ٿو تہ ملتان ۽ اُچ تاج الملڪ ڪافور کي جاگير ۾ ڏنا ويا هئا.
ساساني پهرين قوم هئا، جن اشرافيا يا جاگيردار پيدا ڪري آزاد ڪڙمين کي غلام بڻايو - جاگيرداري انقلاب، جنهن جو يورپ ۽ ايشيا جي سيني ملڪن تي اثر پيو.
عربن، سلاو-روسين ۽ وچ ايشيائين هن نظام جو نقل ڪيو، جيئن گِرشمئن، ص. 345، لکيو آهي.
ڏکڻ ايشيا ۾ اهو عربن آندو، پر ترقي دهلي سلطانن جي ڏينهن ۾ ڪيائين. مغلن جي دور ۾ انهن جو ڏُن پرڻ وارن جي جهاپي ۾ (جيڪي هندو توٽي

مسلمان ٿِي هئا) اهو استحصال جي عروج تي پهتو ۽ جاگيردارن جو هڪ نئون طبقو پيدا ٿيو. راجپوتن جو ڪتري طبقو رضا رغبت سان اڪبر کان وٺي اورنگزيب تائين (1556-1707ع) مغلن سان مليل رهيو. چاڪاڻ جو جاگيرداري سندس روايتي ڏنڌي سان ٺهڪي پئي.

**1317-1320ع / 717-720هه:**

سومرن پنهنجي گادي نئي ڏانهن لڏائي. ساڳئي وقت دهلي سرڪار جي پاڄاري لاهي ڦٽي ڪيائين.

سنڌو درياءَ 1300-1340ع جي وچ تي پنهنجو وهڪرو مٽائيندو ٿو ڏسجي. نئي جي اتر پاسي وهندڙ ڪلري مڪيه واهڙ تي ويو ۽ نئي جي ڏکڻ ۾ وهندڙ بگهاڙ ٿي درجي تي هليو ويو. درياءَ جو هي ورهاڱو نئي کان اٽڪل 10-12 ميل اپرندي ٿيو، جيڪو پوئين صديءَ ۾ جهوڪ ۽ ٻُلڙيءَ جي وچ تي هو. ريڻ جيئن هو تيئن وهندو رهيو، پر گونگڙو، جنهن جي ڪنڌيءَ تي سومرن جو راڄڌاني شهر ٺُور هو، تنهن ۾ پاڻي ٻنهه گهٽجندو ٿو ڏسجي، جنهن سبب ٺُور شهر اُجڙي ويو.

وچولي سنڌ ۾ بکر گارج کان هيٺ درياءُ هاٽوڪي وهڪري کان اٽڪل 16 ميل اپرندي وهندو هو. نصرپور شهر فيروز شاهه تغلق 1351ع ۾ هن وهڪري تي اڏيو هو.

ديبل کي درياءُ ڇڏي ويو ۽ نئون بندرگاهه لاڙي بندر ڪلري واهڙ تي ٿهيو. اپرندي ۽ الهندي پُراڻن کي پڻ درياءَ سدائين لاءِ ڇڏي ويو.

معصومي، ص. 46، ٻڌائي ٿو ته انهن بغاوت ڪئي ۽ نئي تي قبضو ڪيائون.

سومرا نئي شهر جا اڏيندڙ هئا. ٿي سگهي ٿو انهن پنهنجي گادي محمد ٺُور کان نئي ڏانهن سنڌو درياءَ ۾ آيل آبي ڦيرن جي ڪري لڏائي هجي. بغاوت علاءُ الدين جي موت ۽ ان کان پوءِ دهليءَ ۾ پيدا ٿيل افراتفري سان ٺهڪي اچي ٿي.

گهٽو ڪري علاءُ الدين جي جنرل ظفر خان کين 98/1297ع ۾ آڻ مڃائي ڏنُ او ڳاڙيو هو ۽ انهي جي مرڻ تي پڪ سان آزاديءَ جو اعلان ڪيو هوندائون.

معصومي کان سواءِ ڪنهن تاريخ هي واقعو نه ڏنو آهي. مير معصوم سومرن ۽ سمن جي دور بابت انتهائي بي پروسو آهي ۽ پنهنجي ڄاڻ جو آڌار ٻُڌ سُڌ، لوڪ ڪهاڻين ۽ ان مفروضي تي رکيو اٿس ته سومرا ۽ سما غزنوين، غورين ۽ دهلي سلطانن جا ماتحت هئا.

**اپريل 1320ع / 5 ربيع الاول 720هه:**

خسرو خان، هڪ هندو غلام جيڪو مالوا ۾ پڪڙيو ويو هو، اسلام قبوليو هئائين ۽ وڏي دکن جي سيني پرڳڻن جي گورنر جي رتبي رسيو هو. تنهن سلطان قطب الدين مبارڪ شاهه خلجي کي مارايو ۽ ٻئي ڏينهن يعني 6 ربيع الاول تي سلطان ناصرالدين سڏائي پاڻ سلطان ٿجي ويو.

آئينِ حقيقت نامه، جلد I، ص. 298.

**1320ع / رجب 720هه:**

سلطان قطب الدين مبارڪ شاهه کي مارائڻ کان پوءِ خسرو خان پنهنجي ڌُر کي سگهارو ٺاهيو، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي گجرات جا پَرِوَاري (هندوءَ مان مسلمان ٿيل خسرو بَرِوَار يا پَرِوَار قبيلي منجهان هو) ۽ ڪجهه مسلمان باغي شامل هئا. ملڪ فخرالدين داول خسرو خان جا ظلم سندس پيءُ جي ڪاتي ۾ وڌا آهن. هن تي ملڪ غازي (تغلق) پنهنجي ذاتي سيڪريٽريءَ کي ملتان جي گورنر امير مغلاتي، سِوستان جي گورنر محمد شاهه، اُچ جي گورنر بهرام آئبا، عينُ المُلڪ ملتاني، سمانا جي گورنر يَڪلَڪي ۽ جلور جي گورنر هوشنگ سيني ڏانهن سلطان جي موت جو پلاند وٺڻ لاءِ جنگ ۾ مدد گهرڻ لاءِ خط لکڻ جو چيو. لاڙ سنڌ جي سومرن جي نالي ڪو خط نه لکيو ويو، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو ته اهي آزاد هئا.

هن جي وڌيڪ پڪ هن حقيقت مان ٿئي ٿي ته محمد شاهه جي پٽ سِوستان (سيوهڻ) جي گورنر، جنهن کي اميرن هن خط جي پهچڻ کان اڳ ڏڪَ (جيل) ۾ واڙي ڇڏيو هو، کي ان شرط تي ڇڏيو ويو ته محمد شاهه غازي

ايليٽ، جلد III، ص. 211، پَرِوَاري لاءِ .

تغلق نامه، امير خسرو جو، حيدرآباد (دکن)، سنون 843-896، ۽ ص. 45-48 ۽ 54-62 پڻ.

فتوح السلاطين تغلق نامه جي وِيچارن جي تصديق ڪري ٿي.

تاريخ مبارڪ شاهي، ص. 88-90.

آئينِ حقيقت نامه، جلد I، ص. 298-299.

ملڪ جو ساٿ ڏيندو. انهي ائين ڪرڻ قبوليو، پر سندس پهچڻ ڪان اڳ جنگ ختم ٿي ويئي. تغلق نامہ ۽ تاريخ مبارڪ شاهي پڻ تصديق ڪن ٿيون تہ غازي ملڪ ملتان ۽ سيوهڻ ڪان گهوڙا ۽ اوڳاڙيون نيئندڙ قافلو ڦريو ۽ اها دولت خسرو خان کي شڪست ڏيڻ تي لاتائين. سپاهين کي 2 سالن جون پگهارون اڳواٽ ڏنيون ويون. سوپ جو مکيہ ڪارڻ سنڌي ۽ ملتاني فوجي هئا.

هنن سيني ذريعن ۾ لاڙ سنڌ جي سومرن جو ڪو ذڪر ناهي.

ملڪ غازي پاڻ کي غياث الدين تغلق سڏائي نئون سلطان بڻيو.

**7 سيپٽمبر 1320ع / 1 شعبان 720ھ:**

ملڪ غازي (تغلق) دهليءَ جي تخت تي ويٺو.

مبارڪ شاهي، ص. 92، سال 721ھ ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.
تغلق نامہ ص. 132-134 ۽ 144، سنہ 721ھ ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.
معصومي، ص. 45.
عِصامي، فتوح السلاطين، ساڳئي ئي سنہ جي تصديق ڪري ٿو. فرشتا هن واقعي جو سنہ 1321ع (721ھ) ڏنو آهي، پر پهرين ٻن ذريعن جي روايت وڌيڪ مڃڻ جوڳي آهي.
تغلق ڌار ڌار ماهرن ڌار ڌار طريقي لکيو آهي.
ابن بطوط ان کي تُغلُق لکيو آهي.
مورلينڊ ان کي تُغلَق لکي ٿو.
لين پُول ان کي تُغلڪ لکي ٿو.
سر اوريل اسٽائين ان کي تَغلِڪ لکي ٿو.
سر وولسلي هيگ ان کي ٻئي هنڌان ڪٿي تُغلُق لکيو آهي.

**1320ع يا سُتت پوءِ:**

غياث الدين تغلق 1320ع ۾ تخت سنڀالي پنهنجي ساٿين ۽ مائٽن کي لقبن ۽ عزتن سان نوازيو. بهرام خان آئبا کي ڪِشلُو خان جي لقب سان گڏ (اتر) سنڌ ۽ ملتان جي حڪومت ڏنائين. ڪيس پنهنجو ڀاءُ سڏي پڻ مانُ ڏنائين. انهي ئي وقت پنهنجي سڀ ڪان وڏي پٽ ملڪ فخرالدين جُونا کي پنهنجو ظاهري وارث چئي ۽ اُلغ خان جو لقب ڏئي نوازيائين. سيني درٻارين ڪان انهي جي بيعت ڪرڻ جو قسم کڻايو ويو.

**1320ع:**

سمن، جن سومرن کي اقتدار ۾ اچڻ ۾ ساٿ ڏنو هو، پر اڳتي هلي سومرن کين ڪڇ ڏانهن ڌوڙائي ڪڍيو هو ۽ گجرات جي چاوڙن وٽ وڃي پناھ ورتي هئائون، تن ڪڇ ۾ پنهنجي بادشاهي ٺاهي. سنڌ جي سمن اسلام قبوليو، پر جيڪي ڪڇ هليا ويا سي هندو ئي رهيا.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، سنڌ هيٺ.

**1320-1325ع:**

غياث الدين تغلق دهليءَ مان حڪومت ڪئي. 1320ع ۾ جڏهن غياث الدين تغلق (ملڪ غازي) دهليءَ ڏانهن وڌي رهيو هو، سومرن، جن لاڙ سنڌ تي راڄ پئي ڪيو، اتر سنڌ جا وڌيڪ علائقا والاري ورتا.

**جولاءِ 1325ع:**

غياث الدين تغلق جو موت، پٽس محمد تغلق پاران پنهنجي پيءُ جي آجيان لاءِ جوڙيل ڪاٺ جو محل ڍهي پوڻ سبب. محمد تغلق سينگاريل هاٿين تي چڙهي جلوس ۾ هلڻ جي اجازت گهري، جيڪا عطا ڪئي وئي. هاٿين جي پهچڻ تي ڍانچو ڍهي پيو، سلطان پورجي ويو.

معصومي، ص. 46.
رحلہ، ص. 391-395.
برني، ص. 452.
طبقات اڪبري، ص. 198 ff.

ابن بطوط ٻڌائي ٿو ته انهي جو بندوبست محمد بن تغلق ڪيو هو. مهدي حسين محمد بن تغلق جي يادگيرين جو حوالو ڏئي چوي ٿو ته سلطان 4 سال ۽ 10 مهينا حڪومت ڪرڻ کان پوءِ مري ويو. سر وولسلي هيگ اها تاريخ فيبروري 1325ع طيءِ ڪري ٿو، جيڪو درست نٿو لڳي، ڇو ته هي واقعو چتي گرميءَ ۾ ٿيو هو.

بدايوني، منتخب التواريخ، ص. 224-225.

برني، محمد تغلق کي هن ۾ پائيوار نٿو سمجهي ۽ چوي ٿو ته طوفان سبب ڪاٺ جو محل ڍهي پيو ۽ سلطان ان ۾ پورجي ويو. اهو پڻ سمجهي ٿو ته ائين ڪنوڻ ڪرڻ سبب ٿيو.

سر وولسلي هيگ چوي ٿو ته برني فيروز شاهه جي قهر کان ڊڄي سچي ڳالهه نه ٻڌائي آهي.

سر وولسلي هيگ، جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، جولاءِ 1922.

پوءِ جون تاريخون جهڙوڪ طبقات اڪبري ۽ منتخب التواريخ، جيتوٽيڪ ٻئي سڌا ذريعا ناهن، ٻڌائين ٿيون ته اُلغ خان (محمد تغلق) پنهنجي پيءُ کي مارڻ لاءِ سعيو ڪري اهڙو نازڪ ڍانچو ٺهرايو هو.

فرشتا اُلغ خان جي انهي جي ڌهڻ کان اڳ نڪري وڃڻ کي رڳو هڪ اتفاق سمجهي ٿي. پر اها پڻ سڌو ذريعو ناهي. هنن سڀني مان ابن بطوط وڌيڪ پروسي جوڳو ٿيندو، ڇو ته انهي هي ڪتاب پرانهين ملڪ ۾ تڏهن لکيو جڏهن اهو سلطان جي سرپرستيءَ هيٺ ۽ ذميوار عهدن تي رهي سلطان محمد تغلق جي دربار ڇڏي وڃي چڪو هو.

**1326/27ع / 727هه:**

بغاوت ڪندڙ غياث الدين بهادر بُورا ۽ بهاءُ الدين گُرشاسپ جون کلون، جن کي محمد تغلق جي حڪمن تي ماري کُليو ويو هو، سنڌ پهتيون. ملتان ۽ اتر سنڌ جي گورنر ڪِشلُو خان انهن ٻنهي کي پورڻ جو حڪم ڏنو.

ابن بطوط جو رحلہ، ص. 95-96.

ابن بطوط هن کي بهاءُ الدين گُشتاسپ، غياث الدين جي ڀيڻ جو پٽ، ٻڌائي ٿو، پر فرشتا هن کي بهاءُ الدين گُرشاسپ، محمد تغلق جي چاچي ۽ اهم امير جو پٽ، ٻڌايو آهي. انهي محمد تغلق جي بيعت جو قسم ڪٽڻ کان نهڪر ڪئي ۽ سندس خلاف خواجا جهان جي مهنداريءَ ۾ وڏو لشڪر موڪليو ويو. جنهن هندو راجائن جي مدد سان گُشتاسپ کي شڪست ڏني ۽ ٻڌائونس. سندس جيئري کل لاٿي وئي، سندس ماس چانورن سان گڏائي رڌيو ويو ۽ هاٿين کي وڌو ويو. پوءِ سندس کل کي ٻُهه سان پريو ويو ۽ سڄي سلطنت ۾ ڏيکارڻ لاءِ موڪليو ويو.

فرشتا، ص. 241.
هن جي تصديق عِصامي به ڪئي آهي.
مبارڪ شاهي، ص. 99، هن کي ملڪ بهادر گُرشاسپ ٻڌايو آهي.
برني هن سڄي واقعي جي ڳالهه ئي نه ڪئي آهي.

**1326/27ع / 727هه:**

بهرام آئبا، ڪِشلُو خان لقب مليل ۽ محمد تغلق پاران ياءُ سڏيل، کي محمد

طبقات اڪبري، جلد ا، ص. 192.

بن تغلق ملتان، اُچ ۽ اتر سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو.

عهدو سنڀالڻ کان سُتت پوءِ بغاوت ڪيائين. فرشتا ٻڌائي ٿي ته بغاوت جو ڪارڻ ڪيس پنهنجو ڪٽنب نئين گادي دولت آباد ڏانهن موڪلڻ تي مجبور ڪرڻ هو .

دليل ڏنو وڃي ٿو ته هن کي ملڪ بهادر گُرشاسپ کي مارڻ جو رنج هو، جنهن دولت آباد وڃڻ کان نهڪر ڪئي هئي، انهي ڪري بغاوت ڪيائين ۽ پنهنجي انجام رسيو.

ابن بطوط ٻڌائي ٿو ته ڪِشلُو خان جي بغاوت جو ڪارڻ اهو هو ته محمد تغلق پنهنجي سڳي ڀاڻيجي گُرشاسپ جي کل لهرائي ۽ انهي کي گاهه سان ڀرائي سموري سلطنت ۾ گهمارايو هو. جڏهن اها سيوهڻ پهتي ته ڪِشلُو خان انهي کي پورائي ڇڏيو.

معصومي جو چوڻ ته ڪِشلو خان بکر کي پنهنجو هيڊڪوارٽر بڻايو غلط آهي.

برني ٻڌائي ٿو ته بغاوت جو ٻڌي محمد تغلق دهلي موٽي ويو ۽ ڪِشلو خان کي مات ڪرڻ لاءِ لشڪر موڪليائين. انهي کي ملتان ويجهو شڪست ٿي، ٻڌائونس ۽ سسي لاهي ڇڏيائونس. ڪِشلو خان جو لشڪر ملتانين تي ٻڌل هو، تنهنڪري محمد تغلق ملتان ۾ ڪوس جي موڪل ڏيڻ جو پڪو پهه ڪيو، پر شيخ رڪن الدين جي وقت سر وچ تي پوڻ ڪري هي ڪم ٽري ويو.

معصومي پڻ ٻڌائي ٿي ته ڪِشلو خان کي ملتانين ۽ بلوچن جو ساٿ هو. بلوچن بابت هي بيان پروسي جوڳو ناهي.

آئينِ حقيقت نامہ، جلد II، ص. 282-283.

برني، ص. 479.

معصومي، ص. 46-48. لڳي ائين ٿو ته ڪِشلُو خان جي سنڌ ۾ ڪا هلندي پڄندي نه هئي.

رِحلہ، جلد III، ص. 318-323.

مبارڪ شاهي، ص. 100، واقعي جي تصديق ڪري ٿي.

**1327/28ع / 728هه:**

ڪِشلو خان جي ملتان ۾ بغاوت ڇٽڻ کان پوءِ سلطان محمد تغلق ملتان، بکر ۽ سيوستان لاءِ مناسب ۽ پنهنجي اعتبار وارو گورنر مقرر ڪيو ۽ ساڳئي سال جي پڇاڙيءَ ۾ گاديءَ جي هنڌ ڏانهن موٽي ويو.

معصومي، ص. 48.

**1327ع:**

منگولن چَنگتيا سردار تَرمشيرين (ڏَرمِسري)، آمون جي علائقي جو ٻوڏي، جنهن اسلام قبوليو هو، جي مهنداريءَ ۾ ڏکڻ ايشيا تي حملو ڪيو. ملتان کي مات ڪرڻ کان پوءِ اهو دهليءَ ڏانهن وڌيو. محمد تغلق ڪيس جهجهي دولت ڏئي امن خريد ڪيو.

ترمشيرين، محمد تغلق جون سوکڙيون ۽ دولت قبولي آمون ڏانهن موٽيو، پر موٽندي واٽ تي گجرات ۽ سنڌ (اُچ ۽ ملتان) ۾ ڦرلٽ ڪيائين. ڪيترائي قيدي پاڻ سان وٺي ويو ۽ پنهنجو نياٽو امير نوروز ۽ منگول سردارن جو هڪ وڏو انگ محمد تغلق جي دربار ۾ موڪليائين. اهي هڙئي محمد تغلق جي لشڪر ۾ شامل ٿي ويا ۽ امير نوروز 1351ع ۾ سلطان جي سوندا ۾ مرڻ تائين 20 سال نوڪريءَ ۾ رهيو، تڏهن هي منگول سومرن سان ملي ويا ۽ شاهي لشڪر کي ڦريائون.

مبارڪ شاهي، ص. 101، 113 ۽ 118.

تيمور جو ظفر نامہ هن جي تصديق ڪري ٿو.

ايليَٽ اينڊ ڊائوسن، ص. 377، 363 ۽ 303.

برني منگولن جي نٽي ويجهو ڪيل دوکيبازيءَ جا تفصيل ڏنا آهن.

**1327/28ع / 728هه:**

محمد تغلق، قَوامُ المُلڪ مقبول کي ملتان جو نئون گورنر لڳايو. قَوام

منتخب التواريخ، ص. 95-96 ۽ 484-486.

المُلڪ، ڪنور رائو ديو جو هندو غلام هو ۽ اسلام قبوليو هئائين. ڪيس ماتحتي ۾ ڪمانڊر بهزاد خان ۽ نائب ڪمانڊر شاهو لوڏي (افغان) ڏنا ويا.

هي سنڌ جو ٻه گورنر هو، اهڙو ڪو ذڪر ڪونهي.

آئينِ حقيقت نامہ، جلد II، ص. 83.

**1330-1331ع:**

ابن بطوطہ لکي ٿو تہ عِمادُالمُلڪ سَرتيز اتر سنڌ (ملتان) جو گورنر هو، تڏهن هڪ ماٺهو تَرمشيرين (منگول حملي آوار) هجڻ جو دعويدار اتي پهتو ۽ اميرن منجهان ڪجهہ ڪيس سچاتو تہ برابر تَرمشيرين آهي. اهو تَرمشيرين ملتان ۾ ڪجهہ ڏينهن ترسيو ۽، گهٽو ڪري، پنهنجي منگول قبيلي جي پوئلڳن سان گڏ دهليءَ جي پاسي هليو ويو.

هن بيان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ عمادالملڪ سنڌ جو نہ پر ملتان جو گورنر هو.

تَرمشيرين ڏکڻ ايشيا تي 1327ع ۾ ڪاهہ ڪرڻ کان پوءِ آمون پاسي موٽي ويو، پر ڪيس عهدي تان لاٿو ويو ۽ محمد تغلق وٽ پناهہ وٺڻ ڏکڻ ايشيا ڏانهن پهچي آيو.

**1329/30ع / 730هہ:**

ڪَزويني حمادالله بن ابو بڪر بن حمد بن نصر مُستَوفي تاريخ گُزيدا لکي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ايرانين ۽ عربن جي ڪاهن جو احوال آهي.

هي نسخو لنڊن مان 1910 ۾ ڇپيو آهي. براﺋون جو ڪيل انگريزي ترجمو، لنڊن، 1921.

**1329-1332ع / 730-732هہ:**

محمد بن تغلق جو جاري ڪيل يادگاري سِڪو هليو.

ابن بطوطہ 1333ع ۾ سنڌ ۾ ڪاغذي سڪو هلندي ڪونہ ڏٺو.

**1332/33ع / 733هہ:**

خفيف بن پونگر بن چنيسر سومرو مري ويو ۽ پاڻس دودو-ڀيون بن پونگر راڄ ڌڻي بڻيو.

هن وقت تائين سومرن جي اتر سنڌ ۾ حڪومت بنهہ ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ زوال شروع ٿي چڪو هو ۽ نيٺ سمن سندن آخري حاڪم همير کي نيڪالي ڏئي ڇڏي.

سومرن جي ٽڙي پکڙي وڃڻ ۽ محمد بن تغلق جي لشڪر کي ڦرڻ جو جيڪو احوال برني ڏنو آهي، تنهن مان لڳي ٿو تہ اهي لاڙ سنڌ ۾ ڏاڍا سگهارا هئا. اتر سنڌ ۾ درياءَ وهڪرو مٽائي، 20 ميل کن اولهہ پاسي وڃي، الهندي ناري جي پاسي پاسي سان نئون گس وٺي ملڪ ڦِٽائي ڇڏيو ۽ هنن جو زور پيچي وڌو. وچولي سنڌ ۾ رهندڙ سمن فيروز تغلق سان شروع کان ئي سنا لاڳاپا ناهي ورتا هئا. هنن ڏينهن ۾ ئي سما گهراڻي جون سنڌياڻيون ڇوڪريون دهليءَ جي شاهي حرم ۾ پهتيون هيون.

تحفت الڪرام، ص. 69 ۽ 486.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، حسام الدين پاران حوالو، تحفت الڪرام، ص.95-96 ۽ 484-486، پونگر جو مرڻ 728هہ (1327/28ع) ۾ ۽ خفيف جو مرڻ 746هہ (1345/46ع) ۾ ڄاڻايو آهي. هيءَ روايت پروسي جوڳي ناهي.

هن کان اڳتي تحفت الڪرام، دولت علويہ ۽ منتخب التواريخ جا سن پروسي جوڳا ناهن.

ماهرُو جو خط نمبر 134، ص. 233-234.

HCIP، جلد VI، بڏائي ٿي تہ ٻانيٽئي جي ڏيءُ فيروز شاهہ سان پرڻيل هئي. هينئن دختر جي معنيٰ ڌيءُ وٺڻ آڏار ڇيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ ڇوڪري پڻ آهي.

**1332/33ع کان 1352ع يا پوءِ:**

دودي، عمر ۽ پونگر-ٽئين سومرن جي حڪومت. پونگر-ٽئين جي مرڻ تي همير لاڙ سنڌ جو حاڪم بڻيو ۽ سمن 1352ع ڌاري نيڪالي ڏنس.

تحفت الڪرام هنن بادشاهن جي حڪومت هن ريت ڏني آهي:

| | |
|---|---|
| دودو-ڀيون | 733-780هہ (1332-1378ع) |
| عمر | 780-793هہ (1378-1390ع) |
| پونگر | 793-803هہ (1390-1400ع) |

همير 803- ھ (1400- ع)

واقعن جي هن غلط ترتيب مان هڪ دلچسپ نتيجو جيڪو ڪڍي سگهجي ٿو، سو اهو آهي ته محمد تغلق جي لشڪر جو 1351ع ۾ پيڇو ڪرڻ وارو دودو-ڀيون هو ۽ اهو به ته دودي ۽ دهليءَ جي ويڙهه جو احوال ڏيندڙ لوڪ داستان ٿي سگهي ٿو محمد تغلق جي سنڌ تي ڪاهه جي ڳالهه ڪندا هجن.

دولت علويه ساڳئي عرصي جي واقعن جي ترتيب هن ريت ڏني آهي:

(ظهيرالدين) پونگر 700-740ھ (1300-1339/40ع)

(فخرالدين) عمر 740-775ھ (1339/40-1373/74ع)

(قمرالدين) طاهر 775-813ھ (1373/74-1410/11ع)

(معين الدين) ارميل 813-822ھ (1410/11-1419ع)

(بهاءُ الدين شاه مير) يا همير 822-843ھ (1419-1439/40ع)

هيءَ ترتيب به متينءَ جيتري ئي غلط آهي ۽ ڏنگين ۾ ڏنل نالا ڄُڙتو آهن. سمن جي حڪومت سچي سنڌ تي 1352ع کان سُتت پوءِ همير کي نيڪالي ملڻ سان شروع ٿي.

معصومي سمن جي حڪومت جي شروعات علاءُ الدين خلجي جي دور کان ٻڌائي آهي. اها ٿي سگهي ٿو وچولي سنڌ جي ڪنهن ننڍڙي ڀاڱي تي هجي، پر لاڙ سنڌ تي سومرن جي حڪومت هلندي رهي. راورٽي سمن جي حڪومت جي شروعات 1342ع ۾ ڏني آهي، جڏهن محمد تغلق جي ڪاهه سبب پيدا ٿيل افراتفري باغي قوتن کي هُشي آئي. هي درست نٿو چوي، ڇو ته جام انڙ دهلي سلطنت خلاف ڀريون پيرو 1333ع ۾ بغاوت ڪئي ۽ پنهنجي حڪومت وچولي سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ سيوهڻ ۾ نه پر گهٽو ڪري نوابشاهه ضلعي ۾ پنهنجي قبيلي جي هيڊڪوارٽر ۾ ناهيائين.

طاهر سمن جي حڪومت جي شروعات 843ھ يا 1439ع ۾ ٻڌائي آهي، پر اهو به غلط ٿو چوي، ڇو ته عفيف 1365ع ۾ سمن کي ٺٽي ۾ حڪومت ڪندي ڏٺو. هن جي تصديق سيرتِ فيروز شاهي ۽ تحفت الڪرام مان به ٿئي ٿي.

هن مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته سما علاءُ الدين خلجي جي دور ۾ ابريا، ڀريون پيرو بغاوت 1333ع ۾ ڪيائون ۽ سومرن کي مڪمل نيڪالي 1353-1360ع جي وچ تي ڏنائون، جيئن ماهرو جي خطن مان اشارا ملن ٿا.

سما يادَو نسل جا راجپوت هئا، جيئن چچنامو ٻڌائي ٿو. سيرتِ فيروز شاهي کين مسلمان ڪري سڃاڻي ٿي.

ماهرو جا خط تصديق ڪن ٿا ته اهي مسلمان هئا.

تحفت الڪرام کين نوح جا پونير سمجهي ٿو، جيڪو هترادو گهڙيل آهي.

معصومي، ص. 22.

راورٽي، مهراڻ، ص. 325.

طاهري، ص. 148-151.

عفيف، ص. 199.

تحفت الڪرام، ص. 99-100.

ماهرُو جو خط نمبر 46، ص. 100-103.

ايليَٽ اينڊ ڊائوسن، جلد ا، ص. 496.

اِنشاءِ ماهرُو، خط 46، 99 ۽ 134، ص. 100-103، 186-189 ۽ 229-235.

تحفت الڪرام، ص. 99-100

**1333ع کان ڀريان:**

سنڌو درياءُ گهارو ڪاري ڇڏي ويو ته ديبل جي جاءِ لاڙي بندر ورتي. انهي کان پوءِ درياءَ جي وهڪري ۾ هڪڙو ٻيو وڏو ڦيرو آيو. بکر بيٽ ٻڻجي ويو، جيڪو انوقت تائين سکر واري پاسي کان سُڪيءَ سان ڳنڊيل هو.

# سمن جي اقتدار تائين اُسرڻ جي ابتدا

**1333/34ع / 734ھ:**

ڄام انڙ ۽ قيصر رومي دھلي سرڪار خلاف بغاوت ڪري ڪئي ۽ دھلي سرڪار جي سيوھڻ ۾ نمائندي، راجاءِ سنڌ لقب رکندڙ، ملڪ رتن کي ماري وڌائون.

رتن حساب ڪتاب ۾ ماھر ھو. سيوھڻ سندس جاگير ۾ ھو. ڄام انڙ خزانو ڦريو ۽ باغين ڪيس ملڪ فيروز جو لقب ڏنو ۽ اتر سنڌ جو راڄ ڏٽي ٻڌائي ڇڏيائونس.

ڀٽس ڀانيٽي 1351 ۽ 1360ع جي وچ تي ھمير بن دودي سومري کي شڪست ڏني ۽ سنڌ جو راڄ ڏٽي ٻڌي ويو. ھمير سنڌ کان ٻاھر وڃي پناھ ورتي.

بغاوت جي خبر جڏھن ملتان پھتي تہ اتان جي گورنر سرتيز بغاوت چٿڻ لاءِ فوج موڪلي. ڄام انڙ پنھنجي قبيلي کان پري ھجڻ ڪري پنھنجي گھر ڏانھن نڪتو. باغين قيصر کي پنھنجو امير ٻڌائي ڇڏيو. عماد الملڪ سرتيز جي فوج سيوھڻ تي ڪڙو ڇاڙھيو، جيڪو 40 ڏينھن کان پوءِ فتح ٿيو ۽ قيصر جي ماڻھن ۽ باغين کي ڳريون سزائون ڏنيون ويون. ڄام انڙ لڳي ٿو تہ پنھنجي قبيلي تائين صحيح سلامت وڃي پھتو.

ساڳئي وقت دولتپور ۾ ملڪ ھُشند بغاوت ڪئي ۽ جڏھن سلطان پاڻ پنيان ويس تہ الھندي گھاٽ جي ڪنھن ھندو راجا جي علائقي ڏانھن ڀڄي ويو.

شاھو افغان ملتان ۾ بغاوت ڪئي، پنھنجي نائب بھزاد کي ماريائين ۽ شھر تي قبضو ڪري ورتائين، پر جڏھن سلطان ملتان ڏانھن چڙھيو تہ ھي افغانستان ڏانھن ڀڄي ويو.

انھي وقت صنم، سمانا، ڪيٿل ۽ ڪُھرام ۾ پڻ ھندن بغاوت ڪئي، پر سلطان انھن کي دٻايو. 737ھ (1336ع) ۾ بنگال، سوناگائون جي اڳوڻي گورنر بھرام خان جي ھٿيار بردار فخرالدين جي مھنداريءَ ۾ بغاوت ڪئي ۽ آزاديءَ جو اعلان ڪيو. سمورو راجپوتانا آزاد ٿي ويو.

انھي کان پوءِ الھندي تيليگو، تِلنگانا، تانڊِي ۽ مَندالَم (اتر مالابار) ۾ ھندن پاران لڳاتار بغاوتون ٿينديون رھيون ۽ اھي سلطان جي 1351ع ۾ مرڻ تائين ھلنديون رھيون.

سنڌ 1333ع ۾ بغاوت ڪرڻ وارو پھريون علائقو ھو.

رِحلہ، جلد III، ص. 5-6.

ڄام نظام الدين جي مقبري واري اُڪر مطابق سندس نالو فيروزالدين ڄام انڙ ھو.

اِنشاءِ ماھرُو، خط نمبر 46، ص. 101-102.

رحلہ، مٿيون حوالو، ص. 5-6.

معصومي، ص. 294، ٻڌائي ٿي تہ ڄام انڙ پنھنجي قبيلي ۾ پھچڻ کان پوءِ گھڻو شراب واپرائڻ ڪري مري ويو. ھي غلط آھي، جيئن داخلا 1335ع ۾ ڏسيو ويو آھي.

ابن بطوطہ باغين جا لاش سڄي شھر جي عالم پناھن تي ڪِلن ۾ ٽُنبيل ڏٺا.

ابن بطوطہ انڙ کي سومرو ٿو ٻڌائي. ڊاڪٽر دائودپوٽي (معصومي، ص. 294) مطابق ڄام انڙ کي سومرن ۽ سمن (وچولي سنڌ جا) ٻنھي گڏجي اڳواڻ چونڊيو ھو. ڊاڪٽر اسلام، اسلامڪ ڪلچر، 1948، لکي ٿو تہ اُنڙ (وَنار) سومرو ھو. سندس ذريعو ابن بطوطہ آھي، جنھن پُل ۾ سمي کي سومرو چيو آھي.

سومرن جي اتر سنڌ ۾ طاقت سنڌو درياءَ جي آبي ڦيرن سبب گھٽجي وئي ۽ سندن اڳواٽي ھوريان ھوريان وچولي سنڌ جي سمن جي ھٿن ۾ ھلي وئي.

جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، 1909، ص. 673 ۽ جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، 1922، ص. 304، 341.

اِيشوَري پرشاد، 'ھسٽري آف قارُونا تَرڪس'، ص. 141-144، 152.

عِصامي، فتوح السلاطين، ص. 451-452 ۽ 481-523، سلطان کي ڪافر سڏيو آھي ۽ عام بغاوت لاءِ زور ڏنو آھي.

طبقات اڪبري، ص. 205.

مبارڪ شاھي، ص. 99-116.

ساستري، ڪي. اي. نِيلڪانا، 'اي ھسٽري آف سائوٿ انڊيا'، ص. 226-228.

راءِ بھادر گؤري شنڪر اوجھا، ھسٽري آف راڄپوتانا، جلد I ۽ II، اجمير، 1928.

**1333-1352/53ع:**

فيروزالدين شاهه ڄام انڙ بن ٻانڀڻيو-ٻهريون جي حڪومت.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ، تحفت الڪرام ۾، ص. 100، سندس موت جو سنه 1337ع ڏنو آهي.
ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307، سندس حڪومت 1348 کان 1352ع تائين ڏني آهي.
هي بيان غلط آهي، ڇو ته هي ڄام اقتدار ۾ وچولي سنڌ ۾ 1333ع ۾ آيو هو ۽ ٿي سگهي ٿو ته وچولي سنڌ تي انهي کان وٺي راڄ ڪندو آيو هجي.
ڊاڪٽر بلوچ معصومي جي ان بيان جي روشنيءَ ۾ سنه ٺهڪايو آهي ته ڄام انڙ چار سال راڄ ڪيو.

**12 سيپٽمبر 1333ع / 1 محرم 734هه:**

ابن بطوطه سنڌ ۾ گهڙيو. 1325ع ۾ سفر تي نڪتو ۽ 8 سالن ۾ اتر افريڪا، عربستان، ايران، ليوَنت (يونوچ سمنڊ جا ايرندي وارا علائقا ۽ ايرندي ڪنڌي) ۽ قسطنطنيه گهميو، جتان پوءِ سنڌ آيو. 13 رجب، 734هه (20 مارچ، 1334ع) تي دهلي پهتو ۽ محمد تغلق کيس قاضي بڻائي ڇڏيو.
ساڳئي سال تاريخدان برني کي محمد تغلق جي دربار ۾ قبوليت ملي.

ابن بطوطه جو رِحله، G.O.S، 1953.
داخلائون 1286 ۽ 1359ع پڻ ڏسو.
بطوطه 1304ع ۾ ڄائو. 1325ع ۾ سفر تي نڪتو ۽ 1349ع ۾ مراڪش (پنهنجي ملڪ) موٽي ويو. اتي سلطان ابو انعام جي حڪم تي رسالو (رِحله) لکيائين ۽ 73 سالن جي ڄمار ۾ 1377/78ع ۾ مري ويو.

**1333-1351ع:**

محمد تغلق جي ڏينهن ۾ مبارڪ بن محمود ۽ ابو صفا سراج الدين عمر ڏکڻ ايشيا آيا، انهن پنهنجا احوال مَسالِڪُ الاَبصار في مَمالِڪُ الاَمسار ۾ سهيڙيا.

تغلق سلطنت جي 23 صوبن جا نالا ڏنا اٿن، جن ۾ ملتان، اُچ ۽ سِوستان شامل آهن، پر لاڙ سنڌ جو ذڪر ناهي.
برني صرف 12 صوبا ڏنا آهن، جن ۾ سنڌ شامل ناهي.
ابن بطوطه سلطنت جي 15 صوبن ۽ ڪوڙ سارن شهرن جا نالا ڏنا آهن، جن ۾ ملتان، اُچ شامل آهن، پر سيوهڻ شامل ناهي، جنهن محمد تغلق خلاف 1333/34ع ۾ بغاوت ڪئي هئي ۽ ورائي ورتو ويو هو، پر اها پڪ آهي ته انڙ سمي (بطوطه پاران پُل ۾ سومرو سڏيل) انهي تي سُتت پوءِ قبضو ڪري ورتو هوندو ۽ گهٽو ڪري ان تي آزاديءَ سان راڄ به ڪيو هوندائين.
هن منجهان ڇِتو ٿئي ٿو ته لاڙ سنڌ تي سومرن آزاديءَ سان راڄ پئي ڪيو.

برني، ص. 468.
رحله، جلد II.
ڪوارٽرميئر: مسالڪ الابصار-ٽوميڪس II، ص. 167 ff، آغا مهدي حسين پاران محمد بن تغلق ۾ ص. 90 تي حوالو.
سجر نسخو اسپائيز، اوٽو، جو ايڊٽ ٿيل، عليگڙهه مان ڇپيو آهي. ٽڪرا ايليَٽ ايند ڊاؤسن، جلد III، ص. 574-585 تي.
برني، ص. 467-468.

**1334-1400ع:**

هڪ سڱ وارو گينڊو، جيڪو سنڌ ۾ 1400ع تائين ٿيندو هو، گهٽو ڪري غائب ٿي ويو. هي آمري ۽ موهن جي دڙي جي مُهرن تي ڏيکاريل آهي.
1333ع ۾ ابن بطوطه هن جي اتر سنڌ ۾ هجڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

رحله، جلد II.

**1333-1525ع:**

سنڌ تي سما راڄ.

**1333-1338ع:**

سنڌ ۾ 1333/34ع ۾ ڄام انڙ واري بغاوت محمد تغلق جي دهلي سلطنت

مهدي حسين، رائيز ايند فال آف محمد بن تغلق، ص. 158.

خلاف بغاوت جو ڪو اُڙيو ٿُڙيو واقعو نہ هو. 1333/34ع (733ھ) ۾ مالابار جي گورنر جلال الدين احسان شاھ بغاوت ڪئي ۽ مَدُرا جي آزاد سلطنت ٺاهي.

منگول سردار هلجؤن, هندو امير گلچند جي ساٿ سان لاهور ۾ بغاوت ڪئي، پر ٻنهي خواجا جهان هٿان شڪست کاڌي.

هن دور جي واقعن جون ٻہ مکيہ سنہ وار ترتيبون هوڊيوالا (اسٽڊيز ان دي انڊو-مسلم هسٽري، جلد ۱) ۽ ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ ( طاهري) جون آهن. انهن ۾ سڄو ثبوتن آڌار درستگيون ڪيون ويون آهي.

| حاڪم جو نالو | هوڊيوالا | بلوچ | درست ڪيل |
|---|---|---|---|
| ڄام انڙ | 1339-1335ع | 1352-1348/49ع | 1352-1333ع |
| ڄام جُوڻو | 1352-1339ع | 1365/66-1352ع | 1368-1352ع |
| ڄام ٻانڀڻيو | 1367-1352ع | 1365/66-1352ع | 1368-1352ع |
| ڄام تماچي | 1379-1367ع | 1375/76-1365/66ع | 1370-1368ع |
| ڄام جوڻو (ٻيهر) | —— | 1389-1375/76ع | 1388/89-1371ع |
| ڄام تماچي (ٻيهر) | —— | 1392/93-1389ع | 1392-1389ع |
| صلاح الدين (قابض) | 1389-1379ع | | |
| ڄام نظام الدين | 1391-1389ع | 1403/04-1392/93ع | 1404/05-1392ع |
| ڄام علي شير | | 1406/07-1404/05ع | 1406/07-1404/05ع |
| تماچيءَ جو پٽ | 1398-1391ع | 1412/13-1406/07ع | 1412/13-1406/07ع |
| ڪَرَڻ | 1398ع | 1413/14-1412/13ع | 1413-1412ع |
| صدرالدين ڄام سڪندر | | 1413/14ع | 1413-1412ع |
| فتح خان | 1414-1398ع | 1428-1413/14ع | 1428-1412/13ع |
| تغلق (اُڪر) | 1442-1414ع | 1453-1428ع | 1453-1428ع |
| مبارڪ | 1442ع | 1453ع | 1453ع |
| سڪندر-ٻيون | 1444-1442ع | 1454-1453ع | 1454-1453ع |
| سنجر | 1453-1444ع | —— | —— |
| رائيڌڻ | 1461-1453ع | 1461-1454ع | 1461-1454ع |
| نندو | 1508-1461ع | 1508-1461ع | 1508-1461ع |
| فيروز | 1527-1508ع | 1521-1508ع | 1524-1508ع |

اِنشاءِ ماهرُو ۾ آهي تہ ٻئين ۽ ٽئين گڏجي حڪومت هلائي.

**1350-1334/35ع:**

سنڌو درياءَ جي وهڪرن ۾ وڏا ڦيرا آيا. سنڌو درياءُ اولهہ پاسي هليو ويو ۽ الهندو نارو مکيہ وهڪرو بڻجي ويو. لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعي جو مٿيون ڀاڱو سيوهڻ تائين اپائتا ٿي ويا. الهندي پُراڻ ڦِٽي وئي. کلري لاڙ سنڌ جو مکيہ واهڙ ٿي ويو ۽ بگهاڙ گهڻ اهم واهڙ ٿي ويو. ٺٽو شهر اَڏيو. گونگڙو واهڙ ڦِٽي ويو ۽ ساڳي ويٽن سومرن جي راڄڌاني محمد طُور سان ٿي.

**1335ع / 736هہ:**

ڄام انڙ جو وچولي سنڌ ۾ اقتدار ۾ اچڻ. 1352ع تائين 17 سال راڄ ڪيائين. لاڙ سنڌ تي هن سڄي عرصي دوران اڃا بہ سومرن جو راڄ هو.

هوديوالا، جلد I، ص. 102، سنہ 1335، سندس حڪومت 1339 تائين ۽ پاٽس جُوٽي جي حڪومت 1339 کان 1352ع تائين ڏني آهي.

**1338ع:**

پاري نگر جي ڦٽڻ ڪري اتان جي واپاري برادري 1338ع ۾ پوڏيسر لڏي وئي ۽ اتان پوءِ اهي ڄام نگر هليا ويا.

سوپراڄ، JSHS، جلد V، ص. 136.

ڪَزويني حماداللّٰه بن ابو بکر بن حمد بن نصر مُستَوفي جاگرافيائي ڪم نُزهَتُ القُلوب (دلين جي خوشي) لکيو. انهي ۾ سنڌ جو احوال آهي.

هي نسخو تهران مان 1336ش ۾ ڇپيو آهي.

**1340ع / 741هہ:**

مصر ۾ عباسي خلافت وري ٿي.

**1343-1341ع:**

محمد تغلق ديوانِ امير ڪوهي کي کيتيءَ ۾ سڌارو آڻڻ جون هدايتون ڏئي مقرر ڪيو. هي ديوان ٺيڪيدار هئا، جن کي کيتيءَ جي سڌاري لاءِ اڳواٽ رقم ڏني وئي. سڄي رٿا ناڪام ٿي ۽ پوک جي اپت هڪ سيڪڙو بہ نہ وڌي. برني ٻڌائي ٿو تہ محمد تغلق جي سنڌ ۾ مهم دوران مرڻ تائين انهن ٺيڪيدارن منجهان هڪ بہ جيئرو نہ بچيو هوندو.

**1342ع:**

ابن بطوط دهليءَ مان نڪتو ۽ ڪنهن مهم تي چين روانو ٿيو. 1349ع ۾ پنهنجي ملڪ مراڪش موٽي ويو ۽ سلطان ابو انعام جي دربار ۾ رِحلہ نالي رسالي ۾ پنهنجي تجربن جو احوال ڏنائين. 1377/78 ۾ مري ويو.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، ص. 161.

**1342/43ع / 744هہ:**

ملتان جي نائب ڪمانڊر شاهُو لوڌي، ڪمانڊر بهزاد خان کي ماري وڌو. قَوام الملڪ کي بہ ملتان مان لوڌي ڪڍيائين. هي دهلي، مالوا ۽ هندستان جي گهڻن ڀاڱن ۾ وڏي ڏڪار وارو دور هو، ايستائين جو ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس کائڻ لڳا.

تاريخ مبارڪ شاهي، ص. 106-107.

محمد تغلق پنهنجي سِر ملتان تي چڙهائي ڪئي، پر شاهو لوڌي الهندي پاسي وارين ٽڪرين ڏانهن ڀڄي ويو. محمد تغلق ديپالپور ڀهتو ۽ عمادالملڪ کي ملتان جو گورنر لڳايائين.

برني، ص. 483، ٻڌائي ٿو تہ محمد تغلق جي پهچڻ جو ٻڌي شاهو لوڌي سلطان ڏانهن معافي نامي جو خط موڪلي، افغانستان وڃڻ جي موڪل گهري ۽ پنهنجي جاءِ تي ماڻهو رکڻ لاءِ عرض ڪيو.

سنڌ جي گورنريءَ جو ڪو ذڪر ناهي.

**1343ع:**

پوڙيسر جا واڙيا راجا خان جَرجِي سان اٽبٽت سبب نوا نگر لڏي ويا.

سوپراج، JSHS، جلد VII، ص. 136.

**1344ع:**

دهليءَ ۾ عباسي خليفي الحَڪم-بئين جي ايلچيءَ جو مصر ڪان پهچڻ.
محمد تغلق عباسي خليفن جي پونيرن، جن لاءِ ٻڌايو وڃي ٿو تہ مصر ۾ هئا، ڏانهن پاڙ لکيو هو، جنهن ۾ سندس لاءِ سَنَد موڪلڻ ۽ هندستان جو سلطان مڃڻ لاءِ عرض ڪيو هئائين.
ان تاريخ ڪان پوءِ دهليءَ جي رڳو انهن سلطانن جا نالا خطبي ۾ پڙهيا ويندا هئا، جن وٽ عباسي خليفن جي سَنَد هئي. ان ريت بلبن ڪان غياث الدين تغلق تائين وارا نالا جمع جي خطبي مان ڪديا ويا، سموري سلطنت ۾، جنهن ۾ اتر سنڌ جا ڪجھ حصا پڻ شامل هئا.

برني، ص. 491-496.
آخري عباسي خليفو مُعتصم 1258ع ۾ مارجي ويو. چاچس احمد مصر ڏانهن ڀڄي ويو، جتي انهن ڏينهن ۾ مامڶُوڪ ترڪن جي حڪومت هئي. تخت نشين بادشاهہ احمد جي آجيان ڪئي ۽ کيس خليفو بڻائي ويهاريائين. ان ريت عباسي خلافت، فيبروري 1258 ۾ معتصم جي مارجڻ ڪان ساڍا ٽي سال پوءِ، جون 1261 ۾ مصر ۾ بحال ٿيڻ لڳي.
سمجهيو وڃي ٿو تہ سلطان اها سَنَد ماڻهن کي پنهنجي عقيدي ۾ ڇڪڻ لاءِ گهري هئي، انهن باغين جي مقابلي ۾، جيڪي مسلمان هجڻ سان گڏوگڏ انهن جي مهنداري عالمن، قاضين، خطيبن، فقيهن ۽ مشائخن پئي ڪئي.

# محمد تغلق جي سنڌ تي ڪاهه ۽ موت

**1347ع:**

طغِي، هڪ موچي ۽ ملڪ سلطاني جو غلام، جيڪو سلطان تغلق شاهه ڪي ترڪيءَ جي واپارين جي هڪ ٽولي پيش ڪيو ويو هو ۽ اڳتي هلي محمد بن تغلق جي ڏينهن ۾ وڏي اهم عهدي تائين پهتو هو، بغاوت ڪئي.

برني، ص. 516-519، 525 ۽ 531-534.
اِيشوَري پرشاد، 'هسٽري آف قارُونا ٽَرڪس'، ص. 225-231.
سيرتِ فيروز شاهي، ص. 2.

**1347-1348ع:**

طغِي، قُتلغ خان سان گڏجي، فوج گڏ ڪئي، گجرات پهتو ۽ بغاوت ڪرڻ ڪيائين. ساده جي اميرن بغاوت ۾ مدد ڪيس.
محمد تغلق ڪيس سبق سيکارڻ جو فيصلو ڪيو.

برني، ص. 515-516.
آئينِ حقيقت نام، جلد II، ص. 84-85.

**1347-1350ع:**

محمد بن تغلق هن عرصي دوران گهٽي پاڳي طغي جي بغاوت دٻائڻ ۽ سنڌ تي ڪاهه جي تياريءَ جي ڪم ۾ رُڌل رهيو.

مهدي حسين، محمد تغلق، ص. 188.

**جنوري-مارچ 1347ع / 747ھ:**

طَغيءَ جي مهندار يءَ ۾ تغلق خلاف بغاوت گجرات ۾ ڪَرُ ڪنيو.

برني، ص. 515-517.
مولانا عِصامي، فتوح السلاطين، آگرو، 1938، ص. 570-571.
هوديوالا، جلد I، ص. 300-301.
آغا مهدي حسين، ص. 185.

**اپريل-مئي 1347ع / صفر 748ھ:**

محمد بن تغلق دولت آباد کان طغي جي بغاوت چٽڻ بروچ پهتو. عِصامي جو خيال آهي ته طغي سلطان جو وفادار عملدار هو ۽ ڪيس بغاوت ڪرڻ تي سلطان جي پنهنجي ظالماڻي ورتاءَ مجبور ڪيو هو.

برني، ص. 516.
فتوح السلاطين، ص. 571-572.

**آگسٽ 1347ع / جمادي الاول 748ھ:**

ڪاڏِي واري جنگ ۾ طغيءَ ڪي محمد تغلق جي فوج شڪست ڏني.

برني، ص. 520-521.

**سيپٽمبر 1343ع / جمادي الثاني 748ھ:**

طغي ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو. محمد تغلق پٽڻ پهتو.

برني، ص. 522.
هوديوالا، ص. 302.

**سيپٽمبر 1347ع کان جون 1348ع / جمادي الثاني 748ھ کان ربيع الاول 749ھ :**

محمد تغلق انتظام سڌا ڪرڻ ۽ طغيءَ جي پيڇي جي تياري ڪرڻ لاءِ پٽڻ ۾ ترسيو.

برني، ص. 522.

**1347ع / 748ھ:**

حافظ شمس الدين ابن عبدالله، المعروف ذَهَبِي، بغداد ۾ مري ويو. هي

هي نسخو حيدر آباد (دڪن) مان 1333ھ ۾ ڇپيو.

تذڪرتُ الحُفاظ جو ليکڪ هو، جنهن ۾ سنڌ جي انهن عالمن جو احوال آهي، جن بغداد ۾ نالو ڪمايو.

**1348ع / 749هه:**

شهاب الدين ابوالعباس احمد، مَسالِڪُ الاَبصار في مَمالِڪُ الاَمسار جو ليکڪ، جيڪو پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ انهي بابت لکيائين، جو ڄمر.

**جون کان آڪٽوبر 1349ع:**

طغي گرنار کان ٺٽي پڄي ويو.

برني، ص. 522-523.

طغي گجرات کان سنڌ اچڻ لاءِ ڪئمبي (ڪنبات) کان بروچ، اسوال، نَهروالا (پٽڻ)، ڪنٿ ڪوٽ، گِرنار، گوندل، نَوالڪِي، لکپت، جاتي ۽ سجاول کان ٿيندو ٺٽي پهتو. ڪڇ جي جاڙيجن سمن کيس سچي واٽ مدد ڪئي.

طبقات اڪبري، جلد ا، ص. 222.

فرشتا (نَوَل ڪشور، 1884)، ص. 143.

محمد تغلق ڪئمبي کان ڪاڍِي، پٽڻ، گرنار، گوندل، نَڪني (نگرپارڪر) ڏيپلي، مٺي، ڏمبرلو (ڏمريلا)، ڍِگهڙي، نري، ٽنڊو محمد خان، ملاڪاتيار، ۽ سونڊا وارو ڏکيو ۽ خطرناڪ گس ورتو. ٿوري پنڌ واري گس کان ٽارو ان ڪري ڪيائين جو پانيائين ٿي ته جيڪڏهن لکپت رستي ڪڇ جو رڻ ٽپيندو ته سومرا کيس سنڌ جي دنگ تي سامهان ٿيندا. وري اهو آسرو به هئس ته تيستائين سنڌو درياءَ رستي مٿان ٻيڙيون ۽ منگول لشڪر به پهچي ويندا.

مهدي حسين نقشي ۾ گس ڏيکاريندي محمد تغلق کي نگرپارڪر کان اسلام ڪوٽ رستي مٺيءَ آڻي ٿو. اهو غلط آهي، ڇاڪاڻ ته اسلام ڪوٽ-مٺي رستو صرف هڪ صدي ڪن اڳ ٺهيو.

**جون کان آڪٽوبر 1348ع / ربيع الاول کان رجب 749هه:**

محمد تغلق مندال ۾ ترسيو.

برني، ص. 523.

**نومبر 1348ع کان جون 1349ع / شعبان 749هه کان ربيع الاول 750هه:**

محمد تغلق سؤراشٽر جي مُکئي مٿان چڙهائي ڪئي ۽ دهليءَ کان وڏيڪ لشڪر گهرايائين.

برني، ص. 523-524.

**جون کان آڪٽوبر 1349ع / ربيع الاول کان رجب 750هه:**

طغي ٺٽي پهتو ۽ سومرن وٽ پناهه ورتائين. جڏهن ته محمد تغلق گوندل ۾ ترسي دهليءَ کان لشڪر پهچڻ جو انتظار ڪيو.

معصومي، ص. 48.

برني، ص. 523.

محمد تغلق جوناڳڙهه ۾ ترسڻ دوران سنڌ تي حملي جي تياري ڪئي. ملڪ، شيخ ۽ عالم سڏايائين، خداوندزاده ۽ مخدوم زاده کي مريدن سميت سڏايائين، سي پڻ اچي پهتا. ٺٽي تي حملي لاءِ ملتان، اُچ، ديپالپور ۽ سِوستان کان سنڌو درياءَ توڙي سُڪيءَ رستي ٻيڙيون پڻ گهرايون ويون. سنڌ تي حملي جي تيارين لاءِ جوناڳڙهه ۾ دربار لڳايائين.

سلطان جي درخواست تي منگول لشڪر پڻ علطون بهادر جي مهنداريءَ ۾ فرغانه کان بولان لڪ رستي آيو ۽ درياءَ ٽپڻ وقت ساڻس اچي مليو.

**1349/50ع / 750هه:**

خواجا عبدالمالڪ عِصامي پاران 40 سالن (چند جا) جي ڄمار ۾ مثنوي فتوح السلاطين رچڻ. هن ۾ سندس ڄمر جو سنه 711هه (1311/12ع) ڏنل آهي.

هي ڪم 10 ڊسمبر 1349ع تي شروع ٿيو ۽ 14 مئي 1350ع تي پورو ٿيو. هي نسخو آغا مهدي حسين جو ايڊٽ ٿيل آگري مان 1938ع ۾ ڇپيو.

هن تاريخ جي شروعات محمود غزنوي جي دور سان ۽ انت محمد تغلق تي ٿئي ٿو. هن ۾ طغيءَ جي اصليت پڌايل آهي. محمد تغلق جي سنڌ تي ڪاھ بابت سندس ڏنل ڄاڻ برنيءَ واري ڄاڻ جي پٺڀرائي ڪري ٿي ۽ واقعن جي سنه وار ترتيب لاءِ هڪ ڪارائتو ذريعو آهي.

**جون کان آڪٽوبر 1350ع / ربيع الثاني کان شعبان 751ھ:**

سلطان محمد تغلق بيمار ٿي ڪٽ ورتي ۽ ڊسمبر ۾ مَسَن وجي سنڌ ڏانهن هلڻ جهڙو ٿيو.

برني، ص. 523.

**ڊسمبر 1350ع / شوال 751ھ:**

سلطان محمد بن تغلق گونڊل (جوناڳڙھ جي اتر ۾) مان وڏو لشڪر ساڻ ڪري سنڌ ڏانهن نڪتو. گونڊل ۾ هوندي ديپالپور، ملتان، اُچ ۽ سيوهڻ مان ٻيڙيون آڻڻ جو حڪم ڏنائين.

برني، ص. 524-525.

**1350ع:**

شمس سراج عفيف جو ڄم، جنهن تاريخ فيروز شاهي لکي، جيڪا فيروز شاھ جي سوندا ۾ تخت سنڀالڻ سان شروع ٿئي ٿي ۽ فيروز جي سنڌ تي ٻن ڪاهن جا تفصيل ڏئي ٿي. پهرين ڪاھ ۾ عفيف جو پيءُ جنگ ۾ شامل ڪل 5000 ٻيڙين منجهان 1000 ٻيڙين جي آڙماڙ جو سربراھ هو.

بدقسمتيءَ سان هي ڪم سلطان فيروز شاھ جون اوٽايون لڪائي ٿو ۽ ڪيس هڪ پڪو ۽ پارسا مسلمان ۽ مذهبي ماڻهن ۽ بزرگن جو وڏو قدردان ڪري پڌرو ڪري ٿو. سلطان جون فوجي اوٽايون ڪيس وڏو انسان دوست ۽ ٻاجهارو سڏي لڪايون اٿس. ٺٽي تي ٿيل ٻين ڪاھ جا پورا تفصيل نہ ڏنا ويا آهن. سلطان کي مخدوم جهانيان اُچ واري جي اچڻ ۽ انهي سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تائين مڪمل ٻُنجو اچي ويو هو. انهي ڳالهه کي ٿوڙي مروڙي پڌايو ويو آهي.

مخدوم کي رڳو هڪ پارسا ماڻهو ڪري پڌرو ڪيو ويو آهي. سندس سنڌ جا معاملا سلطان جي فائدي ۾ سڌا ڪرڻ، گهٽ ۾ گهٽ ٿي پيرا، واري ڪردار کي لڪايو ويو آهي.

هن ۾ 1351 کان 1388ع تائين جو احوال آهي. ولايت حسين هٿان ايڊٽ ٿيل هي ڪم ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال 1891 ۾ ڇپرايو. فدا علي طالب وارو اردو ترجمو ناقص آهي.

**1350ع:**

محمد تغلق جي سنڌ مٿان ڪاھ جي ڊپ ۾ سنڌ جي ڪجھ سمن مسلمانن ڪڇ لڏي وڃي پنهنجي ذات ڀائي ڪڇ جي راڄ ڌڻي ڄاڙيجن سمن وٽ پناھ ورتي جو رٿيو، پر مارچ 1351ع ۾ سلطان جي اوچتي موت سبب اها لڏڻ پلاڻ رڪجي وئي.

وليمس، ص. 101.

**1350ع:**

ابن بطوطہ جيڪو سنڌ ۾ 1333ع ۾ آيو هو، تنهن عربي يُولِيسِس ليڪجنڊ نادر، عالماڻو، همٿ ڀريو ۽ هنري شاهڪار ڪم رحلہ لکيو. ڪتاب جي جلد II ۾ سنڌ تي هڪ باب آهي.

ڪيترائي نسخا ۽ ترجما موجود آهن ۽ انهن منجهان هيگ جو مقالو، 'ابن بطوط ان سنڌ'، جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، جلد XIX، نئون سلسلو، 1887 ۾ ص. 393-412 تي سنڌ بابت مڪمل ڄاڻ ڏئي ٿو. ويجهڙ ۾ هن ڪم جو گِب پاران ڪيل ترجمو 4 جلدن ۾ ڇپيو آهي.

**9 مارچ 1351ع / 10 محرم 752ھ:**

سلطان محمد تغلق نيرن ۾ موتمار مڇي کاڌي. هاڻي اها مڇيءَ واري ڳالھ سندس زهر ذريعي موت واري وڏيڪ اهم ثبوت ڪي ڍڪڻ لاءِ هٿرادو گهڙيل ڪهاڻي ليکي وڃي ٿي.

برني، ص. 524 ۽ 529، سنہ 751ھ ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.
مهدي حسين، ص. 191.

**20 مارچ 1351ع / 21 محرم 752ھ:**

سلطان محمد بن تغلق ٺٽي کان 14 ڪوهن (28 ميل) جي پنڌ تي مري ويو.
بدايوني کي شڪ آهي تہ ڪيس زهر ڏئي ماريو ويو.

برني، ص. 524.

محمد بن مبارڪ جي سِيرتُ الاولياء ٻڌائي ٿي تہ سلطان عالمن ۽ بزرگن ڏانهن ماڻهو اماڻيا ۽ انهن ۾ شيخ ناصرالدين محمود پڻ هو. جڏهن اهي پهتا تہ سندن احترام نہ ڪيائين ۽ اهو ئي سندس معجزاتي موت جو ڪارڻ بڻيو.
بدايوني ٻڌائي ٿو تہ جڏهن محمد تغلق گجرات ۾ بغاوت کي منهن پئي ڏنو تڏهن عالمن، خاص ڪري ناصرالدين محمود، فيروز کي دهليءَ ۾ سلطان بڻائي ڇڏيو ۽ انهي ڪري سلطان عالمن ۽ فيروز کي سڏايو. اهي سوندا سندس موت کان پهريان پهتا هئا.

فرشتا، بمبئي ڇاپو II، ص. 258، تاريخ 20 محرم ڏني آهي. مهدي حسين سندس مرڻ جو هنڌ، ٺٽي کان سُڪيءَ رستي 22 ميل ۽ درياءَ رستي 28 ميل پنڌ تي، سوندا ڳولي لڌو.
مهدي حسين، تغلق ڊائناسٽي ۾ ص. 498 تي حوالو ڏنو آهي.
بدايوني، جلد I، ص. 242، شڪ ڏيکاري ٿو تہ ڪيس زهر ڏنو ويو هو.

برني تصديق ڪري ٿو تہ شيخ ناصرالدين محمود ۽ ٻين عالن کي سندس سوندا واري ڪيمپ ۾ (قيدي بڻائي) آندو ويو هو.

برني، ص. 523-525.

اها ڳالھ تہ فيروز تغلق پڻ عالمن سان گڏ سوندا آيو، بدايوني واري روايت تي ڪو شڪ باقي نٿي ڇڏي.
بدايوني، سلطان محمد تغلق جو موت زهر ذريعي ٿيڻ جو شڪ اهو چئي ڏيکاريو آهي تہ شيخ ناصرالدين محمود، سلطان جي تڪليف ۾ هجڻ جو فائدو وٺندي، فيروز کي دهليءَ ۾ سلطان بڻائي ڇڏيو هو. سلطان ٺٽي ڏانهن ويندي واٽ تي گوندل ۾ اها خبر ٻڌي حڪم ڏنو تہ فيروز ۽ شيخ ناصرالدين محمود کي قيدي بڻائي آندو وڃي. جڏهن هي قيدي ٺٽي پهتا تہ سلطان کين مارڻ جو حڪم ڏنو، پر انهي کان ٿوري دير پوءِ پاڻ مري ويو.

منتخب التواريخ، جلد I، ص. 242.

برني ٻڌائي ٿو تہ سلطان جو موت جي پٺاڙيءَ تي فيروز سان ناھ ٿي ويو هو، پر دليون ميريون ٿيڻ جو ڪارڻ نٿو ٻڌائي. تنهنڪري، هن ناھ مان لڳي ٿو تہ بدايوني جي روايت درست آهي. بدايوني سلطان سان نفرت هوندي بہ ڪيس شهيد (لقب، جيڪو مسلمان زهر ذريعي مارجڻ وارن کي بہ ڏيندا آهن) سڏي ٿو. برني اهو بہ چوي ٿو تہ سلطان لاءِ بغاوتن ۾ وڪوڙيل هجڻ دوران بهترين حل هو تخت ڇڏي ڏيڻ (فيروز جي حق ۾). هيءَ روايت جيتوڻيڪ سر وولسلي هيگ رد ڪري ڇڏي آهي، پر سچ کي ويجهي لڳي ٿي، ان جي پيٽ ۾ تہ سلطان جو موت پارُوتو پَلو ڪاٽڻ سبب ٿيو.

برني، ص. 521-525 ۽ 515.
جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، جولاءِ 1922.

**22 مارچ 1351ع / 23 محرم 752ھ:**

فيروز تغلق جو سوندا ۾ تخت سنڀالڻ.

برني، ص. 259، تاريخ 24 محرم 752ھ ڏني آهي ۽ محمد تغلق جي مرڻ جي تاريخ 21 محرم 751ھ ڏني آهي.

ڊاڪٽر معين الحق تاريخ 24 محرم يا 23 مارچ ڏني آهي.
برني وارثن واري سوال تي ماٺ آهي. عِصامي ٻڌائي ٿو تہ ڪيس غياث

برني جي تاريخ فيروز شاهي جو اردو ترجمو.
فتوح السلاطين مبارڪ شاهي، ص. 118، فيروز شاھ جي تخت سنڀالڻ جي

الدين تغلق جي ڏينهن ۾ چاول هڪ ڏيءُ هئي. عِصامي سندس هڪ پٽ جي پڻ ڳالهه ڪري ٿو، جنهن کي خواجا جهان تخت تي ويهاريو هو.
بدايوني هڪڙي ٻئي وڏي پٽ جي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪو ساڻس سنڌ واري مهم ۾ گڏ هو.
فيروز تغلق 706ھ يا 1305ع ۾ ڄائو ۽ تخت سنڀالڻ وقت 46 سالن جو هو.

**1351ع:**

محمد تغلق جي مرڻ تي مدد ۾ آيل منگول فوجي، جن کي امير فرغان سلطان جي مدد لاءِ عُلطون بهادر جي مهنداريءَ ۾ موڪليو هو، باغي ٿي ويا، سومرن سان ملي ويا ۽ دهليءَ جي لشڪر جي پنيان پيا. مير معصوم ٻڌائي ٿو ته طغي سومرن، سمن ۽ ڄاڙيجن (ڪڇ جا) جي ساٿ سان شاهي لشڪر تي حملو ڪيو.
وڏيڪ مونجهاري کان بچڻ لاءِ نئين سلطان فيروز شاهه اهم اميرن جي صلاح سان علطون بهادر کي وڏي رقم ۽ سوکڙيون ڏنيون ۽ تڏهن منگول پنهنجي ملڪ ڏانهن هليا ويا.
امير نوروز خان (ترمشيرين جو نياٹو) منگول، جيڪو اٽڪل 20 سالن کان سلطان جي نوڪريءَ ۾ هو، اهو پڻ ڇڏي ٻين منگولن ۽ سومرن سان وڃي گڏيو ۽ شاهي لشڪر تي حملو ڪيائين. جيڪو سونڊا مان سلطان جي مرڻ کان ٽئين ڏينهن تي نڪتو هو ۽ هڪ يا ٻه ڪوهه پنڌ مَسَ ڪيو هئائين. سومرن پنيان کان حملو ڪيو ۽ منگولن اڳيان کان.
منگولن مايون، غلام ڇوڪريون، گهوڙا، خچر ۽ ڪپڙو وغيره سوگهو ڪيا. ويندي اهي ڳوناٽا به، جيڪي شاهي لشڪر ۾ شامل ٿيا هئا، سي به هاڻ سومرن سان ڦرلٽ ۾ گڏجي پيا. شاهي حرم ۽ خزاني کي سوگهو ڪرڻ وارا ئي هئا تڏهن اڳواڻ ۽ امير فيروز تغلق وٽ وڃي پهتا ۽ کيس سلطان ٿيڻ لاءِ چيائون. هنن دٻائڻ هيٺ فيروز تجويز قبولي، منگولن کي رشوت ڏنائين ۽ سيوهڻ ڏانهن وڌيو.
محمد تغلق جي زهر ذريعي موت کي ڌيان ۾ رکجي ته عالمن جي دٻاءَ واري کهاڻي هٿ گهڙيل آڪاٽي ٿي لڳي.
جڏهن منگولن شاهي لشڪر کي ڦريو پئي تڏهن وزير خواجا جهان جو غلام مَلِڪ تُون دهليءَ پهچي ويو ۽ اها کهاڻي پنهنجي سائينءَ کي وڃي ٻڌايائين، جنهن محمد بن تغلق جي 6-7 سال ڄمار واري ننڍي پٽ محمود کي سلطان غياث الدين محمد شاهه لقب ڏئي تخت تي ويهاري ڇڏيو. خواجا جهان اڳتي هلي ڏنڊ ڏوهه عيوض معافيءَ لاءِ وَسَ ڪيا، پر فيروز تغلق مارائي ڇڏيس.

**1351ع / 752ھ:**

فيروز شاهه تغلق سونڊا کان سيوهڻ پاسي 3-4 ميل پنڌ تي تخت سنڀالڻ کان سُتت پوءِ پنهنجا سِڪا ٺهرايا.

**1351ع / 752ھ:**

فيروز شاهه ٺٽي کان سيوهڻ ويندي سنڌ جي مختلف پاڱن لاءِ گورنر رکيا:

---

تاريخ 23 محرم 752ھ ڏني آهي ۽ عفيف جو پڻ ساڳيو خيال آهي.
فرشتا، جلد II، ص. 258-259، عفيف ۽ سرهندي واري ڳالهه ڪئي آهي.
بدايوني، ص. 242.

عريبڪ هسٽري آف گجرات، جلد III، ص. 893.
عفيف سندس انوقت عمر 45 چنڊ جا سال يا 44 سج جا سال ٻڌائي آهي.

برني، ص. 107، 525، 531-535.
عفيف، ص. 48.
اِيشوَري پرشاد، هسٽري آف قارُونا تُرڪس، ص. 305.
سيرتِ فيروز شاهي، ص. 1-4.

معصومي، ص. 48.

هي هنڌ گهڻو ڪري حيدر آباد کان ستيهين ۽ اٺيتاليهين ميلن جي وچ تي، ٽن پاسن کان ٽڪريون ۽ چوٿين يا اپرندي پاسي کان سنڌو درياءَ واري لٽياسي ترائي هوندي. ان کي درياءُ انهن ڏينهن ۾ هاٿوڪي کان به ويجهو هوندو.

برني، ص. 539، ان ڇوڪري کي ناجائز ٻار ڄاڻايو آهي.
عفيف، ص. 51-52 ۽ 57-58.
عِصامي جي دعويٰ آهي ته سلطان کي ڪو اولاد نه هو.
بدايوني، ص. 242، ٻڌائي ٿو ته کيس هڪڙو ٻيو پٽ هو، جيڪو سنڌ تي ڪاهه ۾ ساڻس گڏ هو.

ڪوائنيج اينڊ ميٽرولاجي آف سلطانس آف ڊيلي، نيلسن رائيٽ.
هي سِڪا گهڻو ڪري سيوهڻ ۾ ٺاهيا ويا هئا.

عفيف، ص. 53-55.

امير نصر کي هاٽوڪي نصرپور (نصر جو پنهنجو ٻڌرايل)، ملڪ بهرام (بهرامپور هن ٻڌرايو) کي هاٽوڪي اتر حيدرآباد (مٽياري) ۽ ڏکڻ نوابشاهه ضلعن، ملڪ علي شير ۽ ملڪ ڪافور کي سيوهڻ جا گورنر. ملڪ رڪن الدين کي سنڌ لاءِ پنهنجو نمائندو ۽ ملڪ عبدالعزيز کي ديوان سنڌ مقرر ڪيائين. سنڌس تخت سنڀالڻ جو جاڙُ ڪرڻ لاءِ پنهنجو گماشتو ملتان ۾ عين الملڪ ماهرُو ڏانهن ۽ ٻين جاين ڏانهن پڻ موڪليائين.

ماهرُو ٻڌائي ٿو ته سنڌ جا پراڻا صوبيدار جهڙوڪ بهرام ايڏا ته ظالم هوندا هئا، جو سنڌ جا ماڻهو ٻار توڙي ٻڍا سندن فرمانبردار هوندا هئا.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 134، ص. 235.

مبارڪ شاهي، ص. 119.

**1350/51ع / 751هه:**

سلطان فيروز امير نصر کي پُراڻ يا ڪولاب سنگهري تي قلعو اڏڻ جو حڪم ڏنو ۽ ائين نصرپور جو بنياد پيو. امير نصر کي اتي هڪ هزار فوجي ڏئي رکيو ويو.

نصرپور شهر الهندي پُراڻ تي اڏجڻ مان پڌرو ٿئي ٿو ته سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيرو، جيڪو 25 سال اڳ آيو هو، پڪو ٿي چڪو هو.

وهڪري ۾ آيل هي ڦيرو سومرن جي طاقت گهٽجڻ ۽ سمن جي طاقت وڌڻ جو مکيه ڪارڻ هو.

مبارڪ شاهي، ص. 118.

تحفت الڪرام، ص. 64.

معصومي، ص. 49-50.

اهو مجڻ ته نصرپور جو بنياد علاءُ الدين جي جنرل نصرت خان رکيو، غلط آهي، ڇو ته اهو سنڌ آيو ئي ڪونه هو.

**1351ع / 752هه:**

فيروز شاهه سيوهڻ پهتو، جتي سنڌس نالي سان پهريون پيرو خطبو پڙهيو ويو.

سيوهڻ جي حڪومت ملڪ علي شير ۽ ملڪ تاج ڪافور حوالي ڪيائين.

هيءَ سيوهڻ ۾ گورنر جي گهٽ ۾ گهٽ سالن کان پوءِ پهرين مقرري هئي.

سوندا کان سيوهڻ تائين ورتل سنڌس گس هو: سوندا، ٽنڊو محمد خان، نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) ۽ هالاڪنڊي کان سيوهڻ.

معصومي، ص. 49-50.

مبارڪ شاهي، ص. 118.

سيوهڻ ٽيستائين لڳي ٿو ته سمي سردار ڄام انڙ جي اختيار هيٺ هو.

**1351ع:**

محمد بن تغلق کي ٺوري وقت لاءِ سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي قبر جي الهندي پاسي کان پوريو ويو.

پروفيسر محمد شفيع، اورئينٽل ڪاليج ميگزين، جلد II، نمبر 1، ص. 161-156.

مبارڪ شاهي جي ص. 119 واري ان بيان ته بادشاهه جو مڙهه هاٿيءَ تي دهليءَ نِيو ويو هو، جي غلط هجڻ جي ثابتي سنڌس ٺوري وقت واري قبر جي اُکر آهي. اها قبر اوقاف کاتي 1967 ۾ قلندر جي احاطي جي مرمت ڪرڻ لاءِ ڊاهي ڇڏي. پر اها اُکر، بهرحال، ڪنبر کاتي سنڀالي رکي آهي.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ 'دي بيريل پليس آف سلطان محمد بن تغلق'، اسلامڪ ڪلچر، جنوري 1948، ۾ چوي ٿو ته اها بادشاهه جي ٺورَوقتي قبر هئي ۽ سنڌس مڙهه اڳتي هلي 1365ع ۾ فيروز شاهه دهليءَ ۾ پڪو پورائڻ لاءِ اتان کڻائي ويو. جيڪڏهن هيءَ ڳالهه درست آهي ته پوءِ مڙهه 1367ع ۾ ٻانيٽڻي جي آڻ مجڻ کان پوءِ نيو ويو هوندو.

ڊاڪٽر مهدي حسين (تغلق ڊائناسٽي، ص. 499-500) سيرت الاولياء آڏار چوي ٿو ته سنڌس مڙهه اڳتي هلي دهليءَ نيو ويو ۽ سنڌس پيءَ جي پير ۾

پوريو ويو. مهدي حسين پاران ڪيل قبرن جي پڙتال ۾ اها بي ڏياني پڌري ٿي سامهون آئي آهي، جنهن سان سلطان کي پوريو ويو هو. هيءَ حقيقت ٻڌائي ٿي تہ عفيف جي دعويٰ پلي ان جي ابتڙ هجي، پر فيروز شاهہ وٽ محمد تغلق لاءِ ڪو احترام نہ هو.

**1351ع:**

طغي ٺٽي مان گجرات واري پاسي ڀڄي ويو، جتي مارجي ويو. طغيءَ جي موت جي خبر فيروز تغلق کي سيوهڻ کان دهلي ويندي واٽ تي پهچائي وئي.

طبقات اڪبري، ص. 227.

**1351ع:**

مير معصوم مطابق فيروز شاهہ دهليءَ ويندي بکر ۾ 20 ڏينهن ترسيو ۽ ملڪ رڪن الدين کي نائبِ حڪومت مقرر ڪيائين. ڪيس اِخلاص خاني لقب ڏنو ويو ۽ اتر سنڌ جو ڪنٽرول پڻ سندس حوالي ڪيو ويو. ملڪ عبدالعزيز بُريد کي بکر جو ديوان مقرر ڪري ۽ بکر قلعي جي بچاءَ لاءِ 80 سپاهي ڏنا ويا.

مبارڪ شاهي ٻڌائي ٿي تہ فيروز شاهہ سيوهڻ ۾ ترسيو (جيڪو محمد تغلق کي ٿوري وقت لاءِ پورڻ جو بندوبست ڪرڻ جي حوالي سان وڌيڪ ٺيڪ ٿو لڳي) ۽ مولانا احمد ۽ ملُوڪ علي غوري کي سنڌ جو جاگيردار مقرر ڪري ۽ طغيءَ جي پٺيان ٺٽي موڪليائين. (هي ٺيڪ نٿو لڳي، ڇو تہ ٺٽي وارا شاهي لشڪر کان ڏاڍو هجڻ مڃائي چڪا هئا).

معصومي، ص. 49-50، رگھو ٻُڌ سُڌ آڌار.

مبارڪ شاهي، ص. 119، 123.

برني چوي ٿو تہ فيروز شاهہ جمادي الثاني جي پڇاڙيءَ ۾ دهلي پهتو، جڏهن تہ مبارڪ شاهي ۽ فرشتا 2 رجب 752هہ تي پهچڻ جي ڳالهہ ڪن ٿيون. هن جو مطلب ٿيو سوندا ڪان دهليءَ تائين پنڌ ۾ ساڍا پنج مهينا، هڪ وڏو عرصو، جيڪو سيوهڻ ۽ بکر ۾ گهڻو رهڻ ظاهر ڪري ٿو.

# سومرن کان اقتدار ڦرجڻ ۽ سما ـ دهلي ويڙهه

1351/52ع:

ڄام انڙ، محمد بن تغلق جي مرڻ کان سُتت پوءِ، همير بن دودي سومري کي شڪست ڏني ۽ سنڌ جي وڏي ڀاڱي تي سما راڄ گهراڻو قائم ڪيو.

انشاءِ ماهرو، لاهور، 1965، ص. 100-103.

1333/34ع ۾ ابن بطوط جي اچڻ وقت انڙ وچولي سنڌ ۾ دهلي سرڪار خلاف بغاوت ڪڙي ڪئي هئي. 1351ع ۾ محمد تغلق جي ڪاهه پيري گهڻو ڪري سومرن جو ساٿ ڏنائين، پر لڳي ٿو ته اينرو طاقتور ٿي چڪو هو جو شاهي لشڪر مان آجو ٿيندي ئي همير سومري جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيائين.

معصومي جي ص. 61، واري روايت ته ڄام انڙ گهڻو شراب واپرائڻ ڪري مري ويو، ڪي ماهرو جا خط رد ڪن ٿا.

معصومي جو چوڻ ته سادا ٽي سال حڪومت ڪري مري ويو، پڻ غلط آهي.

ان کان پوءِ عينُ المُلڪ، صاحبِ ديوان (وزير اعظم) مَلِڪُ الشّارق افتخارُ المُلڪ کي همير سومري کي بحال ڪرائڻ ۾ مدد لاءِ منٿ ڪئي، سنڌ جي سمي حاڪم ڄام ٻانڀڻئي-ٻڌين جي جاءِ تي، جيڪو منگولن سان مليو ويو هو ۽ ملتان ۽ گجرات ۾ شاهي علائقن تي حملا ڪيا هئائين.

سومرن جي طاقت گهٽجڻ جو مکيه ڪارڻ سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيرا اچڻ هو، جن جي ڪري ڪين ڪيترائي پيرا گاديون لڏائڻيون پيون. نيٺ چوڏهين صديءَ جي وچ تي درياءُ پنهنجو وهڪرو متائي لڳ ڀڳ الهندي ناري جي پيرِ ۾ وڃي وهڻ لڳو ۽ سمن جي مضبوط ڳڙهن هاٿوڪن خيرپور ۽ نوابشاهه ضلعن کي ڦٽائي ويران ڪري ڇڏيائين، جن پوءِ بغاوت ڪئي ۽ اقتدار تي قبضو ڪيائون.

1352/53ع / 753هه:

هوديوالا، جلد I، ص. 102، سندس موت 1339ع ۾ ٻڌايو آهي.

معصومي جو چوڻ ته 1333ع ۾ بغاوت کان وٺي سادا ٽي سال حڪومت ڪري مري ويو، غلط ٿو لڳي.

فيروزالدين شاهه ڄام انڙ مري ويو ۽ پٽس صدرالدين ڄام ٻانڀڻئي-ٻڌين ۽ ڀائس علاءُ الدين ڄام جُوڻي-ڦهرئين گڏجي سنڌ تي راڄ ڪيو.

1352-1354ع:

ڄام انڙ (1333ع ۾ سيوهڻ کي ڦُرڻ جي حوالي سان مشهور) جي پٽ ٻانڀڻئي ڪنهن هڪ ئي ويڙهه ۾ همير بن دودي سومري کي، ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو جو ساٿ هجڻ جي باوجود، شڪست ڏني.

اٽڪل هن ئي دور ڌاري اهو سموري سنڌ جو راڄ ڌڻي بڻجي ويو.

1352-1364ع:

سومرن جي حڪومت جو ڍهي ناس ٿيڻ.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 46، ص. 100-103.

نيڪ ٺيڪ سنه جي خبر ناهي، پر 1351ع ۽ 1364ع جي وچ تي ٿي سگهي ٿو، ڇو ته ان ئي عرصي دوران عين الملڪ ملتانيءَ سلطان فيروز تغلق کي سومرن کي بچائڻ لاءِ منٿ ڪئي هئي، سمن کان، جيڪي منگولن سان هڪ ٿي ويا هئا ۽ انهن کي دهلي سلطنت جي علائقن تي حملن لاءِ پئي همٿايائون.

تحفت الڪرام، ص. 100، سندن حڪومت جي انت جو سنه 752هه ڏنو آهي.

دي رائيز آف دي سماز ان سنڌ، اسلامڪ ڪلچر (1948)، ص. 366-368.

ڊاڪٽر رياض الاسلام چوي ٿو ته 752هه (1351ع) کان پوءِ دهليءَ جي پاليسي سومرن جي مدد ڪري ڪين اپرنڌڙ سمن جو هموزن بڻائڻ واري هئي، جنهن هيٺ انهن جي اقتدار ۾ ايندي ئي فيروز شاهه دهليءَ کان هڪ ٻي ڪاهه ڪئي ۽ معاملا نبيرڻ ڪرڻ ۾ ٻه سال لڳي ويا.

هنن سالن جي وچ تي ڪنهن وقت ڄام انڙ سمي همير دودي جي سرڪار خلاف بغاوت ڪئي. پٽس ٻانڀڻئي، جنهن گهڻو ڪري انهي ئي سال پيءُ


نقشو نمبر 38
1000 _ 1525ع
سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جا شهر
(ياگو پيون - ڏکڻ سنڌ)
ڏسڻي
1 1000-1525ع دوران موجود شهر
2 قلعو شهر
3 سنڌو درياءَ جو هاڻوکو وهڪرو
4 سنڌوءَ جا 1000-1525ع ۾ وهڪرا طبعي سروي مطابق
5 1000-1525ع ۾ ممڪن وهڪرا اڏامندي ڇڪيل تصويرن مطابق
6 سنڌو درياءَ جي الهندي واهه جا 1000-1525ع ۾ ممڪن وهڪرا
7 هاڻوڪا ضلعي دنگ
ڪاڇو
50 40 30 20 10 0
ميل
اتر
لاڙي سمنڊ
لسبيلو سمن جي راڄ هيٺ
سوڍن راجپوتن جو ميڙ
ڪچ جا جاڙيجا سما
ڪراچي
حيدرآباد
ٿرپارڪر
رڻ
ڪڇ
امرڪوٽ
چاچرو
مٺي
ڏيپلو
ويراواهه
پارينگر
نگرپارڪر
رهمڪي بازار
بدين
ٺٽو
جهرڪ
سامُوئي
ٽاٽو بولا خان
منگهوپير
منوڙو
ڪانيوجبل
ڪرچات
عارب جو ٽاڻو
جهنگڙي
هالا
بوهري
نصرپور
ميرپورخاص
برهمڻ آباد
ايبس قرني
ٽنڊو
اڏيرولال
شاهه ڪپور
سوندا بندر
ننڊڪوٽ
ڪوهل جو دڙو
نالهين جو دڙو
روپا ماڙي
ڪوري ڪوٽ

جي پڳ ٻڌي، پنهنجي مهمن ۾ منگولن کان مدد ورتي ۽ ڪيترائي قلعا فتح ڪري ورتا. منگولن کي دهلي سرڪار خلاف پڻ ڪم آندائين. ان ڪري سلطان فيروز تغلق همير دودي جي مدد ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو ۽ ٺٽي تي هڪ ڀرپور ڪاهه جو بندوبست ڪيائين.

**1352-1368ع / 753-768هه:**

صدرالدين شاهه ڄام ٻانڀڻي-ٻڀين بن فيروز شاهه ڄام انڙ جي پنهنجي چاچي علاءُ الدين ڄام جُوڻي-ڀهرئين بن ٻانڀڻيو-ڀهريون سان گڏ حڪومت.

مير معصوم ڄام جُوڻي جي حڪومت کي 13 سال ڏنا آهن. ڄام تماچي ۽ علاءُ الدين خلجيءَ وچ ۾ ويڙهه وارو سندس احوال ٻُڌ سُڌ تي ٻڌل آهي ۽ تاريخي سچ ناهي. معصوم، فيروز شاهه جي اوائل وارن ڏينهن ۾ ڄام خيرالدين جي حڪومت جي پڻ ڳالهه ڪري ٿو، سا پڻ تاريخي حقيقت ناهي.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307، سندس حڪومت 1366/67ع تائين ڏني آهي.

ڊاڪٽر دائودپوٽو (معصومي، ص. 298)، سمجهي ٿو ته هي ڄام خيرالدين جو پٽ هو، جيڪو غلط آهي.

فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 319-320، ڄام جُوڻي-ڀهرئين کي ڀاٽس ڄام فيروز شاهه ڄام انڙ جي گادي سنڀاليندڙ ۽ انهي جو نامزد ڪيل ۽ سندس حڪومت 14 سال سمجهي ٿو.

طبقات اڪبري، جلد III، ص. 513، ٻڌائي ٿي ته هن ڀاٽس ڄام انڙ جي گادي سنڀالي ۽ 14 سال راڄ ڪيائين. فرشتا جي خيال ۾ ڄام باني (ٻانڀڻيو-ٻيون) ڄام جُوڻي کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو ۽ 15 سال راڄ ڪيائين. طبقات اڪبري ڄام ٻانڀڻي-ٻڀين جي 15 سال راڄ تي فرشتا سان متفق آهي.

فرشتا، فيروز شاهه تغلق جي سنڌ تي ڀهريون ڀيرو ڪاهه ڪرڻ جو سنه 762هه (1360/61ع) ڏنو آهي، سو پڻ غلط آهي.

معصومي، ص. 63-64.

تحفت الڪرام، ص. 100، معصومي واري روايت مڃي آهي.

محمد يوسف جي منتخب التواريخ سندس مرڻ جو سنه 697هه ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.

تحفت الڪرام، ص. 100.

تحفت الڪرام ۽ معصومي ٻانڀڻي-ٻڀين کي ڄام تماچي کان پوءِ ڄاڻايو آهي ۽ طبقات اڪبري کيس ڄام جُوڻي کان پوءِ ڄاڻايو آهي.

قانع، ڄام خيرالدين بن تماچي جي معاملي تي معصوم جو نقل ڪيو آهي.

عفيف، ص. 53-54، ٻڌائي ٿو ته هي ٻانڀڻيو، فيروز شاهه تغلق جي مرڻ تائين دهليءَ ۾ رهيو، تڏهن انهي جي گادي سنڀاليندڙ تغلق شاهه کيس سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ موٽائي موڪليو، پر واٽ تي 790هه (1388ع) ۾ مري ويو.

ڊاڪٽر دائودپوٽو (معصومي، ص. 229)، سمجهي ٿو ته ڄام خيرالدين ۽ پٽس ڄام ٻانڀڻي گڏجي سنڌ تي راڄ ڪيو ۽ جڏهن فيروز شاهه کين دهليءَ وٺي ويو ته ڄام خيرالدين جي ٻئي پٽ ڄام جُوڻي ۽ تماچيءَ جي پاءُ ٻانڀڻي گڏجي سنڌ جي حڪومت هلائي. هي پڻ غلط آهي.

**1352-1368ع / 753-768هه:**

ٻانڀڻي پٽ ڄام انڙ ۽ چاچس ڄام جُوڻي جي سنڌ جي گهڻي ڀاڱي تي گڏيل حڪومت. همير سومرو هارائي سنڌ ڇڏي ويو هو ۽ ٻاهر پيئي رهيو، گهڻو ڪري دهلي سرڪار جي پناهه ۾.

ٻانڀڻيو منگولن سان ساٿ ۾ گجرات ۽ پنجاب تي ڪيترائي ڀيرا حملا ڪري چڪو هو. ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو فيرز شاهه کي همير جي مدد ڪرڻ لاءِ منٿ ڪئي ۽ نتيجي ۾ فيروز گجرات ۽ سنڌ تان ٻانڀڻئي بن انڙ جو ڏول لاهڻ جو ڪم گجرات جي گورنر جي ڀاءُ مَلِڪُ الاُمراء رڪن الدين امير حسن جي ذمي لاتو.

هيءَ رٿا لڳي ٿو ته ناڪام ٿي وئي، ڇو ته ٻانڀڻئي سومرن جو سنڌ مان راڄ سدائين لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

انشاءِ ماهرو، ص. 100-103، 186-188 ۽ 229-235.

ان ڪري فيروز شاهه کي نيٺ 1365-1367ع ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻي پئي.

ٻانڀڻيو اُره زور هو ۽ دهليءَ آڏو آڻ مڃڻ لاءِ تيار نه هو، جڏهن ته ڪراڙو ڄام جُوڻو هيٺو هو ۽ ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو ڏانهن خط لکي دهليءَ جي سلطان آڏو آڻ مڃڻ لاءِ راضپو ڏيکاريائين. هينئن ٿي سگهي ٿو ته سيد جلال الدين بخاري اُچ واري ذريعي ٿيو هجي، جيئن ماهرو جي خطن مان لڳي ٿو.

رياض الاسلام، رائيز آف سماز ان سنڌ، اسلامڪ ڪلچر، جلد XXII، ص. 359-382.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 99 ۽ 134، ص. 186-188، 229-235.

## 1352-1360ع:

ملتان جي گورنر ڪنهن فوجي عملدار ڏانهن خط لکي سنڌ خلاف موڪليل ڪنهن مهم بابت هدايتون ڏنيون، جتي مُغلن (منگولن) جي مدد سان بغاوت ڪڙي ڪئي وئي هئي ۽ ان کي دٻائڻو هو.

خط، جنهن جي لکندڙ کي دهلي سلطنت جي اميرن منجهان ڪو سڏيو ويو آهي، گهڻو ڪري ماهرو جي ملتان جو گورنر ٿيڻ کان اڳ لکيو ويو هو، يا تڏهن لکيو ويو جڏهن ماهرو پاڻ ملتان جو گورنر هو ۽ انهي امير ڪيس ان جو نقل موڪليو هو.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 8، ص. 19-21.

## 1353ع / 754هه:

سلطان محمد تغلق جي سيوهڻ ۾ ٿورَوقتي قبر مٿان مقبرو اڏجڻ، جيئن اُڪر مان چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو هنوقت ڪنڌر ڪاتي وٽ ڪراچيءَ ۾ سنڀالي رکيل آهي. شاهي دربار جنهن رازي کي ڪم تي لاتو، تنهن جو نالو سرمست هو.

پروفيسر محمد شفيع، انگريزي ڀاڱو، ص. 39.

## 1356ع / 756هه:

قلندر لال شهباز جي قبر تي هڪ اُڪر فيروز تغلق جي ڏينهن ۾ اتان جي گورنر اختيارالدين ملڪ پاران گنبد ۽ مقبرو اڏائڻ جي ياد ڏياري ٿي.

پروفيسر محمد شفيع، انگريزي ڀاڱو، ص. 39.

## 1356ع:

مصر مان عباسي خليفي الحَڪم وٽان فيروز شاهه جي نالي سچي هندستان جي سَنَد پهتي.

## 1358ع يا 1359ع:

ضياءُ الدين برني، تاريخ فيروز شاهي جو ليکڪ، چنڊ جي 74 سالن (سج جي 72 سالن جي برابر) جي ڄمار ۾ مري ويو. سندس تاريخ جو عرصو 1264-1358 تائين آهي ۽ منجهس 23 صفحا محمد تغلق جي سنڌ خلاف

هي ڪم ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال 1862 ۾ ڇپرايو. اردو ترجمو ڊاڪٽر معين الحق جو ڪيل لاهور مان 1974 ۾ ڇپيو آهي. ڪتاب 758هه يا 1357ع ۾ لکيو ويو هو.

مهم ۾ ان جي ناڪاميءَ تي آهن. ان ڪانسواءِ منجهس دهليءَ ۾ اتر سنڌ جي انهن 94 سالن دوران لاڳاپن تي وڏي انگ ۾ حوالا آهن، جنهن عرصي هي اڪيلو مستند ذريعو آهي.

**1359ع يا سُتت پوءِ:**

شِيراشَمَڪ، جنهن شهاب الدين جو لقب ڌاريو، پاڻس علاءُ الدين جي مرڻ کان پوءِ ڪشمير جو بادشاهه ٿيو. اهو لشڪر وٺي سنڌ جي دنگ تي آيو ۽ ٻڌايو وڃي ٿو ته سنڌ جي حاڪم ڄام کي سنڌوءَ تي شڪست ڏنائين. هيءَ ٿي سگهي ٿو رڳو ڪا ڪامياب چڙهائي ٿي هجي، اتر سنڌ تي، جيڪا ظاهر ڪري ٿي ته سمن جو اتر سنڌ تي مڪمل ڪنٽرول هو.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، ص. 278.
ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، ص. 501.
سنڌ جي تاريخن ۾ ڪشمير جي شهاب الدين (1359-1378ع) جي سوڀ جي ڪا ڳالهه ڪانهي. ڪشمير جا ماهر اڻ چٽا آهن ۽ هن معاملي ۾ بيڪار.

**1359ع - 1364ع:**

ڄام جُوڻي ملتان جي گورنر ماهرو ڏانهن خط لکي ڪيس ڄاڻ ڪيو ته:

1. ڄام جو منگولن جي ڪاهن سان ڪو واسطو ڪونهي.
2. ملتان مان موڪليل شاهي لشڪر سيوهڻ ۾ سکر جون ڀهراڙيون ۾ ماڻهو ڦريا هئا.
3. چڙ ڏيارڻ جي باوجود به سنڌ جو لشڪر ڪن موقعن تي پلاند ڪرڻ کان ٽارو ڪري ويو هو.
4. ملتان سرڪار ڪن مخصوص مفاد رکندڙن جي دانهن تي سنڌ خلاف قدم کنيو آهي.
5. شاهي لشڪر مسلمان (سنڌ جا) ٻڌا، انهن کي غلام ڄاڻايو ۽ پِڙيءَ ۾ وڪڻي ڇڏيو.
6. سنڌ وٽ وڏي ۾ طاقتور فوج آهي، جيڪڏهن شاهي لشڪر سنڌ ۾ وري گهڙيو ته انهن کي نتيجا پو ڳڻا پوندا.
7. گجرات جو صوبيدار (مُقاطيا) ۾ سيوهڻ جو گماشتو ڪنهن به شيءِ جو ۾ سندن انتظام ۾ ٿيندڙ هر غلط شيءِ جو بهتان هرويرو ڄامن تي هڻن ٿا.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 134، ص. 229-235.

**1359-1364ع / 760-765هه:**

ڄام جُوڻي جي خط جي موٽ ۾ ملتان جي گورنر عين الملڪ سيئي الزام رد ڪيا ۾ ڄام کي جواب ڏنائين ته فيروزجي لکنؤتِي يا بنگال تي ٻين مهم (1359ع ۾) دوران سندس مرڻ واريون افواهون ٻڌي سنڌ جي ڄامن اطاعت جي پاڃاري لاهي ڦٽي ڪئي هئي، جيڪا سيد جلال الدين بخاريءَ جي ميڄرايل هئي. وڌيڪ اهو دليل ڏنائين ته سمن هڪ مسلمان ملڪ ۾ دهلي سلطنت (گجرات ۾ ملتان) جي مسلمانن خلاف منگول لشڪر کي پڻ استعمال ڪيو آهي ۾ سندن مائٽن سلطان جي سيوهڻ ۾ نمائندن کي مليل جاگيرون ڦٻائي ورتيون آهن ۾ ٺاهه جون اٽڪلون ڪري سيوهڻ جي فوجدار پاران پلاند کان بچڻ گهرن ٿا، پر وري انهن مٿان بي خبريءَ ۾ حملا ڪن ٿا ۾ پاڻ کي اڄاڻ ظاهر ڪن ٿا، جيتوڻيڪ انهي ۾ ڄامن جو پنهنجو هٿ آهي. ڪين چتاءُ ڏنائين ته اطاعت ڪريو، جيئن بهرام خان جي ڪريو پيا

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 134، ص. 229-235.

(ممڪن آهي متياري ۽ نوابشاھ ضلعن جي سمن فيروز شاھ آڏو 1351ع ۾ آڻ مڃي هجي) ۽ جڏهن پنهنجا سَگَ شاهي حرم ۾ موڪليا اَٿَوَ تہ پوءِ بغاوت جي ڳالھ نہ ڪريو. هندو راجا پنهنجون نياڻيون حرم ۾ موڪلڻ ڪان پوءِ ڪڏهن بغاوت نہ ڪندا آهن. پر دوڪيباز سنڌي راجا ڏاهر جي ڌيءُ وانگر ڪري ڇاڻن. شاهي سرڪار سنڌ جي فوج ڪان نٽي ڌڃي، ڇو تہ جيترو گهڻو شڪار هوندو اوترو ئي وڏو ڀورو وغيره بہ آهي.

**1360-1364ع يا اڳي:**

عين الملڪ ماهرو، مَلِڪُ الشّارِق افتخارُ المُلڪ فريدالدين، صاحبِ ديوانِ اِستِفائي ممالڪ (دهلي سلطنت جو وزير اعظم) ڏانهن خط لکيو تہ همير سومري دودي کي توهان جي سرپرستيءَ (سرگرم فوجي مدد) جي گهرج آهي ۽ ڪيس نامزد ڪيو وڃي باغي ڄام ٻانيڻي کي شڪست ڏيڻ ۽ ان جي جاءِ وٺڻ لاءِ، جنهن منگولن جي فوج ناهي هڪ ڀيرو پنجاب تي حملو ڪيو ۽ اتي قرلڪ ڪئي، پر ملتان جي فوج ڪيس پڃائي ڪڍيو. انهي گجرات تي بہ ڪيترائي ڀيرا حملا ڪري قرلڪ ڪئي آهي ۽ اسلام جي ڌرتيءَ تي پاڻ سان گڏ ڪافر (منگول، جيڪي تيستائين مسلمان ٿي چڪا هئا) وٺي آيو آهي، جنهن حقيقت جي ڄاڻ وزيراعظم کي اڳيئي آهي.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 46، ص. 100-103.

گجرات جو گورنر رڪن الدين امير حسن پڻ سندس (همير جي) سفارش ڪندو رهيو آهي ۽ خط لکندڙ (عين الملڪ) کي اميد آهي تہ جيڪڏهن ڪيس گهربل مدد ڏني وئي تہ همير دودو گهربل مقصد پورا ڪندو ۽ پنجاب ۽ گجرات کي ٻانيڻي جي آزار ڪان ڇوٽڪارو ڏياريندو.

خط انوقت لکيو ويو جڏهن ماهرو ملتان جو گورنر هو ۽ رڪن الدين امير حسن گجرات جو. همير سومري گهڻو ڪري گجرات ۾ پناھ ورتي هئي، جتان جي گورنر ڏانهن پڻ عين الملڪ ماهرو خط لکيو هو.

**1364ع / 765ھ:**

عين الملڪ ملتانيءَ جي مرڻ جو ممڪن سن. هن ملتان، بکر ۽ سيوهڻ جو فيروز تغلق پاران ڪجھ سالن لاءِ انتظام هلايو. سياسي ڪِرت ۾ پيير علاءُ الدين خلجيءَ جي ڏينهن ۾ پاتائين ۽ ڌار، اُجين، ديوگِير، اَوَڌ، ظفرآباد ۽ ملتان ۾ ڪيترن ئي عهدن تي ڪم ڪيائين. فيروز جي دور ۾ ايتري اهميت ماڻيائين، جيتري ڪنهن وڏي وزير جي هوندي هئي.

اسلامڪ ڪلچر، جلد XXI، 1948، ص. 359-368. سندس خط انشاءِ ماهرُو نالي سان لاهور مان 1965ع ۾ ڇپيا آهن.

عين الملڪ جا خط صاف ثابت ڪن ٿا تہ جڏهن سما آخري سومري حاڪم همير جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ وٺ وٺان ۾ هئا، تڏهن هن فيروز شاھ وٽ همير کي سمن کان بچائڻ لاءِ ڀرپور وڪالت پئي ڪئي.

**1364ع:**

فيروز شاھ سنڌ تي ڪاھ ڪرڻ جو پڪو پھ ڪيو. فيروز تغلق پاران سنڌ ۾ دخل ڏيڻ جي مقصدن بابت ڏار ڏار رايا ڏنا ويا آهن.

عفيف، ص. 191-192، سال 1365ع ڏنو آهي، جيڪو ماهرو جي خط نمبر 99، ص. 186-189 جي حساب سان غلط آهي.

عفيف چوي ٿو تہ سنڌين سان پلاند پورو ڪرڻو هو، جن کي محمد تغلق اوچتو مري پوڻ ڪري مات نہ ڪري سگهيو هو. پر سنڌ کو اڪيلو صوبو

نہ هو جتي محمد تغلق ٻڃڙو ٿيو هو. کيس ڏکڻ هندستان ۾ پڻ شڪست ٿي هئي، پر فيروز شاهہ اهو ورائي وٺڻ جي ڪڏهن ڪوشش نہ ڪئي.

سيرتِ فيروز شاهي ٻڌائي ٿي تہ فيروز شاهہ جي سنڌ تي ڪاهہ پنهنجي لاءِ هئي.

سيرتِ فيروز شاهي ٻڌائي ٿي تہ فيروز شاهہ جي سنڌ تي ڪاهہ پنيان لڪيل مقصد ٺٽي وارن جي سرڪشي هئي، جن جو ساٽس ڪيترن سالن کان ويہ هليو پئي ۽ ڏمريلا ۾ محفوظ ٿاڪ جهليو ويٺا هئا.

ماهرو، سيرت جي راءِ جي پنيرائي ڪري ٿو. عين الملڪ، ملڪ الشارق ڏانهن لکي فيروز شاهہ جي مدد گهري، ٻانڀڻئي کي چٽڻ لاءِ، جنهن منگولن سان ملي گجرات ۽ پنجاب تي حملا ڪيا هئا.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 46، ص. 100-103.

جاگيردار ۽ ملتان جي گورنر عين الملڪ اهڙا خط سلطان فيروز کي بہ لکيا. اچرج جي ڳالهہ آهي تہ سيرتِ فيروز شاهي فيروز شاهہ پاران ٺٽي جي قلعي تي ڪڙو چاڙهڻ ۽ قبضو ڪرڻ ۽ ٻانڀڻئي پاران سلطان جي سلطاني مڃڻ جو احوال ڏنو آهي، پر عفيف ان کي رد ڪيو آهي. جيڪڏهن سيرت صحيح آهي تہ پوءِ فيروز وڏيڪ لشڪر وٺڻ گجرات نہ ويو هوندو ۽ ٻي ڪاهہ نہ ڪئي هوندائين.

فيروز شاهہ، مَلِڪُ الشّارِق ناصرُالمُلک کي منگولن جون جام ٻانڀڻئي سان ساٿ ۾ ٿيندڙ چڙهايون روڪڻ لاءِ موڪليو.

تاريخ مبارڪ شاهي.

عين الملڪ، خانِ اعظم فتح خان جي سنڌ جو گورنر مقرر ٿيڻ جو حوالو ڏنو آهي، پر سنڌ تڏهن سمن جي هٿ هيٺ آزاد هئي ۽ فيروز بہ سال وَسَ ڪري بہ ان کي پنهنجي ملڪ ۾ گڏائي نہ سگهيو هو. تنهنڪري بنا اُلڪي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ خانِ اعظم ملتان ۽ اُچ ۽، ممڪن آهي، سنڌ جي ڪجهہ ڀاڱن جو گورنر هو، هيڊڪوارٽر ملتان ۾ هئس. ان ۾ بہ شڪ ٿو لڳي تہ فيروز جو وچولي سنڌ تي ڪنٽرول هو، جتان سما 1333/34 ۾ اقتدار لاءِ اُسريا هئا.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 1، ص. 2-8.

**1364ع:**

ملتان جي گورنر هڪ پڌرنامي ۾ چاچڪاڻ (بدين ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعا) جي ماٺهن کي جاڻُ ڪيو تہ جام جُوٺو ناهہ (دهلي سلطنت سان) پاڙي رهيو آهي، پر جام ٻانڀڻيو ناهہ تان ڦري ويو آهي. ناهہ شيخ الاسلام صدرالدين (صدرالحق وَ شرق الدين) ۽ سيد جلال الدين بخاري ڪرايو هو، جنهن هيٺ سنڌ مان ٿيندڙ آمدني (سنڌ جي) فوج تي خرچ ٿيڻي هئي، جنهن جي ذمي گجرات کان سکر تائين (سموري سنڌ ۽ ڪڇ) سيني علائقن جو بچاءُ هو ۽ سنڌ کي صرف نشانيءَ طور هڪ لک ٽنڪا قيمت جا 50 گهوڙا ساليانو ڏَنُ دهلي سلطنت کي ڏيڻو هو.

جيئن تہ ڪجهہ ٺٽئي ناهہ تان ڦري ويا آهن، سو جامن کي سزا ڏني ويندي. دهليءَ اجا ڪو پلاند ناهي ڪيو، جو ٺٽي ۽ چاچڪاڻ جي مسلمانن منجهان ڪجهہ جو ان ۾ حصو نہ هو. پر جيئن تہ جام ٻانڀڻئي منگولن جي مدد سان دارالاسلام (دهلي سلطنت جا علائقا) کي تباهہ ڪيو آهي ۽ مسلمانن کي ڦُريو آهي، سو بدمعاشن کي سزا ڏيڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن چاچڪاڻين توبهہ ڪئي ۽ معافي گهري تہ کين جيئدان ڏنو ويندو

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 99، ص. 186-189.

هي خط پڌرو ڪري ٿو تہ مخدوم جهانيان اُچ وارو (سيد جلال الدين بخاري) دهلي-ٺٽو سياست ۾ فيروز شاهہ جي ٺٽي تي ڪاهہ کان بہ اڳي کان وٺي سرگرميءَ سان شامل هو. هي خط ماهرو 1364ع ۾ مرڻ کان اڳ لکيو. پر سنڌ مٿان ڪاهہ واري موقعي تي پڻ. تنهنڪري فيروز شاهہ پڪ سان پاڻ کي سنڌ تي ڪاهہ لاءِ تيار ڪيو هوندو.




108.احمد آباد (گجرات - هندوستان) ۾ مَرڪي بيبي ۽ مُغلي بيبي جون قبرون.
(ڪلائوڊ بيٽلي جي انڊين آرڪيٽيڪچر، ڊزائن اينڊ ڊويلمينٽ، بمبئي 1965 تان).

109.بادشاهه فتح خان جي پيڻ جو مقبرو. اڌ ڊٺل مقبري جي اندرئين ڏيک ۾ سرون مضبوطيءَ ۽ گڏوگڏ گولائي ناهڻ لاءِ آسيريون پاسيريون هنيل ڏسڻ ۾ اچي رهيون آهن.





110. تاج الدين ۽ ميان فتح خان جي قبر تي اُکر.



111. مکليءَ ۾ سورهين صديءَ جي پهرئين يا ٻئين چوٿي جو شيخ جِئي جو مقبرو.

نہ تہ انهن کان بہ سخت پلاند ورتو ويندو، سنڌس مايون ۽ ٻار ڪنيا ويندا ۽ اهي پاڻ (نوجوان مرد) تلوار کان نہ بچندا .
تنهنڪري هن پڌرنامي ذريعي چاچڪاڻين کي ڄاڻ ڪيو ٿو وڃي تہ جڏهن اسلام جو لشڪر (دهلي سلطنت جي فوج) سيوهڻ پهچي ۽ ٺٽي تي چڙهائي ڪري تہ ڪين اسلام جي لشڪر ۾ شامل ٿي وڃڻ گهرجي. رڳو ان صورت ۾ ئي ڪين معافي ملي سگهي ٿي.

### آڪٽوبر 1365ع / صفر 767هہ:

فيروز شاهہ تغلق سنڌ تي ڪاهہ جي تياريءَ جا فرمان جاري ڪيا.

ماهرو جي خط نمبر 99، ص. 186-189 مان واضح آهي تہ سنڌ تي ڪاهہ لاءِ تياريون 1364ع ۾ هليون پئي. هي پڌرناموں رڳو ميار لاهڻ لاءِ هو.

وزير خان جهان نوي هزار گهوڙن ۽ چار سو اسي هاٿين تي ٻڌل وڏو لشڪر گڏ ڪيو ۽ پنج هزار ٻيڙين جي آڙماڙ جو بندوبست ڪيائين، جيڪي ٻکر، ملتان ۽ اُچ کان اچٽيون هيون. سلطان اجوڌان رستي ٻکر پهتو، جتان آڙماڙ سنڌوءَ رستي هليو. عفيف جو پيءُ 1000 ٻيڙين جي آڙماڙ جو نگران هو.
ڄام جُوڻو ۽ ٻانڀڻيو پڻ ويهہ هزار گهوڙن ۽ چار لک پيادن سان تيار هئا.
سلطان جنگ هارائي ۽ وڏيڪ لشڪر گڏ ڪرڻ گجرات هليو ويو. هن جنگ ۾ ملتانين لشڪر جي وچين ٻانهينءَ جي مهنداري ڪئي.

عفيف، ص. 194-207، تفصيل ڏنا آهن. هي فيروز جي هارَ نٽو مڃي، پر چوي ٿو تہ وبا پکڙجڻ ۽ گاهہ جي اڻاٺ سبب سلطان وڏيڪ لشڪر وٺڻ گجرات ويو. درٻاري تاريخدان هارَ مٿان ڪَکَ رکڻ لاءِ وبا وارو بهانو استعمال ڪندو آهي.

عفيف مڃي ٿو تہ پويان پير ڪرڻ دوران جڏهن ٺٽي کان رڳو 20 ميل پري هئا تہ دشمن (سما) شاهي فوج تي پٺئين پاسي کان ڪڙڪيا، ٻيڙيون جهليائون ۽ سلطان جا ڪيترائي ماڻهو ماريائون. وڏيڪ نقصان ڪڇ جي رڻ ۾ پاڻيءَ ۽ ڪاڌي جي اڻاٺ سبب ٿيو.
فيروز جي دهليءَ ۾ ڪل فوجي سگهہ 80،000-90،000 گهوڙا هئي. مطلب تہ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ سموري فوجي سگهہ لاتائين، پر پهريون حملو ناڪام ٿيس. 500 ٻيڙين جو آڙماڙ سنڌي ۽ ڪڇي ملاحن تباهہ ڪري ڇڏيس.

سنڌ جي فوج جو انگ تمام وڏو وڏاءُ آهي. سنڌ جي ڪل آبادي انوقت 15 لکن کان مٿي نہ هوندي، خاص ڪري سنڌو درياءَ جي چوڏهين صديءَ جي پهرئين چوٿي ۾ وهڪرو مٽائڻ جي ڪري، جنهن سان پڪ سان ڏڪار آيا هوندا ۽ وڏي انگ ۾ موت ٿيا هوندا.
مبارڪ شاهي، ص. 131.

سيرتِ فيروز شاهي هڪ غلط ڳالهہ ڪري ٿي تہ جڏهن شاهي فوج ٺٽي تي قبضو ڪرڻ واري ئي هئي تہ ٻانڀڻيو آيو ۽ آڻ مڃيائين. هي غلط آهي، چاڪاڻ تہ سلطان گجرات هليو ويو ۽ هڪ سال سنڌ تي نئين سِر ڪاهہ جي تياريءَ ۾ لڳاياءئين.
مبارڪ شاهي چئو چوي ٿي ٻانڀڻيءَ پوري طاقت سان موٽ ڏني ۽ سلطان جي ماڻهن منجهان ڪيترائي ٺٽي جي ويجهو هوندي ئي ڪاڌي جي اڻاٺ سبب مارجي ويا ۽ ان ٻيوسيءَ جي ڪري سلطان گجرات هليو ويو.

وليمس، ص. 101-102، چوي ٿو تہ هن جنگ ۾ سنڌ جي سمن پڻ پنهنجي مائٽن ڪڇ جي هندو ڄاڙيجن سمن کان مدد ورتي هئي ۽ شاهي ملاح سنڌي ۽ ڪڇي ساموندين جي پيٽ ۾ ڪا شيءِ نہ هئا. پويان پير ڪرڻ دوران ڪڇين کي سيڪٽ ڏيڻ گهريائين، پر سنڌس وڏي فوج ناس ٿي وئي ۽ ڪڇي پلاند کان بچي ويا. ڄاڙيجا ڪڇ ڏانهن 1147ع ۾ لڏي ويا هئا.

### آڪٽوبر 1365ع کان مارچ 1366ع:

ٺٽي مان پويان پير ڪري گجرات وڃڻ تي فيروز تغلق جي شاهي فوج مصيبتن جو هڪ سلسلو پوڳيو. جهڙوڪ: اَنَ جي کوٽ، ٻُکَ ۽ گاهہ جي اڻاٺ سبب سنڌس سمورن گهوڙن جو مرڻ، ڪڇ جي رڻ (ڪَنڇِيرَڻ) جي لوڻياڻي ڏُٻڻ ۽ مني پاڻيءَ جي اڻاٺ، جنهن جي ڪري گهڻي پاڳي جانورن ۽ هزارين ماڻهن جو موت. هي سلسلو 6 مهينن تائين هليو.

عفيف، ص. 205-219.

گجرات ۾ پهچي فيروز شاهہ اتان جي گورنر امير حسن نظامُ المُلڪ کي سنڌس فوج کي ڪاهہ دوران رسد پهچائڻ ۾ ناڪاميءَ تي ڪيدي ڇڏيو.

عفيف، ص. 219.

**مارچ ڪان جولاءِ 1366ع:**

فيروز نئي تي ٻين ڪاهه جي تياري ڪئي. گجرات جي آمدني 2 ڪروڙ ٽنڪا فوج تي لاتا ويا. پاڙيتو فوجين (غير وجهه دار) کي سلطان پاران گهوڙا وٺڻ لاءِ اڳواٽ رقم ملي. باقائدي فوجين (وجهه دار) کي پڻ هٿيار پنهوار وٺڻ لاءِ قرض ڏنا ويا. وزير خان جهان دهليءَ کان رسد اماڻي. جنگي ساز سامان تي ست لک ٽنڪا خرچ ڪيا ويا.

عفيف، ص. 219-223. اسلامڪ ڪلچر ۾ سيرتِ فيروز شاهي پڻ.

**سيپٽمبر 1366ع ڪان سيپٽمبر 1367ع:**

فيروز شاهه گجرات مان نئي لاءِ نڪتو. سپاهين جي وڏي انگ شاهي فوج کي ڇڏڻ شروع ڪيو. انهي تي سلطان چيو تہ جيڪڏهن انهن کي زور تي جهليو ويو هو تہ ان جو مطلب انهن کي سزا ڏيڻ برابر آهي، تنهنڪري انهن جي موٽي دهلي پهچڻ تي ڪين هلڪي سزا (تدارُڪِ معنوي، جسماني ايذاءُ نہ) ڏيڻ گهرجي.

عفيف، ص. 225-228.

ڪڇ کان ٿارو ڪيائين، جيڪو سُڃ، پرانهپ ۽ دوکيبازيءَ جي ڪري بدنام ٿي چڪو هو.

فيروز شاهه جي انهن ئي تڪليف وارن ڏينهن ۾ سنڌين هيءَ سنڌي سِٽَ ڳائي: "ٻَبَرڪت پِير پَٽو، هڪ ڊنو ٻيو ٿَٽو". معنيٰ پير پٽي جا برڪت سان محمد تغلق مئو ۽ فيروز شاهه ڪُڙين تي زور ڏنو.

**آڪٽوبر ڪان نومبر 1367ع:**

فيروز شاهه تغلق اوچتو لابارن (چانورن، جور ۽ ٻاجهري جي) جي منڊ ۾ سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪنڌيءَ تي پهتو ۽ ڳوٺن جي هڪ وڏي انگ تي چڙهائي ڪري اَنُ ڪنيائين ۽ 4000 سنڌي ڳوناٽا قيد ڪيائين. سلطان انهن لاءِ اَنَ جو مناسب مقدار منظور ڪيو ۽ حڪم ڏنائين تہ جيئن تہ قيدي مسلمان آهن، تنهنڪري ساڻن مِهر ڀريو ورتاءُ ڪيو وڃي.

ڄام جُوڻي الزام هنيو هو تہ دهليءَ جي فوج سنڌي مسلمانن کي پڪڙي رهي هئي ۽ انهن کي غلام بڻائي وڪڻي رهي هئي، جيئن ماهرو جي خط نمبر 134، ص. 229-235 ۾ ڄاڻايو ويو آهي.
فيروز شاهه هي حڪم انهن الزامن کي رد ڪرڻ لاءِ ڏنا.

عمادالملڪ ۽ ظفر خان لوڌي (ظفر خانِ بزرگ پڻ سڏجندڙ) درياءُ ٽپيا ۽ سمن خلاف ڪارروائي شروع ڪيائون. ڪارروائي سلطان پاران مسلمانن جي پوائتي خونريزي ٽارڻ لاءِ جنگ بند ڪرڻ جا حڪم موڪلڻ تائين هلندي رهي. عمادالملڪ بنا ڪنهن ڳڻپ جوڳي ڪاميابيءَ جي موٽي ويو.

عفيف، ص. 231-238.

حقيقت ۾ گهٽو ڪري هن ڀيري بہ هارايو هئائون، ڇو تہ عمادالملڪ کي دهلي وڃڻ ۽ تازو توانو لشڪر آڻڻ جو حڪم ڏنو ويو هو، جيڪو خان جهان بَدايُون، چَنديرِي، قَنوج، سَندِيلا، اَوَڌ، جَونپور، بِهار، تِريبُوت، مَهوبا ۽ اِرَج وغيره مان گڏ ڪيو هو. لشڪر عمادالملڪ سان گڏجي نئي آيو. هن ۾ پڪ سان گهٽ ۾ گهٽ 8 مهينا لڳي ويا هوندا، مطلب تہ جون 1367ع ڌاري لشڪر سنڌ پهتو هوندو، سنڌ تي ٽين ڪاهه ڪرڻ لاءِ.

عفيف شاهي لشڪر جي هيءَ ٻين هارَ لڪائي ويو آهي، جنهن جي ڪري فيروز شاهه جي ڪنٽرول هيٺ لڳ ڀڳ پوري سلطنت مان لشڪر گهرائڻ جي ضرورت پئي.

ظفر خان کي، جنهن کي پهريان گجرات جي گورنر طور اتي ڇڏيو ويو هو، لڳي ٿو تہ هن ڪاهه لاءِ گهرايو ويو.

# سنڌ دهليءَ آڏو آڻ مڃي

**1368ع سرءُ:**

دهليءَ کان تازو توانو لشڪر عمادالملڪ جي مهنداريءَ ۾ نٽي پهتو.

عفيف لکي ٿو ته جيئن ته شاهي لشڪر پوک کاهيل ۽ نيون هٿ هيٺ ڪري ورتيون هيون، سو نٽئن کي ڏڪار ۽ بک کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ٻانيڻئي، سيد جلال الدين ذريعي فيروز شاه سان صلح جون ڳالهيون چوريون، جنهن سيد جو عرض مڃيو. پوءِ ڄام ٻانڀيو شاهي ڪئمپ تي پهتو ۽ سلطان آڏو آڻ مڃيائين. انهي وقت سلطان شڪار تي نڪتل هو. کيس خلعت پهرائي وئي ۽ سلطان پاڻ سان دهليءَ وٺي ويس، پر سنڌ کي سلطنت ۾ نه ڳنڍيو ويو. ٻانيڻئي جو ڪٽنب سندس بدران سنڌ تي راڄ ڪندو رهيو. ٻانيڻئي سان گڏ ٻيا به ڪوڙ سارا سلطان وٽ پيش پوڻ آيا ۽ سلطان کين ڪيترائي ڳوٺ جاگيرون ڪري عطا ڪيا.

مخدوم جهانيان جي ملفوظات ۾ سندس معجزي جو احوال ڏيندي چِٽو چيو ويو آهي ته فيروز شاه مسلمانن جون جانيون ويندي ڏسي مخدوم جهانيان (جلال الدين بخاري اُچ وارو) کي سڏايو، جيڪو آيو ۽ (پنهنجي وڏي) شيخ رڪن الدين کي ٻانيڻئي جي دهلي سرڪار آڏو آڻ مڃڻ لاءِ ٻاڏايائين. هڪ غيبي آواز آيس ته سندس عرض اگهايو ويو آهي. جڏهن فيروز شاه جي فوج اهو ٻڌو ته اهي خوش ٿيا ۽ انهي معجزي جي ڪري ئي ڄام، فيروز شاه آڏو 12 ربيع الاول تي آڻ مڃي.

هن منجهان صاف ظاهر آهي ته فيروز شاه مخدوم کي سڏايو، جنهن لاءِ سمن وٽ وڏو احترام هو ۽ سندس اٽڪل مطابق آڻ مڃيائون.

قصيدائي مُطاهر قُرحي هن کي فيروز شاه جي جهاد ۾ معجزو ڀانئين ٿو.

هي دهلي ۽ سندس اپرندي وارين ماتحت رياستن کان تازو لشڪر پهچڻ کان پوءِ ٿيو.

عفيف ٻڌائي ٿو ته ناه ٽن نڪتن تي ٿيو:

1. سما ڏَنُ ڀريندا.
2. ٻانڀيو ۽ ڄام جُوڻو دهليءَ ويندا ۽ شاهي دربار ۾ رهندا.
3. سندن پونير سندن بدران سنڌ تي راڄ ڪندا ۽ سنڌ کي سلطنت ۾ ملايو نه ويندو.

مخدوم جلال الدين جهانيان اُچ وارو ڄام ٻانيڻئي سمي ۽ فيروز تغلق جي وچ ۾ ناه ڪرائڻ سنڌ آيو.

مخدوم جهانيان جي ملفوظات ۾ ٻڌايل آهي ته فيروز شاه مخدوم جهانيان کي سڏايو ۽ مخدوم، ٻانيڻئي جي دهلي سرڪار آڏو آڻ مڃڻ لاءِ دعا گهري. غيبي آواز ٻڌايس ته سندس دعا اگهي آهي. جڏهن شاهي فوج اهو ٻڌو ته اهي خوش ٿيا. انهي معجزي جي ڪري ڄام 12 ربيع الاول تي پيش پيا.

---

عفيف، ص. 237-246.

ميڊيوَل انڊين ڪوارٽرلي، جلد III، ص. 133. ساڳيو مقالو احوال ڏئي ٿو ته هي مخدوم دهليءَ ايندو رهندو هو ۽ شاهي مهمان ٿي رهندو هو. سنڌ کي مات جنگ نه پر سفارتڪاريءَ ڏني.

ڊاڪٽر رياض الاسلام، اسلامڪ ڪلچر، آڪٽوبر، 1948.

عفيف، ص. 231-138.

عفيف چوي ٿو ته ڄام ٻانيڻئي شاهي فوج جي طاقت ڏسي بزرگ ڏانهن ناه ڪرائڻ لاءِ نياپو ڪيو، پر مخدوم جي ملفوظات جو خط نمبر 99 چِٽو چوي ٿو ته سيد جلال الدين بخاري فيروز شاه جي عرض تي هن مقصد لاءِ نٽي آيو، جيئن محمد ايوب قادري، ”مُناقبِ مخدوم جهانيان“، ص. 141 تي ٻڌايو آهي.

ساڳيو سيد پوءِ به ڄام تماچيءَ پاران ڪڙي ڪيل بغاوت دٻائڻ آيو هو.

ڊاڪٽر رياض الاسلام، اسلامڪ ڪلچر، آڪٽوبر، 1948، ۾ هن روايت جي ڀنيرائي ڪري ٿو.

عفيف، ص. 114، 141-142، چوي ٿو ته ڄام ٻانيڻئي مخدوم کي سلطان سان ناه ڪرائڻ لاءِ سڏايو. اها روايت ملفوظات جي بيان کي ڏيان ۾ رکندي مڃي نٿي سگهجي، جيڪي چِٽو ڪري ڏين ٿا ته کيس سلطان سڏايو ۽ انهي جي سوڀ لاءِ دعا گهريائين.

**سرءُ 1368ع / 769ھ:**

فيروز شاھ تغلق جام جُوڻي ۽ صدرالدين ٻانيڻئي کي پنھنجي نوڪرن چاڪرن ۾ ڏئي کان دھلي وٺي ويو ۽ سنڌن خرچ پکي لاءِ ٻہ لک ٽنڪا مقرر ڪيائين. اھا رقم سنڌ تي اقرارنامي مطابق ٻڌل ڏَنَ جي برابر ھئي. جام جُوڻي ۽ ٻانيڻئي جي پرپٺ جُوڻي جي پٽ ۽ ٻانيڻئي جي ڀاءُ تماچيءَ گڏجي ٺٽي ۾ حڪومت ھلائي.

عفيف، ص. 254-260.

**1368ع پڇاڙي:**

فيروز شاھ تغلق سنڌ مان ملتان رستي دھليءَ ڏانھن نڪتو. واٽ تي ٻيڙيءَ جي ھڪ حادثي ۾ ٻانيڻئي جا ٻار ٻڏي مري ويا. سنڌس پٽن جي نالن جي خبر ناھي. ان ريت فيروز تغلق جي سنڌ ۾ ٻہ سال ھلندڙ مھم جي پڄاڻي ٿي. دھليءَ ۾ ٻانيڻيو، منگُل خان ۽ قاضي صدر جھان (قاضِيُ القضا) خان جھان (وزير) جي پويان ويڙھيل غاليچي تي ويجھا ويجھا ويھندا ھئا. اھا شاھي درٻار ۾ غاليچي تي سلطان جي پويان نمايان جاءِ ھوندي ھئي.

سيرت فيروز شاھي تصديق ڪري ٿي تہ سنڌ ۾ ڪارروائي ٻہ سال ھلي. ساڳئي ذريعي سنڌين جي گهٽن جو احوال پڻ ڏنو آھي.

عفيف، ص. 285، 219.

فتوحاتِ فيروز شاھي (اسلامڪ ڪلچر، جلد 15، 1941، ص. 451).

قاضِيُ القضا لِکِڙن بادشاھن (فيروز شاھ جھڙن) جي دور ۾ اھم عھدو ھوندو ھو. علاءُ الدين پاڻ ئي قانون ناھي، پاڻ ئي لاڳو ڪري ۽ پاڻ ئي انھن جي تشريح ڪري سيني منصفن جا اختيار پنھنجي ھٿن ۾ ڪٺي ورتا ھئا. محمد تغلق انھن کان راءِ وٺندو ھو، پر ان تي عمل ڪو ورلي ڪڏھن عمل ڪندو ھو. فيروز شاھ سان قاضِيُ القضا سچ پچ وزير يا وزيراعظم کان ٻئي نمبر تي ھوندو ھو (ايشوَرِي پرشاد، ھسٽري آف قارُونا ٽُرڪس، ص. 257). بھرحال، فيروز شاھ ئي ھو، جنھن ٻي ترسيءَ واريون سزائون جھڙوڪ ھٿ، پير، ڪن ۽ نڪ وڍڻ، اکيون ڪڍڻ، شيھو پگھاري ماڻھوءَ جي نڙيءَ ۾ اوتڻ، ھٿن ۽ پيرن جا ھڏا ڀڃڻ، جيئري باھ تي پچائڻ، ھٿن، پيرن ۽ ڇاتيءَ ۾ ڪوڪا ٺوڪڻ ۽ جيئري کل لاھڻ وغيره ختم ڪيون.

**1368ع جي پڇاڙي / 1370ھ جي پڇاڙي:**

رڪن الدين شاھ جام تماچي بن فيروزالدين شاھ جام انڙ جي خيرالدين جام توڳاچي بن علاءُ الدين جام جُوڻي سان گڏ پنھنجي ڀاءُ جام ٻانيڻئي-ٻئين جي پرپٺ حڪومت. سنڌس دور امن وارو ھو، پر دھلي سلطنت جو ڏَنُ ڀرڻ کان آزاديءَ جو اعلان ڪيائين.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاھري، ص. 307، سنڌس دور 1366-1375/76ع ڏنو آھي، پر ان ڳالھ جو ثبوت آھي تہ 1370ع جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌس جاءِ تي جام جُوڻو آيو ھو ۽ ڪيس 1371ع جي اوائل ۾ دھليءَ اماڻيو ويو ھو. ڏسو داخلا جنوري 1371ع.

فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 318، سنڌس دور 13 سال ۽ ڪجھ مھينا ڏنو آھي. برِگس، جلد III، ص. 247، سنڌس دور 769-782ھ (1367-1380/82ع) ڏنو آھي. سنڌس دور امن امان وارو دور ليکجي ٿو.

طبقاتِ اڪبري، جلد III، ص. 514، ھن شھزادي جي 13 سال ڪجھ مھينا دور تي متفق آھي.

معصومي، ص. 63-64، ھن جو دور علاءُالدين خلجي جي دور جي پڇاڙيءَ وارن ڏينھن ۾ ڏنو آھي، جيڪو غلط آھي. تحفت الڪرام، ص. 100، ساڳي معصومي واري روايت ڏني آھي.

معصومي سلطان محمد تغلق جي مرڻ کان سُتت پوءِ جام خيرالدين جي آزاد راڄ جي ڳالھ پڻ ڪئي آھي، جيڪا تاريخي حقيقت ناھي.

نظام الدين ۽ معصوم جام ٻانيڻئي-ٻئين کي جام تماچيءَ کان اڳ ڄاڻايو

آهي. فرشتا ڄام مانع بن ڄام جُوڻو ڄاڻايو آهي. معاصرِ رحيمي، جلد III، ص. 265، ڄام تماچيءَ کي ڄام انڙ جو پٽ ڄاڻايو آهي، جيڪو غلط آهي. ڊاڪٽر دائودپوٽو ڄام تماچي بن ڄام مانع بابت فرشتا جي بيان آڌار پاڻئي ٿو ته ڄام خيرالدين کي ڄام مانع به سڏيندا هئا.

عفيف، ص. 247، خيرالدين تو ڳاچي جو نالو نه ڏنو آهي، پر ڪيس رڳو ڄام جو پٽ چيو اٿس.

اسلامڪ ڪلچر، آڪٽوبر 1948، سنه 767هه ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.

مٿيان سمورا ذريعا، عفيف کي ڇڏي، سڏي يا اٽسڏي طرح طبقات بهادر شاهي تي آڌاريل آهن، جيڪا هاڻ وڃائجي چڪي آهي ۽ سراجُ الهدايه جي اچڻ کان پوءِ عرصو 13 مان گهٽجي صرف 3 سال وڃي بيهندو.

**1368ع اڳتي:**

فيروز تغلق نٽي کان موٽڻ کان سُتت پوءِ گهڙيال ايجاد ڪيو. اهو فيروز آباد محل تي مٿي ڪري لڳايو ويو، جتان ڏينهن ۽ رات جا ڪلاڪ ڏسيندو هو. عفيف ان جو عملي مذهبي ڪارج ٻڌايو آهي، جهڙوڪ جهڙالي مند ۾ نماز جو نيڪ نيڪ وقت ڏسڻ ۽ رمضان مهيني ۾ ماڻهن کي روزي جي موزون وقتن جي پابندي ڪرائڻ وغيره.

گهڙيال سنڌي لفظ آهي. هيءَ پڪ سان ڪا سنڌي ايجاد نه هئي، پر ٿي سگهي ٿو ته ان بابت ڄاڻ سنڌ ۾ اڳاٽي پهتي هجي، جتان سلطان نقل ڪيو هجي.

**1368ع پڇاڙي:**

دهلي سرڪار جي همير کي بحال ڪرائڻ وارن وَسن دم ٽوڙيو ۽ سومرا راڄ گهراڻي جو باب سدائين لاءِ بند ٿي ويو.

**1369ع / 770هه:**

سلطان فيروز تغلق سنڌ جي مهم تان ڄام جُوڻي ۽ ٻانڀڻيءَ کي ساڻ ڪري موٽيو. ٻنهي لاءِ ٻه ٻه لک ٽنڪا وظيفو ۽ هڪ هڪ پلو گهر مقرر ڪيائين. روزانو دربار ۾ انتهائي قيمتي ويس پائي ويندا هئا ۽ تخت جي ڪابي پاسي کان ويهندا هئا.

عفيف، ص. 281.

مبارڪ شاهي ٻڌائي ٿي ته ٻانڀڻيءَ جي دهليءَ ۾ رهڻ کان پوءِ فيروز شاهه کيس نٽي جي سرڪار موٽائي ڏني ۽ وڏي اتساهه سان الوداع ڪيائين.

مبارڪ شاهي، ص. 11.

**1369-1388ع:**

سلطان فيروز تغلق جو سنڌ جي سياسي زندگيءَ تي ڪجهه ڪنٽرول رهيو، پر سندس مرڻ کان سُتت پوءِ سنڌ مڪمل طرح آزاد ٿي وئي.

عبدالغفور، ڪيليگرافرس آف نٽا، ص. 3 ۽ 4. سنڌ ٿي سگهي ٿو اڳي ئي آزاد ٿي وئي هجي، ڇو ته سلطان ٻڍاپ ۾ ضعيف ٿي ويو هو ۽ صحيح طريقي حڪومت هلائڻ جهڙو نه رهيو هو، جيئن رپورٽ ٿيو آهي. عفيف، ص. 71-73.

**1370/71ع / 772هه:**

ڪنهن گمنام ليکڪ، جنهن کي سلطان فيروز شاهه جي سرپرستي حاصل هئي، سيرتِ فيروز شاهي لکي. هيءَ ذاتي مشاهدن تي ٻڌل آهي ۽ محمد تغلق جي موت وقت دهليءَ جي لشڪر ۾ پکڙيل افراتفري وارين حالتن کان شروع ٿئي ٿي ۽ فيروز شاهه جي سنڌ مٿان ٻن ڪاهن جو احوال پڻ ڏئي ٿي. هيءَ سنه وار تاريخي واقعن سان پري پئي آهي، جيڪو گڻ ٻرني ۽ عفيف وارين ۾ ناهي.

**1370ع پڇاڙي / 772ھ:**

رڪن الدين شاھ ڄام تماچي تغلقن جي پاڇاريءَ خلاف اٿي ڪڙو ٿيو. انهي ڪي دٻائڻ لاءِ دهليءَ مان علاءُ الدين ڄام جُوڻي ڪي مخدوم سيد جلال الدين بخاري (جهانيان) سان گڏ موڪليو ويو. سيد، ڄام تماچيءَ جي جاءِ تي ڄام جُوڻي کي گاديءَ تي ويهاريو. هي سنڌ جا معاملا نيبرڻ لاءِ مخدوم ڪي ٽيون ڀيرو استعمال ڪيو ويو.

عفيف هن واقعي جو سنہ نہ ڏنو آهي، پر حديقت الاولياء، جنهن جو حوالو ڊاڪٽر رياض الاسلام ڏنو آهي، ٻڌائي ٿي تہ هن موقعي تي ڄام تماچي ۽ پٽس سلطان صلاح الدين ڄام انڙ-ٽئين کي دهلي موڪليو ويو. شيخ (حماد جمالي) جي سفارش تي ڪين قيدِ هند (دهلي) مان آزادي ملي ۽ سنڌ پهتا.

ڄام تماچي نٽي مان دهليءَ لاءِ رجب 772ھ يا جنوري 1372ع ۾ نڪتو.

ڄام جُوڻو دهليءَ کي ڏَنُ ڏئي پٽس سان گڏ نٽي تي راڄ ڪندو رهيو.

فيروز شاھ تغلق جي ڏينهن ۾ سيد شيخ جلال الدين بخاري (مخدوم جهانيان) دهليءَ گهڻو ويندو رهندو هو ۽ کيس شاهي مهمان ڪري فيروز آباد جي ڪُش يا فتح خان جي گهر ۾ رهايو ويندو هو.

ڄام ٻانيڻي کي 1367ع ۾ فيروز تغلق اَڌو غير مشروط آڻ مڃائڻ وارو اهو ئي هو.

مخدوم جهانيان، سيد جلال الدين سُرخپوش جو پوٽو هو، جيڪو صوفي مسلڪ سُهروردیہ جي باني بهاءُ الدين ذڪريا جو مريد هو. فيروز تغلق جي ڏينهن ۾ سهروردي مسلڪ جي ملتان واري شاخ اهميت وڃائي ويني هئي، پر مخدوم جهانيان ان جي اُچ واري شاخ کي اپاري اهميت وٺرائي. سنڌ ۾ اثر هجڻ ڪري ڪيترن ئي اسماعيلي سومرن کي سُني عقيدي ۾ آندائين.

دهليءَ گهڻو ويندو هو ۽ رياستي عملدار سندس وڏو احترام ڪندا هئا.

هڪ ڀيري عين الملڪ ماهرو سنڌ کان ڏَنُ اوڳاڙڻ لاءِ ڪانئس مدد گهري.

سندس مذهبي اثر جو جادو ئي هو، جنهن سمن کي فيروز تغلق آڌو گهٽ ۾ گهٽ ٽن موقعن تي آڻ مڃائي: پهريون ڀيرو 1364 کان اڳي، وري 1368 ۾ ۽ پڇاڙيءَ ۾ 1371/72ع ۾.

**جنوري 1371ع / رجب 772ھ:**

ڄام تماچيءَ کي دهليءَ موڪليو ويو.

**1371-1388/89ع / 772-790/91ھ:**

علاءُ الدين ڄام جُوڻي بن ٻانيڻيو-پهريون جي حڪومت (ٻيهر).

---

عفيف، ص. 254.

رياض الاسلام، اسلامڪ ڪلچر، آڪٽوبر 1948، سراجُ الهدايہ جي حوالي سان.

آئينِ حقيقت نامہ، جلد II، ص. 174.

مبارڪ شاهي، ص. 11.

عفيف ڄام ۽ ٻانيڻي کي ٻہ ڏار ڏار ماڻهو ٿو سمجهي. عفيف ٻانيڻي جي سنڌ موٽڻ جي ڳالھ بہ نٿو ڪري، پر معصومي، ص. 26، ٻڌائي ٿي تہ اهو موٽي آيو ۽ 15 سال حڪومت ڪيائين. سندس موٽڻ واري ڳالھ جي پنيرائي تاريخ مبارڪ شاهي، بدايوني-رينڪنگ وارو ترجمو، ص. 332 ۽ برِگس، فرشتا، جلد I، ص. 455 پڻ ڪن ٿيون.

ميڊيوَل انڊين ڪوارٽرلي، عليگڙھ، 1957، جلد III، ص. 109-149.

ساڳيو، ص. 114.

عفيف، ص. 141-142.

انشاء ماهرو، خط نمبر 99، ص. 186-188.

اسلامڪ ڪلچر، آڪٽوبر 1948، حوالو سراجُ الهِدايہ.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307، سندس حڪومت جي شروعات 777ھ يا 775ھ ۾ ڏني آهي، جيڪا غلط آهي. فرشتا ۽ طبقات اڪبري سندس حڪومت جي ڳالھ ناهي ڪئي. معصومي، ص. 65، ٻڌائي ٿي تہ ٻانيڻي-ٻئين کي سندس سئي چال چلت جي ڪري فيروز تغلق سنڌ صوبو موٽائي ڏنو. معصومي کان ٿي سگهي ٿو جُوڻي ۽ ٻانيڻي ۾ ڀُل ٿي هجي.

تحفت الڪرام، ص. 101، معصومي واري روايت ورجائي آهي.

مبارڪ شاهي، ص. 131.

**1373/74ع / 775هه:**

سامُوئي جو شهر ٻڌو.

تحفت الڪرام، ص. 180، ٻڌائي ٿو ته هي محمد طُور جي ڦِتڻ کان پوءِ ٻڌو. سامُوئي تي سگهي ٿو ته سمن ئي جي ٻاهران درياءَ تي ونڌر ورونهن لاءِ ڪو ننڍو شهر ٻڌو هجي.

**1374ع / 776هه:**

فيروز تغلق جو پٽ فتح خان مري ويو. ڪيس فيروز شاهه جي دور جي اوائل ۾ سنڌ صوبو ڏنو ويو هو. اها عين الملڪ ماهرو جي 1364ع ۾ مرڻ کان اڳ جي ڳالهه هوندي.

انشاءِ ماهرو، خط نمبر 1، ص. 2-8، ٻڌائي ٿو ته فتح خان کي خانِ اعظم وَ خاقانِ مُعَظم همايون فتح خان لقب ڏنو ويو هو.

جيئن ته سنڌ سمن جي هٿن ۾ هئي ۽ ٻانيٽئي ته پنجاب ۽ گجرات بہ ڳنڍي ڇڏيا هئا، سو فتح خان جي سنڌ تي مالڪي رڳو نالي ماتر هوندي، سواءِ اوائلي دور جي، جڏهن سمن جي حڪومت سيوهڻ تائين هئي.

سيد حسام الدين راشدي، مڪلي نامہ، ص. 161، چوي ٿو ته فتح خان کي سنڌ 1368ع ۾ ٻانيٽئي جي آڏ ميڄڻ کان پوءِ ڏني وئي هوندي، پر اهو درست ناهي، ڇو ته هي لقب ماهرو جي مجموعن ۾ سندس 1364ع ۾ مرڻ کان اڳ آيو آهي.

**1375ع:**

پوڏيسر ۾ پهريون جيني مندر ٺهيو. ٻيون 1449ع ۾ ٺهيو.

**1380:**

ڄام علاءُ الدين سمي شيخ ابو تُراب جي قبر مٿان قبو جوڙايو. رازو موسيٰ بن شاهجان هو. فارسي اُکر پٿرو ڪري ٿي ته فارسي ٻوليءَ کي مقبرن ۽ يادگارن تي قبوليت ملي چڪي هئي ۽ عربي جو ان مقصد لاءِ استعمال ختم ٿي چڪو هو. سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ لکجڻ جو ثبوت موجود آهي.

پروفيسر محمد شفيع، ص. 9، ٻانئي ٿو ته اهو ڄام صلاح الدين جي دور ۾ ۾ ٺيو ۽ ڄام علاءُ الدين شاهي گهراڻي جو شهزادو هو. قبر واري اُکر ابو تراب کي سپاهيءَ مان وڏائي ولي الله ٻڌائي ڇڏي ٿي. ابو تُراب هڪ عرب امير هو، جنهن کي ساڪري پرسان جاگير مليل هئي.
تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 120.

**1381ع:**

عثماني ترڪ ايشيا ۾ گهڙي آيا.

**1383/84ع / 785هه:**

سيد جلال الدين بخاري يا مخدوم جهانيان اُچ وارو، جنهن فيروز تغلق سان ونگار وهي 1368ع ۾ سنڌ کي آڏ ميڄرائي ۽ 1359-1364ع ۽ 1371ع ۾ سنڌ ۽ دهليءَ وچ ۾ ناهه ڪرايو، 78 چنڊ جي سالن يا 76 سج جي سالن جي ڄمار ۾ مري ويو.

عفيف سندس ڄمار بابت ٻڌايو آهي ۽ انهي جي حساب سان سندس ڄم جو سنہ 1307/08ع هوندو.

**1384/85ع / 786هه:**

سيد محمد ۽ پٽس سيد احمد شيراز مان قندار، سيوهڻ ۽ ساموئي رستي ٺٽي وڃڻ لاءِ نڪتا. عظيم فارسي شاعر حافظ پڻ ساڻن گڏ هو، پر انهي کي سيد محمد قندار مان شيراز موٽائي ڇڏيو، جتي اهو 791هه ۾ مري ويو. سندن ٺٽي پهچڻ جي ٺيڪ ٺيڪ سنہ جي پڪ ناهي، پر سيد احمد، سيد محمد جي 800هه (1397/98ع) ۾ مرڻ کان پوءِ ئي سيدپور ڇڏي ۽ ٺٽي ۾ اچي پڪو آباد ٿيو هو. پهچڻ کان سُنت ئي پوءِ اهي منڇر پرڳڻي ۾ مراد اوٺيءَ جي ڳوٺ ۾ اچي ويٺا هئا.

رسالہ مَعارِفُ الانوار، ص. 110 ۽ 117، حسام الدين پاران مڪلي نامہ ۾ حوالو.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 185، ٻڌائي ٿو ته اهي سنڌ ۾ ڄام تماچيءَ جي دور ۾ آيا، جيڪو غلط ٿو لڳي.

**1388ع:**

فتوحاتِ فيروز شاهي جي پوري ٿيڻ جو پڇاڙڪو سال، جنهن ۾ فيروز شاهه

هن جو ترجمو اسلامڪ ڪلچر، جلد 15، 1941، ۾ ڇپيو آهي. هيءَ سيرتِ

تغلق جي دور جو مختصر خلاصو ڏنل آهي، جيڪو پاڻ ئي ان جو ليڪڪ هو. جيئن ته هن ۾ فيروز شاهه جي حڪومت جي پهرين 20 سالن جو احوال ڏنل آهي، تي سگهي ٿو ته اها 772هه ۾ لکي وئي هجي.

فتوحات ۾ جاٽايل سندس مذهبي ويچارن کي سندس پنهنجي همر مذهبن جهڙوڪ بنگال جي حاجي الياس شمس الدين ۽ سنڌ جي ڄام ٻانيڀي سان وڙهيل جنگيون رد ڪن ٿيون. ان ڪان سواءِ مابار جي هندن پاران مسلمانن تي ڪيل ظلمن خلاف ڪو قدم نه کنيائين، جيئن عفيف احوال ڏنو آهي.

فيروز شاهي پڻ سڏجي ٿي. انتهائي اهم عهدن منجهان هڪ يعني سلطان جو ذاتي محافظ جو عهدو راءِ ڀِڙُو وٽ هو، جيڪو هڪ هندو هو.

عفيف، ص. 99-100 ۽ 261-267.

**جولاءِ 1388ع / 14 رجب 790هه:**

بُرهانُ الدين قُطبُ العالمر، سيد نصيرالدين جو پٽ ۽ مخدومر جهانيان اُچ واري جو پوٽو، ڄائو.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 299.

**1388ع / 790هه:**

قُرح جو شاعر مُطاهر مري ويو، جنهن فيروز شاهه تغلق ۽ عين الملڪ ماهرو جي ٻَڌاءَ ۾ شاعري رچي.

هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڄام ٻانيڀي-ٻڀين خلاف گُٿا لفظ ڇپا آهن ۽ انهن خلاف قدمر کي جائز ڄاڻائڻ لاءِ ڪين راءِ ڄامر ۽ راءِ تماچي وغيره سڏي، هندو ڪري پيش ڪيو اٿس.

# سمن آزادي ورائي ورتي

**آڪٽوبر 1388ع / 18 رمضان 790هه:**

سلطان فيروز تغلق مري ويو. پنهنجي پوٽي غياث الدين تغلق شاهه بن فتح خان کي اڳيئي پنهنجو وارث ۽ سلطان نامزد ڪري ڇڏيو هئائين. نئين سلطان غياث الدين تغلق تخت سنڀاليندي ڄام ٻانيڀٽيءَ ۽ پاڻس ڄام رڪن الدين ۽ انهي جي پٽ ڄام صلاح الدين کي پڻ سنڌ موٽي وڃڻ جي موڪل ڏني. ٻانڀيٽيو واٽ تي مري ويو ۽ رڪن الدين تماچي 791هه (1389ع) ڌاري سنڌ جو ٻيهر راڄ ڌڻي بڻيو.

معصومي، ص. 51.
مبارڪ شاهي، ص. 140.
فرشتا، سندس مرڻ جي تاريخ 13 رمضان 799هه ڏني آهي، جيڪا غلط آهي.
عفيف، ص. 254.

**1388ع:**

فيروز شاهه پنهنجي دور ۾ ٽپال جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ٻن ميلن تي 2 چوڪيون ناهيون. روايتي نظام ائين هو ته 10 تڪا ڊوڙندڙ قاصد هڪ هٿ ۾ خط وغيره ۽ ٻئي هٿ ۾ ڇڙيون ٻڌل لٺ کڻي، هڪ چوڪيءَ کان ٻيءَ تائين تڪا پهچندا ويندا هئا، جتي اهڙائي ٻيا تڪا ڊوڙندڙ قاصد هنن کان ٽپال وٺڻ ۽ اڳلي چوڪيءَ تائين پهچي پهچائڻ لاءِ تيار بيٺا هوندا هئا. هي قاصد رڳو سلطان جي ٽپال کڻي ويندا هئا ۽ عام ماڻهوءَ سان واسطو نه هئن.

رِحلہ (مهدي حسين جو ايڊٽ ڪيل)، ص. 3-4.
(منهنجي ڄاڻ مطابق سنڌ ۾ ٽپال لفظ پوري رفتار سان هڪ ڪَرو ڊوڙڻ واري مفهوم ۾ ڪم ايندو آهي. ڪو وهٽ (گهوڙو، گڏهه وغيره) پوري رفتار سان ڊوڙندو ته چئبو ٽپال پيو ڊوڙي - سنڌيڪار).

**1389ع / 791هه:**

ڄام رڪن الدين شاهه تماچي پٽس ڄام صلاح الدين شاهه (ڄام انڙ-ٻيون) سوڌو سنڌ پهتو. ٻنهي هڪٻئي پٺيان راڄ ڪيو.

تحفت الڪرام، ص. 102.
عفيف، ص. 247، تماچيءَ کي ڄام جو پٽ سڏيو آهي.

**1389ع / 791هه:**

غياث الدين تغلق شاهه کي فيروز شاهه جي هڪ هندو غلام ماري وڌو. غياث الدين 5 مهينا 3 ڏينهن حڪومت ڪئي.

معصومي، ص. 52.

**19 فيبروري 1389ع / 21 صفر 791هه:**

سلطان غياث الدين تغلق جي قتل ٿيڻ تي درٻارين ابوبڪر بن ظفر خان بن سلطان فيروز کي ڊَڪ (قيد) مان ٻاهر ڪڍيو ۽ نئون سلطان بڻائي ڇڏيائون.

معصومي، ص. 52.
آئينِ حقيقت نامہ اڪبر شاهه خان نجيب عابدي، جلد II، ص. 86.

**1389ع / 791هه:**

صوفي درويش نوح ڪيبرائي، جيڪو پنهنجي گذر سفر لاءِ مال ڌاريندو هو، هنن ڏينهن ۾ حيات هو. انهي ڄام تماچيءَ کي دهليءَ کان نئي ويندي واٽ تي ٻڌايو هو ته ڄام جُوڻو اچا سنڌ تي راڄ ڪري پيو.

حديقت الاولياء، ص. 56.
سندس مقبرو ڪيبر جي اتر ۾ 3 ميلن تي سهتا ڳوٺ ويجهو ۽ حيدرآباد کان اٽڪل 25 ميل اتر ۾ آهي.

**1389ع / 791هه:**

علاءُ الدين ڄام جُوڻو مري ويو.

**1389-1392ع 791-795هه:**

سلطان رڪن الدين شاهه ڄام تماچيءَ جي ٻيون ڀيرو حڪومت.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307.

نوري-ڄام تماچي وارو لوڪ داستان هن بادشاهه سان جوڙيو وڃي ٿو.

طبقات اڪبري ۽ فرشتا سنڌس پٺين پيري حڪومت جي ڳالهه ناهي ڪئي. تحفت الڪرام، ص. 102-103، مطابق ڄام تماچيءَ جي قبر (نوريءَ جي بہ) شيخ حماد جي قبر جي ڏاکڻئي پاسي آهي ۽ قبي ۾ اندر آهي. هن سان نوريءَ جي ٻڌائي ويندڙ ڪينجهر ڍنڍ واري قبر، جنهن ڪي آبپاشي ڪاتو يادگار طور سنڀاليو وينو آهي، پوءِ جي ڪا آثاري نڳي ثابت ٿئي ٿي.

**1389/90ع / 16 رمضان 792هه:**

سلطان ابوبڪر بن ظفر بن فيروز تغلق ڪي 18 مهينا حڪومت ڪرڻ کان پوءِ فيروزي غلامن هٽائي ۽ ناصرالدين محمد شاهه تغلق ڪي نئون سلطان بڻائي تخت تي ويهاريو. ڪيس محمد شاهه-ٽيون لقب ڏنو ويو.

معصومي، ص. 56.

**1390ع کان پوءِ / 792/93هه کان پوءِ:**

ڄام تماچيءَ شيخ حماد ڪي وڏي رقم ڏني، جنهن انهي رقم مان مڪليءَ ۾ جامع مسجد جوڙائي.

حديقت الاولياء، ص. 49-60.

**1392-1404/05ع / 795-807هه:**

صلاح الدين شاهه ڄام (انڙ-ٻيون) بن سلطان رڪن الدين شاهه ڄام تماچي جي حڪومت.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307.

طبقات اڪبري، جلد III، ص. 514، پڻ هن بادشاهه جو دور 11 سال ۽ ڪجهه مهينا ڏنو آهي. فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 318، ڪيس ڄام تماچيءَ کان پوءِ گادي سنڀاليندي ۽ 11 سال حڪومت ڪندي ڄاڻايو آهي. برگس، جلد IV، ص. 247، عرصو 782-793هه يا 1380-1391ع ڄاڻائي ٿو. فرشتا علاءُ الدين ڄام جُوڻي بن ٻانيٽئي توڻي ڄام تماچيءَ جي ٻيون پيرو حڪومت ڪيي چِڙي آهي.

معصومي (ڪڇ واري) دنگ تي بغاوت ۽ هن جي ڪچ مٿان ڪاهه ۽ ڦرلٽ ڪري وڏو مال گڏ ڪرڻ جي پڻ ڳالهه ڪئي آهي.

معصومي، ص. 65، سنڌس حڪومت ڄام تماچيءَ کان پوءِ 11 سال ۽ ڇهه مهينا ڏني آهي، جيڪا صرف تڏهن درست ٿي سگهي ٿي، جڏهن ڄام تماچي ٻيون پيرو حڪومت ڪئي هجي.

تحفت الڪرام سنڌس دور 15 سال ڏنو آهي ۽ حديقت الاولياء جي حوالي سان ٻڌايو آهي تہ ڄام جُوڻي ڄام تماچيءَ ۽ پٽس ڄام صلاح الدين ڪي ٻڌي دهليءَ موڪليو، جتان اهي شيخ حماد جي مهربانين سان موٽيا، جُوڻي جو تختو اونڌو ڪيائون ۽ پوءِ پيءُ ۽ پٽ هڪبئي پٺيان راڄ ڪيو.

تحفت الڪرام، ص. 102.

حديقت الاولياء، ص. 49-60. تماچي ۽ صلاح الدين جا نالا ڄام نظام الدين جي قبر واري اُڪر مان مليا آهن. ڏسو داخلا 915هه (1509/10ع).

**1395/96ع / 798هه:**

ديپالپور ۽ لاهور جي گورنر سارنگ خان خضر خان سان اٽڪٽ سبب، جنهن ملتان تي سلطان محمد شاهه-ٻئين تغلق دهليءَ واري بدران حڪومت پئي ڪئي، ملتان تي قبضو ڪري ورتو.

**جون 1397ع / رمضان 799هه:**

سارنگ خان دهليءَ تي حملو ڪيو.

معصومي، ص. 58.

**1397/98ع / 10 محرم 800هه:**

سيد محمد شيرازي سنڌ ۾ 14 سال رهڻ کان پوءِ مري ويو. سنڌس پونير شيرازي سيد ٺٽي ۾ وينا آهن ۽ سندن قبرون مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي آهن.

**98/1397ع / 800ھ:**

سيد نصيرالدين، مخدوم جهانيان اُچ واري جو پٽ ۽ برهان الدين قطب العالم جو پيءُ، مري ويو.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 299.

**98/1397ع / 800ھ:**

امير تيمور جي پوٽي مرزا پير محمد اُچ تي هڪ مهيني تائين ڪڙو چاڙهيو، پر جڏهن سارنگ خان 4000 گهوڙا تاج الدين جي مهنداريءَ ۾ اُچ جي گورنر ملڪ عليءَ جي مدد لاءِ موڪليا ته پير محمد انهي سان جنگ ڪئي ۽ تاج الدين کي شڪست ڏنائين. ان کان پوءِ ملتان تي ڪڙو چاڙهيائين، جتان جي حاڪم سارنگ خان 6 مهينن جي سخت جنگ کان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪيا. ملتان جي سپاهين کي قيد ڪيائين.

**1400-1500ع:**

هن دور ۾ منگهي پير جي هاڪ پکڙي.

هندو هن کي لالا جسراج سڏيندا آهن.

**8 آڪٽوبر 1398ع / 15 محرم 800ھ:**

سارنگ خان کي دهليءَ جي اميرن شڪست ڏني.

معصومي، ص. 58.

**1398ع / 801ھ:**

امير تيمور ملتان پهتو ۽ سندس پوٽي پاران قيد ڪيل ملتان جا سمورا قيدي کهرائي ڇڏيائين. معصومي پائئي ٿو ته سنڌ امير تيمور جي ملتان تي حملي کان پوءِ آزاد ٿي وئي. سنڌ تي دهليءَ جي ڪنٽرول جو ڪو ثبوت ڪونهي. اُچ 1388ع کان وٺي پير محمد جي هٿن ۾ اچڻ تائين دهلي سلطنت جي ڪنٽرول هيٺ رهيو. انوقت اُچ جو مقامي گورنر گجرات جي گورنر ظفر خان لوڌي جي پٽ سارنگ خان جو نامزد ڪيل ملڪ علي هو. ناصرالدين محمود کي اقتدار ۾ آڻڻ وارو سارنگ خان هو ۽ انهي کيس ديپالپور جو گورنر بڻايو. امير تيمور سان گڏ سيد حيدر بن سيد مير علي حسيني ملتان آيو ۽ اتان پوءِ هالاڪنڊي (سنڌ) آيو ۽ هالا ذات جي عورت سان شادي ڪيائين. هن جي پونيرن ۾ شاهه عبدالڪريم بُلڙيءَ وارو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي شامل آهن. هي مُتعلوي يا مَٽياري سيد سڏبا آهن.

معصومي، ص. 59-60.

**1398ع:**

امير تيمور خضر خان کي پنجاب ۽ اتر سنڌ (اُچ ۽ ملتان) جو گورنر لڳايو.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، ص. 201.
مبارڪ شاهي. فرشتا (بمبئي)، جلد ا، ص. 124.

**99/1398ع / 801ھ:**

شمس سراج عفيف تاريخ فيروز شاهي پوري ڪئي، جنهن ۾ فيروز شاهه جي 1352 کان 1388ع تائين 37 سال حڪومت جو احوال آهي.

هي نسخو ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪولڪتو پاران 1891ع ۾ ڇپايو ويو هو.

**1400/1399ع / 802ھ:**

12 سال ڄمار وارو برهان الدين، مخدوم جهانيان اُچ واري جو پوٽو، پنهنجي ماءُ هاجرا يا بيبي سادات خاتون سان گڏ گجرات جي شهر پٽڻ پهتو.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 299.

**1399/1400ع / 802ھ:**

سلطان نصرت شاھ تغلق گنگا ۽ جمنا جي وچ واري علائقي منجهان گهٽو اقبال خان هٿ ڦُرايو، پر خضر خان کي ديپالپور، ملتان ۽ سنڌ تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ موڪليائين.

مبارڪ شاهي، ص. 169. هنڌن جي ويجهڙائپ ٻڌائي ٿي تہ هتي سنڌ مان مراد آهي اُچ وارو علائقو.

**1404/05ع - 1406/07ع / 807-809ھ:**

نظام الدين ڄام-پهرئين بن سلطان صلاح الدين شاھ ڄام (انڙ ٻيون ؟) جو راڄ. هن ڏاڍي بهتر نموني راڄ هلايو.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307.
فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 318، هن جي حڪومت کي ٻن ڪان ٿي سال ڏنا آهن. برگس، جلد IV، ص. 247، ان جو ليکو 793-796ھ يا 1391-1393ع لڳايو آهي.
طبقات اڪبري، جلد III، ص. 514، هن جي حڪومت ٻہ سال ۽ ڪجھ مهينا ڏني آهي.
معصومي، ص. 65-66، ٻڌائي ٿي تہ هن کي ڪيترن ئي قبيلن جي سردارن بادشاھ نامزد ڪيو هو ۽ گادي سنڀاليندي ئي پنهنجي چئن چاچن ملڪ سڪندر، ڪَرَڻ، بهاءُ الدين ۽ عامر کي آزاد ڪري ڇڏيائين. انهن چاچن سندس خلاف سازش ڪئي ۽ ان ڪري گجرات ڀڄي ويو.
فرشتا ۽ نظام الدين ٻڌائين ٿا تہ هي سنڌ تي راڄ ڪندي پنهنجي مرڻ مري ويو. هنن جو آڌار طبقات بهادر شاهي آهي، جڏهن تہ معصومي جو آڌار ٻُڌ سُڌ آهي. تحفت الڪرام، ص. 103، معصومي واري روايت ورجائي آهي.

**1405/06ع / 808ھ:**

پير صدرالدين، مشهور اسماعيلي پرچارڪ، سنڌي شاعر ۽ ممڪنہ طور پهرين 40 اکري سنڌي لپيءَ جو موجد، مري ويو.

ڄُنيرا علي محمد، نُورُالمُّبِين (بمبئي)، ص. 496.
غلام علي الانا، سومرن جي دور جي شاعري، مهراڻ، جلد 9، نمبر 1 ۽ 2، 1960. (1300-1416ع واري داخلا ۾ 819ھ ڏنل آهي - سنڌيڪار)

**1406-1412/13ع / 809-815ھ:**

ڄام علي شير بن سلطان رڪن الدين شاھ ڄام تماچي جي حڪومت.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307.
فرشتا، هن کي ڄام نظام الدين بن ڄام صلاح الدين جو پٽ ڀائيي ٿو ۽ سندس حڪومت 6 سالن تائين وڌائي ٿو.
ٻڌائي ٿو تہ هن جي ڏينهن ۾ ملڪ جي حيثيت ڪانئس اڳ وارن کان وڌيڪ مانائتي ٿي. ڊاڪٽر بلوچ ڪيس سلطان صلاح الدين شاھ ڄام انڙ-ٻئين جو پاءُ ۽ ڄام نظام الدين-پهرئين جو چاچو ڀانئي ٿو. برگس، جلد IV، ص. 247، سندس حڪومت جو ليکو 812ھ يا 1409ع لڳايو آهي ۽ ڄام نظام الدين-پهرئين جي مرڻ ڪانوئي 806ھ تائين وچ وارو عرصو نہ ڳڻيو اٿس.
طبقات اڪبري، جلد III، ص. 514، هن جي حڪومت کي ڇھ سال ۽ ڪجھ مهينا ڏنا آهن.
معصومي، ص. 67-68، ٻڌائي ٿي تہ هي عياشين ۾ وقت وڃائيندو هو، تنهنڪري ننڍي جي ماڻهن جي هڪ ٽولي قتل ڪري ڇڏيس.
فرشتا ۽ نظام الدين ٻڌائين ٿا تہ هي پنهنجي مرڻ مري ويو.
تحفت الڪرام، ص. 103، معصومي واري روايت ورجائي آهي ۽ معصومي وانگر سندس حڪومت کي ست سال ڏنا اٿس.

**1410ع:**

گجرات جو گورنر ظفر خان، جنهن 1396ع ۾ دهلي سلطنت کان آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو هو ۽ پاڻ کي مظفر شاهه جو لقب ڏئي ڇڏيو هو، اَنهلواڑي جي اڳوڻن علائقن مٿان پنهنجي طاقت ڏيکارڻ لڳو ۽ ڪنٺ ڪوٽ جي جاڙيجي سمي سردار کي آڻ مڃڻ تي مجبور ڪيائين. باقي ڪڇ ڳاجان ۽ اوٺي جي پونيرن وٽ آزاد رهيو. اهي سنڌ سان لاڳاپا سنا رکندا آيا.

وليمس.

**1412/13ع / 815هه:**

ڄام ڪَرَڻ بن خيرالدين ڄام توڳاچي بن علاءُ الدين ڄام جُوڻو-پهريون جو سنڌ جي گادي سنڀالڻ. گادي سنڀالڻ جي ٻئي ڏينهن تي مري ويو.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307، هن جي گادي سنڀالڻ جو سال 816هه ڏنو آهي.

فرشتا (بمبئي)، ص. 318، هن کي ڄام تماچيءَ جو پٽ ڀانئي ٿو ۽ ساڳيو ئي خيال طبقات اڪبري، جلد III، ص. 515، جو آهي.

معصومي، ص. 65-67، هن کي ڄام ملڪ سڪندر، ڄام بهادر ۽ ڄام عامر جو پاءُ ڀانئي ٿي ۽ چوي ٿي ته هي گاديءَ تي پنهنجي ڀائرن جي مدد سان ويٺو هو، ۽ جيئن ته امير سندس خلاف هئا، تنهنڪري هن انهن کي نيڪالي ڏيڻ ٿي گهري، پر بجاءِ ان جي انهن کيس مارائي ڇڏيو.

انهي ٽولي جو چڱو مڙس فتح خان بن سڪندر هو، جنهن کي ڪَرَڻ جي پاءُ صدرالدين ڄام سڪندر-ٻئين جي مرڻ کان پوءِ راڄ لاءِ نامزد ڪيو ويو هو. هي فتح خان پاڻس صدرالدين ڄام سڪندر شاهه-پهرئين جو پٽ ۽ سندس ڀائٽيو هو، جنهن کي پنهنجي پيءُ کان پوءِ گادي سنڀالڻي هئي.

تحفت الڪرام، ص. 103، معصومي واري روايت ورجائي آهي.

**1412-1413ع / 815-816هه:**

سنڌ تي صدرالدين ڄام سڪندر شاهه-ٻئين بن خيرالدين ڄام توڳاچي جي حڪومت.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307، هن جي حڪومت جو سال 816هه ڏنو آهي.

فرشتا (بمبئي)، جلد II، هن جي حڪومت ڪيڏي ڇڏي آهي ۽ طبقات اڪبري، معصومي ۽ تحفت الڪرام به ائين ئي ڪيو آهي.

**1412-1413ع / 815-816هه:**

صدرالدين ڄام سڪندر شاهه بن خيرالدين ڄام توڳاچي جي حڪومت جي تصديق بهاولپور واري اُڪر مان به ٿي آهي.

سمن جي دور ۾ اُڪر آلين ڪچين سِرُن تي ڪوري ۽ پوءِ انهن کي پچائيو ويندو هو.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص. 82.

هن اُڪر ليکي هڪ سال کان وڌيڪ حڪومت ڪئي هوندائين.

**1412/13-1728ع / 816-831هه:**

سنڌ تي ڄام فتح خان بن صدرالدين ڄام سڪندر شاهه-پهريون جي حڪومت. هن کي سنڌ جي قبيلن نامزد ڪيو.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307.

فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 318، هن جي حڪومت کي 15 سال ڏنا آهن.

برگس، جلد IV، ص. 248، ليکو 812-827هه يا 1409-1423ع لڳايو آهي.

طبقات اڪبري، جلد III، ص. 514، پڻ هن جي حڪومت 15 سال ۽ ڪجهه مهينا ڏني آهي.

معصومي، ص. 67-68، هن کي ڦڙت حاڪم ٻڌائي ٿي. مرزا پير محمد ۽ امير تيمور هٿان ملتان ۽ دهليءَ جي شڪست ڄام فتح خان جي حڪومت

دوران ڇاڻائي اٿس، جيڪو غلط آهي. اهو پڻ چوي ٿي تہ 1398ع ۾ سنڌ (دهليءَ جي وچڻ ليکي) پاڻمرادو تيموري سلطنت جو حصو ٿي وئي. هن جي پنيرائي ۾ ڪا تاريخ ويندي امير تيمور جون پنهنجون يادگيريون ’ظفرنامہ‘ بہ نٿي ڪري. حقيقت ۾ سنڌ هڪ آزاد ملڪ هو. معصومي ۽ تحفت الڪرام، ص. 103، هن جي حڪومت ڪي 15 سال ڏنا آهن.

**22 مئي 1414ع / 1 محرم 818هہ:**

سيد احمد شيرازي مري ويو ۽ ساموئي ۾ عباسي قاضين جي مقام ۾ پوريائونس.

**1418ع / 821هہ:**

ابوالعباس شهاب الدين احمد بن علي قَلقَشندي، جنهن سنڌ سميت ڏکڻ ايشيا جي سماجي حالتن جو احوال ڏيندڙ ڪتاب ’صبح العشاء‘ لکيو، مري ويو.

عربي نسخو قاهرا مان 1913-20 ۾ ڇپيو.

**1418/19ع / 821هہ:**

شيخ حماد جي آستان ۾ ڄام تماچيءَ جي موپي پٽ جي هدايتن تي ڄام تغلق سڪندر شاهہ جي دور ۾ شيخ حماد جي مريد دريا خان راهو هٽان قُبائي مُندرسہ جُڙڻ .

انوقت سنڌ جو حاڪم ڄام فتح خان هو ۽ ڄام تغلق انهي کان پوءِ 1428ع ۾ گاديءَ تي وينو.

پروفيسر محمد شفيع هي سن 821هہ ڀانئي ٿو (ص. 15 انگريزي ڀاڱو).

**1421-1438ع / 824-837هہ:**

دهليءَ ۾ سيد گهراڻي جي سلطان مبارڪ شاهہ جي حڪمراني.

انهي سال جمادي الاول ’دست و عشرين والثابعائد‘ ۾ منگول سنڌو درياءَ ٽپيا ۽ لاهور ۽ ديپالپور جا علائقا ڦريائون. انهن کي پڇائي ڪڍيو ويو ۽ ملتان الشارق ملوڪ محمود حسن جي گورنريءَ هيٺ ڏنو ويو.

هڪڙي ٻي روايت آهي تہ ڪشمير جي بادشاهہ شيخ علي لاڙ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. اصل ۾ انهي لاڙ سنڌ ۾ نٿي تي نہ پر ڪشمير يا تبت ۾ جابلو لڪ ٽَٽا ڪُوتيا تي چڙهائي ڪئي هئي.

مبارڪ شاهي، ص. 194، 201-202، ٻڌائي ٿي تہ بکر ۽ سيوهڻ پڻ هن گورنر جي هٺ هيٺ ڏنا ويا، جيڪو غلط آهي، ڇو تہ سمن جو سنڌ تي 1338ع کان وٺي مڪمل ڪنٽرول هو.

**1422ع:**

صوفي بزرگ يوسف الدين، سيد عبدالقادر جيلاني بغداد واري جو پوٽير، سنڌ ۾ آيو ۽ کيترن ئي لوهاڻن کي پنهنجي عقيدي ۾ آندائين.

پريچنگ آف اسلام، ص. 275.

**1422-1428ع:**

پنجاب جي کوکرن جي اڳواڻ جَسرَت دهليءَ جي سيدن مان جان ڇڏائڻ لاءِ لاهور تي حملو ڪيو. ڪابل جي نائب گورنر شيخ علي منگول کي مبارڪ شاهہ جي فوج جو مُنهن ڦيرائڻ لاءِ سنڌ تي حملو ڪرڻ جو اڳواٽ ئي چئي ڇڏيو هئائون تہ جيئن کوکر دهليءَ تي قبضو ڪري وٺن.

رٿا سوڀاري نہ ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ 1423ع ۾ لاهور تي حملي وقت ٻُنجو اچي ويس. شيخ علي بکر ۽ سيوهڻ تي حملو ڪيو، پر ڪجهہ پلئہ نہ پيس.

HCIP، جلد VI، ص. 131.

مبارڪ شاهي، ص. 217-226. هي بيان پروسي جوڳو ناهي، ڇو تہ انوقت سما سنڌ تي آزاديءَ سان حڪومت ڪري رهيا هئا. حملو ٿي سگهي ٿو هن ذريعي پاران ٻڌايل بکر، سيوهڻ ۽ نٿي نہ پر اُچ جي اتر سنڌ وارن علائقن تي ڪيو ويو هجي. بکر ۽ سيوهڻ تي حملو ٿي سگهي ٿو ڦرلٽ جو مال هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هجي.

**1428ع - جنوري 1453ع / 831 - ربيع الاول 857هہ:**

سنڌ تي ڄام تغلق (جُوڻو-ٻيون) بن صدرالدين ڄام سڪندر شاهہ-پهريون

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 307.




**نوٽ:**

ننديون ننديون بادشاهيون اُسرڻ سان ڏيهي ثقافتن ۽ ڏيهي ٻولين جي اوسر تي ۽ ڏيهي واپارين کي اڏاوتي ڏانءَ سميت هر ميدان ۾ پير ڄمائڻ جو موقعو مليو، جنهن جو اثر اڄ تائين هلندو پيو اچي. ان سان ڏيهي معيشت ۽ زراعت کي وڏي هٿي ملي. سنڌ 1385 ۽ 1388ع جي وچ تي ڏن ڀريندڙ ملڪ هو.

مختلف بندرگاهن تي واپاري ڳڙهه ٺهڻ جي سلسيوار ترتيب هن ريت هئي:

ڪيلِيڪَٽ 1498

ڪوچِين 1502

گوئا 1509

جافنا

چئي سگهجي ٿو تہ لاڙي بندر ۾ جتان وچ ايشيا، افغانستان، هاڻوڪي پاڪستان ۽ اوپر پنجاب جو مال پرڏيهہ ويندو هو، انهن 1510-1512ع جي وچ تي موڪلائي يا بنا موڪلائڻ جي پنهنجو ڪارخانو هنيو هوندو.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

جو راڄ. هي فتح خان جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ هن گجرات جي بادشاهن سان سنا لاڳاپا ناهيا.

هن بادشاهه جي دور کان وٺي سنڌ ۽ گجرات وچ ۾ هڪٻئي سان سڱاوتين ۽ اندرين توڙي ٻاهرين اڳرائين، خاص ڪري دهليءَ پاران، کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل ٻڌيءَ جي ڪري سنا لاڳاپا نهيا. ڄام جُوڻي-ٻئين (ڄام تغلق) پنهنجون ٻه ڌيئر بيبي مَرغي (مَرڪي) ۽ بيبي مُغلي شاهه عالم ۽ سلطان محمد شاهه کي پرڻائي ڏنيون.

مَرڪيءَ فتح خان ڄڻيو، جيڪو اڳتي هلي سلطان محمود بيگڙو ٿيو.

معصومي ٻڌائي ٿي ته ڄام تغلق پنهنجي ٻن ڀائرن کي سيوهڻ ۽ بکر جا گورنر لڳايو ۽ بلوچن جي بغاوت دٻايائين.

ڪلان ڪوٽ قلعي جي اڏاوت شروع ڪيائين، جيڪو سندس دور ۾ پورو نه ٿي سگهيو. لڳي ٿو ته قلعي جي اڏاوت سندس پونيرن پوري ڪئي ۽ اڳتي هلي اهو سمن توڙي مغلن جي گورنرن پڻ استعمال ڪيو.

فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 318-319.

طبقات اڪبري، جلد III، ص. 516، هن جي حڪومت 27 سال ڄاڻائي آهي.

برِگس، جلد IV، ص. 248، ليکو 827-854هه يا 1423-1450ع لڳايو آهي.

معصومي، ص. 69، ڄام تغلق جي سنڌ تي حڪومت 28 سال ڄاڻائي آهي ۽ وڌيڪ ڳالهه ڪئي اٿس ته هن کي ڀاڻس فتح خان مرڻ کان ٿي ڏينهن اڳ بادشاهه نامزد ڪيو هو.

تحفت الڪرام، ص. 104.

**1427/28ع / 831هه:**

محمد حسين يا پير مراد شيرازي ڄائو.

**1434/35ع / 838هه:**

يحيٰ بن احمد بن عبدالله سرهندي هٿان تاريخ مبارڪ شاهي جو لکجڻ.

هي نسخو ڪولڪتي مان 1931 ۾ ڇپيو ۽ اردو ترجمو لاهور مان 1976 ۾.

**1436ع:**

گجرات جي حاڪمن پوڏيسر ۾ مسجد جوڙائي.

**1437ع / 841هه:**

ٻُڍڻ خان، اُچ جي سنڌي ۽ لانگاهه قبيلي جي سردار، دهليءَ جي سلطان (سيد گهراڻي جي محمد شاهه-چوٿين) جي گورنر خانِ خانان کي ڪڍي ملتان تي قبضو ڪيو. بَهلُول لوڌي ڪيس دٻائي نه سگهيو ۽ اڳتي هلي پٽس ببرڪ لوڌي کي ٻُڍڻ خان جي پوٽي شاهه حسن لانگاهه شڪست ڏني، جنهن 1460ع ۾ ملتان جي گادي سنڀالي هئي.

HCIP، جلد VI، ص. 141، 151، 152، 243 ۽ 246، حوالو تاريخ حقيقي، ص. 128-129 (ڪئمبرج ايم. ايس.).

معصومي ۽ نظام الدين جو اهو چوڻ ته راءِ سَهرا نالي لانگاهه سردار شيخ يوسف قريشيءَ کي ملتان مان هڪالي ڪڍيو، رد ڪري ڇڏڻ گهرجي.

تاريخ شاهي، ص. 20-21، انوقت احمد خان ڀٽيءَ جي سنڌ ۾ بغاوت جو حوالو ڏنو آهي، ۽ ملتان جي لانگاهن پاران بهلول کي مدد لاءِ منٿ ڪرڻ جي پڻ ٻي ڪنهن تاريخ پنيرائي ناهي ڪئي. لانگاهه، جيڪي بهلول سان ناهِ ئي نه هئا ۽ پٽس کي شڪست ڏيڻ ۽ مالوا مان ٿيل حملي کي منهن ڏيڻ جيتري سگهه رکيائون ٿي، نتو لڳي ته کو پنهنجي ويري دشمن لوڌين کان سنڌ خلاف مدد گهري هوندائون. ٻئي پاسي سنڌ ٻه انوقت اوتري ئي سگهاري هئي ۽ ان کي لانگاهن کي منهن ڏيڻو نه پيو هوندو.

طبقات اڪبري، جلد III، ص. 522-525، پل وچان هيءَ سوڀ ٻُڍڻ خان جي پٽ قطب الدين جي ڄاڻائي آهي. ساڳيو ذريعو ٻڌائي ٿو ته دهليءَ جي سلطان بهاءُ الدين ذڪريا (1182-1262ع) جي مزار جي متولي شيخ يوسف قريشيءَ کي ملتان جو گورنر بڻايو هو، سو پڻ غلط آهي.

**1437ع / 841هه:**

حماد جماليءَ جي مزار تان تعليق اُڪر جو نادر نمونو.

**1439-1525ع:**

هرات جي منگول سلطان جي پاڇي هيٺ پلجندڙ قندار جا مغل ارغون سنڌ ۾ پنهنجي هلندي پڄندي ڏيکارڻ لڳا. ان ڪري سمن گجرات سان ٻڌي ڪري پنهنجي سگهه وڌائڻ گهري. گجرات جي بادشاهن کي ڌيئرون پرڻائي ڏنائون. ايستائين جو جڏهن آخري سمي بادشاهه ڄام فيروز کي ارغونن سنڌ مان ڪڍيو ته انهي کي گجرات جي دربار ۾ پناهه ملي ۽ انهي پنهنجي ڌيءُ ان ملڪ جي سلطان بهادر کي پرڻائي ڏني.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، ص. 501.

**1442/43-1443/44ع / 846-847ھ:**

ڄام تغلق جُوٽي-ٻئين جي ڌيئرن بيبي مُغليءَ جي گجرات جي سلطان محمد (846-855ھ يا 1442/43-1454ع) ۽ بيبي مَرڪيءَ جي شاهه عالم (817-858ھ يا 1388-1454ع) سان پرڻجڻ جو ممڪن سنہ.

حسام الدين، مڪلي نامہ، ص. 220.
مِراتِ سڪندري، ص. 66.

سمن هي سڱ ٻاهران ٿيندڙ ڪوُنس کي منهن ڏيڻ واري سياسي فائدي ڪاڻ مولانا محمد صديق ملتان واري جي صلاح تي ڏنا، جيڪو پنهنجي سِر پاڻ هنن ٻن شهزادين ۽ ٻن شهزادن ڄام خيرالدين ۽ ڄام صلاح الدين سان گڏ گجرات ويو. بيبي مَرڪي سلطان محمد سان پرڻائڻ لاءِ موڪلي وئي هئي، پر جيئن ته بيبي مُغلي وڌيڪ سهڻي هئي، سو ڄام تغلق جي پنهنجي ماٺهن ۽ گهٽو ڪري مولانا محمد صديق، ڄام جي مرشد، چوڪرين جي مَٽ سَٽ ڪري ڇڏي.

عبدالغفور، ڪيليگرافرس آف ٺٽا، ص. 6، هي چوڪريون ڄام (نظام الدين) جون ڌيئر پاڻئي ٿو، جيڪا پُل آهي، چو ته اهو انوقت اڃا ننڍو چوڪرو هوندو. حسام الدين ساڳئي ذريعي ۾ ص. 180 تي سال 847/48ھ پڻ ڏنو آهي.

**1443ع / 847ھ:**

سيد محمد يوسف پٽ سيد عبدالله جونپوري جو ڄم. هن 905ھ / 1499/1500ع ۾، يا ته مڪي ۾ جتي حج ڪرڻ ويو هو يا اتان موٽندي، مهدي هجڻ جي دعويٰ ڪئي. ڪيس گجرات مان تڙي ڪڍيو ويو ۽ اتان سنڌ آيو، جتي پڻ سندس آجيان نہ ٿي. حيدر شاهه سَنائي سندس پيڙيون تباهه ڪرايون ۽ خراسان ويندي 910ھ / 1504ع ۾ فراب ۾ مري ويو.

**1445/46ع / 849ھ:**

بيبي مُغليءَ، گجرات جي حاڪم سلطان محمد جي زال ۽ ڄام تغلق جي ڌيءُ، فتح خان ڄڻيو، جيڪو اڳتي هلي گجرات جو هن گهراڻي جو عظيم ترين حاڪم سلطان محمود بيگڙو ٿيو.

مراتِ سڪندري، ص. 45، 67 ۽ 68.

**3 آڪٽوبر 1445ع / 1 رجب 849ھ:**

ابوالفضل عبدالرحمان ابن علي باقر ابن محمد جلال الدين القُدوائي الشافي، المعروف جلال الدين سَيُوتي، تاريخ الخُلفاء جو ليکڪ ڄائو.

هن ڪتاب ۾ ديبل واري ڌرتي ڌوڏ جو احوال آهي. عربي نسخو پهريون ڀيرو ايشيائڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪولڪتو، ڇپرايو. قاهرا وارو ڇاپو 1892ع ۾ ڇپيو.

**1448/49ع / 852ھ:**

يحيٰ بن احمد تاريخ مبارڪ شاهي پوري ڪئي.

هدايت حسين جو ايڊٽ ٿيل نسخو ايشيائڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪولڪتو، 1931 ۾ ڇپايو آهي.

**1449ع:**

پوڏيسر ۾ ٻيون جيني مندر جُڙڻ. پهريون 1375ع ۾ جڙيو هو.

امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا سيريز، جلد II، بمبئي پريزيڊنسي، ص. 313.

**22 فيبروري 1451ع / 20 محرم 855ھ:**

گجرات جي سلطان محمد شاهه جي مرڻ تي بيبي مُغلي پنهنجي پٽ فتح خان (اڳتي هلي سلطان محمود بيگڙو) جي حياتيءَ کي خطرو ڀانئي ڀيڻ بيبي مَرڪيءَ (شاهه عالم جي زال) جي گهر هلي وئي.

مراتِ سڪندري، ص. 64.

گادي سنڀاليندڙ سلطان قطب الدين، فتح خان کي مارائڻ جا وَس ڪيا، پر ڪامياب نه ٿي سگهيو، جو ٻارڙو شاهه عالم جي پناهه ۾ هو. قطب الدين جي 863ھ (1458/59ع) ۾ مرڻ کان پوءِ گادي ڀاڻس دائود سنڀالي. انهي کي درٻارين ساڳئي سال لاهي ڇڏيو ۽ فتح خان کي سلطان محمود بيگڙو ڪري گاديءَ تي ويهاريائون.

مراتِ احمدي، بڙودا، ص. 560. مراتِ احمدي، بمبئي، ص. 36.

**1453ع:**

عثماني ترڪن پاران قسطنطنيه فتح ڪرڻ.

**1453ع / 857ھ:**

سنڌ تي ڄام تغلق جي وزير ۽ مائٽ ڄام مبارڪ جي حڪومت. هن ٽي ڏينهن حڪومت ڪئي ته لاهي ڇڏيائونس.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 308.

فرشتا، جلد II، ص. 319، ٻڌائي ٿو ته هن کي 3 ڏينهن کان پوءِ لاٿو ويو هو. طبقات اڪبري، جلد III، ص. 516، هن روايت سان متفق آهي.

هي سما گهراڻي جي گاديءَ تي ناجائز قبضو ڪرڻ وارو پهريون شخص هو ۽ 3 ڏينهن ۾ ٻاهر ڦٽو ڪيائونس. هڙئي سما حاڪم پنهنجي مرڻ مٿا. گاديءَ تي وارثي لڳي ٿو ته گهراڻي منجهان ئي قبيلن جي رضا سان ٿيندي آئي.

تحفت الڪرام، ص. 104 ۽ معصومي، ص. 69، چون ٿا ته ڄام تغلق کان پوءِ گادي سندس صغير پٽ ڄام سڪندر کي ملي. سيوهڻ ۽ بکر هن شهزادي جي اطاعت کان نهڪر ڪري ڇڏي ۽ انهي انهن تي ڪاهه ڪئي. ٽي سگهي ٿو ته انهي جي پر پٽ مبارڪ بغاوت ڪئي هجي ۽ حڪومت تي قبضو ڪيو هجيس، پر ماڻهن ڪيس ٽن ڏينهن ۾ لاهي ڄام سڪندر کي بحال ڪري ڇڏيو.

**1453 - 6 مئي 1454ع / 857 - 6 جمادي الثاني 858ھ:**

سنڌ تي سڪندر شاهه ٻئين، ڄام محمد (ڄام انڙ-ٻيون بن ڄام فتح خان بن صدرالدين ڄام سڪندر شاهه-ٻيون پڻ سڏجي ٿو) جي حڪومت. هي ڄام تغلق جُوڻي-ٻئين جو پاڻيٽيو هو. ڪيس قبيلن جي سردارن مبارڪ کي لاهڻ کان پوءِ بادشاهه نامزد ڪيو.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 308، هي شجرو مولانا علاءُ الدين منگلوري، ايم. ايس. سنڌ يونيورسٽي، جي ڪتاب الزُبده آثار جوڙيو آهي. ڪتاب تماچي ۽ توگاچي کي گڏ مِس ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري سوال اٽنبريل رهجي ويو آهي.

فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 319، هن جي حڪومت 18 مهينا ڄاڻائي آهي. طبقات اڪبري، جلد III، ص. 516، هن روايت سان متفق آهي.

برِگس، جلد IV، ص. 248، سندس مرڻ جو سنہ 856ھ يا 1452ع ڏنو آهي.

معصومي، ص. 69، ٻڌائي ٿي ته هي ڄام تغلق جو پٽ ۽ فتح خان جو ڀاءُ هو ۽ مبارڪ خان واري بغاوت هن جي دور ۾ ٿي. معصومي ۽ تحفت الڪرام، ص. 104، هن جي حڪومت کي 18 مهينا ڏنا آهن.

**1450ع / 858ھ:**

اٽڪل 857/58ھ ۾ بيبي مَرڪيءَ جي مرڻ کان سُتت پوءِ شاهه عالم پنهنجي رَنڊ سالي بيبي مُغليءَ سان پرڻو ڪري ڇڏيو. انهي جو پٽ فتح خان (اڳتي هلي سلطان محمود بيگڙو) انوقت 10 سالن جو هو. بيبي مَرڪيءَ کي ڄام جُوڻي-ٻئين جي مقبري ۾ احمدآباد ويجهو پوريائون. پٽس شاهه شيخان (بيگ محمد) پڻ اتي پوريل آهي.

مراتِ سڪندري، ص. 65.

جيئن ته ڄام تغلق جُوڻي-ٻئين پنهنجون ڌيئر گجرات ۾ پرڻائي ڏنيون هيون، سو انهن لاءِ مَلِڪ گوٺ (ڳوٺ) يا مَلِڪ ڪوٽ قلعو جوڙاياءِين. ڏڄهن پاڻ مري ويو ته، گهٽو ڪري سندس وصيت مطابق، سندس مڙهه پورڻ لاءِ گجرات نيو ويو. هي مَلِڪ ڳوٺ قطب پور ويجهو سَبرامَتي درياءَ تي احمدآباد جي ڏکڻ ۾ اڏيو ويو هو.

مراٰتِ احمدي، ص. 36.

فضل الله، مراٰتِ احمدي جو انگريزي ترجمو، ص. 89.

بيبي مُغليءَ جو شاهه عالم سان پرڻو صدرالدين ڄام سڪندر شاهه-پهرئين جي ٽئين نمبر پٽ، بيبي مُغليءَ جي ڇاڇي ۽ ڄام تغلق شاهه جُوڻي-پهرئين جي پاءَ ڄام فيروز-پهرئين جي اجازت سان ٿيو.

حسام الدين، مڪلي نامہ، ص. 127.

هي ٻه ذريعا اهو ٻه ٻڌائين ٿا ته ڄام تغلق کي ڄام صلاح الدين ۽ ڄام خيرالدين نالي ٻيا ٻه پٽ هئا.

**6 مئي 1454ع کان 29 ڊسمبر 1461ع /**
**6 جمادي الاول 858هه کان ربيع الاول 23 ۽ 25 جو وچ 866هه:**

سنڌ تي سلطان صدرالدين شاهه ڄام سنجر (رائيڏڻ پڻ سڏجي ٿو) بن سلطان صلاح الدين شاهه ڄام (انڙ-ٻيون) بن سلطان رڪن الدين شاهه ڄام تماچي جي حڪومت. هن عدل ۽ انصاف سان راڄ ڪيو ۽ ڪيس سنڌ جي قبيلن سندس ذاتي اخلاقن جي ڪري راڄ ڪرڻ لاءِ نامزد ڪيو هو.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 308.
فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 319، هن جي حڪومت 8 سال ڄاڻائي آهي.
بِرگس، جلد IV، ص. 249، سندس حڪومت 856-864هه يا 1452-1460ع ڄاڻائي آهي.

معصومي هن جي گادي سنڀالڻ جي تاريخ ڏني آهي ۽ ٻڌائي ٿي ته هي ڪڇ ۾ رهندو هو، جتان لشڪر گڏ ڪيائين ۽ سڪندر شاهه جي موت تي ٺٽي تي قبضو ڪيائين. جيئن ته ٺٽي ۾ ڪو اهل ماڻهو موجود نه هو، سو اميرن هن کي سنڌ جو بادشاهه بڻائڻ قبوليو. اڳلي ڏيڍ سال ۾ هن پنهنجي بادشاهي ماتيلي، اباوڙي، گجريلي ۽ ڪانديءَ تائين وڌائي. ساڍا 8 سال راڄ ڪيائين ۽ سندس ويجهن دوستن منجهان هڪ ڄام سنجر کيس زهر ڏنو. معصوم جي خيال ۾ رائيڏڻ ۽ سنجر ٻه ڌار ڌار ماڻهو آهن. سندس مطابق سنجر هڪ اهل ۽ ايماندار حاڪم هو، عالمن ۽ بزرگن جو قدردان هو ۽ 8 سال راڄ ڪرڻ کان پوءِ مري ويو.

تحفت الڪرام، ص. 104-105، معصومي واري روايت ورجائي آهي.
آئين اڪبري، سنجر يا رائيڏڻ ساڳيو ماڻهو سمجهي ٿو.
ڊاڪٽر دائودپوٽو (معصومي، ص. 301 ۽ 303)، چوي ٿو ته جيڪڏهن سنجر ۽ رائيڏڻ ڌار ڌار ماڻهو هئا ته پوءِ سندن سنه هنريت بيهندا:
ڄام رائيڏڻ، 858-866هه (1454-1461ع)
ڄام سنجر، 866-874هه (1461-70-1469/70ع)
ڄام نظام الدين، 874-923هه (70/1469-1517ع)

**1457/58ع / 861هه:**

مَلِڪ راڄ بَل ڄام صلاح الدين بن ملڪ انڙ بن ملڪ راهو بن ملڪ رائيڏڻ بن راهو بن فيروز شاهه سلطان (ڄام انڙ-پهريون) قُبائي مُندرسہ جوڙايو، جيڪو دريا خان (مبارڪ خان) جي مقبري ويجهو مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي آهي.

متيون شجرو قُبائي مُندرسہ ۾ اُڪر مان مليو آهي.
پروفيسر محمد شفيع، ص. 15، هن کي سنه 870هه (1465ع) ڏنو آهي.

**1459ع:**

سنڌ جا گجرات جي سلطانن سان سنا لاڳاپا ۽ متيون مائٽيون هوندي به سنڌ جي سمن حاڪمن ٿر، ڪڇ ۽ جوڌپور دنگن تي سومرا، سوڍا ۽ بلوچ ويهاريا. انهي بيقائدي لشڪر جوڌپور تي حملو ڪيو ۽ انهي جنگ ۾ راڄا جوڌا رائوڙ جي پٽ سَنتل کي شڪست ڏني ۽ مارجي ويو.

ٽاڊ، راجستان، جلد II، ص. 21.

**20 مئي 1459ع / 17 رجب 863هه:**

گجرات ۾ درٻارين فتح خان کي سلطان محمود بيگڙو بڻائي تخت تي

مراٰتِ سڪندري، ص. 71-72.



112.ڄام نظام الدين جو مقبرو (انديون ڏيک).



113.ڄام نظام الدين جي مقبري جي محراب جو اندريون ڏيک.



114.مڪليءَ ۾ ڄام نظام الدين جي مقبري ۾ پٿر تي سهڻي اُڪير.



115.ڄام نظام الدين جي مقبري جو محراب. (ٻاهريون ڏيک).

ويهاري ڇڏيو. انوقت سندس عمر 14 سال هئي. ننڍپڻ ۾ سندس رهنمائي ماڻس، نٽي جي سَمِي، ڄام تغلق جُوٽي-ٻئين جي ڌيءُ، بيبي مُغليءَ ۽ سندس ويڳي پيءُ شاهه عالم ڪئي.

**1459-1511ع:**

گجرات تي سلطان محمود بيگڙي جي حڪومت. هي ڄام تغلق (جُوٽو-ٻيون) جي ڌيءُ بيبي مُغليءَ جو پٽ هو.

**29 ڊسمبر 1461ع / 25 ربيع الاول 866هه:**

سلطان صدرالدين شاهه ڄام سنجر يا رائيڌڻ گهٽو ڪري تخت تياڳي ڇڏيو ۽ پٽس سلطان نظام الدين-ٻيون سنڌ جو راڄ ڌڻي بڻيو.

ڄام سنجر تخت ڇڏڻ کان پوءِ وڏي عرصو گجرات ۾ گهاريو، اتي ڏيٽس جي شادي گجرات جي سلطان مظفر-ٻئين سان 924هه (1518ع) ۾ ٿي.

**29 ڊسمبر 1461ع کان 1508/09ع:**

سنڌ تي سلطان نظام الدين شاهه ڄام نِندي بن سلطان صدرالدين شاهه ڄام سنجر يا رائيڌڻ جو راڄ.

هڙئي تاريخدان هن کي سمن حاڪمن منجهان وڏ ۾ وڏ اهل ۽ پلي ۾ پلو حاڪم سمجهن ٿا.

ڄام نظام الدين جي قبر تي اُڪر سندس شجرو هنريت ٻڌائي ٿي:

نظام الدين شاهه بن السلطان

صدرالدين بن السلطان

صلاح الدين بن السلطان

رڪن الدين بن السلطان

فيروز شاهه.

ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ سنڌ وچئين جُڳ ۾ وڏ ۾ وڏ سڪيائپ واري ڏاڪي تي پهتي. عبدالرحيم خانِ خانان ڪيس سڄي هندستان ۾ انتهائي سڌريل انسان پانئي ٿو. هن پنهنجي چوڌاري سيني ويجهن اوڏن ملڪن مان عالم ۽ ڏاها ميڙي گڏ ڪيا هئا.

سندس همعصر هئا:

گجرات: سلطان محمود بيگڙو.

دهلي: بهلول لوڌي.

مانڊوِي: غياث الدين بن محمود خلجي.

دکن: سلطان محمود بَهمَنِي.

خراسان: شاهه حسين بيقرا.

**1465ع / 870هه:**

ڄام نظام الدين ٻن اميرن ڄام بايزيد ۽ ڄام ابراهيم کي سنڌ نيڪالي ڏني. انهن کي حسين بن قطب الدين بن بُڌڻ لانگاهه ملتان واري پناهه ڏني. پهرئين کي شورڪوٽ واري جاگير ڏنائين ۽ پوئين کي اُچ واري.

---

عبدالغفور، ڪيليگرافرس آف ٺٽا، ص. 6، پانئي ٿو تہ مُغلي ڄام نظام الدين جي ڌيءُ هئي، جيڪو غلط آهي.

ڊاڪٽر بلوچ هن کي راءِ ڏَن يا راءِ ڏِنو سڏي ٿو. حسام الدين هيءُ روايت مڃي ٿو. پر جيئن تہ ڪڇ جا رائيڌڻ نالي ٽي سما حاڪم ٿي گذريا آهن، جن 1175-1215، 1666-1698 ۽ 1778-1785ع ۾ راڄ ڪيو، سو ڊاڪٽر بلوچ وارو نالو راءِ ڏنو مڃڻ جوڳو ناهي. سنڌيءَ ۾ هي نالو راڌڻ اچاربو آهي ۽ هن نالي وارو گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهم شهر اڃا تائين موجود آهي.

معصومي، ص. 73-76.

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 308.

فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 319-320، هن جي راڄ کي 32 سال ڏنا آهن.

برگس، جلد IV، ص. 250، ان جو ليکو 864-894هه يا 1460-1492ع لڳايو آهي. سندس مطلب پڪ سان 894هه نہ پر 896هه آهي.

عبدالغفور، ڪيليگرافرس آف ٺٽا ۾ هن جي گادي سنڀالڻ جي تاريخ 18 اپريل 1452ع ڏني آهي، جيڪا غلط آهي.

تحفت الڪرام، ص. 106، چوي ٿو تہ هن پنهنجي گادي ساموئي کان نٽي لڏائي، جيڪو غلط آهي، جو تہ نٽو سنڌ جي 1349ع ۾ بہ راڄڌاني هو، جڏهن طغي اتي ڀڄي آيو هو. تحفت الڪرام هن جي حڪومت 43 ۽ 50 سالن جي وچ تي ٻڌائي ٿو. طبقات اڪبري، جلد III، ص. 157، ۽ معاصر رحيمي، جلد III، ص. 273، هن جي حڪومت 62 سال ٻڌائي آهي.

مڪلي نامہ، ص. 112. معاصرِ رحيمي، جلد II، ص. 273.

863-917هه (1458/59-1511/12ع).

855-894هه (1451-1489ع).

873-906هه (1468/69-1500/01ع).

887-924هه (1472/73-1518ع).

863-912هه (1458/59-1506/07ع).

HCIP، جلد VI، ص. 229.

**4 سيپٽمبر 1467ع / 3 صفر 872ھ:**

موسيٰ بن سبحان، ڄام علاءُ الدين جي هدايتن تي شيخ تراب جو مقبرو جوڙايو.

پروفيسر محمد شفيع، اورئينٽل ڪاليج ميگزين، نمبر 2، 1935.

**1471ع:**

چمپانير کي مات ڪرڻ ويندي سلطان محمود بيگڙي دانهن ٻڌي ته سنڌ ۾ هندو مسلمانن کي آزاري رهيا آهن. انهي جي ڪري رڻ ڪڇ ٽپيو، رڳو 600 گهوڙن سان ٿر ۽ پارڪر ضلعن ۾ پهتو ۽ اتي دشمن جي 24،000 گهوڙن واري فوج اچي ڏنائين. انهن جي ويڙهه جي نيت نه هئي، سو ڳالهه ٻولهه ڪيائون. اهي سوڍا، سومرا ۽ ڪلهوڙا نڪتا، جن کيس ٻڌايو ته اهي مسلمان آهن، پر کين عقيدي بابت ڪا ڄاڻ ناهي، هندن وانگر رهن ٿا ۽ انهن سان مٽيون مائٽيون اٿن. بيگڙي انهن کي گجرات اچڻ جي دعوت ڏني. ڪيترن سندس نوڪري قبولي، سورٺ ۾ جاگيرون ورتائون ۽ کين اسلامي عقيدو سيکاريو ويو. انهن جاگيرن منجهان سَمِي ۽ وِرهائي انگريز دور جي پڇاڙيءَ تائين هنن وٽ رهيون.

ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد III، 306، جِي. بِي. ميٽلسن. دي هسٽاريڪل اسڪيچ آف دي نيٽِو اسٽيٽس آف انڊيا، باب XIV، لنڊن، 1875.

گزيٽيئر آف بمبئي پريزيڊنسي، جلد V، ڪڇ پالنپور، ماهي ڪنٺا، ص. 91.

پوئين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڏاري تائين ڪڇ جا ميمڻ شيعا هوندا هئا، پر رهندا هندن وانگر هئا ۽ مسلمانن سان ويجهڙائپ نه رکندا هئا. ڳائو گوشت نه ڪائيندا هئا، طُهَر نه ڪرائيندا هئا ۽ نماز روزي جا پابند نه هئا. اتي آباد اهڙي نموني وارن بلوچن کي گجراتي جَتوَار ۽ تَرَوَار سڏيندا هئا.

**1472ع:**

ڄام نظام الدين خلاف لاڙ سنڌ ۾ بغاوت ٿي. محمود بيگڙو، جنهن جي ماءُ ڄام نظام الدين جي مائٽياڻي هئي، رڻ ڪڇ ٽپيو ۽ 40،000 باغين کي چڙوچڙ ڪري ڇڏيائين. ڄام خط لکي سندس ٿورا مڃيا، سوکڙيون ۽ پنهنجي ڌيءَ پڻ ڏياري موڪليائينس. جيڪا حسن خان افتخارُالمُلڪ خانديش واري جي پوٽي قيصر خان سان پرڻائي وئي، جنهن گجرات ۾ اچي پناهه ورتي هئي.

فرشتا، بمبئي، ص. 195-196، ٻڌائي ٿو ته اهي شيعا مسلڪ جا بلوچ هئا.

ظفرُالوَلِيهہ، ٻڌائي ٿو ته اهي ساموندي ڦورو هئا، جيڪي ساموندي ڪنڌيءَ تي رهندا هئا ۽ ڪنهن جي تابع نه هئا. تيرن جا وڏا چوٽُو هئا.

ساڳئي سال بيگڙي، صرف 300 گهوڙن جي لشڪر سان، سموري ڪڇ کي مات ڪيو يعني اوٺي ۽ گاجان گهراڻن جي جاڙيجن سمن کي پنهنجي حاڪميت هيٺ آندائين. هيءَ سوپ جنگ سان نه پر ڏي وٺ سان، قبضو انهن وٽ ئي رهڻ ڏئي ۽ انهن جي گهراڻن جي جنگي سيڪڙاڻن کي پنهنجي درٻار ۾ قبوليت ڏئي، ماڻيائين. جاڙيجي هَميرجي، لاکياروِيرا واري، اوٺي جي ائين پيڙهيءَ، جي ڌيءَ پڻ پاڻ سان پنهنجي حرم ۾ نيائين. گاجان جي ائين پيڙهي لاکي کي اَمراڻ ۽ گوندل عطا ڪيائين.

وليمس، ص. 102-104.

**1485/86ع / 890ھ:**

خراسان جي سلطان حسين مرزا بيقرا، منگول، جي ڏينهن ۾ وچ ايشيا (هرات ۽ قندار) جي واپارين جي ان دانهن تي ته سنڌين کين ڦُريو آهي، سلطان هٿيار بند جٿو سنڌ جي دنگ تي موڪليو، جيڪو ابتدائي چڙهاين کان پوءِ پنهنجي ملڪ موٽي ويو. 892ھ (1487ع) ۾ هرات ۾ سوپ پڌرنامو جاري ڪيو ويو. اهو ٻڌائي ٿو ته ڪافرن (سنڌين) منگولن جي چرپر جو ٻڌي وڏو لشڪر گڏ ڪيو ۽ اوچتو حملو ڪرڻ تي گهريائون، پر اسلامي (منگولن جي) لشڪر کي ان جي خبر پئجي وئي ۽ انهن تي اڳواٽ حملو ڪري انهن هندن (ڄام نظام الدين جي فوج) مان ڪيترن کي ماري

حسام الدين، مڪلي نامه، ص. 179، حوالو خواجا عبدالله مَروَند جو شَرَف، ص. 101-105، وائيسبيڊن، 1951، هانا رابرٽ روئيمر جو ايڊٽ ڪيل، جرمن ترجمي سان.

معصومي، ص. 75، سن نه ڏنو آهي.

معاصر رحيمي، جلد II، ص. 274.

فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 319-320.

طبقات اڪبري، جلد III، ص. 517، هن جو سن 899ھ ڏنو آهي.

وڌو. ان ڪاميابيءَ جي نتيجي ۾ هي سوپ پڌرنامو جاري ڪيو پيو وڃي.
هي ٽي سگهي ٿو سنڌ جي دنگ تي ڪو ٻي نتيجي حملو ٿيو هجي. امير ذُوالنُّون ارغون انهن ڏينهن ۾ هرات جو قنڌار ۾ نائب هو. انهي لڳي ٿو تہ پٽس شاهہ بيگ ڪي هن مهم تي موڪليو هو. انهي سبي قلعو ڄام نظام الدين جي ڪارندي بهادر خان ڪان کسيو ۽ اتي پنهنجي پاءُ سلطان محمد کي لڳايائين. جنهن کي اڳتي هلي مبارڪ خان (دولهہ دريا خان) بولان لڪ ۾ ٻيبي ناني جي پر ۾ جلواگير ويجهو شڪست ڏني.
معصومي، ٻڌائي ٿو تہ هن واقعي ڪان پوءِ منگول وري ڄام نظام الدين جي جيئري سنڌ ۾ نہ آيا.

**1488ع / 893ھ:**

سيد محمد حسين بن سيد احمد بن سيد محمد عرف ميران محمد شيرازي مري ويو ۽ ٺٽي ۾ پورياڻونس.

ٻرگس، جلد IV، ص. 249.
تحفت الڪرام، ص. 106، چوي ٿو تہ منگول لشڪر چاندڪا، سرديچا ۽ ڪوٽ ماڇي تائين چڙهي آيو هو، پر دريا خان پاران ڀوڙائي ڪيڻ ڪان پوءِ اهي ڄام نظام الدين جي جيئري وري ڪڏهن نہ آيا.
فرشتا، جيڪو پروسي جوڳو تاريخدان نٿو ليکجي، ٻڌائي ٿو تہ شاهہ بيگ پاڻس جي موت جو پلاند وٺڻ لاءِ مرزا عيسيٰ خان کي مبارڪ خان (دريا خان) سان وڙهڻ لاءِ موڪليو ۽ جنگ ۾ دريا خان قُتجي بکر جي قلعي ڏانهن ڀڄي ويو. شاهہ بيگ پنهنجي جنرل جي سوپ جو ٻڌي پنهنجي سِر پاڻ آيو ۽ سمن جي بکر قلعي لاءِ گماشتي قاضي قاضن کي مات ڪيائين. فاضل بيگ ڪوڪلتاش کي بکر قلعي جو نگران رکي ۽ سيوهڻ کي مات ڪرڻ ويو، جتي خواجا باقي بيگ کي نگران رکيائين. شاهہ بيگ جي موٽڻ ڪان پوءِ ڄام نِندي (نظام الدين) قريل علائقا ورائڻ لاءِ ڪيترائي پيرا وَسَ ڪيا، پر هر ڀيري شڪست ٿيس ۽ نيٺ هن صدمي ۾ دل ٽُٽي پيس ۽ مري ويو.
طبقات اڪبري، جلد III، ص. 517-518، ٻڌائي ٿي تہ سلطان محمد جي مرڻ ڪان پوءِ مرزا عيسيٰ خان ترخان کي سبيءَ تي قبضو ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. اها مرزا عيسيٰ جي هٿن ۾ اچڻ ڪان پوءِ شاهہ بيگ بکر تي قبضو ڪيو، قاضي قاضن کي ناهہ جا شرط مڃرايائين ۽ اڳتي هلي سيوهڻ تي قبضو ڪيائين، جتي خواجا باقي بيگ کي نگران رکيائين. ڄام نِندي سبيءَ تي قبضي لاءِ لشڪر موڪليو، پر ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتس.
نظام الدين ۽ فرشتا جا بيان ان ڪري مڃڻ جوڳا ناهن جو:

1. هي واقعو 890ھ (1485/86ع) ۾ ٿيو ۽ ڄام نظام الدين انهي کان اٽڪل 40 سال پوءِ 914ھ (1508ع) ۾ مئو. ان زماني ۾ دل ٽُٽڻ واري ڳالهہ پڪ سان ڪا هٿ گهڙي ڪهاڻي هوندي.
2. مرزا عيسيٰ ترخان 973ھ (1565/66ع) ۾ مئو ۽ 890ھ (1485ع) ۾ ڄائو ئي نہ هوندو ۽ سو بہ وري ڪاهہ جي مهنداري ڪئي هجيس. يا ڪٿي انهن ڏينهن ڏاري ڄائو بہ هجي، پر سندس ويڙهاڪ طور نالو پهريون ڀيرو 933ھ (1526/27ع) ۾ سامهون آيو آهي.
3. قنڌار جو حاڪم امير ذُوالنُّون هو، شاهہ بيگ نہ. امير ذُوالنُّون جو نالو هنن ٻنهي تاريخن مان غائب آهي.
4. معصومي ۽ تحفت الڪرام ڏيهي تاريخون هجڻ ڪري وڌيڪ خبروار هجڻ گهرجن.
5. مظهر شاهجهاني نظام الدين جي وڏي ساراهہ ڪئي آهي ۽ سندس دور ۾ ڪڏهن ڪنهن قسم جي ٻُنجي جي ڳالهہ نہ ڪئي اٿس.
6. سنڌ جون ٻيون تاريخون طاهري، ص. 54-56، ترخان نامہ ۽ بيگلارنامہ هنن ويچارن سان متفق ناهن.
7. قاضي قاضن پڻ انهن ڏينهن ۾ مرزا عيسيٰ ترخان وانگر ٻار هوندو.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 189.

**1490ع / 896هه:**

شاهه حسن ارغون جو جنم، جنهن سنڌ تي 1524ع کان وٺي 31 سال راڄ ڪيو.

**اپريل-مئي 1490ع / جمادي الاول 895هه:**

دريا خان (مبارڪ خان) مڪليءَ تي پنهنجو مقبرو جوڙايو، جيئن ان تي اُڪر مان ثابت ٿئي ٿو. ساڳئي سال دريا خان ال-لَهني ۽ قنڌار جي مغلن (ارغونن) کي شڪست ڏني (شاهه بيگ جي لشڪر کي، جنهن ۾ انهي جو پاءُ سلطان محمد بولان لڪ ۾ بيبي ناني جي پير ۾ جلواگير ويجهو مارجي ويو). اُڪر ڄام نظام الدين جو شجرو هنريت ٻڌائي ٿي:
مبارڪ بن نظام الدين شاهه بن صدرالدين شاهه بن صلاح الدين شاهه بن رڪن الدين شاهه. هي اُڪرون سنڌ ۾ سڀ کان آڳاٽيون نقش ۽ ثلوث آهن.
ڪاتب قطب الدين بن محمود احمد بن دريا خان هو.

مڪلي نامه، ص. 110-111.
معصومي، ص. 74، ارغونن جي شڪست واري هنڌ کي جلواغير سڏيو آهي، جيڪو غلط آهي.
مبارڪ خان نظام الدين جو نيپاج پٽ هو.
پروفيسر محمد شفيع، انگريزي پاڳو، ص. 16.

**1491ع / 1548 سَنبَت:**

مروٽ قلعي (بهاولپور ضلعو) جي سِر تي سنڌو لکت ۾ اُڪر، جيڪا ڏسي ٿي ته ڄام سومري، جيڪو قلعي جو مَلڪ هو، سمن پاران هن قلعي جي مرمت ڪرائي. انهي ۾ سرائيڪي ٽڪرا به آهن ۽ سنڌي ۽ سرائيڪي سولائيءَ سان سوئي ڏار ڪري سگهجن ٿيون.
عربي ۽ کي گهٽو ڪري سومرا به سرڪاري ٻوليءَ طور هلائيندا آيا، پر سمن جي اچڻ سان فارسي سرڪاري ٻولي ٿي وئي. مٿين اُڪر مان پڌرو ٿئي ٿو ته سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ رياستي عمارتن تي ٿي سگهي ٿو گهٽي وقت ڪانوني عام لکبي ايندي هجي ۽ عربي لپيءَ واري سنڌي آئيوٽا تي سگهي ٿو تيستائين عام نه ٿي هجي.

بهاولپور گزيٽيئر، جلد XXXVI-A، 1980 ڇاپو، ص. 373.

اُڪر ڪارب سان ڪچين سرن تي ڪئي ويندي هئي ۽ پوءِ انهن کي سُڪائي ۽ پچايو ويندو هو. هي طريقو انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ عام هلندو هو.

**1492/93ع / 898هه:**

سلطان محمود ارغون جو جنم، جنهن اتر سنڌ تي بکر مان 50 سالن تائين راڄ ڪيو.

معاصر رحيمي، جلد II، ص. 335.
معصومي، ص. 237-238، هن جي جنم جو سنه ڏنو آهي ۽ سندس 84 سالن (چنڊ جا) جي ڄمار ۾ مرڻ جو سنه 982هه يا 1574ع پڻ ڏنو آهي.
928هه ۾ شاهه بيگ پاران ڏاريجا قبيلن جي سردارن جي ڪوس جو حڪم ڏيڻ وقت هي 15 سال ڄمار جو نه هوندو، جيئن معصومي، ص. 122 تي غلط ٻڌايو آهي.

**1492-1521ع / 898-928هه:**

ڪاتب قطب الدين پٽ محمود نقش ۽ ثلوث جو ڪم ڪندو هو. انهي کي دريا خان هن عرصي دوران مقبري تي اُڪرون لکڻ جي ڪم تي لاتو هو.

عبدالغفور، ڪيليگرافرس آف ٺٽا، ص. 57.
ڏسو داخلا 1490ع.

**1494-1514ع / 900هه:**

صوفي قاضي سَڏو ابن حماد جمالي مري ويو. سندس مقبرو وَانهرِي ۾ آهي.

محبوب علي چنا، مهراڻ، جلد 14، نمبر 4، 1964، ص. 137، حديقت الاولياء، ص. 213-217 آڏار.

**1494ع پڇاڙي / 900هه پڇاڙي:**

ڄام نظام الدين پاران ٺٽي شهر جي سڏار سنوار.

معصومي جو اهو چوڻ ته ٺٽو شهر ڄام نظام الدين ٻڌو، غلط آهي. ٺٽو

چوڏهين صديءَ جي وچ ڌاري موجود هو ۽ سنڌ جي راڄڌاني هو. نظام الدين ٿي سگهي ٿو هن کي ٺاهيو سنواريو هجي.
ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 51-53، آڌار ڀانئي ٿو ته هي شهر سمن 1340-1351 جي وچ تي ٻڌو، جيڪي انوقت اقتدار لاءِ اڀريا پئي. وڌيڪ مناسب لڳندو، جيڪڏهن چئجي ته اهو سومرن محمد طُور جي ڦِٽڻ کان پوءِ ساڳين ئي ڏينهن ڌاري ٻڌو. سمن جو شهر سامُوئي هو. ٿي سگهي ٿو ته ٺٽي کي ٻوڏن نقصان رسايو هجي ۽ نظام الدين ان جي نئين سِر اڏاوت ڪئي هجي.

**1494ع / 900هه:**
پُٽيو ناريجو، صوفي، مري ويو ۽ ڪيس سنڌو درياءَ جي واهڙ ريڻ تي رائيدا ڳوٺ ۾ پوريائون.

محبوب علي چنا، مهراڻ، جلد 14، نمبر 4، 1964، ص. 137.

**1494ع / 900هه:**
علاءُ الدين ٻگهيو، صوفي، مري ويو ۽ بمهڻ آباد ويجهو دشت ۾ پورياءُونس.

حديقت الاولياء، ص. 209-213.
محبوب علي چنا، مهراڻ، جلد 14، نمبر 4، 1964، ص. 137. تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 145.

**1495ع / 901هه:**
سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق مشهدي، صوفي، جام نظام الدين جي ڏينهن ۾ مشهد مان آيا ۽ سامُوئي ۾ اچي ويٺا. جيڪو انهن ڏينهن ۾ ٺٽي کي ويجهو هجڻ ڪري سُسندو پئي ويو. سيد يعقوب 922هه (1516ع) ۾ مري ويو ۽ ساموئي ۾ پورياءُونس.

محبوب علي چنا، مهراڻ، جلد 14، نمبر 4، 1964، ص. 162.
تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 190.

**1495/96ع / 901هه:**
سيد محمد جونپوري، جنهن اڳتي هلي پاڻ کي مهدي سڏايو، حج تي وڃڻ لاءِ ٺٽي پهتو.

**1497/98ع / 903هه:**
شيخ پريو وِرداس، اصل هندو برهمڻ، جيڪو سڌريل دنيا ڇڏي ٽڪرين ۽ ٻيلن ۾ وڃي رهيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ گنجي ٽڪر جي پاڙ ۾ آستان ٺاهيائين، مري ويو.
حديقت الاولياء جو ليکڪ ساڻس مليو هو ۽ ڪانئس اسحاق آهِنگر جا سنڌي بيت ٻڌا هئائين.
هي گنجي ٽڪر جي پاڙ ۾ پوريل آهي.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 190.
حديقت الاولياء، ص. 231-235.
پريو سنڌ ۾ عام نالو آهي. معنيٰ اٿس ڪراڙو يا اڇن وارن وارو ماڻهو. ڪجهه ذريعا پُل مان هن کي پِريو ٿا سڏين.

**1498ع:**
واسڪو ڊِي گاما ڪيپ آف گُڊ هوپ کان ٿيندو ڪيلِيڪَٽ پهتو.

**1500ع ۽ پوءِ:**
ڏکڻ ايشيا ۾ جهازن جي تختن کي ڳنڍڻ لاءِ ڪوڪا استعمال ٿيڻ لڳا، ان جو ڪارڻ هو پورچوگيزن سان لاڳاپا. انهي کان اڳ تختن کي ڪنهن خاص قسم جي ڏوريءَ سان سِبي ڳنڍيو ويندو هو.

هوراني، انڊين سِيفيئرنگ، ص. 89-97.

**1500ع:**

پاڻيءَ وارن گسن جي جاءِ سُڪيءَ جي گسن ورتي. وسيع اهميت رکندڙ هن ٽيڪنيڪي انقلاب پوري طرح پير کوڙيا. هن جي ڪري سڄي آهل يورپ پاسي ٿي وئي.

**1500-1505ع / 906ھ:**

سيد محمد جونپوري، جنهن پاڻ کي مهدي سڏايو، عالمن جي مخالفت سبب سنڌ لاءِ نڪتو ۽ نصرپور رستي 1504ع ۾ ٺٽي پهتو.

ڪيترائي مريد ناهيائين، جن ۾ شيخ صدرالدين مفتي، دريا خان، قاضي قاضن، سيد مبارڪ، شيخ جهنڊو ۽ وڏي انگ ۾ سومرا شامل هئا، جيڪي ساڻس گڏ خراسان ويا.

**1500-1600ع:**

ٻن ٿوهن وارو باختري اٺ، جيڪو سنڌوءَ جي الهندي وارن ملڪن ۾ 1100-1400ع جي وچ تي عام هو، هن صديءَ ۾ غائب ٿي ويو.

**1501-1503ع / 907-908ھ:**

سيد محمد يا مهدي جونپوري گجرات مان تڙجڻ کان پوءِ پنهنجي 360 مريدن سان گڏ نصرپور پهتو.

صديقي (ڊاڪٽر)، ايم. ايڇ.، مهدي آف جونپور ان سنڌ، جرنل، ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان، اپريل 1965، ص. 101-110.

**1503ع:**

البُقَرق ڏکڻ ايشيا لاءِ پورچوگيز وائسراءِ ٿي آيو.

**1504ع:**

وينس مصر جي سلطان ۽ ڪيلِيڪَٽ جي بادشاهه سان گڏجي پورچوگيزن خلاف اتحاد جوڙيو.

**1504/05ع:**

نظام الدين هٿان سنڌ مان تڙجي نڪرڻ ۽ مريدن منجهان ڪيترائي وڃائڻ کان پوءِ مهدي جونپوري قنڌار ڏانهن نڪتو.

صديقي (ڊاڪٽر)، ايم. ايڇ.، مهدي آف جونپور ان سنڌ، جرنل، ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان، اپريل 1965، ص. 101-110.

**1504/05ع / 910ھ:**

906ھ (1500/01ع) ۾ شيعن جي بغاوت سبب ايران ڇڏي آيل ٻه سيد پائر احمد ۽ محمد مشهدي ساموئي پهتا ۽ مُغلواڙي ۾ اچي وينا.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 191.

**1505ع / 911ھ:**

شيخ مبارڪ ريلائي سيوستاني، شيخ خضر جو پٽ ۽ ابوالفضل ۽ فيضي جو پيءُ، سيوهڻ ويجهو ريل نالي ڳوٺ ۾ ڄائو. سنڌ ۾ رهيو، تعليم پرايائين، شيخ مريد بخاري ۽ شيخ عمر ٺٽوي جو مريد ٿيو ۽ پوءِ نگر هليو ويو.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 235.

950ھ ۾ آگري لڏي ويو، اتي 50 سال گذاريائين ۽ مختلف عنوانن تي 500 جلد لکيائين. 1001ھ ۾ مري ويو.

**1505ع:**

محمود بن مظفر شاهه نگرپارڪر سوڍن راجپوتن کان ڦريو ۽ پوڏيسر واري موجوده مسجد جوڙايائين.

ٿر ۾ ميرن جا قلعا، سروپچند 'داد'.

مهراڻ نمبر 2، 1959، ص. 139-150 ۽ نمبر 1 ۽ 2، 1958، ص. 140-162.

**1505/06ع / 911هه:**
شيخ خيرالله عرف شاهه خيرالدين پٽ سيد احمد بغدادي بغداد ۾ ڄائو.

تحفت الڪرام، سنڌي ترجمو، ص. 327.

**21 فيبروري 1506ع کان 27 سيپٽمبر 1590ع**
**27 رمضان 911هه کان 27 ذي القعد 998هه:**
مخدوم نوح جي حياتي.

**1507ع:**
مير حسين جي آڙماڙ ڪي پورچوگيزن هٿان شڪست. پورچوگيزن گجرات جي سلطان ۽ مصر جي مامِلوڪ سلطان جي لشڪر کي شڪست ڏني. اڳتي هلي رڳو 6،000 ملاحن سان گجرات جي سلطان ۽ ترڪي جي سلطان جي گڏيل پاڇيءَ واري لشڪر کي شڪست ڏنائون، جنهن ۾ 7،000 ترڪ ۽ 22،000 گجراتي سپاهي شامل هئا.

هن جنگ ۾ سنڌ مان پڻ ماڻهو ۽ ٻيڙيون پڪ سان ويا هوندا.

**1506ع / 911هه:**
مشهور عرب تاريخدان جلال الدين السيُوتي مري ويو.

**1507/08ع / 913هه:**
شاهه بيگ ۽ محمد مُقيم، بابر جي پَوَ کان قنڌار ڇڏيو ۽ شال (ڪوئيٽا) ۽ مستونگ پهتا.
اڳلي سال 914هه ۾ (گهڻو ڪري ڄام نظام الدين جي موت جو ٻڌي) آيو ۽ سبيءَ تي قبضو ڪيائين.

بيورِج، بابر نامہ، جلد ا، ص. 342.
معصومي، ص. 104-105، سندس قنڌار مان هلڻ جو سال 913هه ڏنو آهي، پر ص. 72 تي اهو پڻ چوي ٿو تہ جيستائين ڄام نظام الدين جيئرو هو ارغونن سنڌ جي ڌرتيءَ تي 890هه (185ع) ڪانوڻي پير نہ پاتو.

**1507/08ع / 913هه:**
امير ذُوالنُّون اُزبڪن هٿان مارجي ويو.

معصومي، ص. 102.

**1507/08ع:**
بابر ڪابل ۽ غزني فتح ڪرڻ کان پوءِ قنڌار تي ڪاهه ڪئي. امير ذُوالنُّون جا ٻئي پٽ محمد مقيم ۽ شاهه بيگ ڪيس منهن نہ ڏئي سگهيا ۽ پيرن تي زور رکيائون. بابر پنهنجي ڀاءُ سلطان نظير کي قنڌار جو گورنر ڪري رکيو ۽ قيدين منجهان محمد مقيم جي ڌيءُ ماهه بيگم کي ورتائين. انهي کي محمد قاسم ڪوڪا سان پرڻايو ويو ۽ ان پرڻي مان ناهيد بيگم ڄائي. بابر جي وڃڻ کان پوءِ شاهه بيگ ۽ محمد مقيم قنڌار تي قبضو ڪري ورتو.

معصومي، ص. 102، 103، 112، 113، 192-196 ۽ 226-227.
هيءَ اڳتي هلي ڪابل مان ڪسڪي نڪتي ۽ 1526ع ۾ مرزا شاهه حسن سان ۽ پوءِ 1554ع ۾ مرزا عيسيٰ ترخان سان پرڻو ڪيائين. مرزا باقي خلاف بغاوت ڪيائين، پڪڙيائونس، ڊِڪ ۾ وڌائونس ۽ 977هه (1569/70ع) ۾ بُک وگهي مرڻ لاءِ ڇڏي ڏنائونس. ناهيد بيگم جي ڌيءُ رَجيہ بيگم جو پرڻو مرزا باقي سان ٿيو ۽ ڄام بابا سان هڪ مقابلي ۾ مارجي وئي.

**1508ع / 914هه:**
ڄام نظام الدين سمو سنڌ تي 48 سال راڄ ڪرڻ کان پوءِ مري ويو ۽ گادي پٽس ناصرالدين ابوالفتح فيروز شاهه-ٻئين سنڀالي.

دائودپوٽو، معصومي، ص. 302، چوي ٿو تہ اهو سال 917هه (1511ع) هو.
تاريخ طاهري، ص. 56، سنہ 914هه (1508ع) ڏنو آهي.
تحفت الڪرام، ص. 106، هن سنہ سان متفق آهي ۽ بيگلارنامو پڻ.
مقبري واري اُڪر اڏاوت جو سال 915هه (1509/10ع) ٻڌائي ٿي ۽ ان ليکي ٿي سگهي ٿو 914هه ۾ مئو هجي.

**1508-1510ع:**
ڄاڙيجي سمي سردار هميرجِي کي پنهنجي سؤٽ راوَل ماري وڌو. راول ڪڇ

وليمس، ص.113-114.

جي وڏي حصي تي قبضو ڪري ورتو. هميرجي جي پٽ ڪنگهار محمود بيگڙي کان مدد گهري، جڏهن ته راول جو ساٿ ڄام فيروز ڏنو. هن ڦڏي سنڌ-ڪڇ لاڳاپا بگاڙي ڇڏيا ۽ ڄام صلاح الدين ڪنگهار جي ساٿ سان سنڌ تي ٻه ڀيرا حملو ڪيو. هن جهيڙي سمن جي سنڌ ۾ راڄ جو انت آندو.

**1508-1524ع:**

سنڌ تي ناصرالدين ابوالفتح سلطان فيروز شاهه بن سلطان نظام الدين شاهه ڄام نظام الدين جو راڄ.

ڏسو داخلا سيپٽمبر 1524.
ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ، طاهري، ص. 308، هن جي حڪومت جي انت جو سال 1528ع ڏنو آهي.
فرشتا (بمبئي)، جلد II، ص. 319-320، هن جي حڪومت جو ڪل عرصو 13 سال ڄاڻائي پڄاڻيءَ جو سال 927هه (1521ع) ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي. برِگس سندس حڪومت جو ليکو 896هه (894هه گهٽو ڪري ڇپائيءَ جي غلطي آهي) کان 927هه يا 1492-1520ع لڳايو آهي.
طبقات اڪبري، ٺٽي جي شڪست ۽ هن جي حڪومت جي پڄاڻيءَ جو سال 1521ع ڏنو آهي.
معصومي، ص. 113، فيروز شاهه جي حڪومت جي پڄاڻي 11 محرم 926هه تي ٻڌائي آهي.

**1509ع:**

ٺٽي ۾ دٻير مسجد جي اڏاوت. هيءَ هالا يا سيوهڻ جي ڪاشيءَ وارين سرن جي سڀ کان آڳاٽن مثالن منجهان هڪ آهي. هيءَ سِرَ سخت پچايل ٺڪر جي ٺاهي ويندي آهي، پنجاب وارين سرن وانگر نه. جيڪي چلڪٽي واري ۽ سيڙهي ملائي يا ٻيون شيون ڪنهن ڳنڍيندڙ مواد سان جوڙي ٺاهيون ويندڀون آهن. ڪاشي سنڌي لفظ 'ڪَچ' يعني شيشو يا ڪائو مان نڪتل آهي، ڪاشغر مان نه. جيئن هالن جا ڪنيار ٻڌائي پنهنجن وڏن جو لاڳاپو سنڪيانگ (چين) سان وچي جوڙيندا آهن.

**1509ع:**

پورچوگيزن وارو هندي سمنڊ جو سڀ کان آڳاٽو ۽ پهريون سائنسي نقشو ٺهيو، جنهن ۾ سنڌ به ڏيکاريل آهي.

نقشو وُولفِنبَٽل جي ڊيُوڪل لائبريري ۾، اُلبن 1938 ۾ ڇپايو.

**1509/10ع / 915هه:**

ڄام نظام الدين جي مقبري جي اترئين لنگهه وٽ فيروز شاهه جي هدايتن تي انهي ئي سال هٽايل اُڪر سمن جو شجرو هنريت ڏٺي تي:
السلطان فيروز شاهه ابن السلطان نظام الدين شاهه بن السلطان صدرالدين شاهه بن السلطان صلاح الدين شاهه بن السلطان رڪن الدين شاهه بن السلطان فيروز شاهه (ڄام انڙ-ٻيون).

پروفيسر محمد شفيع، سَنادِ سنڌ، انگريزي ڀاڱو 17.
هيءَ اُڪر ڄام انڙ-پهرئين جو نالو فيروز شاهه، ڄام سنجر جو صدرالدين شاهه ڄاڻائي ٿي. مقبرو شروع ڄام نظام الدين پاڻ ڪرايو هو ۽ پورو پٽس ڄام فيروز 1509/10ع ۾ ڪرايو.

**1509/10ع / 915هه:**

ڄام فيروز پنهنجي پيءُ ڄام نظام الدين جي مقبري جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪرايو، جيتوڻيڪ ٻاهرين پٽين جي اڏاوت ڄام نظام الدين پاڻ 895هه (1490ع) ۾ شروع ڪرائي هئي.

**1509-1529ع:**

هيٺ ڏنل عظيم نقشا نويسن پاران ٺاهيل نقشن پورچوگيزن جي نقشا نويسيءَ واري ڏانءَ کي عروج تي پهچايو:

فرانسِسڪو رودِريڪيز (1513-1515ع)، لوپ هومين (1516ع)، رائينِل بروس (1519-1522ع) ۽ ڊِيوگو رائبيرو (1523-1529ع).

پورچوگيزن وارا سنڌ جا نقشا هڙني يورپي قومن 1830ع ڌاري تائين سونهين طور استعمال ڪيا. هي نقشا هڙني اڳوڻن نقشن کان تمام گهڻو بهتر هئا.

آرماندو ڪورليسيڪ ۽ ايويلينو ٽيزيئرا ڊا موٽا: مونيُومينٽس اينڊ پورچوگالِس، ڪارٽوگرافيڪا، 4 جلد، لسبن، 1960، هنن نقشن جا ڪجهه حصا ڏنا آهن.

**1510ع:**

پورچوگيزن گوئا فتح ڪيو.

**1510ع:**

البُقَرق ڪيلِيڪَٽ کي ڦُرِي ڦِٽايو ۽ گوئا تي قبضو ڪيائين. يوسف عادل شاهه اهو ورائي ورتو، پر پورچوگيزن ساڳئي سال ڪيرِي ڇڏيس.

اڳلي سال البُقَرق ڪيلِيڪَٽ ۾ پورچوگيزي ڪارخانو ٺاهيو ۽ ملاڪا (سنگاپور ويجهو) فتح ڪيائين. اٽڪل انهي ئي وقت ڌاري سنڌ ۾ لاهري (لاڙي) بندر ۾، موڪل وٽي يا بنا موڪلائي، پنهنجو ڪارخانو ٺاهيو هوندائون ۽ پلي مخالفت به ڇو نه ٿي هجي، ان مٿان پنهنجو ڪنٽرول به پَڪ سان رکيو هوندائون.

**1510-1586ع:**

ڪڇ تي جاڙيجي سمي سردار ڪنگهار جو 1510-1540 تائين ڏَنُ پَرُوءَ طور ۽ 1540-1586 تائين آزديءَ سان راڄ. سموري ڪڇ کي ڳڏائي هڪ ملڪ ڪري ڇڏيائين.

وليمس، ص. 113-114.

ڄام صلاح الدين ۽ ڄام فيروز جو سنڌ جي سياست ۾ 1512، 1521 ۽ 1524ع ۾ ساٿ ڏنائين.

**1511/12ع / 917هه کان اڳ:**

بيبي راڻيءَ جو گجرات جي سلطان مظفر (917-932هه يا 1511/12-1525/26ع) سان پرڻو.

بيبي راڻي سلطان صدرالدين شاهه ڄام سنجر جي پوٽي ۽ صلاح الدين جي سؤٽ هئي. اهي ٻئي ڄام سنجر جي ٻئين ۽ ٽئين پٽ جو الاد هئا. ڄام نظام الدين-ٻئين جا پائر هئا. گهڻو ڪري هي ڪٽنب ڄام نظام الدين جي دور ۾ گجرات لڏي ويو هو.

ظفرُالوَليهه، ص. 137، هن پرڻي جو سنه 924هه (1518ع) ڏنو آهي، جيڪو اٽڪلو آهي، ڇو ته سلطان مظفر تخت سنڀاليندي ئي صلاح الدين جي سؤٽِ ۾ دلچسپي ڏيکاري هئي. انهي جي وڏي ڏيءُ سلطان عادل شاهه فاروقي برهانپور واري (918-926هه) سان پرڻيل هئي، تنهنڪري هي پرڻو پڪ سان 907هه ڌاري ٿيو هوندو. مراتِ سڪندري، ص. 206-207.

**1511/12ع / 917هه:**

ڄام صلاح الدين شاهه گجرات جي سلطان مظفر ۽ ڪڇ جي رائو ڪنگهار جي ساٿ سان فيروز شاهه-ٻئين کان لاڙ سنڌ فتح ڪئي.

# سمن جو پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ ڀڃ ڊاهه ٻيو

**1512ع / محرم 918هه:**

ڄام صلاح الدين گجرات جي سلطان مظفر، جنهنجي زال ٻيبي راڻي سندس سؤٽ هئي، جي ساٿ سان ٺٽي تي پنهنجو ٻيهريون حملو ڪيو. انهن ڏينهن ۾ ڄام فيروز جو ملڪي معاملن تي ڌيان نہ هو، دريا خان جي صلاح نہ مڃيائين، جنهن ڪي پنهنجي ڳوٺ ڳاها (ڪاهان) واري جاگير، سيوهڻ ويجهو، ڏانهن موٽي وڃڻو پيو ۽ انهن اوڻاين جي ڪري صلاح الدين هٿان شڪست کاڌائين، جيڪو ان ريت سنڌ جو راڄ ڏٺي ٻڌجي ويو. فيروز شاهہ پنهنجي ماءُ مدينا ماڇاڻيءَ سان گڏ دريا خان وٽ ڳاها ويو، جيڪو مدينا جي منت تي ساٿ ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو، سيوهڻ مان لشڪر هٿ ڪيائين، پر ڪيس پهريون ٻُنجو ڄام صلاح الدين جي وزير حاجيءَ هٿان آيو. ٻاڳن سان وزير جو ابتدائي ويڙهہ ۾ سوڀ بابت ڄام صلاح الدين ڏانهن لکيل خط دريا خان جي هٿ لڳي ويو، جنهن اهو مٽائي صلاح الدين تائين اها ڳالهہ پهچرائي تہ وزير جو لشڪر هارائي ويو آهي ۽ ڪيس صلاح تي ڏجي تہ ٺٽو ڇڏي وڃي. هي سيڪجهہ ڏاڍي تڪڙ ۾ ڪيو ويو. دريا خان پوءِ فيروز شاهہ کي ٺٽي وٺي ويو ۽ پهرين شوال 918هه (12 آڪٽوبر 1512ع) تي گاديءَ تي وڃي ويهاريائينس. صلاح الدين گجرات موٽي ويو. سنڌ ٺٽي تي قبضو اٽڪل اٺ مهينا رهيو ۽ پڪ سان ٺٽي مان وڏو مال ميڙيو هونڌائين ۽ هڪ وڏيڪ جنگ جو بندوبست ڪيائين.

هن ڪاهہ ۾ ڪڇ ساٿس ساٿ ڏنو. ڪڇ ۾ ٻہ مخالف ڌڙا هئا: هڪڙو راول وارو ۽ ٻيو ڪنگهار وارو. راول 1506ع ۾ ڪنگهار جو پيءُ ماريو هو ۽ ڪنگهار 1512ع ۾ ڪڇ جي پاڳن تي قبضو ڪري ورتو هو. هن دور ۾ راول سگهو هو. سنڌ جا راول سان سٺا لاڳاپا هئا، تنهنڪري ڪنگهار صلاح الدين جو ساٿ ڏنو. تنهن کان سواءِ ڪنگهار گجرات جي سلطان جو ڏُنُ پَرُو هو ۽ سنڌ ڏانهن ويندڙ سوليون واٽون انهي جي ڪنٽرول ۾ هيون، تنهنڪري اهو سنڌ ڏانهن لنگهي وڃڻ جي واٽ ڏيڻ لاءِ ٻڌل هو. ٻئي پاسي سنڌ جو ساٿ راول سان هو، جنهنڪري ڪنگهار سان وٿيرڪي تي وئي هئي ۽ اهو سنڌ جي معاملن ۾ ٽَنگ اڙائڻ لڳو هو. هن صورتحال پڄاڙيءَ ۾ ارغونن جو ساٿ ڏنو.

ظفرُالوَلِيهہ، ص. 138.

حسام الدين، مڪلي نامہ، ص. 114-115، سنہ 918-919هه (مارچ 1512- فيبروري 1514ع) ۽ صلاح الدين جي حڪومت جو عرصو 8 مهينا ڏنو آهي. صلاح الدين ٺٽي تي قبضو پڪ سان محرم (مارچ) ۾ ڪيو هوندو ۽ ڇڏيو رمضان (نومبر 1512ع) ۾ هونڌائين، فيروز پاران عيد واري ڏينهن اچي وري قبضو ڪرڻ لاءِ.

معصومي، ص. 77-78، اهو سال نظام الدين جي مرڻ کان سنت پوءِ يعني 915-916هه (اپريل 1509 - مارچ 1511ع) ڄاڻائي ٿي. هي غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ سلطان مظفر صلاح الدين جي سؤٽ سان 917هه (1511/12ع) تائين نہ پرڻيو هوندو.

صلاح الدين ڄام نظام الدين جو ڀائٽيو ۽ صدرالدين شاهہ ڄام سنجر رائيڏڻ جو پوٽو هو. سندس سؤٽ ٻيبي راڻي، ڄام نظام الدين جي ٻئي ڀاءُ جي ڌيءُ، گجرات جي سلطان مظفر-ٻئين (917-932هه يا 1511/12- 1525/26ع) سان پرڻيل هئي.

لڳي ائين ٿو تہ نظام الدين جا اهي ٻہ ڀائر ساڻس ناهِہ نہ هوندا ۽ گجرات هليا ويا هوندا.

اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ صلاح الدين فيروز شاهہ جي گادي سنڀالڻ کان سُنت پوءِ ٺٽو ڇڏي گجرات هليو ويو هجي ۽ مٿان گاديءَ جو اميدوار بہ هجي.

طبقات اڪبري، جلد III، ص. 518.

وليمس، ص. 113-117.

**1512/13ع / 918هه:**

شاهہ اسماعيل صَفوِي جي بغاوت جي ڪري مخدوم عبدالعزيز محدث اُبارِي پٽن سميت هرات ڇڏيو ۽ ڳاها (ڪاهان)، سيوهڻ ويجهو، ۾ اچي ويٺو. سندس پٽن اثيرالدين ۽ يار محمد سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ڪجهہ مذهبي ڪتاب لکيا.

معصومي، ص. 76.

ڏسجي ائين ٿو تہ ڪاهان (ڳاها) 15 صديءَ جي پڄاڙيءَ ۾ اهم حيثيت ڌاري ورتي هئي ۽ لڳ ڀڳ هر ماڻهو، جنهن جي ٿوري گهڻي اهميت هئي، هتان لانگهائو ٿيو ٿي. هي دريا خان جي جاگير ۾ هو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ انهي هن شهر کي بهتر بڻايو هجي.


نقشو نمبر 42
ذکڻ ايشيا جا انساني نسل
ترڪ-ايراني
افغانستان
ترڪ-ايراني
بلوچستان
ڪوئيٽا
نوشڪي
قلات
ڪيچ
بيلو
ڪراچي
سنڌ
سنڌي-سٿي
ملتان
بهاولپور
خيرپور
اولهه پنجاب
لاهور
امرتسر
راولپنڊي
ڪشمير
سري نگر
گلگت
منگولي
اوڀر پنجاب
هندي-آريا
بيڪانير
راجستان
جئپور
جوڌپور
اُديپور
گجرات
ڪاٺياواڙ
ڪڇ
احمدآباد
ٻڙودا
سورت
سٿي-دراوڙ
مهاراشٽر
پُونا
ڪولهاپور
ڪرناٽڪا
هُبلي
بيلار
بينگلور
ميسور
تامل ناڊو
ڪمباڪونم
تنجور
مدورا
ڪيليڪٽ
دراوڙ
آريا-دراوڙ
اتر پرديش
مدڌيا پرديش
آندرا پرديش
حيدرآباد
ناگپور
رائيپور
اوڙيسا
بهار
گاوا
اولهه بنگال
بنگلاديش
ڪولڪتا
منگولي-دراوڙ
نيپال
ڀوٽان
آسام
شلونگ
منگولي
برما
منڊالئہ
پڪاڪُو
عربي سمنڊ
بنگالي سامونڊي چُڪ
هندي وڏو سمنڊ
اتر
ڪاڇو
500 400 300 200 100 0 100 ڪلوميٽر
ڏسٽي
1 صوبائي ڏنگ
2 صوبائي نالا
3 مکيه شهر
4 درياءَ
5 انساني نسل




ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيل



116. دريا خان جي قبر اُڪرن سان.



117. دريا خان (مبارڪ خان) جي مزار جي ٻاهرين چوديواري.



دريا خان. ڏکڻي دروازي جو ڪتبو ص. 111



118.دريا خان جي مقبري جي ڏاکڻي دروازي تي نَسخي لپيءَ ۾ اُکر.



119.همايون تخت تي ويٺل.

**1512-1513ع / 918-919ھ جي وچ تي:**

ڄام صلاح الدين، ڄام سنجر جي پوٽير، ڄام فيروز سمي کي شڪست ڏني ۽ پاڻ 8 مهينن لاءِ بادشاهه ٿي ويو. تڏهن ڪيس دريا خان جي مدد سان هٽائي فيروز وري بحال ٿيو.

معصومي پڌائي ٿو ته سمجهي نه سگهڻ ڪري صلاح الدين گجرات هليو ويو هو. چيو وڃي ٿو ته صلاح الدين کي ٺٽو ڇڏرائڻ واري رٿا دريا خان جوڙي هئي.

معصومي، ص. 76-78.

صلاح الدين جي سؤٽِ بيبي راڻي گجرات جي مظفر سان پرڻيل هئي، جيڪو 917ھ (1511/12ع) ۾ سلطان ٿي ويو ۽ صلاح الدين جي سنڌ فتح ڪرڻ ۾ مدد ڪيائين. تنهنڪري هي واقعو 918-919ھ (1512-1513ع) ۾ ٿيو هوندو.

ظفرُالوَلِيھ، ص. 137.
طبقات اڪبري، جلد III، ص. 518.

**1512/13ع / 918ھ:**

بديع الزمان مرزا، جيڪو استرآباد مان سنڌ آيو، جي ڄام فيروز سٺي آجيان ڪئي ۽ شاهي مهمان ڪري رهايائينس. هڪ سال ٺٽي ۾ رهيو ۽ پوءِ شاهه اسماعيل صفوي وٽ موٽي ويو.

فرشتا (بمبئي)، f. 460 a.
فرشتا (نَول ڪِشور)، جلد II، ص. 511.

**1513ع:**

لڳي ائين ٿو ته پورچو گيزن پنهنجي سرگرمين سان گڏوگڏ لاڙي بندر کي اکيون به ڏيکاريون، تنهنڪري سمن کي پوئتي سُڪيءَ تي هٽڻو پيو. انهي وقت ڌاري پورچوگيزن ٿي سگهي ٿو لاڙي بندر ۾، سنڌ جي راڄ ڏٽين جي موڪل سان يا بنا موڪلائي، پنهنجو ڪارخانو ٺاهي ورتو هجي ۽ مٿان ڏاڍ مڙسي پڻ ڪئي هجين، جيئن پوري هندي سمنڊ ۾ پئي ڪيائون.

**1513ع / 919ھ:**

ڄام صلاح الدين شاهه کي ڄام فيروز شڪست ڏني، شاهه حسن ارغون جي مدد سان، ۽ اهو گجرات پڄي ويو.

**1517ع / 923ھ:**

بابر جي قنڌار تي ٻين ڪاهه، جنهن ۾ پاڻ سخت بيمار ٿي پيو. ان صورتحال جو فائدو وٺندي شاهه بيگ ٺاهه جي آڇ ڪئي، جيڪا ٻي ڌُر کي به نيڪ لڳي ۽ مڃي وئي. شاهه بيگ کي سنڌ ڏانهن وڌڻ ۾ سولائي ٿي.

معصومي، ص. 109-110 ۽ 309، سال 921ھ ڏنو آهي، پر بيورِج، بابر نامه، جلد I، ص. 365 ۽ 431، سال 923ھ ثابت ڪيو آهي. هن سنه کان اڳتي معصومي جي ترتيب 2-3 سال پوئتي ٿي وڃي ٿي.

**1517ع:**

سلطان سليم جي قاهرا تي قبضي کان پوءِ ڪو ماڻهو اهڙو نه بچيو، جنهن کي عباسي خليفن جو پوٽير هجڻ ناتي خليفو سڏي سگهجي.

**1517-1518ع / 923-924ھ:**

شاهه بيگ سِبيءَ آيو ۽ انهي کي پنهنجو هيڊڪوارٽر بڻايائين. ان دوران پٽس شاهه حسن پيءُ سان اڻبڻت جو ڇَند ڪري بابر جي دربار ۾ ڪابل پهتو ۽ اتي ٻه سال رهيو.

معصومي، ص. 111.
بيورِج، بابر نامه، جلد I، ص. 365 ۽ 430.
بابر پاڻ پڌايو آهي ته شاهه حسن انتظامي گُر ۽ دربار جا طور طريقا ۽ آداب

شڪ ڏيکاريو ٿو وڃي تہ اهو پڻس شاهہ بيگ جي صلاح سان ڪيو هئائين، تہ جيئن ڪيس بابر جي چالن بابت ڄاڻ ڏيندو رهي.

سڪڻ آيو هو.

**1518ع / 924هہ:**

شاهہ بيگ شال ۽ سِوِي جي علائقن ۾ تَنگي ۽ نراسائيءَ ۾ وقت گذاريو ۽ سنڌ فتح ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين.

معصومي، ص. 112.
شاهہ بيگ جا پوءِ وارا سڀ قدم هن واقعي کي ڌيان ۾ رکي ڏسڻ گهرجن. معصومي ڪمزور دليل آڏار سنڌس قدمن کي جائز ڄاڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**20 نومبر 1518ع / 17 ذي القعد 924هہ:**

شاهہ بيگ ڳاها (ڪاهان، جيڪو دريا خان جي جاگير هو) ۽ باغبان تي حملو ڪيو ۽ انهن جي اوسي پاسي واريون ٻهراڙيون ڦِٽائي ناس ڪيائين. ڦرلٽ جي مال ۾ ٻين شين سان گڏ 1000 اٺ شامل هئا، جن نارَ پٽي ڇڪيا (ربيع جي پوک لاءِ). ڦرلٽ جي انهي مال منجهان ڀلا گهوڙا بابر ڏي سوکڙي ڪري اماڻيائين. بابر تائين اها خبر شاهہ بيگ جي ايلچي قاصل تَوَاچي ذريعي قرطُو ۾ 25 ربيع الاول 920هہ يا 30 مارچ 1519ع تي پهتي.

معصومي، ص. 110، تاريخ 17 ذي القعد 928هہ ڏني آهي، جيڪا ٽن سالن جي فرق سان غلط آهي. ترخان نامي ۽ تحفت الڪرام تاريخ معصومي تان ڪنئي آهي.
بيورِج، بابر نامہ، جلد ا، ص. 395 ۽ 401، ايلچيءَ جي پهچڻ جي تاريخ ڏني آهي.

انهي ئي سال بابر سوات، باجوڙ، پيرا ۽ خوشاب تي قبضو ڪيو. مرزا شاهہ حسن (اڳتي هلي سنڌ جو حاڪم) ساڻس مهم ۾ گڏ هو.

بابر نامہ، جلد ا، ص. 384-401 ۽ 414.

**1519-1520ع:**

ميگلن جو سمنڊ رستي دنيا جي چوڌاري گهمڻ.

**1519-1528/29ع / 925-935هہ:**

شيخ پِرڪيو ڪاتيار، گهٽو ڪري شعبان مهيني جي نائين تاريخ تي، مري ويو. هي نصرپور پرڳڻي ۾ ڪاتيار ڳوٺ (ملاڪاتيار نہ) جو رهاڪو هو. هن صوفي بزرگ جو مقبرو سنڌس ئي نالي واري شهر ۾ حيدرآباد کان اٽڪل 20 ميل ڏکڻ-اپرندي پاسي آهي. سنڌس ميلو هر سال تي ڏينهن 9 کان 11 شعبان تي لڳندو آهي.

محبوب علي چنا، مهراڻ، جلد 41، نمبر 4، 1964، ص. 131-132.
تحفت الڪرام، سنڌي ۽ حديقت الاولياء، ص. 84، سنڌس زندگيءَ جو احوال ڏنو آهي ۽ ٻڌايو آهي تہ هي هالاڪنڊي جي مخدوم احمد ۽ محمد جو همعصر هو، جيڪي ٻئي 934هہ (1527/28ع) ۾ مري ويا. محبوب علي ڀانئي ٿو تہ هي 930هہ (1523/24ع) ۾ مري ويو.

**926هہ:**

بابر جي دربار ۾ 2 سال گذارڻ کان پوءِ شاهہ حسن اتان نڪتو ۽ سبيءَ ۾ پنهنجي پيءُ سان اچي گڏيو.

معصومي، ص. 111.

**21 ڊسمبر 1520ع / 11 محرم 927هہ:**

دريا خان (دولهہ) يا مبارڪ خان کي منگولن ماري وڌو. هي ديوان لکيدر جو غلام هو ۽ ڄام نظام الدين پٽ ڪري تاتيو هئس. سنڌس اصل نالو قبُولو (قبول محمد) سيد هو. وڏي مَدارُالمهام (وزير اعظم) ٿيو ۽ مبارڪ خان لقب ماڻيائين.
سنڌس زندگيءَ جي پڇاڙيءَ بابت مختلف روايتون آهن.

مبارڪ خان جي قبر جي اتر پاسي اُڪر ڪيس الخانُ الاعظم وَ شهيد مبارڪ خان ابن سلطان نظام الدين سڏي ٿي.

طاهري ٻڌائي ٿي تہ درٻارين سنڌس طاقت ۽ حيثيت کان سڙي فيروز شاهہ کي ڪيس چٽڻ لاءِ راضي ڪيو، پر اهو پنهنجا لِڱڙا پرڪار ڏسي سڏي ڦڏي کان لنوائيندو رهيو. تنهنڪري اهي فيروز جي ماءُ مدينا ماڇاڻيءَ تائين

طاهري، ص. 6-59.
هن روايت کي 922، 923 ۽ 924هہ وارين داخلائن يعني بابر پاران قنڌار هٿ ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪرڻ ۽ شاهہ بيگ پاران نوان علائقا هٿ ڪرڻ لاءِ

پهتا. ڪيس صلاح ڏنائون ته منگولن ۽ ارغونن کي گهرائي سنڌ کي دريا خان جي چنبي مان آجو ڪرايو. مدينا ان رٿا مطابق شاهه بيگ کي قنڌار مان گهرايو. شاهه بيگ باغبان-سيوهڻ وارو گس ورتو ۽ دريا خان سان 'خان واهه' ويجهو مقابلو ٿيس. جيڪو انهي پاڻ پنهنجي ڳوٺ سنڪورا (ساڪرو) ۽ ٻين علائقن جي (ٺٽي ۽ ساڪري تعلقي جون) ٻنين تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ ٺهرايو هو. دريا خان دليريءَ سان وڙهندي مارجي ويو. جڏهن تير سڌو نڙيءَ ۾ اچي لڳس. فيروز شاهه لاتعلق ٻٽيو ويٺو رهيو.

ٻئي پاسي معصومي ٻڌائي ٿي ته ڪجهه منگول ٺٽي لڏي آيا هئا ۽ جام فيروز وٽ نوڪري اچي ڪئي هئائون. جنهن کين رهڻ لاءِ مغلپورا نالي ڏار جاءِ ڏني هئي. مير قاسم ڪٻاڪيان ارغون نالي شخص شاهه بيگ کي ٺٽو فتح ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ هرڪايو. تنهنڪري شاهه بيگ تياريون ڪيون ۽ ٻهريون مقابلو ٿَلهَٽي (ٿلٽي) ويجهو دريا خان جي پٽ متن خان (موٽڻ خان) سان ٿيس. پر شاهه بيگ انهن کان ٽارو ڪندو ٺٽي شهر کان 6 ميل اتر پاسي خانواهه پهتو (معصوم ٺٽي شهر جي ڏکڻ ۾ 3 ڪُروهه غلط ڏنو آهي). ڪنهن هنڌان درياءُ ٽپيو. جتي اهو ٽانگهو هو ۽ ٺٽي ويجهو پهتو. دريا خان فيروز شاهه کي شهر ۾ ڇڏيو ۽ پاڻ سخت جنگ وڙهڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. جنهن ۾ هارايائين. ٺِنگاري بردي قَبطسال ڪيس پڪڙيو ۽ سمن جي ٻين سپاهين سان گڏ تلوار هيٺ آنڌائينس. جام فيروز ڀڄي ويو.

بيگلارنامو ٻڌائي ٿو ته ڪيس پڪڙيائون ۽ ماري وڌائون.

ظَفرُالوَلِيه ٻڌائي ٿي ته ارغونن ڪيس ٺاهه جا شرط طيءِ ڪرڻ لاءِ سڏيو ۽ دوکيبازيءَ سان ماري وڌائونس.

**22 ڊسمبر - 31 ڊسمبر 1520ع / 11 محرم - 20 محرم 927هه:**

دريا خان جي شڪست ۽ مارجڻ کان پوءِ شاهه بيگ ٺٽي ۾ قرمار جي ڇوٽ ڏني ۽ ٺٽي واسين کي دل تي ٻڇڙو ڪيائين.

هي ڪم 10 ڏينهن کان پوءِ قاضي قاضن پاران شاهه بيگ کي منٿ ڪرڻ تي بند ٿيو.

فيروز شاهه جا گهرياتي، جن ٻير عار تي وجي پناهه ورتي هئي، تن جي بچاءَ جو پڻ حڪم ڏنائين. طاهري ٻڌائي ٿي ته ماڻهن سان ٿيل جُٺ ٻڌائڻ کان ٻاهر آهي.

هٿ ٻير هيٺ کي ڏيان ۾ رکي ڏسڻ گهرجي.

معصومي، ص. 113-114.

هيءَ روايت اڳرائيءَ جو الزام شاهه بيگ تي مڙهي ٿي. ٿي سگهي ٿو ته مير قاسم به سنڌ تي حملي جي صلاح ڏني هجيس ۽ پيرائتيون خبرون پهچايون هجنس، پر اهو سڀ ڪجهه شاهه بيگ جون تياريون ڏسي ئي ٿيو هوندو.

هيءَ روايت طاهري واري روايت کان وڌيڪ مڃڻ جوڳي ٿي لڳي. طاهر پاڻ سنڌي هو، سو پڪ سان ماڇين سان ٻيائي هوندس، جن کي ڪجهه ماڻهو اڄ تائين به گهٽ ذات ليکيندا آهن.

درياءَ جو ٺٽي جي اتر مان وهندڙ ڪلري واهڙ هنن ڏينهن ۾ مکيه واهڙ نه رهيو هو، سو ٽانگهو هو.

خان واهه ڪوٽڙي ٻيراج جي ڪلڻ تائين هليو. اُتل تي وهندڙ ڪلري 26 ميل هلڻ کان پوءِ ڪوٽڙي ٻُترو ۽ خان واهه ۾ ورهائجي ٿي ويو. خان واهه اڳتي وڃي گهارو ڪاريءَ ۾ ٿي پيو.

معصومي، ص. 114-115، سنه 926هه ڏنو هي، پر طبقات اڪبري، جلد II، ص. 51، سنه 927هه ڏنو آهي. هن ذريعي 'خرابي سنڌ' يا سنڌ جي شڪست ۾ ابجد ۾ ويڙهي سنه ٻڌائيندڙ سِٽَ ڪم آندي آهي، جيڪا پڻ 927هه ٻڌائي ٿي.

طاهري، ص. 58-59، پڻ ساڳي سِٽَ ڏني آهي، پر انهي مان شاهه بيگ جي مرڻ جو سنه ڪڍيو اٿس ۽ شاهه حسن پاران جام فيروز کي سنڌ مان ڊوڙائي ڪيڻ جو پڻ.

بدايوني جي منتخب التواريخ (ڪولڪتو ڇاپو) f. 75 b، مير معصوم جو نقل ڪيو آهي ۽ سنه 926هه ڏنو اٿس.

معاصر رحيمي، جلد II، ص. 276-277 ۽ 290-291 معصومي تان سنه 926هه ڪنيو آهي، پر ابجد ۾ سنه ويڙهه سِٽَ طبقات اڪبري تان ڪنئي اٿس ۽ سنه 929هه ڏنو اٿس، جيڪو 927هه جي جاءِ تي ڀُل ۾ لکيل ٿو لڳي.

جيئن ته ان کان سُتت پوءِ جام صلاح الدين ٺٽي تي 928هه (1521/22ع) ۾ وري حملو ڪيو، جڏهن جام فيروز معصومي مطابق شاهه بيگ کان مدد ورتي، سو 927هه سنه مڃڻ جوڳو ٿو لڳي.

**جنوري-فيبروري 1521ع / صفر جي پڇاڙي 927ھ:**

شاھ بيگ پنھنجي ڪئمپ ٺٽي مان ٻاهر ڪڍي. ڄام فيروز آڻ مڃڻ آيو، جيڪو قبوليو ويو. سنڌ جا ڀاڱا ڪيا ويا: لکيءَ کان ڏکڻ پاسي لاڙ سنڌ شاھ بيگ جي گورنر ۽ پاڇيدار طور ڄام فيروز کي ڏنائون ۽ اتر سنڌ پنھنجي ملڪ ۾ گڏائي شاھ بيگ جي سڌي سنئين حڪومت هيٺ رکيائون. فيروز شاھ پاڇيدار جي حيثيت ۾ سنڌ جي ٻنهين مان ٿيندڙ اوڳاڙيءَ منجهان شاھ بيگ کي حصو ڏيڻ قبوليو. هن جي ڪري فيروز جو پنھنجي ماڻھن ۾ مانُ ۽ مرتبو ختم ٿي ويو.

معصومي، ص. 115-116.

طاهري، ص. 59.

هن ورهاڱي ۾ اٺن منجهان ڇھ سرڪارون فيروز کي مليون. جيتوڻيڪ علائقي جي حساب سان اتر سنڌ جون ٻہ سرڪارون لاڙ سنڌ جي ڇهن سرڪارن کان وڏيون هيون. ان دور جي سڀ کان سائي سرڪار سيوهڻ پڻ اتر سنڌ سان هلي وئي. اهي سرڪارون هيون:

مظهرِ شاهجهاني ۽ آئينِ اڪبري هنن سرڪارن جا تفصيل ڏنا آهن.

1. **بکر سرڪار**، ٻارهن محال: بکر، اُچ، ماٿيلو، اٻاوڙو، الور، درٻيلو وغيره.
2. **سيوهڻ سرڪار**، نَو محال: سيوهڻ، پاٽ، باغبان، ڪاهان (ڳاها)، لاڪاٽ وغيره.
3. **چاچڪاڻ سرڪار**، ٻارهن محال: چاچڪاڻ، جوڻ، فتح باغ وغيره.
4. **نصرپور سرڪار**، ست محال: نصرپور، امرڪوٽ، هالاڪنڊي، سما-وَلي وغيره.
5. **چاڪر هالا سرڪار**، اٺ محال: چاڪر هالا، غازيپور وغيره.
6. **ٺٽو سرڪار**، ارڙهن محال: ٺٽو، لاڙي بندر، ٻنورو، بهرامپور، ساڪرو وغيره.

**فيبروري جي وچ کان مارچ جو وچ 1521ع:**

**ربيع الاول جي پڇاڙيءَ کان ربيع الثاني جو منڍ 927ھ:**

شاھ بيگ ٺٽو ڇڏڻ کان پوءِ سيوهڻ پهتو.

سهتن (سمن جي نُک، جن منجهان ورهاڱي کان اڳ تائين ٻہ ڪجھ مسلمان هئا ۽ ڪجھ هندو) ۽ سوڍن (پرمار راجپوتن جي نُکَ، جن جي هٿن هيٺ ٿر وارو علائقو ڪيترين صدين کان هليو پئي آيو ۽ اڄ تائين سرحد جي ٻنهي پاسي وڏي هلندي پڄندي اٿن) قبيلن وچن ڪيو تہ ناجائز گهڙي آيلن سان مرڻ گهڙيءَ تائين وڙهبو. رنڊڪن جي باوجود شاھ بيگ سيوهڻ تي قبضو ڪيو ۽ اهو ارغون، ترخان ۽ بيگلار ذات جي چئن عملدارن جي نگرانيءَ ۾ ڏئي ڇڏيائين، هڪ ڪوڪلتاش کي بکر جو نگران پڻ رکيائين، شايد هنن ذاتين جي ماڻھن جو ساٿ پڪو ڪرڻ لاءِ، جن جو مٿس ويساھ بابر جي قنڌار مٿان دٻاءَ سبب ڪهندو ٿي ويو.

تاڃ، جلد ا، ص. 85 n، هنن قبيلن بابت احوال ڏنو آهي.

ٿي ڏينهن پوءِ شاھ بيگ کي ٻڌايو ويو تہ دريا خان جا ٻہ پٽ محمود خان ۽ متن (موٺڻ) خان ۽ هڪڙو ٻيو سمو سردار سارنگ خان پڻ پيش پوڻ لاءِ تيار آهن، پر مخدوم بلاول انهن کي جهلي پيو ۽ وڙهڻ لاءِ همٿائي پيو. انهي

ڪري شاهه بيگ ٺلٽيءَ تي ڪاهه ڪئي، اها قبضي ۾ ڪيائين ۽ ڦريائين. ويڙهه ۾ ڪيترائي سما ۽ سوڍا مارجي ويا.

مخدوم بلاول کي پڪڙيو ويو ۽ سزا ڏني وئي (يعني ڪيس قيد رکيو ويو هوندو، ايذاءَ ڏنا ويا هوندا ۽ چُڙي مرڻ لاءِ ڦٽو ڪيو ويو هوندو، جيڪڏهن ڪيس جيئري گهاڻي ۾ پيڙايو نه به ويو هوندو ته. جيئن سنڌ جا ماڻهو خاص ڪري باغبان وارا سمجهن ٿا، جتي اهو پوريل آهي).

معصومي، ص. 116 ۽ 117.

معصومي، ص. 198 ۽ 199، تحفت الڪرام، جلد III، سندس آتم ڪٿا ڏني آهي ۽ موت جو سنه 919هه ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي. مِيار f. 426 a مطابق سندس موت 929هه (1522/23ع) ۾ ٿيو.

مخدوم بلاول جي قبر دادو شهر کان 6 ميل اتر-اولهه پاسي باغبان ويجهو آهي ۽ اتي هر مهيني جي پهرئين جمع تي ميڙ ٿيندو آهي. ٺٽي ويجهو ناهي، جيئن ڪجهه تاريخدان ٻڌائين ٿا.

**1520/21ع / 927هه:**

مخدوم جعفر بوبڪائي جي مرڻ جو ممڪن سنه، جيڪو شاهه بيگ جي سنڌ تي ڪاهه وقت جيئرو هو.

تحفت الڪرام سنه 920هه ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي، ڇو ته شاهه بيگ جي پهرين ڪاهه 926هه ۾ شروع ٿي.

**1521ع / 927هه:**

شاهه بيگ بابر سان واعدو ڪيو ته هو اڳلي سال يعني 928هه (1522ع) ۾ قنڌار سندس حوالي ڪري ڇڏيندو.

اِرسڪائين، جلد I، ص. 355.

بيورِج، بابر نامه، جلد I، ص. 432-433.

ڊاڪٽر دائودپوٽي معصومي ۾ ص. 310 تي اصل نسخي ۾ ص. 11 تي ڏنل معصومي واري سال 922هه بجاءِ سال 927هه مجيو آهي.

شاهه بيگ جا سنڌ ۾ پوءِ وارا قدم بابر جي قنڌار مٿان دٻاءَ ۽ اهو ڪسجي وڃڻ جي ڊپ هيٺ هئا.

شاهه بيگ پاران سنڌ تي حملي جي ڪارڻ بابت معصومي جي راءِ بلڪل ٺوڙيل مروڙيل آهي.

سندس پنهنجا ئي قدم ثابت ڪن ٿا ته هي واعدو تڏهن ڪيائين جڏهن سنڌ هٿ ڪري وٺڻ جي پڪ پانيائين ۽ هڪ سال جو واڌو عرصو ان کي پوري طرح فتح ڪري وٺڻ ۽ قبيلن کي مات ڪري وٺڻ لاءِ ٿي وٺڻ گهريائين.

**1521ع / 927هه:**

قاضي سيد شُڪرالله پٽ وجيهه الدين پٽ سيد نعمت الله پٽ سيد عارب شاهه حسيني دستڪي، شاهه بيگ جي حڪمن تي قنڌار مان ٺٽي آيو. هي قنڌار ۾ هرات مان 906هه (1500/01ع) ۾ لڏي آيو هو.

تحفت الڪرام، ص. 193.

طاهري، ص. 14.

**نومبر 1521ع / 927هه پڇاڙي:**

ڄام صلاح الدين 10،000 گهوڙيسوار گڏ ڪيا، جن ۾ جاڙيجا (راجپوت سمجهيا ويندڙ سمن جي هڪ نُکَ، ڪڇ ۾ آباد ۽ جتي اهي گهڻو ڪري سومرن سان اٽبٽت ڪري لڏي ويا هئا) سوڍا، سما ۽ ڪنگهار شامل هئا ۽ ٺٽي تي قبضو ڪرڻ لاءِ وڌيا. ڄام فيروز سيوهڻ ڀڄي ويو. صلاح الدين ٺٽي تي قبضو ڪري ورتو. ڪڇي لشڪر کي سيڌو سامان ڪنگهار رسايو، جنهن جو انوقت گهڻي ڀاڱي ڪڇ تي ڪنٽرول هو.

ڄام فيروز شاهه، هاڻ ارغونن جي ڀاڃيدار، شاهه بيگ جي سيوهڻ ۾ عملدارن کي قصو ٻڌايو ۽ مدد لاءِ عرض ڪيو. انهن هن ڳالهه جو ڄاڻُ شاهه بيگ کي ڪيو.

جاڙيجي سمي سردار ڪنگهار ڏکڻ سنڌ جي ٻن دنگئي چوڪين رهمڪي

معصومي، ص. 117-118.

قبيلائي حسب نسب ٽاڊ پنهنجي 'دي ائنلز اينڊ اينٽيڪُئٽيز آف راجستان'، جلد I، ص. 78-79 تي ڏنا آهن.

بَرجيس، آرڪيالاجيڪل سروي آف ويسٽ انڊيا، ڪڇ اينڊ ڪاٺياواڙ، ص. 195.

گزيٽيئر آف بمبئي پريزيڊنسي، جلد V، ڪڇ وغيره، ص. 57.

برنس جيمس، 'وزٽ ٽو دي ڪورٽ آف سنڌ'، ص. 147-235.

رانڇوڙجي اَمرجِي، 'تاريخ سورٺ'، انگريزي ترجمو برجيس، جي. اي.، 'هسٽري آف ڪڇ اينڊ گجرات'، بمبئي، 1882، ص. 240-241.

وِليَمس.

بازار ۽ ويراواهه تي قبضو ڪري ورتو ۽ سنڌ سان ڪؤنسڻ لڳو. جو ته جام فيروز ڪنگهار جي ڪڇ ۾ ويري راول جو ساٿ ڏنو هو. هنن چوڪين تي قبضو ڪرڻ جو مقصد راول کي سنڌ مان ملندڙ مدد بند ڪرڻ هو.

**14 ڊسمبر 1521ع / 14 محرم 928هه:**

ڄام فيروز جي صلاح الدين خلاف مدد ڪرڻ لاءِ شاهه حسن پنهنجي پيءُ شاهه بيگ جي حڪمن تي شال (ڪوئيٽا) مان نڪتو ۽ 20 ڏينهن ڪان پوءِ سيوهڻ پهتو. جتي ڪيس ڄام سارنگ خان، راڻو سوڍو ۽ ٻيا سامهون ٿيا، جن ٽلتيءَ ويجهو ڪاهيون ڪوٽي چڏيون هيون. پر شاهه حسن انهن سان وڙهڻ بجاءِ دڳ مٽائي جوڻ ۾ ديرو ڄمائي ويٺل ڄام صلاح الدين سان وڙهڻ لاءِ نٽي ڏانهن وڌيو.

معصومي، ص. 117-119، سال 927هه (ڊسمبر 1520ع) ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي.
بيگلارنامي، 17 محرم 927هه ڏنو آهي.
معاصر رحيمي، جلد II، ص. 276، سال 928هه ڏنو آهي، پر ص. 292-293 تي معصومي واري ڳالهه ڪئي اٿس.
طبقات اڪبري، جلد III، ص. 518-519، سال 928هه ڏنو آهي.
ظَفرُالوَلِيهِ پڻ 927هه ڏنو آهي.

# سمن جو سنڌ ورائي وٺڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ

**فيبروري جو منڍ 1522ع / صفر جي پڇاڙي يا ربيع الاول جو منڍ 928هه:**

ڄام صلاح الدين سمي کي چيلهار ويجهو شاهه حسن ارغون سان جنگ ۾ حامد ساربان ماري وڌو. پٽس هيبت خان (بيگلارنامي ۾ فتح خان) پڪڙجڻ کان پوءِ مير خوشي محمد بيگلار کيس مارڻ جو حڪم ڏنو. شاهه حسن جي ماڻهن کيس ڄام فيروز کي پڻ مارڻ جي صلاح ڏني، پر انهي کان ڪجهه وقت لاءِ تارو ڪيو ويو. فيروز لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها ڳالهه محسوس ڪري وجهه وٺي ڪڇ ڏانهن ڪسڪي ويو، پر سُتت ئي موٽي آيو.

صلاح الدين جي موت جو هڪڙو اثر اهو ٿيو ته ڪڇ جي وڏي حصي تي قابض جاڙيجي سردار ڪنگهار سان لاڳاپا پراڻي حالت ۾ اچي ويا. ٿي سگهي ٿو ته فيروز شاهه کي ڪنگهار بچايو هجي، پنهنجي ويري راول خلاف سنڌ جو ساٿ ڪٽڻ لاءِ. نه ته جيڪر فيروز شاهه رهمڪي بازار ۾ ويراواهه وارا سُکيءَ جا ڏڱ وٺي سولائيءَ سان ڪڇ ڏانهن نه ڪسڪي سگهي ها، جيڪي ڪنگهار جي قبضي ۾ هئا. راول کي سنڌ مان ملندڙ ساٿ چنڻ کان پوءِ تڪڙ پڪڙ ۾ ڪيس پنهنجي علائقن مان ڌڪي ڪڍيائين، پر اهو پنهنجي قلعي ۾ 1540ع تائين ويٺو رهيو، تڏهن نوا نگر تي قبضو ڪيائين ۽ نوا نگر جا ڄام نالي سان نئون جاڙيجا سما راڄ گهراڻو ٺاهيائين، جنهن جون 1948 تائين راڄ ڪيو.

**مارچ 1522ع / ربيع الثاني 928هه:**

ڄام صلاح الدين جي شاهه حسن هٿان شڪست (۽ موت) کان پوءِ شاهه بيگ پهتو ۽ باغبان ويجهو ترسيو ۽ شاهه حسن کي اعزاز ڏيڻ لاءِ اتي گهرايائين. باغبان جي اوسي پاسي رهندڙ سمورن ماڇين کي مارڻ جو حڪم پڻ ڏنائين، جو ته اهي نافرمان ٿي ويا هئا. انهن جا مال ملڪيتون قريا ويا ۽ گهر ۽ محل ڊاهي پٽ ڪيا ويا.

شاهه بيگ ڄام فيروز شاهه کي پڻ ڄاڻُ ڪيو ته سندس ارادو گجرات فتح ڪرڻ جو هو. (هي ظاهر آهي ڪڇ جي قبيلن کان پلاند وٺڻ لاءِ هو، جن صلاح الدين جو ساٿ ڏنو هو ۽ سلطان مظفر کان پلاندوٺڻ لاءِ پڻ).

گهٽا ماڇي پڪ سان شاهه بيگ جي اُرهه زوراڻيءَ کان بچي ويا هوندا، جو ته باغبان ۽ به ميل پنڌ تي بهاولپور جي اوسي پاسي اچا تائين ماڇين جا ڪوڙ

بيگلار نامه، ص. 12، 13، 17.

معصومي، ص. 119-120 ۽ 230.

طبقات اڪبري، جلد III، ص. 518-519 ۽ جلد II، ص. 35، سال 928هه ڏنو آهي.

معصومي جاءِ جو نالو جوڻ ڏنو آهي، پر بيگلارنامي وارو چيلهار وڌيڪ ويساهڻ جوڳو ٿو لڳي، جو ته لکڻ وارو خوشي محمد بيگلار پاڻ مارڻ وارن جي قبيلي جو هو.

هيبت خان جي زال مظفر شاهه جي راجپوت زالن منجهان هڪ جي ڌيءُ هئي. انهن ٻن زالن جا نالا لَکَمر بائي ۽ راڄ بائي آهن. صلاح الدين پاڻ پڻ سلطان مظفر جي ڌيءُ پرڻيو هو.

مِراتِ سڪندري، ص. 218، وري چوي ٿي ته فتح خان پنهنجي پيٽيوئي سڪندر جي 932هه (1525/26ع) ۾ مارجڻ وقت گجرات ۾ هو ۽ سلطان محمود جي اطاعت جو قسم نه کڻڻ وارن ۾ فتح خان به شامل هو. بيگلار نامي صلاح الدين جي پٽ جو نالو هيبت خان بجاءِ فتح خان ڏنو آهي.

هيبت خان جي زال رُقيه سلطان مظفر جي ڌيءُ ۽ سلطان محمود-پهرئين جي پيڻ هئي، جيئن مِراتِ سڪندري، ff. 177 b، 187 b، 188 b، ٻڌايو آهي.

ظَفرُالوَليهه، ص. 138.

ظَفرُالوَليهه، ٻڌائي ٿي ته سلطان مظفر جي مرڻ کان پوءِ فيروز شاهه سنڌ جي ڪجهه ڀاڱن تي قبضو ڪري ورتو، پر جڏهن ارغونن موٽ ڏنس ته گجرات ڀڄي ويو. سلطان بهادر بن مظفر سندس سنئي آجيان ڪئي. هي واقعو 935هه (1528/29ع) ۾ ٿيو.

معصومي، وري ٻڌائي ٿي ته شاهه حسن فيروز کي ڏاڍو پائيندو هو ۽ ڪيس هٽائڻ جو ڪو ارادو نه هئس. واقعاتي ثبوت هن راءِ جي ابتڙ آهن.

معصومي، ص. 120-121، سال 927هه ڏنو آهي.

سارا ڳوٺ آهن.

شاهه بيگ قنڌار ڇڏڻ جو پڪو پهه ڪري چڪو هو ۽ بابر ان تي قبضو ڪرڻ جو. شاهه بيگ جو هي باغبان وارو قدم پڪ سان پنهنجي ماڻهن ڪي اتي وسائڻ لاءِ هوندو، جيڪي اڳيئي اتي ٻارين ٻچين پهچي چڪا هئا.

**اپريل-مئي 1522ع / جمادي الاول-جمادي الثاني 928هه:**

شاهه بيگ بکر ۾ پهتو ۽ لالي مهر ۽ سنڌس ماڻهن کي مارڻ جو حڪم ڏنائين ۽ مختلف ڳوٺن جي 47 ڌاريجا چڱن مڙسن کي پڻ مارڻ جو حڪم ڏنائين، جيڪي ٿورو اڳ ڪيس مانُ ڏيڻ وٽس آيا هئا، پر سنڌس بکر جي گورنر کي سامهان ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئائون. انهن کي رات جي وقت ماريو ويو ۽ انهن جا مڙهه قلعي جي بُرج تان هيٺ اڇلايا ويا، جيڪو انهي ڪان وٺي خوني بُرج سڏجي ٿو.

قلعي ۾ وينل سيدن کي پڻ لڏائڻ جو حڪم ڏنو ويو، پر انهن کي روهڙي شهر ۾ ويهڻ جي موڪل ڏني وئي.

قلعي جا اندريان گهر سنڌس اميرن ۽ عملدارن کي ڏنا ويا. الور جي قلعي کي ڍهرائي انهي جون سرون بکر قلعي کي نئون ڪرڻ لاءِ ڪم آنديون ويون ۽ قلعي جي پاسن سان رهندڙ سمن ۽ ترڪن جا گهر پڻ انهي مقصد لاءِ ڍهرايا ويا.

**1 سيپٽمبر 1522ع / 13 شوال 928هه:**

شاهه بيگ قنڌار جون چاٻيون بابر حوالي ڪيون.

**1522ع / 929هه:**

مخدوم بلاول باغبان واري جو موت، اتي ئي پوريل آهي. هن شاهه بيگ ارغون سان مهاڏي جي تياري ڪئي هئي. سنڌس مريدن ۾ حيدر شاهه سنائي شامل هو.

**1523ع / 929هه وچ کان پڇاڙيءَ تائين:**

شاهه بيگ پنهجي سپاهين جو جٿو بکر مان بلوچن جي 42 ڳوٺن ۾ ڀهروپيا ٿي رهڻ ۽ ڪنهن مقرر ڏينهن ۽ وقت تي سڄي ڳوٺ کي تباهه ڪرڻ لاءِ موڪليو. ائين انهن ڳوٺن جي ماڻهن کي بيخبريءَ ۾ ماريو ويو.

معصومي، ص. 112-124.

بکر جا سيد، سيد محمد مڪي جا پونير هئا، جيڪو يمن مان سنڌ آيو هو ۽ بکر جو بنياد وڌو هئائين، جتي پاڻ 644هه (1246/47ع) ۾ مري ويو، جيئن تحفت الڪرام ٻڌائي ٿو.

ڌاريجا سما هئا ۽ هنن ٻي ڏوهي ماڻهن جو ڪوس ماڻهن ۾ ڍڪاءُ پکيڙڻ لاءِ ڪيو ويو، جيڪي منگولن خلاف اٿيا هئا. شاهه بيگ سبيءَ تي قبضو ڪرڻ ڪان وٺي لاڳيتا ست سال بيوس ۽ بي ڏوهي ماڻهن کي مارڻ ۽ ڦرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڪيو. نفسيات جا ڄاڻو ڪيس sadist يعني ٻين کي ايذائي راحت پائيندڙ مڃيندا.

ڊاڪٽر دائودپوٽي معصومي ۾ ص. 310، تي معصومي جي ص. 111 ۽ 112 تي ڏنل سال 923هه جي ابتڙ هي سال مڃيو آهي.

بيورِج، بابر نامه، ضميمو، J. XXX، II. XXXV ۽ جلد I، ص. 432، سال 928هه ڏنو آهي.

مڪلي نامه ۽ تحفت الڪرام غلط ٿا چون ته هي شيخ حماد جماليءَ ويجهو مڪليءَ ۾ پوريل آهي. معصومي، ص. 198-199، تحفت الطاهرين، ص. 31-31. حديقت الاولياء، ص. 79-81، ۽ تحفت الڪرام سنڌس آتم ڪٿا ڏني آهي. تَر ۾ مشهور روايت ته ڪيس شاهه بيگ جيئري گهاٽي ۾ پيڙايو هو، جي ڪو همعصر ذريعو پٺڀرائي نٿو ڪري. ڪنڊر ڪاٽي کي سنڌس قبر کوٽڻ جي موڪل ڏني وڃي، جيئن روس وارن تيمورلَنگ جي منڊو هجڻ ۽ عُلول بيگ جي سسي وڍيل هجڻ جي پڪ ڪرڻ واري معاملي ۾ ڪيو هو. حديقت الاولياء تصديق ڪئي آهي ته باغبان ۾ پوريل آهي.

معصومي، ص. 124 ۽ 125.

ڳوٺن يا سرڪارن جا نالا ڏنل ناهن. مظهر شاهجهاني ٻڌائي ٿي هاٽوڪي چانڊڪا پرڳڻي ۾ بلوچن جا گهاٽا گهاٽا ڳوٺ هئا. جيڪب آباد ضلعو بلوچن اٺويهين صديءَ جي وچ ڪان پوءِ وسايو. اپاوڙي جي اتر ۾ ٿوريون بلوچ وسنديون هيون، پر بکر ۽ انهن جاين جي وچ تي ڏهر ۽ مهر رهندا هئا، جيڪي اجا مات نه ٿيا هئا. سبي محال وارا بلوچن جا ڳوٺ هڪبئي ڪان

**1523ع / 930هه:**
هالاڪنڊي جو صوفي مخدوم احمد مري ويو.

**نومبر 1523ع / سياري جي شروعات 930هه:**
شاهه بيگ بکر ۾ هوندي پائنده محمد خان کي بکر جو گورنر ڪري رکيو ۽ پاڻ وڏو لشڪر وٺي گجرات فتح ڪرڻ جي ارادي سان ڏکڻ پاسي هليو ۽ سيوهڻ ويندي واٽ تي سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان رهندڙ قبيلن کي سزا ڏنائين. سيوهڻ ۾ 15 ڏينهن ترسڻ ۽ اتان جي ماڻهن کي تپائي تاراج ڪرڻ کان پوءِ لاڙ سنڌ ڏانهن وڌيو. حيدرآباد کان 30 ميل ڏکڻ-ايرندي پاسي اگهمر (اگهاماٽي) تائين پهچڻ ۾ 7 کان 8 مهينا لڳس.
ڏسجي ائين ٿو ته سمن کي مات ڪرڻ لاءِ سنڌو درياءَ جي کابي ڪنڌي ڏئي پئي هليو (جيڪا اڳلن 150 سالن تائين سمن جو مضبوط ڳڙهه رهي). تي سگهي ٿو ته متان نئين تي پڻ اوچتو قبضو ڪرڻ جو ارادو هجيس ۽ سعيو ڪري اهو گس ورتو هجيس. سمن جا مضبوط ڳڙهه به ٽي سگهي ٿو ته ڄام فيروز کي ملندڙ ساٿ چنڻ جي ئي ارادي سان تباهه ڪيا هجنس.

**26 جون 1524ع / 22 شعبان 930هه:**
شاهه بيگ اگهاماٽي ۾ مري ويو. انهي رات ئي اميرن ۽ چگن مڙسن پٽس مرزا شاهه حسن جي اطاعت جو قسم کنيو. ٽي سال پوءِ شاهه بيگ جو مڙهه پورڻ لاءِ مڪي موڪليو ويو.
سندس موت اها خبر ٻڌڻ کان سُتت پوءِ ٿيو ته بابر هند فتح ڪرڻ جي نيت سان پيرا ۽ خوشاب جي پرپاسي پهچي چڪو هو.
هن خبر سان ڊپ ورائي ويس ته بابر ڪانئس قنڌار وانگر سنڌ به خالي ڪرائيندو، جنهن جي ڪري دل جو دورو پيس ۽ مري ويو.

**آگسٽ 1524ع / رمضان 930هه:**
ڄام فيروز شاهه شاهه حسن ارغون ڏانهن ايلچي موڪلي پٽس جي مرڻ تي ڏک جو اظهار ڪيو. فرمانبردار رهڻ ۽ سني چال چلت جي پڪ ڏيارڻ لاءِ

گهٽو وٽيرڪا هئا ۽ انهن کي مات ڪرڻ ڪنهن ڏارئي جي بلڪل وَس جي ڳالهه نه هئي، جن تي اهي اجا تائين شڪ ڪندا آهن ۽ پنهنجي ڳوٺن ۾ گهڙڻ نه ڏيندا آهن. سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪو به ماڻهو 'مسافر' جي ويس ۾ گهڙي سگهي ٿو ۽ ٻيو نه ته ڏهن ٻه پڇاڙيءَ ۾ ڪنهن مسجد ۾ ته سِر لڪائڻ جي جاءِ ملي ئي ويندس. ڪڇي ۽ سبي جي بلوچن کي چٽڻ لاءِ خصوصي طور شاهه حسن کي اچڻو پيو هئو. سو هن پيري تباهه ڪيل بلوچن جا 42 ڳوٺ پڪ سان چانڊڪا ۾ هوندا.

حديقت الاولياء، ص. 100، هن جو سنه 935هه (1527ع) ڏنو آهي. محبوب علي چنا، مهراڻ، جلد 14، نمبر 4، ص. 35، سنه 930هه ڏنو آهي.

معصومي، ص. 125-126.

مظهر شاهجهاني سمن جي هنن مضبوط ڳڙهن ۽ سندن لاڳيتي جدوجهد، ويندي 110 سال پوءِ تائين، جا تفصيل ڏنا آهن.

معصومي، ص. 126، 127 ۽ 141، ابجد ۾ ويڙهي تاريخ ٻڌائيندڙ سِٽ 'خرابي سند' آذار سال 928هه ڪڍيو آهي ۽ انهي مطابق تاريخون ٺهڪايون اٿس.
هوديوالا، جلد I، ص. 125، پانئي ٿو ته سال 930هه آهي.
طبقات اڪبري، جلد III، ص. 520، هن جو سنه 930هه ڏنو آهي.
فرشتا، جلد II، ص. 621، نظام الدين وارو سنه ڏنو آهي.
بيورِج، بابر نامه، ص. 437، پڻ سال 930هه ڏنو آهي. هن جي چند ڇاڻ جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي (1914)، ص. 293-308 تي ڪئي اٿس.
ڊاڪٽر دائودپوٽي، ص. 314، معصومي جي روايت نه مڃي آهي ۽ 930هه مڃيو اٿس.
بيگلارنامه، ص. 15.
ٻئي ڄايون 925هه (فيبروري 1519ع) ۾ فتح ٿيون ۽ بابر 5 سال پوءِ هندستان فتح ڪرڻ آيو. اهو جهلم ربيع الاول 930هه (22 جنوري 1524ع) ۾ ٽپيو.

معصومي، ص. 142.
معصوم ٻڌائي ٿو ته ڄام فيروز جي هنن ايلچين شاهه حسن کي پنهنجي

سوڪڙيون پڻ موڪليائينس. اهي ٻہ ايلچي هئا حافظ راشد خوش نويس (ڄام نظام الدين ۽ ڄام فيروز جو) ۽ قاضي حاجي مفتي.

مُنهن ڀڃايو تہ سنڌن هي اچڻ رڳو ٻاهريون ڏيکاءُ آهي ۽ اصل ۾ ڄام جنگ جي تياري پيو ڪري.
هي اٽيٽيُو آهي، ڇو تہ سنڌ جا ماڻهو ارغونن آڏو گوڏا کوڙڻ جي ڪري ڄام کان ڦري چڪا هئا ۽ منجهس جنگ وڙهڻ جيتري سگهہ نہ رهي هئي.
بيگلارنامہ، ص. 12 ۽ 13، ٻڌائي ٿو تہ 928ھ ۾ چيلهار وٽ صلاح الدين ۽ پٽس جي هارائڻ ۽ مارجڻ کان پوءِ شاهہ حسن کي ڄام فيروز کي پڻ مارڻ جي صلاح ڏني وئي هئي. انهي وقت اها صلاح رد ڪئي وئي هئي، ڇو تہ سموري اتر سنڌ ارغونن سان وڙهڻ جي تيارين ۾ هئي، جيئن ڪجهہ واقعن مان لڳي ٿو، ۽ ان ڪري فيروز شاهہ خلاف قدم کنهن ٻئي وقت لاءِ ٽاريو ويو هو. اهڙن پلي ساک رکندڙ ايلچين پاران شاهہ حسن کي پنهنجي مُنهن ٻڌائڻ هٿ جي گهڙيل ڪهاڻي ٿي لڳي، پوءِ اها شاهہ حسن ۽ سندس ساٿين جي گهڙيل هجي يا معصوم جي.
طاهري، ص. 59 ۽ 66، ٻڌائي ٿي تہ ڄام فيروز نڪو شاهہ حسن ڏانهن ڏک ونڊڻ لاءِ ڪو موڪليو هو ۽ نہ تخت سنڀالڻ تي مبارڪ جو پيغام. انهي تہ بغاوت جو فيصلو ڪيو هو. نتيجي ۾ شاهہ حسن سنڌ تي حملو ڪيو. هيءَ ڳالهہ ظَفرُالوَلِيه جي فيبروري 1522ع داخلا واري ڳالهہ سان بہ ملي ٿي.

**30 آگسٽ 1524ع / 1 شوال 930ھ:**

شاهہ حسن کي نصرپور ۾ پڳ ٻڌرائي وئي.

معصومي، ص. 142، لکي ٿي تہ پنهنجي نالي سان خطبو پڙهجڻ تي راضپو نہ ڏيکاريائين ۽ ان بدران ظهيرالدين بابر بادشاهہ جي نالي سان پڙهجڻ لاءِ چيائين. ٿي سگهي ٿو ائين نہ هجي، ڇو تہ بابر اجا تيستائين ڏکڻ ايشيا ۾ پير نہ کوڙيا هئا ۽ 11 سال اڳ پٽس کي بيوس تي قندار بابر کي ڏيٽو پيو هو.
سندس همايون سان ورتاءُ پڻ پڌرو ڪري ٿو تہ هي تيمورين سان ايڏي سچائي نٿي ڏيکاري سگهيو. معصوم ٿي سگهي ٿو تہ اهو پنهنجي سائنن يعني بابر جي پونيرن کي خوش ڪرڻ لاءِ لکيو هجي.

**2 سيپٽمبر 1524ع / 4 شوال 930ھ:**

شاهہ حسن ڄام فيروز کي ڇٽڻ لاءِ نصرپور کان ٺٽي ڏانهن هليو. سندس پهچڻ جو ٻڌي ڄام فيروز ٺٽو ڇڏيو (گهٽو ڪري انهي ئي مهيني) ۽ درياءُ ٽپي ويو. هي هاڻ بگهاڙ ۽ سنڌو درياءَ جي ريڻ واهڙ جي وچ تي هو.

معصومي، ص. 142، ٻڌائي ٿي تہ شاهہ حسن عيد کان پوءِ هليو، جيڪا عام طرح ٿي ڏينهن ملهائبي آهي.

**سيپٽمبر 1524ع / شوال 930ھ:**

شاهہ حسن درياءُ (کلري واهڙ) ٽپيو ۽ ٺٽي تي قبضو ڪيائين. ٽپندي مهل ڄام فيروز جو ناٿي ماٽڪ بحري فوج جي جٿي سان ارغونن کي سامهون ٿيو، پر اهو جٿو مهندار سميت يا مارجي ويو يا ڀڄي ويو.
اها خبر ٻڌي ڄام فيروز ڪڇ جي سمن قبيلن وٽان لشڪر هٿ ڪرڻ لاءِ اوڏانهن ڀڄي ويو. هن پيري جاڙيجي سمي سردار ڪنگهار تي ئي ڀاڙي ٿي سگهيو، جنهن کي پڻ راول مان جند ڇڏائڻ ۽ وجهہ ملڻ تي گجرات کان آزادي وٺڻ لاءِ سنڌ جو ساٿ گهربو هو.

سنڌو درياءَ جا انوقت ٽي واهڙ هئا. هڪ ريڻ، جيڪو مُک وهڪري کان ٽندي محمد خان ۽ ماتليءَ جي وچ تي ڇڇي ڪوري ڪاريءَ ڏانهن ٿي وهيو. ٻيا ٻہ هئا کلري ۽ بگهاڙ. بگهاڙ مُک واهڙ هو ۽ کلري نندڙو ٽانگهو واهڙ هو، جنهن مان خان واهہ جو مُنهن هو.

**930ھ:**

مرزا شاهہ حسن تخت سنڀالڻ کان سُتت پوءِ بابر جي وڪيل (وزيراعظم)

معصومي، ص. 147، ڪو سنہ نہ ڏنو آهي، پر هي واقعو بابر پاران هندستان

مير خليفا جي ڌيءُ گلبرگا بيگم سان شادي ڪئي. مگڻو 925هه (1519ع) ۾ بابر جي اجازت سان ٿيو هو، جنهن انهي کي ياٿس حسام الدين مِيرَڪ وٽ سنڌ موڪليو هو، جنهن کي پاٽ ۽ باغبان جا ضلعا (هاٽوڪا دادو ۽ جوهي تعلقا ۽ ڪڪڙ تعلقي جو ڪجهه ياگو) جاگير ۾ مليل هئا.

فتح ڪرڻ کان پوءِ ڏنو اٿس ۽ اهو ٿيندو 932هه، جيڪو غلط آهي.
بيورِج، بابرنامہ، جلد I، ص. 366 ۽ همايون نامہ، ضميمو A، ص. 230 تي مگڻي جو سنہ ڏنو آهي.
همايون نامہ، ص. 37-129 ۽ فٽ نوٽ 159-230، ٻڌائي ٿو تہ شادي ٻن سالن کان پوءِ ٺٽي وٺي ۽ لڳي ٿو تہ گلبرگا بيگم کي همايون جي حرم ۾ قبول ڪيو ويو، پوءِ زال ڪري يا سُريت ڪري. مسز بيورِج مطابق شاهہ حسن جي همايون سان وير جو ڪارڻ اهو هو.

**سيپٽمبر پڇاڙي 1524ع /**

**شوال جي پڇاڙي يا ذي القعد جي اڳياڙي 930هه:**

شاهہ حسن ٺٽي ۾ گهڙيو ۽ عام ڪوس جو حڪم ڏنائين، ان حد تائين بربريت ڪئي وئي جو پيٽ سان عورتن جا پيٽ چيريا ويا ۽ انهن منجهان ڪچا ٻار تيرن جي چهنبن سان ڪڍيا ويا. کهڙي بہ عمر جي ڪنهن بہ نَر ياتيءَ کي بخش نہ ڪيو ويو. سمن جي عورتن ۽ ٻارن مان گهڻن منگولن جي ڊپ کان سنڌو درياءَ ۾ ٽپا ڏنا ۽ ٻڏي مري ويا ۽ جيڪي بچيا تن کي قيد ڪيو ويو ۽ انهن سان اها جُٽ ڪئي وئي جو طاهر نياسي چواڻي: ”خدا شل اهڙو ڏينهن ڪنهن مسلمان يا ڪافر کي نہ ڏيکاري“.

طاهري، ص. 68 ۽ 62.

**ڊسمبر 1524ع کان فيبروري 1525ع / 931هه اڳياڙي:**

ٺٽي مان ڪڇ وڃي ڄام فيروز ڄاڙيجن سمن ۽ ٻين قبيلن مان 50،000 گهوڙيسوارن ۽ پيادن جو لشڪر گڏ ڪيو. انهن کي بهترين نموني هٿياربند ڪيائين ۽ شاهہ حسن سان وڙهڻ لاءِ رحمان ڳوٺ (رهمڪي بازار، ڪوري ڪاريءَ تي رڻ ڪڇ جي ڪور تي، ڪڍڻ کان 30 ميل ڏکڻ ۾) ۽ چاچڪاڻ (بدين-ٽنڊي باگي وارو علائقو) جي ڳوٺن ۾ پهتو. شاهہ حسن بہ لشڪر گڏ ڪيو ۽ جنگ واري هنڌ ڪاري ڪبڙلو پهتو.
فيروز شاهہ جولشڪر، هڪ آپگهاتي جٿو، گهوڙن تان لٿو، پنهنجا پٽڪا لاهي چيلهين سان ٻڌائون ۽ انهن جا پَلوَ هڪٻئي سان ڳنڍيائون ۽ ڇتي جنگ وڙهيا، پر هارايائون، ٻنهي پاسن جا 20،000 ماڻهو مئا. شاهہ حسن جنگ ۾ ڪنڊڙيل مال ميڙڻ ۽ ورهائڻ لاءِ ٽي ڏينهن جنگ واري هنڌ تي ترسيو. فيروز شاهہ ڪڇ ڏانهن پڇي ويو.
آپگهاتي جٿو خاص هندو راجپوتن جو جٿو هوندو آهي.اهي سپاهي پڪ سان ڪڇ جي ڄاڙيجي سمي سردار ڪنگهار ڏنا هوندا. رهمڪي بازار ۽ ويراواهہ پڻ انهي جي ڪنٽرول هيٺ هئا.
ڪنگهار کان پلاند وٺڻ لاءِ اڳتي هلي شاهہ حسن کي ڪڇ تي ڪاهہ ڪرڻي پئي.

معصومي، ص. 143-144، ٻڌائي ٿي تہ ڪڇ ڏانهن پڇي ويو، پر ٻيا تاريخدان چون ٿا تہ گجرات پڇي ويو. پوئين روايت اٽڪيٽي ٿي لڳي، ڇو تہ سلطان مظفر شاهہ بہ پيرا سندس خلاف صلاح الدين جي مدد ڪئي هئي، سو گهٽو ڪري ڪڇ ۾ وڃي پناهہ ورتي هوندائين. رڻ ڪڇ کي اُڪرڻ جو موزون ترين وقت نومبر کان فيبروريءَ تائين هوندو، تنهنڪري جنگ انهن مهينن دوران لڳي هوندي. ائين فيروز شاهہ کي 50،000 سپاهي گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي هٿياربند ڪرڻ لاءِ اٽڪل 4 کان 6 مهينا مليا ويا هوندا.
تحفت الڪرام، ص. 115 ۽ معاصر رحيمي، جلد II، ص. 297 ۽ 298 ٻڌائين ٿا تہ لشڪر گجرات مان هٿ ڪيائين، جيڪو غلط آهي. لشڪر پڪ سان ڪڇ، چاچڪاڻ ۽ لاڙ سنڌ جي ٻين ياڳن مان ڪڍيو هوندائين.
هيگ، انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص. 88-90 ۽ فٽ نوٽ 109، جنگ واري هنڌ کي ڪاري ڪبڙلو ڪري سڃاتو آهي.
ترخان نامہ، ص. 26، معصومي سان متفق ناهي ۽ چوي ٿو تہ گجرات ويو هو.

**مارچ-سيپٽمبر 1525ع:**

شاهہ حسن ٺٽي ۾ 6 مهينا رهيو ۽ تغلق آباد قلعي ۾ ترسيو.
طاهر نِياسي ٻڌائي ٿو تہ انهي عرصي دوران سمن مٽان ڏهڪاءُ پکيڙيائين (لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو اصل سنڌي آبادي راجپوت نسل جي سمن قبيلن مان آهي). ڏاهن، عالمن، چگن ۽ جوڌن کي ڳوناٽا ۽ ڪڙمي ٻٽايو ويو ۽ ٻين

طاهري، ص. 63 ۽ 64.
هي قلعو ڄام تغلق پراڻي قلعي جي جاءِ تي ٺهرايو هو، جيڪو ڪنهن راجا ڪلا جي نالي پنيان ڪلا ڪوٽ سڏبو هو. جيتوڻيڪ اهو نالو تي سگهي ٿو مڪلي ٽڪريءَ تي هڪ غار ۾ موجود ڪالي ديويءَ جي تيرٿ تان پيو

ڪي وري نيچ ۽ اڇوت ڌنڌن تي لاتو ويو. ان ريت انهن کي تلوار بدران هَرُ ۽ گهوڙي بدران ڏاند ڏئي خودي ۽ عزت نفس کان محروم ڪيو ويو. جنهن ان غلاميءَ تي مُنهن گهنجايو، تنهن کان جيئڻ جو حق ئي ڦُريو ويو. ڍڪاءَ جي حد اها هئي تہ منگولن تي اک پوندي ئي مايون ٻار ڪيرائي ويهنديون هيون.

نتيجي ۾ وڏي پيماني تي سنڌي ڏاها، بزرگ هستيون ۽ واپاري ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، برهانپور ۽ عربستان ڏانهن لڏي ويا.

هجي. اها ٺٽي کان 4 ميل ڏکڻ-الهندي پاسي هڪ ننڍڙي ٽڪريءَ تي ڪڏ ۾ آهي، جيڪا هلنڊڙ (ويهين) صديءَ جي سٺ واري ڏهاڪي جي وچ تائين سال جو گهڻو ڀاڱو پاڻيءَ ۾ ٻڏل رهندي هئي. هن جي آڳاٽائپ لهڻ لاءِ ڪا کنڊر پارکُو کوٽائي نہ ٿي آهي، جنهن منجهان ٺٽي جي بنياد پوڻ جو پڻ ڪو اهڃاڻ ملي سگهي ٿو.

پنهور، ايم. ايچ.، سنڌس اسٽرگل اگينسٽ فيوڊلزم، 1500-1843ع،: سنڌ ڪوارٽرلي، سيپٽمبر، 1976، ص. 27-28.

**سيپٽمبر 1525ع / 931هہ:**

شاهہ حسن ٺٽي مان اتر سنڌ ڏانهن نڪتو، انهن قبيلن کي مات ڪرڻ جيڪي اڃا تائين سنڌس اختيار هيٺ نہ آيا هئا. نصرپور ۽ هالاڪنڊي (پراڻا هالا - هالا نوان کان 2 ميل پنڌ تي ۽ حيدرآباد کان 36 ميل اتر ۾) کان ٿيندو سيوهڻ ويو، جتي دربيلي جي سهتن ۽ ٻين ماڻهن (هڙئي سما) سندس اطاعت قبولي ۽ انهي ئي ڏينهن مير فرخ کي مٿن جاگيردار طور ٿاڦيو ويو. اتان پوءِ ٻيرلو رستي بکر ڏانهن هليو.

معصومي، ص. 144.

**1525ع:**

ميرڪار شيخ محمود پوراني قنڌار مان سنڌ آيو ۽ ٺٽي ۾ اچي ويٺو ۽ اڳتي هلي شيخ الاسلام مقرر ٿيو.

معصومي، ص. 144.
تحفت الڪرام، فارسي.

**آڪٽوبر-نومبر 1525ع / 932هہ اڳياڙي:**

اٻاوڙي ۽ پٽي واهڻ (رحيميار خان کان 10 ميل اتر ۾) جي ڌهرن ۽ ماڇين جي بغاوت ۽ سَرواهِي (سبزل ڪوٽ کان 8 ميل اتر ۾) جي بلوچن جي پڻ، ۽ ماڇيلي جي مهرن جا انبوهہ گڏ ٿيڻ جي خبر شاهہ حسن کي ڏني وئي.
ان کان پوءِ ٿيڻ واري ڪاروائيءَ ۾ شاهہ حسن جي اهم عملدارن جهڙوڪ مير عبدالفتاح ۽ بابا احمد بن فاضل ڪوڪلتاش هنن قبيلن جي مات ٿيڻ کان اڳ پنهنجون حياتيون وڃايون.
جيئن تہ سنڌي قبيلا اُڇ (رحيميار خان ۽ بهاولپور) ۽ ملتان جي علائقن ۾ اندر تائين پکڙيل هئا ۽ 923هہ کان وٺي لڳاتار ارغونن سان مهاڏو اٽڪايو پئي آيا، سو لڳي ٿو تہ شاهہ حسن 931هہ ۾ ڄام فيروز جو تختو اونڌو ڪرڻ کان پوءِ ڪڇ جي سمن کي مات ڪرڻ کان اڳ، جن ڄام صلاح الدين ۽ ڄام فيروز جو ساٿ ڏنو هو ۽ اڃا بہ ساڻس وڙهڻ جي سگهہ رکيائون ٿي، ملتان تائين وارا علائقا هٿ ڪرڻ جو پهہ ڪري ورتو هو.

معصومي، ص. 144-146، سنہ 928هہ (ڊسمبر 1522ع) ڏنو آهي، جيڪو غلط آهي، ڇو تہ بابر پاران دهلي ۽ آگرو فتح ڪرڻ واري خبر هن ئي سال ٻڌي هئائين.
طبقات اڪبري، جلد III، ص. 540، لکي ٿي تہ بابر پنجاب تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ شاهہ حسن کي ملتان تي قبضو ڪرڻ لاءِ چيو، پر ان ۾ شڪ آهي. بابر ڏاڍي جي حيثيت ۾ سنا لاڳاپا رکڻ ٿي گهريا، پر شاهہ حسن کي بابر تي ڀروسو نہ هو. شاهہ حسن ٺٽي مان اتر سنڌ جي سنڌي قبيلن کي مات ڪرڻ لاءِ پوري تياريءَ سان نڪتو. بابر نامو پڻ شاهہ حسن کي ملتان تي قبضي جو چوڻ بابت ڪو حوالو نٿو ڏئي.

**مارچ-اپريل 1526ع / 932هہ اڳياڙي:**

شاهہ حسن ملتان فتح ڪرڻ جي رٿابندي ڪندي، سبيءَ (سِوِي) کي بلوچن جي حملن کان آجو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ هزار گهوڙيسوارن سان سبي (بکر کان 150 ميلن تي) پهتو، تڪڙ ۾ هڪ هفتي اندر قلعي کي ڏاڍو ڪيائين ۽ پوئتي موٽندي واٽ تي ڪڇي ضلعي ۾ سبيءَ کان ترتيبوار 35 ۽ 50 ميل ڏکڻ پاسي لهڙي ۽ ڇتر جي رندن ۽ بگٽين (يا مٽان مگسي بہ) تي

حملو ڪيائين ۽ انهن کي پنهنجي فرمانبرداريءَ ۾ حڪم هيٺ آندائين.
سُتت ئي پوءِ بابر پاران هندستان فتح ڪرڻ جي خبر ٻڌائين، جيڪا 1526ع جي اڳياڙيءَ ۾ ٿي.

**18 اپريل 1526ع / جمع، 8 رجب 932هه:**

